# سنڌي ڪهاڻيءَ تي سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا اثر
## (2000 - 1947)

# Impacts of political, social and intellectual movements on the Sindhi short story

**(1947 - 2000)**

## پي. ايڇ. ڊي. سنڌيءَ جو تحقيقي مقالو


## اسڪالر: رضا علي
**P/SINDHI/2K19/04**

### سنڌي شعبو
# يونيورسٽي آف سنڌ، ڄام شورو


# فهرست


پيش لفظ ا - ب
اختصار ج – د
**Abstract** **i-ii**
**1.** باب پهريون: تحقيق جو طريقيڪار
1.1. موضوع جو تعارف 1-3

1.2. تحقيق جو پسمنظر 3-4
1.3. مسئلي جو بيان 4-9
1.4. مسئلي جا سوال 9-10
1.5. تحقيق جا مقصد 10-11
1.6. مفروضو 12-14
1.7. تحقيق جي حدبندي 14-14
1.8. تحقيقي مواد حاصل ڪرڻ جا ذريعا 14-16
1.9. ادبي جائزو/ اڳ ٿيل تحقيق 16-17
1.10. تحقيق جو طريقيڪار 24-18
1.11. تحقيق جو دائرو 25-25
1.12. تحقيق جي حدبندي 25-25
1.13. حوالا 30-26

**2. باب ٻيو: ورهاڱي کان اڳ سنڌي ڪهاڻيءَ تي سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جي اثرن جي شروعات**

2.1. ادب ۾ ڪهاڻيءَ جي شروعات ۽ ارتقا 31-33
2.2. مختصر ڪهاڻي ڇا آهي؟ 33-38
2.3. ڪهاڻيءَ جي اهميت 38-39
2.4. سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيءَ جي شروعات 39-50
2.5. ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي سياسي سماجي، معاشي حالتون 50-68
2.6. ورهاڱي کان اڳ ڪجهه مشهور ڪهاڻين تي سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا اثر
2.6.1. لعلچند امرڏنومل ڄڳتياڻيءَ جي ڪهاڻي’حُر مَڪيءَ جا‘ 68-71
2.6.2. امر لعل هنگوراڻيءَ جي ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ 72-75
2.6.3. شيخ اياز جي ڪهاڻي ’سفيد وحشي‘ 75-78
2.6.4. آسانند مامتورا جي ڪهاڻي ’ڪڪي‘ 78-82
2.6.5. مرزا نادر بيگ جي ڪهاڻي ’موهني‘ 82-87
2.6.6. عثمان علي انصاريءَ جي ڪهاڻي ’ململ جو چولو‘ 89-87
2.7. حوالا 90-93

**3. باب ٽيون: ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جون سياسي، سماجي تحريڪون ۽ انهن جو ڪهاڻيءَ تي اثر**

3.1. ادب جي تشريح 94-94
3.2. ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جي سماجي ۽ سياسي صورتحال 94-97
3.3. ون يونٽ جو جڙڻ 98-97
3.4. ون يونٽ ۽ ان خلاف تحريڪ 101-98
3.5. ون يونٽ جون ڪهاڻيون 102-126
3.6. چار مارچ جي نمائنده ڪهاڻي 126-128
3.7. ٻولي تحريڪ ۽ سنڌي ڪهاڻيون 138-128
3.8. مارشل لائن خلاف تحريڪن جي اثر واريون ڪهاڻيون 145-138

**3.9** لساني فسادن جي پسمنظر ۾ لکيل ڪهاڻيون 145-152
- حوالا 154-153

**4. باب چوٿون: سنڌي ڪهاڻيءَ تي مختلف فڪري تحريڪن ۽ لاڙن جا اثر**
**ادبي نظريا** **155-156**

**4.1.** روشن خيالي ۽ ان جي اثر هيٺ آيل سنڌي مختصر ڪهاڻيون 156-172
**4.2.** ترقي پسندي ۽ ان جي اثر هيٺ آيل سنڌي مختصر ڪهاڻيون 173-181
**4.3.** مارڪسزم جو نظريو ۽ سنڌي مختصر ڪهاڻيون 182-197
**4.4.** رومانويت ۽ سنڌي مختصر سنڌي ڪهاڻيون 198-220
**4.5.** وجوديت ۽ ان جي اثر هيٺ آيل سنڌي مختصر ڪهاڻيون 221-231
**4.6.** قوم پرستيءَ جي اثر هيٺ لکيل سنڌي ڪهاڻين جو جائزو 243-232
**4.7.** جديديت ۽ ان جي اثر هيٺ آيل سنڌي مختصر ڪهاڻيون 244-256
- حوالا 257-261

**5. باب پنجون: تت، نتيجا ۽ ببليوگرافي**

**5.1.** باب پهرئين ’تحقيق جو طريقيڪار‘ جو تت **262-266**
5.1.1. باب ٻئين ’ورهاڱي کان اڳ سنڌي ڪهاڻيءَ تي سياسي، سماجي، ۽ فڪري تحريڪن جي اثرن جي شروعات‘ جو تت 266-273
5.1.2. باب ٽئين ’ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جون سياسي، سماجي تحريڪون ۽ انهن جو ڪهاڻيءَ تي اثر‘ جو تت 273-276
5.1.3. باب چوٿون: ’سنڌي ڪهاڻيءَ تي مختلف فڪري تحريڪن ۽ لاڙن جا اثر‘ جو تت 276-282
5.2. باب پنجون: تحقيق جا نتيجا
5.2.1. باب پهرئين ’تحقيق جو طريقيڪار‘ جا نتيجا 283-284
5.2.2. باب ٻئين ’ورهاڱي کان اڳ سنڌي ڪهاڻيءَ تي سياسي، سماجي، ۽ فڪري تحريڪن جي اثرن جي شروعات‘ جا نتيجا 284-285
5.2.3. باب ٽيون ’ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جون سياسي، سماجي تحريڪون ۽ انهن جو ڪهاڻيءَ تي اثر‘ جا نتيجا 286-285
5.2.4. باب چوٿون، ’سنڌي ڪهاڻيءَ تي مختلف فڪري تحريڪن ۽ لاڙن جا اثر‘ جا نتيجا 286-290
- ببليوگرافي 98-291

**Summary** **i-ii**

## 1. باب پهريون

# تحقيق جو طريقيڪار

### 1.14. موضوع جو تعارف

ادبي لکڻيون، چاهي ڪهڙي به دؤر سان تعلق رکنديون هجن، انهن تي ان وقت جي سماج ۽ سماج ۾ ٿيندڙ سياست جو گهرو اثر رهيو آهي. ساڳي وقت جڏهن به انساني معاشري ۾ ڪا فڪري تحريڪ پروان چڙهي آهي ته ان جو سڌو سئون اثر ادب تي ئي پيو آهي. ٻين لفظن ۾ ادب اها تاريخ آهي، جنهن ۾ اسان ان دؤر جو پرتوُ ڏسي سگهون ٿا.

سنڌي ادب ۾ پهرين مڃي ويندڙ ڪهاڻي 'حُرَ مَڪيءَ جا' سال 1914 ۾ لکي وئي. هن ڪهاڻيءَ ۾ وقت ۽ حالتن جو اثر نمايان نظر اچي ٿو. 'حر مڪيءَ جا' ۾ جتي سنڌي ماڻهن جي مزاحمت جو لاڙو آهي، اتي انگريز سامراج خلاف مقامي مزاحمت ڪي به ڏسي سگهجي ٿو.

سال 1947، ننڍي کنڊ جي ورهاڱي جو سال هو. هن سال کان ئي ورهاڱي سبب سنڌ جون حالتون تيزيءَ سان تبديل ٿي ويون هيون. هندستان ۽ پاڪستان جي الڳ قيام سان نه صرف ڌرتيءَ جي ورهاست ٿي پر ان سان گڏ ماڻهو پڻ ورهائجي ويا. سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو، پنهنجي زمين کان موڪلائي هڪ اجنبيءَ ڌرتيءَ ڏانهن روانا ٿيا. هندستان جي مختلف علائقن کان لکن جي انگ ۾ ماڻهو لڏپلاڻ ڪري سنڌ پهتا. حقيقي طور سنڌي سماج ۾ اها وڏي پئماني تي اٿل پٿل هئي. هتي مقامي طور رهيل سنڌي مسلمانن جي رهڻي ڪهڻي ۽ مکيه طور ٻوليءَ جو ٽڪراءُ سنڌ ۾ لڏي آيل ماڻهن جي تهذيب سان ٿيو، جيڪا هتان جي تهذيب کان ڪافي قدر مختلف هئي. نتيجي ۾ ڪيترن ئي مسئلن جنم ورتو. سنڌي سماج هڪ عجيب ڪشمڪش جي ور چڙهي ويو. حالتن ۾ جتي طرح ۽ تيز رفتاريءَ سان ايتري ته تبديلي آئي، جنهن جا اثر نمايان ۽ گڏيل طور سنڌي ادب ۽ خصوصي طور سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نظر اچڻ لڳا. ورهاڱي کي ڪجهه هن ريت به سمجهي سگهجي ٿو ته سال 1947 کان 1950 تائين لڳ ڀڳ ارڙهن لک اهڙين سنڌ واسين کي پاڻ کان پري ڪيو، جيڪو سنڌ جي عقل، علم، هنر ۽ ڏاهپ جا موتي هئا. هي اهو وقت هو جنهن ۾ هندستان جي لکين ماڻهن سنڌ ڏانهن

هجرت ڪئي، ٻين لفظن ۾ سنڌ ۾ پناهه ورتي. انهن مان ٿورا ماڻهو، سنڌ جي ٻهراڙين ۾ باقي شهرن ۾ رهي پيا. نتيجي ۾ ڪجهه وقت اندر ئي سنڌ جي آباديءَ جو توازن مڪمل طور مٽجي ويو. ”1951 جي انساني ڳڻپ ۾ فقط ڪراچي ۾ ڌارين جو انگ ستاونجاهه هزار پنجونجاهه هو. اهڙي ريت حيدرآباد 66، سکر 45، ميرپور خاص 67، نوابشاه 55 ۽ لاڙڪاڻي ۾ 35 فيصد تائين ظاهر ڪئي وئي.“ (ميمڻ، کوکر: 2014) ورهاڱي ۾ جتي اهي انگ اکر نظر اچن ٿا؛ اتي لڏپلاڻ جو هڪ عجيب زاويو پڻ ڏسجي ٿو. مثالطور: پاڪستان جي وڏي اڪائي پنجاب ۾ هجرت جو سلسلو 1948 تائين پورو ٿي ويو، جڏهن ته سنڌ ڏانهن زور وٺي ويو. ان لاءِ هڪ عام ڳالهه جيڪا اڄ به عام ماڻهوءَ جي واتان ٻڌڻ ۾ اچي ٿي ته ”جڏهن هندستان مان لاهور جي واگها ۽ اٽاري بارڊر تان مهاجرن جو ريل گاڏيون ڀرجي پئي آيون ته انهن کي اهو چئي اڳتي سنڌ ڏانهن موڪليو ويو ته ’پاڪستان اڃا اڳتي آهي!‘“ **(مرزا، 1982: 94)** هن سچي لقاءَ کي هن طرح به ڏسي سگهجي ٿو ته پنجاب ۾ فقط انهن مهاجرن کي قبول ڪيو ويو، جيڪي اوپر پنجاب مان لڏي اولهه ۾ آيا؛ جڏهن ته باقي رياستن مان لڏي ايندڙن لاءِ عام توڙي مٿئين طبقي ۾ مخالفت ڪئي وئي. ان جي برعڪس سنڌ ۾ پوري هندستان جا مسلمان لڏ پلاڻ ڪندي ايندا رهيا؛ تان جو اهو سلسلو ڪافي سالن تائين جاري رهيو. پنجابَ جيتوڻيڪ ورهاڱي ۾ وڏي قتلام کي ڏٺو، پر اهو وقتي هو؛ چاڪاڻ ته اڳتي هنن جو مستقبل تابناڪ نظر اچي رهيو هو.

ان جو هڪڙو سبب پنجابين جي مضبوط تهذيبي اقدار به هئا. حقيقيت ۾ پنجابي ماڻهن وٽ اردو ۽ ان جو ڪلچر بلڪل به اوپرو نه هو انگريزن پنجاب تي 1881 ۾ قبضو ڪيو، جنهن ڪانپوءِ اتي جي تعليمي نظام ۾ اردوءَ جو اثر وڌي ويو هو. هڪ پاسي پنجاب جي اها صورتحال ته ٻئي پاسي سنڌ جون حالتون گهڻيون تبديل هيون، چاڪاڻ ته هتان جن ماڻهن هجرت ڪئي، اهي ڪاروباري ۽ صنعتي طبقي سان تعلق رکن پيا. هنن وٽ علم و ادب جي تمام گهڻي اهميت هئي. نتيجي اندر سنڌ ۾ تعليمي صلاحيتن ۽ تهذيب جو وڏو اسپيس ٿهي ويو، ڪجهه وقت اندر ان خالي جاءِ کي مغل بادشاهي نفسياتي طريقن سان پر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ڌاري آباديءِ روايتي طور پاڻ کي برتر ذهنيت سان هتان جي ماڻهن سان اندر ۾ ڪروڌ جي ابتدا ڪئي. خاص ڪري سنڌ جي وڏن شهرن ۾ ڪجهه وقت ۾ ئي سنڌي ويڳاڻپ جي احساس، اڪيلائي ۽ احساسِ ڪمتريءَ جي ور چڙهي ويا.

ڪتاب ’ڪشمير ۽ سنڌ‘ ۾ پروفيسر سرنجن داس لکي ٿو: ”اتر پارت کان لڏي ايندڙن جي اڪثريت سنڌ جي هزارين سالن جي ثقافتي اهميت جنهن ۾ جهمر، گيت، سسئي – پنهون جو قصو، سهڻي – ميهار جو داستان، هو جمالو جو رقص ۽ درگاهن تي لڳندڙ ميلن کان اڻ واقف هئا. نتيجي طور هنن کي اهي ڳالهيون سٺيون نه لڳيون. هنن جي ذهنن ۾ مغليه شهري معاشري جا ثقافتي قدر سڀ کان برتر هئا؛ انهن جي زور تي هنن پنهنجو الڳ تشخص جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي.“ (Das, 2001) پروفيسر سرنجن داس موجب ”اهو سنڌ سان هن صورت به الميو هو ته سنڌ جي مضبوط شهري ثقافت مذهبي مت ڀيد جي بنياد تي لڏپلاڻ ڪرڻ تي مجبور ٿي وئي هئي. پويان ٻهراڙيون بچيون هيون، جن ۾ موجود وڏيرن جي ثقافت ۾ ايتري سگهه ڪونه هئي جو نئين آيل تهذيب سان مقابلو ڪري سگهي. (Das, 2001) پروفيسر سرجن داس هڪ جاءِ تي سنڌ جي اقتصادي تضادن بابت لکي ٿو ته ”نئين ملڪ ۾ ٻاهريان آيل پناهگير ملڪ جي ڪل آباديءَ جو ٿي ڏهائي چار سيڪڙو هئا، پر ان هڪ اٽڪل سان پاڪستان جي نسل پرست پنجابي حڪمرانن سان گڏجي پاڻ کي تمام گهڻو سگهارو ڪري ورتو. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته اها پراڻي آرزو، هڪ لحاظ کان قائد اعظم محمد علي جناح ۽ ان وقت جي وزير اعظم لياقت علي خان وٽ اڳ ئي موجود هئي. (Das, 2001) ان وقت جي حالتن کي وڌيڪ سمجهڻ لاءِ هيٺين انگن اکرن کي ڏسڻو پوندو، جنهن ڪانپوءِ ان دؤر جي حالتن جي تصوير وڌيڪ چٽي ٿي بيهندي، ”نئين ملڪ جي وجود ۾ اچڻ بعد هتان جي سنڌي هندن جي 25 لک ايڪڙ زمين ٻاهرين ماڻهن جي حوالي ڪئي وئي. ان سان گڏ ڪوٽڙي بئراج جي جڙڻ ڪانپوءِ اٽڪل 10 لک ايڪڙ آباديءَ جي لائق ٿي وئي، جيڪا پڻ سنڌين کان کسي وئي. ان نموني سان سکر بئراج جي زمين جيڪا پڻ 6 لک 42 هزار هئي، ان مان هڪ لک 53 هزار زمين غير سنڌين جي حوالي ٿي. اها فقط زمين جي ڳالهه هئي، زمين سان گڏ اهڙي قسم جون

ڪارروايون شهري ملڪيتن تي پڻ ٿيون. ان سان گڏ سنڌي ٻوليءَ به ساڳي روش جو شڪار بڻي. جهڙي ريت سال 1981 جي آدمشماريءَ اندر رهندڙ اردو ڳالهائيندڙن کي 15 فيصد ظاهر ڪيو ويو. انهن انگن اکرن جي پيش نظر سنڌي شاگردن کي پابند ڪيو ويو ته اهي اردو مضمون کي لازمي طور پڙهن. سال 1959 جي تعليمي ڪميشن ۾ ڇهين درجي کان سنڌي شاگردن لاءِ اردو جو پڙهڻ لازمي ڪيو ويو. (مينگهواڙ، 2012، 06) هي اهي سڀ معاملا هئا، جن کي سنڌي ادب ۾ ڏسي سگهجي پيو. امر جليل جي هڪ ڪهاڻي 'ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻي' ۾ آهي ته "اوهين پاسي واري پلاٽ مان هڪ انچ زمين جو قبائي، پنهنجي پلاٽ سان شامل ڪري، جاءِ ٺهرائي ڏسو! زميندارن ۽ قبيلن وچ ۾ گراٽ جيتري زمين ٽڪري لاءِ ورهين جا ورهيه رتوڇاڻ هلندي آهي. نسلن جا نسل گراٽ جيتري زمين لاءِ وڙهندا رهندا آهن. هڪ ٻئي کي ماريندا ۽ مرندا آهن. هندستان جو ورهاڱو معمولي ڳالهه نه هئي. هڪ هزار سال پراڻي ملڪ جو چوٿون يا پنجوڻو حصو ڪٽي ڌار ڪيو ويو هو. فساد ته هر حال ۾ ٿيڻا هئا ۽ ٿيا. فساد ايڏا ته هيبتناڪ هئا جو فقط ٻه سال اڳ ختم ٿيل ٻي مهاڀاري جنگ جون تباهه ڪاريون ۽ هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ تي اڇلايل ايٽم بمن جي قيامت دنيا کان وسري ويئي. انهن فسادن ۾ اڻڳڻت هندو، مسلمان ۽ سک مارجي ويا. هندو، مسلمان ۽ سک عورتون بي آبرو ٿيون، ٻارن کي ڳترا ڳترا ڪيو ويو." (جليل، 2010: 98)

## 1.15. **تحقيق جو پسمنظر**

ڪنهن به موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ ان پسمنظر بابت آگاهي ضروري هوندي آهي. ان کان اڳ جو تحقيق جي ابتدا ڪجي هي ڄاڻڻ به ضروري آهي ته جنهن موضوع تي ريسرچ ڪئي پئي وڃي ان جو پسمنظر ڇا آهي؟ حقيقي طور تحقيق جو پسمنظر ڪنهن به ريسرچ پيپر جو تعارفي حصو هوندو آهي. هيءَ هڪ قسم جي مناسب ڄاڻ هوندي آهي، جيڪا هڪ محقق پنهنجي پڙهندڙن تائين رسائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هن ۾ مسئلي جو حل تحقيق ۾ تجويز ڪيل دليل جي تجزيي تي ٻڌل هوندو آهي. ڪجهه صورتن ۾ تحقيق جو پسمنظر موضوع جي تعارف کان مختلف هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته تعارف صرف تحقيقي سوال يا مقالي جي موضوع بابت ابتدائي معلومات تي مشتمل ٿئي ٿو، جڏهن ته مطالعي جو پس منظر وڌيڪ گهرو آهي. هي وضاحت ڪري ٿو ته تحقيقي موضوع يا مقالو پڙهندڙن وٽ ڪيترو قيمتي ڇو آهي؟ ان سان گڏ تحقيق جو پسمنظر پڙهندڙن کي موضوع جي حوالي سان معلومات مهيا ڪندو. جنهن بابت تحقيقي مقالي ۾ لکيو ويو آهي. **'تحقيق جو سنئو پسمنظر'** هن جملي جي تشريح ڪجهه هن ريت به ڪري سگهجي ٿي ته مقالي جو موضوع هڪ مسئلو آهي. هاڻي ان جي پسمنظر ڄاڻڻ جي ضرورت آهي. "مطالعي جو پسمنظر پڙهندڙ کي اهو طئي ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو ته ڇا محقق کي تحقيق جي مسئلي جي بنيادي ڄاڻ آهي؟ يا جيڪا تحقيق ڪئي پئي وڃي، محقق ان جي تجزيي جي مجموعي معيار تي پورو لهي ٿو؟"

(www.legit.ng/1174941-background-study)

مقالي ۾ تحقيق جو پس منظر ڪيئن لکجي؟ ان جا به ڪجهه درجا آهن، جيڪي ترتيب سان هيٺ لکجن ٿا:

1.15.1. "جيڪڏهن مقالي کي ترتيب ڏيڻ جي شروعاتي مرحلن ۾ ڪيترائي مسئلا اڃا تائين بلڪل غير واضح آهن ۽ ان سلسلي ۾ تحقيق بابت خيالن کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي ته پوءِ محقق کي ابتدائي تحقيق ڪرڻ گهرجي. اهو توهان کي هڪ تحقيقي سوال يا مقالي جو بيان پيش ڪرڻ ۾ مدد ڏيندي، جيڪو آخرڪار وڌيڪ لاڳاپيل ۽ مخصوص تحقيق ڏانهن وٺي ويندو. ان سلسلي ۾ هڪ محقق لائبريري جو دؤرو ڪري سگهي ٿو. انٽرنيٽ ۽ ٻين اليڪٽرانڪ ڊيٽابيس کي چيڪ ڪري سگهو ٿي. ابتدائي ذريعن جهڙوڪ موضوع متعلق تحقيقي جرنل وغيره. جو مطالعو ڪري سگهي ٿو."
(www.legit.ng/1174941-background-study)

1.15.2. "پڙهو ۽ معلومات گڏ ڪريو، جيڪا تحقيق جي سلسلي ۾ گهرجي ٿي. تحقيق جي پسمنظر ۾ پڙهيل معلومات مان نوٽس وٺڻ گهرجن ۽ معلومات جي ذريعن جي صحيح

رڪارڊ پڻ رکڻ گهرجي. هن دؤر ۾ اليڪٽرانڪ نوٽ وٺڻ وارا پروگرام استعمال ڪرڻ آسان ۽ بهتر آهن. ان لاءِ پڪ ڪري هڪ فارم استعمال ڪيو وڃي، جيڪو محقق لاءِ آسان هوندو آهي. انهيءَ سان گڏ، پڪ ڪريو ته توهان هر معلومات جو ماخذ بيان ڪيو آهي، جيڪو توهان هر نوٽ تي استعمال ڪري رهيا آهيو ته جيئن توهان اهو نه وساريندا ته توهان ڪي معلومات ڪٿان ملي آهي، صرف ان صورت ۾ جيڪڏهن توهان ان کي پنهنجي مقالي ۾ استعمال ڪرڻ چاهيو ٿا.“ (www.legit.ng/1174941-background-study)

منهنجي پي. ايڇ. ڊي. سنڌيءَ جي موضوع: ‘سنڌي ڪهاڻيءَ تي سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا اثر’ (1947 - 2000) جي پسمنظر ۾ اهي تحريڪون آهن، جن سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ پاڻ کي مختلف صورتن ۾ ظاهر ڪيو يا انهن جا سنڌي ڪهاڻيءَ تي جزوي يا ڪُلي اثر رهندا آيا آهن. چاڪاڻ ته تحقيقي موضوع ۾ وقت جو تعين (1947 - 2000) ڪيو ويو آهي؛ ان ڪري چاڙايل دؤر جون ڪهاڻيون شامل ڪيون وينديون. ساڳي ريت 1947 يعني ورهاڱي کان اڳ جي سنڌي ڪهاڻي ۽ سياسي، سماجي، تحريڪن جي پسمنظر کي به اڳيان رکيو ويندو.

## 1.16. مسئلي جو بيان

مسئلي جي بيان تي پهچڻ کان اڳ اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته تحقيق هڪ منظم ۽ لاڳيتار هلندڙ عمل آهي، جيڪو انساني ڄاڻ ۾ موجود علم کي وڌائڻ يا نظرثاني ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. اهڙي ريت هميشه نين حقيقتن کي دريافت ڪندي، ان کي ٻن عام پاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

.1.16.1 بنيادي تحقيق: جنهن جو مقصد ڄاڻ وڌائڻ آهي.

.1.16.2 لاڳو ٿيل تحقيق: جنهن جو مقصد آهي، بنيادي تحقيق کي استعمال ڪرڻ لاءِ مسئلا حل ڪرڻ.

دنيا ۾ ڪنهن موضوع متعلق تحقيق ۾ پهريون ۽ سڀ کان اهم قدم هي هوندو آهي ته تحقيق جي مسئلي کي سڃاڻي ۽ پوءِ ان کي بيان ڪيو وڃي. ٻيو ته محقق ڇا حل ڪرڻ چاهي ٿو ۽ ڪهڙن سوالن جو جواب ڏيڻ چاهي ٿو. اهو پڻ ته تحقيق جي مسئلي کي منجهائيندڙ طور پيش ڪيو ويندو آهي؛ يعني جنهن موضوع تي تحقيق ٿي رهي آهي، ان ۾ ڪيترائي مونجهارا موجود آهن، جن کي تحقيق جي ذريعي حل ڪيو ويندو. ساڳي طرح اهو پڻ ته جنهن شعبي ۾ تحقيق ٿي رهي آهي، ان ۾خال موجود آهي، جنهن تحقيق ذريعي ئي ڪجهه حد تائين پري سگهجي ٿو. ان سلسلي ۾هڪ ڪامياب تحقيق ان کي چئبو، جنهن ۾ مسئلي جو حل نڪري اچي يا شعبي ۾ موجود خلا پرجي وڃي.

**مسئلي جو بيان:** تحقيق ۾ هڪ دعوا طور استعمال ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ مسئلي جي آئوٽ لائين کي ظاهر ڪري اپياس ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو. مسئلي جو بيان تفصيل سان انهن سوالن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جنهن ۾ تحقيق جا هدف بيان ٿيل هوندا آهن. جيڪڏهن هي سوال اڳيان رکيو وڃي ته مسئلي جي بيان جا هدف ڪهڙا هوندا آهن؟ ان جو سادو جواب هي آهي ته مسئلي جي بيان جو حتمي مقصد هڪ عام مسئلي کي حل ۾ تبديل ڪري ان کي سلجهائڻ ئي هوندو آهي. سادن لفظن ۾ جيڪا شيءِ يا ڳالهه توهان کي پريشان ڪري ٿي، ان کي سلجهائي، ان بابت هڪ محتاط فيصلو ڪيو ويندو آهي؛ جيڪو بعد ۾ ايندڙ محقق لاءِ مشعل راهه ثابت ٿئي.

مسئلي جو بيان لکڻ کان اڳ توهان کي واضح طور تي ان تحقيقي منصوبي جي مقصد کي سڃاڻڻ ۾ مدد ڪرڻ گهرجي، جنهن کي توهان تجويز ڪندا آهيو. گهڻو ڪري، مسئلي جو بيان پڻ توهان جي حتمي تجويز جي تعارفي سيڪشن جي بنياد جي طور تي ڪم ڪندو آهي. توهان جي پڙهندڙ جي ڌيان کي جلدي انهن مسئلن ڏانهن سڌو رستو ڏيکاريندو، جيڪو توهان جو تجويز ڪيل منصوبو حل ڪندو ۽ پڙهندڙ کي پيش ڪيل منصوبي جو هڪ جامع بيان فراهم ڪندو.

### .1.16.3 مسئلي جي بيان جون اهم خاصيتون

ياد رهي ته هڪ سٺي تحقيق جي مسئلي کي هيٺيون خاصيتون هجڻ گهرجن:

اهو تحقيق جي سلسلي ۾ خالي ٿيل جاءِ کي سجاڻپ ۾ مدد ڪري.
تحقيق جي دائري ۾ شامل ٿيڻ لاء ڪافي اهم هجڻ گهرجي.
اهو وڌيڪ تحقيق جي سلسلي ۾ رهنمائي ڪري.
هڪ محقق لاءِ دلچسپي جو سامان پيدا ڪري، ساڳي وقت پڙهڻ واري لاءَ پڻ تجسس جو سبب بنجي.

### 1.16.4. مسئلي جي بيان جو لکتي فارميٽ

مسئلي جو هڪ قائل بيان عام طور تي ٽن حصن ۾ لکيو ويو آهي:

- حصو (الف) (مثالي): هڪ گهربل مقصد يا مثالي صورتحال بيان ڪري ٿو؛ بيان ڪري ٿو ته شيون ڪيئن هجڻ گهرجن.
- حصو (ب) (حقيقت): هڪڙي شرط کي بيان ڪري ٿو، جنهن ۾ وضاحت پڻ ڪري ٿي ته موجوده حالتون ڪهڙي مقصد يا مثالي صورتحال کان گهٽ آهن.
- حصو (پ) (نتيجو): موجوده صورتحال کي بهتر ڪرڻ ۽ ان کي مقصد يا مثالي جي ويجهو منتقل ڪرڻ جي طريقي جي نشاندهي ڪري ٿو.

### .1.16.5 موضوع متعلق مسئلي جو بيان

سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيءَ جي ارتقائي تاريخ' جي جاچ ڪبي ته لوڪ ادب اندر ان جا ڪيترائي مثال موجود آهن؛ جن ۾ جانورن بابت آکاڻيون، بادشاهن ۽ اميرن جون آکاڻيون ۽ حڪايتون وغيره، ملن ٿيون. سنڌي ادب جي شاهوڪار هجڻ جي اهڃاڻ صدين کان موجود رهيا آهن. جيڪي مثال لوڪ ادب جي صنفن ۾ ايندڙ ڪهاڻين ۾ نظر اچن ٿا. ان ڪانسواءِ بين القوامي ليول تي فيبلس هجن يا ٽيلس يا پريبلس (جانورن ۽ بادشاهن جون آکاڻيون) کي ڪهاڻيءَ جو اصل بنياد ڄاتو ويندو آهي. اهي اهڃاڻ نه صرف سنڌي ادب پر دنيا جي هر شاهوڪار ادب ۾ ملن ٿا. جيڪڏهن پاڻ انگريزي لغتن کي جاچيندا سين ته معنى ۽ تشريح هن طرح بيهندي:

- **Tale**

  A fictitious/ true narrative/ story
  (Merriam/webster.com/dictionary)

- **Fable**

  A short story, characteristically by animals as characters, assigning a ethical
A paranormal story integrating rudiments of myth and folklore
(oxford.learnersdictionaries.com/definition.english/fable)

- **Parable**

  A modest story used to demonstrate an ethical or transcendent example, as expressed by Jesus in the Gospels." (dictionary.com/browse.parable)

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي شروعاتي ڪهاڻين يا اڳين تاريخ جي ادبي صنفن بابت لکيو آهي ته: "قديم افسانن جون ڪيتريون ئي صنفون هيون."
قديم ترين صنف کي انگريزي ۾ ٽيل ۽ سنڌيءَ ۾ آکاڻي چئبو آهي، جنهن ۾ افسانوي يا خيالي قصو بيان ٿيل هوندو آهي. هڪ لحاظ کان آکاڻين مان غيرارادي طرح ڪو نه ڪو اصلاحي ۽ معاشرتي پاسو به نڪرندو هو. ان ئي حوالي سان ٻيو قسم Parable جو آهي. انهن کي تمثيلي ڪهاڻي چوڻ ٺيڪ رهندو. هن جي خوبي ته ان اندر بظاهر قصي کان جدا هڪ لڪل معنى به موجود هوندو آهي. فارسيءَ ۾ بوستان سعدي جا ڪجهه منظوم قصا ۽ مثنوي معنويءَ جون ڪي

حڪايتون شامل آهن. سنڌي ادب ۾ اهڙن بيتن جو تعداد تمام گهڻو آهي، جن ۾ ظاهري طور ڪجهه داستانن جا پيرا ملن ٿا. جن ۾ صوفي ازم جي نڪتن جون عارفانه سچايون لڪيون ويون آهن.

ٽيون قسم فيبل جو آهي. هن ڪي ٽيل يعني آکاڻي ۽ پريبل مطلب تمثيل جو مرڪب خيال ڪيو وڃي ٿو. فيبل ۾ جانورن ۽ پکين جون تمثيلي آکاڻيون هونديون آهن.“ عرساڻي، 1982: 56) جيڪڏهن انهن ٽنهي، ٽيل، فيبل، پريبل جي ڪي ترتيب ڏنو وڃي ته هن ريت بيهندي:

- ٽيل: فرضي/ خيالي/ قصو/ ڳالهه وغيره.
- پريبل: تمثيلي قصو، جنهن ۾ ظاهر سان گڏ هڪ لڪل مفهوم پڻ هوندو آهي.
- فبيل: هن ۾ گهڻو ڪري جانورن ۽ پکين جي ڳالهين کي تمثيل جي صورت بيان ڪيو ويندو آهي.

هي سڀ لوڪ آکاڻين جا قسم ئي آهن. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لوڪ آکاڻين جي وصف کي هن ريت واضح ڪيو آهي: ”انسان، ٻاروتڻ ۾ سڀ کان اول خارجي قوتن کي محسوس ڪري ٿو، جن مان هو متاثر به ٿئي، آهستي آهستي اڳتي هلي هن کي اندر جي طاقت جو ادارڪ ٿيندو وڃي، جنهن لاءِ هو ٻاهرين قوتن جي مقابلي لاءِ تجويزون جوڙي ٿو. ماڻهوءَ تي شروعاتي طور طبعي قوتن جو ڏپ طاري ٿيو، برسات ۾ گوڙ، بجليءَ جو چمڪڻ، طوفان جو اچڻ، مختلف خطرناڪ جانور جن ۾ جهنگل جا درندا، نانگ ۽ بلائون شامل هيون. انسان پنهنجي هنر معرفت نانگن ۽ بلائن کي مارڻ ۾ ڪامياب ويو.“ (بلوچ، 1960: 01) ڊاڪٽر بلوچ جي خيال موجب ”لوڪ ڪهاڻين ۾ ڪجهه ڪردار اهڙا آهن، جيڪي تخيل جي شروعاتي دؤرن ۾ ورهائي سگهجن ٿا. مثالطور: جن، ڀوت، پريون، ديو وغيره، جا ڪردار ماڻهن جي تاريخ جي اوائلي دؤر جي نشاني آهن. پڪ سان اهو ماڻهوءَ جي محدود تجربي ۽ ڄاڻ جو دؤر هو، هو ان ۾ اچا فطرت جي طبعي سانحن ۽ فطري مشاهدن جي اصليت کان اڻڄاڻ هو. (بلوچ، 1960: 04) ڊاڪٽر بلوچ پنهجي تحقيق ۾ ترتيب سان ٽيل کي ابتدائي آکاڻي ڄاڻايو آهي. هن موجب انگريزيءَ ۾ موجود اصطلاح Fairy Tales ان جو ثبوت آهي. اهو پختو خيال آهي ته ۽ علم الانسان پڻ ٻڌائي ٿو ته ماڻهوءَ جو پهريون ٽڪر يقينن فطرت سان ئي ٿيو هوندو. هن لاءِ هر قدرتي آفت هڪ وڏي امتحان جو سبب بڻي هوندي. ان لاءِ هن سوچيو هوندو، پريشان ٿيو هوندو، نتيجي طور اهي ڳالهيون هن لاءِ هر دم چئلينج جو سبب بڻيون هونديون. ان دؤران انسان کي اهو خيال پڻ آيو ته ڪجهه لڪل قوتون هن لاءِ تڪليف ۽ مصيبت جو سبب بڻجن ٿيون. ساڳي وقت انهن جي مقابلي لاءِ ڪجهه طاقتون سندس مدد ڪن ٿيون، اهي مصيبت جي گهڙين ۾ هن جون ساٿاري آهن. نقصان ڏيندڙ قوتن ۾ ڀوت، راڪاس وغيره. مدد ڪندڙن ۾ پريون ۽ پريزاد شامل آهن. انهن جي جنن جا ڪردار وري، ڪڏهن انسانن کي تنگ ڪن ته ڪڏهن انهن جي مدد ڪن ٿا.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، جانورن جي آکاڻين يعني فيبل کي ٻئي درجي ۾ رکيو آهي. جنهن ۾ ماڻهن جو سڌو مقابلو جانورن سان هوندو هو. شروعاتي طرح نانگن جا مختلف قسم ۽ بلائون ماڻهوءَ جي ويري ڪردارن جي روپ ۾ سامهون آيا. بعد ۾ ڪي ٻيا جانور پڻ آکاڻين جي مرڪزي ڪردارن جي صورت ۾ اڳيان اچن ٿا. ”انهن سيني جانورن ۾ مکيه طور ڪيترائي جانور شامل آهن. جيئن: گدڙ، ٻگهڙ، هرڻيون، شينهن، اٺ، هاٿي، ڳابا، وغيره.

پکين ۾ ڪانءُ، ملو مسڙو، هيڙهو، جهرڪي، ڪبر، ڪڪڙ، ميٽر، ڪانءُ، تتر، ، وغيره. شامل آهن، جانورن جي گروهه ۾ گدڙ ۽ لومڙي، وري پکين منجهان ڪانءُ ڪيترن ئي آکاڻين جا ڪردار رهندا پيا اچن. ننڍي ڪند، ايران توڙي عربستان جي اهڙن ابتدائي نصيحت وارين ڪهاڻين ۾ گدڙ سدائين نڳي – ٺاهه، حرفت - حيلي ۾ پنهنجو مَٽُ ثاني نه ٿو رکي ته وري ڪانءُ حرڪت - هبچ، ڏنگ - ڏاهپ ۾ سيني کان اوچي درجي تي آهي. البت ڪانءُ ان جاءِ تي ڪانگل جي روپ ۾ محبت جو پيام ۽ وصل جي مبارڪ ڏيندڙ به آهي. ڪانوءَ انهيءَ خاصيت جي سبب هن جو درجو مٿاهون آهي. وري گدڙ ته پورو لالچي ۽ مطلب جو يار ٿيو وڃي. هڪ ڳالهه آهي ته سياڻو ڪانءُ ته اڪثر به تنگو ڦاسي پوندو آهي، پر گدڙ پنهنجي حرفت سان گهڻو ڪري پاڻ ڇڏائي وڃي. مشهور عرب ليکڪ ابن مقفع جي ڪتاب ’ڪليله و دمنه‘ ۾ جيڪي حڪايتون شامل آهي، ان ۾ گدڙ کي وڏي

اهميت حاصل آهي. اهو پڻ ته هن ڪتاب ’ڪليله دمنه‘ جو نالو ئي گدڙن جي نالن تان ڪنيو ويو هو. “ **(بلوچ، 1960: 08)**

ڊاڪٽر اين. اي. بلوچ جي تحقيق موجب پريبل جو ڏاڪو ٽئين نمبر تي آهي. هن موجب: ”بادشاه، وزير، شهزاده ۽ راڻيون، گهڻو ڪري انساني اتهاس جي پوئين عرصي جا ڪردار رهيا آهن. هي اهو وقت هو جڏهن انسان گروهن ۽ ٽولن جي صورت ۾ زمين تي آباديون جوڙي رهيا هئا. هو بستيون بنائي سڪونت اختيار ڪن پيا. هنن جو معاشرتي نظام ڳوٺن جي دائري کان وڌيڪ ڪشادو ٿيو، خاندان جي ابن ڏاڏن ۽ خاص مقامي سردارن جي اثر اسوخ کان ٻاهر ٿي ويو. جنهن جي ڪري وڌيڪ سياڻو ۽ طاقتور سردار راجا يا بادشاهه جي صورت ۾ سامهون آيو. هن سان گڏ راڻيون، شهزاده، شهزاديون، وزير مشير پڻ جڙيا. هن دؤر کي هڪ اندازي موجب پنجن هزار اڳ جو جو چئي سگهجي ٿو. جنهن جي ابتدا جي ته واضح خبر ناهي، پر سنڌ، مصر، بابل وغيره. جون تهذيبون نظر اچن ٿيون. موجوده ڳالهين ۽ اهياڻن جي بنياد تي چئي سگهجي ٿو ته هيءَ صدي ان دؤر جي پڇاڙي جي صدي آهي ۽ جيڪڏهن تاريخ وري پنهنجو پاڻ نه ورايو ته اچ کان سؤ سال پوءِ بادشاهن ۽ راڻين جو تخيل به اهڙو ئي انوکو پيو لڳندو، جهڙو هن وقت ديون ۽ پرين جو آهي.“ (بلوچ، 1960: 17) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ جي راين اندر گهڻيون هڪجهڙايون ملن ٿيون. البته ترتيب جي بنياد تي ڪجهه تفاوت آهي. جيئن ڊاڪٽر عرساڻي فيبل يعني جانورن جون آکاڻين کي ٽئين ڏاڪي ۾ رکي ٿو. ڊاڪٽر بلوچ ساڳي قسم کي ماڻهن جي ذهني ارتقاء موجب ٻئين نمبر تي آندو آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي راءِ گهڻي وزني ۽ سگهاري لڳي ٿي. سنڌي ادب اندر انهن ٽنهي صنفن جا آثار واضح موجود رهيا آهن، جيڪي سنڌي لوڪ ادب جو بڻ بنياد پڻ تصور ڪيا وڃن ٿا. هن جاءِ تي هي سوال پيدا ٿئي ٿو ته ڪهڙي طرح الڳ الڳ فڪرن ۽ نظرين انهن ڪهاڻين تي پنهنجا اثر شروع ڪيا؟ هن سوال کي اڳيان رکي، تحقيق جي حوالي سان يقينن ڪجهه مسئلا اڳيان آهن. جهڙي ريت: ضرورت ۽ ايجاد جو اصول سامهون هوندو آهي. ان سلسلي ۾ منهنجي سامهون پڻ اها ئي ڳالهه هئي ۽ ڪيترائي سوال به هئا. موضوع جي مناسبت سان هڪ اهم سوال سامهون هو ته اهو ڪهڙو مامرو هو، جنهن ڪري تحقيق ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي؟ جنهن لاءِ جواب هي آهي: سال 1947 کان 2000 تائين جي سماجي، سياسي ۽ فڪري تحريڪن تي جدا نموني سان ڪافي ڪجهه تحقيق آهي. جزوي طور انهن تحريڪن کي ڪهاڻيءَ سان جوڙي پڻ ڪافي مقالن ۾ شامل ڪيو ويو آهي، پر خاص طور يا ڪُلي طور ڪهاڻي ۽ تحريڪن کي ڳنڍي ڪو دستاويز اڳيان ناهي آيو. ان لاءِ مان ڪوشش ڪندس ته اهڙو ڪو ڊاڪيومينٽ رڪارڊ ڪرائجي، جيڪو ايندڙ نسل لاءِ به روشن ڏيئو ثابت ٿئي.

## 1.17. مسئلي جا سوال

جنهن موضوع تي تحقيق ڪئي پئي وڃي، ان لاءِ هڪ محقق لاءِ لازمي آهي ته ان کان اڳ جو تحقيق جي دائري ۾ داخل ٿئي؛ موضوع ۽ مسئلي بابت ڪجهه سوالن جو انتخاب ڪري. تحقيقي سوالن جي چونڊ مقداري ۽ معياري (Qulatative and Quantative) تحقيق جو هڪ لازمي عنصر هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته ڪنهن به تحقيق لاءِ ڊيٽا گڏ ڪرڻ ۽ پوءِ ان جو تجزيو ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي، ان لاءِ طريقا مختلف هوندا آهن. سٺا تحقيقي سوال هڪ اهم موضوع تي علم کي بهتر بڻائڻ ڪتب اچن ٿا ۽ اهي هڪ خاص دائري ۾ محدود ۽ مخصوص هجڻ لازم آهن.

”تحقيقي سوال ٺاهڻ لاءِ اهو طئي ڪرڻ گهرجي ته تحقيق لاءِ ڪهڙي قسم جو مطالعو ڪيو ويندو جيئن هڪ معيار، مقداري يا گڏيل تحقيق ڏانهن رخ جو تعين ڪري سگهجي. مثالطور: ادبي تحقيق جي عمل دؤران معياري سوالن جو جڙڻ هڪ ڪارائتي ريسرچ ڏانهن وٺي وڃي ٿي.“ *(Jenny, 2018:108)* هر هڪ تحقيقي سوال جو جواب اپياس جي مسئلي يا سوال کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڪندو آهي. ٻين لفظن ۾ هڪ تحقيقي سوال جي وضاحت ڪرڻ ئي مرڪزي مسئلو حل ڪرڻ طرف هڪ اهم پيش رفت ٿيندي آهي. باضابطه طور هڪ مقالي تي ڪم ڪرڻ يا هڪ تحقيقي

پروجيڪٽ کي مڪمل ڪرڻ لاءِ پهريون قدم، مسئلي جي سلسلي ۾ سوالن کي قائم ڪرڻ ئي هوندو آهي. ان ڪري سوالن ٺاهڻ وقت ان ڳالهه جو خيال ڪيو وڃي ته سوال واضح ۽ چٽا هجڻ گهرجن. انهن جو مبهم هجڻ، ڪنهن به معياري تحقيق کي تڪراري بڻائي سگهي ٿو.

تحقيقي سوال ڪهڙا ۽ ڪيئن هجڻ گهرجن؟ هي اصل ۾ هڪ سٺي تحقيق لاءِ پهريون سوال آهي يا پهريون قدم، جيڪو هڪ محقق کي ڪرڻو يا کڻڻو آهي. تحقيق جا سوال ئي ڪنهن خاص موضوع ۾ دلچسپي يا ڇاڻ حاصل ڪرڻ جي سلسي ۾ ڪارائتا ثابت ٿي سگهن ٿا ۽ ساڳي طرح ان جي تعمير پڻ ڪن ٿا. "مسئلي بابت سوال اهو پڻ طئي ڪن ٿا ته محقق کي ڪهڙي قسم جي ڊيٽا گڏ ڪري ان مان معلوماتي نچوڙ الڳ ڪرڻو آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته مسئلي بابت سوالن جي چونڊ معياري هجڻ گهرجي، جيڪي ضروري پڻ آهن. هڪ مقالي کي بهتر بڻائڻ ۾ مرڪزي ڪردار ڪرڻ لاءِ مسئلي جي بنياد بابت سوال نهايت خبرداريءَ سان تيار ڪيا وڃن. اهو پڻ ته محقق سڀ کان وڌيڪ ڇا ڄاڻڻ چاهي ٿو؟ سڀ کان پهريان ڪهڙي مسئلي جي سوال کي اڳيان رکيو ويو آهي." (de M, Nobre, 2007: 507-511)

## 1.17.1. مسئلي جي سوالن ٺاهڻ کان اڳ ضرورتن جو تعين

**1.17.1.1.** ان کان اڳ جو تحقيق جي مسئلي بابت سوال ٺاهيا وڃن. تحقيق جي سلسلي ۾ گهربل ضرورتن جي تعين ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي.

**1.17.1.2.** مسئلي بابت سوال ٺاهڻ کان اڳ ڊيٽا کي جاچڻ جي ضرورت پڻ پيش ايندي. اسڪالر کي گهرجي ته پنهنجي رهنماءَ سان انهن سوالن بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪري.

**1.17.1.3.** تحقيق لاءِ سوال تيار ڪرڻ سان سڀ کان وڌيڪ مناسب موضوع چونڊڻ ۾ مدد ملندي آهي.

مٿي بيان ڪيل ڪجهه اصولن جي روشنيءَ ۾ موضوع کي اڳيان رکي هيٺيان سوال تيار ڪيا ويا آهن.

- **?** سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ مختلف سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جي شروعات ڪڏهن کان ٿي؟
- **?** سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ مختلف سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا ڪيتري حد تائين اثر آهن؟
- **?** سنڌي ڪهاڻيڪار، پنهنجن تخليقن ۾ سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا ڪيتري حد تائين اثر ڏيکارڻ ۾ ڪامياب ويا آهن؟
- **?** ڇا عام سنڌي پڙهندڙ ڪهاڻيءَ ۾ انهن اثرن کان باخبر رهيو آهي؟

## 1.18. تحقيق جا مقصد

تحقيق متعلق مقصدن جي تيار ڪرڻ کان اڳ هڪ سوال ضرور ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته آخر لاڳاپيل موضوع بابت تحقيق جي ضرورت ڇو پيش آئي؟ ڇاڪاڻ ته تحقيق ڪنهن خاص مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪنهن محتاط ۽ تفصيلي مطالعي جو نالو آهي ۽ "هڪ محقق ان ۾جديد طريقا استعمال ڪندي، معلومات جو گهرو تجزيو، نوان سوال، تصور ۽ سمجهه پيدا ڪرڻ لاءِ خلا پيدا ڪري ٿو. ان لاءِ اهو ٻڌائي سگهجي ٿو ته تحقيق جو اولين مقصد بلڪل نون مقصدن کي ڳولهڻ ۽ نئين امڪانن کي کولڻ هوندو آهي."(www.editage.com/insights/what-is-research) اهوئي هڪ ڪامياب تحقيق جو هڪ لازمي حصو ٿئي ٿو، هيٺ تحقيق جا ڪجهه خاص مقصد رکجن ٿا:

### 1.18.1. بنيادي ڄاڻ ۾ واڌارو ڪرڻ

تحقيق جي سڀ کان وڏي فائدن مان هڪ هي به آهي ته سگڻ ۽ گهٽي مان گهٽي ڄاڻ حاصل ڪرڻ. توهان ڪنهن موضوع ۾ جيتري گهٽي ريسرچ ڪندا، اوترو ئي توهان کي چڱيءَ طرح ڄاڻ ملندي ويندي.

### 1.18.2. معلومات هر دم تيار رکي ٿي

اها تحقيق ئي آهي، جيڪا اڳتي وڌڻ لاءِ حوصلا افزائي ڪري ٿي. موجوده معلومات کي دريافت ڪرڻ لاء تازه ڪاري معلومات توهان کي پوئتي وڃڻ کان روڪي ٿي ۽ توهان کي درست معلومات پيش ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي. توهان بهتر طور تي تيار هوندا آهيو، خيالن کي ترقي ڪرڻ يا ڪنهن موضوع بابت ڳالهائڻ لاءِ جڏهن توهان جديد طريقن کي آزمائڻ جو ڏانءُ رکو ٿا.

### 1.18.3. تحقيق جا بنيادي مقصد

تحقيق جي بنيادي مقصدن ۾ تجزيي کي ان جو بنيادي بڻايو وڃي. مقالي جي آخر ۾ انهن نتيجن کي بيان ڪرڻ گهرجي، جيڪو ايندڙ تحقيق لاءِ فائديمند هجن. چاڪاڻ ته تحقيقي طريقي ۾ اهم حصن جهڙوڪ ڊيٽا گڏ ڪرڻ، ڊزائين، تجزيو ۽ سفارش، توهان کي تحقيق جي طريقي جي مقصدن کي ترتيب ڏيڻ جي ضرورت ۾ مددگار ثابت ٿيندي آهي. ان سان گڏ تحقيق جا مقصد مسئلي جي بيان سان ويجهڙائي رکندڙ ۽ لاڳاپيل هجڻ گهرجن.

### 1.18.4. تحقيق جا عام مقصد

هن مقصدن کي ثانوي پڻ چيو ويندو آهي. عام مقصد گهٽو ڪري اپياس جي مقصد جا تفصيل مهيا ڪندا آهن. ٻين لفظن ۾ هي هڪ عام جائزو هوندو آهي ته توهان تحقيق جي آخر ۾ ڪهڙا ۽ گهڻا مقصد حاصل ڪيا. مثالطور: جيڪڏهن توهان ادب جي شعبي ۾ ڪنهن به موضوع تي ڪم ڪري رهيا آهيو ته عام جائزي ۾ اها ڳالهه ظاهر ٿي پوندي ته توهان جي ڪيل تحقيق جا ڪهڙا مقصد هئا.

### 1.18.5. خاص مقصد

خاص مقصد مطالعي جي بنيادي مقصدن کي بيان ڪن ٿا. عام طور تي، عام مقصد مخصوص مقصدن جي سڃاڻپ لاء بنياد مهيا ڪن ٿا. ٻين لفظن ۾ جڏهن عام مقصدن کي ننڍين ۽ منطقي طور تي ڇنڊيل مقصدن ۾ ورهايو وڃي ٿو، انهن کي مخصوص مقصد طور سڃاتو وڃي ٿو. اهي وضاحت ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا ڪير، ڇا، ڇو، جڏهن ۽ ڪيئن توهان جي منصوبي جا حصا ٿي رهيا. هڪ دفعو توهان تحقيق جي بنيادي مقصد کي سڃاڻڻ کان پوء عمل جي منصوبي کي ترقي ۽ تعاقب ڪرڻ آسان هوندو آهي.

### 1.18.6. تز ۽ ڪارگر مقصد مقرر ڪجن

تحقيق جا مقصد تز ۽ ڪارگر هجڻ گهرجن. ان ۾ مخصوص دائري اندر رهي، ماپي ۽ وقت جي پابنديءَ جو خاص خيال رکيو وڃي. اهو پڻ ته توهان وٽ دستياب وسيلا ڪيترا آهن؟ انهن سڀني جي هڪ مخصوص طريقي سان ترتيب ضروري آهي. هلندڙ تحقيق سان گڏ اهو پڻ نظر ۾ رکڻ گهرجي ته ڪٿي توهان کي پنهنجي هدفن تي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت ته پيش نه پوي. ان لاءِ بار بار ڇنڊ ڇاڻ وارو طريقو استعمال ڪرڻ گهرجي. (ww.soas.ac.uk/cedep-demos)

### 1.18.7. مقصدن جا اهم اصول

جنهن به موضوع تي تحقيق ڪئي وڃي، ان جا پهرين کان ڪجهه اصول وضح ڪيا وڃن. مثالطور:

- ✓ **صحيح**

صحيح مقصدن ۾ منطقي، تز ۽ سڌي هجڻ جي خوبي هجڻ گهرجي.

- ✓ **قابل اعتماد**

تحقيق جي سلسلي ۾ قابل اعتماد مقصدن مان مراد اهڙا مقصد قائم ڪرڻ آهن، جن کي اڳيان رکي ٻيا اسڪالر مستقبل ۾ ساڳي موضوع تي ڪم ڪري سگهن. هنن وٽ مقصدن جو قابل اعتماد هجڻ ضروري آهي.

- ✓ **درست**

درست مقصدن مان مطلب، غلطين کان پاڪ ۽ ضروري تفصيلن سان نمايان ڪرڻ هوندو آهي.

- ✓ **بروقت**

- ✓ بروقت مقصدن ۾ حالتن جي عين مطابق ۽ نڪور هجڻ جي خوبي هجڻ گهرجي.
- ✓ **مڪمل**

مڪمل مقصدن مان مراد تحقيق جي سلسلي ۾ دليلن / تجويزن جي حمايت ڪرڻ لاءِ گهربل شيءِ شامل هجڻ گهرجي. مقصدن جي اهميت کي اڳيان رکندي لاڳاپيل موضوع **'سنڌي ڪهاڻيءَ تي سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا اثر'**(1947 - 2000)تي اڀياس ڪرڻ لاءِ هيٺيان مقصد مقرر ڪيا ويا آهن.

- سنڌي ڪهاڻيءَ جي فڪري پسمنظر جو اڀياس.
- سنڌي ڪهاڻيءَ تي مختلف تحريڪن جي اثرن جو اڀياس.
- عالمي سطح تي پيدا ٿيل مختلف نظرين ۽ لاڙن جو اڀياس.
- سنڌي ڪهاڻيءَ اندر مختلف دؤرن ۾ داخل ٿيل نون موضوعن جو اڀياس

## 1.19. مفروضو

تحقيقي مفروضو هڪ اڳڪٿيءَ يا اميد جيان هوندو آهي، جنهن کي تحقيق ذريعي پرکيو وڃي ٿو. مفروضي جوڙڻ کان اڳ هڪ محقق لاءِ لازمي آهي ته هو ان ڳالهه تي ڌيان ڏئي ته هن جي موضوع سان ڪيتري حد تائين دلچسپي آهي ۽ اهو پڻ ته جنهن ٽاپڪ تي هو ريسرچ ڪرڻ وڃي رهيو آهي، ان بابت ڪيترو مواد هن وٽ اڳ ئي موجود آهي. جيڪڏهن موضوع متعلق محقق وٽ مناسب معلومات آهي ته هو ان کي حد بنديءَ ۾ آڻي تحقيقي مفروضو جوڙي سگهي ٿو.

محقق جڏهن تحقيق مقالي تي ڪم ڪرڻ کان اڳ جڏهن مفروضي کي بيان ڪندو آهي ته هن کي هڪ ئي وقت ٻن قسمن جي مفروضن تي سوچڻ گهرجي. هڪ مفروضو اڳڪٿيءَ تي مبني هوندو آهي، جنهن کي رسمي طور تحقيق جي چڪاس طور استعمال ڪري سگهجي ٿو. ٻيو ممڪنه طور ظاهر ٿيندڙ نتيجن متعلق هوندو آهي. هڪ محقق لاءِ اهو پڻ ضروري هجڻ گهرجي ته هو. قطعي طور به ان ڳالهه جي باري ۾ پرواهه نه ڪري ته تحقيق جي سلسلي ۾ هن جو قائم ٿيل مفروضو مثبت يا منفي آهي.

### 1.19.1. سٺي مفروضي جون خاصيتون ۽ خوبيون

هڪ سٺي مفروضي ۾ هيٺيون خاصيتون ۽ خوبيون هونديون آهن.

### 1.19.2. اڳڪٿيءَ جي طاقت

هڪ سٺي مفروضي جي قيمتي خاصيتن مان هڪ آهي، مستقبل جي اڳڪٿي ڪرڻ. اهو نه رڳو موجوده مسئلي واري صورتحال کي واضح ڪري ٿو پر مستقبل لاءِ به اڳڪٿي ڪري ٿو ته ايندڙ وقت ۾ ڇا ٿيڻو آهي. تنهن ڪري، مفروضو پيش گوئي جي طاقت جي ڪري تحقيقي سرگرمي جو هڪ بهترين رهنما آهي.

### 1.19.3. مفروضو، مطالعي ۽ مشاهدي جي ويجهو هجڻ گهرجي

هڪ سٺي مفروضي لاءِ لازمي آهي ته اهو مطالعي ۽ مشاهدي جي ويجهو يا ان سان ربط ۾ هجي. ان سلسلي ۾ محقق کي گهرجي ته تحقيق جي معاملي ۾ هو هوائي ڳالهين تي يقين نه ڪري پر ان لاءِ هن جو مطالعو ۽ مشاهدو ڳُوڙهو هجي. اهي شيون جن جو نه مطالعو هجي نه مشاهدو هجي انهن بابت سٺو مفروضو قائم نه ٿو ڪري سگهجي.

### 1.19.4. سادگي

هڪ مفروضو هر عام ماڻهوءَ لاءِ ايترو ته سادو ۽ نهڪندڙ هجڻ گهرجي جو ان جي پڙهڻ ڪانپوءِ ان جي سادگي ۽ چٽائي صاف ظاهر هجي. ساڳي وقت تي مفروضو تز پڻ هجي. تکو تيز پڻ جيئن تلوار جي ڌار هوندي آهي. مطلب ته انهن مفروضي کي سادو، نهڪندڙ، تيز تکو ۽ ان ۾ ڪا به پيچيدگي نه هجڻ گهرجي.

### 1.19.5. وضاحت

هڪ مفروضو لازمي طور تي واضح هجڻ گهرجي. اهو مبهم معلومات کان صاف هجڻ گهرجي. ان ۾ استعمال ڪيل اصطلاح واضح ۽ سمجهڻ لاءِ قابل قبول هجڻ گهرجي.

### 1.19.6. قابليت

هڪ سٺي مفروضي کي تجرباتي طور جانچڻ گهرجي. ان کي بيان ڪيو وڃي ۽ تصديق ۽ عميق مشاهدي کان پوءِ ٺاهيو وڃي. اهڙيءَ طرح امتحاني صلاحيت هڪ سٺي مفروضي جي بنيادي خصوصيت آهي.

### 1.19.7. مسئلي سان لاڳاپيل

جيڪڏهن ڪو مفروضو ڪنهن خاص مسئلي سان لاڳاپيل آهي، ته ان کي سٺو سمجهيو ويندو. هڪ مفروضو مسئلو جي سچائيءَ ۽ حل لاءِ هدايت آهي، تنهنڪري اهو مسئلو جي مطابق هجڻ گهرجي.

### 1.19.8. مخصوص

هڪ مفروضو، ڪنهن خاص ۽ مخصوص مسئلي لاءِ تيار ڪيو ويندو آهي. ان ۾ عام ڪرڻ شامل نه هجڻ گهرجي. جيڪڏهن عام ڪرڻ موجود آهي، ته پوءِ هڪ مفروضو صحيح نتيجن تائين پهچي نه ٿو سگهي.

### 1.19.9. دستياب موضوع سان لاڳاپيل

مفروضو لازمي طور تي موضوع سان لاڳاپيل هجڻ گهرجي؛ جيئن تحقيق جا بهتر نتيجا نڪري سگهن.

### 1.19.10. نئين تحقيق لاءِ فائديمند

هڪ سٺي مفروضي کي نئين تجويزن ۽ علم جي طريقن مهيا ڪرڻ جي قابل هجڻ گهرجي. اهو علم جي نئين دريافتن کي پيدا ڪرڻ گهرجي. جي. ايس. مل هڪ نامور محقق ٿي گذريو آهي، جنهن جو چوڻ هو ته ”مفروضو‘ نئين علم جي حاصلات جو بهترين ذريعو آهي ۽ اهو دريافتن جا نوان طريقا جوڙي ٿو.

### 1.19.11. مطابقت ۽ هم آهنگي

اندروني هم آهنگي ۽ مستقل مزاجي سٺي مفروضي جي هڪ وڏي خصوصيت آهي. اهو تضاد ۽ تڪرار کان ٻاهر هجڻ گهرجي. متغيرن جي وچ ۾ ويجهو لاڳاپو هجڻ گهرجي، جيڪو گهٽ ڪري هڪ ٻئي تي منحصر هوندو آهي.

**مٿين خاصيتن ۽ خوبين کي سامهون رکندي، موضوع بابت هيٺيون مفروضو طئي ڪيو ويو آهي.**

***<u>سنڌي ڪهاڻيءَ جي مٿان سماجي، سياسي ۽ فڪري تحريڪن جا گهرا اثر آهن.</u>***

## 1.20 تحقيق جي حدبندي

ڪنهن به ريسرچ ٽاپڪ لاءِ هي عام ڳالهه آهي ته ان اڀياس کان اڳ ان جون حدون طئي ڪيون وڃن. تحقيق جي حدبنديءَ جيتري گهٽ هوندي، نتيجا اوترا ئي اثر وارا ۽ پائدار هوندا. مسئلو هي ناهي ته توهان جي جو ڪم ديگهه جي لحاظ کان ڪيترو وڏو آهي. معاملو هي هجڻ گهرجي ته ان ڪيترو وزن آهي. هڪ اسڪالر جو ڪم ئي ان جي سچائيءَ هوندو آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته اڀياس ڪرڻ کان اڳ لاڳاپيل موضوع جون حدون طئي ڪيون وڃن.

ڪنهن به موضوع تي ٿيندڙ تحقيق ۾ ڪيترين ئي حدون ٿي سگهن ٿيون، پر صرف انهن حدن تي بحث ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيڪي سڌو سنئون تحقيق جي مسئلن سان تعلق رکن ٿيون. هڪ تحقيقي مقالي جون حدون هيٺين نقطن سان لاڳاپيل هجڻ گهرجن:

### 1.20.1. تحقيق جي هدفن ۽ مقصدن جي تشڪيل

”تحقيق جي هدفن ۽ مقصدن کي شروع ۾ وڏي پيماني تي جوڙيو ويندو آهي. وقت گذرڻ سان گڏ جڏهن مطالعي ۽ مشاهدي ڪانپوءِ موضوع جي باري ۾ معلوم ٿيندو رهي ته خاڪي جي جوڙڻ دؤران کهڙن طريقن سان محدود ڪري سگهجي ٿو. جيئن ريسرچ جو حق درست طريقي سان ادا ٿي سگهي.“(libguidess.uscedu/writingguide/limitations) تحقيق جي حدبندي کي موضوع جي مناسبت سان 1947 کان 2000 تائين محدود ڪيو ويو آهي.

## 1.21. تحقيقي مواد حاصل ڪرڻ جا ذريعا

هي عنوان پنهنجي اندر جدت رکڻ سان گڏ روايت به سانديو پيو، جنهن لاءِ لائبريرين ۾ وڃي موضوع سان سلهاڙيل جرنلن، رسالن، ڪتابن ۽ اخبارن ۾ موجود مواد کي ڳولهيو ويو. هن سلسلي ۾ جديد طريقين موجب انٽرنيٽ تي موجود مختلف ويب سائيٽس کان مدد به ورتي وئي ۽ ان ئي سلسلي ۾ هيٺ ڄاڻايل ذريعا خاص طور استعمال ڪيا ويا آهن.

### 1.21.1. تحقيقي اشاعت يا جرنل

ڪنهن به موضوع سان لاڳاپيل تحقيقي مضمون جن کي مقالا چيو ويندو آهي. وقت به وقت مختلف علمي ادارن مان اشاعت پذير ٿيندا رهندا آهن. هي مضمون يا مقالا ان شعبي جي ماهرن پاران لکيا وڃن ٿا. هي آرٽيڪل تحقيق جي اصولن موجب اصل مختلف موضوعن بابت پيدا ٿيل مسئلن جي حل ۽ پيدا ٿيندڙ سوالن جي جوابن تي مشتمل هوندا آهن. هنن مقالن کي نه فقط لاڳاپيل شعبي جي ماهرن طرفان لکيو ويندو آهي، پر انهن شعبي جي ماهرن جي ڪاميٽي پڻ نظرثاني ڪندي رهندي آهي. جنهن ڪانپوءِ اهي اهم جي صورت ۾ سامهون اچن ٿا.

### 1.21.2. ڪتاب / ڪتابن جا باب

علمي ڪتاب گهڻو ڪري هڪ ماهر يا ماهرن جي گروپ طرفان لکي، ايڊٽ ڪري شائع ڪرايا ويندا آهن. گهڻو ڪري، ڪتاب هڪ موضوع جي مڪمل تحقيق لاء سٺو ذريعو آهن. علمي مضمون جي برعڪس، هڪ ڪتاب عام طور تي هڪ تحقيقي منصوبي جي نتيجن تي ڌيان ڏيندو آهي، ساڳي طرح هڪ ڪتاب ۾ ڪنهن خاص موضوع سان لاڳاپيل تحقيق يا مسئلن جو جائزو پڻ شامل ڪيو ويندو آهي.

### 1.21.3. پي. ايچ. ڊي./ ايم. فل جا تحقيقي مقالا

موضوع سان ڳنڍيل پي. ايچ. ڊي./ ايم. فل. جا تحقيقي مقالا، هڪ اسڪالر جي تحقيق جو نتيجو هوندا آهن. البته انهيءَ ڪم تي وڏي پيماني تي نظرثاني ڪئي ويندي آهي، جنهن لاءِ جيڪو ادارو پي. ايچ. ڊي./ ايم. فل. ڪرائي ٿو، اهو لاڳاپيل مضمون جي ماهرن جي ڪاميٽي جوڙي اسڪالر جي ڪم کي چڪاسيندي آهي ته اهو ڪم ڪيتري حد تائين عنوان سان نياءُ ڪري ٿو. جنهن ڪانپوءِ انهن تحقيقي مقالن کي ڏسي اسڪالرن کي پي. ايچ. ڊي./ ايم. فل. جون ڊگريون ايوارڊ ڪيون وينديون آهن.

### 1.21.4. ڪجهه ٻيا مشهور ذريعا

تحقيق سان لاڳاپيل مواد ۾ ڪجهه ٻيان مشهور ذريعا جهڙوڪ: اخبارون، مئگزين، رسالا، ٽي. وي. ريڊيو، انٽرنيٽ شامل آهن. جن مان پاڻ تحقيق متعلق مدد ورتي ويندي آهي. ان جو سبب هي آهي ته اخبارن ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپيل مواد ۾ استعمال ٿيل ٻولي عام هوندي آهي. جيڪا عام ماڻهوءَ کي پڻ سمجهه ۾ اچي وڃي ٿي. يا جڏهن اها مقالي جي صورت ۾ شائع ٿيندي ته ماڻهو ان کي آسانيءَ سان سمجهي ويندا. بظاهر ته اهي موضوع متعلق عام مضمون ٿي سگهن ٿا، پر انهن ۾ ڪنهن به موضوع بابت ڪيترائي دليل، رايا ۽ مسئلن بابت تجزيا شامل هوندا آهن. جيڪڏهن اسان تحقيقي ذريعن بابت وڌيڪ ڄاڻڻ چاهيون ته انهن کي هيٺين ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

#### 1.21.4.1. ابتدائي، ثانوي، ۽ ٽئين درجي جا ذريعا

معلومات يا ثبوت جا ذريعا اڪثر ڪري پرائمري، ثانوي، يا ٽئين مواد جي طور تي درجابند ڪيا ويندا آهن. اها درجه بندي، مواد جي اصليت ۽ ماخذ يا اصليت جي ويجهو هجڻ تي ٻڌل هوندي

آهي. هنن ذريعن مان خبر پوندي آهي ته محقق مسئلي بابت ڪيئن رپورٽ ڪري رهيو آهي. ٻئي يا ثانوي ذريعي ۾ ليکڪ ٻين ماهرن جي تجربن، تجزين ۽ راين کي ٻين جي اڳيان پهچائيندو آهي.

#### 1.21.4.2. بنيادي ذريعا

تحقيق جي حوالي سان بنيادي ماخذن يا ذريعن ۾ جيئن مٿي بيان ڪيل آهي ته تحقيق جرنل، پي. ايڇ. ڊي./ ايم. فل. ٿيسز، ڪجهه سرڪاري رپورٽون، ڪنهن به عملي ڪانفرنس جي ڪارروائي جا تفصيل، اصل آرٽيڪل، نظم، تصويرون، تقريرون، خط، ياداشتون، ذاتي روايتون، ڊائريون، انٽرويو، خود سوانح عمريون ۽ خط و ڪتابت وغيره. شامل آهن.

#### 1.21.4.3. ثانوي ذريعا

هي ذريعا گهٽو ڪري بنيادي ذريعن جي وضاحت ڪندا آهن. انهن ڪمن جي تشريح ڪندا آهن، جيڪي تحقيق جي سلسلي ۾ هڪ محقق لاءِ مددگار ثابت ٿين ٿا. انهن ۾ درسي ڪتاب، ايڊٽ ٿيل ڪتاب ۽ مضمون جيڪي تحقيقي ڪمن جي تشريح يا جائزو وٺن ٿا. تاريخون، سوانح عمريون، ادبي تنقيدون، تفسير، قانون ۽ قانون سازي جا جائزي بابت ڪتاب، سياسي تجزيا ۽ تبصرا وغيره. شامل آهن.

#### 1.21.4.4. ٽئين درجي جا ذريعا

هي اهي ذريعا آهن، جيڪي انڊيڪس، تجريدي، ترتيب جي صورت ۾ هوندا آهن. اهي پاڻ بنيادي ۽ ثانوي حوالن کي ڪٺي ترتيب ڏنا ويندا آهن. جڏهن ته انهن جو بنيادي مقصد فهرست، اختصار يا صرف خيالن يا ٻي معلومات کي ٻيهر پيش ڪرڻ هوندو آهي. ٽئين درجي جي ذريعن ۾ عام طور تي چاڪاڻ ته ڪو خاص ليکڪ نه هوندو آهي، ان ڪري تحقيق جي حوالي سان انهن تي گهٽ اعتبار ڪيو ويندو آهي. ٽئين درجي جي ذريعن ۾ ڊڪشنريون/ انسائيڪلوپيڊيا (ثانوي به ٿي سگهن ٿا) انٽر نيٽ تي پيل مختلف مضمون خاص ڪري وڪيپيڊيا، ببليوگرافيون (ثانوي به ٿي سگهن ٿيون)، ڊائريڪٽريون، گائيڊ بڪ، مينوئل، هينڊ بڪ، انڊيڪس، خلاصا وغيره. شامل آهن.

## 1.22 ادبي جائزو

ڪو به تحقيقي ڪم چاهي اهو پي. ايڇ. ڊي. جو هجي يا ايم. فل. جو، ان جي شروع ڪرڻ کان اڳ ان بابت ادبي جائزو لکڻ ضروري هوندو آهي. ادبي جائزو موضوع سان لاڳاپيل اڳ ٿيل ڪم جي تشخيص يا ڳولها هوندي آهي.

### 1.22.1. ادبي جائزي جا چار مکيه مقصد هوندا آهن:

I. ادبي جائزو، اڀياس جي چونڊيل حصي ۾ ادب جي سروي جو ڪري ٿو.
II. ادبي جائزو، ادب ۾ موجود معلومات جي تت کي ترتيب ڏئي ٿو.
III. ادبي جائزو، موجوده علم ۾ خالن جي نشاندهي ڪندي گڏ ڪيل معلومات جو تنقيدي تجزيو ڪري ٿو. نظريات ۽ نقطه نظر جون حدون ڏيکاريندي؛ وڌيڪ تحقيق لاءِ اهم حصن کي ترتيب ڏيڻ ۽ تڪراري پاڱن جو جائزو پڻ وٺي ٿو.
IV. ادبي جائزو، ادب کي منظم انداز ۾ پيش ڪري ٿو.

ادبي جائزو، تحقيق مقالي پڑهندڙن کي اهو ڏيکاري ٿو ته هڪ محقق وٽ موضوع جي متعلق ڪيتري گرفت آهي؛ اهو پڻ ته محقق پاڻ به سمجهي ته هن جي تحقيق ڪٿي بيٺي آهي.

### 1.22.2. ادبي جائزو: چئن مکيه ڪمن کي بيان ڪرڻ جو هڪ ٻيو طريقو

I. ادبي جائزو، چاڻ جي مکيه حصي سان واقفيت ڏيکاري ٿو ۽ پڑهندڙن اڳيان تحقيقي ڪم جي اعتبار کي قائم ڪري ٿو.
II. ادبي جائزو، اڳئين تحقيق جو اختصار ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته توهان جو موضوع ان سان ڪيئن جڙيل آهي.
III. ادبي جائزو، تحقيق جو اختصار ڪري ٿو، جيڪا موضوع بابت چاٽايل آهي.

ادبي جائزو، اهو ظاهر ڪري ٿو ته توهان ٻين کان سکيو آهي ۽ توهان جي تحقيق نون خيالن جي شروعاتي نقطي تي ٻڌل آهي. مٿين نڪتن کي ذهن ۾ رکندي موضوع **'سنڌي ڪهاڻيءَ تي**

**سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا اثر‘** (1947 - 2000) سان لاڳاپيل ماهرن جي ڪيل ڪم، جهڙوڪ: ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ پنهنجي پي. ايچ. ڊي. ٿيسز ’آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوُسر‘ ۾ سرسري طور مختلف فڪري تحريڪن، جهڙوڪ، وجوديت ۽ رومانيت بابت لکيو آهي. محمد اسماعيل عرساڻيءَ جي تحقيق ’چار مقالا‘ ۾ افساني جي ڀاڱي ۾ پڻ سنڌي ڪهاڻيءَ تي لاڙن جو ذڪر شامل آهي. ڊاڪٽر نواب ڪاڪا، پنهنجي پي. ايچ. ڊي. ٿيسز، جيڪا بعد ۾ ڪتاب جي صورت ’سنڌي ڪهاڻي ۽ ڪردار هڪ اڀياس‘ جي نالي سان شائع ٿي ۾ جڏهن به ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جي ڳالهه ڪئي ته سڌي اڻ سڌي طور انهن ڪردارن تي سماج ۾ هلندڙ مختلف تحريڪن ۽ لاڙن جي اثر جي ڳالهه ڪئي آهي. ان کانسواءِ ڊاڪٽر ڪاڪا جي جي تحقيقي مقالي ’1942ع کان 1947ع تائين جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جا اهم مجموعا : هڪ اڀياس‘ ۾ پڻ موضوع جي مناسبت سان مواد موجود آهي.

ڊاڪٽر علي جان ٻرڙي جي تحقيق ’ورهاڱي کان پــوءِ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي سماج جي تصوير‘ جي پنجين باب ’ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي سماج جي تصوير‘ ۾ سماج جي مسئلن کي اڀيان رکندي، مختلف تحريڪن کي ڇهيو ويو. موضوع جي مناسبت سان ٻن تحقيقي ڪتابن جو نهايت ڌيان سان جائزو ورتو ويو. هڪ ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ جو’سنڌي ادب جو فڪري پس منظر‘ ٻيو ڊاڪٽر ساجده پروين جو ڪتاب ’جديد ادبي تنقيدي نظرين ۽ لاڙن جو سنڌي ادب تي اثر‘ شامل هئا، ڇاڪاڻ ته سنڌي ادب ۾ هي ٻئي ڪتاب نظرين ۽ لاڙن جي لحاظ کان اهم آهن.

موضوع کي وڌيڪ آسانيءَ سان سمجهڻ لاءِ شوڪت حسين شوري جو ڪتاب ’سنڌي ڪهاڻي ۾ نوان لاڙا‘، جامي چانڊيي جي ترتيب ڏنل ڪتاب ۾ شامل ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو تحقيقي مضمون ’ڪهاڻي ادو عبدالرحمان‘ عباس ڪوريجي جو ڪتاب ’جديد ڪهاڻي: فن ۽ موضوع‘ مددگار ثابت ٿيا، جن جو پڻ جائزو ورتو ويو.

ممتاز مهر جي ڪتاب ’سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوُسر‘ مختيار ملاح جي ڪتاب ’سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ‘منگهارام ملڪاڻيءَ جي ڪتاب ’سنڌي نثر جي تاريخ‘ ڊاڪٽر ريحانه نظير جي پي. ايچ. ڊي ٿيسز ’نجم عباسي جي ڪهاڻين جو سماجي ڪارج، هڪ تنقيدي جائزو‘، عباسي. نجم عباسيءَ جي ڪتاب ’ڪهاڻيءَ جو قافلو‘ جو پڻ مفصل نموني اڀياس ڪيو ويو. تحقيق جي سلسلي ۾ ’سنڌي ڪهاڻي، تحريڪون، لاڙا ۽ اثر جي‘ لفظن جي ڳولها لاءِ ڪهاڻيءَ متعلق انيڪ مضمونن کي پڻ پڙهيو ويو.

## 1.23. تحقيق جو طريقيڪار

### 1.23.1. لفظ ’تحقيق‘ جي معنى

”لفظ Search انگريزي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنى ڳولها ڪرڻ ڪرڻ ٿئي ٿي، جڏهن ته Research جي معنى ٻيهي ٿي ٻيهر يا وري ڳولها ڪرڻ يا نهايت احتياط سان جاچڻ. عربيءَ ٻوليءَ ۾ ريسرچ لاءِ ’تحقيق‘ جو لفظ ڪتب آندو ويندو آهي، جنهن جي معنىٰ آهي سچ تائين پهچڻ يا حق جي ڳولها ڪرڻ. لغوي معنىٰ اٿس احتياط ۽ خبرداريءَ سان تلاش ڪرڻ. اصطلاحي طور تي، ان جو مطلب آهي نئين معلومات ڳولهڻ يا تصديق ڪرڻ لاءِ تحقيق ۾ هر بيان جو دارومدار ڪنهن به ثبوت تي هوندو آهي. يعني هر بيان کي ٻين جي شاهدين جي مدد سان سمجهي سگهجي ٿو. تحقيق ۾ هر بيان جي ٻين شاهدين جي سهاري سان تصديق ڪئي وڃي ٿي؛ ته جيئن ان تي اڀياس ڪري سگهجي. يا ائين چئي سگهجي ته اها ڪنهن شيءِ جي ترتيب جي ڳولها آهي، هن ۾ معلومات کي وڌائڻ جو مستحڪم ارادو هجي، اهو ساڳي وقت تي ظاهر ۽ قابل تصديق پڻ هجي، يعني تحقيق ڪيل مواد جو نتيجو اهڙيءَ ريت تيار ڪيو ويو آهي. هڪڙو طريقو جيڪو ٻين لاء سمجهڻ جي قابل هجڻ گهرجي.“ **(پٺاڻ 1983، 02)**

جي. ايف رومل، هڪ انگريز محقق جي موجب تحقيق جي وصف ڪجهه هن ريت آهي:
”تحقيق اصل ۾ ڳجهن رازن کي ڳولهڻ، ڪنهن به ڳالهه جي ترويج ۽ علم کي نيڪ طرح پروڙڻ کي سمجهيو ويندو آهي. اها هڪ ذهني ڪاوش آهي، جيڪو سلسلو سوين سالن کان جاري رهندو پيو اچي. سچ ۽ حق جي تلاش زندگيءَ جي مقصدن کي تبديل ڪري ٿي.“ (Rummel, J.F. 198)

تحقيق جو گڏيل مقصد ڳجهين ڳالهين کي جاچڻ، غلط معاملن کي درست اصولن کي تلاش ڪرڻ، محققن لاءِ اجا وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ، پوشيده رازن کي عيان ڪرڻ، اهڙين ڳالهين کي اڳيان آڻڻ، جيڪي مونجهاري جو ڪارڻ ٿين ٿيون؛ اهڙين ڳالهين کان ماڻهوءَ کي بچائڻ، جيڪي ڪنهن ريت بربادي جو باعث ٿين يا اهڙين مونجهارن جو حل تلاش ڪرڻ، جيڪي هن وقت تائين نبري نه سگهيا آهن.

تحقيق: زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي سائنسي ۽ علمي انداز ۾ تحقيق يا مطالعي جو نالو آهي. اها تحقيق ئي آهي، جنهن جي مدد سان انساني زندگيءَ جي مختلف پهلوئن کي علمي، ثقافتي، تمدني، سائنسي، نفسياتي ۽ فڪري پهلوئن کي اجاگر ڪري سماج جي نئين سر تعمير ڪري سگهجي ٿي. هن ۾ زندگيءَ کي سؤلو بڻائڻ، علمي واڌاري سان گڏ پلائيءَ جي طور طريقن لاءِ جوڙيل طريقا استعمال ڪيا ويندا آهن. جيتوڻيڪ تحقيق جي مڪمل تشريح بيان ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي، پر ايترو چئي سگهجي ٿو ته هر مسئلي جو اعتبار جوڳو حل ۽ درست نتيجن تي پهچڻ اپياس جو منظم ڪم آهي. اهو واضح آهي ته اپياس جو تعلق ڪنهن به مسئلي ۽ ان جي اعتبار جوڳي حل جي ڳولها سان لاڳاپيل هوندو آهي. اهو حل ۽ نتيجو اعتماد لاءِ هڪ خاص طريقي ۾ لازمي آهي. ڪنهن به ماهري جو حل ۽ حاصل نتيجا؛ ڪنهن به طرح جي شڪ ۽ ان جي ممڪن حد تائين مسترد نه ڪرڻ سان ئي اپياس جي عمل جي ڪاميابيءَ ۽ ڪامرانيءَ جو مدار رهندو آهي. ”عربي هجي يا فارسي يا اردو ۽ سنڌي ڊڪشنرين ۾ لفظ تحقيق جي لساني معنى جاچبي ته ان جي معنى ٿيندي ’پڪ يا خاطري ڪرڻ يا ڪنهن ماهري جي تهه تائين پهچڻ.‘ ساڳي طرح سان انگريزيءَ شائع ٿيل ڊڪشنرين ۾ ’ريسرچ‘ جي تشريح ’وري يا پيهر ڳولها ڪرڻ‘ آهي. ان جو مقصد وري ڪنهن به موضوع بابت تفصيلي ڄاڻ ڏيڻ آهي يا ان جي موضوع جي باري ۾ وڌيڪ معلومات حاصل ڪرڻ لاء هر پاسو جي ڇنڊڇاڻ ٿيڻ گهرجي.“ **(پنهور 1983، 07)**

تحقيق جو مقصد فطرت يا انساني زندگي ۾ مخصوص مسئلن جو حل ڳولهڻ آهي. تحقيق انسان جي ڄاڻ ۽ علم ۾ اضافو ڪري ٿي. حقيقت ۾ اهو سڀ ڪجهه انساني تهذيب، تمدن ۽ سماج جي ارتقائي تحقيق جي عمل سان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو. ڪنهن به علم جي شاخ ۾ اپياس ڪندڙ کي ’محقق‘ چئبو آهي. انهن جا معيار پڻ مقرر ڪيا ويا آهن:

- عقلي دليلن جي طاقت رکي.
- ياداشت جي طاقت رکي.
- ذهني ايمانداري
- موضوع ۾ دلچسپي ۽ ان کي نباهڻ جو حوصلو.
- مسئلا حل ڪرڻ لاءِ جستجو وارو جذبو.

## 1.23.2. تحقيق جا مکيه قسم

### 1.23.2.1. تجرباتي يا سائنسي تحقيق

هي ڪنهن به قسم جي تحقيق جو هڪ روايتي طور طريقو آهي، جنهن لاءِ محقق/ سائنسدان پنهنجيون ليبارٽريز کي ڪتب آڻيندا آهن. هڪ محقق هڪ نظريي کي جانچڻ لاء هڪ تجربو ڪري ٿو. تجربا عام طور تي هن طريقي سان ڪيا ويندا آهن ته جن حالتن ۾ محقق جو جائزو وٺڻو آهي، اهي مڪمل طور تي محقق جي ڪنٽرول هيٺ آهن.

تنهن ڪري، سڀ کان وڌيڪ سائنسي تجربا ليبارٽريز ۾ منعقد ڪيا ويا آهن. اهڙيءَ طرح معلومات فراهم ڪرڻ وارو شخص يا لائبريرين وغيره، کي به گهڻين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو نه

پوندو، جيڪي ليبارٽري ٽيسٽن ۾ اچڻ جا امڪان آهن، پر ڪجهه قسم جي ليبارٽرين ۾ انڊيڪسنگ سسٽم لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪم ڪيو ويو آهي.

”تنهن هوندي به، اهو ممڪن آهي ته تجرباتي تحقيق جي طريقن کي استعمال ڪرڻ لاء لائبريري ۽ معلومات جي رسائي جي مسئلن جي وسيع رينج ۾ ڪنهن به قسم جي تجرباتي تحقيق کي هلائڻ لاءِ ان جو بنيادي جز مفروضن تي مبني هوندو آهي؛ جيڪو عام طور تي مڪمل نظام جي مختلف عنصرن جي وچ ۾ لاڳاپن بابت هڪ رٿ يا اصول جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. تجربي جو گهڻو مقصد فقط اهو هوندو آهي ته واسطيدار قياس يا انؤمان درست آهي يا نه؟“ (پنڻ 1983، 24) جيئن ته تحقيق جو مقصد حقيقتن کي ڳولهڻ آهي، ان ڪري سڀ کان پهريان ڪجهه مفروضا، اندازا يا اندازو لڳائڻو آهي، جن کي انگريزيءَ ۾ Hypothesis چئبو آهي، جن جي مدد سان نتيجو ڪڍڻ آسان ٿي وڃي.

تاريخي تحقيق: تجرباتي تحقيق، سائنسي اصولن تحت تيار ڪئي ويندي آهي، ان جي ابتڙ، تاريخي تحقيقي عمل پوري طور تي سماجي سائنس جي پيداوار هوندو آهي، ان مان گهڻو سکڻ جي سعي ٿيندي رهندي آهي. اهڙي نموني سان هيءَ اپياس داستان واري طريقي سان ممڪن ٿي سگهي ٿو. هن لقاءَ ۾ حالتن جو سرسري طور تي جائزو وٺي، ڪنهن ڳالهه يا شيءِ جي ارتقا جو هر ممڪن صورت معرفت هڪ سچي تصوير اڳيان آڻڻ جي ڪاوش ڪئي ويندي آهي.

”ان جو هڪ شاندار مثال ٿامس ڪيلي جي برطانيه ۾ عوامي لائبريرين جي تاريخ تي تحقيق هئي (لنڊن لائبريري ايسوسيئيشن 1845 کان 1975 تائين) تاريخي تحقيق جو هڪ ٻيو نمونو اصولن ۽ ضابطن کي سچو ڪرڻ لاءِ پڻ ڪيو ويندو آهي، ان جو وري طريقو هي هوندو آهي ته شاهديون ۽ حوالا اهڙي نموني پيش ڪيا ويندا آهن، جو ان مان ڪي نتيجا ڪڍي سگهجن.“ (پنڻ 1983، 124)

اهڙن نتيجن مان اهي اصول صحيح يا غلط ثابت ٿيندا آهن. تحقيق جي هن قسم جا سٺا مثال نسبتا نادر آهن. تاريخي تحقيق جي خوبين ۽ خامين جو تعين ڪرڻ ڪنهن حد تائين مشڪل آهي، جيتوڻيڪ ڪنهن حد تائين اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته ’اها سٺي ڳالهه آهي‘. ماضيءَ تي نظر وجهڻ سان، ممڪن آهي ته ماضيءَ جي انهن تجربن جي روشنيءَ ۾ موجوده دور جي ڪجهه مسئلن بابت صحيح فيصلو ڪري سگهجي.

ان سلسلي ۾ بنيادي صلاحيت محقق ۾ تنظيمي صلاحيتن جو هجڻ آهي. جيتوڻيڪ اها گهٽتائي عام طور تي نظر اچي ٿي. محقق ان مواد کان گهڻو متاثر ٿئي ٿو، جيڪو هو گڏ ڪري ٿو، ۽ ائين ڪندي پنهنجي مطالعي جي بنيادي مقصد ۽ دستاويزن جي اهميت کي نظرانداز ڪري ٿو، جن تي هو هن وقت ڌيان ڏئي رهيو آهي. اهو ضروري آهي. ان سلسلي ۾ سڀ کان پهرين ڳالهه اها آهي ته ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته موضوع پنهنجي ۽ پنهنجي معيار جي لحاظ کان قابل عمل آهي.

عملي تحقيق: موليري جي ڪردارن مان هڪ حيران ٿي ويو ته هو گذريل چاليهه سالن کان پنهنجي اڻ ڄاڻائيءَ ۾ نثر ڪيئن ڳالهائي رهيو آهي. اهڙي طرح ڪيترائي لائبريرين ۽ معلومات فراهم ڪندڙ اهو ڏسي حيران ٿي ويا آهن ته اهي ڪيترن سالن کان وڏو تحقيقي ڪم ڪري رهيا آهن بغير ڪنهن احساس جي ته اهي اهم ڪم ڪري رهيا آهن. اهي پرفارم ڪري رهيا آهن.

عام اصطلاحن ۾، عملي تحقيق ڪنهن شيءِ کي قائم ڪرڻ ۽ پوءِ ان کي ترقي ڪندي ڏسڻ لاءِ آهي ته اهو ڪيئن رد عمل ظاهر ڪري ٿو. عملي تحقيق کي به تجرباتي تحقيق جي قطار ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو، فرق صرف اهو آهي ته تجرباتي تحقيق ليبارٽري ۾ ٿيندي آهي ۽ عملي تحقيق لائبريرين ۽ تعليمي ادارن ۾ ٿيندي آهي. هڪ لحاظ کان، ان جي اهميت ان ڪري به آهي ته، ڪيترين ئي حالتن ۾، ڪنهن عمل جي امڪان کي جانچڻ جو واحد طريقو اهو آهي ته عمل کي اڳتي وڌايو وڃي، پهرين عمل کي انجام ڏنو وڃي، ۽ پوءِ ڏٺو وڃي ته ان جو نتيجو ڇا آهي؟

صحيح معنى ۾ عملي تحقيق جو مقصد ان کان وڌيڪ ڪجهه آهي. ان کي عملي تحقيق تڏهن چئي سگهجي ٿو جڏهن منصوبي يا عمل جو مقصد مسلسل متعين ڪيو وڃي ۽ ان ۾ ڪي محرڪ موجود هجن. تحقيق تحقيقي عمل ۾ پڙهيل مواد کي اهڙيءَ ريت رد ڪري ٿو، جو اهي عمل ۽

تجربي جي روشنيءَ ۾ پاڻياني شيون بڻجي وڃن ٿا. جيتري قدر ادب جي تخليقي عمل جو تعلق آهي ته ان کي عمل ۽ سبب جي اصول کان الڳ نٿو ڪري سگهجي. ادبي محقق انهن ئي تسلسل ۽ عمل جي ڪڙين تي تحقيق ڪري ٿو.

ادبي تحقيق: ڪو وقت هو جڏهن ادب کي تحقيق نه سمجهيو ويندو هو، ان جو تعلق صرف تنقيد ۽ تبصري جي عمل سان هوندو هو، پوءِ جڏهن سماجي سائنس وجود ۾ آئي ته اهو محسوس ٿيو ته ان شعبي سان به صحيح نتيجا حاصل ڪرڻ ممڪن آهي. سائنسي طريقن جو استعمال، ادب کي به تحقيق جي دائري ۾ شامل ڪيو ويو.

ان جو هڪ پاسو نفسيات ۽ سماجي سائنس سان جڙيل هو ۽ ان جو خارجي پهلو لسانيات جي دائري ۾ آيو. اهڙي طرح ادب داخلي تحقيق جو موضوع بڻجي ويو آهي، جنهن ۾ محقق پنهنجي تجرباتي عمل جي حدن کان ٻاهر نه ٿو نڪري. ادب ۾ جيڪي به تخليقي ۽ نفسياتي تفصيل ڏنل آهن، انهن جي نوعيت جي تحقيق ۽ مطالعو ئي محقق جو اصل مقصد آهي. وڃي رهيا آهن. ”ائين نه صرف ادبي تحقيق جي امڪانن ۾ واڌارو آيو، پر ادبي تحقيق جي عمل جون حدون به وسيع ٿينديون ويون. ان سان گڏوگڏ اهو سوال به پيدا ٿيو ته تحقيق جهڙي ذهني عمل جي وجود ۾ اچڻ سان تنقيد ۽ ادب جي وچ ۾ تعلق هئڻ به ممڪن آهي يا نه! ابتدا ۾ ته تحقيق جا حيرت انگيز نتيجا ڏسندي اديب ۽ نقاد ٻئي چرڪجي ويا، پر جلد ئي جڏهن ان دماغي عمل جي افاديت ظاهر ٿيڻ لڳي ته نقادن به ادب جي ميدان ۾ پنهنجي هڪ هئيءَ کان موڪلائي ڇڏيو. (پناڻ 1983، 127)

تنقيد جو بنيادي مقصد ڪنهن ادبي تخليق جو مڪمل ۽ تفصيل سان جائزو وٺڻ هوندو آهي، اهو عمل ٽن حصن ۾ ورهايو ويندو آهي:

- **تاثر کي قبول ڪرڻ**
- **ڇنڊڇاڻ ڪرڻ**
- **قيمت ۽ قدر جو اندازو لڳائي فيصلو ڪرڻ**

تنقيد جو مقصد اهو هوندو آهي ته ڪنهن ادبي ڪم جي ليکڪ جي تخليقي صلاحيت جو اندازو لڳايو وڃي ۽ ان جو پڙهندڙن تي ڪهڙو اثر پوندو ته جيئن ڪم کي وڌيڪ پرڪشش بڻائي سگهجي. تخليق جو عمل به تخليقڪار ۽ تخليق جي پڙهندڙ جي وچ ۾ تعلق جي ڪري محدود آهي. تنقيد جي عمل ۾ صرف انداز ۽ لکڻ جي عمل ۾ سندس ذاتي مفاد به دخل آهن. بهرحال، محقق پنهنجي ذاتي مفادن ۾ انفرادي نقطه نظر کان هٽي، تمام گهڻي ڌيان سان ڪم ڪندو آهي. هڪ نقاد جو نظريو ذاتي هوندو آهي، جڏهن ته محقق شين کي معروضي نقطه نظر کان ڏسندو آهي. محقق لازمي طور ڪنهن مسئلي کي اڳتي وڌائيندو آهي، جنهن جو تعلق ذهن سان هوندو آهي، هو ان مسئلي جو حل ڳولهڻ بعد ئي مطمئن ٿيندو آهي، جڏهن ته نقاد ان مسئلي جي نوعيت کي ڇاڻڻ کان پوءِ پنهنجو ڪم ختم ڪري ڇڏيندو آهي. محقق ۽ نقاد جو ڪم اڪثر مختلف هوندو آهي. محقق جي طريقي ۾ سچائي تمام ضروري آهي. گڏ ڪيل حقيقتن ۽ منصوبن يا مواد جي ڪٽ جي ذهني تقسيم محقق کي منزل ڏانهن وٺي وڃي ٿو، ان جي برعڪس، نقاد سڀني ممڪن حقيقتن کي گڏ ڪرڻ ۽ تجزيو ڪرڻ ضروري نه ٿو سمجهي. هو اڪثر ڪري ٿورن حقيقتن جي بنياد تي تخليق جي خارجي خوبين جي ڇنڊڇاڻ ۾ مصروف هوندو آهي. نقاد جي ڪم جي طريقي ۾ سوچ کي هڪ اهم مقام حاصل آهي، جڏهن ته محقق ان کي تجرباتي انداز ۾ حقيقتن ۽ ثبوتن جي آڌار تي ترتيب ڏئي ٿو.

نقاد جو مقصد ادبي تخليق جي اظهاري لهجي ۽ خارجي خوبين کي جانچڻ هوندو آهي، جڏهن ته محقق جي منزل موجود انساني علم ۾ اضافو ڪرڻ هوندو آهي. انهن حقيقتن جي باوجود، تحقيق ۽ تنقيد ٻئي الڳ عمل ته آهن، پر هڪ ٻئي لاءِ ضروري ٿي وڃن ٿا. چئي سگهجي ٿو ته ادبي تحقيق هڪ لحاظ کان علمي تحقيق جي دائري کان ٻاهر نه آهي، ان کان علاوه تعليمي ۽ سماجي به تحقيق جا خاص قسم آهن. سائنس جيان، ضابطه جامد نه پر تبديل ٿيندا رهن ٿا. جيئن ته تحقيق جو مقصد ڪجهه حقيقتن کي ڳولهڻ هوندو آهي، ان ڪري پهريان ڪجهه مفروضا يا اندازا جوڙڻا پوندا آهن. انهن کي انگلش ۾ Hypothesis چئجي ٿو؛ پوءِ انهن جي مدد سان نتيجو ڪڍڻ آسان ٿي وڃي جهڙي ريت:

- درست تحقيق اها آهي جيڪا نئين چاڻ ڏئي ۽ نوان نتيجا اڳيان آڻي.
- تحقيق ۾ رواني لازمي آهي، جيڪا مقرر ضابطن موجب پڻ هجي.
- بحث هيٺ آيل موضوع تي پوئين تحقيقن کان آگاهه هجڻ گهرجي.
- تحقيق منطقي ۽ معروضي هجڻ گهرجي. مطلب ته ذاتي احساسن کان پري هجي.
- پهريون مفروضو جوڙي، پوءِ ان کي ثابت ڪرڻ لاءِ مواد هٿ ڪجي.
- هر ڳالهه چٽي نموني بيان ڪئي وئي آهي.
- تحقيق جي اهم اصطلاحن جو تز استعمال ۽ حقيقتن توڙي انگن اکرن کي هر ممڪن حد تائين درست پيش ڪجي.

هڪ مستند تحقيق ۾، ڊيٽا گڏ ڪرڻ کانپوءِ ان مواد جو محتاط استعمال، جي اصولن تي عمل ڪرڻ لازمي آهي.

’سنڌي ڪهاڻيءَ تي سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا اثر‘ (1947 - 2000) جيئن ته هي موضوع گهڻي حد تائين پيچيده ۽ پاڻ ۾ وسعت رکي ٿو؛ ان ڪري هن تحقيق لاءِ مواد جي تجزيي جو طريقو اختيار ڪيو ويو آهي ان جي افاديت ۽ وسعت کي نظر ۾ رکندي هن طريقي سان مواد چونڊ ۽ چنڊ ڇاڻ ڪئي ويندي.

ادب جي مڪمل تحقيق Exhaustive Literature Review هي پهريون طريقو اولهه جي ملڪن ۾ ادب جي تحقيق لاءِ وڏيڪ استعمال ٿيندو رهيو آهي. هن طريقي موجب، موضوع تي موجود سموري معلومات جا نمونا ۽ اقتباس پڙهندڙن تائين پهچايا ويا آهن.

مواد جي ڇنڊڇاڻ وارو طريقو (Content analysis Method): ٻئي طريقي پٽاندر مواد جي چونڊ ۽ ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي.

هيءَ تحقيق پنهنجي نوعيت جي لحاظ کان معياري تحقيق (Qualitative Research) سان تعلق رکي ٿي.

پهرين باب ۾ ريفرنس اسٽائيل/ ببليوگرافي Reference Style/ Bibliography جي حوالي سان پڻ تفصيل سان لکيو ويو آهي. جيئن ته تحقيق جي حوالي ڏيڻ ۾ اي.پي.اي ريفرنس اسٽائيل ڪم آندو ويو آهي. جنهن لاءِ حوالي ڏيڻ جي نموني (Reference Style/ Format) جا ٻه جزا شامل آهن:

مواد ۾ حوالي جو اشارو(Citation): مقالي ۾ گهربل مواد کي شامل ڪرڻ بعد حوالي جو اشارو ڏنگيءَ ۾ بند ڪري ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ ليکڪ جي نالي جو آخري حصو، جنهن بعد ۾ ڪاما (،) ڪاما کانپوءِ سال، سال کانپوءِ ڪولن (:) ان بعد لاڳاپيل ذريعي جو صفحو نمبر ڏئي، ڏنگيءَ کي بند ڪيو ويو آهي.

**مثال طور: (پٺاڻ، 1983: 33)**

مقالي جي آخر ۾ ببليوگرافيءَ ۾ ان ۾ ڪتاب/ ذريعي بابت حوالي جو اشارو ڏيڻ) مقالي جي آخر ۾ ڪتاب يا ذريعي جو تفصيل ڏنل آهي، جنهن مطابق:

ليکڪ جو نالي جو آخري حصو پهريائين لکي، ڪاما يا ٿورو دم (،) ان جا نالي جو اڳيون حصو/ حصا لکي فل اسٽاپ يا پورو دم (.) ڏنو ويو آهي، جنهن بعد ننڍي ڏنگيءَ ( ) ۾ اشاعت جو سال، ڏنگي پوري ٿيڻ تي پورو دم (.) ڪتاب جو نالو، پورو دم (.) اشاعت جو شهر، دم (:) جنهن بعد اشاعت جي مرڪز يا پبليڪيشن جو نالو لکي، آخر ۾ پورو دم (.) ڏنو ويو آهي.

مثال طور:<u>**پٺاڻ، غلام حسين. (1983). تحقيق جو فن. ڄامشورو: پاڪستان اسٽڊيز سينٽر، سنڌ يونيورسٽي.**</u>

## 1.24. تحقيق جو طريقو

### 1.24.1. تحقيقي طريقيڪار ڇا آهي؟

وصف: تحقيقي طريقي کي سائنسي نموني سان استعمال ڪندي ڪنهن خاص تشويش يا مسئلي جي حوالي سان مطالعي جي محتاط غور جي طور تي بيان ڪيو ويو آهي. آمريڪي سماجيات جي ماهر ارل رابرٽ ببيي جي مطابق، "تحقيق هڪ منظم جاچ آهي جنهن کي بيان ڪرڻ، وضاحت ڪرڻ، اڳڪٿي ڪرڻ، ۽ مشاهدو ٿيل رجحان کي ڪنٽرول ڪرڻ لاء ان ۾ شامل ٿيندڙ ۽ جدا طريقا شامل آهن.

انسائيڪلوپيڊيا تحقيقي طريقا هڪ مشاهدي يا واقعي جو تجزيو ڪن ٿا، جڏهن ته ڪٽڻ وارا طريقا مشاهدي يا واقعي جي تصديق ڪن ٿا. انسائيڪلوپيڊيا طريقا قابليت جي تحقيق سان لاڳاپيل آهن ۽ ڪٽڻ وارا طريقا وڌيڪ عام طور تي مقدار جي تجزيي سان لاڳاپيل آهن.

### 1.24.1.1. خاص تحقيقي مقصد

- تحقيق هڪ مقصد کي اڳيان رکي ڪئي ويندي آهي.
- امڪاني ۽ نين شين جي سڃاڻپ ٿيندي آهي.
- موجوده حالتن جو تجزيو پڻ ڪيو وڃي ٿو.
- عملي مقصدن کي مقرر ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿي.

### 1.24.1.2. تحقيق جون خاصيتون ڪهڙيون هجڻ گهرجن

- سٺي تحقيق درست ڊيٽا کي گڏ ڪري هڪ منظم طريقي سان اڳتي وڌي ٿي.
- محقق لاءِ لازمي آهي ته تحقيق دؤران اخلاقيات ۽ مقرر ڪيل ضابطن تي عمل ڪري.
- تحقيق ۾ تجزيا گهٽو ڪري منطقي استدلال تي مبني هوندا آهن. نتيجن ۾ هروپرو وڌاءُ يا ان کي گهٽائڻ تحقيق جي روح جي خلاف آهي. ان ڪري تجزين کانپوءِ جيڪي نتيجا نڪرن، انهن کي ايمانداريءَ سان بيان ڪرڻ گهرجي.
- تحقيق جي سلسلي ۾ گڏ ڪيل ڊيٽا جو ڳوڙهو تجزيو ڪيو وڃي. ڪوشش ڪري ان عمل ۾ ڪوبه تضاد نه هجڻ گهرجي. اهو پڻ ته تحقيق دؤران نوان سوال پيدا ٿيڻ گهرجن. هڪ بهتر تحقيق ايندڙ وقت ۾ نئين ڊيٽا سان نئين تحقيق جا موقعا فراهم ڪري ٿي.
- تحقيق جي سلسلي ۾ گڏ ڪيل ڊيٽا ۾ ڪوبه ابهام نه هجڻ گهرجي.
- درستگي تحقيق جي سڀ کان اهم حصن مان هڪ آهي. معلومات تز ۽ صحيح هجڻ گهرجي.

### 1.24.1.3.تحقيق جون خاصيتون

- صحيح تحقيق اها آهي، جيڪا نئين ۽ درست معلومات ڏئي ۽ نڪور نتيجا اڳيان آڻي.
- تحقيق چيو ويندو آهي، منظم ۽ بلڪل صحيح کوجنا کي.
- تحقيق مقرر ٿيل قاعدن تي ٿيڻ گهرجي.
- محقق کي اها خبر هجڻ گهرجي ته هو جنهن موضوع تي تحقيق ڪري پيو، ان تي اڳ ڪهڙي تحقيق ڪئي وئي آهي. محقق کي گهرجي ته پنهنجي تحقيق جي ابتدا ان جاءِ کان ڪري، جتي اڳوڻن ڇڏي آهي.
- محقق جي اڳيان هي مقصد هجي ته تحقيق جي نتيجن کي گڏ ڪري، انهن نتيجن کي دستاويز جي صورت ۾ آڻي، انهن جو تز ۽ درست تجزيو ڪري، انهن مان نتيجا اخذ ڪري. اپياس منطقي ۽ خارجي هجڻ کپي؛ جيڪو مواد سانديو ويو آهي، ان جو صحيح اصولن ۽ طريقي مطابق تجزيو ٿئي، جنهن ۾ محقق جا ذاتي جذبات شامل نه هجن
- تحقيق ڪندڙ پنهنجي مسئلي لاءِ جيڪا انؤمان (Hypothesis) چونڊي، تن جي پٺڀرائي لاءِ جيڪو مواد هٿ ڪري، تنهن تي عمل ڪري.
- تحقيق ڪندڙ جي لاءِ اهو به ضروري آهي ته هو پنهنجن خيالن ۽ منطق کي بلڪل صاف ۽ ظاهر پڙهندڙن جي اڳيان ظاهر ڪري.

- تحقيق ڪندڙ کي پنهنجي ذهن ۾ اهو پختي طرح رکڻ گهرجي ته هن کي پنهنجي احساس ۽ جذبن کي تجزئي ۾ داخل نه ڪرڻو آهي يعني پنهنجن جذبن ۽ احساسن کي تحقيق ۾ دخل انداز ٿيڻ نه ڏئي.
- تحقيق ڪندڙ کي تڪڙ يا جلديءَ کان ڪم وٺڻ نه کپي، جيڪڏهن ان سلسلي ۾ هن کي ڏکيائي آهي ته هو ان کي قبول ڪري.
- تحقيق ڪندڙ کي تحقيق ڪرڻ وقت پنهنجي ذاتي فيصلن کي ختم ڪرڻ گهرجي ۽ مواد ۽ مقصد جي مدد سان ڪنهن صحيح نتيجي تي پهچڻ گهرجي.

### 1.25. تحقيق جو دائرو

دائري جو مقصد آهي ته اها حد جنهن جي اندر تحقيق ڪئي وڃي. انهي کان اڳي جو تحقيق جي دائري کي سمجهايو وڃي اهو سمجهائڻ ضروري آهي ته ڪنهن مسئلي جو دائرو ڇا هئڻ گهرجي. ڪنهن مسئلي جي تحقيق ڪرڻ لاءِ دائرو، هر ڪنهن موضوع ۽ عنوان جي مدد سان مقرر ڪيو ويندو آهي، ته مسئلي جي ڪهڙين واسطو رکندڙ ڳالهين جي تحقيق ڪرڻ، عنوان جي لاءِ ضروري آهي، جن جي تحقيق نه ڪرڻ سان عنوان جي تحقيق ۾ ڪا گهٽتائي رهجي ويندي. اڪثر تحقيق ڪرڻ وقت ڪيترين واسطو رکندڙ نيون ڳالهيون تحقيق هيٺ اچي وينديون آهن؛ جن لاءِ عنوان کي قبول ڪرڻ وقت ڪجهه به سوچيو نه ويندو آهي. اهڙي طرح ۾ نين ڳالهين جي تحقيق ظاهر ٿيڻ ڪري، عنوان جو دائرو تحقيقي ڳالهين جي ڪري وڌي ويندو آهي ۽ نيون ڳالهيون ظاهر ٿي، تحقيق ڪندڙ اڳيان ايندڙيون آهن. تنهن ڪري ڪنهن به عنوان جو آخرين دائرو ابتدا ۾ مقرر ڪرڻ مشڪل آهي، پر ڪنهن مسئلي جي تحقيق جو دائرو تحقيق مڪمل ٿيڻ کان پوءِ مقرر ٿيندو آهي. مسئلي جي دائري کي سمجهڻ ڪانپوءِ اهو ظاهر نظر ايندو ته تحقيق جو دائرو ڪهڙو هوندو يا تحقيق جي دائري ۾ ڪهڙا موضوع اچي وڃن ٿا؛ تنهن لاءِ هيٺ ڏنل راءِ سمجهڻ لاءِ ڪافي ٿيندي.

### 1.26.تحقيق جي حدبندي

جيئن ته هي موضوع ڪافي حد تائين وسيع آهي، ان ڪري ورهاڱي کان پوءِ جي ادبي سرمائي تائين محدود ڪيو ويو. جڏهن ته ان جو تفصيلي پس منظر به ارتقا ۽ تاريخ جي باب ۾ بيان ڪيو ويندو. انهي سان گڏ، هي تحقيق خاص مقصدن تي ڌيان ڏيندو ۽ نون سوالن تي نئين تحقيق جي گنجائش پيدا ڪندي. اپياس جو خاڪو ۽ دائرو مٿي پيش ڪيل تحقيق جي مقصد ۽ لاڳاپيل سوالن تي مشتمل آهي.

- **حوالا**

1. آجواڻي، لال سنگهه. (مترجم: هيرو شيوڪاڻي). (2007). سنڌي ادب جي تاريخ. حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر.
2. آڪسفورڊ، انگريزي سنڌي ابتدائي لغت. (2006). پهريون ڇاپو. ايڊيٽر: قلندر شاهه لڪياري ڪراچي: آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس.
3. امر ڏنو مل، لعلچند. (1961). ٽماهي *مهراڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.*
4. انڙ، رسول بخش. (1990). سنڌ سورن ۾ ون يونٽ کان به وڌيڪ. حيدرآباد: هوشو برادرس، گاڏي کاتو.
5. اياز، شيخ. (1990). پنهل کان پوءِ ۽ جڳ مڙيوئي سپنو. حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشنس.
6. بابا، علي. (1994). منهنجون چونڊ ڪهاڻيون. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
7. بدوي، لطف الله. (1967). مضمون: خلافت تحريڪ جي نشو نما ماهه نامه رسالو نئين زندگي ڪراچي.
8. بيگ، مرزا قليچ. (1916). رعيت نامو. حيدرآباد: ميسرز بگو مل تلسيداس سنسز.
9. ٻاٻاڻي، ڪيرت. (1978). سنڌي ڪهاڻي جو شروعاتي دؤر. مهاڳ.
10. پٺي، رشيد. (1967). ٽماهي مهراڻ. سنڌي. مضمون: ڪهاڻي جو هڪ پهلو. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
11. پٺاڻ، ڊاڪٽر غلام حسين. (1983) تحقيق جو فن. ڄامشورو: پاڪستان اسٽڊي سينٽر.
12. پليجو، نور محمد. (1968). جي.ايم.سيد، سنڌ جي بمبئيءَ کان آزادي. ٻنون. آزاد پبليڪشن.
13. پيرزادو، ستار. (2006). آڪاڻيون-2. ڪراچي: سنڌ ادبي اڪيڊمي.
14. تلسياڻي. ليکو. (1947). سنڌي ڪهاڻيون (منجري ڪولهڻ) مرتب بهاري ڇاٻڙيا، زندگي پبليڪيشن.
15. جان، علي. (2016). ورهاڱي کان پــوءِ سنڌي ڪهاڻي ۾ سنڌي سماج جي تصوير. (پي.ايڇ.ڊي ٿيسز) ڪراچي: يونيورسٽي آف ڪراچي.
16. جليل، امر. (1991). جڏهن مان نہ هوندس. حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن.
17. جوڻيجو، ڊاڪٽر عبدالجبار. (2006). سنڌي ادب جي تاريخ. : سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
18. جوڻيجو، ڊاڪٽر عبدالجبار. (2010). زنبيل. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
19. چانڊيو، جامي. (2018). ادبي تنقيد جا محرڪ ۽ سماجي ڪارج. ڪراچي: ڪويتا پبليڪيشن.
20. چنا، ڪريم بخش. (1962). سماهي مهراڻ جلد 11، نمبر 2، مضمون سنڌ جو سماجي جائزو انگريزن جي دؤر حڪومت ۾. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
21. دائودپوٽو، علامه عمر بن محمد. ٻارهين ڪلاس جو درسي ڪتاب. ڄامشورو: سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ.
22. ڊاڪٽر چوئٿرام پرتابراءِ گدواڻي. ماهنامه هندستان آگسٽ 1، 1946.
23. ڊاڪٽر مبارڪ علي/ پروفيسر اعجاز قريشي. (2001). سنڌ جو آواز. لاهور: فڪشن هائوس.
24. راشدي، پير علي محمد. (1965). مضمون: اسان جا بزرگ. ماهه نامه رسالو نئين زندگي ڪراچي.
25. راشدي، پير علي محمد. (1980). اهي ڏينهن اهي شينهن. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
26. راشدي، حسام الدين شاهه. (1964). مهراڻ جون موجون. ڪراچي: پاڪستان پبليڪيشن.
27. زرداري، ڊاڪٽر محمد لائق. (2012). تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
28. سنڌ ۾ انگريزن جو دؤر حڪومت - انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا.
29. سنڌي، زيب. (2015). سنڌ جي ڳالهه. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.

30. سيد ، جي ايم. (1982). سنڌو جي ساڃاهه. بمبئي: سورٺ پبليڪيشن آدرش نگر.
31. سيد، جي.ايم. (1967). جنب گذاريم جن سين. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
32. سيد، جي.ايم. 1993. سنڌ ڳالهائي ٿي. ڪراچي: نئين سوچ پبليڪيشن.
33. شيخ، طارق عزيز. (2001). سنڌي ادب جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو. ڪراچي: ڪاٺياواڙ اسٽورس.
34. عبدالستار دلوي، ڊاڪٽر. (مترجم: ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي) (2019). تحقيق جو فن ۽ ان جا اصول. حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
35. عرساڻي، محمد اسماعيل. (1955). چار مقالا. حيدرآباد: رونق پبليڪيشن.
36. عرساڻي، شمس الدين. (1982). آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر. ڄامشورو: انسيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي.
37. علي، ڊاڪٽر مبارڪ. (پروفيسر اعجاز قريشي (2001). سنڌ جو آواز. لاهور: فڪشن هائوس.
38. قادري، اياز. (1977). بلو دادا. ڪراچي: مڪتبهٔ بُرهان اردو بازار.
39. قريشي، اعجاز. (2017). سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون. حيدرآباد: سنڌي لئنگيج اٿارٽي.
40. ڪلپنا، موهن. (1984). بک، عشق ادب. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
41. گاڏهي، همسفر. (2004). سنڌ جي ڏاهپ کا سورنهن انٽرويو. ڪراچي: سارنگ پبليڪيشن هائوس.
42. گرامي، غلام محمد. (1972). ايڊيٽوريل. (ٽه ماهي مهراڻ) ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
43. مفتي، تهمينه، ڊاڪٽر، مضمون: “ سنڌي ڪهاڻيءَ جو سماجي ڪارج” نمبر ٽيون مهراڻ 1992.
44. مهر، ممتاز. (1983). سنڌي ڪهاڻيءَ جي اوسر. ڪراچي: ساهت ڏارا پبليڪيشن.
45. ميگهواڙ، ليکراج. (2021). ورهاڱي بعد سنڌ ۽ سنڌين چا وڃايو !؟: ڪراچي: روزاني پنهنجي اخبار.
46. ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالغفور. 2017. سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر. حيدرآباد: سنڌي لينگيج اٿارٽي.
47. نصير ميمڻ، اختيار کوکر. (2014). ڏاري آبادڪاري ۽ سنڌ جو مستقبل. ڪراچي: سنڌ رائيٽرس اينڊ ٿنڪرس فورم.
48. نظير، ريحانه ڊاڪٽر. (2014). نجم عباسي جي ڪهاڻين جو سماجي ڪارج، هڪ تنقيدي جائزو (پي ايچ ڊي ٿيسز) ڄامشورو: سنڌي يونيورسٽي.
49. نظير، ريحانه ڊاڪٽر. برصغير ۾ جديد سنڌي افساني جي ابتدا (مضمون)
50. شورو شوڪت حسين. (1987). سنڌي ڪهاڻي ۾ نوان لاڙا. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
51. شيخ اياز، شيخ. (1947). سفيد وحشي. (مهاڳ) ، ڪراچي: باغي پبليڪيشن.
52. عباسي. نجم. (1985). ڪهاڻيءَ جو قافلو. حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشنس.
53. عبدالرحمان، قاضي. (1920). روزنامه الوحيد ڪراچي.
54. عرساڻي، محمد اسماعيل. (1955). چار مقالا. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
55. قدوسي، اعجاز الحق (سنڌيڪار: خالد وسير) (2007). سنڌ جي تاريخ. ڪراچي: مهراڻ اڪيڊمي.
56. قليچ بيگ، مرزا. (1916). رعيت نامو، حيدرآباد، ميشرس بگو مل تلسيداس سنسز.
57. قيام پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو (پس منظر) - انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا.
58. ڪاڪا، ڊاڪٽر نواب. (2017). سنڌي ڪهاڻي ۽ ڪردار هڪ اڀياس. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.

59. ڪاڪا، ڊاڪٽر نواب. (2019). سنڌي ٻولي جرنل. ‘1942ع کان 1947ع تائين جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جا اهم مجموعا : هڪ اپياس. ’حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.

60. ڪهاڻي ‘ادو عبدالرحمان’ ڪيرت ٻاٻاڻي افسانوي ۽ فڪري ادب: مرتب جامي چانڊيو)

61. ڪوريجو، عباس. (2015). جديد ڪهاڻي: فن ۽ موضوع. قنبر: ڪنول پبليڪيشن

62. مالهي، گوبند. (1991). ادب ۽ اديب. (عجيب هي رشتا ناتا) بمبئي: سنڌ ٽائيمز پبليڪيشن.

63. مالهي، گوبند. (1944). ريگستاني ڦول. ڪراچي: نئين دنيا ڪتاب گهر.

64. مرزا، نصير (مرتب) (1991). نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄام شورو

65. مرزا، ممتاز. (1982). سنڌي صدين کان. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.

66. مگريو، ڊاڪٽر رفيق احمد. (تشڪيل) (2006). غريبن جو ورثو. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.

67. ملاح، مختيار. (2017). سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون (جلد-5: حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.

68. ملاح، مختيار احمد. (2015). سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ. ڪراچي: ثقافت کاتو، سنڌ حڪومت.

69. ملڪاڻي، منگهارام. (1977). سنڌي نثر جي تاريخ. حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز.

70. مهتا، جمشيد ايم.آر. سنڌ جو بمبئي کان جدا ٿيڻ، جيٺ مل پرسرام. حيدرآباد: امر پبليڪشن.

71. مولائي شيدائي رحيم داد. جنت السنڌ. (1958). حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ.

72. ميمڻ، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور. (2017). سنڌي ادب جو فڪري پس منظر. حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.

73. نظير، ريحانه. (2013). ٿه ماهي مهراڻ. سنڌي ادب ۾ مختصر ڪهاڻيءَ جو مقام. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.

74. هَڪڙو، انور فگار ڊاڪٽر. (1998). جي تند برابر توريان. ڪراچي: سنڌي ادبي اڪيڊمي ڪراچي.

75. هنگوراڻي، امرلعل. ادوعبدالرحمان. (مهاڳ) ڪيرت ٻاٻاڻي. حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشنس.

76. سيد، جي.ايم. (1967). جنب گذاريم جن سين. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.

77. Boruchoff, David A. (2012). "The Three Greatest Inventions of Modern Times: An Idea and Its Public". ISBN 978-3-8309-2729-7

78. Boyd, William. "A short history of the short story". Retrieved 2018-04-17. (https://www.prospectmagazine.co.uk/magazine/william-boyd-short-history-of-the-short-story)

79. Dictionary. Com (2017). (http://www.dictionary.com/browse/fiction

80. Melissa Mendoza. (2015). THE EVOLUTION OF STORYTELLING. Article. (https://reporter.rit.edu/tech/evolution-storytelling)

81. Poe, Edgar Allan (1984). Edgar Allan Poe: Essays and Reviews. Library of America.

82. Camus, Albert. Quotable Quote. (goodreads) (https://www.goodreads.com/quotes/51889-fiction.......)

83. Mantel, Hilary. Quotable Quote. (goodreads) (https://www.goodreads.com/quotes/699380-some-of-these........)

84. Markovits, Claud. The Global World of Indian Merchants 1710–1947.

85. https://dic.sindhila.edu.pk/index.php?txtsrch=%D9%88%D8%A7%DA%BB%D9%8A%D9%88.

86. Rita Kothari. (2007). The Burden of Refuge: Partition Experiences of the Sindhis of Gujarat (New Delhi: Orient Blackswan.

87. J.B. Kripalani. (2004). My Times. Delhi: Rupa Publicatation.

88. Gyanendra Pandey. (2001). Nationalism and History in India: Cambridge: Cambridge University Press.
89. Maclean, Derryl N. (1989). Religion and Society in Arab Sind. Brill. ISBN 90-04-08551-3.
90. NANDITA BHAVNANI. 2014. THE MAKING OF EXILE: SINDHI HINDUS AND THE PARTITION OF INDIA. ISBN 978-93-84030-33-9.
91. Hamida Khuhro, 'Muslim Political Organizations in Sindh, 1843–1937', in Hamida Khuhro (ed.), Sindh Through Centuries (Karachi: Oxford University Press.
92. J. R. Hammond. (1992). H. G. Wells and the Short Story. ISBN : 978-1-349-38922-3
93. Fatma, Gulnaz. (1992). A Short History of the Short Story: Western and Asian Traditions Modern History Press 2012, p.2-3
94. Mohammad Hassan Bhutto. (1963). Research general vol, III. Hyderabad: Sind University Publication.
95. E.B Eastwick. (1973). A, Glance at Sind before Napier, London: Oxford University.
96. A. B. Advani. (1934). Journal of Sind vol 1, Karachi: Historical Society.
97. Taracchand. (1934). A Short History of the Indian people. Calcutta: Macmillan and co.
98. May. Dr. Lini S. Tranlate By: Sh: Mohd Ashraf. (1970). The Evolution of India Muslum thought. Lahore: Feroze Sons.
99. Mohd Ayub Khoro, Story of Suffering of Sind, M . A Khoro Larkana. (1930). P. 13
100. M. R. Wite. (1962). The great Leader, Qaid – e – Azim Lahore: Sang a Meel Publication.
101. Das, Sarnjandas. (2001) Kashmir and Sindh. Kolkata: K.K.Bagchi and Company.
102. Santos CM da C, Pimenta CA de M, Nobre MRC. The PICO strategy for the research question construction and evidence search. Revista latino-americana de enfermagem. 2007;15(3):508–511.
103. *Mattick, Karen; Johnston, Jenny; de la Croix, Anne (2018). "How to…write a good research question". The Clinical Teacher.* ***15*** *(2): 104–108*

## 3. باب پيو

# ورهاڱي کان اڳ سنڌي ڪهاڻيءَ تي سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جي اثرن جي شروعات

## 3.1. ادب ۾ ڪهاڻيءَ جي شروعات ۽ ارتقا

انساني فطرت ۾ اها ڳالهه ان جي ارتقا کان وٺي شامل آهي ته هو پنهنجي روزمره جي معمولات جون ڳالهيون ڪهاڻين جي صورت ۾ ٻڌائڻ چاهي ٿو يا هن سان جيڪو به ڪجهه وهي واپري ٿو، اهو ٻين کي آگاهه ڪري ٿو. گهڻو ڪري ته اهي ڳالهيون حقيقي هونديون آهن، پر انهن ۾ هو افسانوي رنگ ڀرڻ جي ڪوشش پڻ ڪندو آهي. ”افسانو يا ڪهاڻي نثر جي هڪ اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ جڳهه، وقت، ڪردار، ماحول، واقعو وغيره. سڀ فرضي هوندا آهن، پر انهن ۾ موجود موضوع حياتيءَ جي فلسفي کي اهڙي نموني ظاهر ڪن ٿا، جو سچائي محسوس ٿئي. افسانو يا ڪهاڻي انساني تمنائن ۽ احساسن، جذبن ۽ سماجي حالتن ۽ واقعن جي عڪاسي ڪري ٿي، جيڪي زندگيءَ جي حقيقتن جي ويجهو هجن. جيڪڏهن اسان سنڌي ادب جي شروعاتي دؤر تي نظر وجهون ته اٽڪل اڌ صدي اڳ ۾ افسانه نگاريءَ تي خاص ڌيان ڏنو ويو. جديد سنڌي ادب ۾ افساني بدران ڪهاڻيءَ جو نالو قائم ٿيو آهي.“ (ملڪاڻي، 1977: 32)

ڪهاڻي ڇا آهي؟ اهو طويل بحث آهي، ڪهاڻي هڪ فن آهي، جنهن ۾ تخليقڪار جي تخيل جي اعلى صلاحيت آهي. ڪن ماڻهن جي راءِ موجب انسان جي زندگي پنهنجي اندر ۾ هڪ ڪهاڻي آهي. انسان جڏهن پنهنجي شعور جي اک کولي ٿو ته هو پنهنجي چوڌاري ڪهاڻي ڏسي ۽ محسوس ڪري ٿو. انساني احساسن، جذبن، خوابن، اميدن ۽ حقيقتن، وڏن ننڍڙي ننڍن حادثن، واقعن، مصيبتن ۽ چئلينجن، مختلف رشتن ناتن، ڪهاڻيءَ جو پورو رنگ پيش ڪيو آهي. ان ڪري مختلف اديبن ۽ محققن جي نظريي مطابق ڪهاڻيءَ کي انسان جي جيون ان جي تهذيب ۽ تمدن؛ ترقي - عروج ۽

زوال کان ڪنهن به صورت ۾ جدا نٿو ڪري سگهجي. مشهور آمريڪي ڪهاڻيڪار ايڊگر ايلن پو (Edgar Allan Poe) جو چوڻ آهي ته ”ڪهاڻي اها آهي جنهن ۾ ڪو وڏو خيال يا واقعو، مادي يا روحاني هجي، جيڪا هڪ ئي نشست ۾ مڪمل ٿي سگهي. جيڪو اصل هجي، جيڪو انسان کي حرڪت ۾ آڻي ٿو، مٿس اثر ڇڏي ٿو ۽ بنيادي ڳالهه اها آهي ته ان ۾ ڪا به شيءِ غير ضروري نه آهي ۽ اهو فن جو هڪ قيمتي حصو آهي.“ (انسائڪلوپيڊيا سنڌيانا) ڪيترائي نقاد محسوس ڪن ٿا ته ڪهاڻيءَ جو فن فوٽوگرافي جي ويجهو آهي. ڪيترن کي وري اهو محسوس ٿئي ٿو ته ڪهاڻي مصوري يا چٽر ڪاهڻ جي ويجهو آهي. ”انساني ارتقا ٻڌائي ٿي ته ڪهاڻيءَ جي شروعات بصري طريقي سان ٿي. شروع وارو انسان پنهنجا ويچار غارن جي ڀتين تي مختصر تصويرون ٺاهي ڪندو هو. اڄ به دنيا جي ڪيترن ئي قديم غارن ۾ ان ڳالهه جا ثبوت موجود آهن. بعد ۾ جڏهن انسان ڳالهائڻ سکيو ته ان ڪهاڻيءَ ٻڌائڻ جو ميڊيم پڻ تبديل ڪيو. هاڻي هو زباني ڪلامي ڪهاڻيون ٻڌائڻ لڳو. جيڪي بعد ۾ سيني به سيني روايتن جي روپ ۾ هڪ نسل کان ٻئي نسل ۾ منتقل ٿينديون رهيون. بعد ۾ اهي ڳالهيون جڏهن اسڪرپٽ جي ايجاد ڪانپوءِ لکڻ جي صورت آيون ته پڙهندڙ ان مان وڌيڪ محضوض ٿيڻ لڳا. تان جو ڪهاڻيءَ باقاعده طور هڪ فن جي صورت اختيار ڪري ورتي“ (**Mendoza**,2015)

### 3.1.1. ابتدائي طور زباني روايتون

زباني ڪلامي روايتن طور ڪهاڻي ٻڌائڻ جو تعلق ثقافت جي لحاظ کان تاريخ جي مختلف هنڌن تي رهيو آهي. هي روايتون ابتدائي طور گيتن جي شڪل ۾ هيون، جن کي استعمال هيٺ آڻي ڪهاڻيون ٻڌايون وينديون هيون ۽ پوءِ اهي ڪهاڻيون هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين منتقل ٿينديون رهيون. سيني به سيني شاعريءَ جي صورت محفوظ ٿيل اهي ڪهاڻيون اڳتي هلي لکت جي صورت ۾ آنديون ويون. قديم قبيلا جيڪي اڄ به پنهنجون روايتون سانڍيندا پيا اچن، انهن ۾ ڪهاڻي ٻڌائڻ جو ساڳيو رواج چالو آهي. قبيلن ۾ ڪهاڻيون ٻڌائڻ جا وقت اهي موقعا هوندا هئا، جنهن ۾ قبيلي جا فرد غمي يا خوشيءَ جي سببن ڪري هڪ ٻئي سان ميل ميلاپ ڪندا هئا. هن سڄي عمل ۾ اهي ڪهاڻي ٻڌائڻ واري شخص تي منحصر هوندو هو ته هو ڪهڙي طرح موسيقي ۽ شاعريءَ جي سنگم سان ڪهاڻيون ٻڌائي ٿو. اهو ڪهاڻيءَ جو ارتقائي عمل هو، جيڪو اڄ به ڪنهن نه ڪنهن صورت جاري آهي.

### 3.1.2. لکت ۾ لفظ

ڪهاڻيءَ جا لفظ لکت جي صورت ظاهر ٿيڻ جا نشان اڄ به شاهدين جي صورت ۾ موجود آهن. بابل جي قديم سڀيتا هجي يا سنڌو نديءَ جي ڪناري تي رهندڙ انساني آبادي يا دنيا جي مختلف علائقن اندي جابلو علائقن ۾ غارن تي ٺهيل نقش نگار يا پٿر تي اڪريل صورتون پاڻ ڪهاڻيءَ جو هڪ روپ آهن ۽ زماني سان گڏ انهن صورتن ۾ تبديلي آئي، انساني سماج ۾ ٻوليءَ سان گڏ اسڪرپٽ پڻ تبديل ٿيو. ”هن وقت جيڪو رسم الخط استعمال ڪيو پيو وڃي. اهو اصل ۾ پراڻين شڪلين کان ئي ورتو ويو آهي. جيئن 'فونيشين' رسم الخط وغيره. زباني ڪلامي کان تحرير جي صورت ۾ ڪهاڻيءَ اندر هڪ وڏو چال هو. ان جي پڪي ثابتي يونانين وٽان ملي ٿي. جتي قديم ترين لکڻيون 770 کان 750 قبل مسيح جي وچ تي ملن ٿيون. محققن موجب هومر جو 'الياڊ' يوناني ٻوليءَ ۾ سڀ کان پراڻو ڪم آهي.“ (Poe, 1984: 566) يونانين ۾ هي دؤر پڻ زباني روايتن جو دؤر ليکجي ٿو، ڇاڪاڻ ته يونان جي سڄي آبادي پڙهيل لکيل ڪو نه هئي جو تحريري ڪهاڻين کي پڙهي سگهي، جنهن لاءِ وري يونانين ڊرامي جو بنياد وڌو.

### 3.1.3. پرنٽنگ پريس جو وجود

ڪهاڻي يا ٻيو ڪو پيغام پهچائڻ جو انساني تاريخ ۾ ٻيو وڏو چال وڏي پئماني تي پرنٽنگ پريس جو وجود ۾ اچڻ هو. جنهن جي اچڻ ڪانپوءِ خبرن توڻي ٻي معلومات ماڻهن تائين آسانيءَ سان ميسر ٿي. پرنٽنگ پريس جي ڇپائيءَ ڪانپوءِ عام ماڻهن ۾ پڙهڻ لکڻ جو رجحان وڌيو. ”پندرهين صديءَ ۾ جوهانسن گٽن برگ ڪي پرنٽنگ پريس جو مؤجد سمجهيو ويندو آهي، پر ان کان ڇهه سو سال اڳ چين ۾ ماهرن پرنٽنگ پريس جو هڪ اهڙو ميڪنزم جوڙيو هو، جنهن ۾ ڪاٺ جا بلاڪ استعمال ڪندي مَسُ کي ڪاغذ تي سيٽ ڪيو ويو هو.“ (David A., 2012: 133–163)

### 3.1.4. ٽيڪنالاجي ۽ ميڊيا

ٽيڪنالاجيءَ ۽ ميڊيا جي استعمال ڪهاڻيءَ ٻڌائڻ جي جديد طريقن کي متعارف ڪرايو. هاڻي ڪهاڻيون ڪئين ٻڌايون وڃن ٿيون؟ ارڙهين صديءَ جي آس پاس شروع ٿيندڙ ٽيڪنالاجي: ڦوٽو گرافي، موشن پڪچرز، ٽيلي فون، ريڊيو، ٽي. وي حقيقي طور ڊجيٽل ميڊيا، موبائيل ميڊيا، ۽ سوشل ميڊيا جي تخليق ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. هن وقت مواصلات جو سڀ کان سگهارو ذريعو سوشل ميڊيا جي صورت ۾ آهي.

## 3.2. مختصر ڪهاڻي ڇا آهي؟

هڪ مختصر ڪهاڻي نثري افساني جو هڪ حصو آهي. عام طور جنهن کي هڪ ويهڪ ۾ پڙهي سگهجي ٿو. اصل ۾ هي هٿ جو ٺهيل واقعو هوندو آهي يا ڪنهن ڏٺي واقعي جي هڪ ڪڙي به ٿي سگهي ٿي. مختصر ڪهاڻي پنهنجي ذات ۾ هڪ تخليقي صورت آهي. جيتوڻيڪ هن وقت تائين مختصر ڪهاڻيءَ تي تمام گهڻي تحقيق ٿي چڪي آهي، پر ان ڳالهه جي قطعي وضاحت ته مختصر ڪهاڻي ڇا کي چئجي ٿو؟ ضرور ڪجهه ڏکيائن جو شڪار آهي! عام طور ايڊگر ايلن پو جي هڪ مضمون `The Philosophy of Composition` جيڪو 1984 ۾ لکيو ويو هو. ان ۾ هڪ نڪتو بيان ڪيو؛ جيڪو گهڻو ڪري اڄ به ڪهاڻيءَ جي تشريح لاءِ پيش ڪيو ويندو آهي ته ”مختصر ڪهاڻيءَ جي تعريف هي آهي ته اها هڪ ئي ويهڪ ۾ پڙهڻ جي قابل هجي.“ *(Poe)* ايڇ.جي ويلز لکيو ته ”مختصر ڪهاڻي لکڻ هڪ آرٽ آهي، جيڪو ڪنهن به شيءِ کي تمام گهڻو متحرڪ ۽ چمڪدار بڻائي ٿو. پوءِ اهو خوفناڪ به ٿي سگهي ٿو ته رحم جوڳو به ته روشن خيال به ٿي سگهي ٿو. هي آرٽ تحرير جي صورت ۾ هجي ۽ ان ۾ پندرهن کان ڪان پنجاهه منٽ لڳڻ گهرجن.“ (Hammond, 1992:) وليم فاڪنر ان حوالي سان لکيو ته ”هڪ مختصر ڪهاڻي، هڪ ڪردار تي ٻڌل هوندي آهي ۽ ليکڪ جو ڪم آهي، پنو پين ڪٽي ان جي پويان هلندو رهي، جيئن اهو ڪردار جهڙي ريت ڪري يا چئي ان کي پيش ڪري سگهي!“ (Gulnaz, 2012: 2-3) ڪجهه ليکڪن جو استدلال آهي ته هڪ مختصر ڪهاڻي، سخت صورت جي هجڻ گهرجي، معنى ان ۾ لچڪ نه هجي. سمرسيٽ ماهم جو خيال هو ته ”هڪ مختصر ڪهاڻيءَ جي خاص بڻائن هجڻ گهرجي. جنهن ۾ هڪ نڪتو شروعات جو هڪ نڪتو عروج جو ۽ هڪ نڪتو پڇاڙي جو هجڻ گهرجي. مقصد ته ان مختصر ڪهاڻيءَ ۾ هڪ مڪمل پلاٽ هجڻ گهرجي.“ (Gulnaz, 2012:2-3) هيو والپول جو چوڻ هو ته ”هڪ ڪهاڻي کي ڪهاڻي ئي هجڻ گهرجي؛ واقعن سان ڀريل شين جو رڪارڊ، تيز رفتار حرڪت، غير متوقع ترقي، جنهن سان سسپينس عروج تي پهچي ويندو آهي آخر ۾ هڪ مطمئن ڪندڙ احساس پيدا ٿيو پوي.“ (Gulnaz, 2012:2-3) يورپ ۾ 1880 جي ڌاڪي کان شارٽ اسٽوري يا مختصر ڪهاڻيءَ جو اصطلاح پنهنجي جديد معنى جي ويجهو ٿيو. 20هين صدي جي شروعات ۾ مختصر ڪهاڻيءَ تي وڏي پئماني تي تجربا ڪيا ويا. جنهن وري ڪجهه مونجهارا پڻ پيدا ڪيا. مثالطور: مختصر ڪهاڻيءَ جي مڪمل تعريف ڪهڙي هجي؟ ان ۾ ڪافي رڪاوٽون پيدا ٿيون. جيئن ڊگهيون ڪهاڻيون، جن کي ناول جي خاني ۾ فٽ نه پئي ڪيو ويو، انهن کي ڪهڙو نالو ڏجي؟ پوءِ ڪٿي اهي ناويلا ته ڪٿي ناوليٽ سڏجڻ ۾ آيون!

### 3.2.1. مختصر ڪهاڻيءَ جي ٻيگهه

ٻيگهه جي لحاظ کان مختصر ڪهاڻيءَ ۾ هڪ هزار کان چار هزارن تائين لفظن جو استعمال ٿئي ٿو. اهڙي طرح جديد افسانوي ادب ۾ ڪنهن جاءِ تي مختصر ڪهاڻيءَ جي ڊگهائي پندرهن سؤ لفظن تائين مقرر ڪئي آهي. هڪ هزار کان گهٽ لفظن جي ڪهاڻيءَ کي مختصر _ مختصر ڪهاڻي يا فليش فڪشن چيو وڃي ٿو. مختصر ڪهاڻين جي ڪا خاص ٻيگهه طئي ناهي هوندي. لفظن جي ڳڻپ جي لحاظ کان هڪ مختصر ڪهاڻي ۽ هڪ ناول جي وچ ۾ ڪا حد بندي مقرر ناهي هوندي.

ان دؤر ۾ جتي ادب زندگيءَ جي عميق رازن کي ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو يا جيڪو معاشري جي تهذيبي وهڪرن کي تيز ڪري ٿو. ان جي مڙني صنفن ۾ ڪهاڻيءَ کي خاص حيثيت حاصل آهي. اها ڪهاڻي ئي آهي، جنهن ۾ انساني احساسن ۽ امنگن جي حقيقي تصوير سامهون اچي ٿي. ڪهاڻيءَ جي پلاٽ ۾ هر قسم جا عڪس شامل ڪري سگهجن ٿا. باطني ۽ خارجي جو ميلاپ، زمان ۽ مڪان جو پورو احساس، ماڻهن جي فطرت جي مختلف عنصرن جي تفهيمَ، انساني حياتيءَ جي مقصدن جي تشريح، افساني کان وڌيڪ ڪٿي به نه ملندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو هر دور جي زندگيءَ ۽ سماجي اسلوب جي عڪاسي افسانن ۾ ٿئي ٿي، جيڪا نه رڳو ادب جو اهم حصو بڻجي ٿي، پر ثقافتي قدرن جو به اهم حصو بڻجي ٿي. ان قسم جي ڪهاڻيءَ کي سنڌيءَ ۾ مختصر ڪهاڻي ۽ افسانو به چيو وڃي ٿو. انگريزيءَ ۾ افساني کي فڪشن چئبو آهي. انگريزي لفظ 'فڪشن' جي وضاحت ڪجهه هن ريت بيهي ٿي:

## 3.2.2. Fiction لفظ جي معنى ۽ مفهوم

- Fiction

"The class of literature containing the works of ingenious descriptions, particularly in prose form.

(Dictionary. Com. 2017)

افسانوي ادب، قصو ڪهاڻي جيڪو حقيقي نه هجي. **(لڪياري 2006ع، 326)**

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي مطابق ماخذ ڪيل هڪ ناول يا ننڍي آکاڻيءَ کي افسانو چئجي ٿو. "دي ورلڊ بوڪ آف انسائيڪلو پيڊيا ۾ افساني جي وصف هن ريت ڏنل آهي ته افسانو هڪ ادبي پارو آهي، جيڪو ڪنهن به حڪايتي انداز ۾ لکيل ٿي سگهي ٿو، مگر خالصتن حقيقت تي مبني نه هوندو آهي. (عرساڻي، 1982: 65)

لفظ **Fiction فڪشن** جي معنى ۽ مفهوم ڄاڻڻ کانپوءِ ڪجهه وڌيڪ وضاحتون سامهون اچن ٿا؛ جن ۾ هڪ خيالي شيءِ يا واقعو، تصوراتي بيان خاص ڪري ادب جي نثري شڪل صورت ۾ يا جڙتو يا خيالن جي بنياد تي گهڙيل ڳالهه ، جيڪا ڪنهن به دليل يا وضاحت لاءِ ناهي وڃي، ناول، تصوراتي واقعن جي اظهارجو اهڙي تسلسل سان بيان جو ٻڌندڙيا پڙهندڙ جي ذهن تي ڪجهه لحزن جواثرڇڏيو وَڃي، ڪا غيرفطري ڳالهه، خيالي واقعن تي ٻڌل ڪهاڻين جا ڪتاب ۽ حڪايتي انداز ۾ لکيل افسانا شامل آهن.

ادب جي هڪ ادنى شاگرد هئڻ جي حيثيت سان پاڻ اها ڳالهه بخوبي ڄاڻون ٿا ته ادب جا به وڏا پاڳا هوندا آهن؛ هڪ نثر ۽ ٻيو نظم. فڪشن مان مراد وري نثر جو اهو حصو ورتو وڃي ٿو، جنهن ۾ ڪهاڻيون جوڙيون وينديون آهن.

مٿي ڄاڻايل هڪ نُڪتي موجب اهي ڪهاڻيون اصل ۾ تصوراتي بيان هونديون آهن، ڄاڻايل نُڪتو پڙهڻ کانپوءِ ذهن ۾ ڪيترائي سوال اپريو اچن ٿا، جن ۾ هڪ هي به آهي ته ڇا ڪهاڻيون فقط تصوراتي هونديون آهن يا انهن جو حقيقت سان ڪو تعلق ناهي هوندو؟ اهڙا سوال پيدا ٿيڻ کانپوءِ مٿئين بيان ۾ جهول نظر پيواچي ٿو، ان ڪري فقط اهو چوڻ ته فڪشن مان مراد 'تصوراتي بيان، خاص ڪري ڪهاڻين جي صورت' ۾ هجي ته اها ڳالهه فڪشن جي جزوي تشريح ته ڪري ٿي، پر مڪمل سمجهاڻي نه ٿي ڏئي سگهي.

فڪشن بابت فرانسسي اسڪالر البرٽ ڪامو جو قول آهي ته "**Fiction is the lie through which we tell the truth**." (Camus. 2017) (https://www.good.reads.com/quotes/51889)

ترجمو فڪشن، اهو ڪوڙ آهي، جنهن جي معرفت سان اسان سچ ڳالهائيندا آهيون. هن قول مان البرٽ ڪامو جي مراد واضح آهي، ته فڪشن ۾ سچ هوندو آهي، پر ان سچ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪوڙ جوبنيادي سهارو ورتو ويو ٿو، تنهن ڪري مٿئين بيان سان اختلاف رکندي هي نوٽ لکجي ٿو ته حقيقي ڳالهين جي بنياد تي گهڙيل جڙتو ڳالهه کي فڪشن چئجي ٿو؛ اهو پڻ ته بنيادي طرح فڪشن، ڪهاڻين جو نالو آهي ۽ ڪهاڻيون دليل، وضاحت، يا پنهنجي ڳالهه کي زور وٺرائڻ لاءِ استعمال ٿينديون رهيون آهن، جنهن لاءِ اهو چوڻ ٺيڪ رهندو ته، البرٽ ڪامو جو قول 'فڪشن' جي ڪافي حد تائين درست تشريح ڪري ٿو، جڏهن ته وري به اها راءِ رکجي ٿي ته 'فڪشن' حقيقي واقعن خيالن ۽ جذبن کي جڙتو انداز ۾ پيش ڪرڻ جو نالو آهي، جيڪو انساني امنگن احساسن ۽ اڻ پورين ڳالهين جي فلسفي بيان ڪرڻ جي ڪوشش جو طريقو آهي. اها پڻ حقيقت آهي ته 'فڪشن' ادب جي نثري صورت آهي، جنهن ۾ ناول، مختصر ڪهاڻين ۽ 'فليش فڪشن' بين لفظن ۾ آکاڻيون اهم جاءِ والارين ٿيون، بئي پاسي داستان، قصا، ڳالهيون وغيره. آهن، جيڪي پڻ فڪشن جي دائري ۾ آهن. جيئن ته هڪ ناول ڪنهن ڪردار جي پوري زندگيءَ جي عڪاسي يا ترجماني ڪندو آهي ان صورت ۾ ته گهٽي حد تائين تشريح ٺيڪ آهي، پر ڇا رڳو ناول ئي نثر هوندا آهن؟ شارٽ اسٽوري ۽ 'فليش فڪشن' به نثر ۾ ليکجن ٿا، ته پوءِ اهو نُڪتو اڻپوري سمجهاڻي ڏيندي نظر اچي ٿو. اهڙي ريت فڪشن کي جيڪڏهن جديد ۽ قديم ۾ ورهايووجي ته مٿيون نڪتو ٺهڪي اچي ٿو، ڇاڪاڻ ته قديم ادب، جنهن ۾ قصا، داستان، نيم تاريخي داستان وغيره. شامل هوندا آهن؛ انهن ۾ غيرفطري يا مافوق الفطرت ڳالهيون شامل ڪيون وينديون هيون، جڏهن ته جديد ادب ۾ عين فطرت مطابق ڳالهيون شامل ڪيون وڃن ٿيون، ڪابه ڪهاڻي پڙهي فقط هڪ تبصرو ته "ائين ته ناهي ٿيندو؟" سچي ڪهاڻيءَ جي حيثيت ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي ٿي سگهي ٿو.

فڪشن ۾ زندگيءَ جون سچايون شامل هونديون آهن، اهي رڳو خيالي واقعا ناهن هوندا ان ڪري مٿئين نُڪتي سان اختلاف رکجي ٿو. نُڪتي جو ٻيو حصو جنهن ۾ ڪتابن جو ذڪر آهي؛ سا تشريح به اڻپوري لڳي پئي. ڇا نثر صرف اهو آهي جيڪو ڪتابن ۾ لکيل هجي؟ ڪتابن کان ٻاهر سيني به سيني جاري روايتون به ته نثري ادب ۾ ليکجن ٿيون، يا حڪايتي انداز ۾ لکڻ، نثر جو هڪ قسم ضرور آهي باقي سچي فڪشن کي حڪايت لکڻ يا حڪايتي انداز سان بيان ڪرڻ، سو نُڪتو تشريح تي ٺهڪي نه ٿو اچي. اهڙي طرح فڪشن بابت جڙندڙ راءِ کي سامهون رکجي ته ڪجهه خاص نُڪتا اڳيان اچن ٿا، جهڙوڪ: فڪشن کي جديد ۽ قديم طرز جي ٻن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. قديم فڪشن ۾ تصوراتي ۽ خيالي ڳالهيون شامل هونديون آهن، جڏهن ته جديد فڪشن، حقيقتن۽ سچائين تي ٻڌل ڳالهين جي مجموعي جو نالو آهي، جنهن کي جڙتو ويس پارائي ظاهر ڪيو وڃي ٿو. جديد فڪشن جون ڪيتريون ئي صنفون آهن جن ۾ ناول ۽ مختصر ڪهاڻي نمايان ۽ اول درجي تي آهن. جديد فڪشن، زندگيءَ جي حقيقي نمائندگي ڪري ٿو، جديد فڪشن ۾ مافوق الفطرت ڳالهيون فقط تشبيهه ۽ استعاري طور ڪم آنديون وڃن ٿيون. جديد فڪشن ۾ ڪنهن به جاءِ تي اهو اعتراض جي گنجائش ناهي ته 'ائين ممڪن ناهي!

## 2.1.1. افسانوي ادب جي ابتدا

انساني رهڻي ڪهڻي جي شروعاتي ڏينهن ۾ جڏهن ماڻهو سڄي ڏينهن جي ڪم ڪار کان واندا ٿي گهر پهچندا هئا ته اهي سڄي ڏينهن جون ڳالهيون ٻين سان ونڊ ڪندا هئا يا هڪ ٻئي کي دلچسپ قصا يا بهادري جا واقعا ٻڌائيندا هئا ته جيئن سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ ختم ٿي سگهي. اهڙيءَ طرح انهن روز ٿيندڙ گڏجاڻين ۽ ڪچهرين ۾ ڪيئي دلچسپ قصا ۽ واقعا به شامل ڪيا ويا، جيڪي اڳتي هلي ڳالهه، آکاڻي، قصي، داستان وغيره. جو بنياد بڻجي ويا. اهو سلسلو اڄ به برقرار آهي، گهر جا ڪراڙا، ٻارن کي وندرائڻ يا کين سمهارڻ لاءِ اڪثر پرين، جنن ۽ بادشاهن جا قصا ٻڌائيندا آهن ۽ اهو ڪردار اڪثر ڏاڏيون ۽ نانيون ادا ڪنديون آهن.

اج به ٻهراڙين ۾ سياري جي طويل راتين ۾ گهڻو ڪري ٻاهر اگڻ تي گهر جا وڏڙا توڏي نندا وڏو مچ مچائي گرمي جو مزو ورتو ويندو آهي. ان مچ ڪچهريءَ ۾ هڪ ٻئي کي وندرائڻ لاءِ قصا ۽ ڪهاڻيون پيا ٻڌائيندا آهن. انهن مان پوڙها ماڻهو، جن وٽ سگهڙائپ جو هن هنر به هوندو آهي، آکاڻين ۽ قصن ۾ بيت، پروليون ۽ هنر جو استعمال پڻ ڪندا آهن، اهڙي عمل ڪي نتيجي ۾ لوڪ ادب پيو وڌندو آهي. مشهور ليکاري اشتياق انصاريءَ 'انيس انصاري پنهجي ڪتاب: فن ۽ شخصيت' ۾ لکيو آهي ته: "ٻهراڙيءَ جا پوڙها ماڻهو، جيڪي اڪثر سگهڙ پڻ هوندا آهن، اهي انهن ڪهاڻين ۽ قصن ۾ شعر، پروليون ۽ هنر پڻ ڪتب آڻيندا آهن ۽ ائين لوڪ ادب جي خزاني ۾ واڌارو ايندو ويندو آهي. ناليوارو ليکڪ اشتياق انصاريءَ 'انيس انصاري پنهجي ڪتاب: فن ۽ شخصيت' ۾ اهڙين ڪهاڻين جي بابت لکي ٿو ته: "دنيا جي هر علائقي اندر سوين سالن کان اهڙيون ڳالهيون ٻڌايون ۽ ٻڌيون وينديون آهن، جيڪي هوريان هوريان ادبي صورت اختيار ڪنديون آهن. زمين تي ڪا به زبان اهڙي ناهي، جنهن جون پنهجون لوڪ ڪهاڻيون، قصا، داستان نه هجن. اهو ئي سبب آهي جو هر ٻوليءَ اندر ڪهاڻيءَ جون پاڙون صدين کان پکڙيل آهن." (انصاري، 2008:)

ڪهاڻيءَ بابت جيڪڏهن ڪنهن عام انسان کان پڇيو وڃي وڃي ته هو پنهنجي ٻاروتڻ ۾ پنهنجي ڏاڏيءَ يا نانيءَ جي ٻڌايل قصن، آکاڻين ۾ پوتن، پرين، جنن، بادشاهن، وزيرن يا ديون جي ڳالهه يقينن ڪندو، چاڪاڻ ته ڪهاڻيءَ جو عام ماڻهوءَ سان تعلق هميشه دلچسپيءَ وارو رهيو آهي. هر زماني ۾ ماڻهن جي ڌيان جو مرڪز ۽ محور رهندي پئي آئي آهي.

جنهن جو ثبوت مختلف مذهبي ڪتب ۾ قديم قصا ۽ داستان آهن، جن کي مذهبي تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ مثال طور استعمال ڪيو ويو آهي. قدامت جي حوالي سان اڳوڻن مذهبي ڪتابن، جهڙوڪ: بائيبل ۾ موجود ڪهاڻيون، مهاڀارت ۽ رامائن جا داستان، رگ ويد جا قصا ۽ قرآن پاڪ ۾ گذريل نبين ۽ ٻين ماڻهن جون اتهاسي ڳالهيون ۽ قصا موجود آهن، جيڪي ان سلسلي جا مثالي ثبوت آهن؛ چوته ڪهاڻي هر دؤر ۾ ڪنهن نه ڪنهن صورت ۽ روپ ۾ موجود رهي آهي. ڪهاڻي جي اصليت لاءِ مشهور ڪهاڻيڪار نجم عباسي، ڪتاب 'ڪهاڻيءَ جو قافلو' ۾ لکيو آهي: "ڪهاڻين جا ابتدائي روپ، مطلب داستان ۽ قصا زباني ڪلامي طور ٻڌائڻ جو فن هو. ڪهاڻي 'ڪهڻ' مان ورتل آهي، جنهن جي معنى بيهندي 'زباني چوڻ' ان کي ڳالهه به چئبو آهي. ڳالهه مان وري نڪتل آهي 'ڳالهائڻ'، جنهن جو مطلب ۽ مفهوم پڻ ساڳيو يعني زباني طور نڪري ٿو. وري لفظ 'آکاڻي' 'آکڻ' مان ورتو ويو آهي، جنهن جي مراد به ساڳي بيهي ٿي. جيڪڏهن ڪهاڻيءَ لاءِ اسان هيئن چئون ته ڪهاڻي اصل ۾ 'زباني ڳالهه' هئي ته به گهٽ نه ٿيندو." (عباسي، 1985، 58)

البرٽ ڪامو، سچ جي ڳالهائڻ لاءِ 'فڪشن' کي ئي وڏو سهارو سمجهي يا تصور ڪري ٿو. فڪشن ۾ هڪ ليکڪ اهي سڀ ڳالهيون به بي باڪيءَ سان بيان ڪري ٿو، جيڪي حقيقي زندگيءَ ۾ چوڻ تمام گهٽيون ڏکيون سمجهيون وڃن ٿيون؛ جنهن لاءِ چئي سگهجي ٿو ته فڪشن جي سماج ۾ هڪ ته اهميت گهڻي آهي، ٻيو ان جي ڪري ادب جو سماج لاءِ ڪارج، ڪارائتو ثابت ٿئي ٿو. ساڳي موضوع تي هڪ پيري هيلري مينٽل چيو هو ته:

"Some of these things are true and some of them lie. But they are all good. stories." (Mantel 2017) https:///www.good.reads.com/quotes/699580-some-of-

فڪشن بابت هيلري مينٽل جي ڳالهه سموري بحث جو نچوڙ آهي سندس مطابق ڳالهيون ڪهڙيون به هجن سچ يا ڪوڙ، پر آهن ته ڪهاڻيون ئي؛ مطلب ڪهاڻيون، سماج جي تحرڪ جو نالو آهن. سماج جي هر اٿل پٿل ڪهاڻيون ئي محفوظ ڪريو ڇڏين ٿيون؛ ايتري تائين جو ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو ته: "ڪنهن به سماج ۾ جڏهن به ڪا تبديلي محسوس ڪئي ويندي آهي، تڏهن اُن تبديلي جو اظهار خود به خود، اُن دؤر جي علم ادب ذريعي ٿي ويندي آهي. اهڙي تبديليءَ جي اظهار جو ثبوت، اُن دؤر ۾ لکيل ڪهاڻين، مضمونن، ڪالمن، ناولن، ناٽڪن، ۽ شعري صنفن ۾ نظر ايندو آهي." (الانا، 1984، 14)

حقيقي طور ادب، سماج جو مکيه عڪس ۽ آئينو آهي. هڪ اديب هڪ ڪهاڻيڪار، يا هڪ شاعر ڪنهن به صورت معاشري جو مکيه ذريعو آهن جن کي ڪنهن به صورت معاشري کان الڳ

ٺلڳ نه ٿو رکي سگهجي. اهي جيڪو به محسوس ڪن ٿا ان کي لفظن جي لباس ۾عام ماڻهوءَ اڳيان آڻين ٿا. اهي هر مسئلي تي قلم کڻن ٿا. اهي هر معاملي تي لفظ لکڻ جي صورت ۾ آواز بلند ڪن ٿا. ڪوبه اديب پنهنجي آس پاس جي ماحول کان بي خبر ٿي نه ٿو رهي سگهي. جنهن جي ڪري ئي سماج لاءِ ادب جو ڪارج ناگزير آهي.

### 3.2.3. ڪهاڻيءَ جي اهميت

ڪهاڻي ادب جو هڪ وڏو حصو هجڻ جي ڪري سماج لاءِ ڪهاڻين جو هجڻ، ان جو ڪارج به اٽل حقيقت آهي. ڪهاڻيون ڇا آهن ۽ ڇو آهن؟ جي سوال کي اڳيان رکندي ڪهاڻين بابت ٻيهر ورجاءُ ڪجي ٿو، جيئن ڳالهيون چٽيون ۽ واضح ٿي بيهن.

ڪهاڻيءَ جي شروعات بابت گهڻو ڪري سيني عالمن ۽ مفڪرن جي بيانن ۾ هڪجهڙائي ملي ٿي، جيڪي هيٺ ترتيب سان پيش خدمت ۾ رکجن ٿا:

**ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي:** ”قديم انسان کي گذران ۽ معاش لاءِ گهڻي جدوجهد، ڊڪ ڊوڙ ڪرڻي پوندي هئي، شڪار تان واپس گهر پهچڻ کان پوءِ هن مهم جوئي ۽ هڻ هٽان کان وٺي پنهنجي بهادري جو ذڪر پنهنجي ساٿين سان فخر ۽ غرور مان ڪيو هجي، ائين به هوندو ته فرصت جي وقت همدرديءَ طور هن اهڙو اظهار پاڻ جهڙن هم جنسن سان ڪيو هجي، بس اتان ئي افساني جي شروعات ٿي سگهي ٿي ! حقيقت ۾ ٻوليءَ ۽ قصه گوئي ۾ رڳو هڪ وک جو فاصلو ئي آهي.“

**شيخ اياز:** ڪهاڻيءَ جي تاريخ ۽ انسان جي تاريخ ايئن قديمي آهن، جيئن هڪ ندي جو وهڪرو، هر ڪهاڻي ماحول جي زيرِ اثر هيٺ آهي، ۽ اردگرد جي ماحول جي پيداوار آهي.“

**ڪيرت** ٻاٻاڻي: اها ڳالهه مڃڻ ۾ حيرت جي ڳالهه ناهي ته ڪهاڻي تڏهن شروع ٿي جڏهن انسان گوڏن ڀر هلڻ سکيو.

**سر رچرڊ برٽن: جيئن ته اهي افسانا سچي دنيا کي پيارا آهن، ان ڪري حيرت جي ڳالهه ناهي ته ڪهاڻيءَ جي شروعات تڏهن ٿي جڏهن انسان پنهنجي پيرن تي بيهڻ سکيو.**

**سيد سبط حسن:** بچپن سے ہی بچوں کو بتایا جاتا تھا کہ بہادری، خوف خدا، مہمان نوازی، مہم جوئی، راستبازی اور عدل و انصاف اچھی صفات ہیں اور ان اوصاف کو اپنانے سے انسان سرخرو اور کامیاب ہوتا ہے، اس کے برعکس لوگ ظلم و تشدد سے پاک ہوتے ہیں۔ قتل و غارت گری اور لوٹ مار بری چیزیں ہیں، یہ انسان کو ذلیل و رسوا کر دیتی ہیں، چنانچہ ان کہانیوں کی سب سے بڑی خوبی اور سب سے بڑی خوبی یہ تھی کہ ہزاروں آفتیں جھیلنے اور لاکھوں آفتوں میں مبتلا ہونے کے بعد آخر کار فتح انسان کی ہی ہوتی ہے۔

**ڊاڪٽر تهمينه مفتي:** ڪهاڻي، انسان جي پيدائش سان وجود ۾ آئي. منهنجي خيال ۾ ڪو واقعو، حادثو يا منظر ضرور ذهن جي اسڪرين تي انساني اک جي ڪئميرا سان رڪارڊ ٿيو هوندو، ان کان پوءِ مشاهدي ۽ احساس جي شدت افسانو پيدا ڪيو هوندو. ڪائنات جي خالق، آدم ۽ حوا کي پيدا ڪيو. اها تخليق پنهنجي ترتيب مطابق هڪ ڪهاڻي بڻجي وئي. انسان ۽ شيطان، ملائڪ، چڱائي، برائي، بغاوت ۽ ندامت، عذاب ۽ عذاب جي هن ڪهاڻيءَ ۾ شروعات ۽ پڇاڙي به......“ (ريحانه، 2015: 6) ان ڳالهه تي دنيا جا سڀ عالم ۽ اڪابر اتفاق راءِ رکن ٿا، ته ڪهاڻيءَ جو وجود انساني ارتقا ساڻ آهي؛ ايتري تائين جو الهامي ڪلامن ۾ به قصن ۽ ڪهاڻين کي بنياد بنائي انسانن کي صحيح رستي تي هلڻ جو تاڪيد ڪيو ويو آهي. بس جيڪڏهن ڪهاڻين جي تڪڙي ارتقا ۽ ترويج جو فرق آهي، ته اهو فرق سراسر جاگرافيائي ۽ تاريخي سببن جو حامل هوند آهي، مثال طور: زراعت کي دنيا جو اوائلي ڪرت تسليم ڪيو وڃي ٿو. جن سماجن ۾ زراعت جو ڏنڌو رهيو، اتان جي ماڻهن جي سوچ ۽ طبيعت ٻين معاشرن کان ڪجهه الڳ رهي آهي. نتيجي ۾ جڏهن ڪهاڻيءَ جي تاريخ ڳولهجي ٿي ته زرعي معاشرن ۾ ڪهاڻيون تمام گهڻي تعداد ۾ ملن ٿيون. سنڌ جو خطو زراعت جي لحاظ کان شاهوڪار رهيو آهي ته سنڌ ۾ ڪهاڻيون نه صرف گهڻي انگ ۾ موجود آهن پر تاريخ جو ماخذ پڻ آهن.

## 2.1.2. سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيءَ جي شروعات

جهڙي ريت دنيا جي مختلف تهذيبن ۾ ڪهاڻيءَ جي ابتدا ٿي. سنڌو سڀيتا جي شاهوڪار تهذيب ۾ به ڪهاڻيءَ جي شروعات واقعن جي بيان کان ٿي. واقعن ۾ انهن کي خاص طور اپاريون ويندو هو، جنهن ۾ ڪنهن خوشيءَ يا الميو جو عنصر عام حالتن کان وڌيڪ هجي. ”قديم سنڌي افسانو هڪ رنگا رنگ ۽ شاهوڪار روايتي ادبي ورثو آهي. اهو خالص سنڌ جي پيداوار آهي. اسان جو آڳاٽو سماج ۽ ان جي رهڻي ڪهڻي عقيدن، قبائلي زندگيءَ جا آداب اطوار ۽ مخصوص ريتن رسمن کانسواءِ اسان جي تاريخي ڪردارن ۽ شهزور سورمن جي ڪارگذارين سان معمور آهي. هي حڪايتون، اٺين عيسويءَ صديءَ کان وٺي ويندي پندهين عيسوي صديءَ واري زماني پيدا ٿيون. جنهن کي ”عهد وسطیٰ“ چيو وڃي ٿو.“ (عرساڻي، 1982: 45) پندرهين عيسوي کانپوءِ ظاهر آهي ته اهي روايتون ساڳي ريت جاري رهنديون آهيون. ان کان اڳ جيڪڏهن سنڌ جي هزارين سال قديم تاريخ کي جاچڻ جي ڪوشش ڪجي ته معلوم ٿئي ٿو ته نه صرف سماجي ۽ معاشي لحاظ کان هي خطو شاندار رهيو آهي پر جاگرافيائي حوالي سان پڻ اهم ۽ خوشحال، نتيجي ۾ ماڻهو آسوده هئا ۽ هتي فن ۽ فڪر جو سلو ڦٽي نڪتو. دنيا جي تهذيبن جي تاريخ جاچڻ مان به معلوم ٿئي ٿو ته اتي اهي پروان چڙهيون آهن، جتي مٺو پاڻي جهجهي مقدار ۾ هجي ۽ سنڌ جو اهو ڀاڳ رهيو آهي. هن وقت به ’سنڌو سڀيتا‘ جو شمار دنيا جي چئن وڏين تهذيبن منجهان ٿئي ٿو. ان حوالي سان ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي لکيو آهي ته ”سنڌ جو علائقو قدرتي طور ذرعي ميدانن کانسواءِ صحرائي پٽن ۽ جابلو ماٿرين ۾ به ورهايل آهي. ازانسواءِ قديم زماني کان ئي ان ۾ ساموندي ۽ دريائي گذر گاهون به هيون، جن جي ذريعي ساحلي آمدورفت جاري رهي. اهو ئي سبب آهي جو هتي رنگا رنگ تهذيبون اسريون سنڌ جي انسان جي بود و باش جبلن جي اوٽ ۽ صحرائي ماٿري ۾ به هوندي هئي ته ذرعي ميدان ۾ ڳوٺن، واهڻن، وسين ۽ درياهن نزديڪ ننڍن شهرن ۾ به ان جو گذر هوندو هو.“ (عرساڻي، 1982: 78) ان سڄي سلسلي کي هڪ وڏي ترقي ان وقت ملي، جڏهن انگريزن جي سنڌي مٿان حڪومت شروع ٿي. سال 1853 ۾ سنڌي الفابيٽ تيار ٿي، جنهن کانپوءِ سنڌي ڪتابن لکڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو. دنيا جي ٻين ملڪن وانگر سنڌي ڪهاڻي به هڪ واقعاتي يا حادثاتي ڪهاڻيءَ کان شروع ٿي، جنهن ۾ ڪنهن واقعي يا حادثي تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي. قصا، قصا، ڪهاڻيون ان جا ابتدائي مثال هئا. سنڌي آئيويٽا جي ٺهڻ سان سنڌي نثر جي لکڻ ۽ ڇپائيءَ کي تمام گهڻو فروغ مليو ۽ جيڪي پهريون ڪتاب شايع ٿيا اهي ڪهاڻين جا هئا. اهي آکاڻيون عام زندگيءَ سان تعلق رکندڙ ۽ساديون هونديون هيون. ان سان گڏ انهن ۾ گهريلو ۽ ڳوٺاڻو ماحول ملندو هو. سنڌي افساني جي اؤسر لاءِ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ لکيو ته ”سنڌي ڪهاڻي، پنهنجي مقامي فني ريتن رسمن مان اسريو آهي. هي ۾ جنگي سرگرمين، محبت ۽ عشق جي وچ تي وڌو ٿيو آهي. اڳتي هلي هن ۾ ڪيتريون ئي خوبيون پيدا ٿيون، جن سڀني کي ملائي پراڻي افساني جو خزانو سڏي سگهجي ٿو.“ (عرساڻي، 1982: 78) ابتدائي سنڌي ڪهاڻين جي ڪردارن ۾ جن کي پاڻ آکاڻيون چئون ٿا ۾ ڏسي سگهجي ٿو. اهي ڪيئن ڪردار ڪهڙي ريت معاشري ۾ هڪ سچيت ۽ سپوت جي صورتن ۾ پاڻ موڪين ٿا. انهن ڪهاڻين جا ڪردار جيڪي چاهي رومانوي داستانن جا هجن يا رزميه قصن جا، انهن ۾ جاذبيت جو هڪ اهڙو احساس آهي، جيڪو شايد موجود زماني ۾ ناپيد ٿي ويو آهي. نتيجي طور اهي آکاڻيون، جن کي گذرئي ورهيه ٿي ويا آهن، پر هن وقت به ’ڪلاسڪ‘ جي حيثيت رکن ٿا. اڄ به انهن جا مثال ڏنا وڃن ٿا. اڄ  به انهن جون ڳالهيون ڪيون وڃن ٿيون. ان حالت کي ’ڪلاسڪ‘ چئجي ٿو. اهي ڪهاڻيون ۽ انهن جا ڪردار اڄ به جيئرا جاڳندا پاسجن ٿا. انهن آکاڻين ۾ سنڌ جي هڪ سچي ۽ سورهيه انسان جي ڪهاڻي هئي. وقت جو بادشاه جيڪو پنهنجي زبان تي قائم رهندي سر جو دان ڏئي ٿو. سنڌي ڪهاڻيءَ جي اتهاس ۾ ’آکاڻي راءِ ڏياچ  ۽ سورٺ جي‘ کي پهرين ڪهاڻي يا ڪهاڻيءِ جي اوائلي صورت تسليم ڪيو وڃي ٿو. هن آکاڻي جو ڪهاڻيڪار منشي اڌارام ٿانورداس هو. ”’آکاڻي راءِ ڏياچ  ۽ سورٺ جي‘ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ پنهنجي ڪتاب ’سنڌي گرامر‘ جيڪو ديوناگري لپيءَ ۾ سال 1849 ۾ شائع ٿيو هو، ان ۾ ضميمي اندر ڏني هئي. ٻين آکاڻي ’ڀنڀي زميندار جي ڳالهه‘ سال  1854 ۾ ڇپي. هيءَ غلام حسين قريشيءَ جي لکيل هئي. اها آکاڻي به اصل

۾ جيڪا پنڊت بنسي ڌر جي هندي ڪهاڻيءَ تان ڪنئي وئي هئي. شروعاتي سنڌي ڪهاڻين ۾ سيد ميران محمد شاه اول پڻ پنڊت بنسي ڌر جي هڪ ڪهاڻيءَ تان ’سڌا توري ڪڏاتوري جي ڳالهه‘ نقل ڪئي.“ (ملڪاڻي، 1977: 9)

هن دؤر کي سنڌي ڪهاڻيءَ جي ابتدائي عرصي سان تعبير ڪري سگهجي ٿو. جنهن ۾ گهڻو ڪري ليکڪن ترجمي کي اوليت ڏني. ترجمي جي حوالي جي سان هڪ اهم ڳالهه ته جيتوڻيڪ ان وقت جا ليکڪ انگريزي ادب کان پڻ واقف ٿي چڪا هئا، پر گهڻو ترجمو هنديءَ تان ڪيو ويو. بنگالي ۽ انگريزي ٻولين مان جيڪي ڪهاڻيون هنديءَ ۾ ترجمو ٿيون، انهن کي سنڌي ۾ ترجمو ڪيو ويو. ان ڳالهه جي باوجود چئي سگهجي ٿو ته هي دؤر سنڌي ڪهاڻيءَ جي بنياد جو هو. جنهن ۾ ڪهاڻيڪار، ڪهاڻيءَ جي فطري لاڙن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. ”هن ئي ڏهاڪي ۾ يعني 1854 ۾ ’ايسپ جون آکاڻيون‘ شائع ٿيون. هي منشي ننديرام ميراڻيءَ، ايلس سان گڏجي انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيون هيون. منشي اڌارام 1860 ۾ ’طوطي نامو‘ ترجمو ڪيو. سيد ميران محمد شاه اول ٻارن لاءِ ’مفيد الصبيان‘ جي نالي سان ترجمو ڪيو. ڪيول رام سلامت راءِ ’سوکڙي‘ جي نالي سان 1864 ۾ ڇپرايو. 1890 ۾ مرزا قليچ بيگ جو ’دلپسند قصا‘،روچيرام گجو مل ڪرپالاڻيءِ به انهيءَ نالي سان ’دلپسند قصا‘ ڪتاب ڇپرايو، هي پڻ ٻارن جي آکاڻين جو ڪتاب هو، پر اسان عام طور تي انهن کي مختصر ڪهاڻيون نه ٿا سڏي سگهون، ڇاڪاڻ ته اهي فني اصولن ۽ افسانن جي لوازمات کان تمام گهڻيون هيون. بهرحال، انهن کي ’سنڌي ڪهاڻي‘ جو ابتدائي روپ چئي سگهجي ٿو. (عرساڻي، 1955، 3) سنڌي ڪهاڻيءَ جو هڪ اهم دؤر سال 1913 کان شروع ٿئي ٿو، جڏهن لعلچند امرڏنيمل جڳتياڻيءَ جي ڪهاڻي ’حُر مَکيءَ جا‘ شائع ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ حر تحريڪ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جيتوڻيڪ مصنف هن ڪهاڻيءَ کي مضمون قرار ڏنو هو، پر نقاد ’حُر مَکيءَ جا‘ کي پهرين جديد ڪهاڻي سمجهن ٿا. ڊاڪٽر نواب ڪاڪا لکي ٿو ته ”سنڌي ڪهاڻيءَ جي شروعات لاءِ ابتدائي محققن ڪجهه آکاڻين ۽ قصن کي افساني جو ابتدائي نمونو سڏيو هو، پر جديد ڪهاڻيءَ جا پنهنجا اصول، انهن ڪهاڻين کان مختلف آهن. سنڌيءَ ۾ جديد ڪهاڻيءَ جون ابتدائي صورتون لعل چند جي ’حُر مَکيءَ جا‘ ۽ مرزا قليچ بيگ جي ’شريف بيگم‘ آهن.“ (ڪاڪا، 2017، 27) مرزا قليچ بيگ جي ان افساني بابت ڊاڪٽر غلام علي الانا پڻ راءِ ڏني آهي ته سال 1914 ۾ ’شريف بيگم‘ پهريون سنڌي جديد افسانو هو. (الانا، 1984) ڪهاڻي ’حُر مَکيءَ جا‘ هجي يا ’شريف بيگم، اهو طئي آهي ته نندي ڪنڊ ۾ سڀني ٻولين ۾ باقاعده طور افساني لکڻ جي ابتدا ويهين صديءَ جي شروعاتي حصي يعني پهرين ٻن ڏهاڪن کان ٿئي ٿي. هي اهو دؤر هو جڏهن دنيا پهرين مهاڀاري لڙائي جي ڪري تبديل ٿي رهي هئي. دنيا جي سماجن کي نون مسئلن کي منهن ڏيڻو پئي پيو، نتيجي ۾ اهڙو ئي افسانوي ادب وجود پذير ٿي رهيو هو. ”هن دور جا افسانا سماجي مسئلن، معاشري جي خرابين ۽ين ظلمن خلاف لکيل آهن. ان وقت هندستان ۾ سماج سڌارڪ تحريڪن جي ملڪ سطح تي مهم هلي رهي هئي. جنهن جو سڀني ٻولين جي ادب تي گهرو اثر پيو. نتيجي ۾ سنڌي ادب به اهڙين حالتن هيٺ لکڻ شروع ڪيو.“ (عرساڻي، 1955، 3)

## 2.2. ڪجهه مشهور ڪهاڻيون

ويهين صديءَ جي پهرين ڏهاڪيءَ کان سنڌي ليکڪن ترجمي توڻي طبعزاد ڪهاڻي لکڻ جي شروعات ڪئي. انهن ۾ گهڻيون ڪهاڻيون ترجمو ئي هيون يا اهڙيون ڪهاڻيون، جن جو مرڪزي خيال ڌارين ٻولين جي لکڻين مان ورتو ويو هو. هن دؤر جي ڪجهه مشهور ڪهاڻين ۾ هي شامل رهيون:

- ”ڏکن ڏڏي زندگي، آوتراءِ روپچند منچنديءَ، نو ورنيءَ جو خون، ننيڙي نئنا، مون به سنگتيءَ ۾ ڪي ته ڏنو هو، ڪلجڳي ٻانيڻ - لالچند امر ڏنو مل.
- پريم جو مهاتم - پيرو مل مهرچند آڏواڻي.
- يوسف مصري - پرمانند ميوارام.

- ستيوتي - پروفيسر موٽو مل گدواڻي.
- اندرا ۽ چندرا - ڪيئلداس ليڪراج.
- زيب النساءِ، چاند بيبي - محمد صديق مسافر.
- لـڪل لـعل - نانڪ ڏرمداس. سمن موچيءَ جي ڳالهه - ليـلارام ولايت.
- بلوو (ترجمو) فيلسوف - آسانند مامتورا.
- پوتر پريم - جهمٽ مل ڀاوناڻي. (ملڪاڻي، 1977، 5)

## 2.3. سنڌي ڪهاڻي جو اهم دؤر (1924 کان 1940 تائين)

سال 1924 کان ڪهاڻين جو هڪ نئون سلسلو شروع ٿئي ٿو، جنهن ۾ ڪهاڻيڪارن جي اها ڪوشش شامل هئي ته اهڙيون لکڻيون پڙهندڙن تائين پهچايون وڃن، جنهن ۾ سنڌي سماج جا مسئلا ڏيکاريا وڃن. هي دؤر جيڪو 1924 کان شروع ٿي 1940 تائين جاري رهيو؛ ان ۾ جيڪا خاص ڳالهه نظر اچي ٿي ته سنڌ جي مقامي ڪهاڻيڪارن بنگال جي ڪهاڻين کي سنڌي سماج جي نظر سان ڏسندي اهڙيون ڪهاڻيون آزاد طريقي سان ترجمو ڪيون، جنهن ۾ سنڌي سماج جا اهي معاملا به ذڪر هيٺ آندا ويا، جن تي اڳي ڪنهن به قلمڪار نه لکيو هو. ”ان وقت جي مشهور اخبار ’ڀارت واسي‘ ۾ به ڪهاڻيون هڪ ٽئگور جي ’سڌا، گونگي ڪنوار، سؤرنا ديوي، گهوشال جو پوٽ اسپرٽ آف دي پليس نالي سان ترجمو ڪري شائع ڪيون ويون. 1926 ۾ چيٺمل پرسرام هڪ ناٽڪ ميٽر لنڪ کان متاثر ٿي ’مونا وانا‘ لکي. انهي سال ’پاور آف ڊارڪنيس‘ تان ’ٻال هتيا‘ لکيو. هي ٽالسٽاءِ جو ناٽڪ هو. مرزا قليچ بيگ پاران لکيل آکاڻيون ’ليا خان درزي ۽ خليفو کهنگ، وامق ۽ عذرا، ليلى مجنون، طلسمي گڏي، ديو يا راڪاس، نيلو پکي‘ ڇپيون. نارائڻداس ملڪاڻيءَ جي ڪهاڻين جو ڪتاب شائع ٿيو. گرڌاري ڪرپالاڻيءَ ان دؤر ۾ ’رابندرناٿ جون آکاڻيون‘ شائع ڪرايو. سال 1927 ۾ منوهر داس ڪوڙيمل، ’من جا مٺيا ۽ اخلاقي ڪهاڻيون‘ جي نالن سان ڪهاڻين جا ٻه ڪتاب شائع ڪرايا. ٿهلرام پنواڻيءَ 1928 ۾’واندڪائيءَ جي وندر‘ آکاڻين جو ڪتاب ڇپرايو.“ (ملاح، 2015: 65) هي سلسلو 1930 جي ڏهاڪي ۾ پنهنجي عروج تي پهتل نظر اچي ٿو. هي اهو سال آهي جنهن ۾ ڪهاڻين جا ڪيترائي ئي مجموعا پڻ سامهون آيا. ڪهاڻيڪارن جو گهڻو تڻو زور اخلاقي ۽ ناصيحانه نڪتن تي رهيو. جيتوڻيڪ 1913 ۽ 1914 ۾ ترتيب سان لعلچند امرڏنومل جڳتياڻي جي ڪهاڻي ’حر مکي جا‘ ۽ مرزا قليچ بيگ جي ’شريف بيگم‘ جديد ڪهاڻين جي حوالي سان نروار ٿي چڪيون هيون، پر پوءِ به گهڻن ڪهاڻيڪارن جو زور اهڙين لکڻين تي هو، جيڪي قصن جي طريقي سان ليکون ويون هيون. ٻين لفظن ۾ اهي جديد ڪهاڻيءَ جي معيارن تي پورو نه پيو لهن. 1930 ۾ لطف الله بدويءَ جي ڪهاڻين جو ڳٽڪو ’دسته گل‘ جي نالي سان شائع ٿيو. چيٺمل پرسرام جي اخبار ’ڀارت واسي‘ ۾ منگهارام ملڪاڻيءَ جون ترجمو ٿيل ڪهاڻيون ڇپجنديون رهيون. ”ترجمو ڪيل ڪهاڻين کان علاوه طبعزاد ڪهاڻين جا ٻه ڪي مجموعا شايع ٿيا، جن ۾ معاشرتي ۽ معاشي شعور نظر آيو. سنڌ جي سرمائيدارن جي ظلمن/ ناجائزين تي سخت تنقيد ڪئي وئي هئي. ان سان گڏ سماج جي براين جهڙوڪ: جبري شادي، ريپ، بيواهن جا مسئلا وغيره. ڪي وڏي جرئت سان لکيو ويو. چيٺمل پرسرام ڪتاب ’چمڙا پوش جون آکاڻيون‘ سال 1923 ۾ شائع ڪرايو. سال 1934 ۾ پرمانند ميوا رام جون ڪهاڻيون، ڪوڙو مل ساهتيه منڊل طرفان ڇاپيون ويون. انهن ۾ ’ڌرم مورتي ۽ هيري جي منڊي‘ شامل آهن.“ (ملڪاڻي، 1977، 9)

1930 جي سال کي سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ ۾ سدائين ياد رکيو ويندو. هي اهو سال هو جڏهن سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙو فنڪار نظر اچي ٿو، جنهن جو هڪ پاسي ته سنڌ جي ٽاپ ڪلاس جي وڪيلن ۾ شمار ٿئي پيو، ٻئي طرف ادب دوست خاص ڪري سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ تمام مٿاهون نالو هو. امر لعل هگوراڻيءَ کي سدائين هن جي شاندار ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ جي حوالي سان ياد رکيو ويندو. نوجوان محقق عباس ڪوريجو لکي ٿو، ”هن عرصي جي خاص ڪهاڻيڪارن ۾ امر لعل هنگوراڻيءَ جو نالو سڀ کان نمايان آهي. هنگوراڻي، وڪيل هو، سندس ڪهاڻين جا

مضمون پنهنجي وڪالت جي پيشي مان هوندا هئا. 1930 ۾ امر لعل هنگوراڻيءَ ’قلواڙي‘ جي نالي سان رسالو ڪڍيو.“ (ڪوريجو، 2015: 57) امر لعل هنگوراڻي، شاهڪار ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ ڪانسواءِ ’لکيو ڪين ٽري، ٻڍيءَ جي ڳالهه، هيءَ به رانجهوءَ سندي رمز، رام رحيم، گوئي جو گناهه‘ اهڙيون ڪهاڻيون آهن، جن کي دنيا جي بهترين افسانن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ لاءِ ڪيترن ئي محققن لکيو آهي ته هيءَ ان دؤر جي لحاظ کان عالمي سطح جي ڪهاڻي هئي، جنهن کي بعد ۾ مختلف ۽ مختلف طور ڪيترن ئي ٻين ٻولين ۾ ترجمو پڻ ڪيو ويو. امر لعل هگوراڻيءَ ڪانپوءِ جيڪو ڪهاڻيڪار پڙهندڙ کي پاڻ ڏانهن موهي ٿو، اهو عثمان علي انصاري هو. هن جي ڪهاڻين ۾ سنڌي سماج جو ٺيڪ عڪس ڏسي سگهجي ٿو. عثمان علي انصاريءَ جي افسانن جو مجموعو ’پنج‘ 1937 ۾ شائع ٿيو. سنڌ جي هن يگاني ڪهاڻيڪار لاءِ محمد اسماعيل عرساڻيءَ لکيو ته ”انصاري صاحب جي افسانن جا واقعات نهايت دلنشين، عبارت سليس ۽ پيشڪش جو انداز دلڪش ۽ وڻندڙ آهي.“ (عرساڻي، 1955: 8) عثمان علي انصاريءَ جي پنجن ڪهاڻين جو مجموعو جنهن جو نالو به ’پنج‘ هو. سال 1944 ۾ سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ پاران شائع ڪرايو ويو. منگهارام ملڪاڻيءَ جي تحقيق موجب ”عثمان علي انصاريءَ افسانن ۾ عربي، انگريزي، فرينچ ۽ آمريڪي ادب جا نمونا ڪهاڻين جي صورت ۾ ڏنا هئا.“ (ملڪاڻي، 1977: 11)

عثمان علي انصاريءَ سان گڏ هڪ ٻيرو ٻيهر امر لعل هگوراڻيءَ جو ذڪر ڪجي ٿو. سچ ته هن جون ڪهاڻيون سنڌي ادب جون جديد ڪهاڻيون آهن. امر لعل هنگوراڻي، سنڌيءَ جو پهريون جديد ڪهاڻيڪار هو. امر لعل هنگوراڻيءَ کي صحيح معنى ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جو جديد ڪهاڻيڪار چئي سگهجي ٿو. امر لعل سان گڏ جنهن فنڪار جي لکڻين ڪهاڻين جي صورت ۾ موهيو. اهو مرزا نادر بيگ هو. هي اهو دؤر هو جنهن ۾ ڪهاڻيءَ جي ڪلا ڪيتر ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ کي حقيقت نگاريءَ جو دؤر چئي سگهجي ٿو. هڪ پاسي امر لعل هنگوراڻي جهڙو جديد ڪهاڻيڪار ته ٻئي پاسي آسانند مامتورا ۽ عثمان علي انصاريءَ جهڙا برک فنڪار سامهون اچي ويا هئا. انهن جي وچ ۾ مرزا نادر بيگ نمايان هو. نصير مرزا ڪتاب ’نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون‘ ۾ رقم طراز آهي ته ”لکڻ جو شوق کيس پنهنجي عظيم پيءُ کان ورثي ۾ مليو. هن شاعري به ڪئي. 1920 کان 1933 تائين هن ڪهاڻيون لکيون ۽ پاڻ کي پنهنجي همعصر نمائنده نثر نويس جي اڳيان ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان سڃاڻپ ڪرائي. سال 1933 ۾ هن پنهنجي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو ان وقت جي مشهور سنڌي رسالي ’سنڌو‘ جي ايڊيٽر واسومل راڄپال جي چوڻ تي ترتيب ڏنو. بدقسمتيءَ سان اهو شائع نه سگهيو.“ (مرزا، 2010: 23) مختصر عرصي ۾ مرزا نادر بيگ 23 شاهڪار ڪهاڻيون لکيون. جن ۾ ڪجهه مشهور ڪهاڻيون هنن نالن سان آهن: پاڪ محبت، موهنيءَ جي ڊائري، ماءُ جو قهر، انقلاب، اجوت، گهر جي چڪ، عينڪ جو آواز تمام گهڻيون مشهور ٿيون. مخيار ملاح لکيو آهي ته ”نادر بيگ جي ڪهاڻين ۾ عام زندگيءَ ڪانسواءِ هندو، مسلم ۽ پارسي لوڪن جي رهڻي ڪهڻي به ڏيکاريل آهي.“ (ملڪاڻي، 1977: 21) آسانند مامتورا، امر لال هنگوراڻيءَ ۽ مرزا نادر بيگ کان پوءِ حقيقت نگاريءَ واري دؤر جو ٽيون وڏو ڪهاڻيڪار آسانند مامتورا آهي، جنهن سنڌي ڪهاڻيءَ کي هڪ نئون موڙ ڏنو، سندس ڪهاڻيون حقيقت تي ٻڌل ته هيون، پر هن انهن ۾ پهريون ڀيرو نفسياتي ۽ جنسي مسئلن کي ڇهيو. پروفيسر منگها رام ملڪاڻيءَ موجب ”سندس پهرين سماجي ڪهاڻي ’هيءُ پريم‘ 1932 ۾ ’سنڌو‘ رسالي ۾ شايع ٿي. ان کان پوءِ جڳت آڏواڻيءَ، 1939 ۾ ، آسانند مامتورا جي چئن ڪهاڻين جو مجموعو ’جيوت، پريم ۽ پاپ جون ڪهاڻيون‘، ڪهاڻي ساهت منڊل، حيدرآباد پاران ڇپائي پڌريون ڪيون. 1943 ۾ ’آشا ساهت منڊل‘ طرفان سندس ٽن ڪهاڻين جو مجموعو ’آرسي‘ نالي سان ظاهر ٿيو، ان وچ ۾ سندس پنج ڪهاڻيون ’سنڌو‘ رسالي ۾ پڻ ڇپيون. 1932 کان 1949 تائين سندس لکيل 11 ڪهاڻيون ’ڳنوارڻ‘ عنوان سان، سنڌي ٽائيمس پبلڪيشن الهاس نگر (ڀارت) ڊسمبر 1978 ۾ ڇپائي پڌريون ڪيون.“ (ملڪاڻي، 1977: 55)

## 2.4. سال 1940 کان 1947 جون ڪهاڻيون

دنيا جي تاريخ ۾ 1940 کان 1945 جا پنج سال نهايت اهم ڳڻيا وڃن ٿا. هي پنج سال هن ڌرتيءَ تي ڪنهن قيامت کان گهٽ نه هئا. سڄي دنيا جا انسان ٻين مهاڀاري لڙائي جي صورت ۾ هڪ ٻئي سان وڙهي رهيا هئا. لامحاله انهن خوني محرڪن جا اثر دنيا جي هر حساس انسان تي پئجي رهيا هئا. سنڌي فنڪار به ان کان وانجهيل نه رهيا. هڪ پاسي وڏي جنگ هئي ته ٻئي طرف سنڌي ڪهاڻي پنهنجي جديد شڪل اختيار ڪري وئي هئي. ٻين مهاڀاري جنگ طاقت ۽ اقتدار جي جنگ هئي. جنهن ۾ لکين انسان ان باهه جو ٻارڻ تي ويا. حقيقي طور هيءَ سرمائيڪارن جي لڳايل آڳ هئي، جيڪا وسامڻ جو نالو ئي نه پئي وٺي. اهڙي صورتحال ۾ ترجمن کان وڌيڪ ڪهاڻيڪارن جون ذاتي مشاهدن تي ٻڌل ڪهاڻيون شائع ٿينديون رهيو. انساني تاريخ ۾ ماڻهن ڪي تاراج ڪندڙ هن دؤر لاءِ محمد اسماعيل عرساڻي لکي ٿو، ”اهو زمانو عالمگير جنگين جو هو. سموري دنيا جون سياسي حالتون نهايت ڪشيده بنجي چڪيون هيون. خود هندستان ۾ به آزاديءَ جي تحريڪ شروع ٿي چڪي هئي، جنهن جو اثر سنڌي ادب تي به نمودار ٿيو. هيءُ ئي دؤر هو، جنهن ۾ هندستان جي مختلف زبانن: هندي، اردو، بنگالي، گجراتي، مرهٽي ۽ ٻين ٻولين مان سوين افسانا سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيا، جن مان ڪي ته هوبهو ترجمو هئا ۽ ڪن افسانن ۾ صرف ماحول ۽ ڪردار نگاريءَ کي ٿورو تبديل ڪري، سنڌي حالتن مطابق بنايو ويو هو“ (عرساڻي، 1955: 12) ساڳي وقت هن دؤر ۾ ترجمن جو سلسلو به جاري هيو. غلام محمد شهواڻيءَ شيخ سعدي جي فارسي مشهور آڪاڻين کي ’گلستان جو گلشنِ بهار‘ جي عنوان سان ترجمو ڪيو.

اهو جنگ جو پسمنظر هو، جنهن ۾ سنڌي ڪهاڻيڪارن کي ماضي بعيد جون اهي لڙايون به ياد اچي ويون، جيڪي بظاهر ته حق ۽ سچ لاءِ وڙهيون ويون پر بحرالحال ان ۾ انسانن جو ڪوس ٿيو. ”سال 1940 ۾ نارائڻ داس ملڪاڻيءَ ’مهاڀارت‘ جون آکاڻيون، رسالي ’ڪهاڻي مندر‘ ۾ ڇپيون. ٻئي سال يعني 1941 ۾ پنڊت ليلا رام شرما ’جنه گرنٿ‘ جي نالي سان رسالو شائع ڪرايو. جنهن ۾ تفصيلي طور تي مهاڀارت جي جنگ جو احوال ڏنو ويو هو.“ (ملڪاڻي، 1977: 9) سال 1942 ۾ سنڌي ڪهاڻين کي هڪ نئين جهت ملي. نئين انداز سان ڪهاڻيون لکڻ جي شروعات ٿي. عام ماڻهن جي احساسن کي نمايان ڪيو ويو. منگهارام ملڪاڻيءَ موجب ”هن دؤر جو پهريون مجموعو ’سَرد آهون‘ هو، جيڪو 1942 ۾شڪارپور جي نئين دنيا ڪتاب گهر طرفان ڇاپيو ويو. هن ۾ مجموعي ۾ شامل ڪهاڻيون، منڊل جي ٻانيڪار گوبند پنجابيءَ جون لکيل هيون، جن اندر هاري مزدورن ۽ عام جي دردن جو بيان هو. ساڳي وقت انهن ۾ سرمائيدار معاشري ۾ انقلاب آڻڻ جون هڪلون هيون.“ (ملڪاڻي، 1977: 9) سال 1942 ٻين عالمي جنگ جو وچ ۽ چوٽ هو. سڄو يورپ ڪنڌ لڙائيءَ جا ور چڙهيل هو. سنڌ ۾ انگريزن جي سرڪار هئي، تنهنڪري هتي به انهن معاملن جا اثر اڻ سڌي طرح محسوس ٿيڻ لڳا هئا. ”ڊاڪٽر نواب ڪاڪا موجب ”سَرد آهون‘ مجموعي ۾ ڪهاڻيڪار جو انداز هڪ مبلغ وارو آهي. ان ئي سوچ کي تسلسل ۾ لکي؛ حالتن جي تناظر ۾ پيش ڪيو ويو.“ (ڪاڪا، 2017: 30) ”جتي صورتحال انتها تي پهچي ٿي، اتي ڪي عالم ۽ مفڪر ان صورتحال کي منهن ڏئي چونڪاري جا ڪيئي حل پيش ڪن ٿا، جيڪي اڳتي هلي دانشورانه تحريڪن ۽ خيالن جي صورت ۾ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي وڃن ٿا. انهن ڪهاڻين ۾ هڪ اهڙي عالمگير سوچ آهي، جيڪا معاشري کي غربت، بدحالي ۽ طبقاتي فرق مان ڪڍي سگهي ٿي. هن مجموعي ۾ ڪل ست ڪهاڻيون شامل آهن: 1. اٿو ۽ لٿو، 2. بي اي _ايل ايل بي، 3. ڪفن، 4. چور، 5. آزاديءَ جو جذبو، 6. ايڪتا، 7. سَرد آهُون.“ (ڪاڪا، 2017: 34) ان دور لاءِ جتي اهو چئي سگهجي ٿو ته ٻين مهاڀاري جنگ جي ڪري نوان خيال ۽ فلسفا ميدان ۾ آيا، جن جو اثر سڄي دنيا جي ادب تي به پوڻ سان گڏ سنڌي ڪهاڻيءَ تي به ٿيو. ڪهاڻي لکڻ لاءِ نوجوانن ۾ اتساه پيدا ٿيو، جيڪو تمام گهڻو قابل قدر هو. ان حوالي سان محمد اسماعيل عرساڻي لکي ٿو ته ”صورتحال ڏاڍي سنگين هئي. اسان کي اهڙي ادب جي ضرورت هئي جيڪا قوم جي ماٺار ٿيل جذبن کي جاڳائي. ان ڪري ڪيترائي نوان اديب فني اصولن جي ڄاڻ کان سواءِ فقط شوق ۽ جوش ۾ لکندا هئا. باقي جيڪي پڪا پختہ اديب هئا، تن جو ذڪر ڪجي ٿو. انهن جا افسانا گهڻي قدر ڪامياب چئي سگهجن ٿا. هيٺين افسانه نگارن جو فن هر لحاظ کان ذڪر جي قابل آهي: گوبند پنجابي - گوبند مالهي - ڀڳوان لالواڻي - شيخ

عبدالستار - آنند گولاڻي - سڳن آهوجا - رام امر لعل - جيوت نرياڻي - ڪشن کٽواڻي - ڪماري نانڪ گدواڻي - آسن اتمچنداڻي - هرو سدا رنگاڻي - ليکو تلسياڻي - پون پنجواڻي - ڪيرت ٻاٻاڻي - شيخ اياز - لڇمڻ راجپال - پوچراج موٽواڻي وغيره“ (عرساڻي، 1955: 8)

سال 1942 ڪي هندستان جي حوالي سان سنڌ لاءِ به اهم سال ڪري ڄاتو وڃي ٿو. هن سال آگسٽ 1942 ۾ مهاتما گانڌيءَ طرفان ’ڪوئيٽ انڊيا يا هندستان ڇڏيو‘ جي تحريڪ شروع ڪئي وئي. هي تحريڪ انگريزن خلاف هئي. انگريز، جيڪي ان سال جرمنيءَ هٿان نقصان مٿان نقصان کائي رهيا هئا.

”سنڌي ٻوليءَ ۾ اصلوڪين اقتصادي آڪاٽين جو آخري دؤر 1942ع واري ڪئٽ انڊيا هلچل سان شروع ٿيو. ان وقت سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سياسي ۽ سماجي مسئلا بهتر نموني اجاگر ٿيڻ لڳا، هي اهو دؤر هو، جنهن ۾ سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيءَ کي اهم ۽ لوڪ پسند درجو مليو. هن دؤر ۾ نوجوان ڪهاڻيڪار روسي انقلاب جي زير اثر سامهون آيا هئا.“ (ملاح، 2015: 65) محقق مختيار ملاح ڪهاڻين جي مجموعي ’سرد آهون‘ بابت لکي ٿو ”نئين دنيا ڪتاب گهر شڪارپور ۾ ڇاپيو. هي مجموعو گوبند پنجابيءَ جي ڪهاڻين جو هو. هنن ڪهاڻين ۾ پورهيت ۽ عام ماڻهوءَ جو بيان ۽ سرمائيدار سماج ۾ انقلاب آڻڻ جي للڪار هئي.“ (ملاح، 2015: 65) سنڌي ڪهاڻيءَ تي تحقيق ڪندڙن موجب ادب جي ان صنف تي سنڌيءَ جو پهريون ڪتاب ’ريگستاني ڦول‘ هو. هن ڪتاب کي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ انقلاب برپا ڪندڙ به سمجهيو وڃي ٿو. ڪهاڻين جو مجموعو ’ريگستاني ڦول‘ 1944 ۾ نئين دنيا ڪتاب گهر شڪارپور طرفان گوبند مالهيءَ ڇپرايو. هن ڪتاب ۾ نون ليکڪن جي ڪهاڻين ۾ سماجي ۽ اقتصادي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جو ڇيد ڪري ڀرپور نموني سان ٿيل هو. هن ڪتاب ۾ ڀڳوان لعلواڻي، شيخ عبدالستار، آنند گولاڻي ۽ سوڀو گيانچنداڻي جون ڪهاڻيون شامل ڪيون ويون هيون.“ (ملاح، 2015: 65) هن ڪتاب لاءِ گوبند مالهيءَ پنهنجي ڪتاب ’سنڌڙي، منهنجي جندڙي‘ ۾ لکيو آهي ته، ’نئين دنيا ڪتاب گهر‘ جو اصلوڪين ڪهاڻين جو مجموعو ڇپائيءَ ۾ هو، جو اوچتو سوڀي مون کي چيو ته عبدالستار جي ڪهاڻي به ان ۾ شامل ڪر، مسلمانن ۾ ادب لاءِ شوق پيدا ٿيندو، ممڪن آهي ته ڪو مسلمان ليکڪ به نڪري نروار ٿئي. مون پڇيومانس ته ستار ڪا ڪهاڻي لکي آهي؟ هن چيو ته مون لکي آهي، تون ان کي ادبي رنگ ڏج ۽ ڇيچ عبدالستار جي نالي ۾.“ (مالهي، 1944:) ان ڪتاب ۾ عبدالستار شيخ جي نالي سان سوڀي گيانچنداڻيءَ جي ڪهاڻي ’حليمان‘ شائع ٿي. ويجهڙائي ۾ سوڀي ان ڳالهه جو اقرار ’روزاني ڪاوش‘ جي هڪ مضمون ۾ پڻ ڪيو. ڊاڪٽر نواب ڪاڪا لکيو آهي ته ”ريگستاني ڦول‘ سنڌي ڪهاڻيءَ ذريعي ترقي پسند فڪر کي عام ڪرڻ ۽ سماجي اوڻاين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪهاڻين جو اهم مجموعو آهي.“ (ڪاڪا، 2007: 23) جيتوڻيڪ هن ڪهاڻين جي هن مجموعي ۾ هڪ ڪهاڻي عبدالستار شيخ جي نالي سان هڪ فرضي مسلمان ليکڪ جي نالي سان شائع ڪئي وئي هئي، پر غلام رباني آگري جي لکت موجب ”سنڌي ترقي پسند ادب جو پهريون پهريون ڪتاب ’ريگستاني ڦول‘ هو جيڪو سنڌي اصلوڪين ڪهاڻين جو مجموعو هو، منجهس سڀ ڪهاڻيون سنڌي هندو ليکڪن جون هيون. (آگرو، 2013: 75) جديد ڪهاڻين جي مجموعي ’ريگستاني ڦول‘ ڪانپوءِ ڪتاب ڪهاڻين جو سلسلو شروع ٿي ويو. هنن ڪتابن ۾ ڪهاڻين جي هڪ اهم خاصيت شامل ڪئي وئي ته مختلف ليکڪن جون تخليقون شامل هيون. پڙهندڙن کي الڳ الڳ ڪهاڻيڪارن جون تخليقون پڙهڻ لاءِ ملڻ لڳيون. ”1945ع ۾ نئين دنيا ڪتاب گهر طرفان ’پرهه ڦٽي‘ نالي هڪڙو مجموعو ڇپرايو ويو، جنهن ۾ گوبند مالهيءَ جي ’هاري حقدار‘، گوبند پنجابيءَ جي ’نيلو‘، رام امرلعل جي ’انساني مرغي‘، ’ڀڳوان ٻي ڇين ’ ، ’جي رام‘، ’راڄ‘، جيوت نرياڻيءَ جي ’ٻي نڪو‘ ۽ ڪرشن کٽواڻيءَ جي ’ڪتي جو موت‘ ڪهاڻيون شامل هيون.“ (ملڪاڻي، 1977، 12) هن ڪتاب جي حوالي سان ڊاڪٽر نواب ڪاڪا لکيو آهي ته ”’پرهه ڦٽي‘، (1945) مجموعو اهم آهي، هن ڪتاب ۾ ڪجهه ترقي پسند شاعرن جون ڪويتائون به هيون. اشاعتي اداري نئين دنيا ڪتاب گهر جو اولين مقصد سنڌ ۾ ترقي پسند ادب جي ترويج هئي.“ (ڪاڪا، 2019:) ’پرهه ڦٽي‘ مجموعي جو مهاڳ گوبند مالهيءَ طرفان لکيو ويو. جنهن ۾ هن لکيو ته ”نيئن دنيا جي باني جو هڪ ئي مقصد

آهي ته سنڌ جي ماڻهن کي ترغيب ڏي ته هو دنيا ۽ هندستان جي ٻين علائقن جي ترقي پسند اديبن جي لکڻين کي سنڌ جي ماڻهن تائين پهچائجي. ساڳي وقت پنهنجي طرفان سنڌيءَ ۾ ترقي پسند سنڌي ادب تخليق ٿئي.“ (مالهي، 1944) انهن ڪتابن جي ڪاميابيءَ بعد آنند گولاڻيءَ ’ڦڙڪ‘ جي نانءَ سان ڪهاڻين جو ڪتاب شائع ڪرايو. ان لاءِ سنڌي نثر جي تاريخ‘ ۾ منگهارام ملڪاڻيءَ لکيو ته ” پگهوان لعلواڻيءَ جي ’ليلان‘ ’ڦڙڪ‘ جي بهترين آکاڻي هئي. هن ڪهاڻيءَ ۾ پاپ، پيار ۽ ماٽاپٽي جي حساس رشتي بابت سچائي بيان ڪئي وئي هئي. هن ڪتاب ۾ آنند گولاڻيءَ جو ڪهاڻيون پڻ شامل هيون. انهن سيني مان، ڪهاڻيڪار جي انداز مطابق زندگيءَ جا تفصيل پيش ڪرڻ جو معيار چڱو هو. انهن شروعاتي حقيقت پسند ڪهاڻين جي بنيادي خامي اها آهي ته جيتوڻيڪ جديد دور جي سماجي، معاشي ۽ قومي مسئلن کي پيش ڪيو ويو آهي، پر ڪيترين ئي ڪهاڻين ۾ انهن مسئلن جو حل نه ٿو ملي، جنهن ڪري انهن جو پڇاڙي مايوس ڪندڙ آهي. ان ڪري اهي اڌوريون لڳن ٿيون. نتيجي ۾ زندگي بهتر ڪرڻ جي اميد جي چمڪ ختم ٿيڻ لڳي ٿي.“ (ملڪاڻي، 1977: 7) هي اهو دؤر هو جنهن ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج پنهنجي علمي ادبي سرگرمين جي ڪري هندستان ۾ مشهوري ماڻي چڪو هو. هتان جا ڏاها استاد پنهنجي علمي ۽ ادبي ڪوشش جي ڪري پاڻ مڃايون ويٺا هئا. ان وقت ڊي.جي سنڌ ڪاليج ڪراچي مان ’لهرون‘جي نالي سان رسالو جاري ٿي رهيو هو. ”سال 1946 ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي ادارت هيٺ هن رسالي ۾ پروفيسر ڊي.ڪي منشاراماڻيءَ جي هڪڙي بهترين سماجڪ ڪهاڻي ’گهوٽ راجا‘ ڇپي هئي، ان کان سواءِ هڪ دلڪش ڪردارنگاريءَ واري هرومل سدارنگاڻيءَ جي ڪهاڻي ’بيمو ٽري‘ پڻ ڇپي.“ (ملڪاڻي، 1977: 7) هن دؤر جي سڃاڻپ هاڻي، هڪ اهڙي زماني جي ٿي وئي هئي، جنهن ۾ سنڌي ليکڪ ’ڪهاڻي ڪلا‘ کان چڱي ريت واقف ٿي چڪا هئا. هڪ پاسي جتي ڪهاڻين جا خاص مجموعا منظرعام تي آيا پئي ته ٻئي طرف رسالا ۽ اخبارون پڻ ڪهاڻين سان پريون پيون هيون. ان زماني جي ”’هندواسي‘ اخبار ۾ به ڪي چڱيون قومي آکاڻيون پيون هيون جن مان حشو ڪيول راماڻيءَ جي ’هڪڙي هئي پدما‘ ، جنهن ۾ ملڪ جي آزاديءَ لاءِ هڪ ٻالڪا جي قرباني ڏيکاريل هئي. ٻيون قومي آکاڻيون ٽن چڱين ليکڪائن جون هيون: چندر آڏواڻي جي ’اُٿ پارٿ جي سنتان‘، پگهونتي ديالاڻيءَ جي ’پارتي‘ ۽ ڪرشنا ڪيولراماڻيءَ جي ’ديش دروهي‘-جي سڀ 1945 ڌاري ڇپيون هيون.“ (ملڪاڻي، 1977: 9) ڪتابن جي مجموعن، رسالن ۽ اخبارن کانسواءِ ان زماني ۾ ’سنڌو‘ جي نالي سان هڪ مخزن پڻ چڱي ناماچاري ڪرائي. هن مخزن جي خاص ڳالهه ۾ ”نادر بيگ مرزا جي ڪهاڻين کانسواءِ تيرٿ بسنت جي ’نيلم‘، حشو ڪيولراماڻيءَ جي ’هڪ به ٿي‘ جون 1945 ۾، حبيب پٽيءَ جي ’غلط فهمي‘ سيپٽمبر 1945 ۾ ۽ امر لعل هنگوراڻيءَ جي ’لالي‘ 1946 ۾ ڇپي.“ (ملاح، 2015) سال 1945 ۾ ڪهاڻين جو هڪ ٻيو مجموعو ’مرڪندڙ مکڙيون‘ پڙهندڙن جي هٿن تائين پهتو. حالانڪه هن مجموعي جون ڪهاڻيون پهرين کان ’سنڌ مخزن‘ ۾ شائع ٿي چڪيون هيون، پر پروفيسر جهامنداس ڀاٽيا، ضروري سمجهيو ته پنهنجي ڪهاڻين جو الڳ سان ڪتاب آندو وڃي. انهيءَ سوچ کي مدنظر رکندي، هن ڪتاب ڇپرايو. انهيءَ ساڳي ٽريڊ کي اڳيان رکندي ساڳي سال يعني 1945 ۾ ايم.آر. مائيداساڻيءَ سنڌو مخزن ۾ ڇپيل پنهنجون ڪهاڻيون ’خوشبوءِ‘ نالي سان ڪهاڻين جو هڪ مجموعو ڇپرايو. ان کان اڳ ايم.آر. مائيداساڻي، ڪهاڻين جو هڪ ڪتاب ’بڪاول‘ جي نالي سان شائع ڪرائي چڪو هو. هن مجموعي ۾ منگهارام ملڪاڻي جي تحقيق موجب ۾ ”پارتي (هندي) ٻوليءَ تان ترجمو ڪيل سماجي ڪهاڻيون ڏنل هيون.“ (ملڪاڻي، 1977: 10)

هن عرصي ۾ مرزا نادر بيگ کانپوءِ مسلمان ليکڪن ۾ محمد عيسيٰ نظاماڻي ٻيون نمايان ڪهاڻيڪار هو، جنهن جي ڪهاڻين جو مجموعو ’شهيد وفا‘ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ گهڻو تڻو هندستان جي تاريخ تي مشتمل افسانه هئا. سال 1947 ۾ مهراڻ جي شماري ۾ محمد حسن ڪروڙپتيءَ جي ڪهاڻي، ’عاشق معشوق‘ جيڪا مزاح تي ٻڌل شائع ٿي. ڪروڙپتي صاحب جي ٻي ڪهاڻي ’بخشش‘ پڻ ڇپي. نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي پڻ ساڳي دؤر ۾ شائع ٿي، جنهن جو نالو ’همٿ ۽ ڪوشش هئي‘ ڪهاڻي ’ملاقات‘ سائينداد سولنگيءَ لکي، جنهن جو شمار پڻ بهترين ڪهاڻين منجهان ڪيو وڃي ٿو. ساڳي سال نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي ’ڪنڌ جي چوري‘ سماجي حقيقتن تي ٻڌل هڪ سٺي ڪهاڻي

هئي.“ (ملاح، 2015: 89) سال 1947 پاڪستان جي آزاديءَ جو سال هو. هن سال کي ننڍي کنڊ جي تاريخ جي حوالي سان يادگار سمجهيو ويندو آهي. هڪ پاسي جتي انگريزن خلاف ٻگهي جهدوجهد ڪانپوءِ آزادي ملي رهي هئي ته ٻئي طرف ٻنهي ملڪن يعني پاڪستان ۽ هندستان جو عوام غير يقيني صورتحال کي منهن ڏئي رهيو هو. انهن سڀني مشڪلاتن هوندي سنڌي ليکڪن ڪهاڻيءَ جي ڪلا کي جاري رکيو. انهيءَ سال زندگي پبليڪيشن طرفان ’سنڌي ڪهاڻيون‘ جي نالي سان ڪتاب ڇپرايو ويو. هن سڄي سلسلي ۾ بهاري ڇاپڙيا جون ڪوششون شامل هيون. ’سنڌي ڪهاڻيون‘ نالي ڪتاب جي خاص ڳالهه ليکو تلسياڻيءَ جي ڪهاڻي ’منجري ڪولهڻ‘ هئي. هن ڪهاڻيءَ لاءِ منگهارام ملڪاڻي لکيو ”ڪهاڻي‘منجري ڪولهڻ’ ان دؤر جي هڪ شاهڪار ۽ عاليشان ڪهاڻي هئي.“ (ملڪاڻي، 1977: 7) ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي مطابق ”منهنجي مطالعي مطابق ليکو تلسياڻيءَ جي منجري ڪولهڻ موضوع ۽ اسلوب ۾ ان دؤر جي هڪ بهترين ڪهاڻي آهي.“ (عرساڻي، 1982: 156) ڪهاڻيءَ کي ڊاڪٽر نواب ڪاڪا هن طرح سموهيو آهي ته ”هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻن ڪولهي ذات جي پريمين جو ڇٽ ڇٽيل آهي، سندس سونهن کي هن طرح پيش ڪيو ويو آهي.“ (ڪاڪا، 2019: 139) ”هڪ وڏي نم جي وڻ هيٺان منجري ويٺي هئي، ڇوري هئي سا خسيس ڪولهڻ، پر ڇوريءَ جي اکين ۾ ڪامڻ هئا، بدن ۾ مقناطيسي ڪشش هئس، ايندڙ ويندڙ جي نگاهه ڏانهس ضرور ڇڪجي وڃي، شايد اڳين جنم ۾ ڪا شهزادي هئي، پرين جي شهزادي!“ (تلسياڻي، 1947: 74) هن ڪتاب ۾ ’پيٽ‘ جي نالي سان پون پنجواڻي ۽ ’هو‘ جي نالي سان ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جون شاندار ڪهاڻيون موجود آهن. ٽنهي ڪهاڻين ۾ هڪ مشترڪه ڳالهه ته عورتن جي مسئلن کي منظرعام تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. انهن جي نالن سان ئي ظاهر آهي ته اهي ڪهاڻيون عورتن جي ڇوڏاري گهمن ٿيون. ساڳيو سال هو، جنهن ۾ هڪ نوجوان مسلمان اديب شيخ اياز ڪهاڻي ڪيتر ۾ شامل ٿئي. ٿو. شيخ وقت ۽ حالتن جي پيش نظر باغي منڊل جي نالي سان هڪ پبليڪيشن جون بنياد وڌو. منگهارام ملڪاڻي سنڌي نثر جي تاريخ ۾ لکيو آهي، ”باغي منڊل جي باني شيخ اياز هڪ 1947 ۾ ڪتاب ڇپرايو، جنهن جو نالو ’سنڌي ڪهاڻيون‘ هو. هن مجموعي ۾ ’سومان‘ جي نالي سان آنند گولاڻيءَ جي سٺي ڪهاڻي شائع ٿي. باغي منڊل پاران ’سوشلسٽ پاڪستان‘ جي نالي سان هڪ ٻيو رسالو به جلد مارڪيٽ ۾ آندو ويو. انهيءَ سال باغي منڊل طرفان ’سفيد وحشي! جي نالي سان ڪهاڻين جو مجموعو ڇپرايو ويو. جنهن ۾ حسن پرستيءَ تي ’رولو‘ ڪهاڻي شامل هئي. سال 1947 ۾ شيخ اياز ’اڳتي قدم‘ رسالو مارڪيٽ ۾ آندو، هن ۾ سندس شاهڪار ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ شائع ٿي. (ملڪاڻي، 1977: 12) شيخ اياز جتي شاعريءَ جي ڪيتر ۾ اتم نالو آهي، ساڳي وقت هن جون نثري لکڻيون به ڪمال جي حدن کي ڇهندي ملن ٿيون. نثر صنفن ۾ هن جون مختصر ڪهاڻيون تمام اعلى پايي جون آهن، جن کي عالمي ادب سان مقابلي لاءِ پيش ڪري سگهجي ٿو. شيخ اياز لاءِ چئي سگهجي ٿو ته هن جي شاعريءَ جو مقام پنهنجي جاءِ تي تمام گهڻو اوچو آهي، پر جڏهن مختصر ڪهاڻيون پڙهجن ٿيون ته اياز اسان کي فقط هڪ بهترين ڪهاڻيڪار نظر اچي ٿو. شيخ اياز جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جي بلڪل ابتدائي دؤر ۾ لکڻ شروع ڪيو. اهي مختصر ڪهاڻيون ايتريون ته سگهاريون آهن، جو اڄ به جڏهن پڙهجن ٿيون ته محسوس ٿئي ٿو ته ڄڻ شيخ اياز هاڻي ئي لکيون آهن. ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙي، شيخ اياز جي مختصر ڪهاڻين بابت لکيو ته: ”اياز جون ڪهاڻيون سنڌي ادب جو اڻ مٽ سرمايو آهن. اهي ڪهاڻيون هڪ پيرو ڇيڇڻ ڪان پوءِ وري ٻيهر ڪونه ڇپيون، جو اها مجتا حاصل ڪري سگهن ها يا ادبي تاريخ جي محققن ۽ نقادن آڏو مقام پائي سگهن ها.“ (هڪڙو، 1998: 9) هي اهو زمانو هو جنهن ۾ شيخ اياز مسلسل نه صرف ڪهاڻيون لکندو رهيو، پر نوجوان ڪهاڻيڪارن کي پڻ همٿائيندو رهيو، پر انهن جون ڪهاڻيون پڻ شائع ڪرايون. ڊاڪٽر نواب ڪاڪا لکي ٿو ته ”1947ع ۾ شيخ اياز ’اسان جي سنڌ‘ نالي مختلف ڪهاڻيڪارن جو ڪهاڻيون ڪراچيءَ مان شايع ڪرايون- هن مجموعي ۾ چار ڪهاڻيون شامل آهن: ’سائو سوٽ‘، ’موهن پنجابي‘، ’پاڙيسري‘ شيخ اياز، ’هراس‘ رام امر لعل پنجواڻي ۽ ’دشمن ڪير‘ ڪيرت ٻاٻاڻي شامل آهن، سڀ انگريزن جي دؤر جي هنگامن ڀرئي ماحول

جي عڪاسي ڪندڙ آهن. هندو مسلم اتحاد ۽ اصل سامراج قوتن کي پيش ڪيو ويو آهي.“ (ڪاڪا، 2019: 40)

شيخ اياز جي ڪهاڻي، ’سفيد وحشي‘ جيئن ته نالي سان ئي ظاهر آهي ته اها ڪنهن اڇي رنگ جي ماڻهن جي وحشن بابت آهي ۽ خيال پاڻ مرادو انگريزن جي ظلمن ڏانهن هليو وڃي ٿو. منگهارام ملڪاڻيءَ هن ڪهاڻيءَ بابت لکيو هو ته ’سفيد وحشي‘ ۾ اياز، ڌارين جي ظلم ۽ قبضي کان آگاهه ڪيو آهي. ان سان گڏ عورت جي محبت ۽ لاچاريءَ کي اهڙي نموني آندو آهي، جو ڪهاڻيءَ جو هيرو ان جي محبت ۽ مجبوريءَ کي محسوس ڪري ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ وچولي طبقي ۽ هيٺين طبقي جي هلت کي حقيقي نموني آندو اٿس. هڪ عورت سان جيڪو بي رحميءَ وارو سلوڪ ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪيس پير جي جُتي سمجهيو وڃي ٿو، ان رويي کي نهايت جرئت سان بحث هيٺ آندو اٿس ۽ سماج ۾ مروج ٿيل ان فرسوده رجحان کي عوام جي سامهون آڻي ننديو اٿس. عورت کي خريد ڪرڻ ۽ پيا ڪيترائي رنگ سندس ڪهاڻيءَ ۾ نظر اچن ٿا.“ (ملڪاڻي، 1977: 9) شيخ اياز جي ان شاهڪار ڪهاڻيءَ بابت ڊاڪٽر نواب ڪاڪا لکيو، ”’سفيد وحشي‘هيءَ ڪهاڻي هندستان ۾ آزاديءَ جي تحريڪ ۽ انگريزن جي ظلم ۽ جبر جي پس منظر ۾ لکي وئي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ طرف برطانوي سامراج جو ڪردار آهي ته ٻئي طرف هتي جي سٽريل ذهنن ۽ باشعور ۽ باوقار ماڻهن جو ڪردار، جهڙي ريت صديق، جيڪو هڪ سادو سودو ملاح آهي. هو پنهنجي پيٽ پرڻ لاءِ مڇي ماري گذاران ته ڪري ٿو پر انگريزن جي نوڪري جنهن کي هو غلامي سمجهي ٿو قبول ناهي. هو هڪ پورهيت سان گڏ ترقي پسند خيالن سان پرڀل تحريڪ جي اثر هيٺ پڻ آهي. جنهن ۾ شامل نوجوان سماجي شعور پيدا ڪرڻ ۾ اڳڀرا آهن. هو هر هنڌ انگريزن جي چالاڪين کان ماڻهن کي آگاهه به ڪندا رهن ٿا.“ (ڪاڪا، 2019: 43)

ورهاڱي کان اڳ واري دؤر کي مجموعي طور سنڌي ڪهاڻيءَ جو ابتدائي زمانو چئي سگهجي ٿو. سال 2013 ۽ 2014 ۾ ’حر مکيءَ جا‘ جي ڪهاڻي هجي يا ڪهاڻيءَ جي جديد معيارن تي پورو لهندڙ ’شريف بيگم‘ کان ’ادو عبدالرحمان‘ ۽ ’سفيد وحشي‘ هي اهي ڪهاڻيون آهن، جن نه صرف سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي جاءِ مضبوطيءَ سان جوڙي پر ان جا اثر به اج نظر اچن ٿا.

## 2.5. ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي سياسي سماجي، معاشي حالتون

اهو منهنجي لاءِ مشڪل آهي ته جڏهن اصطلاح ’ورهاڱي کان اڳ‘ استعمال ڪجي ٿو ته ان ۾ ورهاڱي يعني پاڪستان جي قيام کان اڳ ڪيتري عرصي کي تحقيق جي دائري ۾ آندو وڃي. ان لاءِ هتي فقط ماضي قريب يعني انگريز دؤر جي سياسي سماجي، معاشي حالتن جو جائزو پيش ڪيو ويندو، پر ان کان اڳ سنڌ جي باري ۾ ڪجهه چاڻ ڏجي ٿي. مشهور مؤرخ رحيم داد مولائي شيدائي لکي ٿو، ”جنت السنڌ، سنڌو نديءَ ڪري هڪڙي وادي آهي، جا هندستان جي ميدانن مان ’انڊو گنگجڪ‘ عظيم الشان ميدان جو الهندو حصو والاري ٿي. هيءَ ميدانن ۽ جبلن جي مٿي مان جڙيل آهي، جا ڊيگهه ۾ پندرهن سئو ميل ۽ ويڪر ۾ ڏيڍ سئو ميل آهي.“ (شيدائي، 1958؛ 750) هي اهو دؤر هو جنهن ۾ سنڌ، نندي ڪنڊ جي باقي علائقن کان گهڻي خوشحال هئي. سنڌ جي خوشحاليءَ جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته ”سنڌوندي جي جهاز راني ۽ مغربي ملڪن سان ويجهو هئڻ سبب سندس واپار هزارها ورهين کان مغربي دنيا سان هلندڙ هو.“ (مهراڻ، 1962؛ 119)

### 2.5.1. سنڌ جون سماجي حالتون

سنڌ کي جيڪڏهن جاگرافيائي محل وقوع جي نڪته نگاهه سان ڏسجي ته سنڌو درياه جي ڪري دنيا جي سرسبز علائقي طور چاتل سڃاتل هي خطو خراسان (ڏکڻ افغانستان، بلوچستان ۽ ڏکڻ اوڀر ايران) ۽ هن پاسي پوري هندستان جو سرحدي علائقو تصور ڪيو وڃي ٿو. سال 1843 ۾ انگريزن جي فتح کانپوءِ سڌي ريت هندستان جي سلطنت ۾ شامل ٿيو. ان کان اڳ مغلن جي دؤر ۾ پڻ مغل بادشاهت ۾ شامل رهندو پئي آيو. سرحدي علائقي جي ڪري سنڌ اڪثر ٻاهرين حملي آورن جي

آسان هدف ۾ پڻ رهي. اهي سڀ ڳالهيون هيون، جو هڪ پاسي ته هتان جا ماڻهو نفسياتي طور سدائين خوف جو شڪار رهيا ته ٻئي طرف ڌارين جي مسلسل يلغار ڪري عدم تحفظ جو شڪار پڻ رهندا آيا. نتيجي ۾ جتي سنڌ جي شاهوڪار ثقافت پاڻ کي موڪيو اتي مذهبي طور سختگير عناصر پڻ پيدا ٿيندا رهيا. تاريخ ۾ ڀلي سنڌ جي مذهبي رواداريءَ جا مثال موجود هجن پر اهڙا واقعا پڻ اهميت جوڳا آهن، جن ۾ ڪجهه ڌرين سدائين مذهب کي پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪيو آهي.

”711 ۾ محمد بن قاسم جي فتح کان وٺي 1843 ۾ ٽالپر ميرن جي انگريزن جي قبضي تائين سنڌ مسلم دنيا جو حصو هئي. هن خطي ۾ فارسي ثقافتي اثرات تمام گهڻا هئا. جيئن نامور اسڪالر ڊاڪٽر حميده کهڙو لکيو آهي ته ”سنڌ ۽ باقي (برطانوي) هندستان ۾ تمام گهڻو فرق هو. سنڌ, برصغير جو واحد صوبو هو جنهن جي آبادي تمام گهڻي مسلمان هئي. سنڌ ۾ 75 سيڪڙو آبادي مسلمان هئي، جڏهن ته پنجاب ۽ بنگال جي اڪثريتي صوبن ۾ 50 سيڪڙو کان ٿورو مٿي مسلمان هئا.“ (Hamida, 1981: 170) اها پڻ ڪڙي حقيقت آهي ته اقليتي برداريون هميشه اڪثريتي ڌرين کان ذهني طور خوفزده رهنديون آهن. سنڌ جي هندن سان پڻ ساڳيو مسئلو درپيش هو. ان سان گڏ مذهبي ڌڪار کي به منهن ڏئي رهيا هئا. لفظ ’واڻيو‘ حالانڪه ’وڻج‘ مان نڪتل آهي. جنهن جي معنى واپار ڪندڙ ٿي ٿيندو (https://dic.sindhila.edu.pk) پر هتي سنڌ ۾ ’ٻڄڻي ماڻهو‘ لاءِ اصطلاحي طور ڪتب ايندو رهيو آهي. جواب ۾ هندو پڻ شعوري توڙي لاشعوري طور سنڌي مسلمانن کي ’ڄٽ‘ چئي بيزاري جو اظهار پيا ڪندا هئا. شهرن ۾ رهندڙ هندو ته تنظيمي ايڪي ۾ شامل هئا. چوڪيداري کان ٻين مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ هنن وٽ مضبوط پنچائت جو نظام موجود هو، پر ڳوٺن ۾ رهندڙ هندو ڀلي اهي زميندار هجن يا واپاري مسلمان وڏيرن، پيرن جي بيعت ۾ رهندا هئا. اهو فرض ڪرڻ به غلط آهي ته سڀ مسلمان هندن جا ويري يا هنن کي نقصان رسائيندڙ هئا. ائين بلڪل به ناهي، پر ڇاڪاڻ ته هندو، سنڌي سماج جا خوشحال رهاڪو هئا. هنن جو تجارت تي ڪنٽرول رهندو پئي آيو ته پئسي واري پوزيشن ۾ رهڻ ڪري هو سدائي غيريقيني صورتحال ۾ رهندا پئي آيا. انگريزن کان اڳ ٽالپرن جي دؤر ۾ سنڌ ۾ هندن جي صورتحال جو ذڪر ڪندي ڪلاڊ مارڪوٽس لکي ٿو: ”ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ رهندڙ هندو واپارين ۽ بينڪارن جو هڪ اشرافيه طبقو ٽالپرن، سنڌ جي حڪمران طبقي جو هڪ اهم حصو هو. ايترو چئي سگهجي ٿو ته ايتري پئسي هجڻ جي باوجود هنن جي حيثيت وڏيرن، پيرن ۽ سيدن جي برابر نه هئي؛ جيڪي اشرافيه جي صورت ۾ وڏي انگ ۾ انهن هارين تي بادشاهي ڪندا هئا. جن جا وڏا به صدين کان انهن جا ڪمي ڪاسبي رهندا پئي آيا. هڪ پاسي ان اشرافيه طبقي جو پنهنجي هارين جي مٿان حڪمرانيءَ جو انداز ڪو سٺو نه هو ته ٻئي پاسي هنن هندو عاملن کي پڻ وٽ منشي طور رکيو هو، جيڪي حساب ڪتاب ۾ تمام گهڻو تيز هوندا هئا. چئي سگهجي ٿو ته ان جاءِ تي هندو مذهب سان لاڳاپيل ماڻهو سنڌ جي سماج ۾ هڪ قسم جي وچولي حيثيت تي قبضو ڪيون ويٺا هئا. اهو طبقو اشرافيه کان هيٺ پر هارين کان گهڻو مٿي هو.“ (Markovits.1966: 198) اهڙيءَ طرح سنڌي هندن جي ننڍي تعداد کي سنڌن تجارتي تسلط ۽ هڪ حد تائين سنڌن معاشي ۽ ثقافتي ڪاميابيءَ جي صلي طور وڏيڪ معاوضو ملندو رهيو. سنڌي هندو واپارين ۽ سرمائيدارن ڪراچي ۽ حيدرآباد جي شهرن کي آباد ڪرڻ ۾ سرمايو لڳايو، ساڳي وقت تعليم کي ترقي وٺرائڻ لاءِ ادارا جوڙيا ۽ ادبي ۽ عوامي شخصيتن ادارن، لائبريرين جي مالي سهائتا پڻ ڪندا رهيا.“ (BHAVNANI, 2014:188) جيڪڏهن 1947 کان اڳ واري سنڌ جي هندو سماج جي هڪ خاص خصوصيت کي ڏسجي ته مذهبي رسمن ۾ هو اسلام جي ويجهڙائيءَ ۽ هندستان کان ثقافتي فاصلي جي ڪري هڪ مناسب حد تائين مناسب طور تبديل ٿي چڪو هو. انگريز حاڪم، هند جي ان روش سبب هنن کي مذهبي طور گهڻي حد تائين تبديل ٿيل سمجهندا هئا. انگريز مؤرخ ۽ دانشور، جڏهن هندستان جي مختلف هندو اڪثريتي علائقن مان سنڌ ايندا هئا ته هنن کي اهو ڏسي حيرت ٿيندي هئي ته سنڌ جي هندن جون مذهبي رسمون روايتي ڌرم کان گهڻو پري هيون! هنن سنڌ جي هندوڌرم کي سدائين ٽن مکيه ڌارائن: اسلام - سک ازم - تصوف جي اثر هيٺ ڏٺو ۽ پوءِ انهن جو ذڪر به پنهنجي تصنيفن ۾ ڪندا رهيا. ”سنڌي هندن جي وڏي اڪثريت نانڪ پنٿين جي هئي. هو گرو نانڪ

جا پيروڪار (غير خالص سک) هئا. هنن جون عبادتگاهون اڪثر ڪري گرو نانڪ ۽ گرو گرنٿ صاحب جي تصويرن سان گڏ هندو ديوتائن جي تصويرن تي مشتمل هيون. ان کان سواءِ ان ڳالهه جا به ڪافي ثبوت موجود آهن ته سنڌ ۾ هندن جي اڪثريت مسلم صوفين جا مريد هئا، جن جو سنڌ اندر اسلام پکيڙڻ ۾ وڏو ڪردار رهيو هو.“ (Derryl N, 1989: 54) اهو پڻ ته جواب ۾ سنڌي مسلمان، هندو سنتن جي سماڌيءَ جي پوڄا ۾ شرڪت ڪندا هئا. حقيقت ۾ اها دعويٰ ڪري سگهجي ٿي ته سنڌ جي متضاد ۽ متفرق مسلمان گروهن ۽ خطي تي تصوف جي گهرن اثرن سنڌ ۾ اسلام جي سمجھ ۽ عمل کي ٻين هنڌن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ لچڪدار بڻائي ڇڏيو هو. جيتوڻيڪ هن تحقيق جو مقصد سنڌ جي مذهبي صورتحال جي ڪا مثالي تصوير چٽڻ نه آهي، پر اها حقيقت رهي آهي ته ته اهو سنڌ نسبتاً مذهبي تڪرار کان گهڻو آزاد هو، جنهن جو اثر پنجاب، بنگال ۽ گڏيل صوبن تي رهندو آيو پئي. باهمي انحصار شايد ٻنهي برادرين جي وچ ۾ ناراضگي کي وڌيڪ گهرو وڃڻ کان روڪيو هجي، پر ’علائقائي هندومت جي اجتماعي ڪردار ۽ ان سان گڏوگڏ علائقائي اسلام تي تصوف جو اثر، يقيناً ان سان ڪو تعلق هو. سنڌ جي مسلمانن کي مارڪوويٽس بهترين نموني بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ ’تڪرار ۽ دشمني آسانيءَ سان دوستي ۽ مذهب سان هم آهنگيءَ واري روش سان ملي ٿي. (Markovits. 1966: 49) اهو پيچيده سماجي ڍانچو اڻويهين صديءَ ۾ تيزيءَ سان معاشي تفاوتن جي نتيجي ۾ ٽٽڻ جا نشان ظاهر ڪرڻ لڳو يا ائين به چئي سگهجي ٿو ته جنهن جاءِ تي هم آهنگي ۽ خيالن جي هڪجهڙائي اتي اندروني طور يا لڪل ريت تمام گهٽيون نفرتون پڻ شامل هيون. جيڪي پوءِ مسلمانن جي جداگانه پارٽين ۽ هندن جي طرفان جوڙيل ’سيوڪ سنگن‘ جي صورت ۾ چٽيون ٿي بيٺون. بهرحال، جيئن ڏٺو ويو، جيڪو گهٽي قدر سچ به آهي ته ”سنڌ صوبو هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ تمام گهٽي ويجهڙائيءَ جو شاهد رهيو آهي، ۽ جيتوڻيڪ لاڳاپا نه برابر هئا. ان جي باوجود ننڍي ڪنڊ ۾ ٻنهي وڏن مذهبن وچ ۾ هم آهنگي جو اثر تمام گهرو رهيو هو.“ (Kothari, 2007: 5) ادبي ۽ سياسي بيانن ۾ ورهاڱو ۽ تشدد هڪ مرڪزي حيثيت رکن ٿا، تنهن هوندي به پنجاب يا بهار جي ورهاڱي جي تجربن جي برعڪس بنگال ۽ سنڌ جو ڪيس هڪ استثناء جي نمائندگي ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ ورهاڱي وقت وڏي پئماني تي تشدد نه هئڻ جي برابر ٿيو. سنڌ ۾ جسماني تشدد جا تمام گهٽ واقعا ٿيا. ڦرلٽ، غنڊه گردي ۽ ملڪيتن تان جهيڙا ضرور ٿيا، پر انهن ۾ به خونريزي شامل نه هئي. ورهاڱي کان ٽي مهينا پوءِ جڏهن آچاريه ڪرپالاڻي انڊين نيشنل ڪانگريس جي صدر جي حيثيت ۾ سنڌ جو دؤرو ڪيو، تڏهن هن چيو ته: ”سنڌ مان هندن ۽ سکن جو ٿورڙو ئي لڏ پلاڻ ٿي هئي. هو ڪنهن به وحشي پرستيءَ جو شڪار نه ٿيا. ڇاڪاڻ ته سنڌين جو تعلق جنهن به عقيدي سان هو، اهي صوفي ۽ ويدانتيءَ جي خيالن کان گهڻو متاثر هئا، جن نظرين هنن کي برداشت ڪرڻ سيکاريو هو.“ (Kripalani, 2004: 703) سنڌي هندن ۽ مسلمانن جي لاڳاپن کي ڪنهن حد تائين باهمي رواداريءَ جي نموني، رومانوي نظر کان هٽائي، هن طرح ڏسجي ته به ڳالهه سمجھه ۾ اچي ٿي ته ”سنڌ جي جاگرافيائي سرحد جي حيثيت، هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ معاشي انحصار پڻ به وڏا اهم سبب هئا؛ جنهن ڪري مذهبي تڪرار نه ٿيا. نتيجي ۾ جيڪي ٿورا گهڻا مذهبي جهيڙا ٿيا، اهي به جنوري 1948 تائين گهٽجي ويا. ان کان علاوه، بنگال ۽ پنجاب جي صوبن برعڪس، سنڌ صوبي جو ورهاڱو نه ڪيو ويو هو. اهو سڄو پاڪستان هليو ويو.“ (Pandey, 2004) جنوري 6، 1948 ڪراچي ۾ فسادن جي آخري لهر اڀري. نتيجي ۾ هڪ پاسي سڄي سنڌ مٿان خوف جي فضا طاري ٿي وئي ته ٻئي طرف سنڌ جي ڀهراڙيءَ جي هندن سمجهڻ شروع ڪيو ته هو هاڻي وڌيڪ سنڌ ۾ محفوظ ناهن رهيا. حالانڪه فساد جي اها لهر پنجاب مان ايندڙ انهن سکن خلاف هئي، جن کي ڪراچيءَ ۾ پناهه ڏني وئي هئي.

سنڌ جي تاريخ جو اهو پڻ سچ آهي ته هندو آبادي پنهنجي حقيقي تجربي جي بجاءِ ظلم ۽ تشدد جي خوف کان، پچڻ شروع ڪيو هو. سنڌ جا امير ۽ خوشحال هندو پاڪستان جي نئين رياست ۾ پاڻ کي غير محفوظ ۽ خوفزده محسوس ڪري رهيا هئا. مهاجرن جي اچڻ سان سنڌن جان ۽ مال جو خطرو واضح ٿيڻ لڳو هو. پوپٽي هيراننداڻي پنهنجي سوانح عمري ۾ ان وڏي خوف جو ذڪر ڪري

ٿي، جنهن هن جي خاندان کي سنڌ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو: ان ۾ هن مهاجر مسلمان کي هڪ امڪاني طور اغوا ڪندڙ ۽ ريپسٽ طور ڏيکاريو آهي. (هيرانندائي، 1981: 164)

## 2.5.2. ورهاڱي کان اڳ سنڌي سماج ۾ وڏيرن جو ڪردار

سنڌي سماج شروع کان پنهنجي روايتن جي آڌار ڳوٺاڻو پسمنظر رکي ٿو. ڳوٺن ۾ وري وڏيرن جو اثرواسوخ گهڻو هوندو آهي. ٻين لفظن ۾ عام ڳوٺاڻن جي زندگي وڏيرن جي چوڌاري ڦرندي ملندي. جيڪو سلسلو اڄ به ڪنهن نه ڪنهن ريت جاري آهي. انگريز ڇاڪاڻ ته ڌاريا حاڪم هئا. ان ڪري هنن سنڌ ۾ خاص طور وڏيراشاهيءَ کي تمام گهڻو مضبوط ڪيو. هو ڄاڻن پيا ته وڏيرن جي ذريعي ئي عام ماڻهن کي ذهني توڙي جسماني طور ضابطي ۾ رکي سگهجي ٿو. سنڌ اندر برٽش راڄ ۾ وڏيرو ڪيترو مضبوط ان جون جهلڪيون سنڌي سماج ۾ نظر اچن ٿيون. تحقيق جي حوالي سان هتي پير علي محمد شاه راشديءَ جي ڪتاب ’اهي ڏينهن اهي شينهن‘ (جلد اول) ۾ شامل هڪ ڳالهه حوالي طور آڻجي ٿي. ان بابت پير علي محمد شاه راشديءَ نوٽ ۾ لکيو آهي ته ”جنهن زماني سان هن قصي جو تعلق آهي، سو زمانو پهرين عالمگير جنگ (1914ع کان 1918ع) جو هو. انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگيءَ تي ڪامورا ۽ انهن جا ڇاڙتا، وڏيرا ڇانيل هوندا هئا. قصو خيالي آهي، ۽ نالا سمورا فرضي، ڪتاب جي مهڙ ۾ هن قصي ڏيڻ جو مقصد هي آهي ته پڙهندڙن جي اکين اڳيان ان زماني جي عام حالتن جي هڪ تصوير رهي.“ (راشدي، 1980) سنڌي سماج ۾ ڪهڙي ريت وڏيرو، انگريزن جي غلامي ڪري پنهنجي هارين نارين کي دٻائي ٿو. راشدي مثال ۾ فرضي نالن سان بمبئي جي گورنر جي سنڌ ياترا جي ڪهاڻي لکي ٿو. ان ۾ هن جي منظرڪشيءَ جو مثال خوب آهي. جيئن لاڙڪاڻي جي هڪ وڏيري وٽ جڏهن لاٽ صاحب (گورنر) جي آمد متوقع آهي ته ان کان اڳ ۽ ان کانپوءِ جي صورتحال ڪهڙي ريت بيهي ٿي. پير علي محمد شاه راشديءَ ڪجهه هن طرح لکي ٿو:

”انگريزن جو ڏاڍو زور هو. جناب ڪليڪٽر صاحب ضلعي جو حاڪم هوندو هو. جناب ڪمشنر صاحب بهادر مالڪ سنڌ جو ته قصو ڪرڻ کان ئي ٻاهر. سنڌ هوندي هئي بمبئي پرڳڻي جو هڪ ڏورانهون حصو، تنهن ڪري جناب نواب گورنر صاحب بهادر بمبئي سال ۾ فقط هڪ پيرو ايندو هو، سو به شيل شڪار خاطر. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ زميندارن وٽ وڏيون ڍنڍون هونديون هيون، جيڪي گورنر ۽ ڪمشنر جي شڪار لاءِ محفوظ رکيون وينديون هيون. صاحبلوڪن جي آمد وقت زميندارن طرفان وڏا بندوبست ٿيندا هئا. اکيچار مهمانيون ۽ بيحساب خاطريون ۽ تواضع - بلڪ انهن وڏيرن جي عيد اها هئي، ته گورنر يا ڪمشنر صاحب اچي سندن مهمان ٿئي. ان ڪري مقامي عملدارن ۽ راڄ جي ماڻهن تي سندن رعب رهندو هو. ٻيا انعام اڪرام، لقب ۽ سرڪاري رعايتون ان اپرانڌ. ان زماني ۾ ڪمشنر يا گورنر ڪنهن وڏيري تي مهربان ٿيو، ته ٻيڙائي پار: آني - ٻٽي في ايڪڙ مالڪاڻي تي هزارين ايڪڙ زمين جا بطور بخشيش جا ملندا هئا، معمولي کان معمولي ماڻهو گهڙيءَ پل ۾ وڏين ايراضين جا مالڪ بڻجي ويندا هئا، ”خان صاحبيون“ ”خان بهادريون“، دربارين ۾ تراريون، لنگيون ۽ آفرين ناما تنهن ڪانسواءِ.“ (راشدي، 1980) ان وقت سنڌ ۾ شڪار ڪرڻ عام هو. هو پاسي سنڌ جا وڏيرا انگريز صاحبن کي شڪار ڪرائڻ وڏي فخر ۽ اعزاز جو سبب سمجهندا هئا ته ٻئي طرف سماج جو اعلى طبقي وٽ شڪار پسنديده مشغلو هو. انهيءَ حوالي سان جي. ايم. سيد پنهنجي يادگيرين جي ڪتاب ’جنب گذاريم جن سين‘ ۾ لکيو آهي ته ”پير صاحب ميان الهيار شاه جي حيثيت هڪ پير طريقت وانگر نه آهي، پر سندس شهرت انهيءَ دؤر جي خانداني مشغلن ۾ برک ٿيڻ ڪري پيدا ٿي. هن جڏهن شڪار طرف توجهه ڪيو ته بهترين ڪتن جون لوڌون ڌاريائين، انهن سان آسپاس، بلڪه مانجهندن تائين ٻيلن ۾ شڪار ڪندو هو: جنهن ڪري نه صرف مڪاني شڪار جا شوقين سندس ناماچار ٻڌي وٽس شڪار لاءِ ايندا هئا، بلڪه پري پري جا شڪار جا ڪوڏيا به سندس واقف ٿي ويا. هن نه صرف ڪتن سان شڪار تي اڪتفا ڪئي، پر مهاڙيون ٻڌائي، ڪڏٽا نهرائي، پها ڪيائي، بندوق سان شڪار به ڪندو هو.“ (جي.ايم. سيد، 1967:) سنڌ ۾ ائين به نه هو ته رڳو وڏيرن جو راڄ هو. ڪجهه محققن موجب زندگي هن

دؤر ڪان وڏيڪ خوش هئي. ماڻهو ذهني ۽ روحاني طور آسوده هئا. جيئن ڊاڪٽر عمر بن محمد داوئد پوٽي پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو آهي ته ”سنڌ جا ماڻهو خوشحال، صحتمند ۽ آسودا هئا. پنهنجي وڏن ڏينهن تي ميل ملاکڙا، ڪشتيون، ڪسرتون ۽ عجيب و غريب ڪرتب ڏيکاري سورهيائي جي ساک ڏيندا هئا. انهن جي ڪچهرين ۾ سياڻن جا نسخا، پهاڪا، چوڻيون ۽ سگهڙن جا قول ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. انهن جو ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ سان انتها جو عشق هيو. اڳين ۽ هاڻوڪي ماحول ۾ رات ڏينهن جو فرق آهي. اڄ اسان پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت کي وساري ويٺا آهيون ۽ ٻين جي پويان ڪاهي پيا آهيون جنهن ڪري اسان ڪان خوشيون موڪلائي ويون آهن.

**جتي هنج هئا، ات ڪاون ڪانگيرا ڪيا**

**ويچارا ”وليداد“ چئي، ولر ڪـــــــــري ويا،**

**اڄـــــــــــي آل پيا، انـــــــهــن اوطاقن ۾.** (دائودپوٽو)

معاشري جي انهن سهڻاين جي زوال بابت ڊاڪٽر دائودپوٽو جتي مايوسيءَ جو اظهار ڪري ٿو اتي سنڌ جي ٻين به نامور لکيڪن جي تحريرن ۾ اهي ڳالهيون صاف نظر اچن ٿيون ته ماڻهو ميلن ملاکڙن جا ڪوڏيا هوندا هئا. ان ڳالهه جي شاهدي جي. ايم. سيد جي يادگيرين جي ڪتاب ’جنب گذاريم جن سين‘ ۾ پڻ ملي ٿي، هو لکي ٿو ته ”سنڌ جي راندين ۾ ملاکڙي کي خاص جڳهه آهي. قديم وقت ڪان ملاکڙا سنڌي جرئت آزمائيءَ جا مکيه مرڪز ئي رهيا آهن. پراڻي دؤر ڪان اڄ تائين، جتي به ملاکڙو لڳندو آهي، اتي هزارين تماشبين اچي ڪٺا ٿيندا آهن، جتي غريب ۽ شاهوڪار سندن همت افزائيءَ لاءِ ملهن کي انعام ڏيندا آهن، جيئن اڄڪلهه شهرن ۾ مشهور ڪرڪيٽ ۽ فٽبال رانديگرن جو ٻڌي هزارين ماڻهو اچي گڏ ٿين ٿا، تيئن سنڌ ۾ مشهور ملهن جو ٻڌي پري پري ڳوٺن ڪان ماڻهو اچي گڏ ٿيندا آهن. قديم خاندانن ۾ انهن جي همت افزائيءَ لاءِ چٽا پيٽيون ٿينديون هيون، جيڪو انهن کي گهڻو پئسو ڏيندو هو، تنهن جو نالو وڌيڪ ڳائبو هو، جيئن گهوڙن ڊوڙائڻ جي ريس تي بازي لڳائڻ هڪ عام ڳالهه آهي، پر گهوڙا ڏاري انهن کي ريس ۾ ڀڄارائڻ بي ڳالهه آهي، پر ڪي خاندان اهڙا به هئا، جي مشهور ملهن جي پرورش پڻ ڪندا هئا، جي وٽن سدائين پيا پلبا هئا. پوءِ هو، ميلن ۽ ملاکڙن ۾ انهيءَ خاندان جا ملهه سڏجي مقابلو ڪندا هئا.“ (جي.ايم. سيد، 1967:)

نه فقط ٻاهر پر گهرن ۾ به ذهني آسودگي ۽ خوشحالي هئي. هندو هجن يا مسلمانن اڪثريت انهن ماڻهن جي هئي، جيڪي هڪ ٻئي لاءِ خير جون دعائون پنندا هئا. انهن دعائن ۾ خلوص ۽ هڪ ٻئي لاءِ بي انتها محبت هوندي هئي. جهڙي ريت سنڌ جي نامور ادب گوبند مالهيءَ پنهنجي ساروڻين جي ڪتاب ’عجيب رشتا ناتا‘ ۾ رقم طراز آهي ته ”منهنجي ڏاڏي، صبوح جو سويل اٿي ادائي گهرن جو خير گهرندي هئي، پڳوان جي اڳيان آراڌنا ڪندي هئي ته، ”حقون به رکج، ناحقون به رکج.“ وڌيڪ لاءِ پرارٿنا ڪندي چوندي هئي ته ”سهنديءَ بار نه ڏج.“ مان ڪجهه وڏو ٿيندي ئي ادائي گهرن جي خير گهرڻ جو مطلب ۽ مفهوم سمجهي ٿي ويس، اهڙي ريت پنهنجي خير ڪان پهريان ٻين جي خير گهرڻ جي (سنڌي- پارتي سنسڪرتيءَ) پرمپرا به منهنجي دل ۽ دماغ تائين پهتي وئي. عمر ۽ ذهن ۾ اچا به وڏو ٿيندي ’حقون به رکج ناحقون به رکج‘ جو راز (رهسيه) به سمجهيم ۽ شاهه لطيف جي اها عبادت به راس آئي ته ’عدل چٽان آن نه، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو.‘ باقي ڏاڏيءَ جي ٽين آرزو، ’سهنديءَ بار نه ڏج.‘ منهنجي عقل کي سمجهه ۾ نه آئي ’سهنديءَ بار نه ملي ته اڻسهڻ جهڙو بار پلا ڪيئن کڻي پئي سگهبو؟‘ جوانيءَ ۾ قدم رکندي اَمان ڪان اِن عجيب تمنا جي معنى پڇي. امان ٻڌايو، ”ماڻهو اهڙو نود جو ڪهڙو به وزني بار ڪنجهندي ۽ ڪرڪندي، روئندي ۽ رڙندي به سهي ئي ويندو آهي؛ ماءُ، پٽ کي سهسائي ويندي آهي؛ زال، مڙس جو ڏک سهي چڙهندي آهي. پيءُ، ڌيءُ جو ڏاريي گهر يا پڳوان ڏانهن وڃڻ جو وڇوڙو وساري ويهندو آهي.“ (مالهي، 1991:)

ورهاڱي ڪان اڳ يعني انگريزن جي دؤر ۾ اهو سمجهڻ ٿورو مشڪل ضرور آهي پر حقيقت ته سماجي ڍانچي کي ڪافي مضبوط ڪيو ويو. جيئن ’بيڻکي دؤر جي پڇاڙيءَ وقت سنڌ‘ جي نالي سان هڪ مضمون ۾ روسي ليکڪ واءِ. وي. گانڪوفسڪي لکي ٿو ته ”بيڻکي دؤر ۾ سنڌ ۾ جيڪو نيارو سماجي، اقتصادي واڌارو آيو، تنهن سنڌ جي نسلي جوڙجڪ جي بناوت تي مخصوص اثر ڇڏيا. جيئن پاڪستان جو هيءُ پاڱو، ٻين ايراضين جيان وڏي شهر جو زرعي ضميمو بڻيو، تيئن

پيدائش، ناٽي لاڳاپن ۽ پوکراهي، پيداوار جي انهن شاخن زور ورتو. جن جو بنيادي مقصد مال موڪلڻ هو. ڪي ايراضيون پيدائش جون خاص جنسون پيدا ڪرڻ لاءِ مخصوص ٿي ويون. وڏن زميندارن موجود زمين ۾ پنهنجي پٽي هيڪاري وڌائي ڇڏي ۽ جيئن ته سنڌ جي ڳوٺائي آبادي بيٺڪي دؤر کان اڳ ئي اپرڻ لڳي هئي، ان ڪري هتان جا ڪڙمي پنهنجيون زمينداريون، پنجاب جي پيٽ ۾، وڌيڪ تڪڙيون وڃائڻ لڳا. ويهينءَ صديءَ جي منڍ ڌاري ته سنڌ جي سموريءَ زمين جو ڌري گهٽ اَسي سيڪڙو مرضيءَ وارا هاري آباد ڪندا هئا.“ (مرزا، 1982: 14) هو لکي ٿو ته وڏي شهر هٿان سنڌ جي پرمار وٽج واپار ۽ موڙيءَ جي سيڙپ کي هٿي ڏني. زمينن جي پيدائش گهٽو ڪري ٻاهرين سيڙپ ڪندڙ فرمن جي دلالن جي هٿ وس هوندي هئي. نتيجي طور، گهڻا زميندار (ڪڙمي توڙي ننڍا کاتيدار) وياج خورن جي قرضن ۾ جڪڙجي ويندا هئا ۽ اهڙيءَ ريت پنهنجون زمينون وڃائي ويهندا هئا. ويهين صديءَ جي اوائل ۾ سنڌ اندر سموري آباديءَ لائق زمينن جو چاليهه سيڪڙو وياج خورن جي ملڪيت هو. ريلن جي اڏاوت ۽ اترينءَ سنڌ ۾ آبپاشيءَ جي وڏين رٿائن جي ڪري توٽي روانگي واپار ۽ اندروني وٽج جي واڌاري شهرن جي اوسر کي هٿي ڏني. انهن ۾ پهريون شهر ڪراچي هو، جو سنڌ جو وڏي ۾ وڏو اقتصادي، انتظامي۽ ثقافتي مرڪز بڻجي ويو. ٻيا شهر حيدرآباد، شڪارپور ۽ سکر وغيره. هئا.“ (مرزا، 1982: 14) هڪ پاسي سماج جون خوشيون هيون ته ٻئي طرف معاشري جون ڪوڙ اهڙيون ڳالهيون، جيڪي حال ۽ مستقبل لاءِ يقينن پريشانيءَ جو سبب بڻجي رهيون هيون.

ورهاڱي کان اڳ انگريزن جي دؤر ۾ سنڌ جو سماجي انفراسٽرڪچر ڪافي حد تائين تبديل ٿي ويو. خاص ڪري ورهاڱي کان ٽي ڏهاڪا اڳ يورپ خصوصي طور انگليند ۾ ٿيندڙ صنعتي ترقيءَ جا ثمرات پڻ سنڌ کي ملڻ شروع ٿي ويا. جنهن لاءِ سنڌ ۾ باقاعده سان ريلوي سروس جي شروعات ڪئي وئي. ٽپال جو جديد سرشتو شروع ڪيو ويو. جديد تعليم اچڻ سبب صحت جي شعبي به ترقي ڪئي. آبپاشي جو نظام بهتر ٿيو. سکر بئراج جي اڏاوت کان پوءِ سنڌوءَ جو پاڻي بهتر نموني ورهايو ويو ۽ غير آباد زمينون آباد ڪيون ويون. ان کان علاوه آمدورفت جا وسيلا ۽ واپار جا موقعا پڻ فراهم ڪيا ويا. ”برطانوي راڄ جا سنڌ تي گهڻا اثر وڌا، اهڙيون تبديليون اڳ ۾ ڪنهن به دور ۾ نظر نه آيون هيون. انهن تبديلين جو مکيه مرڪز انگلنڊ هو، ڇاڪاڻ ته يورپ ۾ صنعتي انقلاب زندگيءَ جي هر پاسي تي اثر وڌا هئا. صدين کان معاشي، سماجي ۽ پيداواري وسيلا زمين جي ورچ تي ٻڌل هئا، جن کي صنعتي انقلاب تبديل ڪيو. مشينن جي استعمال سان فرد کي پنهنجو گذر بسر ڪرڻ يا پيداوار حاصل ڪرڻ جي قابل بڻايو، جنهن جي نتيجي ۾ پورهيت طبقو مٿي اڀري آيو ۽ اڳتي هلي ان وچولي طبقي جي صورت اختيار ڪئي.“ (مرزا، 1982: 16)

تاريخ جا صفحا ٻڌائين ٿا ته ”ٽالپرن جي دور ۾ سنڌ ۾ تعليم روايتي استادن جي ذريعي ڏني ويندي هئي، جن کي ’آخوند‘ چيو ويندو هو، ڳوٺن ۾ مقامي ملان يا مسجدن جي امامن طرفان تعليم ڏني ويندي هئي ۽ اڪثر تعليم ڪلام پاڪ جي روشنيءَ ۾ ڏني ويندي هئي. هندن جا ٻار پاٺشالائن ۾ پڙهندا هئا يا آخوندن وٽ فارسي جي تعليم حاصل ڪندا هئا. ان وقت دفترن ۾ فارسي زبان استعمال ٿيندي هئي، جيڪا اميرن جي ٻولي سمجهي ويندي هئي. فارسي، صرف مٿئين طبقي لاءِ هئي، ته جيئن عام ماڻهو عدالتي معاملن ۾ مداخلت نه ڪري سگهي، انگريزن جي اچڻ کان پوءِ اعلان ڪيو ويو ته حڪومت جا سمورا انتظامي معاملا سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيا  پڙهيا ويندا، يعني سنڌيءَ کي آفيس جي ٻوليءَ  جو درجو ڏنو ويو.“ (قدوسي، 2007: 15) انهن سڀني معاملن باوجود سڄي هندستان جيان سنڌ جا مسلمان پڻ مسلسل بيچيني ۽ عجيب گومگو جي پوزيشن ۾ رهيا. شروع ۾ ته انگريزن طرفان متارف ڪرايل جديد شين کي ’حرام‘ قرار ڏئي، انهن جو بائيڪاٽ ٿيندو رهيو. ايتري حد تائين جو انگريزي تعليم کي ’شيطاني علم‘ سان تعبير ڪري سمجهايو ويو ته انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ مان مطلب سڌو سئون ڪفر ۾ داخل ٿيڻ آهن. وقت تيزيءَ سان گذرندو رهيو. مسلمان جديد علم پرائڻ جي ڊوڙ ۾ پوئتي ڌڪجي ويا. انهيءَ وچ ۾ ڪراچيءَ اندر ڪجهه مسلمان ڏرين کي خيال آيو ته ڇو نه جديد مطلب انگريزي ۽ پاڻ وٽ صدين کان جاري عربي فارسي تعليم، جنهن ۾ گهڻو ڪري مذهبي علم پڙهايا ويندا هئا، جو آغاز ڪجي. انهيءَ حوالي سان حسن علي آفندي هڪ قدم

اڳتي وڌايو. ”سنڌ محمدن ايسوسيئيشن‘ جي صدر حسن علي آفندي (آخوند) ڪراچيءَ جي بولٽن مارڪيٽ ڀرسان سنڌ مسلم مدرسو قائم ڪيو، جنهن ۾ شاگردن لاءِ هاسٽل ۽ کاڌي جو انتظام به ڪيو ويو، اهو اڳتي هلي سنڌ مدرسته الاسلام طور مشهور ٿيو. جتي محمد علي جناح سميت ٻين وڏين شخصيتن به تعليم ورتي.“ (انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا) مسلمانن پاران اهڙي قسم جي ڪوشش تي هندو جيڪي اڳي ئي جديد تعليم حاصل ڪرڻ جي حق ۾ هئا؛ پنهنجون ڪوششون وڌائي ڇڏيون. ”حيدرآباد ۾ ابتدائي طور به اسڪول: هڪ گورنمينٽ ۽ ٻيو مشنري جو بنياد پيو. سال 1888 ۾ ساڌو هيرانند ’يونين اڪيڊمي‘ جوڙي. ان جا ميمبر نولراءِ شوقيرام، ڏيارام گدومل ۽ ديوان ڪوڙو مل چندن مل هئا. 1898 ۾ هڪ ٻيو تعليمي ادارو نيو وديالا جي نانءَ سان وجود ۾ آندو ويو. هن اداري جون 5 شاخون هيون. ڪجهه عرصي ۾ ئي حيدرآباد اندر 6 تعليمي ادارا کلي ويا.“ (انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا) ٻئي طرف سنڌ جي ٻين مکيه شهر ۾ پڻ جديد انگريزي تعليم جو رجحان زور وٺڻ لڳو. ”ساهتي پرڳڻي ۾ ماڻهن نفرادي طور رضاڪاراڻي جذبن تحت تعليم جو سلسلو شروع ڪيو. هن خطي کي تعليم جي حوالي سان معياري ليکيو ويندو آهي. ”هي اهو دؤر هو جنهن ۾ فائنل تائين تعليم وڏي ڳالهه ليکي ويندي هئي. مئٽرڪ لاءِ بمبئي وڃڻو پوندو هو. سال 1887 ۾ ڏيارام گدو مل سنڌ آرٽس ڪاليج جو وجود عمل ۾ آيو. بعد ۾ هن کي ڏيارام ڄيٺمل (ڊي. جي.) ڪاليج جي نالي سان ڄاتو ويو. حيدرآباد ۾ نيشنل ڪاليج، شڪارپور ۾ سيٺلداس ۽ چيلاسنگهه ۽ ڪاليج قائم ٿيا.“ (انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا) سنڌ ۾ تعليمي ادارن جي قيام ڪانپوءِ هتان ماڻهن اڳيان روزگار جا نوان درواز پڻ کلندا ويا. فائنل پاس ڪندڙ کي به آسانيءَ سان سرڪاري نوڪري ملي ويندي هئي. مئٽرڪ پاس ڪندڙن کي سرڪاري نوڪرين لاءِ خصوصي طور آڇون ڪيون وينديون هيون. نتيجي ۾ سنڌ جا ماڻهو، جن ۾ وري به اڪثريت هندو ڌرم سان تعلق رکندڙ هئا. مختلف سرڪاري کاتن ۾ وڏي انگ ۾ داخل ٿي ويا. هي اهو وقت هو جڏهن سنڌ ۾ مڊل ڪلاس قوت سان ابري مٿي آيو. وچولي طبقي جو ڀرپور نموني اڀرڻ ۽ خاص ڪري هندو ڪميونٽيءَ جي ترقيءَ کي ڏسي مسلمانن پڻ جديد تعليم ڏانهن لاڙو اختيار ڪيو. سنڌ جو دانشور ۽ ليکڪ طبقو پڻ گهڻوڪري تعليم واري شعبي سان لاڳاپيل هو ”ان زماني ۾ جن ادب ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. تن ۾: مرزا قليچ بيگ، ڏيارام گدومل، ڪوڙو مل چندن مل کلناڻي، ڄيٺمل پرسرام، پرمانند ميوارام، لالچند امرڏنومل ڄڳتياڻي، نادر بيگ مرزا وغيره. شامل هئا، جيڪي سنڌي ادب ۾ تخليقن ۽ ترجمن سان واڌارو ڪندا رهيا.“ (انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا)

تعليم کي ترقي ملڻ سان ادبي شوق پڻ جاڳيو. ماڻهو نئين معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ آتا نظر آيا. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌيءَ ۾ هر شعبي جي ڪتابن ڇپجڻ سان گڏ اخبارون ۽ رسالا پڻ جاري ٿيا. ”پهرين سنڌي اخبار ’سنڌ سڌار‘ هئي. 1885 ۾ سنڌي ۽ فارسي زبان ۾ ’فوائد الاخبار‘ جو اجراءِ ٿيو. ان کانسواءِ ’سنڌي ٽائيمز‘ پڻ جاري ٿي، جنهن کي سماجي تحريڪ سنڌ سڀا جي سرپرستي حاصل هئي. ان جو ايڊيٽر ساڌو هيرانند ۽ جوائنٽ ايڊيٽر نگيندرناٿ گپتا هو. ان وقت ’سرسوتي‘ مخزن پڻ شهرت ماڻي.“ (انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا) سنڌي سماج ۾ هيءَ اٿل وڏي پئماني تي نه ئي پر محدود سطح تي تعليمي انقلاب هو. ٻهراڙيءَ جي جن ماڻهن کي تعليم جي معرفت نوڪريون مليون. انهن ٻهراڙين مان شهرن ڏي ڏانهن سفر شروع ڪيو. ورهاڱي کان اڳ تعليم معرفت سنڌي ماڻهن جي ڳوٺن کان شهرن ڏانهن پهرين هجرت هئي. شهرن جي آباديءَ ۾ تڪڙو اضافو ٿيو. اهڙي صورتحال ۾ شهرن به ترقي ڪئي ۽ انهن جي آباديءَ ۾ به اضافو ٿيندو رهيو. اڪثر ماڻهو روزگار يا نوڪرين لاءِ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ طرف ويندا رهيا. بعد ۾ گهر ۽ کاڌي جي مسئلن سبب پنهنجين زالن ۽ ٻچن سميت شهرن ڏانهن منتقل ٿيڻ لڳا.

جتي خوشيون ڪر ڪٽنديون آهن، اتي ڏک به اچي پهچندا آهن. سنڌي سماج مسين پاڙ کي مستحڪم ڪرڻ شروع ڪيو ته مٿان پهرين مهاڀاري لڙائي شروع ٿي. 1914 کان شروع ٿيل هن وڏي جنگ ۾ برطانيه سڌي ريت حصو ورتو. هندستان جي ٻين علائقن جيان سنڌ جي نوجوانن کي پڻ ان جنگ جو ڀاڱو بڻايو ويو. ننڍي کنڊ جا خام مال ۽ خوراڪ جا وسيلا سندن جنگي ضرورتن لاءِ وقف ڪيا ويا. جنهن سبب شين جي اگهن ۾ اضافو ٿيو آهي. بدقسمتيءَ سان 1918ع ۽ 1919ع ۾

ڏڪار ۾ موذي وبا سڄي برصغير کي وڏو هاڃو رسايو، جنهن ۾ هڪ ڪروڙ 20 لک ماڻهو مارجي ويا.“ (انسائڪلوپيبديا سنڌيانا) هي اهو زمانو هو جڏهن سنڌ ۾ ساٿي جي بيماري منهن ڪڍيو. ’اسپينش فلو‘ ۾ هزارين ماڻهو موت جو کاڄ بڻجي ويا. ڪجهه سال ته چڻ ترقيءَ کي بريڪ لڳي وئي، پر هميشه جيان هڪ وڏي مصيبت کانپوءِ هڪ ڀيرو ٻيهر خوشين ماڻهن جي درن کي کڙڪائڻ شروع ڪيو. چاڪاڻ ته هي اهو دؤر هو جڏهن برطانوي سرڪار جنگ ۾ ٿيل نقصان جي ازالي لاءِ صنعتن کي ترقي وٺرائڻ جي هڪ ڀيرو ٻيهر ابتدا ڪئي. هاڻي سنڌي سماج ۾ ڪارخانيدارن، سرمائيدارن ۽ مزدؤرن جا طبقا پيدا ٿيڻ لڳا. هڪ ڀيرو ٻيهر روزگار جي تلاش ۾ ٻهراڙين مان شهرن ڏانهن لڏپلاڻ شروع ٿي وئي. صنعتن جي وڌڻ ڪري هندن پنهنجي روايتي ڪاروبار کي بينڪاريءَ جي جديد مالياتي نظام ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. ”مسلمان اڪثريتي علائقن ۾ هندن جون زمينون وغيره  نه هيون. هندن جو پيشو ڪاروبار يا بئنڪنگ هو. جيڪي مسلمانن کي ضرورت جي وقت قرض ڏيندا هئا يا انهن جون زمينون گروي رکندا هئا. سود ۾ واڌ ۽ قرضن جي عدم ادائگي سبب مسلمانن جون اڪثر زمينون سندن هٿن مان نڪري ويون ۽ هندن جون ملڪيتون بڻجي ويون هيو. ”سنڌ جا هندو آبادگار نه هئا، ان لاءِ مسلمان هارين کي زمينون آباد ڪرڻ لاءِ مقرر ڪندا هئا. ورهاڱي وقت لڳ ڀڳ 30 لک ايڪڙ زمين هندن جي هٿ هيٺ هئي، جيڪا اڳي مسلمانن جي هئي. انهن سڀني ڳالهين جي باوجود آزاديءَ خاطر مسلمانن ۽ هندن ۾ ذهني هم آهنگي پيدا ڪرڻي پئجي وئي. مسلمانن، ماضيءَ ۾ هندن جي مخالفت جي جذبن کي هم آهنگي ۽ رواداري ۾ تبديل ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان ٺهڻ جو ٺهراءُ پيش ڪيو ٿيو، جيڪو سنڌ جي قانون ساز اسيمبليءَ ۾ مسلم ليگ طرفان منظور ڪيو ويو.“ (انسائڪلوپيبديا سنڌيانا) ان سڄي سلسلي ۾ سنڌ جون عورتون به اڳيان آيون. ڇو ته ان کان اڳ سنڌ ۾ عورتن جي حقن جو خيال نه رکيو ويو هو. ”مسلمان عورتون مڪمل طور پردي ۾ هونديون هيون ۽ هندو عورتون به هڪ محدود دائري ۾ پاڻ ڍڪينديون هيون. ڇوڪرين جي ننڍي هوندي ۾ ئي شاديون ٿينديون هيون، قبيلن جي ڪنٽرول وارن علائقن ۾ غيرت جي نالي تي ماڻهو ماريا ويندا هئا؛ جن خلاف انگريزن سخت قاعده  قانون پاس ڪيا هئا، پر هندو مت عورتن جي مڙس مرڻ کانپوءِ ان جي جي ٻي شادي بابت سوال نه اٿاري سگهبو هو. انگريزن هندن ۾ ٻي شادي ڪرڻ جو سوال ۽ ستيءَ جي ڪڌي رسم خلاف قانون پاس ڪري ان کي بند ڪرايو.“ (انسائڪلوپيبديا سنڌيانا) اهڙي ريت جديد تعليم جا فائدا پڻ ظاهر ٿيڻ لڳا. ان وچ ۾ سماج ۾ بيداري پيدا ٿيڻ کان پوءِ ڇوڪرين جي تعليم ڏانهن ڌيان ڏنو ويو. سماجي تحريڪن ۾ عورت کي مردن جي برابر مقام ڏنو ويو. جڏهن سنڌ ۾ عورتن لاءِ تعليم جي راهه هموار ڪئي وئي ته آزاديءَ جي تحريڪ ۾ عورتن جو ڪردار نمايان نظر آيو. مهاتما گانڌي جي لبرل خيال ۽ 1930 ۾ ڪراچي ڪانگريس پاران ڏنل پيغام کان پوءِ عورتن جي حقن ۽ برابريءَ جي سوچ کي پوري قوت ملي. سنڌي عورتن بعد ۾ رضاڪارانه خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ پوري ريت ڪردار ادا ڪيو. پهرين آل انديا وومين ڪانفرنس 1934 ۾ ٿي، وري 1940 ۾، سنڌ جي ڇائي اڳواڻ جيٺي سپاهيملاڻي کي سنڌ اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر چونڊيو ويو. ان کان علاوه بيگم صغرى هدايت الله ۽ ٻين خاتون اڳواڻن جو ڪردار به سڀني جي سامهون آهي.“ (انسائڪلوپيبديا سنڌيانا)

### 2.5.3. ورهاڱي کان اڳ سنڌ جون سياسي حالتون

هڪ نظر سان ڏنو وڃي ته مياڻيءُ ۽ دٻي جي جنگين کان ڪافي وقت اڳ جهڙي ريت انگريزن پنهنجو سياسي اثر اسوخ استعمال پئي ڪيو ته ان مان اهو اندازو چڱي ريت لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌ مٿان انگريزن جي سرڪار شروع ٿي چڪي هئي. انهن سڀني حالتن جي باجود چارلس نيپئر پنهنجي جنگجوئانه طبيعت جي ڪري سنڌ جي ڪمزور ٿيل حڪومت سان لڙائي ڪرڻ چاهي پيو. تاريخ ۾ رقم آهي ته ”حقيقت ۾ نيپئر سنڌ ۾ جنگ شروع ڪرڻ جو حامي هو ۽ جڏهن ته ايلنبرو سنڌ کي ملائڻ جو حامي هو. ايلنبرو سنڌ کي ساڳي حالت ۾ رکڻ ٿي چاهيو، جنهن ۾ برطانيه جي اختيارات جي شهرت فاتح جي نيڪ نامي سان رهي، هن برطانوي هندستان جي سرحدن جي حفاظت ۽ برطانوي واپار لاءِ سنڌ کي ضم ڪرڻ ضروري سمجهيو.“ (Taracchand, 1934:384)

آخرڪار نه چاهيندي به ميرن کي انگريزن خلاف پهرين مياڻي ۽ پوءِ دبي ۾ جنگيون ڪرڻيون پيو. هنن جنگين ۾ سنڌ جي ميرن کي تمام گهڻو نقصان پهتو. سنڌ تي 60 سالن تائين حڪومت ڪندڙن کي قيدي بنايو ويو. ”نيپئر فاتحانه انداز سان حيدآباد ۾ داخل ٿيو ۽ قلعي جي ديوار تي (يونين جيڪ) برطانيه جو جهنڊو کوڙيو.“ (زرداري، 2012: 2)) سنڌ تي مڪمل قبضي ڪرڻ ڪانپوءِ چارلس نيپئر پهريون گورنر پڻ بنايو ويو. جيتوڻيڪ سنڌ فتح ٿي چڪي هئي، پر ان کان اڳ برطانيه جي ڪافي پاليسي ساز شخصيتن جو خيال هو ته سنڌ کي فتح نه ڪرڻ گهرجي. ان کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏجي. البت ٽيڪس ۽ ٻيون مراعتون سنڌ جي حڪمرانن کان پيون حاصل ڪجن. جڏهن ته سنڌ جي فتح ڪانپوءِ لارڊ ايلنبرو جو مؤقف هو ته ”هن انهيءَ ڪري سنڌ کي شامل ڪيو آهي، جو هي صوبو مصر وانگر سرسبز ۽ آباد آهي.“ (Taracchand, 1934:384) انگريزن جي حڪومت ۾ جنهن تحريڪ تمام گهڻي سياسي طور اٿل پٿل پيدا ڪئي. خلافت تحريڪ. خلافت تحريڪ مسلمانن جي هڪ اهڙي هلچل هئي جنهن برصغير جي ويجهڙائي جي تاريخ تي تمام گهڻا اثر ڇڏيا. پهرين مهاڀاري جنگ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ برطانوي سرڪار ۽ ان جي اتحادين ملڪن، ترڪيءَ جي خلافت کي ٽوڙي ڇڏيو. هندستان جا مسلمان خلافت کي محفوظ رکڻ  چاهيندا هئا. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ خلافت تحريڪ جي ابتدا ٿي. ڪانگريس هن تحريڪ ۾ مسلمانن جي مدد ڪئي. ”خلافت ڪميٽيءَ لاءِ چندو گڏ ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ بيت المال قائم ڪيو ويو. جنهن ۾ امداد گڏ ٿيندي رهي. اها امداد مختلف ضرورتن وارن هنڌن تي موڪلي ويندي هئي، جنهن ۾ مجموعي طور تي 905,174 روپيا گڏ ٿيا هئا. مال، جنهن مان 52,369,000 مهاجرن ۽ قيدين لاءِ خرچ ڪيا ويا ۽ 35,607,000 مرڪزي خلافت ڪميٽي جي حوالي ڪيا ويا.“ (Bhutto, 58: 1963) هن تحريڪ جي حوالي سان سنڌي ماڻهن جي انگريزن کان ڌڪار وارو جذبو نمايان ٿي اڀريو. ”جان محمد جوڻيجي جي بنگلي تي لاڙڪاڻي ۾ هڪ عام جلسي جو اهتمام ڪيو ويو. ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر سميت مختلف شهرن ۾ خلافت ڪانفرنس ٿيندا رهيا. بمبئي ۾ سال 1920 ۾ هڪ اهم اجلاس ٿيو، ’عدم تعاون تحريڪ‘ کي حتمي شڪل ڏني وئي. هن اجلاس ۾ سنڌ مان شيخ عبدالمجيد سنڌي، حاجي عبدالله هارون، ڊاڪٽر شيخ نور محمد  ۽ مولانا محمد صادق شرڪت ڪئي.“ (روزنامه الوحيد، 1920) سرڪار خلافت تحريڪ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون. ٺاروشاه جي هڪ بزرگ عالم مولوي فيض الڪريم جون ان سلسلي ۾ خدمتون  حاصل ڪيون ويون. ان زماني ۾ ”مولوي فيض الڪريم کان هڪ فتويٰ نالي ”تحقيق الخلافت“ ڇپرائي، جنهن تي سنڌ جي 95 مذهبي اڳواڻن، پيرن ۽ علمائن کان تصديق ڪري صحيحون ڪرائي سنڌ ۾ ورهائي وئي. هن فتويٰ جي جاري ٿيڻ کان پوءِ ان جي مخالفت ۾ سنڌ جي عالمن ٻي فتويٰ نالي ”اظهار الڪرامت“ جاري ڪئي، جيڪا خلافت جي حمايت ۾ هئي.“ (راشدي، 1965: 26) خلافت تحريڪ جي جاري رهندي سنڌ ۾ ’هجرت جي تحريڪ‘ شروع ٿي وئي. هي تاريخ جي مذهبي حوالي سان نهايت انوکي تحريڪ هئي. جنهن ۾ سنڌ جي مسلمانن افغانستان ڏانهن هجرت ڪرڻ جو پروگرام صرف ان بنياد تي رٿيو ته افغانستان پاڙيسري مسلم ملڪ آهي ۽ مذهبي حوالي سان هو سنڌ جي مسلمانن جي مدد ڪندو. ”750 مسلمان مهاجرن تي مشتمل قافلو، جان محمد جوڻيجي جي اڳواڻي هيٺ 7 جولاءِ 1920ع ۾ هڪ اسپيشل گاڏي رستي لاڙڪاڻي کان افغانستان ڏانهن روانو ٿيو، جيڪو 19 جولاءِ 1920ع ۾ جلال آباد افغانستان پهتو.“ (بدوي، 1967: 44) افغانستان ڏانهن سنڌي مسلمانن جي هجرت انهن جو تاريخي لحاظ کان هڪ غلط فيصلو هو، جنهن جا اثرات به جلدي ظاهر ٿيا. هجرت تحريڪ اصل ۾ خلافت تحريڪ کي زور وٺرائڻ لاءِ سڄي هندستان جي مسلمانن جيان سنڌي مسلمانن جي هڪ ڪوشش هئي. جنهن ۾ سنڌي هندو پڻ شامل هئا. آخرڪار ”1923ع تائين، پوري هندستان ۾ خلافت تحريڪ زور سان هلي، جنهن ۾ خاص طور تي سنڌ، وڏي ۾ وڏو حصو ورتو. آخر 1923ع ترڪي ۾ انقلاب آيو. سلطان اتاترڪ حڪومت جون واڳون سنڀاليون ۽ ترڪي ۾ خلافت جو خاتمو ٿيو. اهڙي طرح خلافت جي پڄاڻي ٿي.“ (زرداري، 2012: 2) خلافت جي پڄاڻيءَ سان هندستان جيان سنڌ ۾ به ’خلافت تحريڪ‘ پنهنجي منطقي انجام تي پهتي. ان وڏي تحريڪ جي وچ ۾ يا ان کان گهڻو اڳي سنڌ سطح تي هڪ مقامي تحريڪ جنم ورتو هو. جنهن ۾ ان

وقت جي سنڌي ماڻهن جي سياسي سجاڳي کي ڏسي سگهجي پيو. اها تحريڪ سنڌ جي بمبئي صوبي کان عليحدگيءَ جي هلچل هئي. ڇاڪاڻ ته سنڌي مسلمان توڙي هندن جي هڪ وڏي اڪثريت سمجهي پئي ته سنڌکي بمبئي سان گڏ رکڻ هڪ غير فطري طرز عمل هو. سنڌ تاريخي، جاگرافي، تهذيبي، ٻولي ۽ انتظامي حيثيت سان بلڪل الڳ هئي. گذريل پنج هزار سال کان تاريخي طور ظاهر آهي ته، هن واديءَجي رهواسين جي ٻولي الڳ هئي. جيڪا دنيا جي جهونين ٻولين مان هڪ آهي. سنڌ جو بمبئي سان الحاق "سال 1868ع ذاري "سنڌ ايڪٽ" پاس ڪري ڪيو ويو. اهي اختيارات جيڪي سنڌ منجهه بمبئي جي گورنر کي استعمال ڪرڻا هئا، سي سنڌ جي ڪمشنر جي حوالي ڪيا ويا. هن قدم ڪري سنڌ قانوني ۽ مالي طرح سان نيم آزاد هئي، هن نيم آزادي جي ڀوائتي صورت هيءَ هئي ته، سنڌ جي ڪمشنر جا اختيارات بمبئي جي ڪمشنر کان وڌيڪ هڪ "مطلق العنان" حاڪم جهڙا هئا. نتيجي طور هي ملڪ وڏن آفيسرن لاءِ شڪارگاه ۽ ننڍن لاءِ چراگاه ٿي ڪم اچڻ لڳو." (مهتا، 1943: 12) اهڙين حالتن ۾ سنڌ جو عوام هڪ اهڙي بيوسيءَ جي ور چڙهي ويو، جنهن ۾ عام توڙي خاص ماڻهن جا مسئلا حل ٿيڻ بجاءِ وڌي رهيا هئا. عوام محسوس ڪري رهيو هو ته هنن جي گهڻن مسئلن جو سبب سنڌ جو غير فطري طريقي سان بمبئيءَ سان الحاق آهي. ان سلسلي ۾ "صوبائي خودمختياري جو احساس سال 1908ع کان شروع ٿيو. جڏهن سکر ۾ سنڌ صوبائي ڪانگريس جو اجلاس منعقد ٿيو. هن ڪانفرنس ۾ سنڌ صوبائي ڪانگريس جي مسئلن ۽ تڪليفن تي خاص طرح سان ويچارو ڪيو ويو." (زرداري، 2012: 3) تحريڪ هلندي "سال 1917ع ۾ سنڌ جي عليحدگي جو سوال سنڌ نيشنل محمدن ايسوسيئيشن جي شاخ طرفان مسٽر ايڊون مانٽيگو جي ڪراچي دؤري دؤران پيش ڪيو ويو." (May, 1970: 259) سنڌ جي بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ جي پرامن تحريڪ پنهنجي آهستي پر اثرائتي طريقي سان جاري رهي. هن تحريڪ جي خاص ڳالهه شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جون اهي ڪوششون هيون، جيڪي هن ان زماني جي مشهور اخبار 'الوحيد' ذريعي خبرن ۽ مضمونن جي صورت ۾ ڪيون. اخبار ۾ سنڌ جي ناميارن عالمن، دانشور ۽ صحافين مضمون لکي عام ماڻهوءَ کي به اهو پيغام واضح صورت ۾ پهچايو ته سنڌ ڪڏهن به بمبئيءَ سان گڏ رهندي خوشحال نه ٿي سگهندي. "سال 924ع ۾ مسلمان ميمبرن جي ڪاميٽي محمد علي جناح جي سربراهي هيٺ مسلمانن جي مطالبن تي مشتمل ياداشت حڪومت کي پيش ڪئي، جنهن ۾ سنڌ جي بمبئي کان عليحدگي وارو مطالبو به شامل هو." (Wite, 1962: 45) ان سلسلي ۾ هڪ وڏي وک ان وقت کنئي وئي. جنهن ۾ "جولاءِ 17، 1927 تي سنڌ جي هندو- مسلم ۽ پارسي نمائندن جي وچ ۾هڪ معاهدو ٿيو، جنهن کي عام طور تي سنڌ، هندو- مسلم معاهدو سڏيو ويندو هو، جنهن موجب سنڌ جي علحدگيءَ بابت هيٺين شرطن تي اتفاق ڪيو ويو

- اسان ظاهر ڪريون ٿا ته گڏيل چونڊ جو طريقو ۽ سنڌ جي بمبئي کان عليحدگي هڪ ئي وقت عمل ۾ ايندي.
- هندستان جي ٻين صوبن جيان سنڌ کي مڪمل صوبائي خودمختياري حاصل هوندي. مستقبل ۾ سنڌ کي ڪنهن ٻئي صوبي سان شامل نه ڪرايو ويندو." (گدواڻي، 1946: 5)

مٿين ٻن اهم سياسي مطالبن سان گڏ سنڌ جي ماڻهن جو هڪ معاشي مطالبو پڻ شامل هو. جنهن کي معاشي حوالي سان ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي صورتحال ۾ شامل ڪيو ويو آهي. هن ٿاهه تي تي هڪ ئي وقت سنڌ جي هندن، مسلمانن ۽ پارسين صحيحون ڪري ثابت ڪيو ته سنڌ جا ماڻهو ان نازڪ معاملي تي پاڻ ۾ گڏ آهن. "12 نومبر 1928ع تي حڪومت برطانيه سائمن ڪميشن مقرر ڪيو ته هو عليحدگي جي مسئلي تي جاچ ڪري ۽ پنهنجي رپورٽ ڏئي. سائمن ڪميشن پنهنجي رپورٽ حڪومت برطانيه کي پيش ڪئي، جنهن ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته هندستان جي سڀني سياسي پارٽين جي اڳواڻن ۽ هندستاني رياستن جي نمائندن جي وچ ۾ گول ميز ڪانفرنس منعقد ڪئي وڃي، جنهن ۾ اهڙو دستور مرتب ڪيو وڃي، جيڪو سڀني لاءِ قابل قبول هجي." (زرداري، 2012: 3) انهيءَ سال يعني 1928 ۾ بمبئيءَ سرڪار طرفان هڪ ڪاميٽي جوڙي وئي. جنهن رپورٽ ۾ سفارش ڪئي ته سنڌ کي بمبئيءَ کان الڳ ڪيو وڃي. ان وچ ۾ لنڊن اندر گول ميز

ڪانفرنسون ٿينديون رهيون. جن ۾ پڻ هندستان جي ٻين مسئلن سان گڏ هي نڪتو پڻ شامل هوندو هو ته سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪيو وڃي. قائد اعظم محمد علي جناح هر فورم تي دليل ڏيندو رهيو ته سنڌ کي بمبئيءَ سان رهڻ جي ڪري نقصان رسي رهيو آهي. ”سال 1932ع ۾ سنڌ جي عليحدگي جي لاءِ هڪ عوامي تحريڪ شروع ٿي، سال 1934ع ۾ سنڌ ۾ آزاد ڪانفرنس جو اجلاس يوسف علي جي صدارت هيٺ حيدرآباد ۾ منعقد ٿيو، جنهن ۾ سنڌ جي عليحدگي لاءِ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو، انهي لاءِ سنڌ آزاد ڪانفرنس پارٽي جو مستقل بنياد پڻ وڌو ويو. تاريخ 20 آگسٽ 1934ع ۾ سر شاهنواز ڀٽي جي چيئرميني هيٺ هڪ ميٽنگ سڏائي ويئي، جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو ته سنڌ جي هر هڪ ڳوٺ ۽ شهر ۾ عام اجلاس ۽ جلسا منعقد ڪيا وڃن،جيڪي سنڌ جي عليحدگي واري مطالبي جي حمايت ۾ ٺهراءُ پاس ڪن. 16 ڊسمبر 1932 جو ڏينهن (سنڌ آزاد ڏينهن) پوري سنڌ ۾ ملهائڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو.“ (راشدي، 1964: 137) مسلسل سياسي دٻاءَ ڪانپوءِ هندستان جي حڪومت اهو سوچڻ تي مجبور ٿي ته هاڻي سنڌ کي گهڻو وقت بمبئيءَ سان گڏ نه ٿو رکي سگهجي. ”سال 1935ع ۾ برطانيه جي پارليامينٽ 1935ع جو ايڪٽ پاس ڪيو. هن ايڪٽ مطابق پهرئين اپريل 1936ع کان سنڌ کي هڪ نئون صوبو بنايو ويو. سر لينسي لاٽ گرهام کي سنڌ جي پهرئين گورنر طور مقرر ڪيو ويو.“ (زرداري، 2012: 3) سنڌ جي ماضي قريب ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان الڳ ڪرڻ جي جهدوجهد کي سدائين قدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته هڪ شاندار حڪمت عمليءَ سان پرامن طريقي سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪيو ويو. هن تحريڪ جي سرڪرده رهنمائن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌي، سر شاهنواز ڀٽو، قائداعظم محمد علي جناح، سر آغا خان، محمد ايوب کهڙو، سيد ميران محمد شاه ۽ حاجي عبدالله هارون شامل آهن. جن جي لاڳيتار ڪوشش سان اها سڦلتا ملي.

### 2.5.4. ورهاڱي کان اڳ سنڌ جون معاشي حالتون

اڪثر محقق ان ڳالهه تي اتفاق ڪن ٿا ته سنڌ ۾ جهجهي پيداوار ئي ان تي ڌارين ڪاهن جو سبب بڻي آهي. جهڙي ريت يوناني، ايراني، عرب، ارغون، مغل سنڌ تي ڪاهي آيا. اهڙي ريت انگريزن به بنيادي طور معاشي سببن جي ڪري سنڌ جي مٿان حملو ڪري ان کي پنهنجي قبضي هيٺ آندو. ڇاڪاڻ ته سنڌ ۾ اقتصاديءَ جو مل مرڪز سنڌو ندي رهي آهي. ان حوالي سان ”جڏهن اليگزينڊر برنس سنڌ ۾ پهتو ته هن کي سوڪڙين پهچائڻ سان گڏ، هي به مخفي هدايتون ڏنيون ويون ته هو سنڌوندي متعلق به جاسوسي ڪري.“ (شيدائي، 1958: 743) ان حوالي سان تاريخ ۾ رقم آهي ته ”سنڌ جي اميرن انهيءَ قدم تي احتجاج ڪيو، مگر گورنر جنرل ميرن کي دوستي وارو عهدنامو ياد ڏياري خاموش ڪيو. جڏهن برنس پهريائين سنڌ  درياهه ۾ داخل ٿيو، تڏهن هڪ بلوچ سپاهي رڙ ڪري چيو ”وڏي غلطي ٿي ويئي! توهان، اسان جو درياهه ڏسي ورتو. برنس ٺٺه ويجهو ماڻهن جي واتان هي چوندي ٻڌو. ”افسوس! سنڌ ويئي، انگريزن درياءَ کي ڏٺو آ، جيڪو فتح ڪرڻ جو رستو آهي.“ (Eastwick, 1973: 246) سترهين صديءِ جي شروعات ۾ انگريزن سنڌ ڏانهن شعوري پيش قدمي شروع ڪئي. بنيادي سبب سنڌ جي وسيلن کي پنهنجي قبضي هيٺ آڻڻ هو. برطانيه سرڪار جي ڇانوُ ۾ ڪم ڪندڙ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کي اهو هدف ڏنو ويو. ”سال 1607 ۾ هو ايسٽ انڊيا ڪمپني، پنهنجي هڪ ڪئپٽن کي هدايتون ڏنيون ته هو پنهنجا واپاري تعلقات سنڌ تائين وڌائي. سر رابرٽ شيرلي ۽ سندس ساٿي 1635ع ۾ سنڌ جي ديبل بندر وٽ لنگر انداز ٿيا ۽ ٺٽي ۾ هڪ ڪارخانو قائم ڪيو، جيڪو شاهجهان جي دؤر ۾ سنڌ جو مکيه واپاري مرڪز هو، واپار ۾ فائدو نه ڏسي، 1662ع ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپني هن ڪارخاني کي بند ڪيو ۽ اٽڪل هڪ صدي گذرڻ بعد انهيءَ کي ٻيهر قائم ڪيو. 1758ع انگريزن ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي دؤر ۾ ٺٽه ۽ شاه بندر ۾ ڪارخانه قائم ڪيا. 1775ع ۾ انگريز واپارين، تنگ ٿي پنهنجو ڪاروبار بند ڪيو. انگريزن جا سنڌ سان هي واپاري نموني جا تعلقات هئا.“ (Advani, 1934: 15) ڪاوربار بند ڪرڻ ڪانپوءِ پوءِ انگريزن جي اها ڪوشش رهي ته ڪنهن ريت سنڌ ۾ پنهنجا پير پختا ڪجن. انهيءَ سلسلي ۾ 24 سالن يعني 1799 ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر ٽالپر سرڪار کان ڪارخانا کولڻ جي اجازت ورتي وئي. مؤرخن موجب هي اهو وقت هو جڏهن سنڌ جي ميرن اها ڳالهه شدت سان محسوس ڪئي ته انگريز

واپاري سرگرمين جي اجازت وٺي سياسي طور متحرڪ ٿي رهيا آهن، نتيجي ۾ ”سال 1800 ۾ سنڌ جي اميرن، برطانوي ريزيڊنٽ کي حڪم ڪيو ته هو پنهنجا ڪارخانا بند ڪري سنڌ ڇڏي وڃن.“ (زرداري، 2012: 3) ٽالپرن طرفان اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ هنن لاءِ بظاهر ڏکيو ثابت ٿيو. هاڻي گڏيل هندستان ۾ انگريز مختلف علائقن ۾ پنهنجا پير پختا ڪري چڪا هئا. نتيجي طور نون سالن جي قليل مدت ۾ ميرن هڪ ڀيرو ٻيهر انگريزن سان اهو سڀ ڇاڻينديءَ ته انهن جا مقصد سنڌ جي معاشي وسيلن تي قبضو ڪري پاڻ کي سياسي طور مستحڪم ڪرڻ آهي معاهدو ڪيو. سال 1809ع ۾ لارڊ منٽو، هڪ وفد، سنڌ جي ميرن ڏانهن موڪليو. هي وفد مسٽر اسمٿ جي سربراهي هيٺ 9 مئي تي ڪراچي پهتو. 1809ع ۾ لارڊ منٽو ۽ سنڌ جي اميرن جي وچ ۾ پهريون معاهدو ٿيو. هي معاهدو 22 آگسٽ 1809ع ۾ ٿيو.“ (زرداري، 2012: 3) ان معاهدي ۾ هڪ نڪتو هي به شامل ڪيو ويو ته حڪمران فرانسيسين کي سنڌ ۾ اچڻ نه ڏيندا. سال 1831 ۾ انگريزن معاشي حوالي سان سنڌ کي اڻ سڌي طور ان وقت فرح ڪري ورتو، جڏهن ٽالپر حڪمرانن کان سنڌو درياه جي ماپ جي اجازت ورتي. ”انگريزن طرفان سنڌوءَ رستي واپار ڪرڻ جي اجازت وٺڻ لاءِ سال 1831ع ۾ بينٽڪ اليگزينڊر کي مقرر ڪيو ويو، جنهن حيدرآباد جي حاڪم، مير مراد علي خان کي اعتماد ۾ وٺي سنڌو درياهه جي ماپ وٺڻ جي اجازت ورتي. هاڻي سنڌ کي برطانيه جي ٻيڙي کان بچائڻ ناممڪن ٿي پيو. سنه 1831ع ۾ سر اليگزينڊر برنس کي حڪم ڪيو ويو ته هو پنجاب جي حاڪم راجا رنجيت سنگهه کي برطانيه سرڪار جون سوکڙيون پهچائي. (Eastwick, 1973: 246)

### 2.5.5. انگريزن جو سنڌ تي سڌو قبضو

سنڌ جي تاريخ اجا تائين ٺيڪ طرح سمجهڻ کان قاصر آهي ته انگريزن جو سنڌ ۾ اچڻ معاشي توڙي ٻين پاسن تي قبضو ڪرڻ آيا سنڌ جي مفاد ۾ هو يا نقصان ۾ خير ڪئين به سال ”1843 ۾ سورهين فيبروري تي سر چارلس نيپئر هالا کان مٽياري پهتو. هن وٽ اٺاويهه سو سپاهي ۽ ٻارنهن بندوقون هيون، ٻئي طرف حيدرآباد جي ميرن جهڙوڪ، مير نصير خان، شهداد خان، حسين علي خان، رستم خان ۽ ٻين بلوچ سردارن، ارڙهن هزار سپاهين کي گڏ ڪري سيد غلام شاهه ۽ سيد عبدالله جي اڳواڻي هيٺ لشڪر تيار ڪيو. توبخاني جو ڪمانڊر جنرل هوش محمد کي مقرر ڪيو ويو. تايخ 17 فيبروري ميرن حيدرآباد جي ويجهو مياڻي جي ميدان تي ڦليلي واهه جي ڪپ تي نيپئر سان جنگ جو آغاز ڪيو. ٽالپرن جي لشڪر شڪست کاڌي جنهن جا مکيه سبب بارود ۽ تربيت جي گهٽتائي هئي. بجاراڻي، محموداڻي ۽ مالڪاڻي ٽالپر سردارن هن قومي جنگ کان غيرحاضر رهيا. ٿن ڪلاڪن جي جنگ ۾ انگريزن جا 37 سپاهي قتل ٿيا ۽ ٽالپرن جي لشڪر مان پنج هزار سپاهي شهيد ٿيا. هي سڀ ڪجهه غير تربيت يافته فوج ۽ پراڻن هٿيارن جي ڪري ٿيو. ٻئي طرف انگريزن وٽ تربيت يافته فوج سان گڏ نوان گولا بارود هئا.“ (زرداري، 2012: 3) انهيءَ سال سنڌ جا اڪثر جاگيردار ۽ زميندار انگريزن سرڪار جي ڪارندن وٽ پيش پيا. ”فيبروري 1843ع ۾ هڪ پڌرائي موجب، جن به زميندارن يا جاگيردارن گورنر جي خدمت ۾ حاضر ٿي وفاداري جي خاطري ڏني، تن کي سندن املاڪن تي متصرف ڪيو ويو. انهيءَ سال سموري سنڌ کي ٽن ضلعن ۾ ورهايو ويو: ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور. (شيدائي، 1958: 78) چئن سالن جي قليل مدت ۾ سنڌ جي صوبائي حيثيت کي ختم ڪيو ويو. ”سال 1847ع ۾ سنڌ کي بمبئي صوبي سان ملايو ويو ۽ سنڌ جي صوبائي حيثيت ختم ڪري هڪ بمبئي صوبو بڻايو ويو. سنڌ ۾ ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. جنهن کي گورنر جهڙا اختيار هئا. جڏهن سنڌ کي بمبئي سان ملايو ويو ته ڪمشنر سر بارٽر فيريئر جي دؤر ۾ ڪاردارن جو نالو مٽائي مختيارڪار رکيو ويو. فارسي بدران سنڌي زبان دفتري زبان مقرر ڪئي وئي. هن جي دؤر ۾ ٽپيدار ۽ دفتردار ڪاتا، جيڪي ڪمشنر وٽ هئا، سي جڊيشل ڪمشنر جي ماتحت آندا ويا. 1867ع ۾ پوليس عملي جا فارسي نالا بدلائي سپرنٽينڊنٽ پوليس ۽ انسپيڪٽر جا نالا پيا. انگريز سرڪار روينيو سيٽلمينٽ جا ڪاتا ڪديا. سيني ٻنين جا چڪ ۽ نقشا ٺهي ويا، هر هڪ زمين جي ماپ ڪئي وئي، تجربو ڪري، سٺي ۽ خراب زمين تي ڍل مقرر ڪئي وئي، جيڪا اڪثر پيدائش جي ڇهن حصن کان گهٽ هئي.“ (مرزا، 1916؛ 54) هن سچي لقاء ۾ هڪ ڳالهه ضرور

تبديل ٿي ته جاگيردارن جي طاقت واپارين جي مقابلي ۾ گهٽ ٿي. مثالطور: ”ميرن جي زماني ۾ هندن تي جيڪي زمين خريد ڪرڻ، وياج وڏن نرخن تي وٺڻ ۽ مسلمانن جي زمين گروي رکڻ تي پابندي پيل هئي، سي انگريزن لاهي ڇڏيون. جنهن ڪري ڪيترائي آبادگار پنهنجي جهالت ۽ فضول خرچي سبب شاهوڪارن جي وياج جي ڪري پنهنجون زمينون وڃائي ڪنگال ٿي ويا.“ (چنا، 1962: 119) ڪجهه سالن اندر انگريزن سنڌ لاءِ نوان قانون جوڙيا جن ۾ پڻ معاشيات کي اڳيان رکيو ويو. جهڙي ريت ”سال 1868ع ڌاري ”سنڌ ايڪٽ“ پاس ڪري اهي اختيارات جيڪي سنڌ منجهه بمبئي جي گورنر کي استعمال ڪرڻا هئا، سي سنڌ جي ڪمشنر جي حوالي ڪيا ويا. هن قدم ڪري سنڌ قانوني ۽ مالي طرح سان نيم آزاد هئي، هن نيم آزادي جي پوائنٽي صورت هي هئي ته، سنڌ جي ڪمشنر جا اختيارات بمبئي جي ڪمشنر کان وڌيڪ هڪ ”مطلق العنان“ حاڪم جهڙا هئا. نتيجي طور هي ملڪ وڏن آفيسرن لاءِ شڪارگاهه ۽ ننڍين لاءِ چراگاهه ٿي ڪم اچڻ لڳو.“ (چنا، 1962: 119) بمبئي سان گڏجڻ جي ڪري سنڌ کي سراسر نقصان رسي رهيو هو. ڇاڪاڻ ته سنڌ جي اقتصاديات جو گهڻو تعلق زمين سان هو ته سنڌ جي ان طبقي جي حالت ڏينهن به بد کان بدتر ٿيندي وئي. جنهن جو گذر سفر جو واحد ذريعو کيتي ڪرڻ هو. ان حوالي سان تاريخ ۾ پڙهڻ لاءِ گهڻو ڪجهه ملي ٿو. حاصل مطلب ته سنڌ جي آبادگار طبقي، جنهن ۾ گهڻو ڪري مسلمان ئي اچن پيا. انهن جي معاشي حالت تمام خراب ٿيندي وئي. وڏن جاگيردارن سان گڏ ننڍين زميندارن جن ۾ هندو پڻ شامل هئا؛ تن کي اندازو ٿي ويو ته سنڌ جي بهتري ان ۾ آهي ته جيترو به جلد ٿي سگهي ان کي بمبئي جي حاڪميت کان نجات ملي. ”صوبائي خودمختياري جو احساس سال 1908ع کان شروع ٿيو. جڏهن سکر ۾ سنڌ صوبائي ڪانگريس جو اجلاس منعقد ٿيو. هن ڪانفرنس ۾ سنڌ صوبائي ڪانگريس جي مسئلن ۽ تڪليفن تي خاص طرح سان ويچارو ڪيو ويو.“ (پليجو، 1968: 17) هاڻي سنڌ جي مسلمانن، هندن ۽ پارسين جي اڪثريت ان ڳالهه تي اتفاق ڪري ورتو ته سنڌ کي هڪ پرامن جهدوجهد معرفت هر حال ۾ بمبئيءَ کان ڌار ڪيو ويندو. تاريخي حوالن موجب ”17 جولاءِ 1927ع سنڌ جي هندو – مسلمان ۽ پارسي نمائندن هڪ معاهدو ڪيو، جنهن کي عام طرح سان سنڌ – هندو مسلم عهدنامه سڏيو ويو.“ (Khoro, 1930: 13) ان عهدنامي ۾ معاشي نڪته نگاه کان هڪ اهم پوائنٽ پڻ شامل ڪئي وئي. جنهن ۾ ڄاڻايو ويو ته ”جيستائين سنڌ جي عليحدگي تي عملدرآمد جو تعلق، ماليات متعلق آهي ته انهيءَ لاءِ اسان اهو ظاهر ٿا ڪريون ته اسان ڪوٽ کي ڪيڙي مطابق ڪٽينداسين.“ (Khoro, 1930: 16) سنڌ جي بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ جي تحريڪ ۾ جتي سنڌ جو سياسي، سماجي حالتن کي اڳيان رکيو پئي ويو، اتي معاشي معاملا خاص طور نظر ۾ آندا پيا ويا. اهو ئي سبب هو جو سنڌ ۾ مالي ڇڪپيڙتا جا مسئلا هندستان سرڪار اڳيان اچي ويا. هندستان جي وائيسراءِ طرفان ”سال 1932 ۾ مسٽر برين جي چيئرمينيءَ هيٺ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي ته هو سنڌ جي ماليات جي متعلق رپورٽ ڏئي. برين ڪاميٽي پنهنجي رپورٽ ۾ واضح ڪيو ته سنڌ جي مالي حالت ٺيڪ ناهي. ان کي درست ڪرڻ لاءِ سالياني 80 لک رپيا وڌيڪ خرچ ٿيندو جنهن لاءِ صلاح ڏني وئي ته اهو نقصان هندستان جي حڪومت 15 سالن تائين پورو ڪري، ان بعد سنڌ خود ڪفيل ٿي ويندي.“ (زرداري، 2012: 3)

### 2.5.6. ورهاڱي کان اڳ انگريز دؤر جون معاشي حالتون نُڪتن ۾:

- سنڌ ۾ انگريز دؤر 1843 کان شروع ٿيو. 1875 کان 1885 ڏهن سالن جي عرصي ۾ ٿيندڙ هڪ سروي موجب جاگيرن هيٺ پوکجندڙ زمين جي سراسري ايراضي ڏيڍ لک ايڪڙن کان به مٿي هئي.
- انگريزن، سياسي اقتدار ماڻڻ کانپوءِ سنڌي عوام تي حڪومت ڪرڻ لاءِ حڪمت عمليءَ طور زميندار، جاگيردارن ۽ پيرن کان سهڪار ورتو.
- انگريز راڄ قائم ٿيڻ کانپوءِ سنڌ جي اقتصادي ڍانچي ۾ بنيادي تبديليون رونما ٿيون ۽ سنڌ جي معيشت ۾ وڏي تبديلي برپا ٿي. سنڌ جي زراعت، صنعت ۽ واپار پنهنجي ابتدا هڪ نئين رخ سان ڪئي.

- زراعت جي حوالي سان سنڌ جي آبپاشي نظام ۾ بهتري آندي وئي. واپار ۽ صنعت ۾ ريلوي جي قيام هڪ نئون روح ڦوڪيو.
- ڪمشنر سر بارٽل فريئر واپاري ميلن (ٽريڊ فيئر) واري تجربي کي شروع ڪيا.
- پهريون ميلو ڊسمبر 1852ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪوٺايو ويو، اُن ميلي هندستان، بلوچستان، افغانستان ۽ ايران جي اڪثر علائقن کان سمورن نمونن وارين شين جي وڏن ۽ ننڍن واپاري ميڙن کي گڏائڻ جو ڪم ڪيو.
- سنڌ جو سمنڊ رستي واپار به جاري رهيو.
- چين ۽ بنگال جو ريشم، انگريزي ويڪري بر وارو ڪپڙو، عام انگريزي شالون ۽ ڪپهه مان جوڙيل ڪيترن قسمن جو رنگين توڙي اڇو ڪپڙو شامل هو، اهي سموريون شيون بمبئيءَ کان اينديون هيون.
- بنگال، چين، منيلا، باٽاويا ۽ ملبار کان کنڊ گهرائي ويندي هئي.
- ڪارا مرچ، ٽامو، هنرن مان ٺهيل شيون ۽ انگريزي ڪپهه جا ڌاڳا وغيره، شيون بمبئيءَ کان اينديون هيون.
- گجرات مان ڪپهه گهرائي ويندوي هئي.
- ايراني نار کان گهرائجندڙ شين ۾ کجور ۽ موتي اهم هئا.
- پرڏيهي واپار ۾ سڀ کان مُلهائتي جنس آفيم هو، جيڪو ٿَـٽي رستي مارواڙ کان ايندو هو.
- پرڏيهه ويندڙ ٻين شين ۾ گيهه نير، مڇُ، اُن ۽ کاري مڇي شامل هونديون هيون.
- هٽ جي ٺهيل شين ۾ کنڊ، ڪارا مرچ ۽ گرم مصالحن منجهان ڪجهه حصو قلات وسيلي قنڌار ۽ ڪابل ويندو هو
- 1851 تائين رڳو هڪڙو انگريزي سامونڊي جهاز بندرگاهه ۾ گهڙيو هو ۽ ٻيو ڪيترن ورهين کان پوءِ مس داخل ٿيو. ننڍڙا ٻاڦ وارا جهاز ايندا ۽ ويندا رهيا.
- سوئيز ڪئنال کولڻ تائين ٻاڦ وارن جهازن، هندستان جي يورپ سان ٿيندڙ تجارت ۾ حصو ورتو.
- 1854ع-1855ع ۾ بندرگاهه جا لنگهه ايڏا سُنڌري چڪا هئا، جو ان ۾ ڏهه هاڪاريندڙ جهاز داخل ٿيا.
- سال 1859 پاڻيءَ جا ساڍا اوڻيهه فوٽ گهيريندڙ جهاز حفاظت سان داخل ٿيا. پنجويهن جهازن کي، جن تي پنج سؤ کان هڪ هزار ٽن مال لڏيل هو، بندرگاهه تي بيهڻ جي سهولت ڏني وئي.
- سال 1863ع-1864ع ۾ چوهتر هزار ٻه سؤ ايڪونجاهه (74251) ٽن مال سان لڏيل 155 ٻاڦ تي هلندڙ جهاز بندرگاهه ۾ داخل ٿيا.
- سنڌ جي ڪٽڪ کي ڏيساور موڪلڻ جو بندوبست ڪيو ويو. آبپاشيءَ جي سهولتن سبب سکر، لاڙڪاڻي ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾ وڏي پيماني تي پوکڻ شروع ٿي.
- ڏيهي ٻيڙين جي ذريعي ڪٽڪ ڪڇ ڏانهن اماڻي ويندي هئي.
- سنڌ هندستان ۾ ڪپهه اهميت جي حوالي سان ٻئي نمبر تي هئي. اڄ پيداوار حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾ خاص ڪري جمڙائو واهه تي پوکي ويندي هئي.
- تيلي ٻج ڪپهه جي پيٽ ۾ سنڌ جي پرڏيهي واپار جي مُلهه ۾ وڌيڪ اهميت رکندڙ هو. اُهي بنيادي طور حيدرآباد، لاڙڪاڻي ۽ اُتر سنڌ ۾ پوکيا ويندا هئا. تُوريي ۽ تر جو وڏو مقدار ساليانو ڪراچيءَ کان ٻاهر موڪليو ويندو هو، جيڪو ’نج ليوڪا تيل‘ ٺاهڻ ۾ واپرايو ويندو هو.
- سڻي ۽ ٻين مقصدن لاءِ واپارئجندڙ توريو فرانس، جرمني ۽ آسٽريليا سميت انگلنڊ ڏانهن موڪليو ويندو هو.

- ڪلون ۽ چمڙو ڪراچيءَ ڪان پرڏيهه موڪليا ويندا هئا، جنهن جو وڏو حصو سنڌ جي پيداوار هو. اُهي وڏي پيماني تي حيدرآباد ۽ سکر ۾ سهيڙيو ويندو هو.
- ڪلن ۽ چمڙي جي ڪجهه حصي کي اُجاري رڱيو ويندو هو. چمڙو يورپ جي اڪثر سمورن ملڪن ۾ ۽ وري خاص ڪري آمريڪا ڏانهن موڪليون وينديون هيون.
- نير، چانور، جانورن جا هڏا اهم برآمد مان هئا.
- هٿ جي هنرن ۾ موچڪي ڪرت به هئي، جنهن ۾ ڪافي ماڻهو رُڌل هئا. اها ڪرت گهٽوڪري سوچين ۽ موچين جي هٿ ۾ هئي.
- چمڙي جي رڱائي جي هنر سان به ماڻهو لاڳاپيل هئا.
- اوني ڪپڙو، ڪپهه اُٽڻ، ريشم ناهڻ، رڱائي، ڀيڙيون ناهڻ، پرت ۽ زريءَ جو ڪم، جنڊيءَ جو ڪم ٺڪر تي چٽسالي، نيرولي جو ڪم، ڌاتن تي ميناڪاري ۽ پٽل جي ٿانون جي ڪم جهڙا هنر مروج هئا.
- ان ڪان سواءِ اقتصادي سرشتي ۾ ڍل جو نظام به رياستي ڪمائيءَ جو اهم ذريعو هو.
- رياستي جمع بندي پيداوار جي ٽين پتيءَ تائين محدود ڪئي وئي. جن زمينن تي پاڻي گهربل چرخيءَ سان ڪنيو ويندو هو، تن زمينن تان فصل جي تناسب سان چوٿين پتي ورتي ويندي هئي.
- ڍل هڪ روپيو اٺ آنا في ٻيگهو (ويسو) مقرر ڪئي وئي هئي، جيڪا لاڙ سنڌ ۾ ٻه روپيا ڏهه آنا في ايڪڙ ۽ اُتر سنڌ ۾ ٻه روپيا اٺ آنا مُلهه برابر هئي.
- پراڻين فين کي ساڳي وقت رد ڪيو ويو ۽ پيداوار جي پنجين پتيءَ برابر يا ڍل تي ڇهه سيڪڙي جي روڪڙ جمع بنديءَ واري حالت ۾ خرار ۾ چار ڪاسا سيني لاءِ هڪ جيترا لاڳو ڪيا ويا.
- خرار ۾ ٽن ڪاسن جو آبيانو يا پيداوار ۾ ويهين پتي لاڳو ڪئي وئي.
- سر چارلس نيپيئر طرفان 1846 ۾ جاري ٿيل محصولي قاعدن ۽ ضابطن هيٺ، روڪ ادائيگيءَ واري سرشتي جي آڳاٽي طريقي ۾ متبادل فائدي کي مڃيو ويو.
- انگريز دؤر ۾ سنڌ جي اقتصادي ڍانچي جي اوسر هڪ نئين انداز ۾ ٿي. ان کي جديد دنيا جي تقاضائن سان ڳنڍيو ويو ۽ ان جديد انداز کي ڪامياب ۽ ممڪن بنائڻ لاءِ هر سطح تي وسيلن جي فراهميءَ کي ممڪن بنايو ويو.
- سنڌ جي زراعت کي جديد آبپاشي نظام ذريعي وسعت ڏني وئي ۽ اُن جي اُپت جي واپار لاءِ هر قسم جا ممڪن ذريعا ۽ وسيلا پيدا ڪيا ويا.
- سنڌ جي واپار کي ريل ۽ ڪراچي بندرگاهه جهڙن اهم قدمن ذريعي وڌيڪ آسان بڻايو ويو.
- سنڌ ۾ هڪ جديد انتظامي نظام رائج ڪري ڪمائيءَ جا نوان ذريعا پيدا ڪيا ويا.
- اقتصادي ڍانچي ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيو.
- نوان ادارا ۽ نظام قائم ڪيا ويا، جن جي ذريعي به ماڻهن جو ڪافي تعداد پنهنجي ذريعه معاش سان لڳي ويو.
- انگريزن جو دؤر سنڌ جي بنيادي انتظامي، سماجي ۽ اقتصادي ڍانچي ۾ هڪ تمام وڏي تبديلي برپا ڪئي. (انسائڪلوپيڊيا سنڌيانا)

## 2.6. ورهاڱي کان اڳ ڪجهه مشهور ڪهاڻين تي سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا اثر

### 2.6.1. لعلچند امرڏنومل جڳتياڻيءَ جي ڪهاڻي 'حُر مَڪيءَ جا'

سنڌي ادب ۾ جتي ڪهاڻيءَ جا اهڃاڻ صديون پراڻا آهن. اتي سال 1913 ۾ ان وقت جي نامور اديب لعلچند امرڏنومل جڳتياڻيءَ جي حر تحريڪ جي پسمنظر ۾ ’حر مکيءَ جا‘ جي نالي سان ڪهاڻي شائع ٿي. ڪل ارڙهن صفحن تي مشتمل ان ڪتاب جو نالو ئي ’حر مکي جا‘ هو. ”هي ڪتاب ساهت پرچارڪ ڪمپنيءَ طرفان اسٽينڊرڊ پريس حيدرآباد مان ڇپرائي پڌرو ڪيو ويو. ڪتاب جون هڪ هزار ڪاپيون شائع ٿيون.“ (انسائڪلوپيڊيا سنڌيانا) سنڌي ادب ۾ هي ڪتاب اڄ به حر تحريڪ جي حوالي سان سَنَدَ طور تسليم ڪيو وڃي ٿو. ڪيرت ٻاٻاڻي هن ڪهاڻيءَ جي حوالي سان لکيو آهي ته ”ڪهاڻي ’حر مکيءَ جا‘ انگريز سامراج خلاف پير پاڳاري جي سرواڻيءَ ۾ حر تحريڪ کي اجاگر ڪري ٿي. هن ڪهاڻيءَ کي سنڌي ماڻهن جي مزاحمت سان تشبيهه ڏئي سگهجي ٿي.“ (ٻاٻاڻي، 1978: 59) شوڪت شوري لکيو ته ”سنڌي ادب ۾ ’حر مکيءَ جا‘ ڪهاڻي سنڌ جي ادب ۾ پهرين مزاحمتي ڪهاڻي آهي.“ (شورو، 1987: 243) منگهارام ملڪاڻيءَ موجب هي ڪهاڻي سال 1914 ۾ شائع ٿي. هو لکي ٿو ته ”سنڌي ڪهاڻيءَ جو ٻيون ۽ اهم دؤر سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جي ماهوار رسالي سان شروع ٿيو. هي سوسائٽي، لعلچند امرڏني مل جڳتياڻيءَ جي برپا ڪيل هئي. هن رسالي ۾ ئي ڪهاڻي ’حر مکيءَ جا‘ شائع ٿي. هن کي پهرين جديد ڪهاڻي به سمجهيو ويو آهي.“ ملڪاڻي، 1977: 8) هي ڪهاڻي انهن ٻارهن دلير مڙسن جي ڪهاڻي آهي، جن کي ’ٻارنهن ٻروٽا‘ جي نالي سان حر تحريڪ ۾ ياد ڪيو ويندو آهي.

## 2.6.1.1. ڪهاڻي ’حر مکيءَ جا‘ جو پلاٽ

دؤر لعلچند امرڏنيمل جڳتياڻيءَ جي ڪهاڻي ’حر مکيءَ جا‘ جو پسمنظر حر تحريڪ سان لاڳاپيل اهي واقعا ۽ ڪردار آهن، جن ان وقت جي سامراج انگريز سرڪار سان جنگ جوٽي. ’مکي‘ سانگهڙ جي جي ٻاهران هڪ ڍنڍ جو نالو آهي. هن ڍنڍ جي ڪنارن تي ٻيلاٽيون آهن. جن کي ان وقت جي حر مزاحمتي ڪردارن پنهنجي پناهه گاهه ۾ تبديل ڪيو ۽ اتان سرڪار خلاف ڪاررواين جي شروعات ڪئي. ڪهاڻيءَ جي مکيه ڪردار، جيڪو اصلوڪا پڻ آهن. انهن ۾ بچو خاصخيلي، تڳيو چانگ، پيرو وساڻ، عيسو ڏاهري ۽ خميسو وساڻ شامل هئا. ڪهاڻيءَ جي ابتدا ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته بچو خاصخيليءَ جو پنهنجي پيءَ وريام جي مرشد جي نوڪر سان جهيڙو ٿي پيو، جنهن ۾ بچو، نوڪر کي قتل ڪري ڀڄي وڃي ٿو. پوليس وريام کي گرفتار ڪري جيل ۾ وجهي ٿي. جيل ۾ وريام جي آپگهات ڪانپوءِ بچو ڌاڙيل ٿي وڃي ٿو. ان جي وچ ۾ هن جي ملاقات پيروءَ سان ٿئي ٿي، جيڪو پڻ پاڳيلو هو ۽ ٻئي ڄڻا گڏ وارداتون ڪرڻ شروع ڪن ٿا. ڪجهه ڏينهن ۾ انهن ٻن جي ٽولي ۾ تڳيو چانگ ۽ عيسو ڏاهري پڻ شامل ٿي وڃن ٿا، هنن جي گروهه ۾ آخري شامل ٿيندڙ همراهه خميسو وساڻ آهي، جيڪو پڻ هڪ عورت جي عشق ۾ ان جي مڙس کي زخمي ڪري پاڳيلو ٿيو آهي.

پهرين واردات هنن رضا محمد جي نالي سان دفعدار جي چوڻ تي ڪئي، پر ان کان اڳ هنن هڪ ڪوٽ جي ذريعي آس پاس جي دبنگ مڙسن ڏانهن نياپو ڪري انهن کي پنهنجي ٽولي ۾ شامل ٿيڻ جي ڏني. ان دعوت تي گلو موچي، بلو ڳاهو، مصري ڳاهو، راڻو وساڻ، ڦتلو ڳاهو ان جو پاءُ سومار جيڪي پڻ پير پاڳاري جا مريد هئا سي انهن جي ٽولي ۾ شامل ٿين ٿا.

ٻارنهن جي ٽولي ٺهڻ ڪانپوءِ انهن پاڻ ۾ صلاح ڪري بچوءَ کي بادشاه بڻايو. پيرو، وزير ٿيو. اهڙي ريت خميسو ڪوتوال باقي درٻاري ۽ امير ٿيا. پهريون ڌاڙو هنن ڇتل پرڳڙيءَ جي گهر تي هنيو. هنن ان وارادت لاءِ ڏينهن جي سوجهري جي چونڊ ڪئي. هن ڌاڙي ۾ پاڳيي جي ٻئي سامان سان گڏ ان جي هڪ ڪنواري ڌيءُ کي به کنيو ويو. بعد ۾ بچوءَ ان ڇوڪريءَ سان شادي ڪري پنهنجي هڪ دوست جي گهر ۾ رهايو ۽ ان سان ملڻ پيو ايندو هو. ان جي وچ ۾ ڇتل پرڳڙيءَ پوليس جي مدد سان ڌاڙيل ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪجهه نه وريس.

پهرين وڏي واردات جي ڦٻڻ ڪانپوءِ بچو بادشاه ۽ ان جي ساٿين تر ۾ ڌاڙن جي ڌم لائي ڏني. هاڻي هنن جون خبرون اخباري سرخين ۾ به اچڻ لڳيون. هن سڄي عمل ۾ پوليس جا هيٺيان عملدار ۽

ڪجهه اعلي آفيسر به حرن سان گڏ هئا. ان حالت ۾ انهن جي دل وڌي وئي ۽ ضلعي ڪان ٻاهر نوشهري فيروز جي هڪ هندو سيٺ ڪي ڌاڙو هڻي ان وقت جا لکين روپيا ڦر ڪئي.

نوشهري جو دفعدار جوالا سنگهه ساڪرو هنن جي پيرا کڻندي سانگهڙ پهتو. اتي ڪافي ڪاٽڪن سان ملي واردات جو پير کر جاچڻ جي ڪوشش ڪيائين پر مايوسي مليس. هڪ اطلاع تي وادات ۾ ملوث حر سانگهڙ پرسان بهرام شير برڙيءَ جي ميلي ۾ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪانپوءَ جيئن ئي واپس پهتو ته حرن مٿس حملو ڪري ڏنو، جنهن ۾ هو مارجي ويو. هن حملي ۾ ڪمال خان چانڊيي ۽ لطيف پنهور پڻ ڦٽيا. جوالا سنگهه دفعدار جو موت ڪا گهٽ ڳالهه نه هئي. ان واقعي تي مقامي شاعرن ڪافي شاعري پڻ ڪئي.

حرن جون ڪارروايون هاڻي تهائين زور وٺي وجن ٿيون. پوليس سان چڪريون ٿيڻ لڳيون. رانئنتياريءَ ۾ نائڪ مهري خان رند تي حملو ڪري ان کي سخت زخمي ڪيائون. هڪ ٻيري اطلاع تي عمر ڪوٽ مان سانگهڙ ڏانهن هٿيار کڻي ايندڙ سپاهيءَ کي گهٽا ڏئي ماري لاش گم ڪري هٿيارن تي قبضو ڇمائي ويهي رهيا. حرن جي هڪ خوبي هيءَ هئي ته وڏن سيٺن کي ڦري مسڪينن جي مدد ڪندا هئا. حرن جي وڌندڙن وارداتن کي روڪڻ لاءِ ان وقت سانگهڙ ۾ ليوڪس نالي هڪ انگريز ڊپٽي ڪليڪٽر ٿي آيو. هوڏانهن ناري ۾ سردار محمد يعقوب ڊپٽي ڪليڪٽر هو. ٻنهي صاحبن حرن سان مقابلي لاءِ انگريز فوج کي ميدان تي لاٿو. مختلف جڳهن تي سخت مقابلن ڪانپوءِ پيرو وزير مارجي ويو. اهڙي طرح مقابلن ۾ هڪ هڪ ٿي مارجندا رهيا. آخر ۾ بچو بادشاه همٿ نه هاري. ان جي وچ ۾ پير پاڳاريءَ تي حيدرآباد ۾ قيد دؤران سختي وڌي وئي. پير صاحب سرڪار کي پنهجي حرن تي اهو چئي هلڪو هٿ رکڻ جو چيو ته سرڪار کي وارداتن ۾ گهربل حرن جون ٻانهون ڏنيون ويندين. ان جي برعڪس حرن پير صاحب جي نوڪر کي اهو چئي ماري ڇڏيو ته هو سندن مرشد وٽ غلط خبرون پهچائي ٿو.

آخر ۾ حرن جو سچو ٽولو مارجي وڃي ٿو. فقط بچو بادشاه بچي ٿو، جنهن جي محبوب زال کي گرفتار ڪري ٿاڻي تي آندو ويو. اها ڳالهه بچوءَ کان برداشت نه ٿي ۽ هو پيش پوي ٿو. بچوءَ تي ڪيس هليو جنهن ۾هن کي ڦاسي جي سزا ملي ٿي. آخري خواهش مطابق هن جي معشوقه ساڻس ملڻ اچي ٿي. جتي هوءَ به بچوءَ سان پاڪرين پوڻ ڪانپوءِ ٻاڻ کي ڪٽار هڻي ماري ڇڏي ٿي. بچوءَ ۽ ان جي ساٿي عيسي کي ڦاسي ڏيڻ بعد انهن جا لاش سانگهڙ ۾ چواٽي تي دفن ڪري رستو ٺاهيو ويو، جيئن هر ايندڙ ويندڙ پيو قبرن کي اورانگهي. (امر ڏنو مل، 17: 1961)

### 2.6.1.2. ڪهاڻيءَ ۾ جا فڪري پاسا

- ڪهاڻي’حر مکيءَ جا‘ ۾ ڌارين خلاف مزاحمت جي چٽي تصوير ڏيکاري وئي آهي.
- ڪهاڻيءَ ۾ عام ماڻهن جي سماج ۾ وڌندڙ ظلمن خلاف بغاوت جون جهڪليون ڏسي سگهجن ٿيون.
- ڪهاڻي بنيادي طور حر تحريڪ جي هڪ ڪڙي آهي. ڪهڙي ريت پير پاڳاري جا مريد وقت جي ظالمن خلاف اٿي کڙا ٿين ٿا.
- ڪهاڻيءَ ۾ ڪجهه شيون ته واضح آهن. ڪن ڳالهين کي رومال ۾ ويڙهي پڙهندڙن تائين پهچايو ويو آهي.
- ڪهاڻيءَ ۾ حر تحريڪ جي ڪردار کي نمايان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.
- ڪهاڻي ۾ حرن جي اڳواڻ بچوءَ کي ’بادشاه‘ جي نالي سان لکيو ويو آهي.
- لفظ ’بادشاه‘ مان مطلب ئي ڪنهن خاص علائقي جي مٿان حڪمران هوندو آهي. اهو لفظ ڪهاڻيءَ جي هڪ اهم فڪري پاسي کي جاڳر ڪري ٿو ته حرن وٽ انگريز يا انهن جا طرفدار حاڪم جي صورت قبول نه هئا.

- بچو بادشاه، پيرو وزير ۽ انهن جا ٻيا ساٿي امير، جنهن جو مطلب ئي هڪ نئين آزاد رياست جوقيام هو. حر تحريڪ جي تاريخ موجب ”بچو بادشاه ۽ پيرو وزير گڏجي ٿرپارڪر جي اهم حصن تي پنهنجي آزاد سرڪار جو اعلان ڪيو هو.
- ڪهاڻيءَ ۾ ’حر تحريڪ‘ جي صورت ۾ ’قومپرستي‘ جو نظريو ڏسي سگهجي ٿو.

### 2.6.1.3. ’قومپرستي نظريو‘ مختصر وضاحت

قومپرستيءَ مان سڌو مطلب پنهنجي قوم جي لاءِ سياسي. معاشي يا ٻي ڪنهن جهدوجهد ڪرڻ آهي. ٻين لفظن ۾ ”اصطلاح “قومپرستي“ عام طور تي ٻن اهم حالتن يا صورتحال کي بيان ڪرڻ لاء استعمال ڪيو ويندو آهي:

1. هڪ مخصوص رويو، جنهن ۾ هڪ قوم جا فرد پنهنجي سڃاڻپ جي پرواهه ڪندا آهن.
2. قوم سان لاڳاپيل فرد پنهنجي خود مختياري بچائڻ يا حاصل ڪرڻ لاءِ مسلسل جهدوجهد ۾ رهندا آهن.

حر تحريڪ کي ان جي پسمنظر ۾ هن طرح ڏسي سگهجي ٿو ته ان وقت سنڌ جون حالتون اهڙيون ٿي ويون جو پير پاڳاري ۽ ان جي جماعت کي ضرورت محسوس ٿي ته هو هڪ مزاحمتي هٿياربند تحريڪ جي صورت ۾ سنڌ جي مٿان سامرج خلاف اٿي بيهن. ڇاڪاڻ ته انگريز طاقت ۾ تمام گهڻا هئا. ان ڪري هڪ حڪمت عمليءَ سان ’گوريلا‘ جنگ جي شروعات ڪئي وئي. سانگهڙ پرسان مکي ڍنڍ جي پرسان ٻيلاٽيون ان جون لڙائيءَ جو مرڪز بڻجي ويون. ڪهاڻي ’حر مکيءَ جا‘ ۾ ڄاڻايل سچا پچا ڪردار، بچو خاصخيلي عرف بچو بادشاهه، پيرو وساڻ عرف پيرو وزير، گلو موچي، ٽڳيو چانگ، بلو ڳاهي ان جا مکيه اڳواڻ هئا. هي جنگ وطن لاءِ سر قربان ڪرڻ جي ويڙهه هئي؛ جنهن جي آخر ۾ حر مجاهدن جون شهادتون به ڄاڻايون ويون آهن.

## 2.7.2. امر لعل هنگوراڻيءَ جي ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘

سال 1930 ڌاري سنڌ جي ناماياري اديب جيڪو ڏنڏي جي لحاظ کان وڪالت پڻ ڪندو هو، ’ڦلواڙي‘ جي نالي سان هڪ رسالو جاري ڪيو. جنهن ۾ هن جون ڪيتريون ئي بهترين ڪهاڻيون شائع ٿينديون رهيون. ان بهترين ڪهاڻين ۾ ’ادو عبدالرحمان‘ پڻ شامل هئي. ”’ادو عبدالرحمان‘ هنگوراڻيءَ جي مشهور ڪهاڻي پهريائين’ڦلواڙي‘ ۾ شايع ٿي هئي. اها ڪهاڻي بعد ۾ انگريزي زبان ۾ ترجمو ٿي، ڀارت ۾ ڇپي. (ملڪاڻي، 1977: 13) 1940 ۾ امر لعل جڏهن ’ساقي‘ نالي سان ٻيو رسالو جاري ڪيو ته هي ساڳي ڪهاڻي ان ۾به ڇپي. بعد ۾ ان ڪهاڻيءَ جي مقبوليت کي ڏسندي سال 1981 ۾ امر لعل هگوراڻيءَ جي يارنهن ڪهاڻين جو مجموعو شائع ٿيو؛ جنهن جو نالو پڻ ’ادو عبدالرحمان‘ رکيو ويو.”سنڌ ٽائيمس الهاس نگر، بمبئيءَ طرفان هيءَ ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. ڪتاب جو ٻيون ايڊيشن نيو فيلڊس پبليڪيشن ڀاران سال 1985 ۾ ڇپائي مارڪيٽ ۾ آندو ويو. هي ڪتاب ايترو ته شاندار آهي جو انگريزيءَ سميت ڪيترن ئي زبانن ۾ ترجمو ڪيو ويو. وقت به وقت هن جا ڪيترائي ڇاپا مارڪيٽ ۾ آندا ويا آهن“ (انسائڪلوپيڊيا سنڌيانا)

### 2.7.2.1.ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ جو پلاٽ

ورهاڱي ڳان اڳ ناماياري ڪهاڻيڪار امر لعل هنگوراڻيءَ جي ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ جو مرڪزي ڪردار عبدالرحمان نالي هڪ مست الست درويش آهي. ڪهاڻيءَ جي شروع ۾ ڪردار کي ساميءَ جا سَلوڪ ٻڌندي ۽ پاڻ سان ڳالهائيندي ڏيکاريو ويو آهي. ساميءَ جا سَلوڪ ٻڌڻ مان مطلب ڪنهن شخص جي ذهني سطح جو بلند هجڻ آهي. مطلب ته ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار ’ادو عبدالرحمان‘ جتي هڪ دؤريش جي روپ ۾ سامهون اچي ٿو، اتي هو هڪ دانشور، علم دوست

پڻ آهي. ڪهاڻيءَ جي هڪ ٻئي منظر ۾ خدڪلاميءَ جي روپ ۾ هو رستي تان اهو چئي پٽڙ هٽائي ٿو ته "ادا عبدالرحمان، ائين ڪو جڳائي جو پٽڙ پٽ تي ڇڏي رمندو رهين؟ سياڻي ٻي ڪنهن وانئهڙوءَ کي لڳي وڃي!"

ڪهاڻيءَ ۾ اڳتي هلي، ليڪ ان ڳالهه کي وڌيڪ چٽو ڪري ٿو ته عبدالرحمان هر حال ۾ پاڻ سان گفتگو ڪري پوءِ ٻئي سان ڳالهائي ٿو. اهو پڻ ڏسي ٿو ته هو فارسي سميت مختلف پنج زبانون ڄاڻي ٿو. شاه، سامي کي پڙهندڙ ۽ خيالن ۾ سچل جو پوئلڳ هو.

ڪهاڻيءَ ۾ اصل موڙ ان وقت اچي ٿو جڏهن هڪ مسڪين ماڻهو، هڪ وڏي سيٺ جي واچ چوريءَ ۾ ڦاسي ٿو. ان سچي معامري ۾ ان غريب شخص جو چوڻ هو ته سيٺ، صرف گهر جي لنگهڻ ۽ ان شڪ ۾ ته هن سندس عورت کي ڪو اشارو ڪيو آهي. پهرين ته مسڪين کي پڪڙي مار ڪيڍي وئي بعد ۾ پوليس جي حوالي ٿيو. ان سچي واقعي جي ٻيا گواهه تي پيچي وڃن ٿا، باقي هڪ اکين ڏٺو شاهد اهو دوُريش ادو عبدالرحمان آهي. جيڪو حق سچ جي شاهدي ڏيڻ لاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿئي ٿو. ڄاڪاڻ ته عبدالرحمان سمجهي ٿو ته سيٺ نيڪ ماڻهو ناهي، هن پنهنجي پيڻ کي به ملڪيت جو حصو نه ڏيڻ سبب حق بخشرائي ڇڏيو هو.

عبدالرحمان جي ڪورٽ ۾ پيش ٿيڻ وقت هن جي بوڇڻ بابت به پڇا ٿئي ٿي. جنهن جو هو مذهبي تاريخي پسمنظر ۾ جواب ڏئي ٿو. ڪورٽ ۾ پهرين ته عبدالرحمان جي خودڪلاميءَ واري ڳالهه کي هڪ مزاق طور ورتو وڃي ٿو. بعد ۾ مئجسٽريٽ ڪاوڙ جو اظهار ڪري ٿو. عبدالرحمان کان جڏهن مذهب جي باري ۾ پڇا ڪئي وڃي ٿي ته هو سچل جي بيت جي سٽ 'هندو مومن نه آهيان جو ئي آهيان سو ئي آهيان' ورجائي ٿو. اهڙي طرح ٻيا به سوال ڪيا وڃن ٿا.

عبدالرحمان ڪورٽ ۾ شاهد طور پيش پيو آهي، ان ڪري هن کان آڏي پڇا پڻ ٿئي ٿي. ڪجهه هن جي خد ڪلاميءَ تي مئجسٽريٽ کي غصو اچي ٿو ۽ عبدالرحمان کي 'ڄٽ' چئي وڃي ٿو. جنهن تي هو ساڳي طرح خود ڪلاميءَ جي طرز تي مئجسٽريٽ کان پڇي ٿو. 'ڄٽ' ڪنهن کي چئبو آهي؟ "اڻ پڙهيل کي" مئجسٽريٽ جو جواب ٻڌي عبدالرحمان چئي ٿو: " ادا عبدالرحمان! تڏهن تہ تون ڄٽ ڪو نه ٿئين . تون سنڌي ، پارسي ، اردو ، سنسڪرت ۽ هندي ڄاڻين . تون پنج ٻوليون ڄاڻين ، مئجسٽريٽ صاحب کان پڇ تہ پاڻ گهٽيون ٻوليون ڄاڻي-" جنهن تي مئجسٽريٽ چئي ٿو: ڄٽ اهو آهي جيڪو انگريزي نه ڄاڻي! مئجسٽريٽ جي ڳالهه ٻڌي عبدالرحمان، ان جي پيءُ جو نالو ڪٽي چئي ٿو ته اهو به انگريزي نه ڄاڻيندو هو. مطلب ٿيو ڄٽ ۽ هو ٿيو ڄٽ جو...!

ڪورٽ ۾ گرماگرمي ٿي وڃي ٿي. مئجسٽريٽ ڪاوڙ ۾ عبدالرحمان کي لکت ۾ بيان ڏيڻ جو حڪم ڏئي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ اهي سٽون تاريخ ۾ لکڻ جهڙيون ۽ سدائين ياد رهنديون. پڪ سان انهن سٽن جي ڪري ئي هن ڪهاڻيءَ کي سنڌي ادب جي شاندار ڪهاڻي ليکيو وڃي ٿو. هن تي انهن سٽن کي جيئن جو تيئن اتارجي ٿو:

**"عبدالرحمان قلم ۽ پنو ڪڻي هيٺين ريت لکيو:**
**جناب مئجسٽريٽ صاحب!**

**ادي عبدالرحمان ڪورٽ جي بي ادبي نہ ڪئي آهي . اڄوڪي ڏينهن ۾ ٻين شاهدن کي گاريون ڏنيون اٿوَ . ادي عبدالرحمان کي گاريون سندس ڳوڌڙيءَ جي پلئَو کي بہ لڳن . توهين ماڻهن جا حاڪم نہ آهيو پر سندن نوڪر. اسان شاهد ڪورٽ ۾ پاڻ تہ ڪو نہ آيا آهيون. توهان گهرايو آهي ۽ آئي جو آڌر بہ اهو! ڪير توهان جي ڪورٽ کي شاهدي ڏيندو جي شاهدن کي گارين جي ورڪا پوندي؟ توهين سبب ڏيکاريو تہ توهان کي ڇو نہ موقوف ڪيو وڃي، جو توهان ڪورٽ ۾ شاهدن کي گاريون ڏنيون آهن. ادي عبدالرحمان تہ، جيئن توهان ڪائنس قسم ڪڻايو آهي تہ "خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي سچ چوندس، سچ ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ ڪين چوندس ، سو ئي سچ چيو آهي-"**
**(هگوراڻي، 1985، 76)**

امر لعل هنگوراڻيءَ جي ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ کي سنڌي ادب جي محققن ۽ نقادن پهرين جديد ۽ ترقي پسند ڪهاڻيءَ ۾ شمار ڪيو آهي. ”سنڌي ۾ صحيح معنى ۾ نئين ۽ جديد ڪهاڻي جي ڪوشش ۽ وڪاس ۾ ’ادو عبدالرحمان‘ هڪ وڏو قدم آهي. سنڌي ساهت اندر پنهنجي دؤر ۾ هي ڪهاڻي حد نشان ٿي رهندي جتان سنڌي جديد ڪهاڻي جو بنياد پڌي سگهجي ٿو.“ (چانديو، 2014: 119)

منگهارام ملڪاڻي ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ تي تبصرو ڪندي لکيو ته ”ادو عبدالرحمان.“ امر لعل کي حقيقت نگاريءَ (Realism) تي پڌل جديد ڪهاڻي نويسيءَ جي فن جو باني ڪوٺي سگهجي ٿو. هيءُ صاحب آکاڻين جا موضوع اڪثر پنهنجي وڪالتي ڌنڌي مان ڪڍندو هو ۽ انهن کي ڪلا جو مک ڏيندو هو. (ملڪاڻي، 1977: 12)

مشهور محقق ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، امر لعل هنگوراڻيءَ جي ڪهاڻين تي هيئن تبصرو ڪري ٿو. ”هنگوراڻي وڪيل هو، ان ڪري سماجي نشيب وفراز جو ڪيس ڪافي مشاهدو هو. عدالتن ۾ بعضي عجيب وغريب وارداتون ڏسبيون آهن ۽ نين نين ڳالهين جو انڪشاف ٿيندو آهي. ڪيترا معاملا ظاهري طور ته مثان صاف سٿرا پانئبا آهن، ليڪن انهن جي تهن ۾ گهٽيون ئي ڳنڍيون ڏٺل هونديون آهن يا ته وري پيچيده معاملا به ڪڏهن ڪڏهن جلديءَ ۾ نبري ويندا آهن. ڪن ڪيسن جي دؤران نوان انساني پهلو سامهون ايندا آهن. ڪيترا مجرم بظاهر خطرناڪ ڏوهن ۾ جهلبا آهن، پر انهن جي جرم جو انداز حقيقت ۾ ايڏو سنگين نه هوندو آهي. يا ته ڪي ظاهري معصوم نظر ايندڙ نوجوان ڏوهاري اندر جا درنده صفت نڪري پوندا آهن. عدالت جي ميزان جو پلڙو ڪڏهن مدعي ڏانهن ته ڪڏهن وري مدعيٰ عليه ڏانهن لڙيل هوندو آهي، ساڳي حيقيت شاهدن سان به هوندي آهي. ڪي ”اندر ڪارو ڪانءُ ٻاهر ٻولي هنج جي“ يعني ته چرب زبان مگر مڪار ثين ٿا. ۽ ڪي وري خدا ڪارڻ شاهدي ڏيڻ واسطي اچن ٿا، ڪن کي وري پوليس پنهنجي فائدي ۾ شاهد ڪري بيهاريندي آهي. ليڪن ڪي شاهدن صرف پنهنجو مافي الضمير بيان ڪندا آهن! ’ادو عبدالرحمان‘ به هڪ اهڙي شاهد جي ڪهاڻي آهي. (عرساڻي، 1982: 78)

نامور محقق ڊاڪٽر نواب ڪاڪا ڪهاڻيءَ جي ڪردار بابت لکي ٿو، ”سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ سڀ کان پهرين جنهن ڪردار پنهجو ڏاڪو ڄمايو، اهو آهي امرلال هگوراڻي جي ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ جو ’عبدالرحمان‘ وارو مست، الست ڪردار. هن ڪردار تي تمام گهڻو لکيو ويو آهي. دنيا جي بهترين ڪهاڻين ۾ شامل ٿي انعام به حاصل ڪري چڪي آهي. هيءُ ڪردار سنڌ جي صوفياڻي فڪر جو نمائنده ڪردار مڃيو ويو آهي. پڙهندڙ جي ذهن تي پرپور تاثر ڇڏي ٿو. هيءُ ڪردار سچل سائين وارو فڪر (جوئي آهيان سوئي آهيان) جي جيئري تصوير آهي. دنيا جي نظرن ۾ پلي مست آهي، پر حقيقت ۾ وڏو عالم باعمل آهي. سماج جي کوکلين روايتن ۽ انصاف جي ڪرسي تي ويهي ناانصافي ڪندڙن جي پٽ وائکي ڪري ٿو. سماج ۾ نام نهاد ڪردار جيڪي پاڻ کي شرافت جي خول ۾ ويڙهي صرف ٻاهرين سطح ڏاهي هلن ٿا، انهن جا اهي خول ۽ سطح چيري حقيقتون ظاهر ڪري ڇڏي ٿو. ڪردار جي اها صداقت ۽ سچائي آهي، جنهن هر باشعور ماڻهوءَ جو توجهه پاڻ ڏانهن ڇڪايو.“ (ڪاڪا، 2012، 15) لال سنگهه آجواڻي هن ڪردار لاءِ لکي ٿو ”عبدالرحمان جو ڪردار واقعي ئي سنڌي صوفي آهي ۽ هو ان وقت سچل جي اصول تي عمل ڪندي، منهن تي سچ ڦهڪائي ٿو ڏئي ته آئون نه هندو آهيان نه مومن.“ (آجواڻي، 2007، 270)

## 2.7.2.2.ڪهاڻيءَ تي تبصرو

امر لعل هنگوراڻيءَ جي ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ مجموعي طور ترقي پسند فڪر جي چوڏاري گهمي ٿي. ترقي پسند فڪر مان عام مطلب پراڻ پسنديءَ کان بيزاري، روشن خياليءَ جو سماج ۾ لاڳو ٿيڻ جو اظهار هوندو آهي. هن فڪر ۾ انسان جي عظمت کي ہي ڪنهن دنيا بجاءِ هِن ئي جهان ۾ تبديل ڪرڻ جا خيال سمايل هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته هر انسان جي اها ظاهري توڙي باطني خواهش هوندي آهي ته پنهنجي آس پاس جي نظام کي ڪيئن وڌيڪ بهتر ۽ سهل بڻائجي. ترقي پسند فڪر انهن ماڻهن جي نمائندگي ڪندي ملي ٿو. هڪ ترقي پسند انسان جي سدا کان اها خواهش رهي آهي

ته ڪنهن به طريقي سان غير فطري ۽ وحشي نظام کي ڪنهن ريت ختم ڪري دنيا ۾ انسان جي عظمت جو نظام لاڳو ڪجي. ان سلسلي ۾ هو هر ممڪن جهدوجهد ڪندو رهي ٿو. دنيا ۾ شروع کان ترقي پسند فڪر جاري رهيو آهي؛ جيڪڏهن ترقي پسند ادب نه هجي ها ته هن وقت شايد دنيا جي هي صورت نه ڪڏهن به نه هجي ها. اسان پنهنجن ابن ڏاڏن جيان غارن ۾ زندگي بسر ڪندي ملون ها!

امر لعل هنگوراڻيءَ جي ڪهاڻيءَ جو ڪردار ’ادو عبدالرحمان‘ هڪ پاسي جتي سچل جي فڪر جو صحيح معنى ۾ وارث نظر اچي ٿو. اتي هڪ ترقي پسند انسان پڻ جيڪو دنيا ۾ حق، سچ ۽ انصاف لاءِ پاڻ پتوڙيندو نظر اچي ٿو. هن جي جنگ نه رڳو دنيا جي منجهيل عدالتي نظام سان آهي، پر هو ساڳي وقت هڪ سرمائيدار سيٺ کي چئلينج ڪرڻ لاءِ به عدالت ۾ بيٺو آهي. هن جي گفتگو ۾ جيتوڻيڪ درويشي ۽ سادگي آهي، پر هو ان سادگيءَ جي پويان دنيا کي خوشحال ۽ انصاف پريي هجڻ جي شديد خواهش نظر اچي ٿي. هو ان ڪوشش ۾ ڪيترو ڪامياب ويو آهي. ان جا نتيجا سماج ۾ ڏسي سگهجن ٿا، پر معاملو صرف اهو ناهي ته توهان ڪيترو پند ڪيو آهي؟ سوال هي به آهي ته توهان جو رخ ڪهڙا پاسي آهي. ’ادو عبدالرحمان‘ جو ڪردار اسان کي منزل جو درست تعين ۾ ڪرڻ ۾ يقينن وڏي مدد ڪندي ملي ٿو.

## 2.7.3. شيخ اياز جي ڪهاڻي ’سفيد وحشي‘

شيخ اياز جي بنيادي سڃاڻپ هن جي شاعري ئي آهي. ”شيخ اياز جو پهريون شعر 1938ع ۾ ’سدرشن‘ مخزن ۾ ڇپيو.“ (ملڪاڻي، 1977: 13) شيخ اياز شاعريءَ ڪانسواءِ ان دؤر ۾ ڪهاڻيءَ ۾ پڻ طبع آزمائي ڪئي. ”سندس پهرين ڪهاڻي اٺويهين سالن جي عمر ۾ ڇپي. جيڪا ’سهڻي سير ۾‘ جي عنوان سان، ماهوار ’سنڌو‘ جي 1942 ع جي پرچي ۾ شايع ٿي. سندس ٻي ڪهاڻي ’هڪ شمع جا ٻه پروانا‘ جي عنوان سان ’سنڌو‘ ۾ ئي ڇپي. اهڙي طرح ’سنڌو‘ جي جنوري 1947ع جي پرچي ۾ سندس هڪ ڪهاڻي ’پروچڪي رت‘ جي عنوان سان شايع ٿي. اهي ۽ ٻيون ڪهاڻيون ’سفيد وحشي‘ جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيون.“ (ملڪاڻي، 1977: 6) شيخ اياز، ڪهاڻين ۾ پڻ شاعريءَ جيان ڪامياب رهيو. هن جي ڪهاڻين ۾ فڪري حوالي سان تمام وڏي سگهه موجود آهي. ”هن جي ڪهاڻين جو مجموعو ’سفيد وحشي‘ موهن پنجابيءَ جي قائم ڪيل ’باغي منڊل‘ پاران شائع ڪرايو ويو. انهيءَ مجموعي ۾ ’سفيد وحشي‘ نالي هڪ ڪهاڻي موجود هئي. جنهن جو ايترو ته گهرو اثر هو جو شيخ اياز مناسب سمجهو ته ڪتاب جو نالو ئي ان ڪهاڻيءَ جي نالي سان منسوب ڪيو وڃي.

ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻيءَ مطابق: ”هڪ خوبصورت ڪهاڻي’سفيد وحشي‘ اصل ۾ آزاديءَ جي جدوجهد جي پسمنظر ۾ لکي وئي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ غلاميءَ سان گڏ سرمائيداريءَ جي خلاف گڏيل جذبا بيان ڪيا آهن. هن ڪهاڻيءَ جي خوبي ته ان ۾ تبليغي صورت بجاءِ نهايت ئي فنڪارانه طور ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيل آهي. جيتوڻيڪ واقعي تي گمان ٿئي ٿو، تاهم سادي سودي ڪردارنگاري ۽ منظرڪشي ڪهاڻيءَ ۾ جذبائيت پيدا ڪري ڇڏي آهي.“ (عرساڻي، 1982: 87) اهو پڻ ته اياز جي هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ پاسي جتي بک، مفلسي، بدحاليءَ جا اهڃاڻ ڇتا ٿي ملن ٿا، اتي بغاتون پڻ نظر اچن ٿيون. اهو پڻ ته ماڻهو حق وٺڻ لاءِ رستن تي نڪري اچن ٿا. هن ڪهاڻيءَ ۾ ان وقت جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن جو پڻ اندازو ڪري سگهجي ٿو. ڪهاڻي ’سفيد وحشي‘ ۾ موجود ڪردارن متعلق ڊاڪٽر نواب ڪاڪا لکيو ته، ”شيخ اياز ورهاڱي کان ڪجهه عرصو اڳ باغي منڊل ڪهاڻين جو مجموعو ’سفيد وحشي‘ نالي سان شايع ڪرايو. اياز به پنهنجي مخصوص فن جي ذريعي ڪيترن ئي سماجي ڪردارن جا نقش چٽيا آهن.“ (ڪاڪا، 2017: 27) ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ ڪهاڻي ’سفيد وحشي‘ بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪجهه هن ريت ڪيو ته: ”جنهن وقت مسلمانن ۽ هندن ۾ تفرقي پرست ۽ نفرت کي اڀاريو پئي ويو، ان وقت اياز، ڪهاڻي’سفيد وحشي‘لکي عوام جي حقيقي دشمنن جي عڪاسي ڪئي. هن قومي ۽ عوامي جبر خلاف آواز اٿاريو، ڪهاڻي انگريزن خلاف نفرت جو اظهار آهي“ (ميمڻ، 2017: 156) شيخ اياز جي افسانن جي

مجموعي ’سفيد وحشيءَ‘ ادبي حلقن ۾ هڪ وڏي هلچل مچائي ڇڏي هُـئـي. جيڪو 1947ع جي شروع وارن ڏينهن ۾ شايع ٿيو هو. تنهن کي ان وقت جي حڪومت ضبط ڪري ڇڏيو هو. ’سفيد وحشي‘ هڪ افسانو نه پر دشمنن جي مُـنـهـن تي چماٽ هُـئـي، ان وقت جي ادبي حلقن ۾ هن ڪهاڻي جي وڏي ڌوم مچي وئي.“ (جان، 2016: 36) ڪهاڻي ’سفيد وحشيءَ‘ ۾ جهڙي ريت عام ماڻهن جي سجاڳي ڏيکاري وئي آهي. اها پڻ هڪ ڪمال فنڪار جي ڪمال مهارت ئي کي ئي اجاگر ڪري ٿي.”جنگ ڪان پوءِ سنڌي جنتا جي جاڳرتا جو نظارو مون ’سفيد وحشي‘ ۾ ڪيو آهي. عوام سياسي معاملن ۽ مونجهارن مان نه ڇاڻي. هنن جي سمجھ سڌي سنئين آهي ته اسان جي پيٽ تي لت اچي رهي آهي، لڄ لٽجي رهي آهي. ان سادي پر سخت بغاوتي احساس جي تصوير آهي.“ (اياز، 1947: 6) ’سفيد وحشي‘ ۾ شيخ ڦا نه فقط ان دؤر جي حالتن جي درست نموني عڪاسي ڪئي آهي، پر مڪالمن جي ذريعي پنهنجي نظريي کي سؤلي ريت سمجهائڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي.

## 2.7.3.1.ڪهاڻي ’سفيد وحشي‘ جو پلاٽ

شيخ اياز جي ڪهاڻي ’سفيد وحشي‘ سنڌ ۾ انگريز جي ان وحشت ۽ بربريت جو داستان آهي، جنهن ۾ هو ڪهڙي طرح مقامي ماڻهن جو استحصال ڪندي نظر اچن ٿا. ڪهاڻيءَ جو مک ڪردار صديق جي نالي سان هڪ مهاڻو آهي، جيڪو سمنڊ مان مڇي ڦاسائي پيٽ گذران ڪري ٿو. جنهن جا به پائر جهاز تي ڪم ڪن ٿا، پر صديق کي پنهنجي آزاد ۽ تنهائي پسند طبعت جي ڪري اها نوڪري پسند ناهي. ان ڪري هو هڪ ٻيڙيءَ جي وسيلي مڇي ڦاسائي زندگيءَ جو گاڏو گهلي ٿو. ساحل جي ڪناري تي هن جو ٺڪر ڳُلان نالي هڪ ڇوڪريءَ سان ٿئي ٿو. ڳلان ڪلفٽن جي پرسان رهندي هئي ۽ هن جو پيءُ ڪوڏ وڪڻندو هو. آهستي آهستي ڳلان جي ويجهو وڃي ٿو. ٻنهي جي وچ ۾ عام تعلق محبت ۾ تبديل ٿيو وڃي. هو ڳلان سان شاديءَ جا سپنا اڻڻ لڳي ٿو.

صديق جي خوش حياتيءَ ۾ هڪ خراب ڏينهن اچي ٿو. جنهن ڏينهن هن ڪياماڙي طرف جتي سندس پائر جهاز تي نوڪري ڪندا هئا، فائرنگ جو آواز ٻڌي ٿو. هن کي خبر پئي ٿي ته ان پاسي فساد ٿيو آهي. هو چار ڇڏي ان طرف ڀڄي ٿو. واٽ تي هن کي ڪجھ گورا نظر اچن ٿا، جيڪي هندستانين کي گاريون ڏئي رهيا هئا ۽ هندستاني گونگا ٿي اهي گاريون ٻڌي برداشت ڪري رهيا هئا. اتي ريسٽورنٽ جو هڪ نوڪر صديق کي ٻڌائي ٿو ته گورا هندستانين سان وڙهيا آهن ۽ جهاز کي باهه لڳائي ڇڏي اٿن. اها ڳالهه ٻڌي صديق جون وايون ٻتال ٿي وڃن ٿيون. ڇاڪاڻ ته هن جا به پائر ان جهاز تي نوڪري ڪندا هئا. صديق تڪڙو گهر ڏانهن موٽي ٿو ۽ اتان سائيڪل تي چڙهي شهر ڏانهن روانو ٿي وڃي ٿو. واٽ تي هن کي ڪاليجي ڇوڪرن جا جلوس نظر اچن ٿا، جيڪي انقلاب جا نعرا هڻي رهيا هئا. هن اتي بيهي ابهرائيءَ ۾ شاگردن کان باهه لڳل جهاز جو اهو ڇئي معلوم ڪرڻ چاهيو ته ان جو ڇا ٿيو؟ جواب ۾ ڇوڪرا هن جي ڇوڏاري مڙي چن ٿا: ”اهي گورا. اهي سفيد وحشي اسانجي زند گيءَ کي تڇ پيا سمجهن. هو سمجهن ٿا ته اسان ذليل آهيون, غلام آهيون, ڪارا آهيون......“ صديق ان ڳالهه کي سمجهڻ سواءِ اڳتي وڌي وڃي ٿو. ڇاڪاڻ ته هن کي پنهنجي پاءُ جي خبر وٺڻي هئي. بولٽن مارڪيٽ ۾ هن کي خبر ملي ته ڪياماڙيءَ ڏانهن ويندڙ دڳ بند آهن ۽ اهو پڻ ته جهاز جي خلاصين ڪجھ مطالبا ڪيا هئا، جن کي پورو ڪرڻ بجاءِ انهن کي گوليون هنيون ويون.

صديق کي واٽ تي صالح نالي همراهه ملي ٿو، جيڪو هن جي پاءُ جو سالو آهي. اهو کيس ٻڌائي ٿو ته ان واقعي ۾ هن جو پاءُ پڻ زخمي ٿيو آهي. صالحُ، صديقَ کي اهو پڻ ٻڌائي ٿو ته ان ظالم خلاف عيد گاهه گرائونڊ تي ميٽنگ آهي. هو صالح کي سائيڪل جي پويان ويهاري عيد گاهه پهچن ٿا. جتي اڳئي کي گوڙ گهمسان لڳو پيو آهي. هو ڪجھ اڳتي وڌيا ته سندن اکين مان ڳوڙها وهڻ شروع ٿي ويا. پوليس گڏ ٿيل ماڻهن مٿان مسلسل ڳوڙها گئس جو استعمال ڪري رهي هئي. ڪجھ دير پوليس جي شيلنگ بند ٿي ته مجمعي مان اٿي ڪنهن تقرير شروع ڪئي. هو ماڻهو چئي رهيو هو: ”اسين هندستاني پنهنجا جائز حق گهرون ته اسان کي گوليءَ سان اڏايو ٿو وڃي. اسين جي ظلم ۽ بي انصافيءَ خلاف آواز اٿاريون ته اسان کي ٽيئر گئس هلائي ڇڙوڇڙ ڪيو ٿو وڃي! آخر انگريز.

هي هي سفيد وحشي. ڪيسين هندستاني عوام جو خون وهائيندا؟“ ٻيهر ٽيئر گيس جي هلڻ تي ماڻهو چڙ۽ چڙ ٿين ٿا. ’سفيد وحشي‘ جا لفظ هن جي دماغ ۾ گونجڻ لڳن ٿا. صديق اهڙو نظارو ڪڏهن به نه ڏٺو هو. هو سائيڪل تي گهر ڏانهن روانو ٿئي ٿو. رستن جي چؤنڪن تي هن کي گورا سولجر بندوقون کڻي بيٺل نظر اچن ٿا.

صديق گهر اچڻ جي بجاءِ اهو سوچي ته گلان اڄ مچي ڪنئي الائي نه سائيڪل جو رخ هن جي گهر ڏانهن موڙي ٿو. هو در تي بيهي کڙڪائڻ وارو هو ته اندر عجيب آواز ٻڌي خاموش ٿي وڃي ٿو. هن در جي وٿيءَ مان نهاريو ته ٻه گورا سولجر اندر بيٺل هئا. هڪ چٽو، گلان جي ٻانهن مان وٺي هن کي چميون ڏئي چئي رهيو هو ته ”پنج روپين کان مٿي نه ڏيندس!“ ٻئي پاسي گلان جو پيءُ چئي پيو ته نه ڏهه ڏيو. اهڙو منظر ڏسي صديق جي ڪنن ۾ گونج شروع ٿئي ٿي: ”سفيد وحشي! اسان جي غيرت, محبت جا خوني! سفيد وحشي!“ هن ڪاوڙ ۾ اچي صدريءَ مان چاڪو ڪڍي گوري سولجر کي قتل ڪري ڇڏي ٿو. خون جي ڏوهه ۾ صديقَ کي جنم ٽيپ ملي ٿي. هن کي جهاز ۾ چاڙهي ڪنهن ڏوراهين جزيري تي نيئڻ کان اڳ گلان هن سان ملڻ اچي ٿي. صديق کي خيال اچي ٿو ته هٿڪڙيون هٽي گلان جو مٿو ڦاڙي ڇڏيان، پر گلان جي اکين ۾ ڳوڙها ڏسي خاموش ٿي وڃي ٿو. سوچي ٿو ته معاشي مجبوريون ماڻهون کي ڪهڙا ڪم ڪرائن ٿيون. هن کي گلان جي پوڙهي پيءُ جو خيال پڻ اچي ٿو. جهاز پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿيو. اهو جهاز جنهن کان صديق سدائين بيزار رهندو هيو. اڄ ان ۾ ويٺو هو. ٻيڪ تان هن کي ڪل جو آواز اچي ٿو. ڏند پڪوڙي چئي ٿو، ’سفيد وحشي‘ جنهن کانپوءِ ٺڏ کان بدن لڪائڻ لڳي ٿو. (اياز، 1947)

### 2.7.3.2. ڪهاڻي ’سفيد وحشي تي تبصرو

سنڌ جو اتهاس گواهه رهيو آهي ته هتان جي ماڻهن ڪڏهن به ڌارين کي حڪمران طور قبول ناهي ڪيو. قديم زماني کان جديد دؤر ۾ سنڌي ماڻهن جو مختلف نمونن سان مزاحمت جو انداز ڏسي سگهجي ٿو. هو ڪهڙي ريت پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرائن ٿا، سو پڻ تاريخ جو حصو بڻجي وڃي ٿو. ’سفيد وحشي‘ ڪهاڻيءَ ۾ مرڪزي ڪردار صديق جو رومانس به ڏسڻ وٽان آهي. هو ڪهڙي طرح جهاز تي ڊيوٽي ڪرڻ کان لنوائي ٿو. اهو ڪهاڻيءَ جو فڪري پاسو آهي ته سنڌي ماڻهو، رڪي سکي کائڻ کي ته ترجيح ڏئي ٿو، پر ڌارين جي غلاميءَ کي پسند نه ٿو ڪري. هن ڪهاڻيءَ ۾ شاگردن جي روپ ۾ شاگرد سياست جي سجاڳي پڻ ڏسي سگهجي ٿي. انگريزن خلاف نعرا، انهن کي سفيد وحشيءَ سان تعبير ڪرڻ ان جو کليو اظهار آهي. سياست ۾ مزاحمت ڪيئن هوندي آهي؟ عام ماڻهو ان لاءِ ڇا ڪن ٿا؟ نتيجي ۾ ڌارين جي سرڪار انهن تي تشدد جا هٿڪنڊا استعمال ڪن ٿا. اهي منظر به ڪهاڻيءَ کي سياسي سجاڳي حوالي سان مانائتو بڻائن ٿا. ڪهاڻي جي آخر ۾ عام ماڻهو جي مفلسيءَ کي گلان جي والد جي روپ ۾ ڏسي سگهجي ٿو. پيٽ لاءِ ماڻهو ڪهڙي ريت پنهنجي عزتن کي نيلام ڪن ٿا. اهو پڻ ته سماج ۾ صديق جي روپ ۾ اهڙا ڪردار به آهن، جيڪي نه ٿا چاهين ته ڪير صرف بک ۽ بدحاليءَ جي ڪري هنن جي عزتن کي نيلام ڪري. پوءِ ان ۾ هن جي محبت پڻ شامل آهي ته هو هڪ تکڙي فيصلي جي نتيجي ۾ ڌاريي سپاهيءَ کي ان سوچڻ کانسواءِ ماري وجهي ٿو ته ان جو انجام ڇا ٿيندو!

شيخ اياز جي ڪهاڻي ’سفيد وحشي‘ مجموعي طور ان معاشريءَ جو وڏو ڪينواس يا اسڪرين آهي، جنهن کي پڙهي ڏسي پاڻ ان دؤر جي ڳنڀير حالتن جو مطالعو ڪري سگهون ٿا

## 2.7.4. آسانند مامتورا جي ڪهاڻي ’ڪکي‘

ورهاڱي کان اڳ آسانند مامتورا کي ڪهاڻي ڪيتر ۾ نهايت قابل فنڪارن منجهان سمجهيو وڃي ٿو. هن جون ڪهاڻيون گهڻو ڪري پيچيده جنسياتي مسئلن بابت آهن. مامتورا جي ڪهاڻين ۾ نفسياتي ڇيد پڻ شامل رهيو آهي. ”سنڌس پهرين بيباڪ سماجڪ ڪهاڻي ’هيءَ پريم‘ 1932 ۾ ’سنڌو مخزن‘ ۾ شايع ٿي هئي. مٿيون خوبيون سنڌس مجموعي ’جيوت: پريم ۽ پاپ جون ڪهاڻيون‘ مان ظاهر آهن،

جيڪو ڪهاڻي ساهت منڊل 1939 ۾ ڇپايو هو. ان مان مکيه آکاڻيون هيون: ’ڳنوارڻ‘ عرف ’ڪڪي‘ جا من ڇيد وارين ڪهاڻين ۾ شاهڪار مڃي وڃي ٿي.“ (ملڪاڻي، 1977: 15)

آسانند مامتورا جو ننڍپڻ کان ادب ڏانهن لاڙو رهيو. فلسفو ۽ نفسيات هن جا پسنديده موضوع رهندا پئي آيا. ”هاءِ اسڪول جي تعليم دؤران لالچند امر ڏنيمل جڳتياڻيءَ ۽ ڪاليج ۾ پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جهڙن وڏن ليکڪن وٽ تعليم حاصل ڪرڻ ۽ سندن صحبت اختيار ڪرڻ سبب هن جي دل ۾ به ادب لاءِ چاهه پيدا ٿيو، اسڪولي زندگيءَ ۾ ئي ڇيدا مضمون لکڻ شروع ڪيائين. ڪاليج جي زماني ۾ ڪيترا ليک ۽ ڪهاڻيون لکيائين. ڪاليج جي پرنسپال گربخشاڻيءَ سندس ڪهاڻيون پڙهي، کيس صلاح ڏني ته هو صرف ڪهاڻيون لکي.“ (جوٽيجو، 2006: 167) آسانند کي حقيقت نگاريءِ جي حوالي سان امر لال هنگوراڻيءَ ۽ مرزا نادر بيگ کان پوءِ ٽيون وڏو ڪهاڻيڪار تسليم ڪيو وڃي ٿو. هن سنڌي ڪهاڻي کيتر ۾ پنهنجو نرالو نانءُ پيدا ڪيو. آسانند مامتورا کي سنڌي ٻوليءَ جو اهو پهريون بيباڪ ليکڪ آهي، جنهن سماج جي نهايت ڳنڀير نفسياتي ۽ جنسي مسئلن کي ڪهاڻين جو موضوع بڻايو. پروفيسر منگها رام ملڪاڻيءَ موجب ”سندس پهرين سماجي ڪهاڻي ’هيءُ پريم‘ 1932ع ۾ ’سنڌو‘ رسالي ۾ شايع ٿي. ان کان پوءِ جڳت آڏواڻيءَ، 1939ع ۾ ، آسانند مامتورا جي چئن ڪهاڻين جو مجموعو ’جيوت، پريم ۽ پاپ جون ڪهاڻيون‘، ڪهاڻي ساهت منڊل، حيدرآباد پاران ڇپائي پڌريون ڪيون. 1943ع ۾ ’آشا ساهت منڊل‘ طرفان سندس ٽن ڪهاڻين جو مجموعو ’آرسي‘ نالي سان ظاهر ٿيو، ان وچ ۾ سندس پنج ڪهاڻيون ’سنڌو‘ رسالي ۾ پڻ ڇپيون. 1932ع کان 1949ع تائين سندس لکيل 11 ڪهاڻيون ’ڳنوارڻ‘ عنوان سان، سنڌي ٽائيمس پبلڪيشن الهاس نگر (ڀارت) ڊسمبر 1978ع ۾ ڇپائي پڌريون ڪيون.“ (جوٽيجو، 2010) آسانند، ڪهاڻي ’ڪڪي‘ ۾ جهڙي ريت نفسياني ۽ جنسي مسئلن ۾ ڦاٿل هڪ پرٽيل عورت جي احساسن کي ڪهاڻيءَ جي صورت ظاهر ڪيو آهي. اهو هڪ شاندار تجربو رهيو. اهو ئي سبب آهي جو هن جون ڪهاڻيون ٻاهرين ٻولين ۾ پڻ ترجمو ٿيون. منگهارام ملڪاڻيءَ مطابق ”آسانند مامتورا جا افسانا هڪ خاص رنگ جا حامل آهن. هن جي افسانن جا ٻه مجموعا ’آرسين‘ ۽ ’پاپ ۽ پريم جون ڪهاڻيون‘ ورهاڱي کان اڳ شايع ٿيا هئا. هو پنهنجي ڪردارن جو نفسياتي تجزيو ڪندي، جنسي مونجهارن جي چنڊڇاڻ ڪري ٿو. هن جي بهترين تسليم ٿيل ڪهاڻي ’ڪڪي‘ آهي، جا هندي، انگريزي ۽ اطالوي زبانن ۾ ترجمو ٿي، داد حاصل ڪري چڪي آهي.“ (ملڪاڻي، 1977: 14)

### 2.7.4.1.ڪهاڻي ’ڪڪي‘ جو پلاٽ

آسانند مامتورا جي ڪهاڻي ’ڪڪي‘ هڪ اهڙي ڇوڪريءَ جي نفيس جذبن جي ڪهاڻي آهي. جيڪا دل ۾ گهٽيون خواهشون سانڍڻ ۽ آرزو رکڻ جي باوجود ننڍي کنڊ جي معاشري جو روايتي ڪردار نڀائي ٿي.

ڪڪيءَ کي هن جون ساهيڙيون پرپٺ ڳنوارڻ سڏينديون هيون. ڪڪي به هن کي ان ڪري سڏيندا هئا جو مائٽن هن کي ٻارنهن ورهين جي عمر ۾ هڪ 25 سالن جي مرد سان پرڻائي ڇڏيو. ننڍي عمر ۾ ڪنوار ٿيڻ ڪري هن کي ڪڪيءَ سان سڏيو ويو. هن جو مڙس خانداني برهمڻ هو، پر ڌرمي ڇاڻ نه هجڻ سبب ڪجهه ڳنون وٺي پالي انهن جو کير کپائي پيٽ گذران ڪري پيو. انهيءَ نسبت سان ڪڪي، ڳنوارڻ پڻ سڏجڻ ۾ اچي ٿي.

ڪڪيءَ جي خاندان جو هونءَ ته گذران ڳئُون تي هو پر ٻين مهاڀاري لڙائي سبب انهيءَ ڌس ۾ پڻ انهن کي مشڪلاتون پيش پڻ آيون. ڪڪي جڏهن ارڙهن ورهين جي ٿئي ٿي ٻين لفظن ۾ جوڀن جي عروج تي پهچي ٿي ته هوءَ پنهنجي طبيعت ۾ فرق محسوس ڪري ٿي. خاص ڪري مڙسهنس ڏانهن هن جو رويو تبديل ٿي وڃي ٿو. هن کي پنهجي مڙس جو ڳالهائڻ توڙي هلت چلت ۾ ڪابه لطافت محسوس نه ٿي ٿئي. ايتري تائين جو هو جڏهن ڳالهائندو هو ته هن کي مڙس جي آواز تي تڪليف پهچندي هئي. ايتري تائين جو هن کي مڙس مان ڳئون جي ڇيڻي ۽ پيشاب جي بوءِ تنگ ڪرڻ لڳي. ان جي وچ تي هوءَ پاڻ کي سنڀالڻ ۽ سمهجائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي ته هو ائين ڇو پئي ڪري، جنهن شخص لاءِ سندس دل ۾ نفرت ۽ ڪروڌ پيو پلجي، آخر ته سندس مڙس آهي!

انهيءَ لاءِ دليل طور هو ڌرمي ڳالهن کي پئي ياد ڪندي هئي. هو پاڻ کي سمجهائيندي هئي ته جنهن ڌرم يعني هندو مت سان هن جو تعلق آهي، ان ۾ عورت جي مثان فرض ٿي وڃي ٿو ته هوءَ پنهنجي پتيءَ جي سيوا ڪري. هوءَ پاڻ کي سمجهائيندي هئي ته مڙس، ديوتا جيان هوندو آهي. هن جي گهر جي تربيت ۾ پڻ اهڙا سبق سيکاريا ويا هئا. اهو سڀ ڪجهه ياد ڪري هوءَ مڙس جي خدمت ۾ لڳي ويندي هئي.ڍ

ڪڪيءَ لاءِ اهو سڀ ڪجهه مصروفيت سبب هو، پر واندڪائي هن کي وري سوچن جي کوهه ۾ اڇلائي ڇڏيندي هئي. هن جي ذهن ۾ ٻين مردن کي ڏسي عجيب سوال ڪر کڻندا هئا. ڪڏهن ملال ته ڪڏهن بغاوت لاءِ جا جذبا هن جي مٿان حاوي ٿي ويندا هئا. ڪڪيءَ هر پيري پاڻ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي، پر هر دفعي هن جي مٿان اهي احساس طاري ٿي ويندا هئا ته ٻين عورتن جا مڙس هن جي ور کان سهڻا سيبتا آهن. هوءَ اهڙي قسم جي اظهار کان پئي لنوائيندي هئي. دل جي ڳالهه دل ۾ رهندي ٿي آيس. ڪڪيءَ انهيءَ صورتحال ۾ پاڻ کي هر وقت مصروف رکندي پئي آئي. ان وچ ۾ جيڪڏهن واندڪائي ملندي هئي ۽ گهر جي ٻاهرين پٽ پرسان ويهي ٻين مردن کي ڏسندي هئي ته ساڳيان جذبا اٿل کائي نروار ٿيندا هئا. هوءَ بس پوءِ ٻين عورتن تي پئي ريس ڪندي هئي ته هو ڪيتريون نه ڀاڳ واريون آهن. انهيءَ سڄي لقاءَ ۾ هو پنهنجي مائٽاڻي گهر کي به ياد پئي ڪندي هئي ته ڪهڙي ريت هن جي پيڪن ۾ خوشبوءِ هوندي هئي. ساهراڻي گهر وانگر ڇيڻن جي بدبوءِ ڪونه هئن. هن کي گوپال سان شاديءَ جو ڏينهن ياد ايندو هو ۽ پئي افسوس ڪندي هئي. هاڻي هن ڏينهن جو به سپنا ڏسڻ شروع ڪيا هئا. جنهن ۾ ساوڪ سان پرپور ميدانن ۾ پئي ڪڏندي هئي. ڪيڏي مهل هن جي هنج ۾ هرڻ ته ڪنهن وقت هن جي هٿن ۾ گل هوندا هئا. هڪ ڏينهن سپني ۾ هن شيو جي لنگ کي پوڄيندي ڏٺو. ڪجهه دير ۾ اهو لنگ بدلجي هڪ شخص جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. ان شخص جي اکين ۾ عجيب ڪشش هن کي مجبور ڪري ڇڏيو ته تصورن ۾ پاڻ کي ان جي حوالي ڪري ڇڏي. هن ائين ئي ڪيو. ڪافي وقت ان سان هن جو من آنند وٺندو رهيو. ڪجهه دير ۾ جڏهن هوءَ تصورن جي دنيا کان ٻاهر نڪتي يا هن جو نشو ختم ٿيو ته ڇا ڏسي ته ان شخص جي صورت سندس پيءُ جهڙي آهي. ٻئي لمحي هن کي محسوس ٿيو ته ڪا ڏائڻ هن جي مٿان وڏا ٺهڪ ڏئي کلي رهي آهي. ڪڪيءَ هاڻي اهڙو تصور ڪڏهن به نه آندو. هوءَ پاڻ کي روڪيندي رهي.

هڪ ڏينهن هن جي مڙس کي ڳئون اهڙو ٽڪر هنيو جو ڪنڌ ۾ ته زوردار ڌڪ لڳس. گوڏو پڻ ڀڃي پيس. مڙسهس کي  بستري تي پئي مهينا ٿي ويا. هاڻي هن جي ذهني توڙي جسماني بڪ ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو. ممڪن هو ته هن جي صبر جا سڀ بند ٽٽي پون ها يا هوءَ هسٽريا جي مريضه ٿي وڃي ها، پر اهو سڀ ڪجهه نه ٿيو ان ٻنهي ڳالهين جي بلڪل ابتڙ هڪ نئين جذبي جنم ورتو. اهو مامتا جو احساس هو. هن مڙس جي اهڙي ريت خدمت شروع ڪئي، جيئن هڪ ماءُ پنهنجي ابهم ٻار جي ڪندي آهي. هن لاءِ هاڻي اهو شخص نه ڪي سندس مڙس هو نه ڪي خاندان جو رکوال پر ٻار جيان هو. هن سوچيو ته جيڪڏهن ور جي خدمت نه ڪندي ته ان جو بچڻ مشڪل ٿي پوندو. ان جذبي سان هن مڙس جي اهڙي ته سنڀال شروع ڪئي جو سندس ٻيا جذبا ختم ٿي ويا. هن جي من ۾ شهوت جا سڀ جذبا هوا ٿي ويا. ان جي جاءِ تي هڪ پاڪ پويتر جذبو غالب پئجي ويو. جنهن جي هن کي سخت ضرورت پڻ هئي. هاڻي ڪڪيءَ زال گهٽ ماءُ وڌيڪ ٿي وئي. خدمت جي جذبي ۾ پنهنجي مڙس جي ماءُ... اهڙي طرح ڪڪيءَ پاڻ کي وڏي گناهه کان بچائي ورتو. (پيرزادو، 2006:)

### 2.7.4.2. ڪهاڻي ’ڪڪي‘ تي تبصرو

آسانند مامتورا جي ڪهاڻي ’ڪڪي‘ سماج ۾ پيدا ٿيندڙ نفسياتي مونجهارن کي منظرعام تي آڻڻ لاءِ هڪ بهترين لکڻي آهي. هڪ اهڙي عورت جي ڪهاڻي، جنهن جو مڙس هن کان عمر ۾ ڪجهه وڏو آهي ۽ هو معاشري جي ٺاهه ٺوهه کان بلڪل به واقف ناهي. هاڻي هڪ عورت پنهنجي مڙس ۾ ڇا ڏسڻ چاهي ٿي؟ ان خواهش جي پويان ڊڪي ٿي. ان ڊڪڻ جي پويان شروع ۾ هو تصورن جي دنيا ۾ هلي وڃي ٿي. هن جي اڳيان ڪيترائي پيچيده نفسياتي مسئلا پيش اچن ٿا.

ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار ’ڪڪي‘ ان سچي لقاءَ ۾ پاڻ سان ويڙهاند ڪري ٿي. هڪ پاسي هن جي مٿان ٻنهي پاسن جون ڪيفيتون طاري ٿينديون رهن ٿيون. هڪ ۾ هوءَ پاڻ کي سمجهائي ٿي ته هن کي روايتي هندستاني ناريءَ جيان ور جي ٿي رهڻ گهرجي. وري ٻئي پاسي جڏهن پنهنجي مڙس کي ڏسي ٿي ته هن جي اندر ۾ ڪامنا شدت سان ظاهر ٿئي ٿي. هو هر ايندڙ ويندڙ مرد کي غور سان ڏسي ٿي. وري انهيءَ دؤران انهن عورتن جي پاڳن تي پڻ رشڪ ڪري ٿي، جيڪي انهن مردن جو زالون آهن. جيتوڻيڪ هن جي مڙس جو تعلق برهمڻ فيملي سان هو، پر چاڪاڻ ته هو روايتي ڌرمي چاڻ نه هجڻ سبب ڳئون پالي گذران ڪري ٿو. شاديءَ ڪانپوءِ هوءَ به مڙس جي ان ڪاروبار ۾ هٿ ونڊرائي ٿي، پر اندؤرني طور ڪڪيءَ کي ڳئون جي ڇيڻن جي بوءِ پسند ناهي. هن جي اندر بغاوتون جنم وٺن ٿيون.

ڪهاڻيءَ جي پلاٽ ۾ عروج ان وقت اچي ٿو، جڏهن ڪڪيءَ جو مڙس ڳئون جي لت سان زخمي ٿيو پوي. ان جاءِ تي ڪڪيءَ لاءِ وڏو موقعو آهي ته هو پنهنجي سپني ڊبيل خواهشن کي عملي طور اختيار ڪري. چاڪاڻ ته هن جو مڙس جنگهه ڀڃڻ جي ڪري کٽ تي پيل آهي. ڪڪي ايئن نه ٿي ڪري. ان جي وچ ۾ هوءَ هڪ ٻئي رستي جي چونڊ ڪري وٺي ٿي. پڪ سان اها ئي هن جي اصل چونڊ آهي. يعني عورت پلي ڪهڙي به رشتي ۾ هجي پر هوءَ اصل ۾ ماءُ هوندي آهي. ڪڏهن پنهنجي ٻارن جي ماءُ ته ڪڏهن پنهنجي پيءَ جي ماءُ ته ڪڏهن پنهنجي مڙس جي ماءُ...... ماءُ جو رشتو پڪ سان سپني رشتن جي مٿان حاوي ٿيو وڃي. ڪڪيءَ به ان رشتي کي قبول ڪيو. باقي سپني خيالن کي ڏوڻي ذهن مان نيڪالي ڏئي ڇڏي.

آسانند مامتورا جي ڪهاڻي ’ڪڪي‘ سماج جي انهن پيچيده مسئلن جي ترجمان ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ جتي معاشرتي مسئلن جي اؤک ڊؤک ٿيندي نظر اچي ٿي. اتي معاشي مامرا پڻ سڌڻ ۾ اچن ٿا. جيئن ڪڪيءَ جي مڙس پاران پنهنجي خانداني ڪم يعني برهمڻ هجڻ کي ڇڏي هڪ ڳنوار ٿيڻ. هو ڪهڙين حالتن ۾ ڳئون پالي گذارن ڪري ٿو. اهو پڻ ڪهاڻيءَ جو لڪل مگر اهم پاسو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ ڌرمي پاسن کي پڻ ڇهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ’شيو لنگ‘ کي استعاري طور استعمال ڪري، ڪهاڻيڪار، ڪڪيءَ جي اندر آنڌ مانڌ بيان ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪئي آهي، جنهن ۾ هو ڪافي حد تائين ڪامياب پڻ ويو آهي. مجموعي طور هيءَ ڪهاڻي، انساني سماج ۾ پيدا ٿيندڙ نفسياتي مسئلن جي اپٽار ڪندي ملي ٿي. ظاهري طور ته هي ڪهاڻي ورهاڱي کان اڳ جي لکيل آهي، جنهن کي ان باب ۾ آڻي چيد ڪيو پيو وڃي، پر حقيقي طور ان قسم جون ڪهاڻيون ’ڪلاسڪ‘ جي درجي ۾ ايندڙيون آهن. هي هر دؤر جون ڪهاڻيون آهن. اڄ به نه ڄاڻ ڪيتريون ڪڪيون اهڙي قسم جي صورتحال ۽ نفسياتي پيچيدگين مان گذرنديون هونديون.

## 2.7.5. مرزا نادر بيگ جي ڪهاڻي ’موهني‘

ورهاڱي کان اڳ سنڌي ڪهاڻي ڪيتر ۾ جتي آڱرين تي بهترين ڪهاڻيڪار ڳڻي سگهجن ٿا، انهن مان مرزا نادر بيگ جو شمار به آهي. نامور محقق مختيار ملاح پنهنجي تحقيقي ڪتاب ’سنڌي ۽ مضمون جلد- 5‘ ۾ لکيو آهي ته ”مطالعي هيٺ آيل دؤر تائين جيڪي مشهور ڪهاڻيڪار ٿي گذريا آهن، تن ۾ ڇيٺمل پرسرام، امرلعل، آسانند مامتورا، عثمان علي انصاري، مرزا نادر بيگ، عبدالله ’عبد‘، لطف الله بدوي، ايم. آر هائيداساڻي، شيخ اياز، گوبند مالهي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن. (ملاح، 2017: 97)

مرزا نادر بيگ ڪير هو؟ جي جواب ۾ ايترو ٻڌائڻ ئي ڪافي آهي ته هو سنڌي ٻوليءَ جي عظيم محسن مرزا قليچ بيگ جو پٽ هو. والد جي پيٺ ۾ هو سنڌي ادب لاءِ تمام گهڻو ڪم ته نه ڪري سگهيو، پر سنڌي ادب جي ٻين صنفن سان گڏ ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾ به هن جو تمام وڏو نالو آهي. ”جنهن مشهور سنڌي ادبي مخزن ’سنڌو‘ ۾ 1932 کان 1936 تائين درجن کن نئين زماني جون، سڌريل بناوت واريون، سماجي اوڻاين بابت آکاڻيون ڇپايون هيون. انهن مان مکيه هيون، ’پاڪ محبت (مس رستمجي)، موهنيءَ جي ڊائري، ماءُ جو قهر، انقلاب، اڇوت، گهرجي چڪ ۽ مذاقي ڪهاڻي عينڪ جو آواز‘ شامل آهن.“ (ملڪاڻي، 1977: 13) مرزا نادر بيگ جي ڪهاڻين جي

حوالي سان جامي چانڊيو لکي ٿو ته، ”نادر بيگ مرزا جي ڪهاڻين ۾ هڪ خاص خوبي منجهن احساساتي رومانويت آهي. نادر بيگ مرزا هڪ اهلِ دل ماڻهو هو. پيار ۽ محبت هن جي اڪثر ڪهاڻين جا خاص موضوع آهن. پيار جو هن وٽ فقط جسماني ۽ رسمي تصور ناهي، هو پيار کي هڪ روحاني تشنگي، پاڻ ارپيندڙ جذبو ۽ هر قسم جي طمع کان بي نياز، لطيف احساس سمجهي ٿو.“ (چانڊيو، 2018:) سال 1991 ۾ ناميارِي ليکڪ نصير مرزا هن جي ڪهاڻين کي سهيڙي هڪ ڪتاب ترتيب ڏنو؛ جيڪو انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو. هن ڪتاب ۾ نادر بيگ جون چونڊ 24 ڪهاڻيون شامل آهن. هن جي ڪهاڻين ۾ ”’موهني‘ هن جي پريم ڪهاڻين جو خاص ڪردار آهي. رڳو هن ڪتاب ۾ ئي موهنيءَ جي حوالي سان هن جون سَتَ ڪهاڻيون ۽ هڪ ايڪانڪي ڊرامو شامل آهي.“ (چانڊيو، 2018) موهنيءَ جي ڪردار بابت جامي چانڊيو لکي ٿو ”نادر بيگ مرزا جي ڪهاڻين ۾ احساساتي رومانويت جي عنصر جو راز موهني آهي، جنهن کي مان فقط هن جي ڪهاڻين جو اهم ڪردار ئي نه پر سندس زندگيءَ جو وڏو ڪردار پڻ سمجهان ٿو. مون کي پڪ آهي ته موهنيءَ نالي ڪردار هن جي زندگيءَ ۾ ضرور آيو آهي. ٻيءَ صورت ۾ هو ايڏيءَ گهرائيءَ سان پيار جي اُن لطيف احساس جي سمنڊ جي پاتال مان جذبن جا اُهي موتي نه ڪڍي اچي ها، جيڪي اسان کي سندس ڪهاڻين ۾ اڪيچار هنڌن تي نظر اچن ٿا.“ (چانڊيو، 2018:) نادر بيگ کي سنڌي ڪهاڻي کيتر جو اولين جديد ڪهاڻيڪار تصور ڪيو ويندو آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ جدت ڏسڻ وٽان آهي. ڪهڙي طرح هن ڪهاڻين کي بهترين طريقي سان نڀايو آهي. ان جو مثال هن جي ڪهاڻي ’موهني‘ مان لڳائي سگهجي ٿو. ”مان آخر ۾ نصير مرزا جي ان راءِ سان سهمت ٿيندي پنهنجيءَ ڳالهه جي پُڄاڻي ٿو ڪريان ته، نادر بيگ اسان کي سنڌي افساني جي اتهاس ۾ منفرد ۽ نئين پوز سان داخل ٿيندڙ، نئين شروعات ڪندڙ، ڀهريون مابرن سنڌي افسانه نگار نظر ايندو“. (چانڊيو، 2018:) تحقيق جي حوالي سان ورهاڱي کان اڳ جون اهي ڪهاڻيون، جن ۾سماجي، سياسي ۽ معاشي فڪرن جا اثر نمايان ملن ٿا. نادر بيگ جي ڪهاڻي ’موهني‘ به انهن ۾ شامل آهي. هيٺ ان ڪهاڻيءَ جو پلاٽ لکي تبصرو لکجي ٿو:

### 2.7.5.1.مرزا نادر بيگ جي ڪهاڻي ’موهني‘

هندستان جي ڌرمي شهر ڪاشيءَ ويجهو گنگا ڪناري هرنامپور نالي هڪ هڪ ڳوٺ ۾ رهندڙ موهنيءَ نالي هڪ حسين ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي آهي. شباب چڙهندي هن جي لاءِ رشتن جي گهر ٿيڻ لڳي ته سندس پيءُ پنهنجي برداريءَ جي نوجوان رتن لعل سان هن جو مڱڻو ڪرائي ٿو ۽ شادي ڪجهه مهينن ۾ ڪرائڻ جو فيصلو ٿئي ٿو.

اهو ساوڻ جو مهينو هو جڏهن هو جيڏين سان پينگهه ۾ لڏي رهي هئي، شام ڏاري جڏهن ساهڙيون گهر روانيون ٿيون هوءَ اڪيلي رهجي وئي هن جي سامهون مکي رام لعل جو پٽ هيرو بيٺو هو. ان نوجوان سان گڏ هن ڌرمي تعليم حاصل ڪئي هئي. هيرو هاڻي مئٽرڪ پاس ڪري فرسٽ ائير ۾ داخل هو. هو ڪڏهن ڪڏهن موڪل تي ڳوٺ ايندو هو. هيرو پنهنجي لباس جي ڪري فقط نالي جو نه پر سچو هيرو پاسبو هو. ان ڏينهن به هو موڪل تي آيل هو ۽ شام جو موهنيءَ جي منهن پيو ته هن کي چتائي ڏسڻ لڳو. هن موهنيءَ جي سونهن سوڀيا لاءِ ڪجهه لفظ ڳالهيا ته هوءَ شرم ۾ ٻڏي وئي. ڀهريون پيرو هو جو ڪنهن مرد موهنيءَ جي اهڙي طرح تعريف ڪئي هئي. هوءَ بنا جواب ڏيڻ جي گهر گهڙي وئي. هيرو اهو سوچي گهر ڏانهن روانو ٿيو ته موهني ڪهڙي نه خوبصورت ٿي پئي آهي. هن کي خيال آيو ته سڀاڻي به موجود رهي موهنيءَ جو ديدار ڪري پر هن کي ان ڏينهن واپس ڪاليج لاءِ روانو ٿيڻو هو. هن کي اهو خيال به ستائيندو رهيو ته موهنيءَ هن جي ڳالهين جو جواب ڇو ڪونه ڏنو. هوءَ جيڪا ٻاروتڻ ۾ هن سان ڪلاڪن جا ڪلاڪ پئي رانديون ڪندي هئي؛ ايتري شرميلي ڇو ٿي وئي آهي؟ هن کي خيال آيو ته هاڻي موهنيءَ سان پنهنجي اندر جو احوال اوريندو. ان لاءِ ڀهرين هن خط لکڻ جو خيال ڪيو، پر اها صلاح نه وڻيس تان جو فيصلو ڪيائين ته سڀاڻي رهي موهنيءَ سان پنهنجي دل جو حال سليندو. هو گهر پهتو ته پيءُ پنڊت لعل تاڪيد ڪيس ته سوير ئي سمهي، چاڪاڻ ته ڪاشيءَ ڏانهن گاڏي صبح سويل وڃي ٿي. ائين نه ٿئي

جو هن ڪان اها گاڏي ڇٽي وڃي. هيرو، پيءُ جي ڳالهه جي جواب ۾ ڏئي ٿو ته سياڻي هو ڪاليج لاءِ ڪاشي نه ويندو! چاڪاڻ ته هن جي طبعت ٺيڪ ناهي. هن جي پيءُ، پٽ جي حالت ڏسي چاهيو ته ڪو ويد گهرائجي پر هيري نه ۾ جواب ڏئي ڪٽ سمهي پيو. ان رات هن کي موهنيءَ جا خيال ستائيندا رهيا. ٻئي ڏينهن تي گنگا تي اشنان ڪندي هن کي موهني ملي وئي ۽ هن وجهه وٺي موهنيءَ کي پنهنجي دل جو سربستو احوال ڏئي ڇڏيو. اها ميار پڻ ته هن ڪالهه سندس ڳالهين جو جواب نه ڏنو. هيري جون ڳالهيون ٻڌي موهني ٿوري گهبرائجي وئي پر پاڻ سنڀالي بيزاريءَ سان چوڻ لڳي ته هن کي هيري مان اها اميد نه هئي، چاڪاڻ ته هو هن کي ڀاءُ سمجهي ٿي ۽ هڪ ڀاءُ کي ڀيڻ سان ائين نه ڳالهائڻ گهرجي. موهنيءَ جي اها ڳالهه ٻڌي هيري جو منهن لهي ويو. ڪجهه دير لاءِ ته هن ندامت محسوس ڪئي پر جلد ئي ضد هن جي مٿان غالب پئجي ويو. تيسي ۾ اچي چوڻ لڳو ته هن کي ڀاءُ نه سڏيو وڃي. هو جتي پڙهي ٿو، اتي ڪيترين ئي سهڻيون ڇوڪريون آهن، پر هن جي دل سندس تي اچي وئي آهي. موهنيءَ کي هيري جي ڳالهين تي ڪاوڙ اچي وئي ۽ چيائينس ته هن کي اهو نه سوچڻ گهرجي. چاڪاڻ ته سندس مڱڻو ٿي ويو آهي ۽ ڪجهه وقت ۾ شادي به ٿي ويندي. هيري کي سمجهايائين ته ان خيال تان لهي وڃي. موهنيءَ اهو پڻ سمجهايس ته جيڪڏهن اهي ڳالهيون هن جي مڱڻي ڪان اڳ ٿين ها ته شايد انهن تي غور ڪري ها پر هاڻي بلڪل به نه. ان موقعي تي موهنيءَ هيري کي هندستاني پرمپرا جي ياد به ڏياري ٿي ته هڪ استري سدائين پنهنجي ور لاءِ جيئندي مرندي آهي. هيرو چاڪاڻ ته موهنيءَ جي عشق ۾ حد درجي ۾ مبتلا آهي، ان ڪري هن جون ڪي به ڳالهيون سندس دل تي اثر نه ٿيون ڪن. ابتڙ هن کي ڌمڪيون ڏئي ٿو ته هن جي محبت کي ٺڪرائڻ جو نتيجو اگرو نڪرندو. موهنيءَ هن جي ڳالهه ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ساهڙين سان گهر ڏانهن رواني ٿي وڃي ٿي.

ڦڳڻ جو مهينو ايندي ئي موهنيءَ جي شادي پنڊت رتن لعل سان ٿي وڃي ٿي. ٻئي طرف رتن لعل به بي.اي. ڪري ورتي ۽ هن کي غازي پور جي اسڪول ۾ هيڊ ماستريءَ جي نوڪري ملي ٿي. هو زال کي وٺي اوڏانهن روانو ٿئي ٿو. اتي ٻنهي جي زندگي نهايت خوشيءَ سان گذري ٿي. هڪ ڏينهن اسڪول ۾ پروگرام هو. رتن لعل واپسيءَ ۾ دير ڪئي. موهنيءَ پريشانيءَ ۾ نوڪر کي روانو ڪري پاڻ در تي بيهي انتظار ڪرڻ لڳي. رات دير تائين هو نه موٽيو. موهني آڌي رات تائين در تي بيٺي رهي. آخر رتن لعل گهر پهتو ۽ عزر پيش ڪيائين ته پروگرام ڊگهو ٿي ويو هو، ان ڪري دير ٿي ويس. ان وچ ۾ ماستر رتن لعل موهنيءَ جي پيءُ جو خط به هن کي ڏنو ۽ چيو ته سندس والد هي طبيعت ٺيڪ ناهي. ڪجهه ڏينهن لاءِ موهنيءَ کي اچڻ جو چيو اٿائين. موهني پنهنجي مڙس سان گڏ ڳوٺ ڏانهن رواني ٿئي ٿي. واپسيءَ ۾ رتن لعل موهنيءَ کي حال احوال لاءِ خط لکڻ جو چئي موڪلائي ڊيوٽي تي پهچي ٿو. هوڏانهن موهنيءَ هن سان محبت جو اظهار ڪري موڪلايو.

ڪاشيءَ ۾ هيرا لعل فرسٽ ائير ۾ ناپاس ٿيو. هن جي سنگت خراب ڇوڪرن سان ٿي وئي. هن جي من ۾ اڃا به موهنيءَ جي محبت پئي ڦرندي هئي. سدائين پيو سوچيندو هو ته ان کي ڪهڙي طرح زير ڪري. هن کي پتو پيو ته موهنيءَ هرناپور پهتي آهي ته ان سان ملڻ جا وجهه ڳولهڻ لڳو. هڪ پيرو ٻيهر موهنيءَ جي والد جي طبعت معلوم ڪرڻ انهن جي گهر پهتو. موقعو ڏسي موهنيءَ کي ساڳيا احوال ٻڌائڻ لڳو ته موهنيءَ هن کي سخت نفرت ۽ ڪاوڙ ۾ چيو ته ٻيهر ڪڏهن به انهن جي گهر نه اچي. هيري کي ان بيعزتيءَ جو شديد احساس ٿيو. هاڻي هن جي من ۾ موهنيءَ کي نقصان پهچائڻ جو پهه پڪو ٿي ويو. هن موهنيءَ ڏانهن هڪ گمنام خط لکي اهو هن جي مڙس جي معرفت تي موڪلي ڇڏيو. ماستر رتن لعل خط ملندي ئي شڪ ۾ مبتلا ٿئي ٿو ۽ خط پڙهائين ته ان ۾ ڪنهن ماڻهوءَ طرفان موهنيءَ سان محبت جو اظهار ٿيل هو. اهو سڀ ڪجهه پڙهي ماستر رتن جا هوش اڏامي وڃن ٿا. هو گهر آيو ۽ سوچڻ لڳو ته موهنيءَ جي چال چلت ٺيڪ ناهي. هن سان دوکو ڪيو ويو آهي. هن کي دل ۾ موهنيءَ لاءِ نفرت جا جذبا جاڳي پيا. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ موهني، هن ڏانهن خط لکي وٺي وڃڻ جو چئي ٿي. خط پڙهڻ شرط رتن لعل ڪاوڙ ۾ اچي خط ڦاڙي ڇڏي ٿو. هاڻي هو موهنيءَ کي ڏوهي سمجهي ان کي سبق سيکارڻ جو سوچڻ شروع ڪري ٿو. ماستر رتن، اسڪول مان موڪل ڪري هرناپور واري گاڏيءَ ۾ سوار ٿئي ٿو.

هيرو، خط لکي خوش هو. هن کي پڪ هئي ته هاڻي موهني هن ڏانهن موٽي ايندي. ان لاءِ وري هن سان ملڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو پر ناڪام ويو. هن جي دل ۾ نفرت جو جذبو وڌي ويو. هاڻي هن فيصلو ڪيو ته ڪنهن طرح موهنيءَ جي جي پاڪ دامنيءَ کي داغ لڳائيندو، موهنيءَ کي بدنام ڪندو. موهنيءَ رتن لعل کي اچڻ جو خط لکي ڇڏيو هو. هوڏانهن پيءُ جي صحتيابيءَ تي شڪراني لاءِ شام جو ڳوٺ کان ٻاهر مندر ڏانهن پوڄا ڪرڻ نڪتي. واپسيءَ ۾ هن کي دير ٿي وئي. رات جي اونداهي ڇانئجڻ لڳي. رستي تي هن هن کي هيرو بيٺل نظر آيو، جيڪو هن جو دڳ جهلي بيٺو هو. هيرو هڪ ڀيرو ٻيهر موهنيءَ سان محبت جون ڳالهيون ورجائي ٿو. ان موقعي تي موهني وري به هيري کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي. هيري کي اهي ڳالهيون سمجهه ۾ نه آيون ۽ موهنيءَ کي مارڻ جي ڌمڪي ڏنائين. موهنيءَ هن جي ڌمڪيءَ جي پرواه نه ٿي ڪري ۽ هن جي ان نيت تي لعنت ملامت ڪرڻ لڳي ٿي. هيري تي شيطاني خيال حاوي ٿي ويا. هن موهنيءَ تي حملو ڪري ڏنو. موهنيءَ جوابي وار ۾ ٿالهه هٿي هن کي هيٺ ڪيرائي ڇڏي ٿي. هيرو پاڻ سنڀالي اٿي بيهي ٿو ۽ خنجر ڏيکاري موهنيءَ کي ڊيڄارڻ لڳي ٿو. هن کي اهو پڻ پڌائي ٿو ڪيئن نه هڪ ڪوڙو خط سندس مڙس ڏانهن لکي موڪليو اٿائين. هن خنجر سان حملي جي ڪوشش ڪئي ته ان مهل ڪنهن هن جي هٿ مان خنجر کسي ورتو. اهو موهنيءَ جو ور ماستر رتن لعل هو. هيرو رتن کي ڏسي اتان ڀڄي وڃي ٿو. وري ڪڏهن انهن جي منهن نه پيو. هاڻي رتن لعل کي به حقيقت جي خبر پئجي وڃي ٿي. اهڙي طرح باقي زندگي ٻئي زال مڙس محبت ۾ گذارين ٿا. (مرزا، 1999)

## 2.7.5.2.ڪهاڻي ’موهني‘ تي تبصرو

مرزا نادر بيگ جي ڪهاڻي ’موهني‘ ۾ سماجي قدرن کي بخوبي نه صرف پڙهي پر ان کي گهرائي سان محسوس به ڪري سگهجي ٿو. تحقيق ۾ گهٽي والار سبب هتي فقط ڪهاڻيءَ جي پلاٽ کي رکيو ويو آهي، پر حقيقي طور جنهن ريت مرزا نادر بيگ ان کي لفظن جي اٽٽ ۾ آندو آهي. بيشڪ اهو هڪ ليکڪ لاءِ معراج مثل آهي.

مرزا نادر بيگ جي ڪهاڻين بابت جامي چانڊيي جي ان تبصري سان مڪمل سهمتيءَ جو اظهار ڪجي ٿو ته ”اسان پنهنجن شاعرن، اديبن ۽ فنڪارن جي فڪر ۽ فن جي ڪارج جي پرک به اڄوڪي دؤر سان نٿا ڪري سگهون. سندن بنيادي اهميت پنهنجي دؤر جي نسبت سان آهي. اُن ڪري جڏهن به ڪنهن اديب، شاعر يا فنڪار جي پرک ڪجي، تڏهن ان ڳالهه جو خيال رکڻ ضروري آهي. نادر بيگ مرزا جي ويچارن ۽ ڪهاڻي-ڪَلا جي اهميت به اسان کي حقيقت ۾ تڏهن معلوم ٿيندي، جڏهن اسان کي سندس دؤر جي مروج سماجي، فڪري ۽ فني قدرن جي چڱيءَ طرح خبر هوندي. ٻيءَ صورت ۾ جي فقط رسمي طرح سندس ڪهاڻين کي پڙهيو ۽ پرکيو ويو، ته سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هن جي حيثيت جو تعين ٿي نه سگهندو.“ (چانڊيو، 2018) مختصر لفظن ۾ مرزا نادر بيگ جي فن کي سمجهڻ لاءِ اهو تمام بهترين تبصرو آهي. نادر بيگ جنهن زماني ۾ ڪهاڻيون لکي رهيو هو. ان دؤر جون حالتن يقينن الڳ هيون. انهن حالتن جي پيش نظر جنهن طريقي سان هن لکيو آهي. اهو ان وقت جي سماجي قدرن جي بخوبي ترجماني ڪري ٿو. ڪهاڻيءَ جي مرڪزي ڪردار ۾ موهني هڪ باڪردار مشرقي سماج جي عورت آهي؛ جنهن وٽ هن جو ور ئي سڀ ڪجهه ٿئي ٿو. هو انهن سڀني خرافات کان ڪوهين ڏور آهي، جيڪي معاشري ۾ ڪڏهن به سٺا نه سمجهيا ويا آهن. مرڪزي ڪردار جي اها پڻ خوبي آهي ته هو ڪنهن به لوڀ لالچ ۾ نه ٿو اچي نه ئي هن کي ڪنهن جي ڌمڪائڻ جو ڊپ آهي. هوءَ آخر تائين ويڙهه ڪري ٿي. ڪهاڻيءَ جو جتي عروج ڪمال آهي، اتي پڄاڙي به خوشگوار احساس سان پرپور. اهو پڻ ته هڪ مڙس جي روپ ۾ مرد وقتي طور ته شڪ شبهي جو شڪار ٿئي ٿو، پر هن جي تعليم هن کي ڳالهه جي تهه تائين پهچڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. هو پيچو ڪندي پنهنجي گهرواريءَ تائين پهچي ٿو ۽ آخر ۾ هڪ سورمي جي صورت اختيار ڪري پنهنجي ونيءَ جي مدد پڻ ڪري ٿو. ڪهاڻي ۾ فڪري طور هن فلسفي جي پڻ اپٽار ملي ٿي ته ماڻهوءَ کي ’دوئي‘ بجاءِ ’ايڪانت‘ ڏانهن رجوع ڪرڻ گهرجي. اوپر جي معاشري ۾ هڪ با عصمت عورت لاءِ هن جو مڙس ’مجازي خدا‘ جي حيثيت رکندو آهي. اهڙي

حالت ۾ باڪردار عورت جنهن جي نالي ٿيو وڃي، سچي حياتي ان جي ٿي رهندي آهي. سنڌ جي نيم تاريخي رومانوي قصن ۾ پڻ اهو سبق ملي ٿو. ڪهاڻيءَ جي مرڪزي ڪردار ’موهني‘ جي نالي سان لکيل مرزا نادر بيگ جي سرجيل ڪهاڻيءَ ۾ پڻ اهو سبق نمايان آهي. ساڳي وقت انهن ماڻهن لاءِ پيغام پڻ ته جيڪي انڌي محبت ۾ ٻين جي پويان لڳي پون ٿا. اهي پڻ سدائين خساري ۾ هوندا آهن. جهڙي ريت ڪهاڻيءَ جي ڪردار هيري کي آخر ۾ تعليم ڇڏي ٻچڙو ٿيندي ڏيکاريو ويو آهي.

مرزا نادر بيگ جي هن ڪهاڻيءَ ۾ معاشري جي اصلاح جو سبق پڻ موجود آهي. هي اهي لکڻيون هونديون آهن، جن جو ڪارج سدائين انساني معاشري لاءِ فائدي مند رهيو آهي.

## 2.7.6. عثمان علي انصاريءَ جي ڪهاڻي ’ململ جو چولو‘

ورهاڱي کان اڳ عثمان علي انصاريءَ جو شمار انهن ڪجهه ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو، جن سنڌي ڪهاڻيءَ کي جديد طرز تي لکڻ جي شروعات ڪئي. ”هن جو ’پنج‘ افسانن جو مجموعو 1937ع ۾ شايع ٿيو، جنهن ۾ پنج مختصر افسانا ڏنل آهن، جن مان وري ’ململ جو چولو‘ داد جي لائق آهي. انصاري صاحب جي افسانن جا واقعات نهايت دلنشين، عبارت سليس ۽ پيشڪش جو انداز دلڪش ۽ وڻندڙ آهي. (عرساڻي، 8،1955) سنڌي ڪهاڻيءَ تي تحقيق ڪندڙن لاءِ عثمان علي انصاريءَ جي ڪهاڻين جو مجموعو ۽ ان ۾ شامل مکيه ڪهاڻي ’ململ جو چولو‘ هميشه کان خاص رهي آهي. ڊاڪٽر نواب ڪاڪا جي تحقيق موجب ”عثمان علي انصاري جو ’پنج‘ نالي سان مجموعو شايع ٿيو جنهن مان سندس ڪهاڻي ’ململ جو چولو‘ وڌيڪ مشهور ٿي. هن ۾ انور نالي شخص جو خودغرض ڪردار آهي جيڪو پنهنجي خودغرضيءَ واري عمل جي ڪري پنهنجي بري انجام تي پهچي ٿو. (ڪاڪا، 2012: 5) عثمان علي انصاريءَ جي ڪهاڻي ’ململ جو چولو‘ بابت ڊاڪٽر رفيق بازيدپوريءَ لکيو ته ”عثمان علي انصاريءَ جو افسانو ’ململ جو چولو‘ وفاداري ۽ بي رحميءَ جي ٻن ڪردارن کي اجاگر ڪري ٿو. (مگريو، 2006: 13) ڊاڪٽر ريحانه نظير مطابق ”ان دؤر ۾ عثمان علي انصاري جي افسانن جو مجموعو ’پنج‘ پڻ شايع ٿيو جنهن ۾ ڪل پنج افسانا ڏنل هئا جن مان ’ململ جو چولو‘ هڪ نمايان حيثيت جو حامل افسانو مڃيو وڃي ٿو. (ريحانه، 2013: 9) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي لکيو ته ”افسانوي ادب ۾ عثمان علي انصاريءَ جي ڪاوش پنج (1937ع) ۾ پنج ڪهاڻيون / افسانا آهن. هنن مان ’ململ جو چولو‘ وڌيڪ مشهور ٿي. ٻين مجموعن، رسالن ۽ نصاب جي ڪتابن ۾ ڇپي.“ (جوڻيجو، 2010: 23)

### 2.7.6.1. ڪهاڻي ’ململ جو چولو‘ جو پلاٽ

عثمان علي انصاريءَ جي ڪهاڻي ’ململ جو چولو‘ هڪ اهڙي مرد جي ڪهاڻي آهي، جيڪو پهرين گهرواريءَ کي ڇڏي ٻي شادي ڪري ٿو. انور نالي ان شخص کي ڪهاڻيءَ جي شروعات ۾ دوستن سان بحث ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. هو بار بار ان ڳالهه جو روجاءُ ڪري ٿو ته پهرين شادي صرف مائٽن جي رضا خاطر ڪئي. جڏهن ته ڪڏهن به ان عورت جنهن جو نالو زبيده آهي، مان مطمئن ناهي رهيو. حالانڪه دوست هن کي ان ڳالهه جي ڪري شرمندو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته هو جيڪو به ڪرڻ وڃي رهيو آهي. اهو درست ناهي. آخرڪار انور ضد ۾ اچي ٻي شادي ڪري ٿو ۽ پهرين زال کي بلڪل به وساري ٿو ڇڏي. پهرين گهرواريءَ کي اهڙي طرح ڇڏڻ تي هن جو پيءُ ان عورت يعني زبيده جي مدد ڪري ٿو، پر ان جي مرڻ کانپوءِ اها مدد به بند ٿي وڃي ٿي. سهري جي مرڻ کانپوءِ زبيده جو پيءُ به انتقال ڪري وڃي ٿو. هاڻي زبيده پائرن ۽ پاڃاين جي رحم ڪرم تي آهي. ان جي وچ تي هن ڪيئي ڀيرا انور سان رابطي جي ڪوشش ڪئي. هن ڏانهن ايلازن وارا خط لکيا، ماڻهو موڪليا پر انور جي خاموش نفرت هن کي اڳتي وڌڻ نه ٿي ڏئي. انور وٽ هاڻي زبيده کي نه اپنائڻ جو دليل هن جي ٻين گهرواري ۽ ٻار آهن. هوڏانهن زبيده مالي حالتن کان تنگ ٿي پرت ٽوپي جو ڪم شروع ڪري ٿي، پر گهٽ آمدنيءَ سبب مناسب خوراڪ نه ملڻ جي ڪري بيمار ٿي ڪٽ اچي وڃي ٿي.

ان دؤران هوءَ پنهنجي ڪجهه بچيل ڪمائي مان پنهنجي لاءِ ڪفن خريد ڪرڻ سان گڏ ململ جو ڪپڙو وٺي ان مان چولو سبرائي انور ڏانهن تحفو ڪري موڪلي ٿي. انور کي جيئن ئي چولو ملي ٿو ته هن جي گهر ۾ پهرين زال سندس لاءِ ٻارڻ ٻاري ڏئي ٿي. نتيجي ۾ انور، ململ جو اهو چولو باهه ۾ ساڙي ڇڏي ٿو.

ان ڳالهه جي پنجن سالن کانپوءِ انور کي پيرن سڙڻ جي تڪليف شروع ٿئي ٿي. مقامي ڊاڪٽرن کان ويندي هو ڪوئٽه تائين علاج لاءِ وڃن ٿا، پر ڪٿان به علاج نه ٿو ٿئي. انور نااميد ٿي زال کي ڳوٺ هلڻ جو چئي ٿو. آگسٽ جي چوڏهين تاريخ تي انور کي ڳوٺ ڪٺائي اچن ٿا. هو پنج ڏينهن سخت تڪليف ۾ گهاري اوڻيهن آگسٽ تي گذاري وڃي ٿو. هي اهائي تاريخ هئي جڏهن پنج سال اڳ انور، زبيده جو موڪليل چولو باهه ۾ ساڙيو هو. (مهراڻ جون چونڊ ڪهاڻيون)

## 2.7.6.2.ڪهاڻيءَ تي تبصرو

عثمان علي انصاريءَ جي ڪهاڻي ’ململ جو چولو‘ کي ان وقت جي جديد ڪهاڻين ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. فڪري لحاظ کان جيتوڻيڪ ڪهاڻي هڪ روايتي موضوع جي چوڌاري ڦرندي نظر اچي ٿي، پر فني حوالي سان هي ڪهاڻي جديد طرز تي تحرير ڪئي وئي هئي. پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ پنهنجي تحقيق ۾ عثمان علي انصاريءَ جي ڪهاڻين کي حقيقت نگاريءَ سان پيٽيو آهي. بقول منگهارام ملڪاڻي ته ”عثمان علي انصاري چوٿون عالم هو جنهن جديد ڪهاڻي نويسيءَ جو هنر پرايو ۽ ڳوناٽي مسلم زندگيءَ تي ٻڌل پنجن عمدين ۽ نازڪ خياليءَ سان پريل آڪاڻين جو ڪتاب ڇپايو، جنهن جو نالو رکيائين ’پنج‘، جنهن مان ’ململ جو چولو‘ ۽ ’مقام‘ داد لائق هيون.“ (ملڪاڻي، 1977: 17) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ان ڪهاڻيءَ کي تنقيدي اک سان ڏسندي هي راءِ ڏني آهي ته ”شايد اُن وقت جي عام خيال موجب، وهم واري سوچ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ، يا نيڪيءَ جو سبق ڏيڻ ليکڪ هي نتيجو ڪڍيو آهي! خود برطانيه جو انگريزي ادب ۾ ايم. اي هو. ڪهاڻي لکڻ وقت اندازاً 12 سال تعليم کاتي ۾ هڪ استاد جي حيثيت سان رهيو هو. ڪيس ههڙي وهم پرستيءَ جو سبق ڏيڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ بهرحال ڪهاڻين جو عام معيار اِهوئي آهي.“ (جوڻيجو، 2010: 23)

ڪهاڻي ’ململ جو چولو‘ ۾ هڪ پاسي جتي سماج جي حالت ۽ ان جي بي حسي ڏسي سگهجي ٿي. اتي معاشي حالتون پڻ مشاهدي ۾ آڻي سگهجن ٿيون. مثالطور: انور جي ٻين شاديءَ جي پويان هن جي پئسي جو پڻ هٿ هو. هو جڏهن پندرهن روپيا ماهوار ڪمائيندو هيو ته تيسيائين زبيده سان گڏ هو. جڏهن هو آفيسر ٿئي ٿو، نتيجي ۾ آمدنيءَ ۾ اضافو ٿئي ٿو ته زبيده کي ڇڏي ٻي شادي ڪري ٿو. ان ڳالهه جو اظهار ڪهاڻيءَ جي شروعاتي مڪالمن ۾ پڻ نظر اچي ٿو. سٺن جي وچ ۾ لڪيل معنى ۾ دوست هن کي سندس معاشي حالتن جو مٿي هجڻ جو پڻ ڏسن ٿا. ساڳي نموني سماجي طور انور جو رتبو جڏهن مٿي ٿئي ٿو ته هو پهرين نظر ۾ زبيده کان موڙي ٻي شادي ڪري ٿو. پئسو ماڻهوءَ کي ڪيئن تبديل ڪري ٿو؟ ڪهاڻيءَ جو هڪ پاسو اهو آهي ته ٻيو طرف هن ريت ته پئسي جي کوٽ ماڻهوءَ کي ماري به وجهي ٿي. انور جو والد جيسين حيات هو زبيده کي ماهوار خرچ ڏيندو رهيو. تسيتائين هوءَ جسماني طور ٺيڪ رهي. ان جي وفات ۽ پئسن جي بند ٿيڻ کانپوءِ هن کي سلهه جو مرض ٿيڻ پڻ معاشري ۾ معاشيات جو پاسو اجاگر ڪري ٿو.

ڪهاڻيءَ ۾ هڪ عورت جي وفادار ۽ نيڪ هجڻ جو پڻ ٻڌايو ويو آهي. جيتوڻيڪ ان ڳالهه جي وضاحت موجود ناهي، پر سمجهي سگهجي ٿو ته زبيده، آخر وقت تائين انور جون راهون تڪيندي رهي. جڻ ان جي فراق ۾ گذاري وئي. هوءَ چاهي ها ته غلط طريقن سان به ڪمائي سگهي پئي، پر هن ائين نه ڪيو. ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ زبيده جو انور ڏانهن تحفي طور چولو موڪلڻ، انور جو ٻي زال جي چوڻ تي ان کي ساڙڻ، ڪهاڻيءَ ۾ الميي کي ظاهر ڪري ٿو. هي ڪهاڻيءَ جو حقيقي ريت عروج پڻ آهي. جنهن کانپوءِ ڪهاڻي، پنهنجي انجام طرف وڌي ٿي. ڪهاڻيءَ جا آخر ۾ انور جو موت الميي جي بجاءِ حيرت جو سبب بڻجي ٿو. اهو پڻ ته هن دنيا ۾ مڪافاتِ عمل جو سلسلو سدا کان جاري آهي.

- **حوالا**


1. آجواڻي، لال سنگهه. (مترجم: هيرو شيوڪاڻي.) (2007). سنڌي ادب جي تاريخ. حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر.
2. آڪسفورڊ، انگريزي سنڌي ابتدائي لغت. (2006). پهريون ڇاپو. ايڊيٽر: قلندر شاه لڪياري ڪراچي: آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس.
3. آگرو، غلام رباني. (2013). سنڌي ادب تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
4. امر ڏنو مل، لعلچند. (1961). ٽماهي *مهراڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.*
5. الانا، غلام علي. (1984). چونڊ سنڌي افسانه. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
6. انصاري، اشتياق. (2008) انيس انصاري- فن ۽ شخصيت. حيدرآباد: ڪويتا پبلڪيشن.
7. اياز، شيخ. (1990). پنهل کان پوءِ ۽ جڳ مڙيوئي سپنو. حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشنس.
8. بدوي، لطف الله. (1967). مضمون: خلافت تحريڪ جي نشو نما ماهه نامه رسالو نئين زندگي ڪراچي.
9. بيگ، مرزا قليچ. (1916). رعيت نامو. حيدرآباد: ميسرز بگو مل تلسيداس سنسز.
10. ٻاٻاڻي، ڪيرت. (1978). سنڌي ڪهاڻي جو شروعاتي دؤر. مهاڳ.
11. پليجو، نور محمد. (1968). جي.ايم.سيد، سنڌ جي بمبئي کان آزادي. ٻنون. آزاد پبليڪشن.
12. پوپٽي هيرننداڻي، پوپٽي. (1981). منهنجي حياتيءَ جا سونا روپ ورق. دهلي: سنڌي اڪيڊمي.
13. پيرزادو، ستار. (2006). آکاڻيون-2. ڪراچي: سنڌ ادبي اڪيڊمي.
14. تلسياڻي. ليکو. (1947). سنڌي ڪهاڻيون (منجري ڪولهڻ) مرتب بهاري ڇاٻڙيا، زندگي پبليڪيشن.

15. جان، علي. (2016). ورهاڱي کان پــوءِ سنڌي ڪهاڻي ۾ سنڌي سماج جي تصوير. (پي. ايچ. ڊي. ٿيسز) ڪراچي: يونيورسٽي آف ڪراچي.
16. جوڻيجو، ڊاڪٽر عبدالجبار. (2006). سنڌي ادب جي تاريخ. : سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
17. جوڻيجو، ڊاڪٽر عبدالجبار. (2010). زنبيل. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
18. چانڊيو، جامي. (2018). ادبي تنقيد جا محرڪ ۽ سماجي ڪارج. ڪراچي: ڪويتا پبليڪيشن.
19. چنا، ڪريم بخش. (1962). سماهي مهراڻ جلد 11، نمبر 2، مضمون سنڌ جو سماجي جائزو انگريزن جي دؤر حڪومت ۾. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
20. دائودپوٽو، علامه عمر بن محمد. ٻارهين درجي جو سنڌي درسي ڪتاب. ڄامشورو: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ.
21. ڊاڪٽر چوئٿرام پرتابراءِ گدواڻي. ماهنامه هندستان آگسٽ 1، 1946.
22. راشدي، پير علي محمد. (1965). مضمون: اسان جا بزرگ. ماهه نامه رسالو نئين زندگي ڪراچي.
23. راشدي، پير علي محمد. (1980). اهي ڏينهن اهي شينهن. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
24. راشدي، حسام الدين شاه. (1964). مهراڻ جون موجون. ڪراچي: پاڪستان پبليڪشن.
25. رساڻي، شمس الدين. (1982). آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوُسر. ڄامشورو: انسيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي.
26. زرداري، ڊاڪٽر محمد لائق. (2012). تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
27. سنڌ ۾ انگريزن جو دؤر حڪومت - انسڪائلوپيڊيا سنڌيانا.
28. سيد، جي.ايم. (1967). جنب گذاريم جن سين. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
29. شورو شوڪت حسين. (1987). سنڌي ڪهاڻي ۾ نوان لاڙا.
30. شيخ اياز، شيخ. (1947). سفيد وحشي. (مهاڳ) ، ڪراچي: باغي پبليڪيشن.
31. شيدائي، مولائي رحيم داد. (1958). جنت السنڌ. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ.
32. عباسي. نجم. (1985) ڪهاڻيءَ جو قافلو. حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشنس.
33. عبدالرحمان، قاضي. (1920). روزنامه الوحيد ڪراچي.
34. عرساڻي، محمد اسماعيل. (1955). چار مقالا. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
35. قدوسي، اعجاز الحق (سنڌيڪار: خالد وسير) (2007). سنڌ جي تاريخ. ڪراچي: مهراڻ اڪيڊمي.
36. قليچ بيگ، مرزا. (1916). رعيت نامو، حيدرآباد، ميشرس بگو مل تلسيداس سنسز.
37. قيام پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو (پس منظر) - انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا.
38. ڪاڪا، ڊاڪٽر نواب. (2017). سنڌي ڪهاڻي ۽ ڪردار هڪ اڀياس. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
39. ڪاڪا، ڊاڪٽر نواب. (2019). سنڌي ٻولي جرنل. ’1942ع کان 1947ع تائين جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جا اهم مجموعا : هڪ اڀياس.‘ حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
40. ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ ڪيرت ٻاٻاڻي افسانوي ۽ فڪري ادب: مرتب جامي چانڊيو)
41. ڪوريجو، عباس. (2015). جديد ڪهاڻي: فن ۽ موضوع. قنبر: ڪنول پبليڪيشن

42. مالهي، گوبند. (1991). ادب ۽ اديب. (عجيب هي رشتا ناتا) بمبئي: سنڌ ٽائيمز پبليڪيشن.
43. مالهي، گوبند. (1944). ريگستاني ڦول. ڪراچي: نئين دنيا ڪتاب گهر.
44. مرزا، نصير (مرتب) (1991). نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ڄام شورو
45. مرزا، ممتاز. (1982). سنڌي صدين کان. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
46. مگريو، ڊاڪٽر رفيق احمد. (تشڪيل) (2006). غريبن جو ورثو. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
47. ملاح، مختيار. (2017). سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون (جلد-5: حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
48. ملاح، مختيار احمد. (2015). سنڌي ڪهاڻيءَ جي مختصر تاريخ. ڪراچي: ثقافت کاتو، سنڌ حڪومت.
49. ملڪاڻي، منگهارام. (1977). سنڌي نثر جي تاريخ. حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز.
50. مهتا، جمشيد ايم.آر. سنڌ جو بمبئي کان جدا ٿيڻ، جيٺ مل پرسرام. حيدرآباد: امر پبليڪشن.
51. مولائي شيدائي رحيم داد. جنت السنڌ. (1958). حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ.
52. ميمڻ، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور. (2017). سنڌي ادب جو فڪري پس منظر. حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو.
53. نظير، ريحانه. (2013). ٿه ماهي مهراڻ. سنڌي ادب مختصر ڪهاڻيءَ جو مقام. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
54. هَڪڙو، انور فگار ڊاڪٽر. (1998). جي تند برابر توريان. ڪراچي: سنڌي ادبي اڪيڊمي ڪراچي.
55. هنگوراڻي، امرلعل. ادوعبدالرحمان. (مهاڳ) ڪيرت ٻاٻاڻي. حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشنس.
56. سيد، جي.ايم. (1967). جنب گذاريم جن سين. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
57. Boruchoff, David A. (2012), "The Three Greatest Inventions of Modern Times: An Idea and Its Public". ISBN 978-3-8309-2729-7
58. Boyd, William. "A short history of the short story". Retrieved 2018-04-17.
59. Dictionary. Com 2017) (http://www.dictionary.com/browse/fiction
60. Melissa Mendoza. (2015) THE EVOLUTION OF STORYTELLING. Article.
    a. (https://reporter.rit.edu/tech/evolution-storytelling)
61. Poe, Edgar Allan (1984). Edgar Allan Poe: Essays and Reviews. Library of America.
62. Camus, Albert. Quotable Quote. (goodreads)
63. (https://www.goodreads.com/quotes/51889-fiction.......)
64. Mantel, Hilary. Quotable Quote. (goodreads)
65. Markovits, Claud. The Global World of Indian Merchants 1710–1947.
66. Rita Kothari. (2007). The Burden of Refuge: Partition Experiences of the Sindhis of Gujarat (New Delhi: Orient Blackswan.
67. J.B. Kripalani. (2004). My Times. Delhi: Rupa Publicatation.
68. Gyanendra Pandey. (2001). Nationalism and History in India: Cambridge: Cambridge University Press.
69. Maclean, Derryl N. (1989). *Religion and Society in Arab Sind*. Brill. ISBN 90-04-08551-3.
70. NANDITA BHAVNANI. (2014). THE MAKING OF EXILE: SINDHI HINDUS AND THE PARTITION OF INDIA. ISBN 978-93-84030-33-9.

71. Hamida Khuhro, ‘Muslim Political Organizations in Sindh, 1843–1937’, in Hamida Khuhro (ed.), Sindh Through Centuries (Karachi: Oxford University Press.
72. J. R. Hammond. (1992). H. G. Wells and the Short Story. ISBN : 978-1-349-38922-3
73. Fatma, Gulnaz. (1992). A Short History of the Short Story: Western and Asian Traditions Modern History Press 2012, p.2-3
74. Mohammad Hassan Bhutto. 1963. Research general vol, III. Hyderabad: Sind University Publication.
75. E.B Eastwick. (1973). A, Glance at Sind before Napier, London: Oxford University.
76. A. B. Advani. (1934). Journal of Sind vol 1, Karachi: Historical Society.
77. Taracchand. (1934). A Short History of the Indian people. Calcutta: Macmillan and co.
78. May. Dr. Lini S. Tranlate By: Sh: Mohd Ashraf. (1970). The Evolution of India Muslum thought. Lahore: Feroze Sons.
79. Mohd Ayub Khoro, Story of Suffering of Sind, M . A Khoro Larkana 1930 P. 13
80. M. R. Wite. (1962). The great Leader, Qaid – e – Azim Lahore: Sang a Meel Publication.

# 5. باب ٽيون

# ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جون سياسي، سماجي تحريڪون ۽ انهن جو ڪهاڻيءَ تي اثر

## 5.1. ادب جي تشريح

ادب بنيادي طور احساسن کي لفظن جي صورت ڏيڻ جو نالو هوندو آهي. ادب جو سماج سان سدا کان گهرو رشتو رهندو پيو اچي. هڪ لحاظ کان درست ۽ حق جو ادب اهوئي آهي، جنهن جو تعلق هلندڙ زماني جي مسئلن ۽ ڳُهرجن سان هجي. ادب ۾ جيڪڏهن دؤر حاضر جا ثقافتي، سماجي، تهذيبي رجحان نظر نه ٿا اچن ته ان کي ڪنهن به طرح سماج جي نمائندگي ڪندڙ ادب نه ٿو چئي سگهجي.

اها ڳالهه ۽ قاعدو وري جديد ادب تي وڌيڪ صادق اچي ٿي. ڇاڪاڻ ته پاڻ چاٿون ٿا ته جديد زمانو هڪ نظرياتي دؤر آهي. اڄ جي زماني ۾ هر ليکڪ ڪنهن نه ڪنهن مڪتب فڪر سان واڳيل نظر اچي ٿو. ٻين لفظن ۾ هو ڪنهن هڪ پاسي پر جهليو بيٺو آهي. نتيجي ۾ تحريڪن ۽ لاڙن جو عڪس ان جي لکڻين ۾ خصوصي طور ۽ مجموعي طور سڄي ادب ۾ عمومي طور نظر اچي ٿو.

اهي تحريڪون ۽ لاڙا ئي هوندا آهن، جيڪي ادب کي مٿي اپارڻ جو فرض سرانجام ڏين ٿا. دنيا جو هر ادب ڪنهن نه ڪنهن تحريڪ جي اثر هيٺ پروان چڙهي ٿو. سنڌي ادب جي ڳالهه ڪجي ته ان جي پهرين مختصر ڪهاڻي ’حر مکيءَ جا‘ ۾ حر تحريڪ کي آسانيءَ سان ڏسي سگهجي ٿو. سنڌي ادب جي جديد ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ ۾ سچائي ۽ تصوف جي تحريڪ کي ڏسي سگهجي ٿو. اها ڳالهه عالم آشڪار آهي ته سنڌ جي ماضيءَ ۾ سنڌي سماج اندر تصوف جون تحريڪون وڏي پئماني تي موجود رهيون آهن. هاڻوڪي دؤر ۾ به انهن تحريڪن جا پرتؤ ڏسي سگهجن ٿا.

مشاهدي ۾ اها ڳالهه عام آهي ته ويهين صديءَ ۾ جيتري ترقي ٿي آهي، اها گذريل هزارين سالن ۾ نه ٿي سگهي. ان جو هڪ وڏو سبب انهن جديد تحريڪن جو فعال ۽ ڪارگر هجڻ پڻ آهي. نتيجي ۾ انهن جو سڌو اثر ادب تي ئي پيو. ان ڪري دعوا ڪري سگهجي ٿي ته جديد دؤر ۾ ادب جي سگهاري هجڻ جو وڏو ڪارڻ شعوري ۽ مقصديت سان پرپور تحريڪون ئي رهيو آهن.

## 5.2. ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جي سماجي ۽ سياسي صورتحال

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ سنڌ جي ويهه سيڪڙو آبادي، جيڪا هندن تي ٻڌل هئي جي اوچتي هجرت سبب هڪ وڏو خال پيدا ٿي ويو. ان خال کي پرڻ لاءِ هندستان جي مختلف علائقن کان ماڻهو سنڌ لڏي آيا. نتيجي ۾ سنڌ جي سياسي، ثقافتي ۽ سماجي حيثيت متاثر ٿي. ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ لکي ٿو ته ”پاڪستان ٺهڻ سان سنڌي مسلمان اها اميد رکيو ويٺا هئا ته هندن جي اثر کان آجيون ٿيڻ واريون ملڪيتون، نوڪريون تعليم ۽ ڪاروبار جا چڙيل سڀ ميدان ۽ موقعا انهن لاءِ مخصوص ٿي ويندا، پر پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ انهن ڏٺو ته هندن جي ملڪيت ۽ ڪاروبار تي هندستان کان آيل ماڻهن جو قبضو ٿي ويو. مسلمانن جي هندن وٽ گروي رکيل يا مقاطعي تي ڏنل تمام گهڻي زمين جيڪا سنڌي هاري پوک ڪندا هئا، اها به غير سنڌين کي الاٽ ڪئي ويئي. انهن

زمينن کان هارين کي بي دخل ڪيو ويو.“ (ميمڻ، 2017: 203) هندو آبادي، ٻولي ۽ ثقافت جي لحاظ کان سنڌ جو حصو هئي. هندن جي وجود سان سنڌ جي شهرن جي سونهن هئي. هنن شهرن ۾ ڪيترائي تعليمي ۽ صحت جا ادارا برپا ڪيا هئا. هنن جا ڪيل فلاحي ڪم بي مثال هئا. هندن جي وڃڻ ڪانپوءِ انهن فلاحي يا خيراتي ڪمن جو سلسلو رڪجي ويو. ساڳي طرح ڌارين جو وڏي انگ ۾ اچڻ جي ڪري سنڌ جي ٻوليءَ کان ڪلچر تائين تي ڪو سٺو اثر نه پيو. ”هتي اچڻ وارن گهڻن مسلمانن جي مالي حالت ابتر هئي. انهن مان ڪجهه ماڻهن ڪوڙن سچن ڪليمن ذريعي هندن جي ملڪيتن تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ جلد اهي علائقا جتي پهرين امير ۽ وچئين طبقي جا سنڌي آباد هئا، هيٺئين طبقي جي ماڻهن سان پرجي ويا ۽ آباديءَ جي گهڻائي، غربت ۽ رٿابنديءَ جي اڻهوند سبب جلد ئي گندگيءَ جو ڍير بڻجي ويا. اهڙيءَ طرح شڪارپور جو مرڪز، ڪراچيءَ ۾ رنڇوڙ لائين، حيدرآباد ۾ هيرآباد جا علائقا سهڻين آبادين مان ڦري گنجان علائقن ۾ تبديل ٿي ويا. جهوپڙين جي غيرمنظم پرمار ۽ ڪچيون آباديون آهستي آهستي مهاجرن جون خودرو ڪالونيون ٺهي ويون، ۽ ٻئي طرف وري اميرن جون به پنهنجون ڪالونيون تيار ٿي ويون. جن ۾ ڪراچي ۾ ڊفينس سوسائٽي جو علائقو، حيدرآباد ۾ لطيف آباد جو علائقو آباد ٿيو. ائين اهي فيشن وارا علائقا وجود ۾ آيا.“ (ميمڻ، 2027: 223) ورهاڱي ڪانپوءِ هڪ سال جي اندر ئي سنڌ يونيورسٽيءَ کي ڪراچيءَ کان حيدرآباد منتقل ڪيو ويو. ڪراچيءَ لاءِ انهيءَ نالي سان هڪ الڳ يونيورسٽي قائم ڪئي وئي. شير محمد بلوچ پنهنجي ڪتاب ’ٻاٽيءَ منجهه پساهه‘ ۾ لياقت علي خان جي حوالي سان لکيو ته ”وزير اعظم لياقت علي خان هڪ پيري کلندي ٺوڪ وچان چيو ته سنڌ يونيورسٽي، اٺن ۽ ګڏهه ګاڏن جي ڪلچر رکڻ وارن لاءِ آهي.“ (بلوچ، 2008: 65) پنجن سالن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي امتحاني زبان طور ختم ڪيو ويو. هاڻي اتي فقط اردو، بنگالي ۽ انگريزيءَ ۾ امتحان ڏيڻ جي اجازت هئي. ٿوري عرصي ۾ ڪراچيءَ اندر سنڌي اسڪولن کي بند ڪيو ويو. اڪثر اسڪولن ۾ غير سنڌي استاد ڀرتي ڪيا ويا.

ورهاڱي ڪانپوءِ به ڪيترن ئي سالن تائين ٻاهرين آبادي جي اچڻ جو سلسلو جاري رهيو. ”اهڙيءَ طرح تمام گهڻو تعداد غيرسنڌين جو سنڌ ۾ آباد ٿيو ۽ نون اچڻ وارن گروهن پاڻ کي مقامي تهذيب ۽ تمدن کان الڳ رکيو، بلڪ پنهنجي زبان انهن مقامي ماڻهن تي مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. تنهن کان علاوه نوان اچڻ وارا گهڻا ماڻهو نهيل ٺڪيل گهرن، ڪاروبار ۽ معاشي ذريعن ملڻ سبب جلد ئي خوشحال ٿي ويا، پر سنڌ ۾ پراڻا رهندڙ مسلمان ڳوٺن ۾ غربت ۽ پسماندگيءَ جوشڪار رهيا. ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪيو ويو ۽ ائين ئي سنڌ جي اصلوڪن باشندن کان وڏا شهر کسجڻ جي ابتدا ٿي.“ (ميمڻ، 2017: 208) هتان لڏي ويندڙ هندن جي مقابلي ۾ ٻاهريان ايندڙن جوتعداد ڪيترائي دفعا وڌيڪ هو. ٻاهريان ايندڙ ماڻهن جو سلسلو ختم نه ٿيو ته سنڌ ۾ ان وقت جي وزير اعلى ايوب کهڙي کي چوڻو پيو ته ”سنڌ فقط ست لک مهاجرن کي قبول ڪرڻ جي منظوري ڏني هئي. وڌيڪ ماڻهو نه موڪليا وڃن.“ (حميده، 1998: 245) مهاجرن کي آباد ڪرڻ لاءِ ’وزارتِ بحاليات‘ جوڙي وئي. ان ڪانسواءِ ڪيترائي ادارا ٺاهيا ويا، جيڪي مهاجرن کي آباد ڪرڻ ۾ مدد ڪري رهيا هئا. ڪوڙن ڪليمن ذريعي وڏن ملڪيتن تي قبضن جو اڻ کٽ سلسلو شروع ٿي ويو. حڪومت جا سينئر عملدار غير سنڌي هئا. انهن پنهنجي آفيسر هجڻ جو خوب فائدو ورتو. سنڌي مسلمانن جو خواب هو ته آزاديءَ ڪانپوءِ هندن جون زمينون انهن کي ملنديون، پر ان جي ابتڙ مسلمان مهاجر اچي ويا. ڊاڪٽر مبارڪ علي خان مطابق ”هندستان مان آيل مسلمانن وٽ ڪليم يا ته بلڪل به ڪوڙا هوندا هئا يا اصل کان ڪيترائي ڀيرا وڌيڪ!“ (مبارڪ، 2001: 87) قيامِ پاڪستان کان ڪجهه مهينا اڳ سنڌ اسيمبليءَ هڪ بل منظور ڪيو هو ته صوبي ۾ هندن وٽ مسلمانن جون گروي پيل زمينون هو وڪڻي نه سگهندا. اهڙو ساڳيو قانون پنجاب اسيمبليءَ ۾ پڻ پاس ڪيو ويو. پنجاب ۾ باقاعده طور ان تي عمل ٿيو، جڏهن ته سنڌ جي گورنر ان بل تي صحي نه ڪئي، نتيجي ۾ اهو بل قانون جي شڪل اختيار نه ڪري سگهيو ۽ پوءِ جڏهن پاڪستان وجود ۾ آيو ته اهي زمينون هندن جي ملڪيت قرار ڏيندي ڪليمن جي ذريعي مهاجرن جي حوالي ڪيون ويون. مقامي سنڌي مسلمان انهن زمينن کان محرومن رهيا. ”ڪجهه دستاويزن موجب اها ڪل ايراضي 40 لک ايڪڙ هئي. مجموعي آباديءَ جو 42 سيڪڙو.“ (مبارڪ، 2001: 234) ان سان گڏ ”سنڌ

ريفيوجي رجسٽريشن آف لينڊ ڪليم ايڪٽ جي تحت مارچ 1947 بعد هندن طرفان ڪرو ڪيل زمينن جي سودن کي رد ڪيو ويو.“ (مبارڪ، 2001: 201) سنڌ رفيوجي ايڪٽ هيٺ هجرت ڪندڙن کي هندستان ۾ جائدادن جا ثبوت ڏيکارڻ کان به استثنى ڏني وئي. سال 1961 ۾ ايوب خان مارشل ريگيوليشن جي ذريعي ڪليمن جي ڀيهر تصديق کي لازمي قرار ڏنو پر ڪجهه مهينن اندر ئي هن کي اهو قانون واپس وٺڻو پيو. ”پنجاهه جي ڏهاڪي ۾ هڪ ٻيو قانون ٺاهيو ويو ته مقامي ماڻهو ڏهن هزارن کان وڌيڪ ماليت جي شهري جائداد خريد نه ڪري سگهندا.“ (مبارڪ، 2001: 124) اهي معاملا هئا. جن سنڌ جي تصوير کي يڪسر تبديل ڪري ڇڏيو. ائين محسوس ٿيو رهيو هو ته سنڌ، پاڪستان ٺهڻ جي قيمت چڪائي رهي آهي. انهيءَ قيمت ۾ سنڌ جي ٻهراڙين گهٽ شهرن وڌيڪ لوڙيو، جيڪو سلسلو اڄ به ڪنهن طرح سان جاري آهي. شهرن ۾ وري سنڌ جو وڏي شهر ڪراچي اڻ سڌي طور سنڌين جي هٿن مان سرڪي ويو. آباديءَ جو تناسب ايترو تيزيءَ سان تبديل ٿيندو. ڪير به اندازو نه پيو ڪري سگهي. ”ورهاڱي وقت ڪراچي شهر جي آبادي سادا چار لک هئي، جن ۾ 61.2 سيڪڙو ماڻهو سنڌي ڳالهائيندڙ هئا، جڏهن ته اردو/هندي ڳالهائيندڙ آباد رڳو 6.3 سيڪڙو هئي. ان وقت جي آباديءَ جو 51 سيڪڙو مذهبي لحاظ کان هندو برادريءَ سان تعلق رکندڙ هو، جڏهن ته 42 سيڪڙو ماڻهو مسلمان هئا. ورهاڱي ڪانپوءِ آباديءَ جو اهو توازن هڪ دم بگاڙ جو شڪار ٿيو 1951ع جي آدمشماريءَ موجب ڪراچي شهر جي آبادي سادا يارهن لک جي لڳ ڀڳ ٿي وئي. لساني اعتبار کان ان آدمشماريءَ جا انگ اکر ڇرڪائيندڙ آهن، جن موجب ورهاڱي کان اڳ 61 سيڪڙو سنڌي ڳالهائيندڙ آبادي گهٽجي رڳو 8.6 سيڪڙو وڃي بچي. جڏهن ته 6.3 سيڪڙو اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جو انگ 55 سيڪڙو کان به وڌي ويو. ورهاڱي کان پوءِ شهر جي 96 سيڪڙو آبادي مسلمانن تي ۽ رڳو 2 سيڪڙو آبادي هندن تي ٻڌل هئي. ان لحاظ کان ڏسجي ته ڪنهن به سماج لاءِ اها خطرناڪ ترين ڏونڌاڙ هئي.“ (نصير/ اختيار، 2014: 287)

سنڌ جو شهري وچولو طبقو يعني هندو سرحد پار لڏي ويو ۽ ٻئي طرف يارنهن لکن کان وڌيڪ ماڻهو سنڌ ۾ اهڙا داخل ٿيا، جيڪي سنڌي ڪلچر ۽ زمين کان بنهه اوپرا هئا. سنڌن لاءِ سنڌ، اسلام جي جنگ ۾ فتح ڪيل مال غنيمت کان وڌيڪ ڪجهه به نه هئي. 1941 ۽ 1951 وچ ۾ ڪراچيءَ جي آباديءَ ۾ 161 سيڪڙو واڌ ٿي. سنڌ ۾، خاص طور تي ڪراچيءَ اندر ڌارين آباديءَ جو اهو سلسلو ختم نه ٿيو، بلڪه ايوب جي دؤر ۾ 60 جي ڏهاڪي ۾ پختونن جي آمد 1972 ۽ 1978 جي وچ ۾ بنگلاديش مان اٽڪل سادا ٽي لک پناهگيرن جي آمد (جيڪي گهٽي پاڳي بهاري هئا) ۽ افغان جنگ ڪانپوءِ ٽي لک کان وڌيڪ پناهگيرن جي آمد ڪراچيءَ جي آدمشماريءَ جي توازن کي لڳاتار پئي تبديل ڪيو. هڪ ڪاٿي موجب هر سال سراسري طور ڪراچيءَ ۾ سادا ٽي لک ماڻهن جو واڌارو ٿيو. ان سموري عرصي دؤران پنجاب ۽ پختونخواهه مان آباديءَ جي لڳاتار آمد ڪراچيءَ ڏانهن جاري رهي“(نصير/ اختيار، 2014: 176) شهرن سان گڏ سنڌ جي ٻهراڙين جو ذرخيز زمينون پڻ ڌارين جي قبضي ۾ اينديون ويون. پروفيسر عزيز احمد پنهنجي ڪتاب ’کيا ہم اکٹھے رہ سکتے ہیں‘ ۾ لکي ٿو ته ”ورهاڱي ڪانپوءِ جيئن ڪوٽڙي بئراج ٺهيو ته ان بئراج مان سيراب ٿيندڙ زمينون سنڌ جي هارين بجاءِ پنجابي، پٺاڻن ۽ مهاجرن جي هٿن ۾ وڃڻ شروع ٿي ويون.“ (عزيز، 1990: 167) اهڙن حالتن جي ڪري سنڌي ماڻهن جي ذهنن ۾ گمان وڌڻ لڳا. مقامي ماڻهن محسوس ڪري ورتو ته جيڪي زمينون هندن وٽ مقاطعي يا ڪٽت ۾ هيون ۽ هو انهن تي هارپو ڪندا هئا. ورهاڱي ڪانپوءِ هنن جي هارپي جو حق به کسجي ويو آهي. هاري به هاٿي ٻاهريان آيل ماڻهو ٿي ويا آهن. زمينن جو وڏو حصو ڌاري آباديءَ جي حوالي ڪيو ويو ته بچيل نوڪرشاهيءَ جي حصي ۾ آيو. سٺ جي ڏهاڪي ۾ گڊو بئراج جي تعمير ڪانپوءِ نوڪرشاهيءَ کي ملندڙ زمينن ۾ زبردست اضافو ڏسڻ ۾ آيو. نوڪرشاهيءَ سان گڏ تربيلا ۽ منگلا جي متاثرن کي پڻ زمينون ڏنيون ويون. سنڌ کان ٻاهر هر اهو ماڻهو جنهن زندگيءَ ۾ ڪو ڪارنامو سرانجام ڏنو، ان کي سنڌ ۾ زمين ڏني وئي. عام سنڌي ماڻهو اها ڳالهه شدت سان محسوس ڪري رهيو هو. سنڌي سماج ۾ هيءَ ڳالهه عام ٿي وئي. ’خدا ڪري ڪنهن کي خطاب نه ملي يا ڪو رانديگر سنو نه کيڏي،

چاڪاڻ ته نتيجي ۾ ان سنڌ جي زمين ڏني ويندي!' هن وقت به سنڌي ماڻهن جو ڌارين ڏانهن ڏڪار جو ڪارڻ اها ناانصافي ئي آهي.

## 5.3. ون يونٽ جو جڙڻ

ون يونٽ جي بنجڻ بعد فيصلي سازي ڪان سمورو سرڪاري رڪارڊ لاهور منتقل ڪيو ويو. نوڪرين جا دروازا به سنڌي ماڻهن لاءِ بند ڪيا ويا. ون يونٽ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ مصيبت ثابت ٿيو. هن عرصي ۾ وڏي پئماني تي سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري ٿي. ڌاري آبادڪاريءَ سان گڏ، جنهن مسئلي سدائين سنڌي ماڻهن کي پريشان ڪيو اهو پاڻيءَ جو مامرو هو. سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي ورهاست ۾ سنڌ کي سدائين ڪس لڳائي وئي. چام صادق عليءَ جي غير مقبول ۽ غير عوامي دؤر ۾ پاڻيءَ جو معاهدو ڪيو ويو. هن معاهدي لاءِ سنڌين جي سدائين شڪايت رهي ته هنن سان ناانصافي ٿي آهي. ان هوندي به پنجاب ڪڏهن به ان تي عمل نه ڪيو.

### 5.3.1. ون يونٽ ۽ ان خلاف تحريڪ

پاڪستان جي قيام يا ورهاڱي وقت ملڪ ٻن حصن تي ٻڌل هو. اولهه طرفان پاڪستان جا ٿي صوبا ڏهن انتظامي ڊويزنن ۾ ورهايل هئا. اوڀر واري حصي ۾ هڪ واحد علائقو هو جنهن کي بنگال سڏيو پيو وئي. هڪ لحاظ کان ننڍي کنڊ جي اوڇتي ورهاڱي ڪيترن ئي نون مسئلن کي شدت سان جنم ڏنو. هندستان جي مقابلي ۾ اهي مسئلا پاڪستان لاءِ تمام گهڻا ڏکيا ثابت ٿي رهيا هئا. هندستان کي هڪ بهتر انتظامي سيٽ اپ ورثي ۾ مليو، جڏهن ته پاڪستان کي انتظامي ڍانچي جي تعمير لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪرڻو پيو. جن علائقن ۾ پاڪستان جو وجود عمل ۾ آيو. انهن ۾ افراتفريح جي صورتحال رهي. هڪ پاسي مقامي ماڻهن جا اڻ کٽ مسئلا ته ٻئي طرف نئين ملڪ خاص ڪري سنڌ ۾ مهاجرن جي لڏپلاڻ انتظامي طور ملڪ کي ڪمزور ڪري ڇڏيو.

ورهاڱي ڪانپوءِ "سال 1948 تائين پرنسلي رياستن جهڙوڪ بهاولپور، خيرپور، قلات، لسٻيلا، خاران، مڪران، ڦلارا، انب، سوات، دير، چترال، هنزه ۽ نگر جي حڪمرانن پنهنجون رياستون پاڪستان ۾ شامل ڪري ڇڏيون يا انهن تي زور بار وجهرائي رياستن کي نئين ملڪ ۾ شامل ڪرايو ويو. سال 1948 ۾ ئي ڪراچي ۽ ان جي پرواري علائقن کي پڙ وفاقي گاديءَ جو هنڌ بڻايو ويو. 1950 ۾ اتر- اولهه صوبي (سرحد) کي وڌائي ان ۾ به رياستون انب ۽ ڦلارا کي شامل ڪيو ويو. انهن رياستن جو پاڪستان ۾ ضم ٿيڻ جو سلسلو 1974 تائين هلندو رهيو. 1952 ۾ بلوچستان اسٽيٽ يونين جو قيام عمل ۾ آيو. هن يونين ۾ چار پرنسلي رياستون شامل هيون." (عزيز، 1990: 107) ون يونٽ جو نهڻ اصل ۾ سالن کان سول ۽ ملٽري بيوڪريسيءَ جو پراڻو خواب هو. جنهن ۾ ملڪ جي باقي صوبن کي يڪجا ڪري بنگال جهڙي وڏي صوبي جي مقابلي ۾ پاڻ کي ڪڙو ڪرڻو هو. هي بلڪل سؤلو طريقو هو ته ٽن صوبن سميت هڪ چيف ڪمشنر جي انتظام هيٺ صوبي بلوچستان کي الڳ الڳ منهن ڏيڻ جي بجاءِ هڪ ئي اسيمبليءَ جوڙي وڃي، جنهن مان پنهنجي پسند جا فيصلا آسانيءَ سان ڪري سگهجن پيا. هڪ نظر سان ڏٺو وڃي ته ون يونٽ جي مجموعي اثرن جي نتيجي ۾ سياسي فائده اولهه پاڪستان کي ئي حاصل ٿي رهيا هئا، پر اهي فائده ڪجهه خاص طبقي تائين محدود هئا. عام ماڻهن خاص ڪري ننڍن صوبن کي ان نظام تحت نقصان ئي ٿي رهيو هو. انهن سڀني ۾ سنڌ اڳيان هئي. سنڌ جا ماڻهو سمجهي رهيا هئا ته ون يونٽ جو قيام اصل ۾ انهن جي تهذيب ۽ ثقافت کي ميسارڻ جي ڪوشش آهي. ٻئي طرف 'ون يونٽ' جا مقرر ڪيل مقصد پورا نه ٿي رهيا هئا. خرچن تي ڪنٽرول نه پئي ٿيو. مسئلا وڏي رهيا هئا. خاص ڪري ملڪ جي ڏورانهن علائقن کي نظر انداز ڪيو پئي ويو. ڪي مقامي مسئلا وڏي شدت سان سامهون آيا.

ون يونٽ جا مقصد حاصل ٿيڻ بدران، طاقت چند هٿن ۾ مرڪوز ٿي وئي؛ ان ڪري ننڍن صوبن جي بحاليءَ جو مطالبو مختلف تحريڪن ذريعي اڀريو. اوڀر پاڪستان ۾ ڪيترين ئي سياسي

پارٽين ۽ گروهن ۾ حصن جي وچ ۾ برابري جي اصول تي سوال اٿاريا ۽ اهو پڻ سمجهيو ته سچو اولهه پاڪستان اوڀر پاڪستان جي خلاف گڏ آهي. انهن حقيقتن انهن ۾ ڏار ٿيڻ ۽ اجنبي هجڻ جو احساس پڻ وڌائي ڇڏيو.

’ون يونٽ اسڪيم‘ مرڪزي ۽ بيوروڪريسي سياسي نظم کي برقرار رکڻ لاءِ جوڙي وئي هئي پر ان جي ابتڙ سرحد ۽ سنڌ صوبن ۾ قانوني بحران وڌندا ويا. بلوچستان جي ڪجهه اڳواڻن پڻ ان اسڪيم جي برملا مخالفت شروع ڪري ڏني. هوڏانهن اوڀر پاڪستان بنگال شدت سان ون يونٽ جي خلاف ٿي بيٺو. ان سڄي منظرنامي ۾ اولهه پاڪستان جا اڳواڻ ملڪ جي ثقافت جي گڏ رهڻ جي  فطرت کي سمجهڻ ۾ ناڪام ٿيا. وڏي پئماني تي قومي بحران پيدا ٿي ويو. آخرڪار 1971 ۾ اوڀر پاڪستان جنگ ۽ تشدد جي وڏي لهر جي نتيجي ۾ الڳ ٿي ويو.

مجموعي طور تي ’ون يونٽ‘ اولهه پاڪستان ۾ اندروني طور وڌيڪ مسئلا پيدا ڪيا، ايتري قدر جو اولهه ۽ اوڀر جي تفاوت کي به ختم نه ڪيو ويو ۽ نه ئي ڪي ٻيا مسئلا حل ڪيا ويا. 1947 ۾ ٻن رياستن جي وچ ۾ زمين جي ورهاڱي وقت اها ڳالهه واضح هئي ته اوڀر پاڪستان اولهه پاڪستان کان 1000 ڪلوميٽر پري هو. اولهه پاڪستان پاڻ چئن صوبن ۾ ورهايل هو جڏهن ته اوڀر پاڪستان کي هڪ صوبو سمجهيو ويندو هو. ٻنهي جي وچ ۾ زبان ۽ اقتدار جي حصيداري سميت ڪافي رڪاوٽون هيون. ان کان علاوه اولهه وڌيڪ ترقي يافته هو. ان ۾ هڪ مضبوط فوج ۽ بيوروڪريسي هئي. صوبن جي ضم ٿيڻ سان وڌيڪ مشڪلاتون پيدا ٿيون. ون يونٽ جون حالتون ملڪ ۾ خوشحالي ۽ ترقي نه آڻي سگهيون. جيتوڻيڪ ننڍن صوبن جي پرزور مخالفت سبب حڪومت ڏيڍ ڏهاڪي کانپوءِ ون يونٽ اسڪيم ڇڏڻ تي مجبور ٿي وئي، پر ان جي باوجود اها تلخ يادون ڇڏي وئي. سنڌ جي مقامي آبادي ٻين ننڍن صوبن جي ماڻهن وانگر ون يونٽ واري دؤر کي پنهنجي تاريخ جو سڀ کان تلخ تجربو سمجهي ٿي. اهو نوآبادياتي دؤر جي طور تي  تمام گهڻو ناپسنديده هو. جنهن دؤران ماڻهن کي ڪيترن ئي مصيبتن کي منهن ڏيڻو پيو انهن هڪ بدحالي واري زندگيءَ ۾ گذر ڪيو. هي اهو دؤر هو جنهن ۾ مقامي طور سنڌين ۾ نسل پرستيءَ جو جذبو مضبوط ٿيو. سنڌين وٽ استحصال جو تصور ڪيتري قدر حقيقت تي مبني آهي ان لاءِ ثبوتن جي تجرباتي ٽڪرن جي بنياد تي جامع تحقيق جي ضرورت آهي.

ون يونٽ جي ڪري مستقبل ۾ ناپسنديده نتيجن جا خدشا ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ سنڌ ۾ وڌيڪ شديد هئا، ڇاڪاڻ ته سنڌ کي انگريز راڄ دؤران بمبئي پريزيڊنسي سان ان جي ضم ٿيڻ جو تلخ تجربو ٿيو هو. پاڪستان جي نئين رياست ۾ حڪمرانيءَ جي انداز اڳي ئي سنڌي دانشورن ۽ سياستدانن کي مايوس ڪري ڇڏيو هو. ”ون يونٽ منصوبي جي منظوري لاءِ مرڪزي حڪومت پاران کنيل زبردستي قدم ننڍن صوبن ۾ ناراضگي جو باعث بڻجي ويا. سنڌ جي وڏي وزير محمد ايوب کهڙي مرڪزي حڪومت جي حڪم تي سنڌ ليجسليٽو اسيمبلي (SLA) کي ون يونٽ جي منظوري لاءِ بل پاس ڪرڻ تي مجبور ڪيو. سنڌ جي عوام کي ون يونٽ واري صوبي جي مستقبل جي سياسي قيادت ۽ بيوروڪريسي انتظاميه بابت ڪجهه شڪ هو. اولهه پاڪستان جي پسمانده علائقن جي مقابلي ۾ پنجاب جي عددي طاقت ۽ جديديت جي بهتر سطح جي ڪري ننڍن صوبن جي ماڻهن کي پنجاب جي بالادستي ۽ پسماندگيءَ جو خدشو هو.“ (سيد، 1993: 98) نتيجي ۾ مرڪزي ۽ آمريتي نظام سنڌ جي ماڻهن ۾ سماجي-سياسي ۽ معاشي محرومين جو احساس پيدا ڪيو جيڪو بعد ۾ قومي-قومي سڃاڻپ جي بنياد تي تڪرار پيدا ڪرڻ جو سبب بڻيو (ليپورٽر، 1976:) ”ڪنهن به ملڪ ۾ بيوروڪريسي ۾ گهٽ نمائندگي رکندڙ نسلي گروهه پاڻ کي گهٽ سمجهڻ شروع ڪندا آهن. وسيلن جي ورڇ ۾ ناانصافي، تعصبي پاليسين جي ڪري جيڪي حالتون سامهون اچن ٿيون، انهن جي نتيجي ۾ پيڙهجندڙ گروهه پاڻ کي نظام مان خارج سمجهي نسلي بنيادن تي جهدوجهد ڪرڻ شروع ڪندا آهن. (سيد، 1967: 102-110) ون يونٽ ۾ سنڌي ماڻهن به ڪجهه ائين ئي ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن جا اهڃاڻ سنڌي ادب ۾ ڏسي سگهجن ٿا. ون يونٽ سنڌ لاءِ هڪ تلخ حقيقت جيان ثابت ٿيندو پئي ويو؛ ڇاڪاڻ ته سنڌ مان آمدنيءَ جي پيداوار جو وڏو تناسب ته کنيو پئي ويو پر ان علائقي ۾ آمدنيءَ جي استعمال نه هئڻ جي برابر هو. سنڌي ماڻهن ۾ اهو تصور پڪو ٿيندي پيو ويو ته انهن

جا وسيلا ڦرجي رهيا آهن. اهڙي ڳنڀير صورتحال ۾ قومپرست تحريڪن سان وابسته ڪارڪنن ۽ دانشورن سان گڏ اديبن پڻ پنهنجن هم وطنن کي خبردار پئي ڪيو ته جيڪڏهن اهي موجوده ناانصافين جي مزاحمت ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي ويا ته انهن جي مستقبل وڏيڪ خراب ٿيندو. ان حوالي سان ناميارو دانشور براس لکي ٿو ته ”ڪنهن به سماجي ۽ ثقافتي گروهن جي سياسي اشرافيه ڪيترن ئي سڃاڻپ نشانن جهڙوڪ؛ قوميت، ٻولي ۽ ثقافت کي عوام جي حمايت حاصل ڪرڻ لاء پنهنجن سماجي سياسي ۽ اقتصادي مقصدن جي حاصلات لاء پئي استعمال ڪندي آهي.“ (وسيم، 1991: 233-245) ”ون يونٽ واري اسڪيم تي عمل ڪان اڳ سنڌ صوبي جو انتظامي ادارو مقامي سنڌي اشرافيه تي مشتمل هو. توڙي جو صوبائي معاملن ۾ مرڪزي حڪومت جي حد کان وڌيڪ مداخلت جون شڪايتون هيون. تنهن هوندي به سنڌ حڪومت پاران ڪنيل ڪجهه قدمن، مثال طور سنڌ ۾ پناهگيرن جي آبادڪاري خلاف مزاحمت، ڪراچي کي علحدگيءَ جي تجويز جي مخالفت، سرڪاري شعبي ۾ سنڌين کي ڀرتي ڪرڻ، سنڌي ثقافت ۽ ادب جي بچاءَ ۽ واڌ ويجهه لاءِ قدم کنيا ويا. مرڪزي خدمتن ۾ سنڌين جي نمائندگي کي مقامي آبادي طرفان ساراهيو ويو.“ (سومرو، 2004) ون يونٽ ٺاهڻ سنڌين کي سندن اباڻي ڌرتي تي خودمختياري سان حڪمراني ڪرڻ جي ان اڻ کٽ حق کان محروم ڪرڻ جي مترادف هو. سنڌي ماڻهن پنهنجي هزارين سالن جي ثقافت کي ون يونٽ جي صورت ۾ هڪ سنگين ڌڪ سمجهيو. ڇاڪاڻ ته ون يونٽ جو صوبائي هيڊ ڪوارٽر لاهور ۾ هو. جيڪو سنڌ جي علائقي کان تمام گهڻو پري هو ۽ لساني ۽ ثقافتي اختلافن جي ڪري سنڌ لاءِ اڻ ڄاتل هنڌ پڻ هو. هڪ ڏورانهن هنڌ جو سفر هڪ اهڙي قوم لاءِ تمام گهڻو جوکم ۽ ذهني اذيت جو سبب بنجي رهيو هو، جن وٽ سنڌي ماڻهن لاءِ ’اڻ سڌريل‘ جو خيال اڳي ئي موجود هو. خاص طور تي اڻ پڙهيل سنڌي عوام لاءِ مصيبت لاهور ياترا سدائين مصيبت جو بڻجي رهي هئي. ون يونٽ ۾ جمهوري طرز حڪمراني ظاهر ڪئي پئي وئي، پر ان جي ابتڙ بيوروڪريسي طاقت ٿي اپري رهي هئي. نتيجي ۾ فيصلا ڪرڻ واري طاقت به بيوروڪريسي ڏانهن منتقل ٿي رهي هئي. (Talbot، 1999). ”مارشل لا جي لاڳو ٿيڻ سان اهو نقشو به ختم ٿي ويو ۽ سول ملٽري بيوروڪريٽس اصل اقتدار جا مالڪ بڻجي ويا. جنرل ايوب خان چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر طور اقتدار سنڀاليو. هن جو خيال هو ته سياستدان رياستي مشنري هلائڻ لاءِ قطعي طور به اهل ناهن.“ (علوي، 1967: 98)

ون يونٽ اڳ به سنڌين جي نمائندگي مٿاهين درجي جي سرڪاري نوڪرين لاءِ نه هئڻ جي برابر هئي. جيئن؛ واٽر اينڊ پاور ڊولپمينٽ اٿارٽي، انڊسٽريل ڊولپمينٽ ڪارپوريشن، پلاننگ ڪميشن وغيره. ۾ سنڌين جي نوڪري هڪ خواب جيان هئي.“ (طاهر، 2010: 98) البت صوبائي ڪاتن ۾ اٿي ۾ لوڻ جي برابر سنڌي ماڻهو نوڪرين ۾ ضرور هئا. جن سرڪاري ملازمن کي چيو ويو ته هو پنهنجون ذميواريون سنڀالڻ لاءِ لاهور منتقل ٿين نتيجي ۾ سنڌي آفيسرن جي اڪثريت انڪار ڪري ڇڏيو ۽ ريٽائرمينٽ جو آپشن اختيار ڪيو، ڇاڪاڻ ته ڏورانهن هنڌ ڪم ڪرڻ جي تڪليف هنن کي سجهي رهي هئي.“ (پٺو، 1988)

سنڌ ۾ سرڪاري نوڪريون؛ سال 1969 کان 1970 تائين: هڪ سروي ۾ تمام پريشان ڪندڙ انگ اکر سامهون آيا. مثالطور: وفاقي حڪومت ۾ سنڌين ۽ غير سنڌين جو تناسب هڪ جي حساب سان پنج هزار (1:5000) هو ۽ ان دؤران سنڌ جي علائقي ۾ مقرر ڪيل سرڪاري ملازمن جو 40 سيڪڙو کان به گهٽ تعداد مقامي سنڌين تي مشتمل هو. (احمد، 1999). ون يونٽ واري اسيمبليءَ ۾ هڪ سوال جو جواب ڏيندي انڪشاف ڪيو ويو ته سيڪريٽرين، ڊپٽي سيڪريٽرين ۽ جوائنٽ سيڪريٽرين جي پوسٽن تي سنڌين جو تعداد صرف هڪ آفيسر تائين محدود آهي. (احمد، 1988) بورڊ آف روينيو جيڪو زمينن جي الاٽمينٽ لاءِ تمام اهم ادارو سمجهيو وڃي ٿو، ان ۾ سنڌين جي مفادن جي تحفظ لاءِ پنج رڪني بورڊ ۾ هڪ به سنڌي نه هو (طاهر، 2010) (احمد، 1988) ون يونٽ جي صورتحال سنڌ ۽ سنڌ وارن لاءِ اجا به پوائنٽي هئي. هن تحقيق ۾ انهن ڪهاڻين کي دائري ۾ آندو ويندو، جنهن ۾ ون يونٽ جي دؤر ۾ سنڌي ماڻهن سان ٿيل زيادتين جو ذڪر ٿيل آهي. حقيقي طور ون يونٽ جي دؤر ۾ سنڌ ۽ سنڌين جي احساس محروميءَ جي حقيقي يا محسوس

ٿيندڙ ناانصافين جي تحقيق آهي. مطالعي جو مرڪز ان دؤر ۾ سنڌي قومپرست جذبن جي اپار جا ذميوار عنصرن کي سمجهڻ پڻ آهي.
ون يونٽ ۾ سنڌي ادب ڪهڙي ريت پروان چڙهيو ان لاءِ چئي سگهجي ٿو ته " 1955 کان پوءِ سنڌ وارن لاءِ ٻه مکيه مسئلا پيدا ٿيا جن اڳتي هلي باقائده تحريڪن جو روپ ورتو؛ اهي هئا ون يونٽ ۽ سنڌي زبان. اسان جي ڪهاڻيڪارن جو ان وقت جي اهم ترين قومي تحريڪن کان متاثر ٿيڻ اڻٽر هو." (پيٽي، 1967: 32) انهيءَ لاءِ چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ادب ۾ ون يونٽ خلاف تمام گهڻو مواد دستياب آهي. تحقيق جي حوالي سان هيٺ ڪجهه ڪهاڻيون ڏجن ٿيون، جن ۾ ون يونٽ جا اثر ڏسي سگهجن ٿا:

## 5.4. ون يونٽ جون ڪهاڻيون

### 5.4.1. جدا ٿيل راهن جو درد

امر جليل جو شمار انهن ڪهاڻيڪارن ۾ آهي، جنهن سڀ کان وڌيڪ ون يونٽ جي خلاف لکيو. ان ڳالهه جي دعوا ڪري سگهجي ٿي ته جهڙي ريت ون يونٽ خلاف امر جليل لکيو ان جي جوڙ جو ڪهاڻيڪار نه ٿو ملي. هن جي ڪهاڻي ’جدا ٿيل راهن جو درد‘ ڪتاب ’سنڌو بقا مان فنا آهيان‘ ۾ شامل آهي. هيءَ ڪهاڻي سترجي ڏهاڪي ۾ لکي وئي. ڪهاڻيءَ جي سيٽنگ ۾ جتي ’زمان ۽ مڪان‘جي ڪٽ ڪئي ويندي آهي. اتي هن ڪهاڻيءَ مان پڻ اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هيءَ ڪهڙي سال ۾ لکي وئي. ڪهاڻي ’جدا ٿيل راهن جو درد‘ جي شروع ٿيل جملن ۾ ان جو باآساني اندازو ڪري سگهجي ٿو. ”هوٽل هاليڊي اِن اسلام آباد جي هال ۾ مشرقي پاڪستان جي جدا ٿيڻ، ۽ بنگلاديش ٿي پوڻ جي ياد ۾ جلسو ڪري رهيا هئا. ملڪ جا عالم، فاضل، ڏاها، ڏهڪائيندڙ، اديب، ۽ استاد ۽ سياستدان جلسي ۾ موجود هئا“.
ڪهاڻيءَ ۾ بنگال جي ورهاڱي کي بنگالين سان ڪجهه هن طرح ڳنڍيو ويو ته ”اسان جا بنگالي پائر ويچارا ڏاڍا سادڙا هوندا هئا. سياست، ۽ يڪجهتي وغيره. کان بيخبر هوندا هئا. اسان مغربي پاڪستان وارن کين سمجهايو ته، بنگالي پائرو يڪجهتيءَ لاءِ ضروري آهي ته ملڪ ۾ فقط هڪ ٻولي ڳالهائجي، ۽ ٻيءَ ڪا به ٻولي نه ڳالهائجي. يڪجهتي لاءِ ضروري آهي ته هڪ ٻوليءَ ڇڏي، ٻين سمورين ٻولين کي نهوڙي ناس ڪجي تنهنڪري، اي بنگالي پائرو، توهين ٽيگور، نذرل، قاضي، سرت، چيٽرجي، ۽ بينرجيءَ جي جند ڇڏيو يڪجهتيءَ جي نالي ۾ پنهنجي بنگالي ٻولي تان هٿ کڻو- پاڪستان کي مضبوط ڪريو- پاڪستان کي ’اسلام ڪا ناقابل تسخير قلعه‘ بڻايو.“ مٿين سٽن ۾ ون يونٽ جي حقيقت ڇا هئي؟ ڪهاڻيڪار طرف ڇٽي نموني سان ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.
اڳتي هلي امر جليل ڪهاڻيءَ ’جدا ٿيل راهن جو درد‘ ۾ ون يونٽ جو ڪليل ريت هنن لفظن ۾ ذڪر ڪيو آهي ته ”دشمن جي سازشن ۾ ڦاٿل بنگالي پائرن جي سياسي قوت ۾ توازن پيدا ڪرڻ لاءِ اسان کي وَن يونٽ ناهڻو پيو.“ امر جليل جي اها خصوصيت آهي ته هو پنهنجي تحريرن ۾ چٿر جي انداز ۾ پنهنجي ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي؛ جيئن مٿين سٽن ۾ نظر اچي پيو. جنهن ۾ پڙهندڙ ظاهريءَ ۾ اهڙي قسم جي راءِ کي سچي پڻ سمجهي سگهي ٿو، پر اسان جڏهن هن جي ڪهاڻيءَ کي اڳتي پڙهون ٿا ته اهو ادارڪ ٿيندو وڃي ٿو ته هي ڪهاڻي اصل ۾ انهيءَ ظالماڻي نظام جي خلاف هئي، جيڪو ملڪ جي قومن کي وڌيڪ محڪوم ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو ويو هو.

ڪهاڻيءَ ۾ اڳتي امر جليل وڌيڪ لکي ٿو: ”اسيمبليءَ ۾ هڪ مشرقي پاڪستان کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان مغربي پاڪستان جي چئن صوبن کي ختم ڪري ون يونٽ ٺاهيو ۽ يڪجهتيءَ کي بچائي ورتو، پر دشمن جا ناپاڪ عزائم پنهنجي جاءِ تي موجود هئا. هن مغربي پاڪستان ۾ ون يونٽ خلاف اول سنڌ، پوءِ بلوچستان ۽ سرحد صوبن کي ورغلايو. ماڻهن کي باغي ڪيو. ون يونٽ لوڏي ۾ اچي ويو.“ امر جليل جي هنن سٽن ۾ پڻ ساڳي طرح چٿر جي انداز ۾ ون يونٽ جي خلاف لکيو ويو آهي. چاڪاڻ ته ليکڪ چاڻي پيو ته ون يونٽ جتي ملڪ جي وڏي صوبي بنگال لاءِ زهر قاتل هو، اتي ننڍا صوبا پڻ سڌي ريت ان جي خراب اثرن جي لپيٽ ۾ اچي رهيا هئا. هو ان لاءِ ’باغي‘ لفظ استعمال ڪري ٿو. اهو پڻ ته اهڙين بغاوتن جي ڪري ون يونٽ لوڏن ۾ اچي ويو هو.

امر جليل پنهنجي ڪهاڻي ’جدا ٿيل راهن جو درد‘ ۾ ون يونٽ کي گهڻو فوڪس ڪيو آهي. جيئن هو لکي ٿو ته ”ون يونٽ يڪجهتيءَ جي علامت هو. يڪجهتيءَ کي بچائڻو هو. اسيمبليءَ ۾ مشرقي پاڪستان، يعني بنگالين کي منهن ڏيڻ لاءِ ۽ سياسي توازن رکڻ لاءِ فيلڊ مارشل محمد ايوب خان حڪومت جي ذميداري پاڻ سنڀالي ورتي.“ سٽن کي وري ورجائجي ٿو. ”ون يونٽ يڪجهتيءَ جي علامت هو!“ پوءِ وري اڳتي هلي ان يڪجهتيءَ کي بچائڻ لاءِ جهڙي ريت مارشل لا لڳائي وئي. ان جو ذڪر پڻ آهي. اهو پڻ ته جنرل ايوب خان ون يونٽ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ماڻهن نه مڃيو. ان لاءِ پڻ روايتي نموني ٺوڪ جي انداز ۾ دشمنن کي ذوهاري قرار ڏنو ويو. پاڪستان جي تاريخ ۾ هميشه اهو ٿيندو آيو آهي ته ملڪ جڏهن به اندروني طور ڪنهن بحران جي ور چڙهيو ته دشمن جو نالو استعمال ڪري پنهنجي ڪمزورين کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ون يونٽ مڙهڻ ۽ ماڻهن جي مخالفت ڪرڻ کي ڪهاڻيءَ ۾ دشمنن جي چال سان تعبير ڪيو ويو آهي. ان چٿر واري انداز ۾ امر جليل ڪيتري قدر ڪامياب ويو آهي. اهو ڪهاڻيءَ جي شاندار هجڻ جو ثبوت آهي. امر جليل ڪهاڻيءَ ۾ اڳتي لکيو ته ”پهيا جام ڪان اپيل جام ۽ راڏي شام واريون تحريڪون هلايائون. دشمن جي چال ڪامياب ٿي ويئي. ون يونٽ ۽ يڪجهتيءَ کي بچائڻ واري مارشل لا هٽائي ويئي. مارشل لا جي هٽڻ جي دير هئي! يڪجهتيءَ جو جنازو نڪري ويو. ڏسنديئي ڏسندي مشرقي پاڪستان مغربي پاڪستان کان جدا ٿي ويو، ۽ بنگلاديش ٿي پيو. بنگالي ڀائر اسان کان الڳ ٿي ويا. ون يونٽ ٽوڙڻ، ۽ مارشل لا هٽائڻ جو نتيجو سڀني ڏسي ورتو. افسوس، صد افسوس- هاءِ هاءِ، اُف!“ هڪ نظر سان ڏٺو وڃي ته امر جليل جي هيءَ ڪهاڻي زبردست قسم جي ٺوڪ سان پرپور لکي وئي آهي. جنهن ۾ ڪلائيمڪس ته مٿيون سٽون ئي آهن، پر ان جي ’ڊراپ سين‘ ۾ هن پاران ڪيل ڳالهيون يا چٽيون ٿي سامهون اچي وڃن ٿيون. جيئن ڪلائمڪس جا هي جملا:

اي دشمن! توتي خدا جي لعنت، تو ڀاءُ کي ڀاءُ کان جدا ڪري ڇڏيو

پر ڏس! اي نابڪار دشمن ڏس! اسان پنهنجن بنگالي ڀائرن کي وساريو نه آهي.

اسين پنهنجن بنگالي ڀائرن جي شامِ غريبان ملهائي رهيا آهيون.

آخر ۾ ڪهاڻيڪار جون هي سٽون پڻ نهايت ڌيان ڏيارينڊڙ ۽ سوچڻ تي مجبور ڪندڙ آهن ته ”تريل مڇيءَ جي خوشبوءِ ۾ مون سوچيو، اسين هر سال بنگالي ڀائرن جي شام غريبان ملهائيندا رهنداسين ۽ تريل مڇي تي ساس وجهي کائيندا رهنداسين“. (جليل، 2012)

## 5.4.1.1.ڪهاڻي ’جدا ٿيل راهن جو درد‘ تي تبصرو

امر جليل جي ڪتاب ’سنڌو بقا مان فنا آهيان‘ ۾ شامل ڪهاڻي ’جدا ٿيل راهن جو درد‘ ۾ جهڙي ريت چٿر جي صورت ۾ ون يونٽ جي مخالفت ۾ لکيو ويو آهي. اهو ڪمال ۽ اعزاز امر جليل کي حاصل آهي. هن ڪهڙي ريت ٺوڪ جي لفظ ۾ ون يونٽ جي قهري نظام خلاف لکيو. سو بيشڪ ڪهاڻي ڪيتر ۾ هڪ اهم جاءِ والاري ٿو. اهو پڻ ته پاڪستان جي قيام ڪانپوءِ جنهن نظام سڀ کان وڌيڪ سنڌ کي نقصان پهچايو اهو ون يونٽ جو نظام هو. بظاهر ته پاڪستان جي اڪابرن اهو سمجهيو ته اولهه پاڪستان جي باقي چئن صوبن کي ون يونٽ جي نظام تحت هڪ ڪري وڏي صوبي بنگال يا اوڀر پاڪستان خلاف هڪ متحده محاذ قائم ڪيو ويندو پر اهو سڀ ڪجهه نه ٿي سگهيو. پنجاب ڪانسواءِ باقي ٽنهي ننڍن صوبن مان ون يونٽ جي خلاف بغاوتون ڪڙيون ٿي ويون.

جنهن ۾ سنڌ، سپني کان اڳيان هئي. سنڌي ماڻهن جهڙي ريت ون يونٽ جي خلاف پنهنجا تحفظات رکيا. اهي امر جليل جي هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

## 5.4.2. ڪهاڻي ’ڪراچيءَ جا ميزبان‘

نجم عباسيءَ جو شمار اهڙن ڪهاڻيڪارن ۾ ٿئي ٿو. جن سدائين سنڌ لاءِ لکيو. جڏهن به سنڌ تي مشڪل وقت آيو ته نجم عباسيءَ بهادريءَ سان قلم کنيو ۽ اهي سڀ تلخ حقيقتون ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ لکي ورتيون. نجم عباسي، نه صرف هڪ اديب پر عملي انسان پڻ هو. "اسان جي انهن سرگرمين ۾ اسان جو ادبي محاذ به سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان پرپورطريقي سان شريڪ رهيو، پاڻ سپني سياسي سماجي ڌرين کان اڳتي وڌي سنڌي ٻوليءَ جي بحالي ۽ ون يونٽ ٽوڙائڻ لاءِ جيڪا سنڌ جي ادبين، شاعرن ۽ فنڪارن سنڌي ادبي سنگت جي پليٽ فارم تان جدوجهد ڪئي، مان ويجهي تاريخ ۾ تمام گهٽ ملڪن ۾ ڏٺي انهي عرصي ۾ نه صرف سنڌ جي تاريخ جي قومي بنيادن تي بهترين تشريح ٿي قومي هيروز تي مضمون، ڪهاڻيون ۽ سنڌ تي ڪتاب لکيا ويا." (سيد، 1982: 234)

نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي ’ڪراچيءَ جا ميزبان‘ پڻ سنڌ جي مٿان مڙهيل ون يونٽ جي پسمنظر ۾ لکي وئي آهي. ڪهاڻي ’ڪراچيءَ جا ميزبان‘ نجم عباسيءَ جي ڪتاب ’پٿر تي ليڪو‘ ۾ شامل آهي. ان کان اڳ هن جي اها ڪهاڻي ’سهڻي‘ رسالي ۾ سال 1972 شائع ٿي هئي. ڪهاڻيءَ جي شروعاتي جملن ۾ سئنيما جو منظر ڏيکاريو ويو آهي، جنهن ۾ هڪ نوجوان همراهه اتي ويٺل ٿن سنڌي ماڻهن کي ’جيئي سنڌ‘ چئي ملي ٿو ۽ انهن جي ڪلهن تي پاٽل اجرڪ کي چمي نعرا هڻي ٿو. اهو نوجوان، سنڌن لاءِ اجنبي هو. ڪجهه دير ۾ هنن کان موڪلائي وڃي ٿو. هن جي وڃڻ ڪانپوءِ ٿئي دوست شڪ ظاهر ڪن ٿا ته ڪٿي هو ليلجو ته ڪونهي جيڪي هنن کي ڦُرڻ لاءِ ڪري پيو. فلم پوري ٿيڻ ڪانپوءِ جڏهن هو ٻاهر وڃن ٿا ته اهو همراهه ٻاهر ٽيڪسي بيهاري هنن جي انتظار ۾ بيٺل هو. هاڻي هنن جو شڪ وڌي وڃي ٿو، پر اهو سوچي هن سان گڏ روانا ٿين ٿا ته جيڪو به ٿيندو ڏسي وٺبو.

ٽيڪسيءَ ۾ ويهڻ ڪانپوءِ اهو نوجوان، همراهن سان ڪراچيءَ جي باري ۾ ڳالهائڻ شروع ڪري ٿو. "هيءَ ڪراچي آهي، سنڌ جي دل ۽ دماغ، سنڌين جي رتَ ستَ ۽ پگهر پورهئي مان پليل. جوان ٿي ٻين جي ور چڙهي ويئي آهي. حالت اها آهي جو هتي سنڌي سڏائيندي به ڊپ ٿو ٿئي، سنڌي ڪپڙا پائڻ ۾ گهبرايون ٿا، پنهنجي گهرن ۽ دُڪانن تي سنڌيءَ ۾ بورڊ هڻڻ جي همت ڪا نه ٿي ٿئي. هتي جيڪي نيون ڪالونيون ۽ نيون رٿائون ٺهن ٿيون، اتي سنڌين کي پَٺَ نه ٿا ڏنا وڃن. هتي يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ کي نيڪالي ڏني ويئي آهي، ۽ سنڌي اسڪولن کي ختم ڪرڻ لاءِ هڙئي حيلا هلايا ويا آهن." اهڙي طرح هو ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻولي، سنڌي ماڻهن جي نڌڻڪي هجڻ بابت پڻ ڳالهائي ٿو.

ٽيڪسيءَ هلندي اهو نوجوان رستن تي نون نالن ڏانهن همراهن جو ڌيان ڇڪائي ٿو. "سنڌ سڳوريءَ جي شهرن جي رستن، عمارتن ۽ پُلين تي اهڙن شخصن جا نالا رکيا ويا آهن، جن جو ڪڏهن به سنڌين ۽ سنڌي زبان ۽ سنڌين سان واسطو نه رهيو، جن ڪڏهن به سنڌين ۽ سنڌي زبان ۽ سنڌ وطن واسطي ڪجهه به ڪين ڪيو. سنڌ جي سرزمين تي انهن جو ڪهڙو ڪم؟ ڇا اسان وٽ انهن کان به وڌيڪ عزت ۽ مرتبي واريون، خوبين ۽ خصلتن واريون هستيون موجود ڪين هيون يا ڪين آهن؟ پر ڏسجي ٿو ته سنڌ جي هر ڪا چڱي شيءِ انهن جي اکين ۾ ڪنڊو ٿي لڳي."

نوجوان جي ان جذباتي انداز سان ڳالهائڻ تي ٿئي همراهه سوچڻ لڳن ٿا ته هن جي ڳالهين ۾ ايتري تلخي ڇو آهي. آخر هو ڪير آهي؟ هو اڃا اهو سوچي رهيا هئا ته نوجوان هنن ڏانهن منهن ڪري چئي ٿو. "يارو، اڃا توهان سان گهٽيون ڳالهيون ڪرڻيون آهن، هيڏانهن هڪ سنڌيءَ جي هوٽل آهي ۽ ديرتائين کليل هوندي آهي. اتي هلي ويهي ٿا چانهه به پيون ۽ ڪچهري به ڪريون." انهن ٽن همراهن جي جواب ڪانسواءِ ٽيڪسي ڊرائيور کي اوڏانهن هلڻ جو اشارو ڪري ٿو. جنهن تي همراهن جو شڪ وري تازو ٿي وڃي ٿو. نوجوان، انهن همراهن کي ڪار ۾ ويهڻ جو چئي

هوٽل تي چانهن جو چوڻ وڃي ٿو. ڪجهه دير ۾ جڏهن واپس اچي ٿو ته هن سان گڏ هوٽل جو مالڪ پڻ آهي. مالڪ بابت هو ٻڌائي ٿو ته ”خبر اٿو هن هوٽلڙيءَ جو مالڪ پاڪستان کان اڳ ڪراچيءَ جي وڏي ۾ وڏي هوٽل جو مالڪ هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ڌمڪائي، ٻيچاري ۽ فريب ڏيئي هن کي ان ملڪيت کان محروم ڪيو ويو، ڇاڪاڻ ته هو سنڌي هندو هو، ان دؤران هوٽل مالڪ هنن کي کلي کيڪاري ٿو.“

ايترن ڳالهين جي باوجود همراهن جو نوجوان جي مٿان شڪ نه ٿو لهي. چانهن ۾ به گمان اٿن ته ڪٿي ان ۾ نشو نه هجي. اهي سڀ ڳالهيون سوچي، همراهه کان معلوم ڪن ٿا ته هو ڪير آهي؟ جنهن تي نوجوان هنن کي ٻڌائي ٿو. ”هينئر اهو ئي ٻڌائڻ ڪافي آهي، ته مان هڪ سنڌي آهيان. هڪ سنڌيءَ لاءِ ڪنهن ٻئي سنڌيءَ سان واقفيت هجڻ ئي وڏي ۾ وڏو ناتو آهي.“ جنهن کانپوءِ نوجوان ٻڌائي ٿو ته هن جو والد وڏو آفيسر آهي. هو هتي ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪري پيو. سندن گهر ۾ اردو ٻولي ڳالهائي ويندي آهي. جڏهن کان هن کي سنڌيت جو احساس ٿيو آهي ته هن هر ڌاريي سان به سنڌي ڳالهائڻ شروع ڪيو آهي.

ان دؤران هو هڪ اهم ڳالهه ڪري به ڪري وڃي ٿو. هو چئي ٿو ته ”مون پنهنجي گهر ۾ ون يونٽ ٽوڙي، سنڌ قائم ڪئي آهي. اهو هن طرح جو پنهنجو ڪمرو سنڌي سامان سان سجايو اٿم. اجرڪ، چُر واريون چادرون، رليون، سنڌي پرت پريل گدين جا پوش، هالن جون جنديءَ تي ٺهيل کٽون ۽ ڪرسيون. سنڌي شيون استعمال ڪرڻ سان هڪ ته اسين پنهنجي سڀيتا قائم رکون ٿا، جا سونهن پري ۽ وٽندڙ آهي، ۽ ٻيو ته اسين سنڌي ڪاريگرن ۽ هنرمندر کي وڌيڪ روزگار مهيا ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهون.“

اڳتي هلي هو هڪ ٻيرو ٻيهر ون يونٽ جي ڪلورن جي ڳالهه ڪري ٿو. هو ٻڌائي ٿو ته ””خبر اٿوَ ته مان سي-ايس-پي امتحان ۾ ويٺو هوس. مون پيپر ڏاڍا سٺا ڪيا ۽ انٽرويو ۾ به سڏايو ويس. پر مون کي نا اهل ٺهرايو ويو. مان امتحانن ۾ سدائين فرسٽ ڪلاس ۾ ايندو آهيان، پر هن ڇتا پيٽيءَ ۾ منهنجا اهڙا هم ڪلاسي به چونديا ويا، جي صفا ڏڏُ هئا ۽ ٿرڊ ڪلاس کان ڪڏهن به مٿي چڙهي ڪو نه سگهيا هئا. انهن جي ڪاميابيءَ جو سبب فقط اهو هو، ته هو سنڌي نه هئا ۽ هنن جا ڪي مائٽ اول ئي سي. ايس. پي. هئا. ساڳي وقت، منهنجي رڪارڊ تي شايد اهو به هو ته مون ون يونٽ جي خلاف نعرا هنيا هئا، ۽ هڪ دفعي ان سلسلي ۾ بنا پڇا ڳاڇا، هڪ مهينو جيل ۾ به رکيو ويو هوس.“

نوجوان، همراهن سان سنڌ ۽ سنڌيت بابت ڪيتريون ئي ڳالهيون ڪري ٿو. آخر ۾ هو انهن کان موڪلائي ٿو. موڪلائڻ وقت هو انهن کي ”جيئي سنڌ!“ چئي ٿو.

نجم عباسي، ڪهاڻيءَ کي هنن سٽن سان پورو ڪري ٿو ته ”پوءِ اسان مان هر هڪ سان پاڪر پائي موڪلايائين. موٽر چالو ٿيڻ تي چيائين، ”چڱو پائو، هاڻي جيئي سنڌ! اسان کان پهريون ئي دفعو، هڪ ئي وقت ٽنهي جي واتان ان نعري جو جواب نڪتو: ”سدا جيئي!“ چو ته اسان جا سڀ شڪ دؤر ٿي چڪا هئا، هن جي روش جي باري ۾، ۽ سنڌ ۽ سنڌين جي جدوجهد جي ڪاميابيءَ جي باري ۾ هر قسم جا شڪ...“ (عباسي، 1973)

## 5.4.2.1 ڪهاڻي ’ڪراچيءَ جا ميزبان‘ تي تبصرو

نجم عباسي جي ڪهاڻي ’ڪراچيءَ جا ميزبان‘ نج سنڌيت جي جذبي ۽ احساس تحت لکي وئي آهي. جنهن ۾ ڪجهه وڏاءُ ۽ ڪهاڻيءَ ۾ گهڻو ڪري نعري بازي‘ نظر اچي ٿي. ان هوندي ڪهاڻي ’ڪراچيءَ جا ميزبان‘ پاڻ اندر وڏو تاثر ڇڏي ٿي. ڪهڙي طرح ون يونٽ جي سنڌي آفيسر گهرن ۾ به سنڌي ڳالهائڻ کان ڪيٻائن ٿا. اهڙي صورتحال ۾ ’فرعون جي گهر موسىٰ‘ جمڻ جهڙو معاملو ورجائجي ٿو. هڪ سنڌي آفيسر جو پٽ سنڌيت جي جذبي سان اهڙو ته سرشار آهي جو هو ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهن کي ڳولهي ميزبان ٿيو پوي. انهيءَ حوالي سان ڪهاڻي جو نالو پڻ رکيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ جيٽوٽيڪ اهو سوال اٿاري سگهجي ٿو ته ان نوجوان جي ڪمائي جو ذريعو ڪهڙو آهي؟ ڇاڪاڻ ته سمجهجي ٿو ته بنا ڪنهن روزگار جي هو ڪهڙي ريت ماڻهن جي خدمت

ڪري ٿو. جيڪڏهن ان سچي سخاوت ۾ پنهنجي پيءُ جي ڪمائي استعمال ڪري ٿو ته اها پڻ مناسب ڳالهه ڪونه ٿيندي. بهتر هو ته ان سچي صورتحال ۾ جيڪو نوجوان، اجنبين سان اوري ٿو ته ان ۾ پنهنجي روزگار جو ذڪر به شامل هجي ها. اهو پڻ باور ڪرايو وڃي ها ته ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهن لاءِ روزگار موقعا اڃا به موجود آهن. جيئوٽيڪ ون يونٽ جي ڪري سنڌي ماڻهن جي رستا روڪ ڪئي پئي وڃي. ان ڳالهه سان سنڌي ماڻهن لاءِ هڪ اتساهه جو سبب پيدا ٿئي ها. چاڪاڻ ته موڪلائڻ مهل پنهي ڌرين ۾ جذبو نظر آيو. ايتري تائين جو ٽيڪسي ڊرائيور جيڪو پڻ شيدي نسل جو سنڌي آهي. ان کي هوشو شيديءَ جو حوالو ڏئي. سنڌي قوم پرستيءَ ڏانهن رغبت ڏياري، چڻ ان جي اندر ۾ به سنڌيت بيدار ڪئي وئي آهي. نتيجي ۾ هو ٽيڪسيءَ جو ڀاڙو نه ٿو وٺڻ چاهي.

ڪهاڻيءَ ۾ ڪجهه ڳالهيون اوپريون ۽ عجيب لڳن ٿيون. نوجوان جو صرف اجرڪ جي بنياد تي ٽن اجنبي همراهن جي ويجهو ٿيڻ. انهن کي پري هڪ سنڌيءَ جي هوٽل ۾ چانهن لاءِ وٺي وڃن. پر جڏهن پاڻ سنڌ جي قوم پرست سياست ۾ وڃون ٿا ته اتي عملي ڪم ڪان وڌيڪ نعري بازيءَ جو راڄ رهيو آهي ته هن ڪهاڻيءَ مان پڻ اهو ساڳيو تاثر جڙي رهيو آهي. نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي ’ڪراچيءَ جا ميزبان‘ جيئوٽيڪ فني حوالي سان ڪافي معاملن ۾ ڪمين جو شڪار نظر اچي پر فڪري لحاظ کان هڪ سٺي ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ ون يونٽ جي دؤر ۾ ٿيل زيادتين کي ڏسي سگهجي ٿو ۽ ڏسي سگهجي ٿو ته ڪهڙي ريت ون يونٽ جي ڪري سنڌي ماڻهن کان انهن جا بنيادي حق کسيا ويا هئا! ڪهڙي طرح سنڌي آفيسرن کي ايترو ته سوڙهو ڪيو ويو هو جو هو پنهنجي مادري ٻولي پڻ وساري ويٺا هئا.

## 5.4.3. ڪهاڻي ’ڏرتيءَ ڏڪاٽا‘

ون يونٽ جي پسمنظر ۾ سنڌ جي جينيس ڪهاڻيڪار علي بابا جي ڪهاڻي ’ڏرتي ڏڪاٽا‘ هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ڪهاڻيڪار ان وقت جي حالتن کي جيئن جو تيئن ڪمال فن سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جديد فني گهرجن مطابق جڙيل هي ڪهاڻي پنهنجي نالي ’ڌرتي ڏڪاٽا‘ جي پوري عڪاسي ڪندي ملي ٿي. ڪجهه ڪهاڻين ۾ ائين به ٿيندو آهي ته انهن جا عنوان مواد سان ميل ناهن کائيندا پر هتي علي بابا آهي. سو پڙهندڙ جي اڳيان اهڙو ڪو به مسئلو پيش نه ٿو اچي. ڪهاڻيءَ جو ڪردار هڪ اهڙي سنڌيءَ جو آهي، جنهن جا والدين هِين لڪين ماڻهن سان گڏ مذهبي بنيادن تي ورهاڱي سبب هندستان ڏانهن لڏي وڃن ٿا. ان وقت هن جي عمر ڇئن مهينن جي هئي. هو هندستان ۾ نپجي وڏو ٿئي ٿو. روز جي بنياد تي هن جي ماءُ سندس کي سنڌ جون ڳالهيون ٻڌائي وڏو ڪري ٿي. بعد ۾ هو جاپان ڏانهن هليو وڃي ٿو. جتي سڪونت ڪانپوءِ جڏهن هندستان واپس اچي ٿو ته هو سنڌ جي راڄڌاني ڪراچيءَ کي محسوس ڪرڻ ۽ ڏسڻ لاءِ اهڙي فلائيٽ جي چونڊ ڪري ٿو، جيڪا جاپان کان بمبئي وايا ڪراچي وڃڻي آهي. ڪراچيءَ ۾ هن جو ترسڻ فقط ڪجهه ڪلاڪن تائين لاءِ آهي. ان دؤران هو ڇا محسوس ڪري ٿو. ان کي ليکڪ نهايت سهڻي انداز سان ڪهاڻي جي صورت ۾ اوتيو آهي.

جهاز جڏهن ڪراچيءَ کان ڪجهه ڪلاڪن جي مفاصلي تي آهي ته هن جي اڳيان پنهنجي ماءُ جي طرفان ٻڌايل پنهنجي اباڻي شهر جا منظر ۽ خيال ڊوڙون پائڻ پيا. جيئن: ڪراچي، منهنجي ماءُ جي سپنن جو شهر، منهنجي جيجل جي جنم ڀومي، جنهن کي پيار مان هوءَ سدائين ڪلاچي سڏيندي آهي. قديم نالي سان ياد ڪندي آهي. پر آئون ان شهر کي ڏسڻ لاءِ بيچين ڇو آهيان؟ ان شهر کي ڏسڻ لاءِ منهنجي اندر ۾ ايڏو ولوڙ ڇو آهي، ڇو آهي ايڏي آنڌ مانڌ؟ آئون ان شهر جو سير ڪرڻ ڇو ٿو چاهيان؟ آئون ڪلفٽن ڇو ٿو گهمڻ چاهيان، ڇو ٿو چاهيان ته ميٽرو پول جي خوبصورت لائونج ۾ ويهي نٽ سان پلو کاوان، منگهي پير تي واڳون وڃي ڏسان، مورڙي ميربحر جو مقبرو ڏسان، ڪنهن بڪ اسٽال تان شاهه جو رسالو خريد ڪري، ڪنهن پارڪ ۾ وڃي پڙهان.

اهي ڳالهيون سوچيندي هن کي پنهنجي ماءُ جي ياد پڻ اچي ٿي. ڪيئن نه هن جي ماءُ هڪ پيري چيو هئس ته ”تون جڏهن وڏو ٿين ته هڪ پيرو مون کي وطن جا وڻ ضرور ڏيکارجانءِ، آئون سنڌ

ساگر جي پوڄا ڪنديس، موهن جي دڙي جي ڌرتيءَ کي سجدا ڪنديس، شاهه تي پڙ چاڙهينديس، نه ته منهنجي آتما، گنگا جي گوديءَ تي سدائين نراتمائن جيان پٽڪندي رهندي، لڇندي رهندي. آئون هڪ پيرو وطن موٽي وڃڻ چاهيان ٿي. رڳو هڪ پيرو.“

هن کي اهي ڳالهيون به ياد اچڻ ٿيون، جيڪي ظاهر ۾ ته هن ماءُ سان پوڳ ڪيا هئا، پر اهي اهڙيون ڪڙيون حقيقتون هيون، جن کان انڪار نه پيو ڪري سگهجي. مثالطور: هن هڪ پيري ماءُ کي چيو هو ته ”امان، تون ڪراچيءَ جي سمونڊ کي سدائين سنڌو ساگر چوندين آهين، پر تاريخ يا جاگرافيءَ ۾ ته ان نالي جو ڪوبه سمونڊ ڪونهي. ڪراچيءَ جي سمونڊ کي ته عربي سمونڊ چوندا آهن، بحر عرب“.Arabian Sea واهه – عربي سمونڊ چوّ! عربي سمونڊ ته ٿيو عربن جي فتح کان پوءِ، پلا ڏاهر جي وقت ۾ به ڪو ڪيس عربي سمونڊ چوندا هيا ڇا؟“

ان جي وچ تي هو پنهنجي ماءُ سان ون يونٽ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو. ”سنڌ تي ته هينئر به مسلمانن جو قبضو آهي. اهي سڀ پاڻ کي عربن جو اولاد سڏائيندا آهن. پاڪستان ۾ اڄڪلهه ون يونٽ آهي. هاڻي ڌرتيءَ جي نقشي تي سنڌ نالي ڪو به ملڪ ڪونهي. تون ته اجايو سنڌ سنڌ ڪري دل کي ڪوڙا دلبا ڏيندي آهين. سنڌ ڪٿي به ڪانهي.“ اها ڳالهه سوچيندي، هن کي ماءُ جو جواب به ياد اچي ٿو. ”سنڌ هڪ قديم ملڪ آهي، ان جا بنياد پڪي نوڙهي، سورجاٽي، ڪانپوءَ، پپ، پاراشر، کيرٿر، ڪارونجهر، چوهڙ ۽ هالار تي رکيل آهن. سنڌ ڪنهن نڌڪي ساوتريءَ جو نالو ڪونهي جو جيڪو لئي مان لٺ پڇي ليڪو هٽي کيس ڌاهي ڇڏي. ڪو آهي ماءُ جائو جو پڪي نوڙهي کي پنهنجي جڳهه تان ڌوڏي سگهي، ڪو آهي جو ڪارونجهر، کيرٿر، هالار کي پنهنجي جڳهن تان اکوڙي سگهي، ڪو آهي جو پاراشر ۽ سورجاٽي کي پاڙان پٽي اڇلائي؟ اجا گهٽا سڪندر ايندا، پر درياهه شاهه وهندو رهندو. سنڌ کي ڪمزور ساوتري سمجهڻ وارا پليل آهن.“

ڪراچي ائيرپورٽ تي لهڻ ڪانپوءِ ’ڌرتي ڌڪاٽيل‘ ان ڪردار کي بخار ٿي وڃي ٿو. ان ڪفيتن کي علي بابا ڪجهه هن ريت لکيو آهي ته ”هن جي دل چاهيو نئين پار جيان رانياڻ ڪري روئي. هن پاڻ سنپاليندي پنهنجي پيشانيءَ ۽ ڪارائيءَ کي چهي ڏٺو.“ ڪهاڻيءَ ۾ اڳتي اهو ڪردار خود ڪلاميءَ ۾ چئي ٿو: ”او، مون کي ته بخار آهي، آئون ٻري رهيو آهيان. منهنجا پير ڪيڏا نه ڳورا ٿيندا ٿا وڃن، چڻ منهنجا پير ڌرتيءَ ۾ کپي وڃڻ ٿا چاهين، ڌپي وڃڻ ٿا چاهين.“

ڪجهه دير ۾ هو وڏي مشڪل سان هو ڳورا قدم کڻندو ٽرانزٽ لائونج ۾ اچي ٿو. ڳورا قدم کڻندو بڪ اسٽال ڏانهن وڌي ويو جتي سنڌي رسالن جي پڇا ڪري ٿو. اتي هن کي جواب ملي ٿو ته ”جي نهين هماري پاس سنڌي ڪي ڪوئي ڪتاب نهين ملتي!“ جواب ٻڌي هو چئي ٿو. ”مگر هندستان مين تو يي ڪتابين مل جاتي هئين؟“ مليل جواب ”هندستان ۾ مل جاتي هونگي. يي پاڪستان هي. يهان ڪي قومي زبان اردو هي.“ ٻڌي، مايوس ٿي واپس اچي ڪوچ تي ويهي ٿو. جهاز ۾ ويهڻ جو اعلان ٿئي ٿو. هو جهاز ۾ ويهڻ ڪانپوءِ ڪهاڻيڪار جي آخري سٽن مطابق ”ٻنهي هٿن سان پنهنجو منهن لڪائي نيڙن ٻارڙن جيان ڊڪون ڀري روئڻ لڳو هو.“ (بابا، 1994)

## 5.4.3.1.ڪهاڻي ’ڌرتي ڌڪاٽا‘ تي تبصرو

مٿي بيان ڪيل ڪهاڻيءَ مطابق هن ڪهاڻيءَ جو تاجو پيٽو هڪ اهڙي ڪردار جي چوڌاري ڦري ٿو. جيڪو ابهم عمر ۾ سنڌ کي ڇڏي وڃي ٿو، پر هن کي پنهنجي ماءُ طرفان سُتيءَ ۾ سنڌ سان محبت جو سبق ڏنل آهي. هو ڪجهه ڪلاڪن لاءِ ڪراچيءَ پهچي ته وڃي ٿو، پر هن کي اتي توقع خلاف مايوسي پلئه پئي ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ سنڌ سان ويڌن جو ذڪر ون يونٽ جي حوالي سان ڪيو ويو آهي. توڙي جو سنڌ سان محبت ڪندڙ اهو ڪردار ڌرتيءَ کان هزارين ميل پري آهي. ان هوندي به هن کي ان ڳالهه جو شدت سان ادارڪ آهي ته ون يونٽ جي ڪري سنڌ پنهنجو تشخص وڃائي ويٺي آهي. ايتري تائين جو سنڌ جي گادي هنڌَ، ڪراچي شهر ۾ هن کي سنڌي اخبارون ۽ رسالا نه ٿا ملن. ان منظر ۾ هو پاڻ کي سچ ۾ ’ڌرتي ڌڪاٽو‘ محسوس ڪري ٿو. ان سمي به حيرت ۾ پئجي وڃي ٿو، جڏهن ايئرپورٽ تي ڪم ڪندڙ عملو هن کي ٻڌائي ٿو ته جيئن ته ملڪ جي قومي زبان اردو ئي آهي ته هن کي فقط اردوءَ ۾ ئي رسالا ملندا. هي اهي گهڙيون آهن، جن ۾ ڌرتي ڌڪاٽو اهو

شخص پاڻ کي نهايت بيوسي محسوس ڪري ٿو. هو انهن حالتن کي پنهنجي ملڪ يعني هندستان سان ڀيٽ ڪري ٿو، جنهن ۾ حالتون ڪافي قدر بهتر آهي.

هن جي يادگيرين ۾ اها ڳالهه به شامل آهي ته پنهنجي ماءُ سان جڏهن ون يونٽ جي ڳالهه ڪيائين ته ماڻهس ان موقعي تي هن کي تاريخي حوالن سان ثابت ڪري ٿي ته سنڌ ڪنهن ملڪ جو يونٽ نه پر صدين کان هڪ آزاد وطن رهيو آهي ۽ جيڪڏهن اهڙي ڪا صورتحال آهي ته اها هڪ ڏينهن ضرور تبديل ٿيندي، پر هن کي سنڌ اچڻ ڪانپوءِ شديد مايوسي ٿئي ٿي. اهڙي ڪرب واري صورتحال جنهن ۾ هو فقط "ٻنهي هٿن سان پنهنجو منهن لڪائي ننڍڙن ٻارڙن جيان ڊڪون پري روئڻ لڳو هو."

## 5.4.4. ڪهاڻي 'ٻه قبرون'

ناميارڻ ڪهاڻيڪار، ڪالم نويس. مزاحيه ليکڪ حليم بروهيءَ جي ڪتاب 'آخري وسيلو' ۾ شامل ڪهاڻي 'ٻه قبرون' طنز ۽ مزاح سان ڀرپور هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ ملڪ ۾ ڪم ڪندڙ جاسوسيءَ جي نظام تي ڪيترائي سوال اٿاريا ويا آهن. ڪهاڻيءَ جي شروع ۾ ڪراچيءَ کان ڪجهه ميل پري هڪ ٻيٽ تي ٻن قبرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. انهن ٻن قبرن جي موجودگيءَ کي تجسس سان ڏسندي ڪهاڻيءَ جي پڇاڙي هن طرح ڪئي وئي آهي ته اهي قبرون ڪهاڻيءَ جي مرڪزي ڪردار هڪ جاسوسَ، جيڪو ضمير واحد متڪلم جي صورت ۾ ليکڪ پاڻ آهي ۽ هڪ خونيءَ جي آهي، جنهن زندگيءَ ۾ يارهن خون ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو.

ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ هڪ ليکڪ طرفان هڪ نوٽ لکيو ويو آهي. جيڪو جيئن جو تيئن هتي اتارجي ٿو. "پنجابي سنڌ ۾ ڇهه مهينا ٿو رهي ته سنڌي ٻولي سمجهڻ ٿو لڳي، ٻن ٽن سالن ۾ پنجابي سنڌي ٻولي ڳالهائڻ به لڳندو آهي. اڄ سنڌ ۾ هزارين پنجابي اهڙا آهن جيڪي گهٽن سنڌين کان وڌيڪ سٺي لکندا ۽ ڳالهائيندا آهن. پر اسان انڌا آهيون جو اسان کي انهن انڌو ڪيو آهي جن کي سنڌي ٻولي ڳالهائيندي شرم ٿو اچو. ون يونٽ جا حامي ڪير آهن؟ اهي جيڪي پٽي جي مخالفت ڪري رهيا آهن، اهي جيڪي پٽي کي ڪافر چئي رهيا آهن. ۽ ياد رکو ته اُهي پنجابي هرگز ڪونهن."

ان کان اڳ جو ڪهاڻيءَ جي ان اختتامي نوٽ تي جامع تبصرو ڪجي، جنهن ۾ ون يونٽ جو ذڪر ٿيل آهي. ڪهاڻيءَ جي ڪجهه منظرن کي نڪتن جي صورت ۾ هيٺ اتارجي، جن مان ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي.

- ڪراچي کان چار ميل اڳتي سمنڊ ۾ هڪڙو ننڍڙو ٻيٽ آهي "ٻن قبرن وارو ٻيٽ" جي نالي سان مشهور آهي. هن ٻيٽ ۾ فقط اهي ٻه قبرون آهن ۽ ٻي ڪا به قبر ڪانهي.
- هي راز اڄ تائين راز رهيو آهي جو مون اڄ تائين پنهنجو وات نه کوليو آهي. پراڄ مون کي پنهنجو وات ۽ هي راز کولڻ کان ڪوبه روڪي نٿو سگهي جو اڄ منهنجي گهر واري مائٽن ڏانهن ويل آهي.
- ٽي چار سؤ سال اڳ جي ڳالهه آهي جڏهن مان اجا جاسوسي کاتي ۾ هوس. خوني خون ڪري ڀڄي رهيو هو ۽ مان کيس گرفتار ڪرڻ لاءِ سندس پويان هئس.
- هن جي سر تي ويهه هزار روپيا انعام رکيل هو. مان پگهرجي پيس. خوني صدر اسٽيشن تي لٿو ۽ فٽ پاٿ وٺي ڪياماڙي ڏانهن روانو ٿيو. اها سندس غلطي هُئي، سٺي اسٽيشن تي لهي ها ته ڪياماڙي ويجهي پويس ها.
- مان اوهان کي ٿوري ۾ ٻُڌايان ته ٿيو ڇا هو، هن خونيءَ ڏهه خون ڪرڻ کان پوءِ جڏهن ٽيليفون تي زور سان ٺهڪ ڏيئي جاسوسي کاتي جي سربراه کي چيو "تون ۽ تنهنجو جاسوسي کاتو منهنجو ڪُجهه نٿا بگاڙي سگهن ۽ منهنجو پروگرام آهي پورا يارنهن خون ڪرڻ."

- خوني هڪ ڏيڍ انچ ويڪرو ۽ چار فٽ ڊگهو چرو منهنجي پٺيءَ ۾ هڻي تائين هٽي پوءِ وار مٿان وار ڪرڻ لڳو. اهو وهم نه هو. مون هڪ فلڪ شگاف رڙ ڪئي ۽ اتي جو اتي اُڦٽ مري ويس. هي خوني جو يارهون خون هو. پوءِ خوني هڪ اونهي قبر کوٽي ان ۾ مونکي دفنائي مٿان مڻ مٽي جا وجهي باقاعدي قبر ٺاهي فاتح پڙهي منهنجي قبر تي ئي ويهي سگريٽ دکائي پيڻ لڳو.
- اهو سنهري موقعو هو. مان آهستي آهستي قبر مان نڪتس ۽ روالور جي نلي سندس ڪياڙي جي مٿان مٽي سان لڳائي هڪ ٻئي پويان ڇهه فائر ڪيم. هن جا آخري لفظ هُئا ته ”ڏسي رهندس، توکي به ۽ تنهنجي سربراهه کي به.“ مون پنهنجي قبر کان ويهن قدمن تي هڪ قبر کوٽي ان ۾ خوني کي دفنايو، ۽ پوءِ پنهنجي قبر ۾ داخل ٿي سمهي پيس.
- هي آهي راز انهن ٻن قبرن جو جيڪي هڪ ٻئي کان ويهن قدمن تي آهن، ۽ اتي آهن جتي ماڻهون جانور ته ڇا ڪو پکي جيت مجاور به ڪونهي. (بروهي، 1980)

## 5.4.4.1.ڪهاڻي ’ٻه قبرون‘ تي تبصرو

حليم بروهي جي ڪهاڻيءَ ’ٻه قبرون‘ حقيقي طور طنز ۽ مزاح سان ڀريل هڪ اهڙي ڪهاڻيءَ آهي، جنهن ۾ سماج جي تصوير ڏسي سگهجي ٿي ته ڪهڙي ريت اسان وٽ ادارا ڪم ڪن ٿا.

ادارن جي بي وسيءَ کي جنهن ريت حليم بروهيءَ پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ چٽيو آهي. اهو اها هن جي ڪمال مهارت چئبي. هڪ ڪردار کي جاسوس جي صورت ۾ اڳيان آڻي، ان جي بيوسيءَ تي مڪمل ڪهاڻي تحرير ڪرڻ. اهو پڻ ته ملڪي ادارا سدائين ڏوهاري پڪڙڻ ۾ ناڪام ويا آهن. هنن وٽ ڳالهين لاءِ ته تمام گهڻو مواد آهي، پر عملي طور ڪجهه به ڪرڻ کان قاصر آهي. اهو ئي سبب آهي جو ليکڪ بار بار اهي ڳالهيون ورجائي ٿو، جيڪي ڪهاڻيءَ جي مک ڪردار جي زباني خود ڪلاميءَ جي صورت چورائي ٿو ته ”اسان کي هن قسم جي تربيت ڏني ويندي هئي يا هن قسم جا ليڪچر حالتن کي سنڀالڻ لاءِ ڏنا ويندا هئا.“ پر جڏهن اهو جاسوس عملدار پاڻ ميدان ۾ لهي ٿو ته خونيءَ جي هٿان مارجيو وڃي.

ڪهاڻيءِ جي آخر ۾ حليم بروهيءَ ون يونٽ جو ذڪر پڻ ڪيو آهي. حالانڪه ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ لکيل ان نوٽ جو ڪهاڻيءَ جي پلاٽ سان ڪو سڌو سئون تعلق ناهي، پر اڻ سڌي طور لاڳاپو نظر اچي ٿو. حليم بروهيءَ جو اشارو انهن ماڻهن ڏانهن آهي، جيڪي سنڌ ۾ رهن ٿا. اهي غير سنڌي به ناهن، پر اهي ون يونٽ جي حمايت ڪن پيا. هن نُڪتي مان اسان کي اها ڳالهه سمجهه ۾ اچي ٿي ته سنڌ جو هڪ طبقو سدائين ابن الوقت رهيو آهي. ان گروهه پنهنجي ننڍڙن مفادن کي اڳيان رکي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي ڪابه پرواهه ناهي ڪئي.

ليکڪ اهو پڻ سمجهائڻ چاهي ٿو ته هڪ پاسي جتي ادارن جي نااهلي آهي. اتي رڳو ڌارين تي ڏوهه ڏيڻ به مناسب ناهي. هو ظاهر لفظن ۾ انهن غير سنڌي ماڻهن جي واکاڻ ڪري ٿو، جيڪي سنڌي ڳالهائن ٿا. ساڳي طرح انهن سنڌي ماڻهن لاءِ سٺا خيال نه ٿو رکي، جيڪي سنڌي هوندي سنڌي ڳالهائڻ کان نابري واري ويٺا آهن. حقيقي طور اها صورتحال ون يونٽ جي دؤر ۾ ئي پيدا ٿي. جتي سنڌي ماڻهن صرف ذاتي معاملن ۽ شخص عناد جي ڪري ون يونٽ جي حمايت ڪئي. ايتري تائين جو پنهنجي ٻولي به وساري ويٺا.

## 5.4.5. ڪهاڻي ’هي پڙهڻ سان گهٽڻ جو پلو ٿيندو‘

حليم بروهيءَ جي ڪهاڻي ’هي پڙهڻ سان گهٽن جو پلو ٿيندو‘ هن جي ڪهاڻين جي ڪتاب ’آخري وسيلو‘ ۾ شائع ٿيل آهي. حليم بروهيءَ جي هيءَ ڪهاڻيءَ به هن جي عين طرز تحرير جيان طنز ۽ مزاح سان ڀرپور آهي. ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ ون يونٽ بابت ڪجهه نڪتن کي آزاد راءِ جي حيثيت ۾ شامل ڪيو ويو آهي.

## 5.4.5.1.ڪهاڻيءَ جو پلاٽ

هڪ ماڻهو روزانه جي بنياد تي حجم جي دڪان ۾ داخل ٿي ان کي پڇي ٿو ته ڪيترو وقت لڳندو؟ هڪ ڏينهن حجم ان همراهه تي شڪ ڪري پنهجي نوڪر کي ان جي پويان لڳائي ٿو ته ڏس هي ماڻهو ڪيڏانهن ٿو وڃي. نوڪر ڊوڙي وڃي هن ماڻهوءَ جي پويان لڳو. موٽي اچي نوڪر، حجم کي ٻُڌايو ته ”اچي ڪٿان ٿو سا مونکي خبر ڪانهي، پر وڃ سڌو اوهانجي گهر ٿو.“ ڪهاڻيڪار اڳتي هلي لکي ٿو. ”ضروري ڪونهي ته سڀ ماڻهون هن ماڻهون جهڙا هجن. ڪي اهڙا ٻه آهن جيڪي ڏاڙهي ڪوڙائڻ ڪانسواءِ نه ويندا آهن ۽ وڃڻ ٻه نه گهرجي. ۽ اهو ٻه هرگز ضروري ڪونهي ته سڀ ماڻهون هن حجم وانگي هجن. وڪيلن، ڊاڪٽرن، آفيسرن، دڪاندارن، واپارين، ڪلارڪن ۽ حجامن ۾ ٻه گهڻا اوهان کي اهڙا ملندا جن جو سندن نوڪرن يا پٽيوالن کي حڪم ڏنل هوندو آهي ته ڪير ٻه اچي پڇي ته اجا باقي ڪيترو ڪم رهيل آهي يا اجا صاحب ڪيتري دير آفيس ۾ ويهندو ته هڪدم اهڙي ماڻهون جو پيڇو ڪري ڏسن ته هو اچي ڪٿان ٿو. پٽيوالو يا نوڪر اهڙي معاملن ۾ هميشہ اهو ئي ٻُڌائيندو آهي ته هو وڃي ڪيڏانهن ٿو.“
آخر ۾ ڪهاڻيڪار ون يونٽ جي ڳالهه ڪري ٿو. ”جڏهن پٽي صاحب ون يونٽ جي مخالفت ڪئي تڏهن هن ون يونٽ جي مخالفت ڪليل لفظن ۾ ڪئي. تنهن هوندي ٻه پنجابي عوام اڄ ٻه پٽي صاحب سان آهي. صاف ظاهر آهي ته ون يونٽ پنجابين کي ايترو پيارو نه هو، جيترو انهن کي هو جن فقط پٽي سان ساڙ ۽ حسد ڪري اصغر خان جو سهارو ورتو ۽ پوءِ فقط پٽي کي ختم ڪرڻ لاءِ ايوب خان جو ساٿ ڏيڻ لاءِ ٻه تيار ٿي ويا هئا. پنجابي عوام جيڪڏهن ون يونٽ جو حامي هجي ها ته ڪنهن ٻه صورت ۾ پٽي جي حمايت نه ڪري ها. جيئن سنڌين ۾ ڪي غدار هئا جن ون يونٽ ٿاهي سنڌي قوميت، سنڌي تهذيب ۽ سنڌي ٻولي جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو، تيئن پنجابين ۾ ٻه ڪي غدار هئا جن ون يونٽ ٿاهي پنجابي قوميت، پنجابي تهذيب ۽ پنجابي ٻولي کي ڪاپاري ڌڪ هنيو. جيئن سنڌين کهڙي ۽ راشدي وارن کي ڌڪاري ڇڏيو آهي، تيئن پنجابين ٻه چوڌري محمد علي ۽ دولتانه کي ڌڪاري ڇڏيو آهي.“ (بروهي، 1980)

## 5.4.5.2.ڪهاڻي ’هي پڙهڻ سان گهٽن جو پلو ٿيندو‘ تي تبصرو

حليم بروهيءَ جي ڪهاڻي ’هي پڙهڻ سان گهٽن جو پلو ٿيندو‘ ٽن حصن تي مشتمل آهي. پهرين حصي ۾ ماڻهن جي عام وهنوار جي ڪمن ۾ تڪڙ کي ڏيکاريو ويو آهي. ٻئين حصي ۾ اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته ماڻهو کهڙي ريت ٻين جي سادگين مان فائدو وٺن ٿا. اهو پڻ ته جيڪي ماڻهو مصروف هوندا آهن. انهن جي پويان چا ٿي گذري ٿو، سا خبر انهن کي به دير سان ٿي پوي. ٽئين حصي ۾ ون يونٽ جي ڳالهه ڪئي وئي آهي. هن ون يونٽ بابت قوميتن جي بنياد تي هڪ اهم نڪتو اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جنهن مطابق جهڙي ريت عام سنڌي ماڻهو ون يونٽ جي خلاف هو ته عام پنجابي ماڻهن به ون يونٽ جي اوتري ئي مخالفت ڪئي. ون يونٽ بابت هو پنهنجي ان نڪتي کي هن طرح بيان ڪري ٿو ته جهڙي ريت سنڌ ۾ پير علي محمد شاه راشديءَ ۽ ايوب کهڙي حمايت ڪئي ۽ پوءِ هو عوام جي همدردين کان محروم ٿي ويا. اهڙي طرح پنجاب ۾ ميان ممتاز محمد خان دولتانه ۽ چوڌري محمد علي پڻ پنجاب جي عوام جي نفرتن جو شڪار ٿيا.
حليم بروهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ آيل نڪتي موجب ون يونٽ جي حمايت يا مخالفت کي ذوالفقار علي پٽي سان منسوب ڪري ٿو. هن جي راءِ مطابق ون يونٽ جي مخالفت فقط انهن ماڻهن کي ڪئي. جيڪي پٽي جا مخالف هئا. جيڪڏهن پاڻ حليم بروهيءَ جي ان راءِ کي تاريخ جي ساهميءَ ۾ توريون ٿا ته جواب ائين نه ٿو ملي جيئن حليم بروهيءَ پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ ڪجهه نڪتن کي سامهون رکي

بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مثالطور: سڄي دنيا ان نڪتي تي متفق آهي ته ون يونٽ جو سڀ کان گهڻو فائدو پنجاب کي ئي ٿيو ۽ ون يونٽ جو سڀ کان وڏيڪ نقصان سنڌ ئي ٿيو. ون يونٽ ۾ پنجاب جي اشرافيه هجي يا عام ماڻهو اهو فائدي ۾ رهيو. ائين ڪونه ٿيو ته ون يونٽ جي ڪري سنڌي ماڻهن پنجاب ۾ وڃي تي صنعتون قائم ڪيون يا اتي انهن کي زمينون مليون يا ٻئي ملڪيتن ڏاهيون، پر ان جي ابتڙ اهو سڀ ڪجهه ون يونٽ جي ئي مهرباني هئي جو پنجاب جا ماڻهو سنڌ جي مختلف شهرن ۾ وڏي انگ ۾ آباد ٿي ويا. سنڌ جي نالي ماتر صنعتن تي پڻ قابض ٿيا. ايتري حد تائين جو سنڌ جي ٻهراڙين ۾ نج سنڌي ڪرت زراعت تي پڻ اجارادري قائم ڪئي وئي.

ون يونٽ ۾ پنجاب جي سوين ماڻهن کي سنڌ جي لکين زمين انعامن و اڪرامن جي صورت ۾ ملي. اهو نه صرف سنڌ جي خاص پر عام طبقي جو پڻ نقصان ئي هو. ڪهاڻيءَ جي تناظر ۾ اهو پڻ رڪارڊ تي رهي ته ون يونٽ جي پهرين ڏينهن يعني پنج آڪٽوبر 1955 کان سنڌي ماڻهن ون يونٽ جي مخالفت شروع ڪئي هئي. هن سڄي منظر ۾ سياست اندر ذوالفقار علي ڀٽي جو ڪو خاص ڪردار نظر نه ٿو اچي. ڀٽو، ان وقت جي قائم مقام گورنر جنرل ۽ بعد جي صدر اسڪندر مرزا جي ڪابينه جو ميمبر رهيو، پر هن جي اهميت سال 1958 ۾ ان وقت اڀري آئي جڏهن جنرل ايوب خان سنڌي کي پنهنجي ڪابينه ۾ پرڏيهي وزارت جو قلمدان ڏنو. انهن حالتن ۾ ون يونٽ جي حمايت يا مخالفت کي ڀٽي سان منسوب ڪرڻ ۽ ان کي ڪهاڻيءَ جي صورت دليل طور آڻڻ ۽ هڪ تاريخي غلط فهميءَ کانسواءَ ڪجهه به ناهي.

انهن سڀني ڳالهين جي باوجود، سنڌي ادب ۾ ون يونٽ جو ذڪر چاهي ڪهڙي به طرح ڪيو وڃي. اهو سدائين مذمت جي قابل رهيو آهي. حليم بروهيءَ به ان کي سٺي نظر سان ناهي ڏٺو. بس هن کي ايترو سو ٿي ويو آهي ته هو ون يونٽ کي هڪ خاص طبقي جو ڪارنامو ۽ پنجاب، سنڌ جي ايليٽ ڪلاس کي ان جو ذميدار سمجهي ٿو. جڏهن ته تاريخي حقيقتن موجب ون يونٽ جو مجموعي فائدو پنجاب کي ئي پهتو. اها ٻي ڳالهه ته ون يونٽ جي تعصبي ڪارروائيءَ کان ملڪ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. بنگال، جيڪي ملڪ جو وڏو حصو هو. ون يونٽ جي ڪري پنهنجي هٿ ڇڏائي آزاد بنگلاديش ٿي ويو.

## 5.4.6. ڪهاڻي ’ڪو ڳڻ ٻاروچي جو‘

هي ڪهاڻي ناماياري ڪهاڻيڪار قاسم ٻٽر جي آهي. قاسم ٻٽر لاءِ مشهور اديب نورالدين سرڪيءَ لکيو هو ته ”’ٻٽر‘ اديب کان وڌيڪ هڪ سياسي ڪارڪن ۽ اجا به چئجي ته هاري ورڪر جي حيثيت ۾ چاتو سڃاتو وڃي ٿو، هو هڪ ترقي پسند، انقلابي ۽ پورهيت طبقن ۽ پوئتي پيل عام ماڻهن جو سجاڳ ۽ سُڄاڻ ساٿي آهي.“ (وساڻ، بلاگ) حقيقت ۾ ’ٻٽر‘ جون همدرديون ۽ وفاداريون انهن سڀني طبقن ۽ ماڻهن سان رهيون آهن، جيڪي پنهنجي مدد پاڻ ڪن ٿا ۽ پنهنجن حقن لاءِ وڙهن ٿا، هارين مزدوُرن ۽ شاگردن کانسواءِ ’ٻٽر‘ وچولي توڙي اُسرندڙ سرمائيدار طبقن جي حمايت پڻ ڪري ٿو. جن جا قومي حق کسيا ويا آهن، يا وري هو قومي حقن حاصل ڪرڻ جي جدوجهد ۾ سرگرم آهن.

قاسم ٻٽر جي ڪهاڻي ’ڪو ڳڻ ٻاروچي جو‘ پهريون ڀيرو ٽماهي مهراڻ ۾ ان وقت ڇپي جڏهن ون يونٽ ختم ٿي چڪو هو. هن ڪهاڻيءَ ۾ مختصر طور ئي پر سنڌ سان ون يونٽ جي دوُر ۾ ٿيل زيادتين جا عڪس نظر اچن ٿا. ڪهاڻيءَ جي شروعات ۾ ئي قاسم ٻٽر، ون يونٽ جي معاملي کي ڪهاڻيءَ جي سيٽنگ ۾ آندو آهي. هو لکي ٿو، ”تنهن وقت ون يونٽ جو زمانو هو، سنڌ جي ماڻهن جي ڪا به سياسي اهميت نه هئي، هرڪو ٻيو ڪين بزارين ۾ لتاڙيندو هو. هو نئون رت هو، ڇيائين شهري ماحول ۾ ته اسان جي ڪا به عزت نه آهي، جيڪو تيڪو ٿو دٻائي ڇا ڪريون.؟“ ڪهاڻيءَ جي هڪ ڪردار طرفان ون يونٽ جي پسمنظر ۾ اهڙي ڳالهه ڪرڻ ڪانپوءِ ان کي صلاح ملي ٿي ته هو اها ڳالهه رڳو خاص ماڻهن تائين محدود نه رکي پر سڄي سنڌ کي ان جي دانهن ڏئي. نتيجي ۾ ان ڪردار ”نوڪري ڇڏي نندڙو ڪاروبار شروع ڪيائين، سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيائين، ڪٿي ميٽنگ، ڪڏهن جلسو، يا مشاعرو، راڳ جي ڳڌجاڻي، هر جڳهه پهچڻ، نوان

پراڻا يار، انهن سان ملڻ ڪچهريون ڪرڻ، ڊڪ ڊوڙ، آڌي مانجهي بسن جي سواري تي چڙهڻ، هن جي زندگي جو معمول بنجي ويو."

قاسم پٿر ڪهاڻيءَ ۾ لکي ٿو ته هڪ پيرو ڪنهن معاملي تان باهه ٿي ويو. "ٿاڻي تي ڪاهه ڪيائين، انچارج صوبيدار کي چيائين اسان جو جهيڙو ون يونٽ گورنمينٽ سان آهي، جيڪا اسان جون ٻنيون نيلام ڪريو، ٻاهرين ماڻهن کي هتي آباد ڪرڻ گُهري ٿي، اسين اها ٻني وڪڻڻ ڪونه ٿا ڏيون، انهيءَ ڪري اسان بک هڙتال شروع ڪئي آهي ته نيلام بند ڪريو، اسان روزانه ٻه هاري ورڪر انهيءَ لاءِ ڏيون ٿا ته اسان اها جدوجهد گهٽ وقت هلائي عام ماڻهن جي راءِ پنهنجي فائدي ۾ ڪري سرڪار کي مجائي سگهون، تو، بک هڙتال تي ويٺل ماڻهن کان وڌيڪ ماڻهو چو ٻڌا آهن، ڪمال چانگ ۽ محمد رحيم پرگڙي کي چماٽون چو هنيون آهن، هاڻ توسان ذاتي جهيڙو آهي. پلي تون زيادتي ڪر." قاسم پٿر جي ڪهاڻيءَ جو نجم نالي اهو ڪردار ڪيترو بااصول بهادر ۽ نڊر آهي. مٿين سٽن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هو ڪهڙي ريت حق ۽ سچ لاءِ ڪنهن کان به ڊڄڻ لاءِ تيار ناهي. اڳتي هلي قاسم پاڻ ان سچي ڪهاڻي کي هڪ غير روايتي پڇاڙيءَ طرف وٺي وڃي ٿو. جنهن ۾ هو ٻڌائي ٿو ته "ڪنهن ڏاهي جو قول آهي ته "جڏهن مڙس بندوق جي گوليءَ کان نه مڙندا آهن. تڏهن فريب کان ڪم ورتو ويندو آهي." هن جدوجهد کان منهن موڙيو. هي چيئرمين ٿيو. ڪامورن جي درن تي ڊوڙون پائڻ لڳو. ڪڏهن هوءَ آفيس ڪڏهن هيءَ آفيس." جيتوڻيڪ ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ ڪهاڻيڪار ان ڪردار کي موت جي هنج ۾ ڏيکاري ٿو، پر اهو اجل ڪو آدرشن سان جڙيل ناهي پر هڪ حادثو آهي.

قاسم پٿر جي ڪهاڻي 'ڪو ڳڻ ٻاروچي جو' سنڌ مٿان مسلط ٿيل ون يونٽ جي اها ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هڪ پاسي ته سنڌي ماڻهن کي پاڻ سان ٿيل زيادتين جون ڪهاڻيون محسوس ٿين ٿيون، ٻئي مرحلي ۾ هو انهن خلاف مزاحمت ۽ جهدوجهد ڪن ٿا. ٿيون ته ون يونٽ ته برابر هڪ جهدوجهد جي ذريعي ختم ٿيو، پر ان جهدوجهد بعد ۾ ڪو وڏو لاڀ نه ڏنو. مثالطور: جيئن ڪهاڻيءَ جي مرڪزي ڪردار نجم کي مختلف لالچون ڏئي. ان جو ڌيان ٻئي طرف ڦيرايو وڃي ٿو ۽ آخر ۾ هڪ حاثي ۾ مري وڃي ٿو. (پٿر، 1997:)

## 5.4.7. ڪهاڻي 'سچ جو ڏينهن'

مشهور سياستدان، فلاسفر، اديب رسول بخش پليجي جي ڪهاڻي 'سچ جو ڏينهن' هن جي مشهور ڪهاڻين جي ڪتاب 'پسي ڳاڙها ڳل' ۾ موجود آهي. ان کان اڳ هي ڪهاڻي مشهور رسالي 'روح رهاڻ' ۾ سال 1978 ڌاري شائع ٿي هئي. هي اهو دؤر هو جنهن ۾ ون يونٽ کي گذري ڪيترائي سال ٿي چڪا هئا، پر زخم اڃا تازا هئا. رسول بخش پليجي هي ڪهاڻي جديد اسلوب سان تحرير ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

### 5.4.7.1.ڪهاڻي 'سچ جو ڏينهن' جو پلاٽ

ڪهاڻيءَ جي شروعات هڪ اهڙي خيال سان ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ ميڊيڪل جي شعبي ۾ ڊاڪٽر هڪ اهڙي دوا ايجاد ڪرڻ ۾ ڪامياب ويا آهن. جنهن ۾ ماڻهن جي ذهنن کي بدلائي سگهجي ٿو. شروعات ۾ اها دوا انجيڪشن فارم ۾ ناهي وئي. پوءِ ڪجهه عرصي ۾ اها دوا پائوڊر جي شڪل ۾ تيار ڪري دنيا جي مختلف علائقن ۾ انهيءَ جو ڦوهارو ڪيو ويو. اتفاق سان سنڌ جي مٿان سچائيءَ جو ڦوهارو ٿيو. ان رات ئي شائع ٿيندڙ اخبارن ۾ سچ ڇپجڻ لڳو. جيڪي اخباري پنهنجي مالڪن ۽ حڪمرانن جي ٿنا ڪندي نه ٿڪبا هئا. انهن سچ لکڻ شروع ڪيو. اهائي حالت پوليس ڪاتي جي ٿي وئي. جتي ڪوڙن ڪيسن ۾ ماڻهن کي وڌيرن جي چوڻ تي چالان ڪيو ويندو هو اتي پوليسوارن پڻ سچ ڳالهائڻ شروع ڪيو. پوليسوارن کي سچ ڳالهائيندي ڏسي جيڪي ماڻهو ڪوڙن ڪيسن ۾ مخالفن کي ڦاسائڻ ۾ مجيا ويندا هئا. انهن به سچ ڳالهائڻ شروع ڪيو آهي. سچ ڳالهائڻ جي ڪري عدالتن ۾ دڙا دڙ ڪيسن جي نيڪالي شروع ٿي وئي آهي.

پوليس ڪاتي ڪان عدالت هاڻي عام جڳهن تي به ماڻهن سچ ڳالهائڻ جي روايت وڌي آهي. جيئن هڪ هوٽل ۾ بيرو، گراهڪن جيان اڳيان اعتراف ڪري ٿو ته جيڪو گوشت نڌيو ڪري ماڻهن کي کارايو پيو وڃي. اهو پوڙهي بيمار ڳئون جو آهي. اهڙي طرح مئل ڪڪڙن بابت به انڪشاف ڪيا وڃن ٿا ته اهي پڻ گراهڪن کي کارايون پيون وڃن. هوٽل مالڪ ۽ بيرن جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي هوٽل خالي ٿي وڃي ٿي.

سچ جو دائرو سڄي سماج ۾ پکڙجي وڃي ٿو. جيئن هڪ مذهبي جماعت ۾ اتي موجود ماڻهو اعتراف ڪن ٿا ته هنن جو اصل مقصد ڌرتي ڌڻين يعني سنڌين کي سست ۽ ڪاهل رکڻو آهي. ساڳي ريت هڪ کاٻي ڌر جي پارٽيءَ جو ذڪر به آهي. جنهن جي آفيس ۾ ته مارڪس جي تصوير ٽنگيل آهي. هو لينن جي ڳالهه ڪن ٿا. سنڌ سان سدائين سچائي جا عهد و پيمان ورجائن ٿا، پر اصل ۾ انهن کي سنڌ، سنڌي ماڻهو ۽ سنڌي ٻوليءَ سان ڪا به دلچسپي ناهي. هنن تي جڏهن سچ جي چٽڪار جو اثر ٿيو آهي ته هنن وٽ انقلاب جون ڪوڙيون دعوائون ظاهر ٿي پيون آهن.

ڪهاڻيءَ ۾ ٽئين جلسي جي ڳالهه پڻ آهي، جنهن ۾ سياستدان گڏجن ٿا، جنهن ۾ هو اعتراف ڪن ٿا ته هنن سدائين ان ڌر جو پاسو ورتو آهي، جيڪا چاڙهه ۾ هوندي آهي يا ان پارٽيءَ ۾ شامل ٿيا آهن، جن وٽ موچڙو آهي. انهن جي ميٽنگ ۾ غريبن جي اولاد تي پڻ چڙ ظاهر ڪئي وڃي ٿي، جن وٽ پڙهڻ ڪانپوءِ شعور اچي ويو آهي.

گڏجاڻيءَ ۾ هڪ سياستدان اعتراف ڪري ٿو ته هن جي پٽ ڪولهڻ ڪنئي. زور پئجي ويو. پئسن پرڻ ڪانپوءِ جان آجي نه ٿي. تان جو سرڪار جي چوڻ تي ون يونٽ لاءِ ووٽ ڪيو. جنهن ڪانپوءِ سرڪار بهادر آزاد ڪيو. ان موقعي تي گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ڪجهه ماڻهو اهو پڻ مڃين ٿا ته هنن جي وڏن مياڻيءَ ۽ دٻي جي جنگين ۾ انگريزن جي طرفان حيدرآباد ۽ ميرپور خاص جي ميرن سان غداري ڪئي هئي. هنن جي وڏن، خيرپور جي مير مراد علي خان جي پاسي تي پنهنجن کي ئي مارايو. نتيجي ۾ هنن جي وڏڙن کي زمينون مليون. هو اهو پڻ چون ٿا ته هي سڀ ڪجهه سرڪار جون مهربانيون آهن. ان سڄي معاملي ۾ سنڌ جي ماڻهن جو ڪو احسان ناهي. گڏجاڻيءَ ۾ ڪجهه زميندار اهو پڻ چون ٿا ته هو حڪومت کي فائدو ڏئي رهيا آهن. ڪامورن کي هنن مان ڪس ڪونهي. جي هو چٽن تي پادر نه ڪنيو بيٺا هجن ها ته پوءِ ون يونٽ به نه بيهي سگهي ها. پنجاهه لکن تي ٻڌل ماڻهو سرڪار جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏين ها. آخر ۾ هڪ همراهه ان سياستدان کان پڇي ٿو. جنهن ڪجهه وقت اڳ چيو هو ته هن جو پٽ خراب ٿي ويو آهي. رڳو پيو سنڌ سنڌ ڪري. جواب ۾ سياستدان چئي ٿو. نه هن جو مٿو خراب ٿي ويو آهي. ان جا ڪم اسان جي بادشاهي ڊاهيندا. اهڙي ريت هميشه جي دستور جيان بنا ڪنهن فيصلي ۽ اتفاق جي، خير خوبيءَ سان ختم ٿيو. (پليجو، 1985)

## 3.4.7.1. ڪهاڻي ’سچ جو ڏينهن‘ تي تبصرو

نامياري ڪهاڻيڪار رسول بخش پليجي جي ڪهاڻي ’سچ جو ڏينهن‘ سنڌ جي انهن تلخ حقيقتن بابت سچ جيان سچ جهڙي آهي. سنڌ جي زندگي، سنڌ جو سماج ڪهڙي مڪر فريب ذريعي هلي پيو، اهو هاڻي ڪو ڳجهه ناهي رهيو. سنڌ جي هزار سالن جي تاريخ ۾ بس ائين ٿيندو آيو آهي. هڪ پاسي ڌارين جون ڪاهون، حملا، ظلم، ڌاڙ ته ٻئي طرف ڌرتي واسين چند مفاد پرستن جون حرڪتون، جن سنڌ کي سوين سال پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي.

سنڌ تي ڌاڙ جي سلسلي اندر ويجهر ۾ اسان کي ’ون يونٽ‘ جو مثال ملي ٿو. جنهن ۾ هتي ٻاهرين سنڌ کي مال غنيمت سمجهي ڦرلٽ ڪئي. اتي ڪجهه پنهنجا به ڌارين سان شامل رهيا. ان سڄي منظر کي رسول بخش پليجي هيئين چٽن لفظن ۾ چٽيو آهي: ”سائين ڪا ڳالهه آ!“ ٽئين مينهن جهڙي متاري معتبر چيو، ”منهنجو وڏو چوڪرو رئيس الله ڏتو خان ته ڏنو هوندو! ست پيڙهيون خانداني ٻار، نندي لائي حڪومت جي ستي پيل، ٻالپڻ کان اميراڻين ڪچهرين ۾ اُٿيل ويٺل، گورنرن، ڪليڪٽرن ۽ ڪمانين جو ڪيڙيل، اجا ايترو هوندو ته دهشت جا وٺي ڪندو هو ته هارين نارين، للو پنجو وڏيرن جا مُٺ سُڪي ويندا هئا. ڪليڪٽر اچي ضد ٻڌو. چئي، ”رئيس نندي کي انگريزي

پڙهاءِ! حڪومت جي ڪم جي لائق آهي.“ اجا اسڪول پئي پڙهيو ته ”شاهي جنگاڻ ڪري وڌائين. ڪولهڻ ڪنئين هئائين نه؟ ڪولهڻ جي ڦڏي ۾ مون کي چاليهن هزارن جي چپيٽ ڏياري چڏيائين. پر مُڙيو ڪونه. سامهون به جبري ڏُر هجي. نيٺ سائينءَ سبب ڪيو. ون يونٽ لاءِ ووٽن جي گهُر ٿي. اسان پانهون پڌي، سرڪار جو چوڻ ڪري ون يونٽ کي ووٽ ڏنوسين. ويچاريءَ سرڪار بهادر وڙ ڪيو، تڏهن وجي جان ڇُٽي سون.“

ون يونٽ ۾ سنڌي ماڻهن ڪيترين قيمتون ادا ڪيون. مٿين لفظن ۾ انهن جو ادارڪ ڪري سگهجي ٿو. ڪهڙي ريت سنڌ جي جاگيدارن پنهنجي خسيس مفادن جي اڳيان سنڌي ماڻهن کي پهرين تذليل جو نشانو بنايو بعد ۾ سرڪار کان معافيون وٺي، ون يونٽ سميت هر ان قدم جي حمايت ڪئي، جيڪي سنڌي ماڻهن جي خلاف هئا.

ڪهاڻيءَ ۾ جتي هڪ اهڙي دنيا جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جتي ماڻهو جي مٿان سائنسي طور هڪ اهڙو چٽڪار ڪجي ٿو، جنهن ڪانپوءِ هو سچ ڳالهائڻ تي مجبور ٿي وڃن ٿا. انهن سچين ڳالهين ۾ هڪ هيءَ به آهي ته ’ون يونٽ‘ لاءِ سنڌ جي وڏيرن، قومي مفادن جي اڳيان ذاتي مفادن کي اهميت ڏني. نتيجو سنڌ ۾ هڪ پيرو پيهر صديون پوئتي ڌڪجي وئي. ايتري تائين جو هزارين سالن کان پنهنجو قديم تشخص پڻ وڃائڻ جي در تي اچي وئي. اهو ون يونٽ جو ئي دؤر هو جنهن ۾ سنڌ جي قديم ديس کي ’سابقه سنڌ‘ جي نالي سان سڏيو ويو. موهن جي دڙي مان نڪتل قميتي نوادرات لاهور جي عجائب گهرن ۾رکيا ويا. انهن منظرن ۾ سنڌ جو ابن الوقت وڏيرو، جيڪو ڪهاڻيءَ ۾ سچ ڳالهائي، انهن سڀني معاملن جو اعتراف ڪري ٿو ته ڪئين نه هن وٽ سنڌ جي ڪابه اهميت ناهي. هو فقط ڪجهه مفادن لاءِ ون يونٽ ته ڇا پر هر اهو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي. جيڪو سنڌي ماڻهن، ڌرتي ۽ ٻوليءَ کي پلي ڪيترو به هاجو رسائي ان سان هن کي ڪو به فرق نه پوندو. ڪهاڻيءَ ۾ جاگيردار طبقي طرفان اهو پڻ اعتراف ملي ٿو ته هنن جي سچي بادشاهي، سنڌي عوام نه پر حڪومتن جي ڪري آهي. ايتري تائين جو حوالي ۾ چيو وڃي ٿو ۽ بنا ڪنهن شرم جي ان ڳالهه جو اعتراف ڪيو وڃي ٿو ته سنڌن وڏن انگريزن سان گڏجي، سنڌ جي مقامي حڪومت کي ڊاهڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو هو. انگريزن کان ون يونٽ تائين سنڌن جو اهو ئي ڪردار رهيو آهي.

ون يونٽ بابت ڪهاڻيءَ ۾ جهڙي ريت طرح رسول بخش پليجي واضح لفظن ۾ وڏيرن جي غداريءَ کي وائڪو ڪيو آهي. اهو هڪ ليکڪ جو ڪمال آهي. ڪهڙي ريت هڪ جاگيردار جي واتان سچ ڳالهائجي وڃي ٿو. اهو هڪ پاسي جتي ڪڙي سچائي کي ظاهر ڪري ٿو. اتي تاريخي طور رڪارڊ کي پڻ سانڍي ٿو، جيڪو يقينن ايندڙن نسلن تائين منتقل ٿي رهيو آهي. ڪهاڻي ’سچ جو ڏينهن‘ سنڌي سماج جي هڪ بهترين عڪاسي ڪندڙ ڪهاڻين ۾ ليکي وڃي ٿي. جنهن ۾ سچ ذريعي قومي ڏوهن تان پردو کنيو ويو آهي. چاڪاڻ ته هتي تحقيق جو مقصد ون يونٽ سان لاڳاپيل ڪهاڻين کي اجاگر ڪرڻ آهي ته رسول بخش پليجي جي ڪهاڻي ’سچ جو ڏينهن‘ هڪ اهم حيثيت جي حامل ڪهاڻي آهي.

## 5.4.8. ڪهاڻي ’هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا‘

ون يونٽ خلاف جن سنڌي ڪهاڻيڪارن تمام گهڻو ۽ مزاحمتي انداز سان لکيو. انهن ۾ امر جليل جو شمار نهايت مٿاهين درجي تي آهي. امر جليل جي ڪهاڻي ’هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا‘ ون يونٽ ۾ دؤران انهن حالتن جي چٽي عڪاسي ڪري ٿي، جيڪي سنڌ ۾ جاري هئا. ڪهڙي ريت ماڻهن کي سوڙهو ڪيو پئي ويو. ڪهڙي طرح ملڪ جي سلامتيءَ لاءِ جوڙيل ادارا ڪم ڪري رهيا هئا. هيءَ ڪهاڻيءَ انهن سڀني معاملن جي اڳيان هڪ سواليه نشان جيان بيٺل آهي. امر جليل ڪهاڻي ’هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا‘ ستر جي ڏهاڪي ۾ لکي؛ بعد ۾ هن جي ڪهاڻين جي مجموعي ’رني ڪوٽ جو خزانو‘ ۾ شائع ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ ون يونٽ جو تمام گهڻو ذڪر ملي ٿو. ون يونٽ، جنهن ۾ عام سنڌي ماڻهن ۾ هڪ پاسي شعور اچي رهيو هو ته ٻئي طرف انهن جي رستا روڪ ڪئي پئي وئي. هيءَ ڪهاڻيءَ هڪ اهڙي سنڌي ماڻهو جي چوڏاري ڦري ٿي، جيڪي حساس ادارن ۾ ڪم ته ڪري ٿو، پر هن جا آفيسر، جيڪي غير سنڌي آهن. سندس ڪم مان

مطمئن نه ٿا ٿين. ايتري تائين جو پٽين تي نعرا ڪير ٿو لکي؟ هن کي ڳولهڻ لاءِ چيو وڃي ٿو. ڪهاڻيءَ جو انجام تمام گهڻو ڇرڪائيندڙ آهي. ان کان اڳ جو انجام بابت اجا وڌيڪ ڪجهه لکجي. ڪهاڻيءَ جي ابتدا وارا جملا اتارجن ٿا: "مان فرشتي جو انتظار ڪري رهيو هوس. اُهو فرشتو ڪا آسماني مخلوق نه هو. هو اسان وانگر حرڪتَ مان برڪت ۾ آيو هو ۽ ماڻهو، ماڻهوءَ جو پُٽ هو. فرشتو سندس نالو به نه هو. مان جنهن کاتي ۾ نوڪري ڪندو آهيان، تنهن ۾ جيڪو وڌيڪ چست ۽ برجستو هوندو آهي، تنهنکي فرشتو سڏيو ويندو آهي." ڪهاڻيءَ جي ابتدائي سٽن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته اهو ڪهڙو کاتو آهي، جنهن ۾ ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار ڪم ڪري ٿو. اڳتي هلي. ون يونٽ جو پڻ ذڪر اچي ٿو، جيئن: "ابوجهل قسم جي سياستدانن ون يونٽ ٽاهڻ جو تاريخي ڏوهه ڪيو آهي! پر پوءِ پاڪي سمجهايو هوم، ته مونکي جيئن ته پنهنجي ڪٽنب جو بار ڪڍڻ لاءِ نه پرمٽ آهي ۽ نه پروانو، تنهنڪري مونکي مملڪت خدا داد، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي بقا جو بار کڻڻو پوندو ۽ پنهنجي ڪٽنب جو پيٽ پالڻو پوندو. تنهنڪري، گذريل چوويهه سالن کان ملڪ جي يڪجهتي ۽ سالميت جو بار مون پنهنجن ڪلهن تي کنيو آهي، جنهن جي عيوض مونکي هڪ سوپنجهتر رپيا ۽ پنجهتر پيسا پگهار ۾ ملندا آهن" ون يونٽ بابت سنڌي ماڻهن جو ڪروڌ ۽ ڪاوڙ ڪهاڻيءَ جي شروعاتي جملي ۾ ئي لڳائي سگهجي ٿي. "ابوجهل قسم جي سياستدانن" يعني سنڌ جي سياستدانن جو ڏوهه جي تشبيهه دين اسلام جي هڪ ڪٽر مخالف، جنهن کي تاريخ ۾ 'جاهلن جو پيءُ' ڪري مڃيو ويندو هو – سان ڪئي وئي آهي. سٽن ۾ اهو پڻ ملي ٿو ته نوڪري ڪرڻ جوڳي ناهي، پر صرف خاندان جي پيٽ گذران لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪيو پئي وي. جنهن لاءِ ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار پاڻ کي سمجهائي پڻ ٿو.

اڳتي هلي ڪهاڻي 'هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا' ۾ ون يونٽ خلاف ٿيندڙ تحريڪ کي ڪجهه هن طرح بيان ڪيو آهي. "ان ڏينهن شهر ۾ ٻه- ٽي جلوس نڪتا هئا. ٻن- ٽين هنڌن تي اسٽرائيڪون ٿيون هون، پٿربازي ٿي هئي ۽ باهين لڳڻ جا واقعا ٿيا هئا. ڪجهه شاگرد ٻڪ هڙتال تي ويٺا هئا. شام جو پڪي قلعي، ڪچي قلعي ۽ لطيف آباد ۾ جلسا ٿيڻا هئا. اهو ڏوُر ون يونٽ خلاف ٻرندڙ جبل وانگر پچرندڙ ۽ ڪامندڙ ڏوُر هو. اسانکي گهڙيال جي ڪانٽن وانگر چوويهه ڪلاڪ ڪم ڪرڻو پوندو هو. پر تنهن هوندي به مٿان فون تي فون پئي ايندي هئي ته سنڌ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي! ايڏو گوڙ، ايڏو گهمسان ڇا جو آهي، جو سموري اولهندي پاڪستان ۾ ٻئي ڪنهن صوبي جو آواز ٻڌڻ ۾ نه ٿو اچي." ڪهاڻيءَ ۾ شهر جي حالتن جي جو ذڪر ڪيو ويو آهي ته ڪهڙي طرح شهر وڳوڙن جي ور چڙهيل آهي. شهر جي علائقن جي نالن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهو حيدرآباد جو شهر ئي آهي. ايترو پڻ ٻڌايو ويو آهي ته اهو ڏوُر نهايت خراب هو. خراب مان مطلب حالتون خراب هيون. ماڻهو ون يونٽ جي خلاف هئا. سنڌي سماج جبل جيان پچري ڪامي رهيو هو. ان ۾ لاڳاپيل اداري ۾ ڪم ڪندڙ ڪهاڻيءَ جو ڪردار ضمير واحد متڪلم جي صورت ۾ بيان ڪري ٿو ته هن کي گهڙيال وانگر 24 ڪلاڪ ڪم ڪرڻو پئجي رهيو آهي. ان هوندي به مٿان کان بار بار فون اچن پيون ته باقي صوبن ۾ ته ڪجهه به ناهي. سنڌ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟

ڪهاڻيءَ جو ڪلائمڪس ان وقت شروع ٿئي ٿو، جڏهن مرڪزي ڪردار کي حڪم ڪيو وڃي ٿو ته هو ديوارن تي لکيل ون يونٽ خلاف نعرن جي باري ۾ معلوم ڪري ته اهو ڪير ٿو لکي. ساڳي وقت تي جيڪو آفيسر حڪم ڪري ٿو اهو هي هدايتون پڻ ڏئي ٿو ته ون يونٽ خلاف ڪجهه به برداشت نه ڪيو ويندو. ڇاڪاڻ ته ون يونٽ ۾ ئي ملڪ جي سلامتي آهي. هاڻي ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار ان ماڻهو جي ڳولها ۾ نڪري ٿو، جنهن بابت هي ڪهاڻي گهڙي وئي آهي. يعني 'هڪ خطرناڪ سنڌ پرست' هن کي ڪهڙي طرح احڪامات جاري ٿين ٿا. ڪهڙي نموني سان هن کي ٻڌايو پيو وڃي ته پٽين تي ڇا لکيل هوندو آهي. "اوئي ڦٽي منهه!" ٻڍيءَ چيو، "انهن نالن جي وچ ۾ لکيل هوندو آهي- ون يونٽ مڙده باد- ون يونٽ ختم ڪريو". "ون يونٽ کي ختم ڪريو"! "ها، ون يونٽ کي ختم ڪريو." ٻڍي چيو، "پاڪستان جي سالميت ون يونٽ ۾ آهي، جيڪو شخص ون يونٽ جي خلاف آهي، سو پاڪستان جي خلاف آهي، پاڪستان جو دشمن آهي. هي ملڪ اسلام جي نالي ۾ ورتو ويو آهي، تنهنڪري اسين سڀئي اسلامي اخوت ۾ ٻڌل آهيون. اسين هڪ مذهب جي

ٻنڌڻ ۾ ٻڌل آهيون. صوبن جو بحال ٿيڻ ڪفر آهي.“ ان وقت جي سرڪار ون يونٽ جي لاءِ ڪهڙي طرح ڪم ڪري رهي هئي. ڪهاڻيءَ جي مٿين جملن مان ان جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. ڪهڙي ريت پنهنجي مفادن ڪي ملڪ، قوم آخر ۾ مذهب سان جوڙيو پئي ويو. پاڪستان جي تاريخ ۾ اهو دؤر ۽ اهڙيون حرڪتون پڪ سان بدترين حالتن جي نشاندهي ڪندي ملن ٿيون. ڪهاڻيءَ ۾ هن جملي جو هجڻ ڪيتري نه ڳنڀيرتا جو ڪارڻ آهي ته ’صوبن جو بحال ٿيڻ ڪفر آهي.‘ جڏهن حالتون ان نهج تي پهچي وڃن ته اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته توهان جي مٿان مڙهيل هي نظام ڇا ٿو چاهي؟ امر جليل، انهن سڀني ڳالهين کي نهايت بي باڪيءَ جي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. اڳتي هلي ڀتين تي لکيل انهن نعرن بابت حساس ادارن جو هڪ آفيسر ڳالهائي ٿو ته ”ويچارا منسپالٽيءَ وارا ”ون يونٽ مرده باد“ جي نعري تي روز پوچي ڦيرائيندا آهن پر ڪو خطرناڪ سنڌ پرست انقلابي راتو واهه پيهر ون يونٽ خلاف نعرو لکي ٿو وڃي.“

چيم، ”اها نهايت افسوس جي ڳالهه آهي.“

ساڳي لهجي ۾ چيائين، ”توکي اُهو خطرناڪ، تخريبڪار ۽ پاڪستان جو غدار ڳولڻو پوندو. جيستائين ان باغيءَ کي هٿ نه ڪندين، تيستائين سمجهه ته نوڪري خطري ۾ اٿئي. صبح تائين جيڪڏهن ان بدمعاش کي گرفتار نه ڪري سگهين، ته پوءِ ياد رک، تنهنجي بدلي لورالائي ڪرائي ڇڏيندس.“ آفيسر جي نوڪريءَ بابت سنجيده ڌمڪيءَ کانپوءِ ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار رات جو انتظار ڪري ٿو. ساڳي وقت هو پنهنجي وڏي آفيسر جي اڳيان اهو دليل پڻ رکي ٿو ته ون يونٽ جي نعري تي ايڏي ڪاوڙ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ جڏهن ته ڀتين تي هزارين نعرا لکيل هوندا آهن. يار فرشتا، ليڊي ڊفرن اسپتال جي ڀت تي هزارين نعرا لکيل آهن. ڊپٽي صاحب ”ون يونٽ مرده باد“ تي ڇو اچي مچريو آهي.“ هن کي جواب ملي ٿو ته ”ڇو جو اهو نعرو ملڪ ۽ ملت جي خلاف آهي.“ آفيسرن جي اهڙين سخت هدايتن کانپوءِ ان هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولها شروع ٿي وڃي ٿي. جيڪو رات پيٺ ۾ ڀتين تي ون يونٽ جي خلاف نعرا لکي ٿو. ڪهاڻيءَ مان اهو پڻ اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ون يونٽ بابت ان وقت جي سرڪار ڪيتري حساس آهي. ايتري حد تائين جو ڀت تي لکيل نعرا به برداشت نه پيا ٿين. انهن ماڻهن کي سنڌ پرست، خطرناڪ ۽ غدار، ايتري تائين جو ڪافر چيو پيو وڃي، جيڪي ڪنهن به صورت ۾ ون يونٽ جي خلاف آهن. ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا ۾ نڪري پوي ٿو. ”مان سنڌ پرست جي ڳولا ۾ نڪري پيس. مون سڀ کان اڳ ليڊي ڊفرن اسپتال جي ڀت جو جائزو ورتو. برابر، برباد جواني ۽ سوشلزم مرده باد جي وچ ۾ لکيل هو، ”ون يونٽ ختم ڪريو.“ هنن سٽن ۾ جتي ون يونٽ کي هر ممڪن حد تائين خطرناڪ قرار ڏنو پيو وئي. اتي سماج جي ٻين پاسن باري ۾ لکيو ويو آهي. جنهن ۾ جڏهن سوشلزم خلاف نعرا لکيل آهن ته اهي ٺيڪ آهن، باقي جيڪڏهن ون يونٽ خلاف ڪجهه لکيل آهي ته ان کي غداريءَ جي لسٽ ۾آڻي پڪڙڻ لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن. جنهن لاءِ لاڳاپيل ملازم کي ٻئي صوبي ۾ بدليءَ جي ڌمڪي پڻ ڏني وئي آهي. هڪ ملازم ماڻهو پنهنجي نوڪريءَ لاءِ ڪيترو پريشان رهي ٿو. ان جو اندازو هن جي ڪوشش مان لڳئي سگهجي ٿو. هو ڪهڙي ريت ان هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا ۾ نڪري ٿو. ان جاءِ تي پهچي گهڙي کن مايوسيءَ جو شڪار ٿي سوچي ٿو ته ”ڪجهه دير لاءِ ائين محسوس ڪيم، ته رات جا اٺ پهر اُڏامي ويندا ، پر خطر ناڪ سنڌ پرست باغي هٿ نه ايندو ۽ صبح جو ڊپٽي صاحب منهنجي بدلي لورالائيءَ ڏانهن ڪرائي ڇڏيندو. مان دل ۾ ون يونٽ، سنڌ پرست باغيءَ ۽ ڊپٽي کي پاراتا ڏيندو رهيس.“

ڪهاڻي اڳتي وڌي ٿي ڪلائمڪس مٿاهين نڪتي تي پهچي ٿو. هنن جملن مان ان جو احساس ڪري سگهجي ٿو: ”هڪ دم پاڇي جي سنوت ۾ هليو ويس. ٻڙ وٽ بيهي ڏانهس ڏٺم. هڪ ڦاٽل پُراڻن ڪپڙن وارو ملنگ پٽ وٽ گودڙي وڇائي ليٽي پيو. سوچيم. هيءَ ئي اُهو سنڌ پرست باغي آهي. روپ بدلائي آيو آهي، ۽ اڄ رات جو ڀت تي ون يونٽ خلاف نعرو لکي ڀڄي ويندو. مان سندس پرسان وڃي بيٺس. هن مونڏانهن اک کڻي به نه نهاريو. مان سندس پرسان ويهي رهيس. ڪيس کوٽڻ لاءِ چيم، ”ون يونٽ به وڏي لعنت آهي. اسانکي بي گهر ڪيو اٿائين.“ پڇيائين، ”ون يونٽ

چاهي؟“ وراڻيم، ”سالميت جي نالي ۾ پاڪستان جو بيڙو ٻوڙڻ واري.“ ڪهاڻيءَ جي هنن جملن ۾ جتي ون يونٽ خلاف امر جليل جي اهي سٿون هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪردار جي عين مطابق آهن. اتي هڪ حساس ليکڪ جي حيثيت ۾ هو پنهنجا فرض به نڀائي پيو. هن جي سچ جي پيشڪش کهڙي ريت آهي. اها هن ڪهاڻيءَ ۾ بخوبي ڏسي سگهجي ٿي. ”ون يونٽ وڏي لعنت آهي.“ بظاهر ته هڪ اهڙي ڪردار جي واتان ڳالهارايو ويو آهي، جيڪو هڪ حساس اداري ۾ آپريٽ ڪري ٿو. هن کي اهو ماڻهو پڪڙڻو آهي، جيڪو پٽين تي ون يونٽ خلاف لکي ٿو، پر ڪهاڻيءَ ۾ اها هڪ سٺ سچي صورتحال جي منظرڪشي پڻ ڪري ٿي. ڪهاڻيءِ جي آخر نهايت خطرناڪ آهي. هن ۾ اسان کي ’پلاٽ ٽويسٽ‘ پڻ نظر اچي ٿو. کهڙي ريت ڪهاڻيڪار، آخر ۾ پڙهندڙن کان چرڪ ڪيرائي ڇڏي ٿو. ڪلائمڪس جي آخري نڪتي تي پهچڻ کانپوءِ پڄاڻي ڪجهه هن طرح آهي ته جنهن ۾ فڪري طور سنڌي ماڻهن جي ون يونٽ کان نفرت جو عنصر به چٽو ٿي سامهون اچي ٿي. ”اميد جي تند ٽٽڻ لڳي. لورالائي ڏانهن بدلي ٿيڻ جي پڪ ٿيندي ويئي. سوچيم گهر موٽي وڃان. زال ۽ ٻارن کي لورالائي ءَ ڏانهن ڪوچ ڪرڻ جواطلاح ڏيان . اُتي بيهڻ بيڪار پانيم. موٽڻ لاءِ مُڙيس. وڃڻ کان اڳ هڪ دفعو پٽ ڏانهن ڏسڻ جو خيال جا ڳي اُٿيو. منهن ورائي پٽ ڏانهن ڏٺو. منهنجي حيرت جي حد نه رهي. هڪ ڊينڊو شخص پٽ تي ڪجهه لکي رهيو هو. مان پير پير ۾ ڪٽندو، آهستي آهستي هلندو، سندس پٺيان وڃي بيٺس. هنجي مون ڏانهن پٺي هئي . قدبت مان هو ڇوڪراٽ پئي لڳو. هو پٽ تي لکي رهيو هو – ون يونٽ مرده باد . مون وڏي سندس ڪنڌ تي مُڪ وهائي ڪڍي. هو ڦيري کائي فٽ پاٿ تي ڪري پيو. ٽيوب لائيٽ جي روشني ءَ ۾ ڏانهس ڏٺم. هو منهنجو ٽيون نمبر پٽ حاجن هو.“

هتي اها ڳالهه ڀيهر ورجائجي ٿي ته ڪهاڻيءَ ۾ جهڙي ريت سنڌي ماڻهن جي ون يونٽ جي ناانصافيءَ تي ٻڌل نظم خلاف نفرت جو اسڪيل هو. اهو سنڌ جي تاريخ ۾ ورلي ملندو. جيتوڻيڪ، ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار هڪ حساس اداري ۾ ڪم ڪندڙ ملازم آهي. جنهن جو ڪم ون يونٽ خلاف ڪم ڪندڙن ماڻهن کي پڪڙڻ آهي، پر هن جي گهر ۾ به سنڌيت جاڳي پئي. سنڌ سان محبت ۾ ون يونٽ خلاف شديد نفرت سمايل آهي. انهيءَ جو ثبوت هن جو ٽيون پٽ آهي. جنهن ديوارن تي ون يونٽ خلاف نعرا پئي لکيا. ڪهاڻيءَ ۾ اڳتي ڇا ٿيو. اهو امر جليل جهڙي ڪمال آرٽسٽ لاءِ لکڻ ضروري نه هو. هتي فقط اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته ون يونٽ جي خلاف سنڌ جي هر عام ماڻهو وٽ ان خلاف نفرت سمايل هئي. سواءِ ڪجهه مفاد پرستن ماڻهن جي جن جي ڪري سنڌ جي مٿان ون يونٽ جي صورت ۾ مصبيت نازل ڪئي وئي. جنهن جي پوڄنا اڄ به پوڄيون پيا. (جليل، 2007)

## 5.4.9. ماڻڪ جون ٻه ڪهاڻيون

**1. ’شيرو‘**

**2. ’شاه لطيف، هٿڪڙيون ۽ رسو‘**

### 5.4.9.1. ڪهاڻي ’شيرو‘

منير احمد ’ماڻڪ‘ جي ڪهاڻي ’شيرو‘ سال 1973 ۾ ’عظيم سنڌي ڪهاڻيون‘ نالي ڪتاب ۾ شائع ٿي. هن ڪتاب جو مرتب نبي بخش کوسو هو. ڪتاب ۾ ماڻڪ جون ٻه ڪهاڻيون، ون يونٽ جي پسمنظر ۾ شائع ٿيون. ڪهاڻين مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ان وقت جو سنڌي ڪهاڻيڪار کهڙي ريت حالتن کان باخبر هو. ڪهاڻي ’شيرو‘ ۾ مرڪزي ڪردار شيروءَ جي نالي سان هڪ شاگردن اڳواڻ آهي، جيڪو يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن جي حقن لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهي ٿو. ڪهاڻيءَ جي شروعات ۾ جتي شيروءَ جي حليي بابت ٻڌايو ويو آهي. اتي اهو پڻ ته هو جڏهن ضمير واحد متڪلم جي صورت ۾ گهڙيل ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ کان هن جي ذات پڇي ٿو ته جواب ۾ ٻڌايو وڃيس ٿو ته ”مان ميمڻ آهيان“ جنهن تي شيرو، سخت ناپسند جو اظهار ڪندي منهن گهنجائي چوي ٿو ته

”اڙي، سنڌي ڇئو سنڌي آهيون نه.“ هو وڌيڪ ڳالهائي ٿو: ”ٻڌ! منهنجا سڄڻ مان پاڻ سنڌي آهيان. منهنجو نالو شير محمد آهي. عام طور مونکي شيرو سڏيندا آهن. اڄ رات اسان 7 نمبر ڪمري ۾ سنڌي شاگردن جي هڪ ميٽنگ رکي آهي. تون اتي اچجان.“ اهو چئي شيرو روانو ٿي وڃي ٿو. ضمير واحد متڪلم جي صورت ۾ ڪردار کي ياد پوي ٿو ته جڏهن هو داخلا وٺي رهيا هئا ته ڪجهه شاگرد، هڪ همراهه ڏانهن اشارو ڪندي چون پيا ته ”خوشقسمت آهن، داخلا وٺڻ وارا شاگرد جيڪي سڄو سال شيرو جي سنگت ۾ گذاريندا.“

رات جو سڀ سنڌي شاگرد شيروءَ جي ستين نمبر ڪمري ۾ گڏ ٿين ٿا. جتي شيرو تقرير ڪندي چئي ٿو ته ”اسان سنڌي هتي پاڻ ۾ گڏ ٿيا آهيون. ان لاءِ ته هنن چوڌرين (هڪ ڪچي گار ڏيندي) اسان جا لاهه ڪڍي ڇڏيا آهن. اسلام جي نالي ته هو اسان جا حق غضب ڪن پيا. جيڪڏهن اسان پاڻ ۾ وڙهنداسين. ڇغليون هڻنداسين ته ٻڌي به نه ڪنداسين ته اسان جو وجود ختم ٿي ويندو.“

ماڻڪ پنهنجي ڪهاڻي ’شيرو‘ ۾ اڳتي لکي ٿو ته اها ميٽنگ زبردست نموني ڪامياب ٿي. شاگردن پنهنجي پڙهائيءَ ۾ مصروف ٿي ويا. اڪثر رات جو جڏهن سڀ شاگرد مطالعي ۾ مصروف هوندا هئا ته شيروءَ جي ڪمري مان ’جيئي سنڌ‘ جو نعرو ٻڌڻ ۾ ايندو ۽ جنهن تي شاگرد پرتپاڪ نموني ان نعري جو جواب ڏيندا هئا.

شيروءَ جي يونيورسٽيءَ ۾ ڏاڪ ڪئين ويٺي؟ ان لاءِ ڪهاڻيءَ ۾ لکيو ويو آهي ته يونيورسٽيءَ جي پهرين سال صرف ان ڪري فيل ڪريو ويو ته هن ڪلاس ۾ موجود استاد کي انگريزيءَ ۾ جواب اهو چئي نه ڏنو ته هن کي انگريزي ڪونه ايندي. ڳالهائيندو ته شاگردن کلندا. جنهن تي پنجاب مان آيل ليڪچرار هن کي اردوءُ ۾ جواب ڏين لاءِ چيو جنهن تي شيروءَ، سڌو انڪار ڪندي چيو ته هو ڪڏهن به ڌاري ٻوليءَ ۾ سوال جو جواب نه ڏيندو. هو فقط سنڌي ڳالهائيندو، جنهن کي سمجهڻو آهي اهو سنڌي سکي. جنهن تي استاد ڪاوڙ ۾ ڪلاس ڇڏي هليو ويو. شيروءَ کي هڪ سال لاءِ پوئتي ڪيو ويو، پر ان ڳالهه کان شيروءَ جي بهادريءَ جا چرچا عام جام ٿي ويا.

هڪ پيري ڪاليج ۾ شاگرد يونين جو پروگرام ٿيو. جنهن ۾ شاگردن عهديدارن کي قسم کڻائڻ جي تقريب ۾ رٿيل هئي. هال ۾ شيرو به موجود هو. جنهن وڏي آواز ۾ ’جيئي سنڌ‘ جا نعرا پئي هنيا. قسم کڻن جي تقريب انگريزيءَ ۾ شروع ٿي ته شيرو، باهوڙجي ويو. قسم کڻن واري کي چوڻ لڳو ته ”بيغيرت، سنڌي هوندي تون ڌاري ٻوليءَ ۾ قسم چو ٿو کڻين.“ جنهن تي ڪاليج جي پرنسيپال مداخلت ڪندي شيروءَ کي روڪيو ته هو ائين نه ڪري. هن جي ائين ڪرڻ سا ڪاليج جو انتظام خراب ٿئي ٿو. شيرو نه ٿو مڙي ٻيا شاگرد به شيروءَ جي پاسي بيهي ڪاليج انتظاميه خلاف نعري بازي ڪن ٿا. تان جو پوليس کي گهرايو ويو. جنهن شاگردن تي لٺبازي ڪئي. آخر ۾ شيروءَ کي گرفتار ڪيو وڃي ٿو.

ڪهاڻيءَ جي آخري منظر ۾ شاگردن کي شيروءَ جي ستين نمبر ڪمري ۾ ويٺل ڏيکاري ويو آهي. جتي شاگردن ان عزم جو ورجاءُ ڪن ٿا ته جيڪڏهن شيرو جيل ۾ آهي ته ڇا ٿي پيو. هو ان جي مشن کي اڳتي وڌائيندا. (ڪوسو، 1973)

### 5.4.9.1.1. ڪهاڻي ’شيرو‘ تي تبصرو

منير احمد ماڻڪ جي ڪهاڻي ’شيرو‘ بنيادي طور هڪ اهڙي ڪردار جي چوڌاري ڦري ٿي. جيڪو سماج جو ارڏو ۽ باغي ڪردار آهي. هن جي دل ۾ سنڌ ڌرتيءَ لاءِ بي انتها محبت موجود رهي ٿي. ظاهر ۾ ته هو هڪ ڪاليجي ڇوڪرو آهي، پر هن جا خيال ۽ احساس نهايت مٿاهان آهن.

ڪهاڻي ’شيرو‘ ۾ جن حالتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اهي ون يونٽ جي پيدوار آهن. جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ ماڻهن کي سوڙهو ڪيو ويو هو. اهڙين حالتن شيروءَ جهڙو ڪردار ’نعرا نينهن‘ جيان ٿي اڀري ٿو. شيرو نه صرف سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ڳالهه پيو ڪري پر عملي طور ميدان ۾ پڻ لٿل آهي. جنهن لاءِ ڪهاڻي ’شيرو‘ ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته آخر ۾ جيل هليو وڃي ٿو.

ون يونٽ جي حالتن بابت جڏهن هاڻي سوچجي ٿو ته من ۾ مونجهه پيدا ٿئي ٿي. اهو پڻ ته ان زماني جي باشعور ماڻهن ڪيئن اهڙي دؤر خلاف بغاوت جو علم بلند ڪيو. سو واقعي به ڪمال آهي. حالتون جڏهن اهڙيون ٿي وڃن جو سنڌي ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ ڳالهائڻ کان نابري واري ويهن اتي شيروءَ جا ڪردار پيدا ٿيندا آهن. جن کي منير احمد مانڪ جهڙو ڪهاڻيڪار ئي بهتر انداز سان چٽي سگهي ٿو.

ڪهاڻي ’شيرو‘ ۾ هڪ منظر ۾ شيروءَ ياران استاد سان سنڌي ۾ ڳالهائڻ بابت بحث ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. برابر، هڪ حواليءَ سان اهي تمام گهٽا سخت لفظ آهن، پر ساڳي وقت زيادتين جو احساس ته سنڌ جي ڪاليجن ۾ ٻاهرين صوبن خصوصي طور پنجاب مان استاد گهرايا ويندا هئا، جيڪي سلسلو اڄ به جاري آهي. ٻاهرين ماڻهن جي اهڙي قسم جي يلغار جو سلسلو پڻ ون يونٽ ڪانپوءِ شروع ٿيو. ون يونٽ سنڌ ڏرتيءَ لاءِ ٻاهرين جي اهڙي نموني اچڻ ۾ مقامي ماڻهن جي حقن کائڻ جو سلسلو جيتوڻيڪ صديون پراڻو آهي، پر ماضي قريب ۾ ون يونٽ جي صورت ۾ جهڙي ريت، سنڌي قوم ۽ ٻوليءَ کي ختم ڪيو ويو. ’سنڌ‘ کي ’سابقه سنڌ‘ سڏيو. اهي اهڙي ڳالهيون آهن، جيڪي هيترا سال گذرڻ جي باوجود ڪو فرق نه آيو آهي. منير احمد مانڪ جي ڪهاڻي ’شيرو‘ ون يونٽ جي دؤر جي ڀرپور عڪاسي ڪندي نظر اچي ٿي.

## 5.4.9.2.ڪهاڻي ’شاه لطيف، هٿڪڙيون ۽ رسو‘

منير احمد مانڪ جي شروعاتي ڪهاڻين ۾ ’شاه لطيف، هٿڪڙيون ۽ رسو‘ به شامل هئي. هيءَ ڪهاڻيءَ هن جي شاگرديءَ واري زماني جي آهي. هي اهو دؤر هو جنهن ۾ ون يونٽ کي ختم ٿئي ڪجهه مهينا گذريا هئا. ون يونٽ جي ڏکن جا زخم اڃا تازا هئا. ايترو سو هو جو سنڌي ليکڪن کليل ريت پنهنجي اڌمن جو اظهار پئي ڪيو. ڪهاڻي ’شاه لطيف، هٿڪڙيون ۽ رسو‘ پڻ اهڙي قسم جي اظهار جو نمونو آهي.

ڪهاڻيءَ ۾ شروعاتي طور ٻن ڪردارن کي شاه لطيف جي شاعريءَ تي ڳالهائيندي ڏيکاريو ويو آهي. اهو پڻ ته هو بحث ۾ هڪ ٻئي کي قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ته ”شاه ڪو عام شاعر نه پر مزاحمتي فڪر سان ڀرپور هڪ انقلابي شاعر هو. جيڪو وقت جي نام نهاد مذهبي ٺيڪيدارن خلاف هو. دوست پاڻ ۾ ڳالهائن ٿا ته شاه لطيف جو دؤر نهايت ڏکيو زمانو هو. جنهن شاه، کهڙي ريت بغاوتون ڪيون، سنڌي شاعريءَ کي فارسيءَ جي ٻنڌڻن مان آزاد ڪرايو. اهو سڀ ان عظيم شخص جو ڪمال آهي.

ڪچهري هلندي هنن جي پر ۾ هڪ غير سنڌي هليي جو ماڻهو ويهي، هروڀرو هنن سان (ڪچهريءَ ۾ گهٽو ڳالهائيندڙ ظهير نالي ڪردار) سان فري ٿي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. منير احمد مانڪ پنهنجي ڪهاڻي ’شاه لطيف، هٿڪڙيون ۽ رسو‘ ۾ ان شخص جي هليي ۾ پاجامو، پان ۽ ٻولي وري خاص دهلوي يا لکنوي لهجو پڻ لکيو آهي. اهو غير سنڌي شخص، انهن نوجوانن جي ويجهو اچي هنن کان شاه لطيف بابت معلوم ڪرڻ چاهي ٿو. جنهن تي هو هن کي ٻڌائن ٿا ته لطيف، سنڌي ٻوليءَ جو وڏو شاعر آهي. جنهن سنڌي ماڻهن ۾ مزاحمت جي حس بيدار ڪئي آهي. اهو غير سنڌي ماڻهو تجسس مان انهن نوجوان دوستن کان وڌيڪ لطيف جي باري ۾ معلوم ڪرڻ چاهي ٿو. پر هو ڏڪار سان ان کان پري ٿي وڃن ٿا. اتي انهن مان هڪ دوست ان خدشي جو پڻ اظهار ڪري ٿو ته ڪٿي هي شخص سي. آءِ. ڊي. جو ماڻهو ته ناهي؟

ڪهاڻي ’شاه لطيف، هٿڪڙيون ۽ رسو‘ جي آخري منظرن ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته ظهير نالي ڪردار جڏهن ٻئي ڏينهن تي آفيس وڃي ٿو ته اتي پوليسوارا پهچي وڃن ٿا. هو اتي ظهير جي پڇا ڪن ٿا. ظهير جي ملڻ تي هنن وٽ هڪ ڪاغذ آهي، جنهن تي شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو نالو لکيل آهي ۽ هو ظهير کان ان جي ائڊريس معلوم ڪرڻ چاهين ٿا. هن کي اهو پڻ ٻڌائن ٿا ته هي شخص يعني شاه لطيف، رياست جي خلاف باغيانه شاعريءَ ڪرڻ جي ڪري سنڌن کي گهربل آهي. ان موقعي تي ظهير خاموش ٿي جڏهن ڀتين ڏانهن نهارڻ شروع ڪري ٿو ته هن کي اتي قائد اعظم محمد علي جناح جي مسڪرائيندڙ تصوير نظر اچي ٿي. ان جي پر ۾ لياقت علي خان جو فوٽو آهي،

جنهن ۾ هو مک ڏيکاري رهيو آهي. انهن تصويرن جي هيٺيان هو تصور جي دنيا ۾ ڏسي ٿو ته شاه لطيف هٽڪڙين ۾ رسي سان ٻڌل بيٺو آهي. اهو تصوراتي منظر ڏسي هو پريشان ٿي وڃي ٿو ۽ پوليس جي صوبيدار پاران هن کي ڏنل ڪاغذ، اهو ڇئي واپس ڪري ٿو ته هن کي شاه لطيف جي ائڊرس جي خبر ناهي.

## 3.4.9.1. ڪهاڻي ’شاه لطيف، هٿڪڙيون ۽ رسو‘ تي تبصرو

منير احمد مانڪ جي ڪهاڻي ’شاه لطيف، هٿڪڙيون ۽ رسو‘ هڪ خيالي ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ هن جي سنڌي ماڻهن جي ان سوچ جو اپٽار ٿيل آهي، جنهن ۾ بغاوت ۽ مزاحمت سمايل آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ڪٿي به سڌي ريت ون يونٽ جو ذڪر ڪيل ناهي، پر حالتن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌي ماڻهن کي اهڙي طرح ون يونٽ ۾ سوڙهو ڪيو ويو هو. جنهن ۾ غير سنڌي ماڻهو، هنن جي هيروز کي صرف سڃاڻن ڪونه ٿا، پر انهن جي پڪڙڻ لاءِ پڻ ڪوششون وٺن ٿا. ان لاءِ رياست جو ڪردار پڻ ظاهر ڪيو ويو آهي ته ڪهڙي ريت سنڌي ماڻهن خلاف ان دؤر ۾ ڪاتا ڪهاڙا ڪنيا ويا هئا.

منير احمد مانڪ جي هن ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندڙن کي اهو پيغام پڻ ڏنو ويو آهي ته هو شاه کي عام شاعرن جي يا پيرن جي لسٽ ۾ نه سمجهن. ان لاءِ قوم پرستيءَ تي ٻڌل هڪ شاندار پيغام پڻ وضاحت سان هن صورت ۾ ڏنل آهي ته ”شاه صوفي ازم، مابعد طبيعات جي رجعت پسند نظرين مان ڪين هو. هو جديد بنيادن تي قوم کي سجاڳ ڪرڻ وارو شخص هو.“ مانڪ جي ڪهاڻيءَ ۾ موجود انهن مڪالمن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته ڪهاڻيڪار، شاه کي جديد فڪر جو امين سمجهي ٿو. جنهن فڪر خلاف اڄ به ذرتي تنگ ڪئي وئي. انهيءَ تنگيءَ جو هڪ وڏو مثال ون يونٽ ئي آهي. جنهن ۾ سنڌي ماڻهن جي هر سطح تي رستا روڪ ڪئي وئي. جنهن جمود کي ان دؤر جي ڪهاڻيڪارن نه صرف ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر بهادريءَ سان پنهنجو ڪيس ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ سامهون پڻ رکيو آهي. ون يونٽ جي ڳنڀير حالتن کي سمجهڻ لاءِ منير احمد مانڪ جي ’شاه لطيف، هٿڪڙيون ۽ رسو‘ اونداهين ۾ روشنائيءَ مثل آهي. (ڪوسو، 1973: 134)

## 5.4.10. ون يونٽ: ڪجهه ٻيون ڪهاڻيون

ون يونٽ خلاف ٻين ڪهاڻيڪارن پڻ پاڻ ملهايو. ڇاڪاڻ ته سنڌ جو باشعور طبقو اها ڳالهه چڱي ريت سمجهي پيو ته اهڙي قهري نظام سان سنڌ جي وحدانيت کي خطرو آهي. ون يونٽ جي خلاف ۾ ان کي ظاهر ڪرڻ ۾ اياز قادريءَ جي ڪهاڻي ’آخري سبق‘، شمير الحيدريءَ جي ’پورس جا هاٿي‘، حفيظ شيخ جي ڪهاڻي ’اڇو ته گهر اڏيون‘ ع.ق. شيخ جي ’حيدرآباد‘، ثميره زرين جي ’وطن‘، محمد دائود بلوچ جي ڪهاڻي ’آزاديءَ جو ڏينهن‘، محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو ’ڪونڊير‘، امر جليل جي ڪهاڻي ’وري برف ۾ ملنداسين ۽ ٿيون وجود‘ نجم عباسيءَ جون ڪهاڻيون ’ايڏا سور سهي ۽ ڪوڙڪي‘ طارق اشرف جي ’ڦرلٽ‘ وغيره. شامل آهن، هنن ڪهاڻين ۾ چٽر جي انداز ۾ ون يونٽ خلاف لکيو ويو آهي. غلام رباني آگري، حفيظ شيخ جي ون يونٽ جي خلاف ڪهاڻين بابت لکيو هو ته ”حفيظ اڄا ڪراچي ۾ هو تـ ون يونٽ ٺهيو هو جنهن تي هن طنزيه افسانو لکيو ان جو مرڪزي خيال هو، ”اڇو ته گهر اڏيون“ ڏاڍو سٺو افسانو لکيو هئائين.“ (آگرو، 1997) حفيظ شيخ سان گڏ وري به نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي ’به خبرون‘ جو تذڪرو ڪرڻ ضروري آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ نجم عباسيءَ هڪ اهڙي شخص جو درد بيان ڪيو آهي، جنهن ۾ ان همراهه جو ايڪلو پٽ پنڻ اغوا ڪري وڃن ٿا. هو ان ڪردار جي پيڙا کي بيان ڪندي لکي ٿو ته ”اهڙا واقعا اڳي بـ ٿيندا هئا پر پاڪستان ۾ خاص ڪري ون يونٽ ٺهڻ ڪانپوءِ هن درندگيءَ جا دروازا کلي پيا آهن. ٻين پرڳڻن وارن کي هتي عام جام اچڻ ۽ واپار ۽ ٺيڪيداري ڪرڻ جي کلي موڪل ملي ويئي آهي اڳي سامان واريون ٽرڪون صرف پنهنجي پرڳڻي ۾ هلي سگهنديون هيون، پر هاڻي ون يونٽ اها روڪ ٽوڪ ختم ٿي ويئي آهي ۽ ٽرڪون ڪراچي کان پشاور تائين بنا ڪنهن بندش جي اچي وڃي سگهن ٿيون.“

(عباسي، 1977: 02) ڪهاڻيءَ ۾ اڪيلي پٽ جو پيءُ سوچي ٿو ته هي ڪهڙو نظام آهي، جنهن ۾ ثمرات ۾ هن سڪيلڊو پٽ اغوا ٿي ويو آهي ۽ اهو ان سلسلي ۾ پڇي به نه ٿو سگهي.
ائين به نه هو ته ان وقت جي ڪهاڻيڪارن رڳو ون يونٽ جي خلاف ئي لکيو، پر اهڙي جبري نظام جي لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ سماج ۾ جيڪي ناانصافيون شروع ٿيون؛ ان تي پڻ عمومي ادب ۽ خصوصي طور ڪهاڻيون سرجيون ويون. ڪهاڻين جا پلاٽ اهڙي قسم جا ڪنيا ويا، جن مان اندازو ڪري سگهجي پيو ته ون يونٽ جي اسڪيم ڪنهن لحاظ کان به سنڌ جي حق ۾ ناهي. سوڀي گيانچنداڻيءَ لکيو ته ”سنڌ ۾ 1954 کانپوءِ مزاحمتي ادب پيدا ٿيو.“ (گاڏهي، 2004) هن صورتحال کي هن ريت به ڏسي سگهجي پيو ته جيڪڏهن دنيا جو مظلوم ماڻهو گڏ ٿين ته هو گڏيل جدوجهد ذريعي پنهجا مقصد حاصل ڪري سگهن ٿا. ان سلسلي ۾ رئوف نظاماڻي لکيو ته ”ون يونٽ نهڻ کان وٺي 1969 ۾ ون يونٽ ٽٽڻ تائين واري دؤر کي سنڌي ڪهاڻي ۾ قوم پرستي جي حوالي سان ڇاڻائي سگهجي ٿو .“ (پليجو، 1988)

## 5.5. چار مارچ جي نمائنده ڪهاڻي

### 5.5.1.ڪهاڻي ’وڃيو هئين ته ويهه‘

ڪهاڻي ’وڃيو هئين ته ويهه‘ سنڌ جي نامياري قومپرست اڳواڻ، وڪيل ۽ اديب رسول بخش پليجي جي ڪتاب ’پسي ڳاڙها گل‘ ۾ شامل آهي. هي ڪهاڻي سنڌ ۾ چار مارچ جي حوالي سان نمائنده ڪهاڻين منجهه شامل ٿئي ٿي. هيءَ ڪهاڻي سال 1973 ۾ ماهوار ’تحريڪ‘ ۾ پهريون ڀيرو شائع ٿي هئي. ڪهاڻيءَ ۾ ڪجهه سچا ڪردار پڻ شامل ڪيا ويا آهن. ڪهاڻيءَ جي شروعات جنهن سٽ سان ٿئي ٿي. ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته ڪهاڻيون ۾ ڪهڙيون حالتون بيان ڪيو ويون آهن. ”صبح جو سڄو شهر چڙ ڏينين جو منارو بڻجي ويو.“ هن ڪهاڻيءَ ۾ مکيه ڪردار پاڻ ڪهاڻيڪار ضمير متڪلم واحد جي صورت ۾ آهي. هو وڪالت ڪري ٿو. شهر جي خراب حالتن ۾ جڏهن ڪجهه نوجوان شاگردن جي ضمانت جا ڪاغذ ڪٽي جيل پهچي ٿو ته اتي هن جي ملاقات يوسف لغاريءَ (سچو ڪردار) سان ٿيو وڃي.”ڪلاڪ گذري ويو. اسين ڪاغذ پٽ تيار ڪرڻ ۾ لڳي وياسين. هڪڙو قيدي گهڙي آيو، اسان کان پاسيرو ٿي اچي بيٺو، اسان ڏانهن ڏسڻ بنا جيلر سان ڳالهائڻ لڳو. مون ٻي خياليءَ سان ڏانهس ڏٺو، ناهوڪو سنهڙو هلڪڙو نوجوان، ڦاٽل ڪپڙا، ڪنبريل وار، وڌيل ڏاڙهي، اُگهاڙا پير، نرم پرباوقار آواز، هن جهُڪي جيلر کي ڪجهه چيو پئي. اوچتو هن اسان ڏانهن لوٽو هنيو ۽ منهنجي دل جي ڌڙڪ بند ٿي وئي.“ ڪهاڻيءَ ۾ ان وقت يوسف کان حال احوال معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. جنهن جا مڪالمه ڪجهه هن ريت آهن:

مون يوسف کي پاڪر پائيندي ڪنڌ ڌوڻي هاڪار ڪئي.

”ڪل گهڻا؟“ مون پڇيس.

”207“ هن وراڻيو.

”زخمي گهڻا؟“

”سڀ.“

”سخت؟“

”گهڻي پاڳي.“

يوسف هليو ويو. اجا به راتيون اڳ هو منهنجي آفيس ۾ پٽس جي جاءِ جي اپيل جا ڪاغذ ڪٽي آيو هو. چڱو ڀلو ۽ آزاد هو. سندس نس نس مان زندگي پئي ڇلڪي.

يوسف سان ملاقات کانپوءِ هو جيل ۾ داخل ٿين ٿا. اتي هنن جي ملاقات مجيب پيرزادي، ڪامل راڄپر. اعجاز قريشي سان ٿئي ٿي. قيدي پنهجي درد ڪٿائون وڪيلن سان بيان ڪن ٿا. ”جڏهن اسان جون نظرون سندن ڦاٽل مٿن، سُڄي بنڊ ٿيل ٽنگن، ڇچريل منهن ۽ بدن، ليڙون ليڙون ۽ مٽيءَ ۾ پيوت ٿيل ڪپڙن ۽ اُگهاڙن پيرن تي پيون، جڏهن لنين ۽ ڳوڙها آٽيندڙ گئس جي دونهن،

لانگ بوٽن، رائيفلن جي ڪنداڪن، گپ ۽ پاڻيءَ ۾ لتڙيل چيپاتيل ۽ چچريل نوخيز انساني جسمن جي تصويرن ذهن تي حملو ڪيو، تڏهن پنهنجي جذبن تي قبضو رکڻ مشڪل ٿي پيو.“
ڪهاڻيڪار اهڙن منظرن کي هن صورت ۾ بيان ڪري ٿو: ”آءٌ ميڙ مان هليو آيس. مون کي هنن سان گڏ بيهڻ جو ڪو حق ڪونه هو. هو زخمي هئا ۽ آءٌ سڄڻ لڳن سان، هو بند هئا ۽ آءٌ آزاد، هو آزمائش ۾ مبتلا هئا ۽ آءٌ پنهنجي ڏنڊي ۾. هو ٻي جنس هئا ۽ آءٌ ٻي جنس. مون کي بي اختيار فارسيءَ جو شعر ياد آيو. ’ڪسي ڪه ڪشته نه شد از قبيلئه مان نيست.‘ (جيڪو ڪُٺل ناهي، اهو اسان جي ساٿ مان ناهي.) سهڻي لطيف به ته چيو آهي، ’وڍيو هئين ته ويهه نه ته وٺيو وڃج واٽ تون.‘ مون پنهنجي واٽ ورتي ۽ وري وڃي ڪرسيءَ تي ويٺس. شام جو جڏهن ڪهاڻيڪار گهر واپس اچي اخبار پڙهي ٿو ته ان جي پوئين صفحي تي لکيل آهي. ”ڪوبه خاص زخمي ڪونه ٿيو آهي. ڪجهه گرفتاريون ٿيون آهن، حالتون ٺيڪ ٺاڪ آهن.“
خبر پوندي هن جي اڳيان ”207 قيدي، سوين چچريل ۽ سُڄيل مٿا، منهن، ٽنگون، ڄاڙيون، ٻانهون ۽ پٺا ڦري وي.“ هو ڪاوڙ ۾ اخبار کي ڦاڙي ڇڏي ٿو. (پليجو، 1985)

### 5.5.1.1.ڪهاڻي ’وڍيو هئين ته ويهه‘ تي تبصرو

رسول بخش پليجي جي ڪهاڻي ’وڍيو هئين ته ويهه‘ چار مارچ جي تحريڪ جي حوالي سان هڪ تلخ حقيقت جو سچو باب آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ جتي چار مارچ جي انهن جوڌن کي خراج پيش ڪيو ويو آهي. اتي سرڪار جي بي ايماني پڻ ظاهر ٿئي ٿي. ڪهڙي ريت طاقت ۽ حرفت جي ذريعي شين کي پنهنجي مطلب لاءِ استعمال ڪيو ويو. اهي سڀ شيون هن ڪهاڻي ’وڍيو هئين ته ويهه‘ ۾ صاف نظر اچن ٿيون. ڪهاڻيءَ ۾ افسانوي انداز سان ڪجهه ڪردارن جي نالن کي انهن جي اصل نالن سان رهڻ ڏيو ويو آهي. جنهن مان پڻ ڪٿي گمان نه ٿو ٿي ته هي ڪا ڪهاڻي نه آهي. چاڪاڻ ته ان لکڻيءَ جو بنيادي تاجو پيٽو مختصر ڪهاڻيءَ جو ئي رکيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ جي شروع ۾ جتي چار مارچ جي قيدين سان ملاقات ۾ انهن جي درد ڪٿا بيان ڪئي وئي آهي. اتي سرڪاري آفيسرن جي بي حسي پڻ ڏسي سگهجي ٿي. ڪهڙي ريت پنهنجي مقصدن لاءِ ٻئي انسان کي ماريو وڃي ٿو. اهو لقاءُ پڻ هن ڪهاڻيءَ ’وڍيو هئين ته ويهه‘ ۾ موجود آهي. آخر ۾ ڪنٽرولڊ صحافت جو حوال احوال پڻ ڏيکاريو ويو آهي. اهو پڻ ته سرڪار جو اخبارن مٿان ڪيتري قدر ضبط آهي جو عام ماڻهن جي ترجماني ڪرڻ بجاءِ حڪومت جي ٻولي پيون لکن. مجموعي طور ڪهاڻي، اسان کي چار مارچ کي سمجهڻ لاءِ وڏي مدد فراهم ڪري ٿي.

## 5.6.ٻولي تحريڪ ۽ سنڌي ڪهاڻيون

### 5.6.1. ٻوليءَ جي اهميت

ٻولي هميشه انسان جو بنيادي تشخص رهندي آئي آهي. ٻولي جتي هڪ طرف انساني سماج ۾ رابطي جي سهولت فراهم ڪري ٿي، اتي ان جو هجڻ انسان جي ترقي ۽ بقا لاءِ ضروري ٿي پوي ٿو، ان حوالي سان ڪجهه نامور شخصيتن جا قول هيٺ ڏجن ٿا:
ريٽا مي براؤن مطابق: ”ٻولي ثقافت جوسدائين روڊ ميپ رهيو آهي. اهو ٻڌائي ٿو ته انسان ڪٿان آيا ۽ ڪيڏانهن وڃي رهيا آهن“ (https://www.jstor.org/stable/2645724)
نيلسن منڊيلا چيو هو ته، ”جڏهن توهان ڪنهن ماڻهوءَ سان ان جي اجنبي ٻوليءَ ۾ ڳالهايو ته ان جو مطلب هن جي ذهن تائين پهچ آهي. ان جي برعڪس ته مادري زبان دل تائين رسائيءَ جو ذريعو آهي.“ (https://scholar.harvard.edu/pierredegalbert/node/632263)
اوليور وينڊيل هومز جو خيال هو ته، ”زبان انسان جي روح لاءِ خون جهڙي آهي؛ جيڪا انسانيت جي ارتقا اندرخاص رول ادا ڪندي آهي.“ (https://www.jstor.org/stable/4398031)

جيڪ ايڊورڊ لکيو ته ”ڪنهن به قوم جو وجود، ان جي مادري ٻوليءَ کانسواءِ نه آهي.“ (https://www.azquotes.com/quotes/topics/mother-tongue.html)

ٻوليءَ جي افاديت اهميت بابت الڳ الڳ راين کان پوءِ جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي ذڪر ڪريون ته سنڌي، اتهاس جي حوالي ۾ دنيا جي قديم ٻولين مان هڪ آهي. تاريخ جي جدا جدا دؤرن ۾ سنڌي ٻوليءَ سان ڌڪيو رويو اختيار ڪيو ويو. مطلب ته سنڌي گهڻو ڪري مشڪل صورتحال مان گذرندي رهي آهي. اهڙين حالتن ۾ ان سڄي معاملي ۾ عام سنڌي ماڻهن کان وٺي دانشور ۽ اديب پنهنجي مادري زبان جي وجود کي بچائڻ لاءِ اڳتي ايندا رهيا آهن. ان ئي هلچل ۾ ڪهاڻيڪار به پوئتي نه رهيا. جڏهن سنڌي ٻوليءَ کي ڌڪيائين کي منهن ڏيڻو پيو ته ڪهاڻيڪارن پنهنجي تخليق ذريعي ان جو اظهار ڪيو. هن تحقيق ۾ ڪجهه ڪهاڻين جي چونڊ ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ سان سلهاڙهيل مسئلن کي پيش ڪيو ويو آهي.

ٻوليءَ هميشه انساني سماج کي پاڻ ۾ جوڙي رکيو آهي. انساني معاشري جي ارتقا سان ٻولي، ماڻهن جي بنياد تشخص طور سامهون آئي. زبان لاءِ چئي سگهجي ٿو ته ان سان معاشري جي ترقيءِ سان گڏ ان جي بقا لاءِ پڻ ضروري ٿيو پوي. ساڳي وقت مختلف ٻوليون، انسانن جي الڳ سڃاڻپ کي به برقرار رکنديون پيون اچن. ان سڃاڻپ کي قائم رکڻ لاءِ هر سماج اندر ان وقت مختلف تحريڪن جنم ورتو، جڏهن هنن ڏٺو ته سندس مادري زبان خطري ۾ آهي. سنڌي ٻوليءَ لاءِ پڻ تاريخ جا ڪافي دؤر سٺا نه رهيا آهن، پر ڪجهه بهتر پڻ ٿيندو رهيو آهي. مثال طور: انگريزن جي وقت ۾ هڪ پاسي جتي باقاعده طور سنڌيءَ لاءِ الف - بي جوڙي وئي، اتي هن کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو پڻ حاصل ٿيو. اهو پڻ مڃيو ويو ته سنڌي دنيا جي پراڻي ٻولي آهي.

انگريزن جي حڪومت ۾ سنڌي زبان لاءِ جتي ڪافي سهولتون پيدا ٿيون، اتي ورهاڱي کان پوءِ اها ڪافي مشڪلاتن مان گذري رهي آهي؛ جنهن جا اثر سماج ۾ هر پاسي نظر اچن ٿا. انهن سڀني ڳالهين جو اثر ادب تي پڻ پيو. ان ۾ اهڙو اظهار به مليو. هن تحقيق ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت سماج جي احساسن کي جهڙي ريت ڪهاڻين ۾ اٿيو ويو آهي، انهن مان ڪجهه چونڊ ڪهاڻيون شامل ڪيون ويون آهن.

## 5.6.2. ورهاڱي بعد پاڪستان جي زبانن سان شروعاتي مسئلا

پاڪستان جي بعد هتي زبانن لاءِ ڪيترائي مسئلا پيدا ٿيا. ملڪ جي وڏي صوبي بنگال سان بين مامرن سان گڏ ٻوليءَ جي نسبت سان پڻ ميت پيد روا رکيو ويو. محمد علي جناح، ملڪ جي پهرئين گورنر جنرل، ڍاڪا يونيورسٽيءَ ۾ هڪ تقرير دؤران چيو ته ’اردو، گڏيل پاڪستان جي قومي زبان هوندي.‘ اهڙي اعلان تي شاگردن طرفان احتجاج شروع ڪيو ويو. مظاهرن، وڳوڙن جي صورت اختيار ڪئي. پوليس جي فائرنگ ۾ ڪيترائي شاگردن مارجي ويا ته ڪافي زخمي پڻ ٿيا. اهي فساد سڄي صوبي ۾ پکڙجي ويا. احتجاج جي نتيجي ۾ ملڪ جي مرڪزي حڪومت اعلان ڪيو ته بنگالي زبان، اوپر بنگال صوبي جي قومي ٻولي هوندي. بنگالين تي مزاحمت سان ٻوليءَ جو حق حاصل ٿيو، پر هتي اولهه پاڪستان ۾ ٻولين سان به اکيائي جاري رهي. 1949 ۾ سنڌ يونيورسٽي ڪراچيءَ ۾ هئي ته ملڪ جي وزي ر اعظم لياقت علي خان هڪ نوٽيفيڪيشن ذريعي اعلان ڪيو ته ’ڪراچي، پاڪستان جي راڄڌانيءَ جي حيثيت سان وفاق جي ماتحت آهي. جنهن لاءِ ڪراچيءَ مڃي مڙني تعليمي ادارن مان سنڌي کي لازمي تعليم جو درجو حاصل نه رهندو. ان سان گڏ ڪراچيءَ اندر سالن کان قائم ڪيترائي اسڪول پڻ بند ڪيا ويا.

ڪراچي جي مونسپل ڪارپوريشن سال 1054 ۾ فيصلو ڪيو ته هاڻي ان جو سڄو اردوءَ ۾ هلندو، سنڌي ۾ لک پڙهه بند ڪئي وئي. ٻن سالن بعد ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ اهو چئي سنڌي شعبي کي بند ڪيو ويو ته ڪراچيءَ ۾ سنڌي شاگردن جو تعداد تمام گهٽ ٿي ويو آهي. جڏهن ته حقيقت هيءَ هئي ته انهن ڏينهن ۾ ٻن هزار شاگردن طرفان انتظاميه کي درخواستون ڏنيون هيون ته هنن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ امتحان جي اجازت ڏني وڃي؛ سال 1953 ۾ ملڪ جي تعليم واري وزير فضل الرحمان، ڪراچيءَ اندر ٿيل آل پاڪستان ايڊوڪيشن ڪانفرنس ۾ صلاح ڏني هئي ته ملڪ، اسلام

جي نالي سان قائن ٿيو آهي. جنهن جي ڪري هتان جو تعليمي نصاب عربيءَ ۾ هجڻ گهرجي.“ (قريشي، 2017)

مسلسل اهڙن روين ۽ سنڌيءَ سان سلوڪ خلاف سنڌي ماڻهن ۾ ڪروڌ ۽ ڪاوڙ پيدا ٿي. جنهن جو هر جاءِ تي اظهار پڻ ٿيڻ لڳو. ان جي نتيجي طور ”1972 جي سال ۾ سنڌ اسيمبليءَ ٻوليءَ جي بل کي منظور ڪري ورتو. بل موجب صوبي سنڌ جي سرڪاري ٻولي سنڌي هوندي، تعليمي ادارن ۾ سنڌي لازمي مضمون هوندو.“ (Rehman, 1995) اهڙي درجي ملڻ بعد اردوءَ جي مشهور اخبار مرڪزي صفعي تي هن شعر کي وڏي خبر جي صورت شائع ڪيو.

***”اردو ڪا جنازا هي، زرا دهوم سي نڪلي“***

هن خبر اخبار ۾ باربر طور اهم سرخي ڪري هنيو ويو. هيءَ سٽ رئيس امروهيءَ جي لکيل هئي.“ (قريشي، 2017) نتيجي ۾ سڄي سنڌ ۾ ٻوليءَ جي بنياد تي وڳوڙ شروع ٿي ويا. ڪراچي – حيدرآباد – سکر – نوابشاهه ۽ ٻين شهرن ۾ سنڌي ماڻهن جي دڪانن ۽ گهرن تي حملا ڪري اتان ڦر لٽ ڪئي وئي. خوني هنگامن جي نتيجي ۾ سال 1972 ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ جي شاگردن عبدالقادر هاليپوٽي ۽ بشير تنيو ۽ ساڳي سال ٽيڪنيڪل ڪاليج حيدرآباد جي ٽيچر موري جي رهاڪو بدالرزاق سومري کي شهيد ڪيو ويو. ڪراچي – حيدرآباد – سکر – نوابشاهه – لاڙڪاڻي ۾ سرڪار شديد فسادن جي ڪري ڪرفيو هڻي فوج کي گهرائي ورتو. حڪومت کي خبر پئجي وئي ته سنڌي ماڻهو، ڪنهن به صورت ٻوليءَ تي آڃ نه مجيندا. ذوالفقار علي ڀٽو، ان وقت جو وزير اعظم هو. جنهن حالتن جي نزاڪت کي سمجهندي سنڌ جي مختلف شهرن جا دؤرا ڪيا. ٻوليءَ جي معاملي تي هن قومي اسيمبليءَ ۾ خطاب پڻ ڪيو. جنهن ۾ هن جو مؤقف چٽو هو ته سنڌي ٻوليءَ قديم ٻولي آهي، هن جو اهو حق هو. جڏهن ته ٻنهي ٻولين جي فني اهميت پنهنجي جاءِ تي قائم آهي. سنڌيءَ مان ڪڏهن به اردوءَ کي خطرو ناهي.

*اردو پوري ملڪ جي زبان آهي، سنڌ جي هر ڪنڊ ڪڙڇ مان ماڻهو اردو زبان کي سمجهن ٿا، ان حقيقت کان ڪير به انڪار نٿو ڪري سگهي. وڳوڙن کان اڳ ڪو به اهو چئي نٿو سگهي ته سنڌ ۾ ڪو به اردو کي نه ٿو گهري. سنڌ جي ڪنهن به علائقي مان اردو ٻولي کي خطري جو ڪو سوال ئي نه آهي. اردوءَ کي صرف سنڌ صوبي ۾ استعمال بابت فروغ ڏيڻ ۽ ان ۾ تعليم ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، نتيجي ۾ اوپر پاڪستان وانگر سنڌ ۾ به ٻوليءَ جو مسئلو ٿئي پيو. سنڌي هڪ پراڻي ٻولي آهي. جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ته چارلس نيپيئر چيو ته ٻولي سان ٽڪراءَ جي ڪا به ڪوشش نه ڪئي وڃي، جڏهن سنڌ کي بمبئي ۾ شامل ڪيو ويو ته ان وقت بمبئي يونيورسٽي ۾ به سنڌيءَ کي پڙهائيو ويندو هو. سال 1954 ۾ ون يونٽ جي قيام تائين اها سرڪاري ٻولي هئي؛ جنهن ڪانپوءِ هڪ آرڊر جاري ڪري ان تي پابندي لڳائي وئي. جنهن ڪانپوءِ مسئلا پيدا ٿيا آهن.*

*ٻوليءَ جي بل کي نافذ ڪرڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته ٻي صورت ۾ سنڌ جي عوام ۾ پاڪستان لاءِ نفرت پيدا ٿي پوند. اردوءَ کي ڪوبه ڀئو ناهي، اها هندستان ۽ پنجاب ۾ ڳالهائي پئي وڃي. ان جي ابتڙ سنڌيءَ لاءِ خطرو پيدا ٿي پيو آهي. انهي ڪارڻ سنڌي ماڻهن جا جذبات سخت ٿي رهيا آهن. ورهاڱي وقت جتي ڏهه سنڌي ماڻهو هوندا هئا، فقط هڪ ڄڻو اردو سمجهندو هو، پر اڄ سنڌ جي هر پاسي ۾ رهندڙ هر سنڌي اردو سمجهي ٿو. اها تمام گهڻي ڏکي صورتحال آهي جو اهڙا نعرا لکيا ويا آهن، جن ۾ چيو ويو آهي ته ملڪ کي سنڌي نه پر پاڪستاني صدر گهرجي! اهڙو منطق سمجهه کان ٻاهر آهي! ڇا هڪ سنڌي پاڪستاني نه ٿو ٿي سگهي. اهڙن ماڻهن جي سوچ تي اچرج آهي، جيڪي سنڌ ۾ رهندي سنڌي ٻوليءَ کي مڃڻ لاءِ تيار ناهن. مان ڪڏهن به سنڌ جي زبان کي بدلائي نه ٿو سگهان. ان حوالي سان هر خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ هر دم تيار آهيان.“ (گرامي، 1972)*

حالتن جي نزاڪت کي سمجهندي ان وقت جي وزير اعظم جي.ايم. سيد کي مدد ڪرڻ جو به چيو. نتيجي ۾ سنڌين طرفان قاضي قاضي فيض محمد ۽ شيخ اياز جي سرواڻيءَ ۾ جڏهن ته اردوءَ

وارن پاران رئيس امروهويءَ جي اڳواڻيءَ ۾ مذاڪرات ٿيا. گڏيل صلاح سان هيٺ خاص نڪتا چاڙهيل ترميمي بل منظور ڪري پاس ڪيو ويو.

### 5.6.3. بل جا اهم ۽ خاص نُڪتا:

- جيئن ته اسلامي جمهوريه پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 267 ۾ چيو ويو آهي ته قومي ٻولين جي حيثيت سان تعصب کان سواءِ، صوبائي قانون معرفت، قومي ٻوليءَ سان گڏ صوبائي ٻوليءَ جي سکڻ، واڌاري ۽ استعمال لاءِ قدم کنيا وڃن. اها تجويز ڪري ٿي سگهي.
- جيئن سرڪاري ڪاتن ۽ آفيسن ۾ سنڌي ٻولي استعمال ٿيندي هئي. ان سان گڏ تعليمي ادارن ۾ پڙهائڻ لاءِ سنڌي ٻولي لازمي سبجيڪٽ هو، پر مارشل لا حاڪمن جي زباني حڪم تي ان کي ختم ڪيو ويو.
- اهڙين حالتن ۾ سنڌ صوبي جي اها فطري خواهش ۽ تمنا آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ۽ استعمال کي ترقي وٺرائي وڃي.
- هن ايڪٽ کي سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال چيو ويندو.
- اهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ سڄي سنڌ ۾ لاڳو هوندو.
- جيستائين هن ايڪٽ اندر ٻيو ڪو به مطلب نه نڪري، تيسيتائين، هيٺ ڏنل وصفن کي انهن مان هر هڪ لاءِ تفويض ڪيل معنيٰ هوندي..
  - الف. اسيمبلي، معنى، سنڌ جي صوبائي اسيمبلي.
  - ب. حڪومت، معنى، حڪومت سنڌ.
  - ج. حڪومت جو کاتو مطلب سرڪار جو ڪوبه کاتو. ان اندر خودمختار ادارا، لوڪل ڪائونسلون يا لوڪل اٿارٽيون به شامل سمجهيون وينديون.
  - د. اداري جي معنى ٿيندي اسڪولَ، ڪاليجَ، يونيورسٽييون يا ٻيو ڪو به ادارو.
- سنڌي زبان کي سنڌ صوبي صوبائي ٻوليءَ جي درجي طور سڃاتو ويندو.
- اهڙن سمورن ادارن ۾ چوٿين کان ٻارهين ڪلاس تائين سنڌي پڙهائي ويندي آهي ۽ سنڌي ۽ اردو لازمي مضمون هوندي.
- سنڌي لازمي مضمون جي طور تي هيٺين سطح يعني ڪلاس IV کان لاڳو ڪري، ڏاڪي به ڏاڪي متعارف ڪرايو ويندو. مٿين ڪلاسن ۾ ڪلاس XII تائين سنڌي رائج ٿيندي.
- سنڌي ٻولي جي ترويج ۽ ثقافتي واڌاري لاءِ سرڪار، اڪيڊميز ۽ پروموشن بورڊ ٺاهي.
- سرڪار، آئين جي حدن اندر رهندي، دفترن ۽ سرڪاري جاين تي سنڌي ٻوليءَ جو واهپي جو درجي بدرجي معقول انتظام ڪري سگهندي.
- حڪومت کي هن ايڪٽ جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ قائدا ٺاهڻ گهرجن.
- عام اختيارن کي هاڃي رسائڻ کانسواءِ، اهڙا قائدا، خصوصي طور هيٺين چاڙهيل مقصدن لاءِ جوڙي سگهجن ٿا:
  - الف. سنڌي کي، ڏاڪي به ڏاڪي، پڙهائيءَ واسطي لازمي مضمون جي حيثيت سان لاڳو ڪرڻ.
  - ب. اڪيڊمين توڙي بوردن جو جوڙڻ ۽ انهن کي عمل ۾ آڻڻ، اختيارن ۽ ڪمن جي تشريح ڪرڻ.
  - ج. سرڪاري ڪاتن، آفيسن ۽ اسيمبلي توڙي عدالتن ۽ ٻين ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو درجي بدرجي واهپو. (گرامي، 1972)

انهن سڀني ڳالهين ۽ بل ۾ چاڙهيل نڪتن جي باوجود سنڌي زبان سان ساڙ جو سلسلو هر صورت ۾ جاري رکيو ويو. نتيجي ۾ ان جا اثر سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ تي به پوڻ شروع ٿيا. تحقيق ۾ هيٺ ڪجهه ڪهاڻيون شامل ڪيون ويون آهن، جن جا عڪس ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

### 5.6.4. ڪهاڻي ’نظريه اسلامستان‘

سنڌ جي ناماچاري قومپرست رهنما ۽ قاندان رسول بخش پليجي جي هڪ سڃاڻپ ڪهاڻيڪار جي پڻ رهي آهي. رسول بخش پليجي جي مختصر ڪهاڻين ۾ سنڌي زبان ۽ سنڌي ماڻهن جي اهنجن جو مقدمو هميشه نمايان ڏسڻ ۾ ايندو آهي. سندس ڪهاڻي ’نظريه اسلامستان‘ سنڌ زبان جي انهن محرومين لاءِ لکيل آهي؛ جنهن ۾ اها ورهين کان شڪار رهي آهي. ڪهاڻي ’نظريه اسلامستان‘’سهڻي‘ رسالي ۾ 1972 ڌاري ڇپي. ان بعد ساڳي ڪهاڻي سندس ڪتاب ’پسي ڳاڙها گل‘ ۾ شائع ٿي، جيڪو 1985 ڌاري ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيو هو. ’نظريه اسلامستان‘ ۾ ايندڙ وقت جي حوالي سان 1990 جو سال ڏيکاريو ويو آهي. ان ۾ ’اسلامستان‘ جي نالي سان هڪ ديس جي ڏهين سالگره موقعي تي ملڪ جي هڪ رهنما کي آمريڪا جي هڪ ناماياري اخبار کي انٽرويو ڏيندي ظاهر ڪيو آهي. ڪهاڻي ’نظريه اسلامستان‘ ان انٽرويو تي مشتمل تذڪري تي جوڙي وئي آهي.

ڪهاڻيءَ جي شروعات ۾ ملڪ بابت اتان جو رهنما ٻڌائي ٿو: ”جنت جو ٽڪرو جنهن کي اسين اڄ دولت خداداد اسلامستان سڏيون ٿا، 1980ع کان اڳ هڪ اونداهو ۽ ويران ريگستان هو، جنهن ۾ اڪثر جانور ۽ درندا رهندا هئا.“ انٽرويو وٺندڙ صحافي سواليه انداز ۾ کانئس پڇيو ته اوهان چئو ٿا ته هي علائقو ريگستان هو، ويران هو هتي ڪجهه به نه هو، جڏهن ته تاريخ ۾ هي علائقو سرسبز ۽ خوشحال ملڪ طور سڃاتو ويندو هو. اها ڳالهه ٻڌي، اڳواڻ سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪري ٿو.

ڪهاڻي ’نظريه اسلامستان‘ ۾ سنڌ سان لاڳاپيل ڳالهيون سڌو سنئون شامل نه ڪيون ويون آهن، پر پوءِ جڏهن ڪهاڻيڪار ڪجهه اشارا ڏئي ٿو. جيئن ته ”ٻڳهي جدوجهد کان پوءِ فلسطين آزاد ٿيو ۽ هڪ واحد عرب رياست قائم ٿي. جنهن کان پوءِ بهار مان آيل مهاجرن اسلامستان جو نالو رکيو. جنهن ۾ اسلامستان جو اڳواڻ دعويٰ ڪري ٿو ته ”هي ملڪ حضرت نقش فرياديءَ جي تصور جي تصوير جوڙي. حضرت بيان بازيءَ ان جي حمايت ۾ تقريرون ڪيون. ماڻهن کي پنهنجي شعله بيانيءَ سان پاڻ ڏانهن توجهه ڏياريو، حضرت ترت تماشائيءَ سندس حمايت ۾ مظاهرا ڪرايائ نتيجي ۾ پنج لک اردوءَ جي حمايتن هن حقير فقير جي اڳواڻي ۾ اوپر پاڪستان مان هجرت ڪري اسلامستان ٺاهيو.

موضوع جي مناسبت اڳتي هلي زبان جي ڳالهه نڪري ٿي. جنهن ۾ اسلامستان جو اڳواڻ چوي ٿو. ”ٻوليءَ جي حوالي سان ڪو به تعصب، زيادتي، جبر يا پابندي ناهي، هر ڪو آزاديءَ سان اردو ڳالهائي، پڙهي ۽ لکي سگهي ٿو. ڪجهه وقت اڳ مقامي ماڻهن کي به اهو حق ڏنو ويو آهي ته هو مشاعرن ۾ شرڪت ڪن ۽ شاعرن کي داد ڏين. اردوءَ بابت ڪا به زوري ناهي. هاڻوڪي لساني وڳوڙن ۾ اردو نه ڳالهائيندڙن کي خاموش رهڻ جو پورو حق ڏنو ويو آهي، مون تازو اعلان ڪيو آهي ته اردو نه ڳالهائڻ جي ڏوهه ۾ سزا ڪاٽيندڙ سمورن مجرمن جي سزا اڌ کان گهٽ ڪئي ويندي.“ تصوراتي طور تي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ عرب ملڪ تي قبضي بابت ٻڌايو وڃي ٿو. جيئن ”مقامي جاهل ماڻهن جي عربي ٻولي ڳالهائڻ تي قانوني پابندي جي حوالي سان ڇهن مهينن تائين تجرباتي بنيادن تي رات 12 وڳي کان صبح 5 وڳي تائين پنهنجن گهرن ۾ مقامي عربي ٻولي ڳالهائڻ وارن خلاف ڪا به ڪارروائي نه ڪئي ويندي. اميد آهي ته هن عرصي اندر هو ايتري اردو سکي ويندا جو هو اسلامستان جي نظريي ۽ ملڪ جي قانونن جي خلاف گهرن ۾ ورزي ڪرڻ کان پاسو ڪندا. جيڪڏهن ان عرصي ۾ به هو اردوءَ کي سهي طريقي سان نه ٿا سمجهي سگهن ته پوءِ انهن جي خلاف ڪارروائي عمل ۾آندي ويندي.“

ڪهاڻيءَ ۾ ڪجهه اڳتي عربي زبان بابت لکيو ويو. هيءُ مڪالمو قائد اسلا جي زباني ادا ڪرايو وڃي ٿو. ” ”آئون هڪ دفعو وري به دُنيا اڳيان وضاحت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. پهرين ڳالهه ته عربيءَ نالي دُنيا ۾ ڪابه ٻولي ڪانهي...“ هو ان بابت وضاحت به ڪري ٿو. چوي ٿو ته ”لکنؤ جي آسپاس جي هڪ ديهاتي علائقن جا ماڻهو اردو ڳالهائڻ ’اري ڀهئي، اري ڀهئيي‘ جو تڪيه ڪلام گهڻو استعمال ڪندا آهن. انهيءَ تڪيه ڪلام سبب سندن اردو لهجي کي ’اري ڀهي‘ لهجو سڏيو ويندو آهي، جو لفظ پوءِ ڪثرت سان استعمال ٿيڻ سبب بگڙجندو بگڙجندو اربي يا عربي لهجو ٿي پيو. اها

آهي حقيقت، جنهن کي يهودي پروپيگنڊا بازن ڦيرائي هڪ ٻولي ٺاهي وڌو آهي.“ ...!“ (پليجو، 1985) هن ڪهاڻيءَ جي سيٽنگ ۾ فرضي طور هڪ عرب ملڪ جي جڳهه ڏيکاري وئي آهي؛ جڏهن ته حالتون پاڪستان جو بيان ڪيون ويون آهن. انهن سڀني منظرن ۾ سنڌ سان زيادتيءَ جا داستان نظر اچن ٿا. ’مهاجر – بهاري – اردو‘ جا اصطلاح ڪهاڻيءَ ۾ استعمال ڪيا ويا آهن. انهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هيءَ ڪهاڻيءَ ڪهڙي ملڪ جي آهي.

’نظريه اسلامستان‘ ڪهاڻيءَ ۾ افسانوي انداز سان سنڌ جي ماڻهن سان ورهاڱي کانپوءِ ٿيل ويڌن کي ڏيکاريو ويو آهي. اهو پڻ ته ڪنهن طريقي سان زبان کي بنياد بڻائي هتان جي ماڻهن سان زيادتيون ڪيون ويون. ڪهاڻيءَ ۾ اردوءَ کي هڪ سامراجي ٻوليءَ طور ظاهر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته سنڌيءَ کي ’عربي‘ جي نالي سان ساڙ ۽ حسد جي ور چڙهيل ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو سلسلو اڄ به ڪنهن نه صورت ۾ جاري آهي.

## 5.6.5. ڪهاڻي ’عشق ۽ انٽرويو‘

امر جليل جي ڪهاڻي ’عشق ۽ انٽرويو‘ هن جي ڪتاب ’دل جي دنيا‘ ۾ ڇپي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صورتحال ۽ ان مٿان ڌاري ٻوليءَ جي نفسياتي برتري جو کُليو اظهار آهي. ڪهاڻيڪارَ، سنڌي ٻوليءَ مٿان اهڙن ڪلورن بعد پوئتي نه ٿيا. مشهور ڪهاڻيڪار امر جليل پڻ ٻوليءَ بابت ڪيترين ئي ڪهاڻيون لکيون آهن. انهن ۾ ’عشق ۽ انٽرويو‘ پڻ شامل آهن.

ڪهاڻي ’عشق ۽ انٽرويو‘ اندر هڪ اهڙي نوجوان جو ذڪر آهي، جيڪو بيروزگاريءَ سبب پريشان ۽ ڪنهن وڏي نوڪريءَ جي تلاش ۾ رهي ٿو. هڪ ڀيري نوڪريءَ جي انٽرويو دؤران زبان بابت پڇيل سوال جي موٽ ۾ چئي ٿو. ”نه سائين. مان بنگالي ٻولي سکندو آهيان، جيئن ته ’تومي اماڪي گهيرينا ڪارو بولائي، امي ماڪي پالو پاشي‘ ڪيئن پسند آيو جملو.“ هن ڪان ٻيو سوال ڪيو وجي ٿو ته ’هن کي اردو اچي ٿي؟‘ جڏهن ته انٽرويو انگريزيءَ ۾ هو. جواب ۾ چئي ٿو: ”ها. فلمن جا ذري گهٽ سڀئي ڊائلاگ سمجهي ويندو آهيان.“

ڪهاڻي ’عشق ۽ انٽرويو‘ ۾ ٻوليءَ بابت ان وقت نهايت حساس ڊائلاگ اچن ٿا. جڏهن همراهه کي فقط ان بنياد تي اهل قرار نه ڏنو ويو ته هن کي اردو نه ٿي اچي.”هن نوڪريءَ ۾ توکي سڄو ڪم اردو ۾ ڪرڻو پوندو. جيئن ته توکي اردو چڱيءَ طرح نٿي اچي، تنهن ڪري اسان توکي نوڪريءَ ۾ نه کڻنداسين.“ اهي ڳالهيون ٻڌي، مرڪزي ڪردار چئي ٿو. ”منهنجي پيءُ کي انگريز مائي باپ ان ڪري نوڪريءَ ۾ نه کنيو هو، جو منهنجو پيءُ انگريزي نه ڄاڻندو هو. توهان مون کي نوڪريءَ ۾ ان لاءِ نٿا کڻو، جو مان اردو نٿو ڄاڻان. ڪٿي ائين ته ناهي، انگريز سوٽ لاهي، شيرواني پائي موٽي آيا آهن.“ (جليل، 1998)

هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ سان ساڙ ۽ ٻه اکيائي کي پڌرو ڪيو ويو آهي. اهو پڻ ته سنڌي مٿان ٻين ٻولين کي برتر ڏيکارڻ لاءِ اهڙي قسم جون حرڪتون ٿينديون رهيون، جيڪي ڪنهن به سڌريل سماج ۾ ڇن گناهن جي ضمري ۾ اينديون آهن. سنڌي زبان سان اهڙي ناروا سلوڪ، شايد ئي ڪنهن ٻي ٻوليءَ سان ان جي ديس ۾ ٿيندو هجي!؟ امر جليل جي هيءَ ڪهاڻيءَ سنڌي زبان سان جاري تعصب جو داستان آهي.

## 5.6.6. ڪهاڻي ’منظر – جنهن جو ڪو انت ڪونهي‘

1980 واري ڏهاڪي ۾ نورالهديٰ شاهه سنڌي ٻوليءَ جي نمائنده ڪهاڻيڪارن ۾ شامل هئي. سندس ڪهاڻين ۾ جتي سماج ۾ عورتن سان ٿيندڙ زيادتين جو تفصيلي ذڪر آهي، اتي هو سنڌ ۾ ڌارين جيي جبر ۽ تسلط کان به غافل ناهي رهي. سندس ڪهاڻي ’منظر – جنهن جو ڪو انت ڪونهي‘ ۾ انهن ظلمن کي اجاگر ڪري ٿي، جن ۾ سنڌي ماڻهن کي سندن ثقافت ۽ ٻولي جي بنياد تي هاڃو پهچايو ويو.

'منظر – جنهن جو ڪو انت ڪونهي' ڪهاڻيءَ ڪي هن جي ڪتاب 'رڻ ۽ رڃ جو اپياس' ۾ شامل ڪيو ويو. انهيءَ سال ساڳي ڪهاڻيءَ کي 'ته ماهي مهراڻ' ۾ ڇاپيو ويو. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي ڳالهه ڪئي وئي آهي، جيڪو لساني ۽ ثقافتي بنيادن تي ٿيل فسادن ۾ ذهني مريض ٿي ويو آهي. ڪهاڻيءَ جي ابتدائي سٽن ۾ ان ماڻهوءَ جي ذهني ڪرب واري ڪيفيت جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. "شهر سڄي کي سانت ڳڙڪائي وئي آهي (سانت/موت!؟) ڇا ماڻهو مري ويا آهن؟ ڇا باقي ڪتا جيئرا بچيا آهن، پونڪڻ لاءِ، مري ويل/ اتفاق سان زنده رهجي ويل ماڻهن جو ماس پٽڻ لاءِ؟ مان ڪٿي آهيان؟ (ڪير آهيان؟) هي ڪهڙو شهر آهي؟ ڇا مان اُهو ئي آهيان، جيڪو هئس يا مان اُهو ناهيان!؟. جيڪو ڪجهه آهي ڇا اُهو ناهي ۽ جيڪو ڪجهه ناهي ڇا اُهو ئي آهي!؟. گذريل ٽن ڏينهن ۽ راتين کان انهيءَ قبر (گهر/قبر!؟) ۾ پوريو پيو آهيان/پوريو ويو آهيان. ٻن حصن ۾، وچ تان ڪپجي، اڌ ٿي، ورهائجي ويو آهيان ڄڻ." 'منظر – جنهن جو ڪو انت ڪونهي' ڪهاڻيءَ ۾ ان شخص جي اها حالت فقط ان سبب ڪري آهي، ڇو جو پوري شهر ۾ وڳوڙ ٿي رهيا آهن. هو انهن کان بچڻ چاهي ٿو. فسادن جي نتيجي ۾ لاڳو ڪيل ڪرفيو ۾ هو گهر ۾ ويٺو روحاني اذيت جو شڪار نظر اچي ٿو. وچ ۾، هن سوچيو ته "مان ڪرفيو جي وقفي دوران ٻاهر نڪرندس." ڪنهن دوست جو گهر يا ڳوٺ؟ نه، اهو وڌيڪ خطرناڪ آهي. ها، ان ئي ڏينهن بازار ۾، منهنجي اکين اڳيان ويٺو اهو شخص، جيڪو جيئرو ۽ جاڳندو هو، اوچتو رت ۾ ريتو ٿي ويو. مون فقط خنجر کي سندس پيٽ ۾ پيل ڏٺو ۽ خنجر وارو هٿ ٻه ميڙ ۾ گم ٿي ويو. اهو خنجر منهنجي پيٽ ۾ داخل ٿي سگهي پيو! خدا جو شڪر آهي ته مان ان وقت پنهنجي ٻولي نه پئي ڳالهائي. مون کي پينٽ شرٽ پهريل هئي، نه ته منهنجي ڪپڙن مان مونکي سڃاڻي وٺن ها."

اڳتي هلي اهو ڪردار ڪهاڻيءَ اندر ٻوليءَ ۽ ثقافت جي بنياد تي تضادن کي ٻه بيان ڪرڻ جي ڪوشش ۾ جنبي وڃي ٿو. هن جو خيال آهي ته "هاڻي مسئلو ڪنهن ذاتي ڏوهه جو ناهي. مسئلو اهو آهي ته مان هنن جي قوم مان نه آهيان، مان انهن جي ٻولي نه ڳالهائيندو آهيان، پر ان ۾ منهنجو ڇا ڏوهه آهي!؟ يا هو اسان جي قوم مان ناهن، اسان جي ٻولي نٿا ڳالهائن، پوءِ انهن جو ڪهڙو ڏوهه ٿيندو؟ پوءِ - اهو سڀ ڪجهه ڇا آهي؟ اهو ڇو آهي؟" ڪهاڻيڪار انهن سوالن جا جواب پنهنجي ڪردار ذريعي هن طرح ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته "ٻولي يا قوميت ماڻهن لاءِ ڪو مسئلو ناهي. ٻولي يا قوميت کي هٿيار طور استعمال ڪيو وڃي ٿو، ان خونريزيءَ جو ڪيس ٻه ائين ئي آهي جيئن خود مفاد پرست ڊاڪٽر پنهنجي فائدي لاءِ مريض جي بيماريءَ کي ڊگهو ڪري." ڪهاڻيءَ ۾ ڪجهه اڳتي هلي ليکڪ پاڻ سان ڳالهائيندي هي سوال اٿاري ٿو، "اهو ڪيئن ممڪن آهي ته ڪنهن ماڻهو کي ماريان؟ اهڙو ماڻهو جنهن کي مان ٻه نٿو سڃاڻان. واٽ ويندي. رستي جي وچ تي، ٽڪڙو ٽڪڙو روڊ ڪراس ڪري، ڪناري تي پهچڻ کان اڳ ئي گوليون هڻان. هن کي گهر نه پهچڻ ڏيان. هن جي هٿ ۾ ڪاڏي پيتي جو سامان روڊ تي پکيڙي ڇڏيان ۽ پوءِ پاڻ غائب ٿي وڃان. ٻئي ڏينهن جي اخبار ۾ سندس نالو، ائڊريس، ٻولي، قوميت پڙهي، جيئڻ جو مزو حاصل ڪريان!؟

ٻوليءَ ۽ ثقافت جي بنياد تي ان وقت ڪهڙي ريت ماڻهن کي ماريو ويو. جنهن ڳالهه جو اندازو 'منظر – جنهن جو ڪو انت ڪونهي' ڪهاڻيءَ مان هڻي سگهجي ٿو. نورالهدى شاه جي هن ڪهاڻي ۾ ٻوليءَ جي بنياد تي ٿيل فسادن جي منظرڪشي ٻاڪمال نداز سان ڪئي وئي آهي. ساڳي وقت تي ڪجهه سوال ٻه ڪڙا ٿين ٿا. "ڇا اسان کي ڪنهن گڏيل قبر ۾ پوريو ويندو!؟ رنگ، نسل، مذهب، قوم، ٻولي، نظرئي ۽ اختلافي نقطي کان هٽي ڪري، کوٽيل اجتماعي قبر. اجتماعي جنازي نماز. خبر نه پوندي ته ڪهڙا لاش هن گروهه جا آهن ۽ ڪهڙا لاش هُن گروهه جا آهن! لاش!؟" ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ ٻاهر فائرنگ ۽ هن جي در تي تيز ڪڙڪن جو آواز ٿئي ٿو. هو پڇاڙيءَ تائين اهو فيصلو ناهي ڪري سگهيو ته هن کي در کولڻ گهرجي يا نه! (نور الهدى، 2007)

## 5.6.7. ڪهاڻي 'حمود الرحمان رپورٽ جو گم ٿيل باب'

امر جليل جي ڪهاڻي 'حمود الرحمان رپورٽ جو گم ٿيل باب' ڪتاب 'سنڌو بقا، مان فنا آهيان' ۾ شامل آهي. هي ڪهاڻي اوڻيهه سو اسي جي ڏهاڪي ۾ 'ته ماهي مهراڻ' ۾ شائع ٿي.

ڪهاڻيءَ پنهنجي نالي جيان تمام گهڻي واضح آهي. اوپر پاڪستان جي جدا ٿيڻ جي سانحي جي پس منظر ۾ لکي وئي، بعد ۾ حڪومت بنگال جي الڳ ٿيڻ تي عدالتي ڪميش ويهاري جنهن کي ’حمود الرحمان ڪيشن‘ جو نالو ڏنو ويو.

ڪهاڻيءَ ۾ رپورٽ جي آڌار تي انهن معاملن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪي بنگال جي الڳ ٿيڻ جا بنيادي سبب هئا. جنهن ۾ ٻوليءَ جو اشو اهم جڳهه والاري ٿو. ڪهاڻيءَ جي شروعاتي جملن ۾ امر جليل جو پنهنجو روايتي انداز ڏسي سگهجي ٿو. هو ڪهڙي طرح طنز جي سان ڪهاڻيءَ جي ابتدا ڪري ٿو. ”حمود الرحمان رپورٽ جو سڀ کان اهم گم ٿي ويل سچو سمورو باب اصلي حالت ۾ مون وٽ آهي. اِن کان اڳ جو ايجنسين جا ذهين ترين ڪارندا پڇا ڳاڇا لاءِ ڪنهن ڪاري رنگ جي هونڊا اڪارڊ ۾ مون کي کڻي کڻي وڃن، ۽ پڇا ڳاڇا دوران منهنجو بڻ بنياد ڪڍي ڇڏين ۽ هابيل جي قتل جو مون کان اقرار ڪرائين، مان الله سائين کي حاظر ناظر ڄاڻي واضح ڪرڻ ٿو چاهيان ته حمود الرحمان رپورٽ جو اهم گم ٿيل باب مون کي پاڪستان جي نه ڪنهن دشمن ڏنو آهي، ۽ نه ئي ڪنهن دوست. حمود الرحمان رپورٽ جو اهم باب مون فٽ پاٿ تان ڏيڍ رپئي ۾ خريد ڪيو هو، ۽ هيئين سان هنڊايو هو.“

امر جليل جي ڪهاڻي ’حمود الرحمان رپورٽ جو گم ٿيل باب‘ ۾ جتي انهن سڀني محرڪن تي بحث ڪيو ويو آهي. اتي بنگالي ٻوليءَ بابت ڪجهه حساس نوعيت جي مسئلن تي پڻ تاريخ جي روشنيءَ ۾ نظر وڌي وئي آهي. جيئن هيٺ ڪهاڻي ’حمود الرحمان رپورٽ جو گم ٿيل باب‘ مان ڪجهه سٽن کي نقل ڪجي ٿو. ”پاڪستان ٺهڻ کان فقط هڪ سال پوءِ، يعني 1948 ۾ مرڪزي حڪومت يڪجهتيءَ جي نالي ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي صلاح قبول ڪئي، ۽ بنگالي ٻوليءَ تي بنگال ۾ بندش وجهي ڇڏي. فرمان جاري ڪيائون ته مشرقي پاڪستان ۾ لک پڙهه ۽ پڙهڻ پڙهائڻ جو ڪم بنگاليءَ بدران اردو ٻوليءَ ۾ ڪيو ويندو. باقي، بنگالي ٻولي روز مرهه جي وهنوار ۾ مقامي ٻوليءَ طور استعمال ٿيندي. بنگالي، جن کي پنهنجي ٻولي ۽ ثقافت سان بي پناهه پيار هو. مچرجي پيا. اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون بند ٿي ويون. آفيسن کي تالا لڳي ويا. ڪاروبار ويهجي ويو. بنگالي اديب، شاعر، دانشور، استاد، فنڪار، آرٽسٽ، پينٽر ۽ عام ماڻهو گهر گهاٽ ڇڏي ميدان ۾ نڪري آيا. خوفناڪ ويڙهه هلي، ڏگهي عرصي تائين هلي، جنهن ۾ بيشمار بنگالي مارجي ويا . ٻرندڙ جبل ۾ اندر ئي اندر ڦاٽڻ جي پيا .مضبوط مرڪزي حڪومت ڪنبي وئي. فرمان واپس ورتو ويو. بنگالي ٻوليءَ کي نه فقط بنگال ۾ بلڪه سموري پاڪستان لاءِ قومي ٻولي جو درجو ڏنو ويو. ذوالفقار علي ڀٽي جي وڏي چالاڪيءَ سان جدائيءَ جي جبل ۾ دونهي دکائي ڇڏي. ڪنهن کي خبرئي نه پئي ته اِها دونهي ڀاويهن سالن ۾ ٻارڻ ٻاري ڇڏيندي.“ ڪهاڻيءَ جي انهن سٽن ۾ حمود الرحمان ڪميشن جي حوالي سان لکيو ويو ته اولهه پاڪستان جي جدائي جو سبب ذوالفقار علي ڀٽو هو. آخر ۾ ان جو اظهار پڻ هنن جملن ۾ ڪيو ويو آهي ته ”گم ٿيل باب ۾ هڪ هنڌ لکيل آهي ته جنرل نيازي ۽ سندس بهادر ساٿي ڪنهن به قيمت تي هندستاني فوج جي جنرل اروڙا آڏو پيش پوَڻ لاءِ تيار نه هئا. بلڪه جامِ شهادت نوش ڪرڻ لاءِ تيار هئا پر، ذوالفقار علي ڀٽي جي چوڻ تي جنرل نيازي ۽ سندس ساٿين هٿيار ڦٽا ڪيا، ۽ جنرل اروڙا آڏو پيش پيا .اهڙي نموني ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان به اَڌ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو.“ (جليل، 2012)

امر جليل جي ’حمود الرحمان رپورٽ جو گم ٿيل باب‘ ۾ جتي حمود الرحمان رپورٽ ۾ بنگالي ٻوليءَ جي بابت لکيو ويو آهي. اتي ان جي پسمنظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي معاملن کي به ڏسي سگهجي ٿو.

## 5.6.8. ڪهاڻي ’اتساهه جو موت‘

ڪهاڻي ’اتساهه جو موت‘ سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار منير احمد مانڪ جي لکيل آهي. هي ڪهاڻي مانڪ جي ڪتاب ’حويليءَ جا راز‘ ۾ شائع ٿي. منير احمد مانڪ، ستر جي ڏهاڪي جو حساس ڪهاڻيڪار ٿي گذريو آهي. هي اهو ئي دؤر هو، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ سان تعصب وارو سلوڪ روا رکيو پئي ويو. اهڙي حالتن ۾ مانڪ به خاموش نه ويٺو. هن پنهنجي مختلف ڪهاڻين ۾

ان جو ذڪر ڪيو آهي. ڪهاڻي ’اتساه جو موت‘ ۾ جيتوڻيڪ موضوع سنڌ سان ورهاڱي جي هاجي ڪان هلندڙ حالتن ۾ سنڌي ماڻهن سان زيادتين جا ڪافي داستان آهن، پر ان ۾ ماڻڪ ٻوليءَ بابت ڪيترو حساس نظر اچي ٿو. ان جو اظهار هن ڪجهه هن ريت ڪيو آهي. ”هيءُ ان ماءُ جي لال جو ذڪر آهي، جيڪو، ٻولي وارن ڪرايل فسادن ۾ گوليءَ جو شڪار ٿيو.“

ماڻڪ جي ڪهاڻي ’اتساھ جو موت‘ ۾ ان جو هڪ جملو ئي پوري ڪهاڻيءَ ڪي بيان ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي جنهن ۾ هو هڪ نوجوان جي ماءُ جو درد بيان ڪندي چئي ٿو: اهو ٻوليءَ وارن فسادن ۾ موت جو ڪاج ٻڌجي ويو هو. هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻيا به ڪيترائي مسئلا سامهون آندا ويا آهن. جن جو تعلق به سنڌ جي ثقافت سان ئي آهي. ڪهاڻيءَ جي هر سٽ ۾ سنڌي ماڻهو جي درد جو بيان جهلڪي ٿو. ان حوالي سان چئي سگهجي ٿو ته ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي زبان جو اهم ۽ بنيادي حق هو ۽ انصاف ڪي مدنظر رکندي ان ڪي اردوءَ وانگر، پاڪستان جي قومي ۽ سرڪاري زبان بنايو وڃي، ڇو ته لساني ۽ علمي خيال کان ’سنڌي زبان‘ ۽ ان جومزاج ۽ صالح عنصر، ادب ۽ فن، شاعري ۽ علمي ذخيرو، لغت ۽ گرامر نهايت ترقي يافته آهن. سنڌي زبان پاڻ وٽ جيڪي لساني خصوصيتون رکي ٿي، سي اهڙيون ڪامل ۽ جامع، حسين ۽ دلڪش آهن، جي خود اردوءَ ۾ به ڪين آهن، پر بدقسمتيءَ سان ائين نه ڪيو ويو. نتيجي ۾ سنڌي ماڻهن ۾ خاموشيءَ سان سهي اهڙين تحريڪن جنم ورتو، جن ۾ اهو نڪتو اهميت اختيار ڪري ويو ته سنڌي زبان ڪي ٻين ٻولين جي مقابلي ۾ گهٽ نه ليکيو وڃي.

سنڌي ٻولي جي مڙني صنفن ۾ ان ڳالهه جو برملا اظهار به ٿيندو رهيو. ڪهاڻي **ڪيتر** ۾ پڻ ان جو دليريءَ سان اظهار ٿيو. امر جليل، هجي يا نجم عباسي، رسول بخش پليجي کان منير احمد ماڻڪ تائين، مڙني ڪهاڻيڪارن ان جو بي باڪيءَ سان اظهار ڪيو.

## 5.7. مارشل لائن خلاف تحريڪن جي اثر واريون ڪهاڻيون

### 5.7.1. ڪهاڻي ’هن پهاڙ جيڏي رات جي پڇاڙي ڪٿي آهي!؟‘

نورا لهدیٰ شاه جي ڪهاڻين ۾ جتي سنڌ ۾ عورتن سان ٿيندڙ زيادتين جي چٽي عڪاسي هوندي آهي. اتي هن جون ڪهاڻيون حالات حاضره جي نمائندگي ڪندي به ملن ٿيون. سنڌي ماڻهن سان جبر جي هڪ ڏکهي تاريخ ۾ نورالهدیٰ شاه جو ڪهاڻيون چڻ تاريخي دستاويز جو حصو آهن. سندس ڪتاب ’رڻ ۾ رڃ جو اتهاس‘ ۾ موجود ڪهاڻي ’هن پهاڙ جيڏي رات جي پڇاڙي ڪٿي آهي!؟‘ پڻ انهن تاريخي واقعن ڪي ڪهاڻيءَ جي صورت ڏئي پيش ڪرڻ جو هڪ نرالو انداز آهي. ڪهاڻيءَ جي شروعات ۾ هوءَ لکي ٿي: ”سج ميري ۽ گدلي ميرانجهڙي شام ۾ اگهاڙن ۽ پٿون پيرن ڪان اڏامندڙ دز ۽ دوڙ ۾ ڊنڊلائبو ٿو وڃي. سانجهه سمو ۽ نومبر جي شروعات جي هلڪي هلڪي سرد هوا، ڪاري نانگ جيان ور وڪڙ ڪائيندڙ پڪي رستي تان موڙ ڪاٽي، ڪار جڏهن هيٺ ڪچي ڏانهن لهڻ شروع ڪري ٿي، تڏهن ئي مان، پهرين ئي نهار ۾، پريان ڪان ئي اُهي اُگهاڙا پير، هيڊا سانورا چهرا، ڏبرا ڏيل، سانجها جهڙيون ميرانجهڙيون، اُجهاٽل اُجهاٽل اکيون ۽ لهرائيندڙ هٿن ۾ ڦڙڪندڙ جهنڊا پَسان ٿي.“

ڪهاڻي ’هن پهاڙ جيڏي رات جي پڇاڙي ڪٿي آهي!؟‘ بنيادي طور ملڪ ۾ رائج اليڪشن بابت آهي. ان لاءِ اڳتي هلي هن قسم جو اظهار ملي ٿو: ”نومبر جي ان ميري ۽ گدلي شام ۾ اسان اليڪشن جي ورڪ لاءِ آيا آهيون. اڻپورين خواهشن، اڻپورين ضرورتن، اڻپورن خوابن ۽ اڻپورن آدرشن جي اڻ ڪٽ فهرست آهي، جيڪا جهنڊي جيان هنن جي اکين ۾ ڦڙڪي ٿي.“

هي نظام ڪيترو مڪروهه آهي! ڪهاڻيڪاره ان لاءِ هڪ ورڪر جي واتان هي مڪالمه چورائي ٿي. ”ابا! منهنجو جواڻ جماڻ پٽ گذريل اليڪشن ۾ اوهان جي ليڊر لاءِ وڙهندي، وچ چؤنڪ تي مارجي ويو. ڦٿڪو ئي هڪڙو ڪاڏائين ۽ پوءِ چڻ هيو ئي ڪونه. سندس رت ۾ رڱيل قميص اڃا به رکيو ويٺو آهيان!؟ ڇؤ ته ڪٽي آڻي ڏيکاريانو!!؟“

ڪهاڻيءَ ۾ جتي هڪ ورڪر، ليڊر جي چوڻ تي دعوا ڪري ٿو ته هيئيان هڪ آواز اچي ٿو. ”بڪواس ٿو ڪرين تون. اڳوڻڪين اليڪشنن ۾ تون ئي ته آيو هئين. تون نه هوندين ته تنهنجي ئي پارٽيءَ جو ڪو پيو هوندو، تو جهڙو. اهو نه هوندو ته اجا ڪو پيو هوندو. اسان ته اسڪولن، هسپتالن، رستن، گهرن ۽ بجليءَ جا خواب ڏسي ڏسي انڌا ٿي پيا آهيون.“ ڪهاڻيءَ ۾ سياسي جلسي ۾ هڪ ماڻهو، ضمير متڪلم واحد جي صورت مرڪزي ڪردار ڪي چئي ٿو. ”پڻو آ – ڪنهن زماني ۾ تون ڏاڍي سٺي تقرير ڪندي هئينءَ ماڻهن جا هشام گڏ ٿي ويندا هئا ۽ سُئي به ڪِرندي هئي ته ان جو به آواز ٿيندو هو. اڄ چو نٿي ڳالهائين.“ جواب ۾ ”مان خالي خالي نيڻ نهار هن تي وجهان ٿي. ان سوال جو به ته ڪوئي جواب ڪونهي ته اڄ مان چو نٿي ڳالهايان؟ مون کي لڳي ٿو منهنجي چپ ان هجوم جي پيرن هيٺ لتاڙجي رهي آهي.“

ڪهاڻيءَ ۾ آمريت جي حوالي سان اڳتي هلي ڪم جا مڪالما اچن ٿا. ”صبح ضرور اُپرندو. جمهوريت جو سج – اسان آمريت کي چؤواٽي تي سوريءَ چاڙهينداسون – جمهوريت زنده باد – آمريت مرده باد – اوهان کي جمهوريت کي ڪامياب بنائڻو آهي – جمهوريت – آمريت/ آمريت – جمهوريت – آ – مر – يت – مرد – هه – باد – جمهو – ريت – زندهه – باد – مردهه – باد – زندهه – باد .“ وري سوال ڪيو وڃي ٿو. ”آمريت ڇا ٿيندي آهي؟ “بلڪل اوچتو هو سوال ڪري ٿو ۽ هن کي پڌائڻ ڪيڏو ڏکيو آهي ته آمريت ڇا ٿيندي آهي! ڪوبه جواب پائڻ کان پهرين هو هيڪر وري سوال ڪري ٿو. ”پلا، جمهوريت ڇا ٿيندي آهي؟“ هن کي پڌائڻ ڪيڏو ڏکيو آهي ته جمهوريت ڇا ٿيندي آهي!انهيءَ دؤران هجوم مان شايد هن جي ماءُ نڪري اچي ٿي ڪيس ٻانهن کان سوگهو پڪڙي واپس هجوم ۾ وٺي وڃڻ لاءِ – هو ماءُ سان گهلبو هجوم ڏانهن ويندي ويندين ڪنڌ ورائي پڇي ٿو: ”پلا ٽي وقت ماني – پلا پيرن جي جُتي – پلا هڪڙو وڳو ڪپڙن جو ڪير ڏيندو!؟ آمريت ڏيندي ـــ ڪِ ـــ جمهوريت ڏيندي!؟“ آخري لفظن کي پهچڻ تائين هو اونداهيءَ ۾ هجوم ۾ اَلوپ ٿي وڃي ٿو ۽ هن کي اهو پڌائڻ ڪيترو ڏکيو آهي ته اهي ئي ٽي شيون آهن، جن ماڻهن کي پاڳل ڪري ڇڏيو آهي. (نورالهدیٰ شاه، 2007)

## 5.7.1.1.ڪهاڻي ’هن پهاڙ جيڏي رات جي پڇاڙي ڪٿي آهي!؟‘ تي تبصرو

نور الهدیٰ شاه جي ڪهاڻي ’هن پهاڙ جيڏي رات جي پڇاڙي ڪٿي آهي!؟‘ ۾ سنڌ جي پوئتي پيل سياسي سماج جي ڪٿا بيان ٿيل آهي. جنهن ۾ ان ڳالهه تي گهڻو اسرار ڪيو ويو آهي ته هن صديون رويورس گئير ۾ آيل معاشري لاءِ جمهوريت به اوتري ئي بي لاپ بڻيل آهي، جيتري آمريت. ڪهاڻيءَ ۾ ڪٿي به سڌي ريت مارشل لا جو ذڪر نه ناهي، پر پاڻ سمجهون ٿا ته هتي آمريت مان مطلب مارشل لا ئي هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته ماضيءَ ۾ اسان وٽ آمريت مارشل لائن جي صورت ۾ ظاهر پئي ٿيندي آهي. ايوب خان جي مارشل لا هجي يا جنرل يحیٰ خان جي فوجي حڪومت، جنرل ضياء جو ڦهري نظام هجي يا سال 1999 کان ايمرجنسيءَ جي صورت جنرل پرويز مشرف جي مارشل لا، اهي آمريتون، مارشل لا جي ظاهري صورت ۾ ئي نروار ٿيون آهن.

ڪهاڻي ’هن پهاڙ جيڏي رات جي پڇاڙي ڪٿي آهي!؟‘ ۾ ڪهاڻيڪاره الائي ڇو وضاحت سان اها ڳالهه سمجهائڻ ۾ ناڪام وئي آهي ته ’بحرالحال، جمهوريت هر حالت ۾ آمريت کان بهتر هوندي آهي.‘ پاڪستان جي تاريخ تي نظر وجهون ٿا ته اتي رڳو مارشل لائن جي صورتن ۾ آمريتون ئي رهيون آهن. جي وچ ۾ وقفي سان جمهوري طرز حڪمراني آئي به آهي ته اها به انهن آمريتن جي خوف جي سائي ۾ هلي آهي. جيڪڏهن پاڻ پنهنجي اپياس جي دؤر سال 1947 کان 2000 تائين جي پاڪستان ۾ حڪومتن کي ڏسنداسين ته اتي آمريتن جو دؤر وڌيڪ رهيو آهي. اهڙن حالتن ۾ جڏهن آمريتن جو پيرڊ مٿاهون هجي ته جمهوريت جي ڪهڙي حيثيت رهي ٿي. ٻين لفظن ۾ پاڪستان ۾ خصوصي طور سنڌ ۾ جمهوريتون، آمريتن جي سائي ۾ پلجي جوانيءَ کان اڳ ختم ٿيو وڃن. پوءِ اهڙين حالتن ۾ جمهوريت جو اهو روح نه ٿو رهي جيڪو رهڻ گهرجي. ’هن پهاڙ جيڏي رات جي پڇاڙي ڪٿي آهي!؟‘ ڪهاڻي، اصل ۾ آمريت جي ڪهاڻي ئي آهي. اهڙي آمريت جيڪا مارشل لائن جي جي دؤر ۾ هر نظام مٿان حاوي رهي آهي. (نورالهدیٰ شاه، 2007)

## 5.7.2. ڪهاڻي ’جادوگرن جو شهر‘

امر جليل جي ڪهاڻي ’جادوگرن جو شهر‘ هن جي ڪتاب ’سنڌو بقا مان فنا آهيان‘ ۾ شامل آهي. امر جليل، باڪ ليڪ آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ اها رندي نظر اچي ٿي. ڪهاڻي ’جادوگرن جو شهر‘ ۾ پڻ ملڪ سان سلهاڙيل مسئلن تي ڪليل نموني سان لکيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ جي شروعات هنن سٽن سان آهي ته ”اسان واري پاڪ، صاف، ۽ نيڪ بختن جي ملڪ ۾ انيڪ جادوگر ٿي گذريا آهن. انهن جادوگرن ۾ هاسانند جادوگر جو نالو شامل ناهي. هاسانند جادوگر هندستان جي ٽُٽڻ ۽ پاڪستان ٺهڻ کان اڳ واري اَڻ آرين جي دؤر جو جادوگر هو. ڪڏهن ڪنبياري ۾ ۽ ڪڏهن ٿارو شاه ۾ نظر ايندو. مرضي پويس ته نظر نه ايندو هو. اصل ۾ روهڙيءَ جو رهاڪو هو، پر پوءِ وڃي رتوديرو وسايائين. گهٽو ڪري ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڪرتب ڏيکاري ماڻهن کي وائڙو، بلڪه اَڌ چريو ڪري ڇڏيندو هو. ڳيري کي باز، ۽ باز کي ڳيرو ڪري وجهندو هو. سيتاڦل کي گدرو ۽ گدري کي سيتاڦل ڪري سگهندو هو. ٻيرن کي ٻير، ٻيرن کي ٻير ڪري ڇڏيندو هو.“

اهڙي ريت هن ورهاڱي کي هنن لفظن ۾ ڇوٽ هنئي آهي ته ”هندستان جي ٽُٽڻ ۽ پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ هاسانند جادوگر هجرت ڪري هندستان هليو ويو هو، يا پاڪستان ۾ رهي پيو هو. هاسانند جادوگر پاڪستان ۾ رهي پيو هو، يا نه رهي پيو هو، ان ڳالهه جي به مون کي پڪ ڪونهي. مون کي هڪ ڳالهه جي پڪ آهي ته هاسانند جادوگر جيڪڏهن هندستان هليو ويو هو ته پوءِ هن هجرت نه ڪئي هوندي. هو هندستان ڏانهن لڏي ويو هو. هجرت فقط هندستان مان پاڪستان لڏي ايندڙ ڪندا آهن.“ امر جليل ڪهاڻي ’جادوگرن جو شهر‘ ۾ هڪ دؤربين جو ذڪر ڪري ٿو، جيڪا جادوگرن وٽ هوندو هئي. ”هنن جي هٿ ۾ هميشه دؤربين هوندي هئي. دؤربين مان جڏهن به ڏسندا هئا، پاڪستان ڪين نازڪ ترين دؤر مان گذرندي نظر ايندو هو. اُها دؤربين جادوگرن کي ورثي ۾ ملي هئي، جيڪا نسل در نسل ٿيونجاهه سالن کان جادوگرن جي هٿ ۾ رهي آهي، جنهن مان ڪين هميشه پاڪستان پنهنجي تاريخ جي نازڪ ترين دؤر مان گذرندي نظر ايندو آهي. اُها دؤربين نيڪ سيرت ۽ نيڪ صورت جنرل ضياالحق کي به هٿ چڙهي ويئي هئي. هو ڏاڍو دؤر انديش حڪمران هو. هن کي دؤربين مان نه فقط پاڪستان پنهنجي نازڪ دؤر مان گذرندي نظر آيو، ڪيس اسلام به خطري ۾ نظر آيو. هن هڪدم پاڪستان جي مسلمانن کي ٻيهر مسلمان ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. فيصلي تي عمل ڪرڻ کان اڳ هو هرڪيوليس هٿان مارجي ويو.“

ڪهاڻي ’جادوگرن جو شهر‘ ۾ ضياءَ الحق سان گڏ فيلڊ مارشل ايوب خان جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي. ”پاڪستان جي حيرت انگيز ۽ سحر انگيز تاريخ ۾ فيلڊ مارشل ايوب خان پهريون حڪمران هو جنهن جادوگرن لاءِ نئون ۽ نويڪلو شهر اسلام آباد تعمير ڪرايو. ايوب خان اسلام آباد ۾ ئي هو ته ڪيس دؤربين مان پاڪستان پنهنجي تاريخ ۾ نازڪ دؤر مان گذرندي نظر آيو هو. ڏاڍو پريشان ٿيو. درِد وندي دل جو مالڪ هو. پاڪستان کي نازڪ ترين دؤر مان ڪڍڻ لاءِ حڪومت جون واڳون مجبور ٿي پنهنجي هٿ ۾ ڪنيائين. تڏهن پاڪستان کي وجود ۾ آئي يارهن سال مس ٿيا هئا. هو سوچ ۾ پئجي ويو ته پاڪستان کي هلائڻ لاءِ ڪهڙو نظام ڏجي. نظام ڏجي به، يا نه ڏجي. يا پهرين يارهن سالن وانگر بنان ڪنهن نظام جي ملڪ کي هلڻ ڏجي! ڏاڍو سوچيندو هو. سڄي سڄي رات جاڳندو هو، دريءَ مان مٿو ڪڍي تارا ڳڻيندو هو. نيٺ سڄي ملڪ کي اسي هزار يونين ڪائونسلن ۾ ورهائي ڏهه سال حڪومت ڪيائين، ۽ پاڪستان جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيائين. سندس وڃڻ کان فقط ٽي سال پوءِ پاڪستان به اڌ ٿي پيو.“ امر جليل جي ڪهاڻيءَ ۾ تاريخ جا واقعا ڪجهه اهڙي طرح درج آهن جو ڪٿي به انهن کي اورانگهي اڳتي نه ٿو وڌي سگهجي. جهڙي طرح هي جملا: ”جسٽس حمود الرحمان جي رپورٽ ۾ ڪٿي به فيلڊ مارشل ايوب خان جي بنيادي جمهوريتن، ۽ سندس ڏهن سالن واري مارشل لا جو ذڪر ڪيل نه آهي. بنگالي ايوب خان جي مارشل لا مان ڏاڍا خوش هئا. ايوب خان کي هٿ ڪٽي دعائون ڏيندا هئا.“ (جليل، 2012)

### 5.7.2.1.ڪهاڻي ’جادوگرن جو شهر‘ تي تبصرو

امر جليل جي ڪهاڻي ’جادوگرن جو شهر‘ هڪ تاريخ جو مختصر ئي سهي پر پورو اپياس آهي. هو پنهنجي هن ڪهاڻيءَ ۾ ملڪ جو ڪڙيون حقيقتون جهڙي ريت ظاهر ڪري ويو آهي. اهو هن جي لکڻي جو ڪمال آهي. ملڪ ۾ جي قائم ٿيڻ کانپوءِ يارهن سالن جي اندر مارشل لا جو نفاذ، چڻ ملڪ جي تباهيءَ جو بنياد ئي هو. جيڪا ڳالهه اڄ به ملڪ جي ان طبقي کي سمجهه ۾ نه آئي آهي، جيڪو سدائين طاقت ۾ رهيو آهي. يا ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته ان تباهيءَ کان ديس جو عام ماڻهو به واقف ناهي. ايتري تائين جو ملڪ ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو.

هن جديد دؤر ۾ به سنڌ جو ماڻهو ايوبي مارشل لا جي تعريف ڪندي نظر ايندو. اها ڳالهه ماڻهن جي ذهنن ۾ سرايت ڪري وئي آهي ته مارشل لائون سدائين سول سرڪار کان بهتر هونديون آهن. ان جا ڪافي تاريخي سبب پڻ آهن. جن ۾ هڪ وڏو ڪارڻ هن خطي تي صدين کان بادشاهي راڄ رهيو آهي. بادشاهن جون حڪومتون پنهنجي اندر ۾ آمريتون سانڍينديون آهن. اهي آمريتون هن خطي جي ماڻهن جي جين ۾ داخل ٿي انهن جي عادتن جو حصو ٿي ويون آهن. هن وقت به ماضي قريب جي تاريخ کي ڏسندا سين ته جڏهن به ملڪ ۾ مارشل لا نافذ ڪئي وئي ته عام ماڻهن ان جو استقبال ئي ڪيو. ان احساس کان سواءِ ته مارشل لا ۾ سڀ کان گهڻو نقصان انهن جو ئي ٿيندو. پوءِ اهڙين حالتن ۾ جڏهن دانشور طبقو ڪجهه ڪرڻ جي ڪندو ته اهو پڻ اڪيلائي جو شڪار ٿي ويندو آهي.

امر جليل جي ڪهاڻي ’جادوگرن جو شهر‘ ۾ جهڙي ريت طنز جي صورت ۾ ملڪي نظام مٿان ڪڙي تنقيد ڪئي وئي آهي. اها گهڻين حقيتن تان پردو ڪڻڻ لاءِ ڪافي آهي. اهو پڻ ته ڪجهه ماڻهن جيڪي طاقت ۾ هئا، پنهنجي شخصي انا جي ڪري ملڪ جو ٻيڙو ٻوڙڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو. هن ڪهاڻيءَ ۾ اسان کي جتي ملڪ جي اتهاس جون تلخ حقيقتون ملن ٿيون، اتي شعور جي اها رو پڻ نظر اچي ٿي، جنهن ۾ سنڌ جو اديب سجاڳ آهي ۽ حالتن کان چڱي ريت باخبر پڻ رهي پيو.

### 5.7.3. ڪهاڻي ’ادب ۽ نعريبازي‘

امر جليل جي ڪتاب ’لهندڙ سج جي لام‘ ۾ شامل ڪهاڻي ’ادب ۽ نعريبازي‘ مارشل لا جي خلاف تحريڪ جي هڪ اهم ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ جي ابتدا ۾ دنيا جي وڏن اديبن جا نالا وٺي انهن جي باري ۾ رايا معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. جيئن: ”ميڪسم گورڪيءَ جي باري ۾ تنهنجو ڪهڙو رايو آهي؟“ جواب اچي ٿو. ”ادب ۾ نعريبازي ڪندو هو. جڪ مارِيندو هو.“ اهڙي طرح چارلس ڊڪنس، البرٽ ڪاميو، سارتر، هيمنگوي، بورس پلسترنڪو، اليگزينڊر سولزهنستن، آرٿر ڪوئيسلر، جيمس بالڊون، ڪرشن چندر جي باري ۾ معلوم ڪري انهن جي باري ۾ تبصرا ڪيا وڃن ٿا.

ڪهاڻي ’ادب ۽ نعريبازي‘ ۾ڳتي هلي ان گفتگو ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مشهور رسالي روح رهاڻ جي باري ۾ پڇيو وڃي ٿو. اهو سوال ڪجهه هن طرح آهي ته ”۽ روح رهاڻ رسالي جي باري ۾ ڇا ٿو چوين، جنهن تي 1968ع ۾ مارشل لا حڪومت بندش وڌي هئي؟“ جواب ملي ٿو. ”وڏو بڪواس ۽ واهيات رسالو هيو، سياسي ادب سان ڀريل هوندو هو. ون يونٽ خلاف ڪهاڻيون ۽ شعر ڇاپيندو هو. سنڌي ماڻهن ۾ سياسي شعور ۽ حقن لاءِ جدوجهد جو جذبو جاڳائيندو هو. اصل، نعريباز سان ڀريل هوندو هو، منهنجا سائين.“ انهيءَ سلسلي ۾ اڳتي هڪ ٻيو سوال ٿئي ٿو. ”اوهان جي خيال موجب ادب ۾ سياسي موضوع تي لکڻ، نعريبازي آهي؟ جواب ساڳيو ئي ”بلڪل نعريبازي آهي. اهڙي ادب کي ادبي اوسر ۾ هرگز شمار نه ڪجي.“ آخر ۾ جڏهن نعري بازي جي بنياد تي اهڙي ادب کي خارج جي ڳالهه نڪري ٿي ته جواب ۾ اسي سيڪڙو ادب جو ٻڌايو وڃي ٿو. (جليل، 2010)

#### 5.7.3.1.ڪهاڻي ’ادب ۽ نعريبازي‘ تي تبصرو

امر جليل جي هي ڪهاڻي سنڌ جي انهيءَ ذهينت جي عڪاسي ڪري ٿو، جيڪو پنهنجي اظهار ۾ ادب ۽ سجاڳيءَ کي دنيا جي خراب شين سان تعبير ڪندو رهيو آهي. ان طبقي وٽ اهو هر ڪم گناهه ۽ خرافات ۾ اچي ٿو، جنهن ۾ ماڻهن کي شعور ملي. نتيجي ۾ سنڌ جو اهو نام نهاد پڙهيل طبقو نه صرف پرمار جو نه صرف سهولتڪار پر ان جو ساٿي پڻ رهيو آهي. امر جليل جي ڪهاڻي ’لهندڙ سج جي لام‘ ۾ ان قسم جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مشهور رسالي روح رهاڻ جو پڻ ذڪر ملي ٿو. روح رهاڻ تي پابندي ڇو مڙهي وئي؟ جي سوال جو جواب نهايت سؤلو آهي ته روح رهاڻ ۾ ان وقت مزاحمتي ادب جو ڪجهه حصو شائع ٿيو. يقينن اهي لکڻيون وڏي تعداد ڪونه هيون ۽ نه ڪي سچي سنڌ ان جي اثر ۾ اچي اٿي کڙي ٿي، پر ان جي باوجود مارشل لا مڙهندڙن حڪمرانن کي ڪو اهڙو خوف وڪوڙيل هو جو، هو مارشل لا جي قهري نظام حڪومت ۾ ان چرندڙ ڪک پن کان به خوف کائي رهيا هئا، جيڪي هنن جي محسوسات ۾ سندن جي مفادن خلاف هئا.

ڪهاڻي ’لهندڙ سج جي لام‘ جو بنيادي ٿيم ان نڪتي تي بيهي ٿو ته پرمار طبقي لاءِ شعور ئي سڀ کان خطرناڪ هٿيار آهي. جنهن کي هو هر ممڪن حربي سان ختم ڪرڻ چاهي ٿو. انهن سيني معاملن جي باوجود سنڌي ادب کي جس هجي، جنهن اهڙا باريڪ نڪتا ڪڍي به ماڻهن جي اڳيان رکيا پيا. يعني پلي مارشل لا جو انسان دشمن نظام موجود هو، پر ساڳي وقت سماج مان روح رهاڻ جي شڪل ۾ اهڙا آواز به اچن پيا، جنهن مان استعماري قوتن کي خطرو هو ۽ هو ان کي ختم ڪرڻ جي سعيي ۾ هئا.

## 5.7.4. ڪهاڻي ’اسٽار سرڪس جو جوڪر‘

امر جليل جي ڪهاڻي ’اسٽار سرڪس جو جوڪر‘ ڪتاب ’تاريخ جو ڪفن‘ ۾ شامل هن جي نمائنده ڪهاڻين منجهان هڪ آهي. هن ڪهاڻيءَ جا مرڪزي ڪردار مارشل لائن جي آمريتن جا ستيل مسڪين ماڻهو آهن، جن کي انهن جي حال معلوم ڪرڻ ڪانسواءِ هڪ ڊڪٽيٽر جي استقبال لاءِ گاڏين ۾ جانورن جيان ڀري نيو پيو ويو. ڪهاڻيءَ ۾ انهن مريضن کي ڏيکاريو ويو آهي، جيڪي علاج لاءِ هڪ گشتي دواخاني جو انتظار ڪن ٿا. ان جي منظرڪشي، ڪهاڻيڪار ڪجهه هن ريت ڪئي آهي ته ”مان ۽ مون جهڙا ڪجهه ٻيا ماڻهو (جيڪي پاڻ بيمار رهندا آهن، جن جا مائٽ بيمار رهندا آهن.) ڳوٺ حاجي ساوڻ ڦلپوٽو مانڌياڻيءَ کان ٻاهر پرتو، والي بال ميدان وٽ، خيراتي گشتي دواخاني واري لاريءَ جو انتظار ڪري رهيا هئاسين.“

انهيءَ انتظار ۾ ٻن لاريون هنن وٽ اچن ٿيون. جنهن لاءِ ڪهاڻيڪار لکيو ته ”ٻنهي لارين تي ستن رنگن جا پٽا ڏنل هئا. طرحين طرحين جون جهنڊيون لارين مان لٽڪي رهيون هيون. قسمين قسمين گلن جون ڪنڍيون لارين جي لامن سان ٻڌل هيون.“ هنن ٻڌايو ته ”پيارا پائرو، اسان اسٽار سرڪس جا مشڪرا آهيون. مان اسٽار سرڪس جو وڏو مشڪرو آهيان. اڄ اسٽار سرڪس جو عظيم جوڪر حيدرآباد شهر ۾ پهچي رهيو آهي. مان توهان سيني کي عرض ٿو ڪريان، ته هلي، عظيم جوڪر جو استقبال ڪريو.“ عظيم جوڪر ڪير آهي؟ لاءِ ڪهاڻيءَ ۾ لکيو ته ”پاڪستان تي اڄ، هڪ ڏينهن لاءِ اسٽار سرڪس جي عظيم جوڪر جي حڪومت آهي. توهان سيني کي دنيا جي سڀ کان وڏي جوڪر جو استقبال ڪرڻ لاءِ هلڻو پوندو.“

ڪهاڻيءَ ۾ جڏهن دوا لاءِ آيل مريضن کي اسٽار سرڪس جي عظيم جوڪر جي استقبال لاءِ وٺي ته وڃن ٿا، پر انهن جي واپسيءَ جو مسئلو ٿي وڃي ٿو. ”ڪلاڪن ٿائين جڏهن اسٽار سرڪس جي مشڪرن کي ڳولي ڳولي ٿڪجي پياسين، تڏهن هڪ فٽ پاٿ تي اچي ويٺاسين.“ اتي ويهڻ ڪانپوءِ هنن جي لاءِ ٻک ۽ واپسي مسئلو ٿي ويو. ”اسان پنِنداسين، خيرات مان اول ماني ڪائينداسين، ۽ پوءِ ڳوٺ هلنداسين.“ اسٽار سرڪس جي عظيم جوڪر جي استقبال ڪانپوءِ جڏهن انهن کي بي يارو مددگار ڇڏيو وڃي ٿو ته هو سچي شهر ۾ پنن ٿا. جتي پڻ سندن سان عقوبتون ڪيون وڃن ٿيون. ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ جڏهن هو ٿڪجي پون ٿا ته ”ان وقت پٽاپٽي لاريون آيون، اسان جي ويجهو اچي بيٺيون، پٽرن، ٺڪرن، لٺين ۽ باٺن جو وسڪارو بند ٿيو. لاريءَ مان وڏو مشڪرو ۽ سندس تابعدار

مشڪرا لهي آيا. مشڪرن اسان کي ڪنڌ کان وٺي لاريءَ ۾ چاڙهي ڇڏيو ۽ پاڻ به چڙهي ويٺا. وڏي مشڪري پاڙي وارن کي مخاطب ٿيندي چيو: ”اڄ سڄو شهر ڇرين سان پرجي ويو آهي. جڻ ڇرين جو مينهن وسيو آهي، پر توهان هينئر آرام ڪريو. اسان شهر جي هڪ هڪ ڇرئي کي گڏو بندر موڪليندا سين. پوءِ لاري ڇرين جي اسپتال ڏانهن رواني ٿي ويئي.“ (جليل، 1999)

## 5.7.4.1.ڪهاڻي ’اسٽار سرڪس جو جوڪر‘ تي تبصرو

سنڌي ڪهاڻيءَ جي تمام وڏي نالي امر جليل جي تخليق ’اسٽار سرڪس جو جوڪر‘ هن جي ڪتاب ’تاريخ جو ڪفن‘ جو حصو آهي. امر جليل پنهنجي روايتي ڪهاڻين جيان هن ڪهاڻيءَ ۾ به طنز کان ڪم ورتو آهي. ’اسٽار سرڪس جو جوڪر‘ جو بنيادي خيال مجموعي طور ته ملڪ جا سڀ حڪمران آهن. جنن کي بقول هن جي هندستان جي تاريخ ۾ نظام سقه جيان حڪومت ملي وئي هجي. نظام سقه جو هن ان ڪهاڻيءَ ۾ ذڪر ڀڻ ڪيو آهي. يعني هتي جيڪي به حڪمران آيا آهن؛ انهن جو حال نظام سقه جهڙو ئي رهيو آهي. مطلب هڪ ڏينهن جي لاءِ حڪومت! باقي سياڻي ڇا ٿيندو؟ انهن کي ڪا پرواهه ناهي رهي. نتيجي طور ايترا سال گذرڻ جي باوجود ملڪ پاڪستان جون حالتون درست ٿين بجاءِ بدتر ٿينديون پيون وڃن. ڪهاڻي ’اسٽار سرڪس جو جوڪر‘ اندر اشارن ۾ جنرل يحى خان جو ذڪر آهي. جنرل يحى خان جو شمار پاڪستان جي انهن غير سنجيده حڪمرانن منجهه ٿئي ٿو. جيڪي حادثاتي طور حڪومت ۾ ته اچي ويا، پر انهن جا رويا سدائين ’اسٽار سرڪس جي جوڪرن‘ جهڙا رهيا. ان سڄي معاملي ۾ ماڻهن کي دٻائڻ لاءِ انهن جي آوازن کي لڪائڻ لاءِ ملڪ ۾ مارشل لا جو سهارو ورتو ويو.

يحى خان ڪير هو؟ ان لاءِ ضروري آهي ته ان وقت ملڪ جي سياسي صورتحال کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪجي. نومبر مهينو، سال 1968 ۾ مخالف ڌر جي گڏيل محاذ ملڪ ۾ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ تحريڪ شروع ڪئي، جنهن خوني فسادن جي صورت اختيار ڪئي. مارچ 1969 تائين حڪومت تي ايوب خان جي گرفت ڪمزور ٿي چڪي هئي. 23 مارچ 1969 تي يحيٰ خان. ايوب خان جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جي تيارين کي حتمي شڪل ڏني ۽ ڪور ڪمانڊرن کي ضروري هدايتون ڏنيون. 25 مارچ 1969 تي ايوب خان قوم کي پنهنجي خطاب ۾ اقتدار کان ڌار ٿيڻ جو اعلان ڪيو، جنهن بعد يحيٰ خان باقاعده مارشل لا لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ ايندڙ سال عام چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو. 30 جون 1970ع تي سرحد ۽ بلوچستان جي صوبائي حيثيت بحال ڪئي وئي. اڳوڻي رياست بهاولپور کي پنجاب ۽ ڪراچيءَ کي سنڌ ۾ شامل ڪيو ويو. مالاڪنڊ ايجنسي اڳوڻي سرحدي رياستن سوات، دير ۽ چترال کي ضم ڪري ٿاهي وئي. سيپٽمبر جي ستين تاريخ تي قومي اسيمبلي ۽ 17 ڊسمبر تي صوبائي اسيمبلين جون چونڊون ٿيون. جنهن کي ملڪي ۽ غير ملڪي مبصرن پاڪستان جي تاريخ جي پهرين آزاد ۽ منصفاڻي اليڪشن قرار ڏنو. 16 ڊسمبر 1971 تي هندستاني فوجن جي اوپر پاڪستان تي قبضي ۽ اولهه پاڪستان جي محاذ تي پاڪستاني فوجن جي غير اطمينان بخش ڪارڪردگيءَ جي ڪري ملڪ ۾ فوج مخالف مظاهرا شروع ٿيا. 20 ڊسمبر 1971 تي جنرل يحيٰ پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين ذوالفقار علي ڀٽي کي اقتدار سونپيو. ڪيس 8 جنوري 1972 تي گرفتار ڪيو ويو ته جيئن ڪيس عوامي ڪاوڙ کان بچايو وڃي. ڪيس جولاءِ 1977 ۾ خراب صحت سبب آزاد ڪيو ويو. امر جليل جي هن ڪهاڻيءَ ۾ انهيءَ هڪ پاسي جتي عوام جي بيوسي ڏسي سگهجي ٿي. اتي اسٽار سرڪس ۾ ڪم ڪندڙ حڪمرانن جي طرزِ حڪومت ڀڻ نظر اچي ٿي.

# 5.8. لساني فسادن جي پسمنظر ۾ لکيل ڪهاڻيون

## 5.8.1. لساني فسادن جا محرڪ

اسي ۾ نوي جي ڏهاڪن ۾ سنڌ ۾ ٿيل خوني ٽڪرار جا بنيادي محرڪ ڪهڙا هئا؟ جي سوال تي ڪيترائي جواب سامهون اچن ٿا. ان پسمنظر کي ڄاڻڻ لاءِ ماضي قريب جي تاريخ ۾ وڃڻ جي ضرورت آهي. ڪتاب ’سنڌ-آزادي ۽ انقلاب‘ جو مصنف: رڪ سنڌي لکي ٿو: ”سنڌ قومي اتحاد ٺهڻ کان پوءِ جڏهن پنجاب جي حڪمران ٽولي ڏٺو ته، سنڌي قوم جي ان گڏيل پليٽ فارم تان ويجهڙائي ۾ سندن خلاف هڪ وڏي تحريڪ شروع ٿيڻ واري آهي ته هنن ان خلاف مختلف مورچن تان ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. سنڌ قومي اتحاد جي جدوجهد کي سبوتاز ڪرڻ لاءِ مختلف طريقن سان ڪوششون ڪرڻ شروع ڪيون ۽ قومي اتحاد جي جدوجهد جو رخ پاڻ کان ڦيري ڪنهن ٻئي طرف ڪرڻ لاءِ پنهنجن ايجنٽن جو هڪ چار وچائڻ شروع ڪيو.“ تاريخ نويس رڪ سنڌي ان ڳالهه تي زور ڏيندي نظر اچي ٿو جنهن ۾ سنڌي – مهاجر ٽڪرار جي پويان پنجاب جو هٿ آهي. ان ڏس ۾ طارق رحمان جو تحقيقي مقالو Language and Politics in a Pakistan Province: The Sindhi Language Movement ڪافي معاملن تان پردو کڻي ٿو. هن مطابق ”جهڙي ريت پاڪستان ۾ سٺ جي ڏهاڪي ۾ سرائيڪين هڪ تحريڪ جي ذريعي پاڻ کي هڪ الڳ قوم جو درجو ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي. اهڙي طرح سنڌ جي شهر ۾ مهاجر هڪ الڳ قوم آهي، جو خيال پروان چڙهيو.“(Rehman, 1995. Pp 1005-1016) رڪ سنڌي، سنڌ ۾ لساني فسادن جي شروع ٿيڻ جو مهينو جون ۽ سال 1988 لکيو آهي. جڏهن ته محقق تاريخ نويس ايس. اڪبر زيدي پنهنجي تحقيق Sindhi vs Mohajir in Pakistan: Contradiction, Conflict, Compromise۾ 1985 کي سنڌي – مهاجر ٽڪرار جي شروعات ڄاڻائي ٿو. (Zaidi, 1991: pp. 1295-1302) سنڌي – مهاجر ٽڪرار اهڙي ريت ڪيئن اهڙين حالتن ۾ پهچي ويا جو سال کان رهندڙ ماڻهو هڪ ٻئي جي خون جا پياسا ٿي ويا؟ ظاهر آهي ته ان سوال جا به پڻ ڪيترائي جواب آهن. ان لاءِ ان وقت جي تحقيقي مقالن کي پڻ ضروري آهي. 1988 ۾ هانگ ڪانگ مان نڪرندڙ رسالي For Eastern Economic Review ۾ ان وقت لکيو ويو ته ”پاڪستاني حڪمران ملڪ کي 12 صوبن ۾ ورهائڻ چاهين ٿا،جنهن جو هڪ صوبو ”ساحلي“ هوندو. جنهن ۾ ڪراچي، مڪران ۽ لسٻيلي وارو ساموندي علائقو شامل هوندو.“( https://economictimes.indiatimes.com/topic/far-eastern-economic-review) رڪ سنڌي ان ڳالهه جي تصديق ڪجهه هن ريت ڪري ٿو ته ان وقت وفاقي سرڪار جي هڪ وزير نسيم اهير سينيٽ ۾ تقرير ڪندي چيو ته ملڪ کي 18 صوبن ۾ ورهايو ويندو. ان ڏس ۾ سندس پهريون قدم اهو هو ته هن ڪراچي پوليس باقي سنڌ جي پوليس کان ڌار ڪرڻ جو حڪم جاري فرمايو هو. اهو مرحليوار ڪم ان ڪري ڪيو پئي ويو ته سڌو سنئون صوبي جي اعلان ڪرڻ سان سنڌ ۾ بغاوت اڀري پوي ها. ان ڪري آهستي آهستي ضروري ڪارروايون پوريون ڪرڻ ۽ گهربل صوبائي ادارا جوڙڻ کان پوءِ وقت اچڻ تي جدا صوبي جو اعلان ڪيو وڃي ها.“ (ميمڻ – کوکر، 2014) هن سڀني معاملن جي پسمنظر ۾ سنڌي – مهاجر فساد جي ڪهاڻيءَ کي سمجهي سگهجي ٿو.

ايم. ڪيو. ايم. جي ٺهڻ ڪانپوءِ انهن سڀني ڳالهين کي هٿي ملي، جنهن ۾ سنڌي – مهاجر نفرت ڪارفرما هئي. ڇاڪاڻ ته ڪراچي ۽ حيدرآباد جي وڏي آبادي الطاف حسين جي ’مهاجر قومي موومينٽ‘ سان سلهاڙجي وئي هئي. استحصالي ٽولي ايم. ڪيو. ايم. کي پڻ پنهنجو ايجنٽ ڪري هلائڻ ۽ ان کي پنهنجن مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا. پنجاب مهاجرن کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه رعايتون ڏيڻ رستي، سندن پنجاب مخالف جذبن تي ڇنڊا وجهڻ شروع ڪيا. جيئن ته ايم. ڪيو. ايم. جا ڪافي مطالبا سنڌين خلاف آهن، جيئن ڌار قوميت، ٻهارين جي آبادي، ڪوٽا سسٽم جو خاتمو وغيره.، ان ڪري انهن مطالبن ڪري اڳئي سنڌين ۽ مهاجرن ۾ ڏؤريون پئجي چڪيون هيون ۽ مهاجر قيادت انهن مطالبن جي حل لاءِ پنجابي حڪمرانن ڏانهن واجهائي رهي هئي. اُن ڪري پنجابي حڪمرانن ان ڳالهه مان فائدو حاصل ڪندي، مهاجرن جي رجعت پسند قيادت کي پاڻ سان ملائڻ ۽ سنڌين خلاف استعمال ڪرڻ لاءِ تيزي سان ڪم ڪرڻ لڳي. جيئن ته مهاجرن جو پنجابين سان ٽڪراءُ صرف ڪراچي اندر چند نوڪرين، پرمٽن،

ڪارخانن ۽ واپار جي بنياد تي هئو ۽ باقي سندن مطالبا ڪنهن به طرح پنجاب جي خلاف ڪو نه هيا. ان ڪري، پنجاب، مهاجرن کي پنهنجو نئين سر اتحادي بنائڻ لاءِ انهن مطالبن کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار هئو. پنجابي حڪمران ٽولي ايم. ڪيو. ايم. ۾ ڏڙابندي واري عمل کي تيز ڪندي، ان اندر وڏي تعداد ۾ پنهنجا ايجنٽ پيدا ڪري ورتا. جيڪي سندس اشاري تي سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار هئا، انهن ۾ ايم. ڪيو. ايم. جو اڳواڻ طارق عظيم ۽ حيدرآباد جو ميئر آفتاب شيخ سندن بهترين مهرا ثيڻ لاءِ تيار ٿي ويا. پنجاب جي مها ايجنٽ ندوي طرفان عظيم طارق کي پنجاب جو دؤرو ڪرائڻ بعد، جڏهن عظيم طارق واپس سنڌ پهتو ته هن اندروني سنڌ جو دؤرو ڪري اشتعال انگيزي شروع ڪئي. ٻئي طرف ندوي ۽ ميئر آفتاب بيانن رستي اهڙو ماحول تيار ڪرڻ شروع ڪيو، جيئن سنڌين ۽ مهاجرن جي وچ ۾ پيدا ٿيندڙ اتحاد، نفاق ۾ تبديل ٿي وڃي. هنن ان سوچ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ اهڙا ڪذا ڪم ڪرڻ شروع ڪيا، جن سان سنڌي مهاجر فساد چڙي پيا ۽ سنڌ، خانه جنگي جي آڙاهه ۾ اچي ويئي. نتيجا سنڌ ڏرتي، سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي ٻوليءَ خلاف نڪتا، پر اهي عارضي هئا.
شايد هڪ قوم جي حيثيت ۾ انهن جي ضرورت پڻ ته دنيا ۾ قومون مسلسل جهدجهد ۽ وڙهاند جي ذريعي جي پنهنجو تشخص بحال ڪرائينديون آهن. سنڌي ماڻهن به جتي انهن فسادن ۾ تمام گهڻو پوڳيو، اتي هنن کي گهڻو ڪجهه سکڻ جو موقعو پڻ مليو. هي سڀ ڪجهه چا هو. ان جو اظهار ان وقت جي تحقيقي مقالن، اخباري مضمونن ۽ ادب ۾ نمايان طور ڏسي سگهجي ٿو. ادب ۾ وري سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ان جا اهي سڀ پاسا ڏسي سگهجن ٿا. جن ۾ ظاهر  طور ته افسانوي انداز شامل آهي، پر حقيقتن جي ترجماني ڪري ٿو. تحقيق جي سلسلي ۾ ڪجهه نمائنده ڪهاڻين کي شامل ڪري انهن معاملن جا سنڌي ڪهاڻيءَ تي اثرن کي اپياس ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

## 5.8.2. ڪهاڻي ’موٽي محرم آيو‘

ملڪ آگاڻيءَ جو شمار سنڌي ڪهاڻيڪارن جي سٺن نالن ۾ آهي. هن جي ڪهاڻي ’موٽي محرم آيو‘ جو پسمنظر نهايت دردناڪ آهي. ڪهاڻيءَ جي شروع ۾ ئي ان جو ٿيم سمجهي سگهجي ٿو. ”اڄ ستين محرم الحرام آهي. پاڻ ٻئي، ٻين سوين هزارين بي گهر ٿيل سنڌي ماڻهن جيان قاسم آباد ڪئمپ نمبر ٻيءَ ۾ رهڻ تي مجبور ڪيا ويا آهيون. هڪ مهيني کان وڌيڪ عرصو بي گهر رهڻ بعد به دهشتگرديءَ جو شڪار بنيل سنڌي ماڻهو پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن اچا ڪونه وريا آهن. پاڙن جا پاڙا، محلن جا محلا اجا تائين سڃ لڳا پيا آهن.“ ملڪ آگاڻيءَ جي هن ڪهاڻيءَ ۾ انهن سنڌي ماڻهن جي پيڙاء ڏسي سگهجي ٿي، جيڪي لساني فسادن ۾ پنهنجي ديس جي وڏن شهرن ۾ نڌڻڪا ٿي ويا آهن. ڪهاڻيءَ جي مرڪزي ڪردار اها عورت ڪيترو پوڳي ٿي؛ ان لاءِ هي سٽون ڪم آنديون اٿائين. ”ڪنهن ٿي چاتو ڪيس به هڪ نئين ڪربلا کي اُجارڻو پوندو!! بي بي زينب جيان سارو ساٿ لُٽائي بي گهر ٿي ڪئمپن جي قيد ۾ رهڻو پوندو. سندس زندگيءَ جو سچ پچ محرم الحرام حصو بڻجي ويندو. جڏهن کان پنهنجو ساٿ لُٽائي، گهر ٻار سڙائي، ٻارائي پنهنجو سڪيلڏو اڪيلو پُٽ پناهگير دهشتگردن هٿان مارايو آهي، تڏهن کان هن ڏاڍو رُنو آهي. مسلسل مهيني ڏيڍ کان روئي رڙي هاڻِ ته سندس اکين جا لار ئي سُڪي ويا آهن. اڄ سندس جسم تي ڪي به ڪارا قيمتي ڪپڙا ته پهريل ناهن پر گذريل مهيني ڏيڍ کان محرم جي ڏهاڪي ۾ رهندي پئي اچي.“  اهو بظاهر ته هڪ عورت جو درد آهي، پر هر ان سنڌي ماڻهوءَ جو نوحو، جنهن سنڌي – مهاجرن لساني فسادن ۾ گهڻو ڪجهه وڃائي، قاسم آباد جي ڪئمپن ۾ پناهه ورتي هئي. ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ ملڪ آگاڻي، هڪ نظم شامل ڪري ٿو:

”چوڏا چلهجي چلهجي،
وڻ سچوئي ٻُٽ ٻٽيو!
پن پن پرزا،
ٽاري ٽاري جهريل، پُريل!!
هيڪل بر ۾،
جهريل جندڙي،

جيون،
جهڙو سچ ۾ سانجهي. (آگاٽي، 2020)

### 5.8.2.1.ڪهاڻي ’محرم موٽي آيو‘ تي تبصرو

ملڪ آگاٽيءَ جي ڪهاڻي ’محرم موٽي آيو‘ اصل ۾ اهو نوحو آهي، جنهن درد اهي سنڌي ماڻهو سمجهي سگهن ٿا، جن سنڌ پنهنجي وطن جي شهرن ۾ لساني بنياد تي ٿيل فسادن ۾ تمام گهڻو ڀوڳيو. پنهنجي گهرن هوندي، شهر جي ڀئي پاسي ڪئمپن ۾ پناهه وٺندڙ انهن سنڌي ماڻهن جا درد اڄ به تازا ٿيو وڃن، جڏهن انهن جي اڳيان ڀوڳنائن جا اهي داستان کلن ٿا. ڪهاڻي ’محرم موٽي آيو‘ ان عورت جي ڪهاڻي آهي، جيڪا فقط ان ڪري دردن جي اٿاهه سمنڊ ۾ گم ٿي ڀڏي وڃي ٿي ته هوءَ سنڌي آهي. اهو معاملو فقط هڪ عورت سان نه هو، ڀر سال 1988 کان 1990 تائين جاري رهندڙ سنڌي – مهاجر وڳوڙن ۾ جيڪي خالص ٻوليءَ ۽ ثقافت جي بنياد تي برپا ٿيا ۾ شهرن ۾ رهندڙن سنڌي ماڻهن اهڙي تي اوپرائپ جو شڪار ٿيا، جو اڄ به اهي ڳالهيون احساس ڏيارين ٿيون ته سنڌي ماڻهن سان ڪهڙي ريت بيوفاين جا طويل سلسلا روا رکيا ويا آهن.

ڪهاڻي ’محرم موٽي آيو‘ ۾ پاڪ پيغمبر صلعم جي ڏوهٽي امام حسين عليهه السلام مٿان برپا ٿيل مصائب کي استعارو بڻائي جهڙي ريت ملڪ آگاٽي، ڪهاڻيءَ جي اڏت ڪئي آهي. اهو هڪ بهترين ليکاريءَ جو ڪمال ئي آهي. بيشڪ حالتون ته تمام گهڻو ڳنڀير هيون، پر انهيءَ صورتحال کي افساني ادب ۾ جوڙي پيش ڪرڻ به ڪو سؤلو ڪم ناهي هوندو. جهڙي ريت امام عالي مقام جي مٿان مصيبتن کي واضح ڪري سنڌي ماڻهن مٿان ڪريل ظلمن جي پهاڙن کي چٽيو ويو آهي، اها يقينن هڪ شاندار تاريخ پڻ هوندي. جڏهن جڏهن سنڌي ادب جو شاگرد، ان ڪهاڻيءَ کي پڙهندو ته هن جي اڳيان اهي سڀ ڳالهيون اچي ويندييون، جيڪي هنن جي وڏن پاران مهمان نوازيءَ جي جي صلي طور ملي رهيون هيون. ڪهاڻيءَ ۾ جتي رومانس کي پڻ ڏيکاريو ويو آهي، پر ڪهاڻيڪار جو اصل مقصد تاريخ جي ان سياهه باب کي اڳيان آڻڻ هو، جيڪو سنڌي ماڻهن کي هنن جي بيوسي ۽ لاچاري ياد ڏياريندو رهندو. ڪهاڻي ’محرم موٽي آيو‘ ۾ سنڌ اندر ٿيل لساني فسادن کي چٽي طرح ڏسي سگهجي ٿو. اهو پڻ ته هي ڪهاڻي، سنڌي ماڻهن جي اڌمن ۽ دردن جي درست ترجمان ڪهاڻي آهي.

### 5.8.3. ڪهاڻي ’مٽ ۾ ساهه‘

ملڪ آگاٽيءَ جي ڪتاب ’وچايل راهون‘ ۾ شامل ڪهاڻي ’مٽ ۾ ساهه‘ ويهين صديءَ جي اسي ۽ نوي جي ڏهاڪي اندر سنڌ ۾ ٿي ٿيل سنڌي – مهاجر تڪرار بابت آهي. جنهن جو بنياد لساني ۽ ثقافت اختلاف هئا. هن ڪهاڻي ءَ ۾ ملڪ آگاٽي، هڪ طنزيه ڳالهه جي ذريعي ٿوڪ ڪندڍ سنڌي ماڻهن جي ياداشت کي پيٽي ٿو. هو ڪهاڻيءَ جي شروع ۾ لکي ٿو. ”هڪ مائي صبح سوير ڏڌ ولوڙي مکڻ ڪڍي رهي هئي. هوءَ مکڻ جا چاٽا ناهي چاڏيءَ بجاءِ وات ۾ وجهي رهي هئي. پٺهنس جيڪو پريان اهو سڀ سمورو لقاءُ ڏسي رهيو هو، تنهن بي صبرو ٿيندي چيو، ”امان چاڏي ته هن پاسي پئي آهي“ جنهن تي مائي سگوريءَ نرڙ تي هٿ هڻندي چيو، ”پُٽ جڏهن کان مرحيائت پٺهين مئو آهي، تڏهن کان اهڙو ته ويسر جو مرض لڳو آهي جو مُني وات ۽ چاڏيءَ جي خبر ئي نه ٿي پوي.“ اڳتي هو ڪهاڻيءَ ۾ انهن واقعن کي ترتيب سان لکي ٿو، جن ۾ سنڌي ماڻهو جي نڌڻڪائيءَ جو احساس تهائين وڌيو وڃي. ”پاڻ واري پوليس ۽ ٻيا سرڪاري فورس ٿي سگهن ٿا، جيڪي پندرنهن جولاءِ تي حيدرآباد ۾ ٿيل بمن جي ڌماڪن جي الزام هيٺ جرمن ڪتن جيان وتن ٿا سنڌي ماڻهن جا گهر ڳهاڻ نوسيندا اجهو اڄ صبح ئي ته مان واري نندي ڀاءُ کي گرفتار ڪيو اٿائون. جنهن کان پوءِ گذريل ڏينهن کان هن وقت تائين گرفتار ٿيل سنڌي ماڻهن جو ڳاڻاٽو وڃي ٽن سون کي پهتو آهي.“

ڪهاڻيءَ ۾ سنڌي پوليس وارن جي بي حسيءَ جون ڳالهيون پڻ آهن. جيئن هڪ سپاهيءَ جي ڳالهه جيڪو ايندي ويندي سنڌي ماڻهن جي تذليل ڪري ٿو. جهڙي ريت هن منظر ۾ ڏيکاريو ويو

آهي، جڏهن سپاهي رڙ ڪي چئي ٿو. ” تري وڃ............ پيسان لوسي، هِت ڇو ويٺو آهين؟“ مان ڇو ويٺو آهيان، مان ڪان ذري گهٽ ڪِلَ نڪري وئي. پنهنجي ديس، پنهنجي شهر، پنهنجي گهر سامهون چوس تي بيهڻ، هاڻي اها به ڳالهه پڇڻ جي آهي!؟ مان چاهيان ٿو سندس آڏو وضاحت ڪريان، پنهنجي پاءُ جي گرفتاريءَ جي ۽ پڻ ڪيس احساس ڏياريان پنهنجائپ جو، پر ڏسو ٿا هو نامعقول پيهر ڪُتي جيان رومڙ ڪري ٿو. نفرت وچان مان ڪي پري ڌڪو ڏئي ٿو. ايئن چڻ مان به سندس لاءِ قلعي جي گهيري دؤران فائر ڪندڙ ڪو پناهگير دهشتگرد هجان!“

ملڪ آگاڻيءَ جي هن ڪهاڻيءَ ۾ اهي منظر اکين اڳيان ڦريو اچن ٿا. هيٺ ترتيب سان ڪجهه ڳالهيون لکجن ٿيون:

- ❖ اڄ حيدرآباد، سپاڻي ڪراچي، وري نواب شاهه، وري سکر، وري لاڙڪاڻو، ڏسندي ڏسندي سڄي سنڌ جلي، ٻري وئي. سوين هزارين بي گناهه سنڌي ماڻهو ڪُسي ويا. ڪيترائي گهر برباد، جهُڳا جهڻ ٿي ويا. خاندانن جا خاندان، پاڙن جا پاڙا اُگهجي ويا. ڪراچي حيدرآباد مان ته سنڌي ماڻهن جي صفا تڏا ويڙهه ٿي وئي.
- ❖ ايڏي ايمبولينس خطري جا آواز ڏيندي اچي بنگلي جي مين گيٽ تي بيٺي؛ مان ۽ منهنجا همراز نوڪر ڊُڪي گيٽ تي آياسين، بيڊل گاڏيءَ ۾ ڇِتايوسين، مان ڪان رڙ نڪري وئي، لاش......!!
- ❖ موسيٰ ڪالونيءَ مان پئي وياسين، مان واري صاحب ڊرائيونگ پئي ڪئي ۽ پيو ويٺو هئس، مان پنيئن سيٽ تي، مان ڏٺو هلندڙ بس بغير اسٽاپ جي اوچتو بيهجي وئي، بس جي بيهڻ سان به چٽا هڪ سنڌي نوجوان کي چنڊن کان جهلي بس مان گهلي آيا.“...............
- ❖ مان ڏٺو برابر باغيچي پرسان هڪ باهه ۾ سڙيل ماڻهو پيو هو. مٿي کان اُرهه تائين باهه کيس ساڙي ڇڏيو هو. ماڻهو لنگهيا پئي ويا يا گهمي ڦري رهيا هئا پر ڪنهن جو اوڏانهن ڪو توجهه ڪونه، ايئن چڻ ڊوند هجي!
- ❖ مهاجر اسان جا پائر آهن، سنڌي ماڻهن کي 1947ع جيان اسلامي پائپيءَ جو اعليٰ مثال قائم ڪرڻ گهرجي.
- ❖ مهاجرن ۽ سنڌي ماڻهن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ لاءِ سنڌي مهاجر اديب دانشورن جون امن ڪاميٽيون جڙي ويون.
- ❖ حيدرآباد واري قلعي جي گهيري دؤران ڊيوٽي ڏيندي پناهگير دهشتگردن گولين سان چنگهان چچري ڇڏيون هيون. هينئر هو تندرست ٿي پيهر پنهنجي سرڪاري ڊيوٽي ڏئي رهيو آهي. هاڻي مٿان کان مليل نئين حڪم موجب بم ڌماڪن جي الزام ۾ شڪي ماڻهن تي نگاهه رکي رهيو آهي! (آگاڻي، 2020)

### 5.8.3.1ڪهاڻي ’مٺ ۾ ساهه‘ تي تبصرو

ملڪ آگاڻيءَ جي ڪهاڻي ’مٺ ۾ ساهه‘ سنڌ ۾ لساني بنيادن تي برپا ٿيل انهن خوني فسادن جي داستانن جو چڻ خلاصو آهي. هن مختصر ڪهاڻيءَ اندر ڪيترين ئي ڪهاڻيون اچيو وڃن ٿيون؛ جن ۾ سنڌي ماڻهن جي پنهنجي شهرن اندر غم و الم جا نوحا ٻڌي سگهجن ٿا. سنڌ جي اها بدقسمتي رهي جو ورهاڱي کانپوءِ جتي مسلسل عتاب جو شڪار رهي آهي. اتي اسي ۽ نوي جا ڏهاڪا چڻ سيني بدقسمتين جا سردار هئا. سنڌ جي ماضي بعيد جي تاريخ کي ڦولهڻ سان خبر پوي ٿي ته هتي عربن کان وٺي ارغون تائين هر ڌاريي، مقامي سنڌي ماڻهن لاءِ آزارن جو باعث بڻيا آهن، پر انهيءَ لڦائن ۽ هاڻوڪي صورتحال ۾ ڪجهه بنيادي تبديليون نظر اينديون. مثالطور: جڏهن به ڪو حملي آوار طاقت جي زور تي علائقن کي فتح ڪندو ته ظاهر آهي، هو پنهنجي قبضي کي برقرار رکڻ لاءِ مقامي ماڻهن کي گهٽ به ثابت ڪندو ته انهن مٿان وري ظلم پڻ ته هو ڌاريي حملي آور جي اڳيان هيسيل رهي. پوءِ اهي ظالم جا بيشڪ هڪ طويل سلسلا ٿيو وڃن ٿا. جڏهن ته ورهاڱي کانپوءِ جي صورتحال يڪسر تبديل ٿيل آهي. سنڌي ماڻهن جن ۾ مسلمان اڳيان اڳيان هئا، انهن هندستان اندر نه صرف آزاد وطن لاءِ قربانيون ڏنيون، پر حد هي ته سڄي ننڊ کنڊ جي مسلمانن کي پنهنجي جيءَ اندر

جايون ڏنيون. لڪن جي انگ ۾ ڏاريا، پر امن طريقي سان سنڌ ۾ آيا. سنڌ ڪو مفتوح علائقو ڪونه هو؛ ان جي باوجود پهرين ڏينهن کان مقامي ماڻهن سان نفرت جو سلسلو روا رکيو ويو. ائين ناهي ته ٻاهران آيل سڀ ماڻهو ان عمل ۾ شريڪ رهيا، پر هڪ خاص ذهنيت پنهنجي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙي قسم جي ڳالهين کي عام ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ سواءِ نفرت جي ڪجهه به نه مليو. سنڌ صدين تائين آزاد وطن پڻ رهيو آهي. ان لاءِ 'متروڪه سنڌ' جو اصطلاح ڪتب آندو ويو.

ڪهاڻي 'مٺ ۾ ساهه' ۾ جهڙي ريت سنڌي ماڻهن جي گهرن ۾ گهڙي انهن جي جان ۽ مال تي حملا ڪيا ويا. زنده ماڻهن کي جلايو ويو. چڻ اهو سچي صورتحال جو خلاصو آهي. ملڪ آڳاٽيءَ جي هيءَ ڪهاڻيءَ جتي سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي مٿان ٿيل ظلمن جو مڪمل باب آهي، اتي سنڌي ماڻهن جي غلطين تان پڻ پردو ڪڻي ٿي. هنن کي ياد ڏياري ٿي ته سندن ويسر جي ڪري هو سدائين نقصان جي سودي ۾ رهيا آهن. مجموعي طور فني لحاظ کان پڻ هي هڪ شاندار ڪهاڻي آهي. جنهن جا ڪردار پڻ نياءُ ڪندي نظر اچن ٿا.

## 5.8.4. ڪهاڻي 'تون ۽ مان ڪڏهن نه ملنداسون'

نورالهدیٰ شاه جي ڪتاب 'ڪربلا' ۾ شامل ڪهاڻي 'تون ۽ مان ڪڏهن نه ملنداسون' جو پسمنظر سنڌ ۾ لساني فساد آهن. لساني فساد برپا ٿيڻ ڪانپوءِ جهڙي ريت ڪرفيو لڳايو ويو. ان جو گهڻو نقصان به سنڌي ماڻهن کي رسيو. چاڪاڻ ته ڪرفيو نافذ ڪرائيندڙ به اها ٻولي ڳالهائي رهيا هئا. جن سان سنڌي ماڻهن جو تڪرار هو. ڪهاڻي جي شروعات ۾ مرڪزي ڪردار جيڪو ليکڪا ضمير واحد متڪلم جي صورت ۾ ڄاڻيو آهي ۾ هن قسم جو اظهار ڪري ٿي. "سياري جي ڪري ٽريفڪ تمام گهٽ هئي. ايڪڙ ٻيڪڙ فوجي ٽرڪ ٽي لنگهيا. موڙ، جتان اسان جا رستا الڳ الڳ ٿيا ٿي، اُتي چيڪ پوسٽ گذريل ڪيترن مهينن کان قائم ٿيل آهي. به فوجي مورچن ۾ نشانو وٺيو ويٺا هئا. ڪجهه مورچن کان ٻاهر، جديد هٿيار ڪُلهن ۾ لٽڪايو بيٺل هئا. هڪ اسان تي ٽارچ جي روشني وڌي ۽ هڪل ڪئي. ڪجهه پل پهريون ذهن جنهن جذباتي پٽي ۾ ٻڌل هو، اُهو پوَ جا پاوَ ٻڌجي، لونءَ لونءَ ۾ چيڻ لڳو."

تلاشيءَ دؤران پرس مان نظم جو نڪرڻ ۽ فوجيءَ پاران ان کي پارا پارا ڪري زمين تي اڇلائڻ هن کي خوف ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿو. مرڪزي ڪردار سان گڏ جيڪو ٻيو ڇوڪرو آهي. ان جي کيسي مان مقالو نڪري ٿو. مقالي جو عنوان ڪهڙو هو؟ هوءَ لکي ٿي: "'منهنجي ڏيهه کي ڌارئين جي ڪاهه کان بچايو.' ان مقالي دؤران هر هر پنڊال تاڙين سان گونجندو رهيو هو ۽ هن وقت مقالي جي ڪاغذن تي فوجيءَ جو ڀاري بوٽ رکيو هو. اسان جي ڏٻيل ڏٻيل احتجاج تي، چيڀندڙ لهجي ۾ فوجيءَ چيو: "آءٌ اندازو لڳائي سگهان ٿو ته هن دوَر ۾ اوهان جي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪابه شيءِ امن امان جي صورتحال ۾ بگاڙو آڻي سگهي ٿي." ڪهاڻيءَ ۾ اڳتي اهو جوڙو فوجين کان جان آجي ڪرائي وڃي ٿو. هو سوچين ٿا: "رياست جي سرد مهر خاموشيءَ ۾ طوفان جون لهرون تڏهن اٿنديون آهن، جڏهن پيڙجندڙ طبقو يا قوم اوچتو احتجاج جي پهرين دانهن ڪندي آهي. ان کي رياستي ٻوليءَ ۾ امن امان ۾ بگاڙو چئبو آهي. ان امن امان جي بگڙيل صورتحال تي قابو پائڻ لاءِ ناحق ڪندڙ جي بدران، احتجاج ڪندڙ جي وات تي حڪومت کي لت رکڻي پوندي آهي." هو جڏهن ڪجهه اڳتي وڃن ٿا ته هنن کي هڪ جلوس نظر اچي ٿو. جنهن تي پوليس ۽ فوج طرفان تشدد ٿيندي نظر اچي ٿي. ڳوڙها گيس جي دونهين ۾ هو هڪ ٻئي کان الوپ ٿي وڃن ٿا. ڪجهه دير ۾ ملڻ ڪانپوءِ ڪرفيو جي باري ۾ هنن جا خيال ڪجهه هن طرح آهن ته، "ڪرفيو فقط سڙڪن ۽ گلين ۾ نه لڳندو آهي، ڪرفيو ذهنن تي به لڳندو آهي. احساسن، اميدن ۽ ويساهه کي ٽڪائي شل ڪرڻ لاءِ..."

ڪهاڻيءَ ۾ اهو منظر ختم ٿي وڃي ٿو. هو ٻيهر ملن ٿا. هڪ ڪافي شاپ تي سامهون فليٽن تي نظر ڊوڙائيندي سوچين ٿا: "اُها مُني صدي پراڻي بلڊنگ، جنهن ۾ شهر جي اصلوڪن رهواسين جا فليٽ هئا، جيئن جو تيئن بيٺل هئي. جيتوڻيڪ، مُني صديءَ جو عرصو لنگهڻ کان پوءِ بيحد بدصورت ۽ کنڊر ٿي چڪي هئي." مرڪزي ڪردار، جيڪا ڇوڪري آهي. ڳالهائي ٿي. "سج لهندي ئي ڪرفيو راڪاس جيان شهر جي هر گليءَ مان ڦري ويندو آهي ۽ زندگي ڪنهن ٻي ڏوهيءَ

جيان مڙهيل قيد هيٺ، گهرن ۾ پورجي ويندي آهي.“ هو وطن ۾ رهندي بي وطنيءَ جي ڳنڀير احساس ۾ وڪوڙجي چون ٿا: ”ان ڪان به وڌيڪ افسوس ان ڳالهه جو اٿم ته اهو سڀ ڪجهه مان پنهنجي ئي وطن ۾، پنهنجي جنم شهر ۾ پوڳيان پيو، جنهن شهر جي ڳلين ۾ ٻاروتڻ ۾ اٺي ڏڪر ۽ لڪ لڪوٽي راند رهي آهي ۽ لغڙ اُڏايا آهن.“

اهو سڀ ڪجهه سوچيندي هو ڳالهائن ٿا: ”هن چيو: تون ۽ مان هاڻي شايد ڪڏهن به نه ملنداسون ۽ جي ملنداسون ته به هر پيري اويساهيءَ جي ان احساس هيٺ جدا ٿينداسون ته شايد اها آخري ملاقات آهي، شايد ان ڪان پوءِ ٻيهر نه ملون.“ ٻئي ڏينهن صبح جو چوڪري اخبار پڙهي ٿي، جنهن ۾ هن جي ڪيفيت ڪجهه هن طرح ٿي وڃي. ”هڪ فوٽوءَ تي اکيون اٽڪيون هئم ائين، جيئن چار ۾ ڪوريئڙو اٽڪي پوندو آهي. مون پنهنجي نيڻ نهار کي ڦاسندو، ڦٿڪندو ۽ نِستو ٿي سهڪندو محسوس ڪيو هو. ’فساد ۾ مارجي ويل لاوارث لاش سُڃاڻو‘ جي سري هيٺ هُن جو فوٽو ڇپيل هو. ٻاهر ڪرفيو لڳل هو ۽ اندر مان بستري جي قبر ۾ دفن ٿيل.“ (نورالهدیٰ، 2016)

## 5.8.4.1.ڪهاڻي ’تون ۽ مان ڪڏهن نه ملنداسون‘ تي تبصرو

نورالهدیٰ شاه هي ڪهاڻي ’تون ۽ مان ڪڏهن نه ملنداسون‘ سچ ته اعلى فنڪار جي تخليق آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ اهي سڀ منظر پسي سگهجن ٿا. جن جي ياد سان اهي سڀ زخم تازا ٿيو وڃن، جيڪي ڌرتي ڌڻي واسين لساني فسادن ۾ کاڌا. ورهاڱي وقت ڪنهن جي سوچ جي به ان طرف شايد نه وئي هجي ته جن ماڻهن کي مذهب جي بنيادن تي پناه ڏني پئي وڃي اهي، توهان جي لاءِ پهرين ڏينهن کان ائين مسئلا پيدا ڪندا ۽ ٽن ڏهاڪن اندر ڌرتي واسين لاءِ زمين تنگ ٿي ويندي. خاص ڪري سنڌ جا وڏا شهر انهن لاءِ تنگ ٿي ويندا. دنيا جي ادب ۾ هي ڪمال جون لکڻيون هونديون آهن، جيڪي انهن اهنجن کي بيان ڪندي ملن ٿيون ته قوم ڪٿي بيٺي آهي؟ هن ڪهاڻي ’تون ۽ مان ڪڏهن نه ملنداسون‘ مان اسان کي اندازو ڪري سگهون ٿا. اهو پڻ ته سچ پچ هي ڪهاڻي سنڌي ماڻهن مٿان ان آفت جو نوحو آهي، جيڪو بنا ڪنهن سبب ۽ ڏوهه جي هنن جي مٿان عتاب جي صورت نازل ٿي.

نورالهدیٰ شاه جي ڪهاڻي ’تون ۽ مان ڪڏهن نه ملنداسون‘ انهن سيني مامرن تان پردو کڻڻ لاءِ ڪافي آهي ۽ اهو پڻ ثابت ڪري ٿي ته سنڌي اديب ڪيترو سجاڳ آهي. اهي ماڻهو، جيڪي سنڌين کي ’ڄٽ‘ هجڻ جا طعنا ڏيندا رهيا آهن. اهي هن فني ۽ فڪري ڪمال کي ڏسي سگهن ٿا.

## • حوالا


1. آگاڻي، ملڪ. (2020). وڇايل راهون. ڏوڪري: سرسوتي پبليڪيشن.
2. آگرو غلام رباني. (سهيڙيندڙ نصير مرزا) (1997). اڇو پکي واء، حفيظ شيخ ڪهاڻي
3. احمد، پروفيسر عزيز. (1990). 'کيا ہم اکٹھے رہ سکتے ہیں. لاهور: جنگ پبلشرز.
4. ناولٽ مطالعو. ڪراچي: نئون نياپو سنڌ پبلشنگ هائوس.
5. بابا، علي. (1994). منهنجون ڪهاڻيون. ڪنديارو: روشني پبليڪيشن.
6. بروهي، حليم. (1980). آخري وسيلو. ڪراچي: سنڌ سلامت ڪتاب گهر.
7. بلوچ، شير محمد. (2008). پاڻي منجهه پساهه. ڪنديارو: روشني پبليڪيشن.
8. پٺي، رشيد. (1967). ته ماهي مهراڻ. سنڌي. مضمون: ڪهاڻي جو هڪ پهلو. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
9. پليجو، رسول بخش. (1985). پسي ڳاڙها گل. ڪراچي: نيو فيلڊس پبليڪيشن.
10. پليجو، رسول بخش. (1988). انڌا اونڌا ويڄ (مهاڳ: ابن حيات پهنور) لاڙڪاڻو: سڳنڌ ڪتاب گهر.
11. جليل، امر. (1998). دل جي دنيا. ڪنديارو: روشني پبليڪيشن.
12. جليل، امر. (1999). تاريخ جو ڪفن. ڪنديارو: روشني پبليڪيشن.
13. جليل، امر. (2007). رني ڪوٽ جو خزانو. ڪراچي: نيو فيلڊس پبليڪيشن.
14. جليل، امر. (2010). لهندڙ سج جي لام. ڪراچي: ڪاڇو پبليڪيشن.
15. جليل، امر. (2012). سنڌو بقا مان فنا آهيان. ڪراچي: ڪاڇو پبليڪيشن
16. سيد ، جي ايم. (1982). سنڌو جي ساڃاهه. بمبئي: سورٺ پبليڪيشن آدرش نگر.
17. سيد، جي.ايم. (1993). سنڌ ڳالهائي ٿي. ڪراچي: نئين سوچ پبليڪيشن.
18. شاهه، نورالهدیٰ. (2007). رڻ ۽ رڃ جو اڀياس. ڪنديارو: روشني پبليڪيشن.
19. شاهه، نورالهدیٰ. (2016). ڪربلا. حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن.
20. عباسي، نجم. (1973). پٿر تي ليڪو. حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز.
21. عباسي، نجم. (1977). ٻه خبرون. حيدرآباد: زيب ادبي بورڊ.
22. علي، ڊاڪٽر مبارڪ. (پروفيسر اعجاز قريشي (2001). سنڌ جو آواز. لاهور: فڪشن هائوس.
23. قريشي، اعجاز. (2017). سنڌي ٻوليءَ بابت مقالا ۽ مضمون. حيدرآباد: سنڌي لئنگيج اٿارٽي.
24. گاڏهي، همسفر. (2004). سنڌ جي ڏاهپ کا سورنهن انٽرويو. ڪراچي: سارنگ پبليڪيشن هائوس.
25. گرامي، غلام محمد. (1972). ايڊيٽوريل. (ته ماهي مهراڻ) ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
26. ماڻڪ، منير احمد. (2003). حويليءَ جا راز. ڪنديارو: روشني پبليڪيشن
27. ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالغفور. (2017). سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر. حيدرآباد: سنڌي ليئنگيج اٿارٽي.

28. نصير ميمڻ، اختيار کوکر. (2014). ڏاري آباد ڪاري ۽ سنڌ جو مستقبل. ڪراچي: سنڌ رائيٽرس اينڊ ٿنڪرس فورم.
29. Khan, M. A. (1967). Friends Not Masters: A Political Autobiography. London: Oxford University Press.
30. Khuhro, H. (1998). Muhammad AyubKhuhro: A life of Courage in Politics. Karachi:
31. LaporteJr, R. (1976). Power and Privilege: Influence and Decision Making in Pakistan.
32. Sayeed, K. B. (1967, February). The Capabilities of Pakistan's Political System.
33. Soomro, K. H. (2004). The Path Not Taken: G. M. Syed Vision and Valour in Politics.
34. Tahir, T. A. (2010). Political Dynamics of Sindh, 1947-77. Karachi: Pakistan Study
35. Talbot, I. (1999). Pakistan: A Modern History. Lahore: Vanguard Books.
36. Waseem, M. (1997). Affirmative Action Policies in Pakistan. Ethnic Studies Report.
37. https://scholar.harvard.edu/pierredegalbert/node/632263
38. https://www.jstor.org/stable/2645724
39. Economic and Political Weekly. Vol. 26, No. 20 (May 18, 1991), pp. 1295-1302.
40. Tariq Rahman. (1995). Language and Politics in a Pakistan Province: The Sindhi Language Movement.
41. Zaidi, S Akbar. (1991). Economic and Political Weekly.
(https://www.epw.in/journal/1991/20/special-articles/sindhi-vs-mohajir-pakistan-contradiction-conflict-compromise)

# 4. باب چوٿون

# سنڌي ڪهاڻيءَ تي مختلف فڪري تحريڪن ۽ لاڙن جا اثر

## 4.1. ادبي نظريا

’ادبي نظريا‘ حقيقي طور انهن خيالن ۽ طريقن جي وجود کي ظاهر ڪندا آهن، جيڪي اسان ادبي مطالعي ۾ استعمال ڪريون ٿا. ڪنهن به ادبي نظريي مان مطلب ان جي ڪم ڏانهن نه پر خيالن ڏانهن اشارو هوندو آهي. وڌيڪ، ادبي نظرين کي هيٺ ڏنل نڪتن جي مدد سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا:

- ادبي نظريا اصل ۾ انهن اوزارن مثل آهن، جن جي معرفت ادب کي سمجهيو ويندو آهي.
- سموري ادبي تشريح ڪنهن به نظريي جي بنياد تي ٿهندي آهي.
- ادبي نظرين کي مختلف قسم جي تنقيدي سرگرمين جي جواز طور پڻ پيش ڪري سگهجي ٿو.
- اهو ادبي نظريو ئي آهي، جيڪو ليکڪ ۽ ڪم جي وچ ۾ تعلق پيدا ڪري ٿو.
- ادبي نظريو، ادب جي مطالعي لاءِ نسل، طبقي ۽ صنف جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو.
- ادبي نظريي جي لکڻين جي متن ۾ ڏسي سگهجي ٿي.
- ادبي نظريو، تفسير ۾ تاريخي حوالن جي ڪردار کي سمجهڻ لاءِ مختلف طريقا مهيا ڪري ٿو. انهي سان گڏ متن جي لساني ۽ غير شعوري عنصرن جي مطابقت کي پڻ ظاهر ڪندو آهي.

هن سڄي سلسلي ۾ ادبي نقاد يا نظرين جي باري ۾ ڄاڻ رکندڙ ماهر، مختلف ادبي قسمن جهڙوڪ: داستان، ڊرامي، شاعريءَ جي مختلف صنفن جي تاريخ ۽ ارتقا جو پتو لڳائيندا رهن ٿا. ان سان گڏ هو جديد نثري صنفن ناول ۽ مختصر ڪهاڻيءَ جي لاهن چاڙهن جي به جاچ ڪن ٿا. ساڳي وقت نثري صنفن جي ڍانچي جي عنصرن جي اهميت تي تحقيق ڪرڻ به انهن جو ڪم آهي.

### 4.1.1. ادبي نظريا ڇا آهن؟

مٿئين سوال کي جيڪڏهن مختصر لفظن ۾ سمجهڻ جي ڪوشش ڪجي ته جواب هي ايندو: ڪنهن به ليکاريءَ جو متن ان جو نه پر سماج ۾ جاري ثقافت جي پيداوار هوندو آهي ۽ اهو پڻ ته اهي تخليقون ڪهڙي ريت سماج کي تبديل ڪن ٿيون.

هتي بين القوامي نظرين جي حوالي سان منهنجي پي. ايڇ. ڊي. جي موضوع **’سنڌي ڪهاڻيءَ تي سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا اثر‘** (1947 - 2000) ۾ چوٿين باب جو عنوان **’سنڌي ڪهاڻيءَ تي مختلف فڪري تحريڪن ۽ لاڙن جا اثر‘** آهي. **ان سلسلي ۾ ترتيب وار `روشن خيالي، ترقي پسندي، مارڪسزم، رومانيت، وجوديت، جديديت ۽ قوم پرستي‘** جي فڪري نظرين جي الڳ الڳ سان تشريح لکي. ان سان سلهاڙيل سنڌي مختصر ڪهاڻين کي شامل ڪري انهن جو ڇيد ڪيو ويندو.

## 4.2. روشن خيالي

روشن خياليءَ جي تحريڪ ارڙهين صديءَ ۾ وڌيڪ نروار ٿي دنيا جي سامهون آئي. هن تحريڪ جي مول مقصدن ۾ شامل هو ته مذهب ۽ روايتن جي پيٽ ۾ سائنس ۽ منطق ماڻهن کي وڌيڪ علم ڏين ٿا. ”روشن خياليءَ کي دليل جو دؤر پڻ چئجي ٿو. يورپ ۾ هن کي روشنيءَ جي دؤر جي نالي سان پڻ سڃاتو وڃي ٿو.“ (britannica.com/dictionary/enlightenment) هن تحريڪ سترهين، ارڙهين صدين ۾ يورپ ۾ هڪ فڪري ۽ فلسفياڻي تحريڪ جي طور ڄاتي وئي. هن تحريڪ جي بنيادي مقصدن ۾ اهي سڀ خيال ۽ تصور موجود هئا، جن کي عمل ۾ آڻي انسان کي خوش رکي سگهجي پيو. روشن خياليءَ جي نظريي ۾ دنيا کي ٻڌايو ويو ته جيڪو علم حواسن ۽ عقل جي استعمال سان حاصل ڪيو وڃي ٿو. اهو ئي اصل ۾ انسانن جي ڀلائي لاءِ هوندو آهي. “روشن

خياليءَ جون پاڙون، يورپ جي هڪ فڪري ۽ علمي تحريڪ جنهن کي ’ريناسنس يا هيومنزم‘ چئجي ٿو ۾ هيون. ان کان اڳ فرانسس بيڪن۽ ٻين مفڪرن جي ڪوشش سان يورپ ۾ سائنسي انقلاب جي ابتدا ٿي چڪي هئي.“ (-worldhistory/chapter/the-enlightenmen) هن تحريڪ جي مک نڪتن جي مدد سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي:

- روشن خيالي، بنيادي طور هڪ فلسفياڻي تحريڪ هئي جيڪا 18 صدي عيسويءَ دوران يورپ ۾ غالب آئي.
- هيءَ تحريڪ هڪ مضبوط خيال تي ٻڌل هئي ته دليل، اختيار ۽ قانون جو اصل ذريعو آهي. اهو دليل ئي آهي، جيڪو آزادي، رواداري، ترقي، برداشت ۽ برابري جهڙن معاملن جي لاءِ ضروري آهي. هن تحريڪ جي مقصدن ۾ چرچ ۽ حڪومت کي الڳ ڪرڻ جو مطالبو شامل هو.
- روشن خيال تحريڪ، عقيدي ۽ مذهب جي بجاءِ عقل تي ٻڌل معاشري اڏڻ جي ڳالهه ڪئي. هن تحريڪ ۾ زور ڏنو ويو ته معاشري جا قائدا، قانون قدرتي قانونن ۽ سائنسي تجربن تي ٻڌل هجڻ گهرجن.
- اڳتي هلي روشن خيالي جي تحريڪ ٻن الڳ حصن ۾ ورهائجي وئي. هڪڙن جو خيال هو ته مذهبي اختيارن جو مڪمل خاتمو ڪيو وڃي. ٻيا ڪجهه اعتدال پسند هئا؛ انهن جي چوڻ موجب اصلاحات، طاقت ۽ عقيدن جي روايتن وچ ۾ هم آهنگي برقرار رکي وڃي.
- جيتوڻيڪ، روشن خياليءَ کي ڪنهن مخصوص نطريي يا عقيدي ۾ بند نه ٿو ڪري سگهجي، ان هوندي سائنس، روشن خياليءَ جي فڪر ۽ ڦهلاءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.
- روشن خياليءَ سياسي جديديت کي اولهه ڏانهن آندو، جمهوري قدرن ۽ ادارن تي ڌيان ڏيڻ ۽ جديد، لبرل جمهوريتن جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.
- يورپ ۾ روشن خيال مفڪرن، صدين کا سگهاري ۽ منظم مذهبي هڪ هٽيءَ کي گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اهڙي طرح هڪ ٻئي دور کي مڪمل طور ضابطي ۾ آندو، جنهن ۾ عدم برداشت جي بنياد تي مذهبي جنگون ٿيٽيون هيون. اها روشني خيالي ئي هئي. جنهن يورپ ۾ چرچ ۽ رياست جي الڳ هجڻ جي تصور کي فروغ ڏنو.‏(-british history/enlightenment)

مرزا قليچ بيگ ’گليور جو سير ۽ سفر‘ ۾ مشهور انگريز اديب جوناٿن سوئفٽ جي حوالي سان لکي ٿو: ”سئفٽ ارڙهين صديءَ جي دور کي پنهنجن ٻين همعصرن وانگر ’روشن خياليءَ جو دور‘ ڪري ليکيندو هو. ’روشن خياليءَ جو دور‘ جي هڪ ٻن جملن ۾ تشريح ڪرڻ ناممڪن آهي. البت ان جو بنيادي تصور هيءَ عقيدو آهي ته رڳو عيسائي، خدا جي مٿن خاص نظر ڪرم سبب، مرڻ کان پوءِ درجءِ ڪماليت تي رسندا، پر مرڻ کان اڳ هر انسان هن زمين تي درجءِ ڪماليت کي پهچي سگهي ٿو. ان عقيدي جي شروعات نيوٽن جي سائنسي کوجنائن سان ٿي. سترهن صديءَ جي آخر ۾ نيوٽن پهريون دفعو دنيا کي ٻڌايو ته ڪيئن مختلف گرهه طبعي قوانين جي تحت ڦرن پيا، ۽ انهن قانونن جي مدد سان اسين ڪائنات جي ٻين مظهرن کي به پروڙي سگهون ٿا. نيوٽن کانپوءِ انگريزي فيلسوف لاڪ آيو، جنهن ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته جيئن خارجي ڪائنات هڪ نظام جي تحت هلي پئي، تيئن انسان جي سماجي زندگي به ڪن اُصولن تي مبني آهي. سماج ۾ خرابيون ان ڪري نٿيون پيدا ٿين، جو انسان ازل کان گهنگار آهي، يا خدا انسانن جي قسمت اڳ ۾ ئي لوح قلم تي لکي ڇڏي آهي، پر انسان جڏهن به زندگيءَ جي عام فهم اصولن جي ڀيڪڙي ڪندو آهي، تڏهن ان جو نتيجو سماجي ۽ انفرادي خرابين جي صورت ۾ نڪرندو آهي.“ (قليچ: 1969)

## 4.2.1.سنڌ ۾ روشني خياليءَ جي تحريڪ

سنڌ ۾ روشن خياليءَ جي حوالي سان ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ لکي ٿو: ”موهن جي دڙي جو سماج روشن خياليءَ جي صحيح تصوير هو، جتي مادري نظام هو. ڪو به اهڙو قدر نه هو، جيڪو انسانيت جي خلاف هجي، پر جيئن ئي حملا آور آيا، سماج ۾ ڀڃ ڊاهه شروع ٿي، پيداواري ذريعا بدليا، آقا ۽ غلام جو دؤر شروع ٿيو، ته سماج جي وحدت ٽٽي پئي، بدلجندڙ حالتن ۾ جاگيرداري سماج جا قدر ۽ ڌارين جا فڪري لاڙا سنڌي فڪر تي اثر انداز ٿيا. مذهبي رجعت پسندي، ذات پات، ڌارين جي ڏاڍ جبر ۽ قتل وغارت سنڌي سماج جي روشن خياليءَ کي ڇيهو رسايو، پر ان جي باوجود به سنڌ فڪري طور مڪمل رجعت پسندي يا مذهبي جنونيت ڏانهن نه وئي، جيڪي به لاڙا آيا اهي ڪجهه وقت لاءِ سنڌي ماڻهن جي ذهن کي ۽ سماج کي لوڏيندا رهيا پر جلدي ماڻهو پنهنجي اصليت ڏانهن موٽي ٿي ويا.“ (ميمڻ، 2017) جتي ڳالهه ماڻهن جي پنهنجي اصليت ڏانهن واپسيءَ تي ڏانهن اچي ٿي ته ماڻهو پنهنجي فطرت ۾ هڪ پاسي جتي ظالم وحشي آهي، اتي هن جي اندر ۾ رحم ۽ ڪرم جون جبلتون پڻ موجود آهن. اها ئي خاصيت هن کي روشن خياليءَ ڏانهن مائل ڪري ٿي. اهو اندر ۾ ويٺل انسان جي مدد سان سماج جي جوڙ جڪ ڪري ٿو. ان ۾ پڻ هڪ رحم ۽ ڪرم جو عنصر شامل هوندو. سنڌي سماج ۾ وري اهي گڻ وڏي پيئماني تي موجود آهن. ان جي باوجود روشن خيال روين سنڌ کي تمام گهڻا نقصان پهچايا آهن، پر پوءِ به سنڌي صدين جي اتهاس کي وٺي پنهنجي فطرت ۾ نهايت بهتر ۽ ٻين جو خيال ڪرڻ وارو ماڻهو ثابت ٿيو آهي.

رڳو ائين به ناهي ته روشن خيالي ۽ ترقي پسندي هن سماج جا شعار رهيا آهن، پر سماج ۾ انهن مثبت روين جي جڳهه جڳهه تي مخالفت پڻ ٿيندي رهي آهي. ان حوالي سان ڊاڪٽر اسحاق سميجي پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ لکيو ته ”ترقي پسند فڪر جي اٿرن کان اڳ واري دؤر جي ادبي گادين جي والي وارثن هن نئين تخليقي وهڪري کي روڪڻ لاءِ وسان ڪين گهٽايو. ڪفر، بغاوت، روايت دشمني، اخلاق بگاڙڻ، فحاشي ڦهلائڻ جا لڳايل سمورا مذهب دشمنيءِ وارا الزام هوريان هوريان پاڻ ئي ماٺا ٿيندا ويا، ۽ ادب ۾ انسان دوستي، برابري ۽ ڀائيچاري جهڙا قدر وڌيا ۽ رنگ نسل ۽ مذهب جي بنياد تي نفرت، پير پرستي، ڪوڙي روحانيت ۽ ڪوڙن بتن جي پوڄا گهٽجڻ لڳي. ڇو ته فطري طور تي انسان کي رجعت سان نفرت ۽ جدت سان پيار رهندو آيو آهي. روشن خيالي ته سنڌ جي عظيم روايت ۽ اصلوڪو فڪر آهي.“ (سميجو، 2015) ان اصلوڪي فڪر جي آبياريءَ ۾ سنڌ جي تعليم پڻ وڏو ڪردار ادا ڪيو. خصوصي طور انگريزن جي دؤر ۾ جڏهن ٻاهرين دنيا جو ادب هتان جي ماڻهن کي پڙهڻ لاءِ مليو ته هنن جي اڳيان اها ڳالهه روز روشن جيان عيان ٿي وئي ته انسانيت جي ڀلائي روشن خياليءَ ۾ ئي آهي. سنڌ جيڪا اڳ ئي پنهنجي مثبت قدرن جي ڪري دنيا ۾ سڃاتي ويندي هئي. جيئن ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ جي بقول ته سنڌ ۾ صدين کان روشن خياليءَ جو هڪ سبب ’مادري نظام‘ هجڻ پڻ هو. اهو ئي سبب هو هو جو ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، لطيف سائينءَ جي انهي ءَ مقصدي ڪردار عورت کي مستقل مزاجي ۽ عشق جو اهڃاڻ سمجهندي چوي ٿو، ماڻهن ليکي منڌ پر اهو ڪو نينهن جو نعرو آهي ۽ ان تي اعتبار ڪرڻو پوي ٿو.“ (جوڻيجو، 1973) انهيءَ نعري جي اعتبار ۽ اعتماد جي ڪري سنڌ جي هڪ يگاني سڃاڻ رهندي آئي آهي؛ جنهن جو وک وک تي عملي مظاهرو پڻ نظر اچي ٿو. روشن خياليءَ جي حوالي سان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي مڪمل شاعري ڄڻ ان سچي سلسلي جو استعارو هجي. ڇاڪاڻ ته پاڻ سمجهون ٿا ته ”لطيف سائين هڪ سڄاڻ ڏاهو هو. هن کي پوري پروڙ هئي ته مادي مسئلا هجن يا روحاني راز هر هنڌ عورت ئي آهي، جيڪا پنهنجي خوبصورتي ۽ عشق سان ڪنهن به سماجي تبديلي واري عمل ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. انهيءَ ڪري هن عورت جي روشن خيالي ۽ سجاڳيءَ کي نينهن جي نعري سان علامتائيو (Symbolized) آهي“ (سڏايو، 2007) موهن جي دڙي کانپوءِ جنهن دؤر کي حقيقي طور روشن خياليءَ وارو دؤر چئي سگهجي ٿو اهو انگريزن جو دؤر هو. ”هي سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب لاءِ تعميري دؤر هو. جدت ۽ روشن خيالي، اصلاح پسندي وندر ۽ وروندهه، ريتن رسمن کان آجو سماج، تعليم ۽ تربيت وسيلي سڌارو آڻڻ، نياڻين کي اهميت ڏيڻ، انهن جي حقن ۽ زندگي کي بهتر

بنائڻ لاءِ لکيو ويو.“ (مفتي، 2014) سنڌ جي حالتن ۾ روشن خيالي ڇا آهي؟ ان جي تشريح محمد ابراهيم جويي ڪجهه هن طرح ڪئي، ”سڀني انسانن سان پيار ڪرڻ، سڀني لاءِ خيرُ گهرڻ، سڀني لاءِ هڪجهڙائي، آزادي، هڪ جهڙو انصاف، اُخوت ۽ برابري، روشن خيالي، سَهَپ، مَنش مريادا ۽ شانُ، مهمان نوازي، ڪَهَلَ ڪرڻ، نيڪي، معاف ڪرڻ، راڳ رنگ، موسيقي، ميلا ملاکڙا، سماجي ريتون رسمون، سنؤڻ ساٺ، زندگيءَ جي تانَ تي رقص ڪرڻ، زندگيءَ جي ٻوڙ ۾ شريڪ ٿيڻ، ننگن جي حفاظت ڪرڻ ۽ ڌرتيءَ ماءُ تان گهور وڃڻ، وغيره. وغيره.“ (جويو، 2007) سنڌ جي ادبي تاريخ جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ ڊاڪٽر اسحاق سميجو، هن نڪتي تي پهتو ته ”اها ڳالهه آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿي، ته هن وقت تائين فڪري سطح تي جن علمي ۽ ادبي تحريڪن سنڌي ادب کي وڏ ۾ وڏ متاثر ڪيو آهي ۽ جن تحريڪن جي اثر هيٺ سنڌي ادب ۽ خاص طور شاعري فڪر ۽ خيال جون بيشمار نيون اونچايون سَر ڪيون، تن ۾ تصوف جي تحريڪ ڪانپوءِ ڪان پوءِ ترقي پسند تحريڪ کي ئي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. گهٽ تي ٻڌل ادب پڻ هڪ ٻ ۾ گهٽ اسان وٽ، قومي خيالن يا وطن پرستيءَ حوالي سان روشن خيال ۽ ترقي پسند ادبي تحريڪ جو ئي حصو رهيو آهي.“ (سميجو، 2015)

## 4.2.2. روشن خياليءَ جي اثر هيٺ آيل ڪهاڻيون

## 4.2.3.سوڀو گيانچنداڻي جي ڪهاڻي

### ڪڏهين بهار ايندو

سنڌي ادب، ٻولي ۽ سياست ۾ سوڀي گيانچنداڻيءَ جو نالو هميشه ڪاٻي ڌر جي اهم ليکڪن ۽ اڳواڻن ۾ ٿيندو رهيو آهي. هن جي لکڻين ۾ سدائين ترقي پسندي ۽ روشن خياليءَ جا پهلو ڏسي سگهجن ٿا. ڪتاب ’مهراڻ جون چونڊ ڪهاڻيون‘ ۾ سهيڙيندڙ حميد سنڌيءَ سندس جڳ مشهور ڪهاڻي ’ڪڏهن بهار ايندو‘ شامل ڪئي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ زندگيءَ جي مختلف پاسن تي بحث ڪيو ويو. ڪهاڻيءَ ۾ مرڪزي ڪردار ضمير متڪلم واحد جي صورت ۾ ليکاري پاڻ آهي. هو زال ۽ ٻار سان واعدو ڪري ته ڪلاڪ ۾ گهر موٽي اچي پوءِ انهن کي سئنيما ڏيکارڻ ويندو. هن کي واپسيءَ ۾ دير ٿي وڃي ٿي. هن کي دوستن جي ادبي محفل ۾ شريڪ جو ٿيڻو هو. ادبي پروگرام ۾ ڪجهه دير سان پهچڻ جي ڪري هو پڙهيل افسانو ته نه ٻڌي سگهيو. البت، ان بحث ۾ ضرور حصو ورتي ٿو. ان بحث جو تت گهڻو ڪري عورت ۽ ان جي آزادي آهي. پروگرام ۾ شريڪ اڪثر اديب عورتن جي ان آزاديءَ جا مخالف ته نه آهن، پر هنن وٽ وري نوان مطالبا اچيو وڃن. جيئن: ’جيڪڏهن عورت آزادي ماڻڻ چاهي ٿي ته هو مرد تي ڇو تي انحصار ڪري، وغيره.‘ يا اعتراض ته ”مابدولت ان حد تائين وڃن لاءِ تيار آهي، جي اسان جي آئيندي جي محبوبڙي لاءِ ”فريڊم آف ائڪشن“ (عشق جي ميدان ۾ آزادي) چاهيندي، ته مابدولت کي ڪو به اعتراض نه رهندو. پر جيڪي ٻار پيدا ٿيندا انهن کي پالڻ پوسڻ جي ذميواري گڏيل يعني اڌواڌ ٿيندي.... پر ان لاءِ به ڪيس ثابت ڪرڻو پوندو ته خالص منهنجا ٻار ڪهڙا آهن- باقيءَ جي ذميواري ٻين تي رهندي“! يا ”هي ساريون ڳالهيون اسان جي اخلاقي قدرن، مذهبي روايات ۽ قبائلي غيرت جي خلاف آهن. هي مغرب – زده خيال آهن، عمل ۾ نر فطرتن حاسد آهي ۽ پنهنجي کي پنهنجو ۽ پرائي کي به پنهنجو ٻڌائڻ جي جذبي هيٺ ڪم ڪري ٿو.“ ان سڄي بحث ۾ هن کي گهڻي دير ٿي وڃي ٿي. واپسيءَ ۾ سندس گهرواري ڪجهه اعتراض ڪري ٿي پر جلدي پاڻ ۾ ٺهي وڃن ٿا.

سوڀي گيانچنداڻيءَ جي ڪهاڻي ’نيٺ بهار ايندو‘ ۾ جهڙي ريت اديبن وچ ۾ عورتن جي آزادي جنهن مان مطلب معاشري جو روشن خيال هجڻ آهي، بحث ڪيو ويو آهي. ان مان هي حاصل ٿئي ٿو ته

عورتن جي آزادي کي اچا وقت لڳندو. جنهن ڪانپوءِ هڪ روشن معاشري جو قيام، جنهن کي ڪهاڻيڪار ’نيٺ بهار ايندو‘ سان تعبير ڪيو آهي. (گيانچنداڻي، 1992: 3)

## 4.2.4. گوبند مالهيءَ جون ڪهاڻيون

### احسانمندي

سنڌي ادب ۾ گوبند مالهيءَ جي سڃاڻپ هڪ اهڙي اديب طور آهي. جيڪو روشن خيالي ۽ ترقي پسنديءَ جو وڏو علمبردار سمجهيو وڃي ٿو. هن جي مختصر ڪهاڻي ’احسانمندي‘ ورهاڱي جي پسمنظر ۾ لکيل هڪ اهڙي روشن خيال احسان جي موضوع تي آهي، جنهن کي پڙهڻ ڪانپوءِ ان وقت جي سماج کي سمجهڻ ۾ سؤلائي ٿئي ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙي هندو واپاريءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو اعتبار ڪري پنهنجي مسلمان زميندار دوست جي زمين ۾ پئسا سيڙائي ٿو. اوچتو مٿان ورهاڱي جي صورتحال ۾ ان زميندار جي نيت ۾ خرابي ٿيو پوي. فصل پچي راس ٿي چڪو آهي. مسلمان زميندار نه ٿو چاهي ته هندو سيٺ ڪنهن به ريت ان مان فائدو حاصل ڪري، چاڪاڻ ته هو اڳي پوءِ هتان لڏي ويندو. اهڙي صورتحال ۾ هندو سيٺ پريشان حال مختلف ماڻهن وٽ مدد لاءِ وڃي ٿو، پر صورتحال هي حق ۾ نظر نه ٿي اچي. ان سچي پريشانيءَ جي حالت ۾ هن کي پنهنجو هڪ پوليسوارو مسلمان دوست ياد اچي ٿو؛ جنهن وٽ مدد لاءِ آخري اميد ڪري وڃي ٿو، جيڪو ڪجهه ڏينهن اندر سندس مدد ڪري فصل ۾ سيڙايل پئسا واپس ڪرائي ڏئي ٿو. ڪهاڻيءَ جا آخري مڪالما ڏاڍا شاندار آهن؛ جنهن ۾ سيٺ جڏهن پوليس انسپيڪٽر جا ٿورا مڃي ٿو: ”ڪونگو مل، عطا الله کي چيو ”لک ٿورا تنهنجا.“ عطا الله چيو، ”ٿورو ته مون اچا پورو لاٿو ڪونهي، پر جيڪڏهن دل چوي ٿي ته پارت ۾ ائين چئيج ته مسلمانن ۾ ايمان وارا آهن. احسان ياد رکندڙ آهن.“ سچ سچ ڪونگو مل هيترن سالن بعد به چوندو رهندو آهي ته ”انسانيت تي صرف هندن جي هڪ هٽي ڪونهي.“

گوبند مالهيءَ جي مختصر ڪهاڻي ’احسانمندي‘ سچ ته روشن خياليءَ جو اعلى نمونو آهي؛ جنهن ۾ هڪ پوليس انسپيڪٽر، نهايت ڳنڀير حالتن ۾ بنا ڪنهن مذهبي فرق جي هڪ اهڙي لاچار ۽ بيوس انسان جي مدد ڪري ٿو، جيڪو تمام گهڻو پريشان حال آهي. اهڙي ڳنڀيرتا جنهن ۾ هن جا دوست به ڇڏي وڃن ٿا. هن ڪهاڻيءَ ۾ جهڙي طرح شعوري طور ان پوليسواري کي روشن خيال ڏيکاريو ويو آهي؛ اهو پڻ ڪهاڻيڪار جي ڪمال ۾ شامل آهي. (مالهي، 1986: 41-57)

### اڳتي قدم

گوبند مالهيءَ جي ڪتاب ’اڳتي قدم‘ ۾ هن جي مرڪزي مختصر ڪهاڻي پڻ ان نالي سان ئي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙي ڇوڪريءَ جو ڪردار ڏيکاريو ويو آهي، جيڪا حالتن جي اڳيان جهڪڻ پسند نه ٿي ڪري. هو مقابلو ڪري ٿي. هو سماج ۾ روشنيءَ جي علامت بنجي وڃي ٿي. جيتوڻيڪ جمنا جي ان ڪردار اڳيان سماج ڪيترين ئي مشڪلاتون کڙيون ڪيون آهن، پر هو نه ٿي گهبرائي. نتيجي ۾ ان جو ڪردار هڪ اهڙي عورت جي روپ ۾ اڀري ٿو، جيڪا ٻين عورتن جي آئيڊيل آهي. هن ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ گوبند مالهيءَ ان سچي مامري جو تت ڪجهه سٽن ۾ سموهي ڇڏيو آهي ته ”منهنجي ڪلپنا ۾ سامهون لانگ واري ساڙهيءَ سان جمنا ڦري آئي. هوءَ ڪوهه تان پاڻي ڀري رهي هئي. چهري تي ڪا خوشي وري آئي هئس. منهنجو ڪنڌ شرڌا وچان جهڪي ويو، سوچيم: جمنا جو جرئت ڀريو قدم ممڪن آهي، گهڻين سنڌي ڀينرن لاءِ للڪار بڻجي.“ دنيا جي پوئتي پيل سماجن ۾ نه صرف روشن خيال رويا رکڻ پر انهن لاءِ پاڻ پتوڙڻ سو به وري جيڪڏهن ڪا عورت اڳيان اچي ٿي ته سچ ته اهو حقيقي طور انقلاب آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ روشن خياليءَ جو پسمنظر رکي اهي ڏس ڏنا ويا آهن. (مالهي، 1986: 9-19)

### رڪ چيٽي

گوبند مالهيءَ جي مختصر ڪهاڻي ’رڪ چيٽي‘ هن جي ڪتاب ’اڳتي قدم‘ ۾ شامل آهي. بنيادي طور هي ڪهاڻي روشن خياليءَ ڏانهن هڪ اهڙي شعوري وک جي نمائندگي ڪندي ملي ٿي. جنهن جي اڄ به سماج کي اشد ضرورت محسوس ٿئي ٿي. مذهبي ٺوٺن ڦيٽن جي آڙ ۾ ڪهڙي طرح سماج جي مظلوم طبقي سان ويل وهايا پيا وڃن. پنجاهه سال جي اڳ صورتحال ۽ هاڻي جي حالتن ۾ ڪو به فرق ناهي. گوبند مالهيءَ هن ڪهاڻيءَ ۾ روشن خياليءَ جي شعوري رو سان هڪ عورت کي اڳيان آڻي. مذهبي پيشوا کي اگهاڙو ڪري ٿو. جيڪو ڌرم جي سهارو وٺي عورتن سان زيادتيون ڪندو رهي ٿو. ايمليءَ جو ڪردار روشن صبح جهڙو آهي. جيڪو هڪ ڪاري رات جو پڙدو چاڪ ڪري ٿو. برابر ان عذاب مان هوءَ پاڻ ته گذري ٿي، پر ٻين لاءِ آسانيون پيدا ڪرڻ جو سبب بنجي پوي ٿي. دنيا ۾ اها حقيقت به عالمِ آشڪار آهي ته روشن خياليءَ جو بنيادي مرڪز عورت ئي رهي ٿي. هڪ عورت جو روشن خيال هجڻ مان مطلب سڄي سماج جو روشن خيال هجڻ آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ايمليءَ جو اهو ڪردار نظر اچي ٿو. ڪهاڻيءَ جون آخري سٽون هتي فقط ان مقصد لاءِ پيش ڪيون پيون وڃن ته پڙهندڙن کي سمجهه ۾ اچي ته معاملا ڪيترا نازڪ هوندا آهن ۽ هڪ عورت ان کي ڪهڙي طرح منهن ڏئي ٿي:

”ايمليءَ ڪجهه ڪچيو ڪونه هنجا وار ٽڙيل پکڙيل هئا. ساڙهي به بي ترتيب ٿي وئي هئي ۽ اکيون غصي وچان لال ٿي ويون هيون.

”ڏيءُ اها رڪ چيٽي مونکي ڏيکار ته سهي؟“

ٻڍيءَ جي لفظن مان شردا ۽ صدق ٽپڪي رهيا هئا.“

مختصر ڪهاڻيءَ جي آخري سٽ سماج جي ان اونداهي پاسي کي هٽائي روشن خياليءَ کي آڻي ٿو، جنهن ۾ ايملي چئي ٿي ته ”رڪ چيٽي!“ ايملي چلائيندي چيو. ”مونکي معلوم ٿي ويو ته ٻائي جي رڪ چيٽي ۾ ڪرامت ڪانهي!“ (مالهي، 1986: 29-40)

## 4.2.4.1. شيخ اياز جون ڪهاڻيون

### واڇ جا ڪانٽا

شيخ اياز جو بنيادي تعارف ته هڪ شاعر جو آهي، پر ڪهاڻي ڪيتر ۾ ڏنو وڃي ته شيخ اياز مختصر ڪهاڻيءَ ۾ تمام وڏو نالو آهي. جيتوڻيڪ هن ٿوريون ڪهاڻيون لکيون آهن، پر اهي سنڌي ڪهاڻيءَ جي رڪارڊ ۾ شاندار اضافي جو سبب بڻيون.

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙي جي طرفان شيخ اياز جي ڪهاڻين کي ’جي تند برابر توريان‘ جي نالي سان سهيڙي شائع ڪرايو ويو. هن ڪتاب ۾ شيخ اياز جي ڪهاڻي ’واڇ جا ڪانٽا‘ ٻن پريمن جي چوڏاري ڦري ٿي. نظير، مسلمان ۽ ان جي پريميڪا ايملي ڪرستان آهي. ظاهر آهي ته هنن جي وچ ۾ مذهب جي ديوار انهن کي ويجهو اچڻ نه ٿي ڏئي. نتيجي ۾ هو انهن سڀني ڳالهين کي هڪ پاسي ڪري پاڻ ۾ گڏجڻ جو فيصلو ڪن ٿا. اهو پڻ ته هو اهڙي ڪنهن به رسم کي نه ٿا مڃين جيڪا هنن جي محبت ۾ رڪاوٽ بڻجي ٿي. اهو ئي هنن جو روشن خيال رويو آهي. ساڳي وقت تي هن کي عورتن جو پردو ڪرڻ به نه ٿو وڻي. اهي ريتون رسمون هن کي سورهين صديءَ جو لڳن ٿيون. جيتوڻيڪ ڪهاڻيءَ جو انجام الميي سان ڀرپور آهي؛ جنهن ۾ نظير جو والد گذاري وڃي ٿو، جنهن جي خبر ٻڌڻ ڪانپوءِ پاڻ به پريشانين جو شڪار ٿيو وڃي. ان سڄي صورتحال ۾ نظير ۽ ايمليءَ جي محبت ۽ ان ۾ روشن خياليءَ کي ڏسي سگهجي ٿو. جيڪي شيخ اياز ڪهاڻي ’واڇ جا ڪانٽا‘ ۾ هنن سٽن جي صورت ۾ لکي آهي: ”جڏهن موٽي رهيا هئا ته نظير واڇ ۾ڏنو. پورن ٻارهن تي ٻئي سيون هڪ ٻئي جي مٿان اچي ويون هيون. نظير واڇ ايمليءَ کي ڏيکاريندي چيو، ”ڪيتري ته ڪانٽن ۾ سڪ آهي. سڄو ڏينهن هڪ ٻئي جي پٺيان ڦرندا ٿا رهن ۽ نيٺ اچي ملن ٿا.“ سندس

شرارت ڀريل نظر ۾ محبت جا سوين پيغام هئا. ٻنهي رستي تي فيصلو ڪيو ته هفتي کن ۾ سول ميرج ڪنداسين. محبت جو مذهب الڳ آهي ۽ ڪرستان يا مسلمان جو ڪو تفاوت ناهي. نظير ڀنهنجي منڊي لاهي ايمليءَ جي چيچ ۾ پاتي.“ (شيخ، 1998: 42-46)

## رفيق

شيخ اياز جي ڪهاڻي ’رفيق‘ هن مرداڻي معاشري ۾ سگهاري ڏر يعني مردن جا ٻه روپ ڏيکاريا ويا آهن. هڪ ۾ پاءُ، پيڻ جو فقط ان ڪري مٿو ڪوڙي ڇڏي ٿو، جو ان ڪانپوءِ هوءِ سماج ۽سياست ۾ سرگرم رهي نه سگهي. ٻئي طرف هڪ روشن خيال مرد آهي، جيڪو بنا ڪنهن مذهبي فرق جي ان عورت کي اپنائي ٿو، جنهن جي سچي سونهن هن جا وار هئا، جيڪي هاڻي ناهن رهيا. شيخ اياز جي ڪهاڻي ’رفيق‘ جا آخري مڪالمه ”منهنجي خوبصورتي توکي ايتري ڪشش ڪئي هئي نه تو ته ڪالهه ٿي چيو ته منهنجا ڪارا ڊگها...!“ ۽ هو پاڻ جهلي نه سگهي ۽ روئي ويٺي. سندس پوتي سندس مٿي تان گسڪي وئي.“

ڪهاڻيءَ ۾ شيخ اياز جو اهو ڪمال آهي، جو هر شيءِ کي پنهنجي جاءِ تي رکڻ جو هنر وٽ هو. ائين به ناهي ته هو ان سچي معاملي ۾قاريءَ کي ڪنهن تصوراتي دنيا ۾ وٺي وڃي ٿو. جهڙي ريت هي جملا ته ”“اوه...“ موهن کي سندس مٿو ڏاڍو بڇڙو ٿي لڳو. سندس ساري سونهن تي گرهڻ لڳي چڪي هئي.‘

ڪهاڻيءَ ۾ هڪ پاءُ جيڪو هڪ قدامت پسند مرد آهي. فقط ان دليل تي پيڻ جي مٿي جا سهڻا وار ڪتري ڇڏي ٿو ته هوءَ گهران نه نڪرندي. ”رات منهنجي پاءُ ننڊ ۾ منهنجا وار ڪتري ڇڏيا.“ نجمه اکيون اگهندي چيو. ”۽ صبح سان چيائين ته چئو هاڻي کهڙو منهن وٺي ٻاهر ويندئين. نه رهندو بانس نه وڄندي بانسري.“ شايد هي دنيا ۾ ذلالت جو ڪم هجي جنهن ۾ پاءُ، پيڻ سان اهڙو سلوڪ ڪيو، پر ٻئي طرف ان اونداهيءَ جي مقابلي ۾ روشني ئي روشني آهي، جنهن ۾ ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار موهن اهو چئي نجمه سان نينهن جي ناتي کي مضبوطيءَ سان جڪڙي ٿو ته ”نجمي تون منهجي زندگيءَ جي رفيق آهين. منهنجو محبت جو بنياد تنهنجي رفاقت تي آهي نه ڪي تنهنجي سونهن تي. تون ته منهنجي لاءِ اڃا به سهڻي آهين. هل ته اسان هينئر سول ميرج ڪريون.“ هڪ مرد طرفان آدرشي ۽ روشن خيال ڪردار ادا ڪرڻ به هن ڪهاڻيءَ جو شاندار پاسو آهي. (اياز، 1998: 24-28)

## 4.2.5.نجم عباسيءَ جون ڪهاڻيون

### قلب اندر ڪعبو

نجم عباسيءَ کي روشن خيال، جديد ترقي پسند ڪهاڻيڪار چئجي ته گهٽ ناهي. هن جي ڪهاڻي ’قلب اندر ڪعبو‘ هڪ اهڙي معاملي ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿي، جنهن ۾انسان کي اندروني خوشي ميسر ٿئي ٿي. جهڙي ريت هڪ حاجي سڳوري جي ڪهاڻي آهي، جيڪو حج تي ويندي، اهڙن ماڻهن جي مدد ڪري ٿو؛ جيڪي سچ ۾ مدد جي لائق هئا. ان دؤران اهو همراهه حج تي نه ٿو وڃي، پر واپس گوٺ اچي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ قوم پرستيءَ جو عنصر پڻ شامل آهي، پر ساڳي وقت روشنيءَ جا ترورا پڻ نظر اچن ٿا. چاڪاڻ ته مذهبن جو روح پڻ انهيءَ ۾ آهي ته انسان جي خدمت ڪرڻ اعلى عبادت آهي.

ڪهاڻي ’قلب اندر ڪعبو‘ پنهنجي نالي جيان چٽي آهي ته انسان جي اندر ۾ ڪعبو هجڻ گهرجي، جيڪو ئي خدا جي ويجهو وڃڻ ۾ مدد ڏئي ٿو. مذهبي پسمنظر اڳيان رکندي، نجم عباسي جهڙي ريت روشن خياليءَ کي شامل ڪيو آهي، اهو هن جو ڪمال ليکبو. ڪهاڻيءَ جي آخري سٽ ان جي سچي روشن خيال روح کي ظاهر ڪري ٿي، جنهن ۾ حاجي صاحب چئي ٿو ته ”سائين، مون ان کان اڳ به چار حج ڪيا هئا، پر انهن ۾ ايڏي خوشي ۽ روحاني راحت حاصل نه ٿي هئي، جيڏي هن عورت کي بچائڻ ۽ ٿهل ٽڪور ڪرڻ ۾ ٿي.“ (عباسي، 2020:)

### جڻ

نجم عباسي جي ڪتاب 'پٿر تي ليڪو' ۾ شامل ڪهاڻي 'جڻ' ظاهر ۾ هڪ طنز و مزاح جي ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ جو پلاٽ انهن عورتن جي چوڌاري ڦري ٿو، جيڪي سير تفريح جو پروگرام جوڙين ٿيون. پوءِ ان پروگرام ۾ هنن جي اڳيان ڪيترين ڏکيائون درپيش آهن، جن کي نجم عباسي بهتر انداز سان لکيو آهي. جيئن ڪهاڻيءَ جي شروعات ۾ لکيو ويو آهي ته "ها سو هڪ ئي وقت ڪيترن ئي عورتن جي دل ۾ اهو خيال جاڳيو ته چو نه ڪيڏانهن پڪنڪ ڪجي. هڪ شام جو عورتن جي باغيچي ۾ فيصلو ڪيو ويو ته پڪنڪ ضرور ڪبو." بظاهر ته هي ڪهاڻي هڪ سادي پلاٽ تي گهڙي وئي آهي، پر ان جي اندر ۾ سنڌي سماج جي روشن خيالي ڏسي سگهجي ٿي. هڪ اهڙو معاشرو جنهن ۾ محڪوم ۽ مظلوم طبقن لاءِ سوڙهه ۽ گهٽ جو ماحول هجي، ان ۾ عورتن جي طرفان هڪ گڏجاڻي گهرائي پروگرام رکڻ يقينن روشن خياليءَ جو اهڃاڻ آهي. " گهڻي بحث مباحثي بعد نهراءُ پاس ٿيو ته حيدرآباد جي راڻي باغ ڏانهن هلبو ۽ سارو ڏينهن اتي بسر ڪبو." سنڌي عورتن جو پاڻ ۾ ويهي هڪ گڏيل راءِ ڪانيوءِ ڪنهن جاءِ تي گهمڻ جو فيصلو ڪرڻ، پڻ روشن خياليءَ جي علامت آهي. هن سڄي معاملي ۾ عورتن جو سرگرم ٿيڻ پڻ سماج لاءِ سٺو اهڃاڻ آهي. ڏٺو وڃي ته دنيا رڳو المين سان پرپور ناهي. ان ۾ خوشيون پڻ آهن. خوشين کي ڪيئن حاصل ڪجي؟ انهن جا ڏس پڻ آهن. ڪهاڻيءَ ۾ نجم عباسيءَ سنڌي عورتن کي اهي ڏسَ ڏنا آهن، جيڪي روشن خياليءَ جي حصي ۾ اچن ٿا. (عباسي، 2020: ڊجيٽل)

## 4.2.6. موهن ڪلپنا جي ڪهاڻي

### هٿو مونکان پري ٿيو

موهن ڪلپنا کي سنڌي ڪهاڻيءَ جو منفرد ۽ نرالو ليکڪ ان ڪري به چئي سگهجي ٿو ته هن پنهنجين مختصر ڪهاڻين ۾ سدائين انوکا عنوان چونديا آهن. هن پنهنجي جديد اسلوب سان پڙهندڙن کي سدائين پاڻ سان ڳنڍي رکيو آهي. موهن ڪلپنا جي ڪتاب 'چانڊوڪي ۽ زهر' ۾ شامل ڪهاڻي 'هٿو مونکان پري ٿيو' هڪ پاسي جتي پنهنجي اسلوب ۾ نرالي آهي اتي هن ۾ روشن خياليءَ جا پاسا به ڏسي سگهجن ٿا. ڪهاڻيءَ مهيش نالي هڪ ڪردار جي چؤطرف ڦري ٿي، جنهن ۾ هڪ طرف ته مهيش جو ڪردار ڊپريشن ۾ نظر اچي ٿو ته ٻئي طرف هن جي روشن خيالي يا ذهني ڪشادگيءَ جي حالت هي آهي ته سماج جي لڪ مخالفت يا ان عمل کي خراب سمجهڻ جي باوجود هو ريٽا نالي هڪ وئشيا سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي. اها الڳ ڳالهه ته ريٽا جي من ۾ پسماندگيءَ جي سبب يا هو ان ڪڙي حقيقت کي قبول ڪرڻ جي سگهه نه ٿي رکي، نتيجي ۾ هوءَ مهيش سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪري ٿي، پر هتي معاملو هڪ اهڙي شخص جو آهي، جيڪو سڀ ڪجهه ڄاڻيندي، ايتري حد تائين جو دوستن ۽ گهر وارن جي مخالفت کي ڏسندي به اهڙو فيصلو ڪري ٿو.

پڪ سان سماج جي روشن خياليءَ انهيءَ صورتحال جو نالو آهي، جنهن ۾ هڪ شخص ڪجهه اهڙو ڪري ٿو، جنهن ۾ معاشري کي اتساهه ملي. مختصر ڪهاڻي 'هٿو مونکان پري ٿيو' جي آخري سٽن ۾ مهيش جو درد سمجهي سگهجي ٿو ۽ پڻ ته هن سماج ۾ روشن خيال ٿيڻ لاءِ پڻ ڪيترين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. "تڏهن مهيش جي من ۾ آيو، ڇا هن سماج ۾ مان هڪ وئشيا کي به پائي نه ٿو سگهان؟ "ڇا مان ايترو بدنصيب آهيان؟" ۽ هن جي اندر کو نئون سور جاڳڻ لڳو." (ڪلپنا، 1985: 42-62)

## 4.2.7. بشير موريائيءَ جي ڪهاڻي

### چُھڙي

سنڌي ٻوليءَ جي ناميارِي ڪهاڻيڪار بشير مورياڻيءَ جي ڪهاڻي ’چُھڙي‘ پنهنجي چا هر دؤر جي شاندار ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ کي تحقيق جي حوالي سان روشن خياليءَ جي حصي ۾ رکڻ جو مطلب ان پيغام کي وڌيڪ تقويت ڏيڻي آهي ته سنڌي سماج ڪڏهن به روشن خيال روين ۽ احساسن کان خالي نه رهيو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ڪردار ڪهڙي ريت چُهڙن جي ٻارڙي جو خيال رکي ٿو؟ ڪهڙي ريت ان جو معصومانه ادائون هن کي موهن ٿيون. اهو سڀ ڪجهه ليکڪ جو ڪمال آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ضمير متڪلم واحد جي صورت ۾ اهو ڪردار پاڻ کان سوال ڪري ٿو: ”آءٌ سمجهي نه سگهيو آهيان، ته مون کي هن لاءِ ايتري چاهنا چو هئي؟“ وري پاڻ کي پاڻهي ئي جواب ڏئي ٿو. ”شايد هوءَ غير رواجي ٻارڙي هئي. شايد هوءَ نرالي قسم جي چوڪري هئي، اهوئي سبب هو جو هوءَ چهڙي نه سمجهڻ ۾ ايندي هئي.“ اڳتي هلي ٻارن ۾ پنهنجي دلچسپيءَ جو سبب ٻڌائيندي چوي ٿو: ”منهنجي دلچسپيءَ جو هي سبب به ٿي سگهي ٿو، ته مون کي از حد معصوم ۽ وٽندڙ ٻارن لاءِ سڪ هوندي آهي. خاص طرح انهن ٻارڙن سان جن ۾ فطري طرح سان معصوميت ۽ شرارت جو ميلاپ هوندو آهي، پيار ٿيڻ سپاويڪ آهي.“

نندڙن ٻارن سان محبت، عورتن جو احترام، وڏن جو ادب اهو سڀ ڪجهه پڻ هڪ روشن خيال معاشري جون نشانيون آهن. اهڙي صورتحال ۾ وري جڏهن توهان انهن ماڻهن جو احترام ڪريو ٿا، جيڪي ’ڪاسبي‘ سڏيا وڃن ٿا ته اهو هڪ سٺي معاشري جي اهم خوبي آهي. انهيءَ خوبي مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته ماڻهو ڪيترا روشن خيال آهن. اها ڳالهه سيني لاءِ ته چئي نه ٿي سگهجي، پر جيڪڏهن ڪو هڪ ماڻهو به اهڙا رويا اختيار ڪري ٿو ته ٻين لاءِ ضرور روشنيءَ جو ترورو ثابت ٿئي ٿو. انهيءَ روشنيءَ جي ڳولها ۾ بشير مورياڻي جي ڪهاڻي ’چُهڙي‘ پڻ اهم جڳهه تي بيٺل نظر اچي ٿي. (مورياڻي، 1955: 6)

## 4.2.8. آغا سليم جي ڪهاڻي

### نيٺ بهار آيو

آغا سليم جي ڪهاڻي ’نيٺ بهار آيو‘ مهراڻ جي چونڊ ڪهاڻين ۾ شامل آهي. رومانس سان پرپور هن ڪهاڻيءَ ۾ محبتن اندر روشن خياليءَ کي ڏسي سگهجي ٿو. هڪ پاسي جتي محبتون رڳو خاص مطلبن لاءِ هجن ته ٻئي پاسي انهن ۾ بي انتها خلوص هجي. اهو پاسو انسانيت جو ضرور روشن پاسو ئي آهي. هيءَ ڪهاڻيءَ اهڙي شخص جي آهي، جنهن کي ڏکي ويل ۾ اها چوڪري ڇڏي وڃي ٿي، جنهن سان هو بي انتها پيار ڪندو هو. ٻئي طرف انهن گهڙين ۾ هڪ ٻي چوڪري، جيڪا ان سان حد درجي جو پيار ڪندي هئي ويجهو اچي سهارو بڻجي ٿي. هو ان پيار ڏيندڙ چوڪريءَ لاءَ چئي ٿو: ”ڪيتري نه سچائي هئي هن جي پيار ۾! ڪيتري نه سندرتا هئي هن جي اٽڃاٽائيءَ ۾! نسرين ڏاهيءَ مون کي ڏک ڏنا هئا ۽ هيءَ اٽڃاڻ مون کي بي انت پيار ڏيئي رهي هئي! چا، سچائيءَ کان وڌيڪ به ڪا سندرتا آهي؟ چا، هن دنيا ۾ اچا ههڙي سندرتا ۽ ههڙو عظيم ۽ اننت پيار آهي، پوءِ زندگي حسين ۽ رهڻ جي قابل آهي!“ ان ڪيفيتن کان اڳ شديد مايوسيءَ جو شڪار بڻجي ٿو ته اها چوڪري، جنهن کي هن سدائين پاڻ کان پري رکيو ويجهو اچي محبتون ارپي ٿي. پڪ سان زندگيءَ جو اهو روشن پهلو ئي آهي. جنهن ۾ پوءِ پيار هن طرح سان اظهار ڪري ٿو: ”يڪدم منهنجي بيمار ۽ ڦٽيل روح مان زندگيءَ جا امنگ ڦاٽ ڪائي نڪري آيا. مون ٻئي ٻانهون ڊگهيري، هريءَ کي سيني سان لائي ڇڏيو – جڻ مان هڪ نئين زندگيءَ کي سيني سان لائي رهيو هوس.“ آغا سليم جي ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ محبتن مان مايوس ٿي وري زندگيءَ ڏانهن واپس ايندڙ اهو همراهه پنهنجي دوست کي گهرائي جڏهن ٻڌائي ٿو ته ”مان هريءَ سان شادي ڪري رهيو آهيان. منهنجي ڳالهه ٻڌي، هن کان چرڪ نڪري ويو، پر پوءِ منهنجي منهن تي ٻڪندڙ عزم کي ڏسي (يا پنهنجي ڪنهن فائدي کي ڏسي) هو راضي ٿي ويو ۽ مون کي هر قسم جي مدد ڏيڻ جو واعدو

ڪيائين.“ هي ڪهاڻي ظاهر ۾ ته محبتن جي ناڪامين ۽ ڪاميابين جي چوطرف ڦري ٿي، پر ان ۾ ماڻهن جي روين ۾ روشنيون ۽ اونداهيون ڏسي سگهجن ٿيون. آغا سليم جي هن ڪهاڻيءَ کي جيترو داد ڏجي گهٽ ٿيندو، ڇاڪاڻ ته هي نج انساني امنگن جي ترجمان ڪهاڻي آهي. (سليم، 1992: 32)

## 4.2.9. آغا شاهين جون ڪهاڻيون

### سنگ سياه

آغا شاهين جو شمار، سنڌي ڪهاڻي ڪيتر جي ڪن وڏن نالن منجهان نه آهي. ان هوندي به آغا شاهين جون ڪهاڻيون، سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾ اهم جاءِ والارين ٿيون. ’لذت گناه‘ جي نالي سان شائع ٿيل هن جي ڪتاب ۾ ڪجهه ڪهاڻين بابت هن جو چوڻ هو ته دوستن جي مثان طنز طور اهي ڪهاڻيون لکيون. مطلب ته هي معاملا اهي هئا جيڪي آغا صاحب پاڻ مشاهدي هيٺ آندا ۽ پوءِ افساني جي شڪل ۾ رقم ڪيا. آغا شاهين جي مختصر ڪهاڻي ’سنگ سياه‘ سماج جو هڪ اهڙو روشن خيال پاسو اجاگر ڪري ٿي، جنهن ۾ انسانيت جي سونهن نظر اچي. ڪهڙي ريت هڪ مرد، عورت جي مٿان ڇپر ڇانوَ بنجي وڃي ٿو. معاملو ڪجهه هن ريت آهي ته نلني نالي هڪ ڇوڪري شدت جذبات ۽ پيار جي وهڪري ۾ اچي گناهه ڪري ويهي ٿي، نتيجي ۾ هن کي حمل ٿيو وڃي. هن جو چاهيندڙ اهڙي صورتحال ۾ ڇوڪريءَ کي ڇڏي هليو وڃي ٿو. اهڙي حالت ۾ نلنيءَ جيءَ اڳيان آپگهات ڪانسواءِ ڪونه رستو نه ٿو بچي. ڇاڪاڻ ته ڪونه مرد هن سان شادي ته ڪندو ڪونه. ان صورتحال ۾ هن جي چاهيندڙ مرد جو دوست اشوڪ اڳيان اچي ٿو ۽ نلنيءَ جي پيٽ ۾ پلجندڙ ٻار کي پنهنجو نالو ڏيڻ جي حامي ڀري ٿو. سچ ته اهو ڪوڙهيل سماج ۾ ٻين لاءِ جيئڻ ۽ روشن خياليءَ جو ان کان وڌيڪ ڪهڙو مثال آڻجي. جنهن ۾ اشوڪ، اڻ ڪيل گناهه ۾ هن جو ساٿي ٿڄي وڃي ٿو. جيتوڻيڪ آغا شاهين، ڪهاڻيءَ جو اختتام هڪ الميي طور ڪيو آهي، پر سچ ته ڪهاڻيءَ ۾ هڪ مرد جي جيتري تعريف ڪجي گهٽ آهي. اهو ڪو سؤلو ته ناهي جو ٻين جا گناهه پنهنجي سر تي کڻي زنده رهجي، پر ان جي اڳيان هڪ عظيم مقصد هو، جنهن ۾ ڪنهن انسان جي حياتي بچائڻي هئي. (شاهين، 1954: 16-34)

### غلط فهمي

آغا شاهين جي ڪتاب ’لذت گناه‘ ۾ شامل مختصر ڪهاڻي ’غلط فهمي‘ هڪ اهڙي مرد جي روشن خياليءَ کي عيان ڪري ٿي، جنهن ۾ هو پنهنجي دوست لاءِ قرباني ڏئي ٿو. رضيه جي نالي ڇوڪريءَ سان سان ذلفيءَ جو بي انتها پيار آهي، پر هو ان کي ظاهر نه پيو ڪري سگهي. تان جو رضيه جي شادي واري ڏينهن، جيڪا پڻ زلفيءَ جي دوست آغا سان ٿي رهي هئي. هو خودڪشيءَ جو فيصلو ڪري ٿو. اها ڳالهه جڏهن آغا کي خبر پوي ٿي ته هو نه صرف ذلفيءَ کي خودڪشيءَ کان بچائي ٿو، پر رضيه کي راضي ڪري ان جي شادي ذلفي سان ڪرائي ٿو. بظاهر ته هي ڪنهن به مرد لاءِ نهايت دشوار ڪم آهي، پر هڪ آئيڊيل سماج ۾ ائين ئي هجڻ گهرجي. هڪ روشن خيال سماج ڪيئن جڙي ٿو؟ اهو هڪ بهتر مثال آهي. هن ڪهاڻيءَ جون ڪجهه سٽون هيٺ پيش ڪجن ٿيون:

”ذلفي پنهنجي زندگيءَ جو منزل مقصود رضيه کي ٿاهيو هو. اڄ تائين هو بنا ڪنهن منزل جي پنهنجي زندگي جي ويران راهه ۾ آغا جي مدد سان هلي رهيو هو. هاڻي هن کي پنهنجي منزل تائين پهچڻ لاءِ بلڪل ٿورو مفاصلو نظر آيو، پر در حقيقت اهو ٿورو مفاصلو بيحد دشوار ثابت ٿيو. جيترو به دشوار ڇو نه هي ڪيترا به زهر آلوده ڪندا ڇو نه انهيءَ راهه ۾ وڇايل هجن، پر انهن ڪنڊن جي مٿان هلڻ ۾ ذلفي هڪ سڪون محسوس ڪندو هو.“ (شاهين، 1954: 35-63)

## 4.2.8. حميد سنڌيءَ جون ڪهاڻيون

### پرديسي پکئيڙا

حميد سنڌي، مختصر ڪهاڻي ۾ وڏو نانءُ آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ سدائين ڪو خاص پيغام رهيو آهي. جڏهن ڪهاڻي جي 'ٿيم' جي ڳالهه نڪرندي ته حميد سنڌي، ان ۾ نشانبر ليکڪ طور سامهون ايندو. 'تماهي مهراڻ' ۾ هن جي ڪهاڻي 'پرديسي پکئيڙا' هڪ اهڙي پسمنظر ۾ لکيل آهي. جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته سنڌي سماج جي بنياد محبت ۽ روشن خيال سوچ جي عين مطابق پيل آهي. هيءَ ڪهاڻي ذرعي سماج جي عڪاسي ڪري ٿي. جنهن ۾ فصلن کي پکين کان بچائڻ به اهم رهيو آهي. ان سچي عمل ۾ پکين کي مارڻ جي نيت شامل نه هوندي آهي، پر ديچاري انهن کي پڪل فصل کان پري رکڻ هوندو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سچل اهڙو ڪردار ادا ڪندي نظر اچي. هڪ پاسي ڪٽ تي هن جو پيءُ بچل سخت بيمار آهي ته ٻئي طرف هن کي راس ٿيل فصل تي پهرو ڏيڻو آهي. ان وچ ۾ ڪانپاڻيءَ جي ڳوڙهي سان وهيو پکي زخمي ٿي پوي ٿو. عين ان وقت سندس والد جي طبعت به خراب ٿيو وڃي. هڪ ئي وقت بچل ۽ وهيو پکي سچل جي هٿن ۾ دم ڏٺيءَ جي حوالي ڪن ٿا. ان ڳالهه هو سچل کي تمام گهڻو صدمو ٿئي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ حميد سنڌيءَ جا شاندار مڪالمه ان کي ويتر سگهارو ٿا. جيئن، "هُن هٿ وڏائي پٽ تي پيل ڏکيل وهيو هٿ ۾ کنيو ۽ پوءِ سندس چهنب وات ۾ وجهي، اُن ۾ ساهه ڦوڪڻ جي ڪئي، پر پوءِ هن پکيءَ کي چميو ۽ پٽڪيو، "مٺا! معاف ڪجان!" پوءِ بچل جو ڪنڌ، سچل جي هنج ۾ لڙڪي پيو. اُن سان گڏ پکي به سندس هنج ۾ ڪريو. هن ويلي سچل دانهن به نه ڪري سگهيو. صرف هو ٻن جُسن کي محسوس ڪري سگهيو پئي." هي سڀ ڳالهيون، جتي هڪ ماڻهو جي اندر جي احساسن کي ظاهر ڪن ٿيون، اتي هي پڻ ته سنڌي سماج جو پکين ڏانهن رويو به مثبت رهيو آهي. اهي سڀ علامتون آهن، جيڪي ڪنهن به معاشري کي روشن خيال ثابت ڪن ٿيون. (سنڌي، 1985: 5)

### واچوڙن ۾ لاٽ

'مهراڻ جون چونڊ ڪهاڻيون' ڪتاب سنڌ جي نامياري ڪهاڻيڪار حميد سنڌيءَ سهيڙيو. هن ڪتاب ۾ حميد سنڌيءَ پنهنجي ڪهاڻي 'واچوڙن ۾ لاٽ' ۾ لاٽ پڻ شامل ڪئي آهي. تحقيق اندر 'سنڌي ڪهاڻي ۾ روشن خيالي' جي عنوان هيٺ هن ئي حصي ۾ 'واچوڙن ۾ لاٽ' جي نالي سان هڪ ٻي ڪهاڻي پڻ شامل ڪئي وئي آهي. اها ڪهاڻي غلام نبي مغل جي لکيل هئي. ان ڪهاڻيءَ بابت لکيو ويو ته هن ڪهاڻيءَ جو عنوان ئي ٻڌائي ٿو ته ان ۾ ضرور به ضرور سنڌي سماج جو روشن پاسو ئي ڏيکاريو ويو آهي. سو ان بيان کي اڳتي وڌائيندي وري به لکجي ٿو ته حميد سنڌيءَ جي ڪهاڻي 'واچوڙن ۾ لاٽ' پڻ ان ساڳي تسلسل جي ڪڙي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙي نوجوان وڏيري جي حياتيءَ جو روشن ۽ ترقي پسند پاسو ڏيکاريو ويو آهي، جنهن کي ڏسڻ لاءِ سنڌ سڪندي رهي آهي. قبائلي ريتن رسمن ۾ ورتل سنڌي سماج ۾ هر اها ڳالهه روشن خياليءَ جو مضبوط دليل آهي، جنهن ۾ امن پاسي ٿو. هڪ نوجوان جاگيردار، خوني پلاندن جي سلسلي کي ڪيئن ٿو روڪي؟ اهو هن جو ڪمال آهي. ان کان وڌيڪ زندگيءَ ۾ ڪهڙي روشن خيالي ٿيندي، جو سالن کان جاري جهيڙن کي محبت جي هڪ لحظي ۾ ختم ڪري ڇڏي ٿو.

حميد سنڌي 'واچوڙن ۾ لاٽ' ۾ جهڙي ريت ڪهاڻي کي هنر جي ڪلا سان جوڙيو آهي. اهو پڻ يقينن شاندار آهي. هن ڪهاڻي جا ڪجهه لاجواب مڪالمه هيٺ رکجن ٿا:

"مان توهان کي بدلي وٺڻ کان ڪو نه ٿو روڪيان، توهان پلي بدلو وٺو، پر اهڙو بدلو وٺو، جو توهان جو ڳاٽ اوچو رهي، توهان اسان کي مارينديو، اسان جا ماڻهو اوهان کي ڇڏي ڪو نه ڏيندا، - وري توهان انهن جا همراهه مارينديو. انهن جو تعداد وڌندو رهندو، يتيم ٻارن جو تعداد وڌندو رهندو. بس بيو ته ڪجهه ڪو نه ٿيندو، اهي يتيم معصوم ٻار، اهي بيواهه زالون، ائين چُڙي چُڙي روئندي روئندي هنن سان وڃي ملندا، اهو به ڪو جيئڻ جيئڻ چئبو؟" (سنڌي، 1992: 31)

## .4.2.9 غلام نبي مغل جي ڪهاڻي

### واچوڙن ۾ لاٽ

غلام نبي مغل، سنڌي ڪهاڻي ڪيتر ۾ يگانو ليکڪ آهي. هن جي ڪتاب ’ست ستر اسي‘ ۾ شامل ڪهاڻي ’واچوڙن ۾ لاٽ‘ پنهنجي عنوان سان ئي پڌري آهي ته اها روشنيءَ سان ڀرپور هوندي. واچوڙن مان مطلب تيز هوا جنهن ۾ روشني به ڪٿي گم ٿي وڃي، اتي جڏهن لاٽ ٻري ته هيءَ ڪهاڻي ان لقاءَ کي ظاهر ڪري ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ زينب نالي هڪ خانه بدوش عورت جو ڪردار نهايت بيباڪ ۽ دلير ڏيکاريو ويو آهي. هو سماج جي ظاهري ريتن رسمن کان نه ٿي ڊڄي. هن کي معاشري جي انهن ٻنڌڻن جو خوف ناهي، جنهن ۾ ماڻهو ساهه به نه کڻي سگهندا آهن. هن جو ڪردار ايترو ته سگهارو آهي جو ليکڪ پاڻ مجبور ٿي هن تي قلم کڻي ٿو. ڪهاڻيڪار وٽ زينب جو شروعاتي ڪردار مشڪوڪ آهي. هو به ٻين وانگر سوچي ٿو. مثالطور هو چئي ٿو: ”منهنجي ذهن ۾ هڪ ٻي ڳالهه کُٽڪي. سا هئي زينب جو پيٽ! سندس مڙس ادائي ٽن سالن کان جيل ۾ هو، پوءِ ڪيس پيٽ ڪيئن ٿيو. سندس لڇڻن ۾ مون کي جيڪي شڪ هو، سو يقين بنجي ويو. مون سمجهي ورتو ته زينب ڪهڙي قسم جي زال هئي!؟“ انهن سوالن جي جواب ۾ هن وٽ زينب لاءِ تجسس وڌي وڃي ٿو. ساڳي وقت دلچسپي پڻ ان لاءِ هو لکي ٿو ته ”زينب جي ڪهاڻي به عجيب هئي ۽ پاڻ به ته دلچسپ هئي. سوچيم ته هن تي افسانو ضرور لکندس.“ اڳتي هلي، هو حيرتن جي سمنڊ ۾ ٽوٻيون کائڻ لڳي ٿو ته ڪهڙي ريت زينب کي ڪنهن جي به ڪا پرواهه ناهي. هو بس سچ ۽ حق لاءِ پاڻ پتوڙي ٿي. جيڪي ڳالهيون سماج ۾ انتهائي خراب ليکيون وڃن ٿيون. هو اهي ڪرڻ جي عزم سان اڳتي وڌي ٿي.

غلام نبي مغل جي ڪهاڻي ’واچوڙن ۾ لاٽ‘ ان سچي روشن خيال پسمنظر کي سامهون آڻي. ڪجهه سبق سيکاري ٿي. جنهن ۾ اهو سبق پڻ شامل آهي ته جنهن عورت کي اسان ڪمزور سمجهون ٿا. اها جڏهن مثبت راهه تي هلي ٿي، ٻين لفظن ۾ ڪجهه الڳ ڪري ٿي ته سچ ته اهو روشن خياليءَ جو وڏو مثال آهي. (مغل، 1884: 30-43)

## .4.2.10 انور پيرزادي جي ڪهاڻي

### ٻه جيون ساٿي

جيڪڏهن سنڌي ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾ ڪجهه ڪهاڻيڪارن کي نج روشن خيال ۽ ترقي پسند ۽ جديد خيالن سان آراسته سمجهيو وڃي ته انور پيرزادي جو شمار يقينن انهن منجهان ٿيندو. انور پيرزادو، پنهنجي زبردست سياسي تربيت ۽ پسمنظر جي ماحول ۾ شاندار روشن خيال ۽ ترقي پسند اديب آهي. انور پيرزادي جون ڪهاڻيون، سندس ئي نالي سان ’انور پيرزادي جون ڪهاڻيون‘ جي نالي سان ڪتابي شڪل ۾ شائع ٿيل آهن. سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ ۾ روشن خياليءَ جي عنوان هيٺ هن جي ڪهاڻي ’ٻه جيون ساٿي‘ جي چونڊ ڪئي وئي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ ٻن نوجوانن جي روشن خيالن کي نهايت سيبتي نموني سان چٽيو ويو آهي. موهڻي ۽ سوڍو ڪهاڻيءَ جا مک ڪردار آهن، جن جي هر خيال ۽ عمل مان روشن خيالي جي جهلڪ اچي ٿي. جهڙي ريت جڏهن پردي جي ڳالهه نڪري ٿي ته موهڻي، سوڍي کي چئي ٿي: ”نه سوڍا مان پردي جي مخالف آهيان. مان عورت ۽ مرد کي هڪ جهڙو سمجهندي آهيان، پر مهنهنجو مقصد آهي ته پيٽ ڀرڻ کان اڳ پردي لاهڻ جي جهدوجهد مان ڪو هڙ حاصل نه ٿو ٿئي. عورت کي بکيو پيٽ، اگهاڙو به ڪري وجهي ٿو.“

اهڙي ريت جڏهن سماج جي بنيادي مسئلن جي ڳالهه نڪتي ته موهڻي هن ريت پنهنجي خيالن کي ظاهر ڪري ٿي: ”بنيادي مسئلو آهي. مساوي معاشي نظام، جيڪڏهن اهو نظام اچي وڃي ته هر فرسوده سوچ کي ٻنجو اچي ويندو.“

وري جڏهن هن سسٽم کي کهڙي ريت ڪامياب ڪجي ته موهڻي وٽ نهايت روشن خيال موجود آهن. جيئن هوءَ سوڍي کي چئي ٿي ته ”نظام کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ عورتن ۽ مردن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. ان ڪري هي سڀ مسئلا حل ٿي ويندا. عورت ۽ مرد لاءِ لياقتن آهر ڪم ۽ ڪم آهر اجورو هوندو.“

ڳالهين ۾ جڏهن هي سوال پيدا ٿئي ٿو ته آخر ڪڏهن ماڻهو جو ماڻهو مٿان ظلم ختم ٿيندو. آخر ڪڏهن عورتن جي مٿان مردن جي حاڪميت پوري ٿيندي ته موهڻي وٽ لاجواب ڪندڙ روشن خيال دليل موجود آهن. هوءَ چئي ٿي ته ”جڏهن ماڻهو جو ماڻهو مٿان ظالم ختم ٿيندو، تڏهن عورتن مٿان مردن جي هر فوقيت به ختم ٿي ويندي. ان ڪري ضروري آهي ته عورت ۽ مرد کي پاڻ ۾ نه ويڙهائجي، پر انهن کي اهڙي سکيا ڏجي جو سڀ انقلابي قوتون عورتون ۽ مرد متحد ٿي وڃن ۽ اقتصادي غلاميءَ جو خاتمو آڻن.“ موهڻي ۽ سوڍو، جيتوڻيڪ غريب گهراڻن سان تعلق رکن ٿا. هنن جو پسمنظر ڪو اميراڻو ناهي، پر هنن جا خيال يقينن شاهوڪار آهن. اهڙا شاهوڪار خيال، جن کي سماج ۾ عملي طور نافذ ڪري روشن خيال معاشري جي جوڙ جڪ ڪري سگهجي ٿي. (پيرزادو، 2019: 36-28)

## 4.2.11. رزاق مهر جي ڪهاڻي

### ٻهندڙ ليڪا

رزاق مهر جي ڪتاب ’ٻهندڙ ليڪا‘ ۾ شامل هن جي مرڪزي ڪهاڻي ’ٻهندڙ ليڪا‘ پيار، تڪليفن، اهجن ۽ قدامت پسند روين جي چوطرف ڦري آخر ۾ روشن خيال روين تي دنگ ڪري ٿي. ڪهاڻيءَ جو ڪردار هڪ والد، جنهن کي پنهنجي ڇوڪريءَ جي ڪري ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو. آخر ۾ اچي ان خيال تي دنگ ڪري ٿو ته سماج ۾ موجود قدامت پسند ريتون رسمون ڪڏهن به انسانن کي حقيقي خوشيون نه ٿيون پهچائي سگهن. هن جي ڌيءَ جو هڪ ڇوڪري سان پڪڙجي پوڻ ڪانپوءِ ڳالهه ٿاڻي تي وڃڻ. خواري ٿيڻ. مجبور ڇوڪريءَ جي عمر ڪان وڏي همراهه سان ان ڪري شادي ڪرائڻ ته اهو سندن برداريءَ جو آهي. وري ان همراهه کي جڏهن ڇوڪريءَ جي ماضيءَ جي خبر پوي ٿي ته هو ان کي طلاق ڏيو ڇڏي. اهي سڀ تڪليفون، هڪ پيءُ کي وقت کان اڳ ڪمزور ۽ پوڙهو ڪري ڇڏين. هن جي زندگي، ڪهاڻيڪار موجب ”جڻ ڪنهن ڏهاڳڻ وڏي ڏک منجهان آهه پري هُجي! سچ ڦاسي گهاٽ جي قيديءَ وانگر آخري پساهه ڪٽي رهيو هو. ڪو هُل هنگامو ڪونه هو. ماڻهو ائين چُپ چُپ ۽ مايوس ٿي نظر آيا جڻ ڪنهن جي پٽر تي ڳڏ ٿيا هُجن.“ جهڙي تي وڃي ٿي، پر ان سڄي معاملي ۾ هو همٿ نه ٿو هاري آخر ۾ وڏي سوچ ويچار ڪانپوءِ ”تڏهن انهن اُداس گهڙين ۾ پيءُ هڪ فيصلو ڪري ورتو. ذات پات جي پُراڻن پيچرن تي پاتل لِيڪا پاڻ ٻاهڻ جو فيصلو! هُو موت جهڙي اُداس ماحول مان نڪري نوجوان جي گهر ڏانهن هلڻ لڳو.“ اها ئي روشن خياليءَ آهي، جيڪا ماڻهن جي زندگين کي روشن بڻائي ٿي. (مهر، 2009:)

## 4.2.12. مشتاق پرڳڙيءَ جي ڪهاڻي

### وڻجاري

مشتاق پرڳڙي، سنڌي ڪهاڻي ڪيتر ۾ نرالو نالو، جيڪو جوانيءَ ۾ جوان ڪهاڻيون ڏئي هميشه لاءِ موڪلائي ويو. مشتاق پرڳڙيءَ جو ڪتاب ’پاڇي‘ سنڌي ڪهاڻين ۾ منفرد نالو آهي. ’پاڇي‘ ۾ وري ’وڻجاري‘ هڪ اهڙي ڪهاڻي آهي، جيڪا سنڌي سماج جي روشن خيال روين کي نهايت شاندار نموني ظاهر ڪري ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙي انسان جي خيالن کي ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو ذات پات، مذهبي پيد ياءُ کان ڪوهين ڏور بيٺل نظر اچي ٿو. هن جا خيال آدرشي آهن“ جن ۾ روشن خياليءَ جي خوشبوءِ سمايل آهي. هو روايتن کي ٽوڙڻ جو هنر ڄاڻي ٿو.

ضمير متڪلم واحد جي صورت ۾ ڪهاڻيڪار جهڙي ريت پلاٽ جي اڻت ڪئي آهي، اها پڻ شاندار آهي. ڪهڙي ريت اهو ڪردار سماج کان مختلف ٿي بيهي ٿو. هڪ پيري جڏهن هن کي سوال ٿئي ٿو ته هو ڇا ڪري رهيو آهي؟ هو جواب ڏئي ٿو:

چيائين: ”اڃا پڇين ٿو ڇا ڪري رهيو آهيان!، خبر اٿئي هو ڪير آهي؟“

چيم، ”ها خبر اٿم ته هوءَ انسان آهي.“

”پر ان کان علاوه ان جي ٻي سڃاڻپ به آهي.“

”ڪهڙي سڃاڻپ جي ڳالهه ڪري رهيو آهين؟“

”هن جي ٻي سڃاڻپ باگڙياڻي آهي!“

”آئون انسان کان سواءِ ٻي ڪنهن به سڃاڻپ کي ترجيح نه ڏيندو آهيان.“

ڪهاڻيءَ جي آخري سٽ ۾ سنڌي سماج جو اهو روشن پاسو ظاهر ٿئي ٿو؛ جنهن ۾ صدين کان انسانيت اول انسانيت آخر جي سٽي پياري ويندي آهي. گهڙي کن لاءِ مڃجي ته سنڌي سماج جو هڪ پاسو اونداهو آهي ته اتي ٻيو روشن طرف به موجود آهي؛ جنهن ۾ انساني قدرن جو ڀرم رکيو وڃي ٿو. (پرڳڙي، 1999: 45-46)

## 4.2.12.1. غياث جوڻيجي جي ڪهاڻي

### سڪايل روح

’تماهي مهراڻ‘ ۾ ڇپيل غياث جوڻيجي جي ڪهاڻي ’سڪايل روح‘ رشتن جي باري ۾ هڪ شاندار ڪهاڻي آهي. انساني سماج ۾ عورت جو ڪردار سائين ’مام‘ رهيو آهي. ڪٿي سڀني مسئلن کي حل ڪرڻ وارو ته ڪٿي مسئلن کي پيدا ڪرڻ جو ذميدار؟ انهيءَ لاءِ چئي سگهجي ٿو ته عورت جو اهو پاسو نهايت روشن آهي، جنهن ۾ هوءَ ماءُ جي روپ ۾ سامهون اچي ٿي.

ماءُ ته ماءُ هوندي آهي. ان جي محبت ۾ شڪ ڪرڻ پاڻ تي شڪ ڪرڻ جي مترادف آهي، پر اها ئي عورت جڏهن ويڳي ماءُ جي صورت ۾ سامهون ٿئي ٿي ته عجب وٺيو وڃي ته هڪ عورت جا به الڳ روپ ڪيئن آهن!؟ خير اهو بحث لامتناهي آهي؛ جنهن جي شايد ڪا پڇاڻي نه هجي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙي عورت جي مثبت ۽ روشن ڪردار کي سامهون آندو ويو آهي، جيڪا ويڳي ماءَ هوندي ان ٻار سان شديد محبت جو اظهار ڪري ٿي، جيڪو سندس پيٽ ڄائو نه آهي. غياث جوڻيجي جي ڪهاڻيءَ جون اهي سٽون هيٺ اتارجن ٿيون:

”عورت جي دل هئي. ڇا ٿيو جي انور سندس پيٽ – ڄائو نه هو، پاليو ته پاڻ هئائين. سندس خاوند جي ته اکين جو نور هو. پاڻ به هڪ ٻار جي ماءُ هئي. مامتا جو پرخلوص جذبو سندس سيني ۾ ڪَرَ موڙي اٿيو. چپن تي پيار ڀري مرڪ آئي، انور جو مٿو کڻي پنهنجن گوڏن تي رکيائين: ”صدقي وڃان پنهنجي ٻچڙي تان!“ – ائين چئي، سندس پيشانيءَ تي چمي ڏيئي، آهستي آهستي پنهنجون آڱريون هن جي وارن ۾ ڦيرائڻ لڳي.“ (جوڻيجو، 1960: 234)

## 4.3. ترقي پسنديءَ جي تحريڪ

اهو سال 1933 هو جڏهن جرمنيءَ ۾ هٽلرَ اقتدار حاصل ڪيو. هٽلر جي اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ سڄي دنيا ۾ قدامت پسند ڏريون، نئين سر پاڻ کي منظم ڪرڻ لڳيون. ان خطري جي پيشِ نظر، جواب ۾ سال 1935 ۾ پيرس اندر ”’ثقافت جو تحفظ‘ جي نالي سان هڪ وڏي ڪانگريس ٿي گذري. هن ڪانگريس ۾ دنيا جي روشن خيال، انسان دوست اديبن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪانگريس جي پڄاڻيءَ تي اهو طئي ڪري اعلان ڪيو ويو ته اديبن کي ذات ۽ داخلي مامرن کان نڪري انسانذات جي گڏيل مفادن لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو. ان موقعي تي سڄي دنيا جي اديبن ڏانهن کي هڪ اپيل پڻ ڪئي وئي، جنهن جو خلاصو هن ريت هو ته ’اي قلمڪارساٿيو! موت جي خلاف زندگيءَ جو ساٿ ڏيو، اسان جو قلم، اسان جو فن ۽ اسان جو علم موت جو سڏ ڏيندڙ قوتن خلاف رڪجڻ نه گهرجي، جيڪي انسانيت جي نڙيءَ تي ننهن ڏين ٿا، جيڪي پئسن جي ٻل تي حڪومت ڪن ٿا، جيڪي ڪارخانيدارن ۽ شاهوڪارن جي آمريت قائم ڪن ٿا ۽ نيٺ فاشزم جا مختلف روپ ڌاري سامهون اچن ٿا، سي اهي ئي طاقتون آهن، جيڪي معصوم انسانن جو رت چوسين ٿيون.“ (open.ac.uk/researchprojects/makingbritain)

ترقي پسند تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ٺيڪ ٻئي سال يعني 1936 ۾ هڪ ڀيرو وري لنڊن ۾ ترقي پسند اديبن جي ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ باقائده طور ’ترقي پسند تحريڪ‘ جو بنياد وڌو ويو. ان کان اڳ جيڪڏهن ترقي پسند تحريڪ جو پسمنظر جاچجي ته خبر پوي ٿي ته سال 1917 ۾ روس جو انقلاب تاريخ جو هڪ اهم واقعو هو. روس جي انقلاب سڄي دنيا ۾ پنهنجا گهرا ٺر ڇڏيا. هي اهو دؤر هو، جڏهن هندستان تي انگريزن جي حڪومت هئي. روسي انقلاب جي نتيجي ۾ هتي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ تيزي آئي. ٻئي طرف هندو – مسلم اختلافن ۾ پڻ واڌارو ٿيو. اهڙين حالتن ۾ مايوسي ڪَرُ کڻڻ لڳي. هن سڄي صورتحال ۾ نوجوان طبقو تمام گهڻو پريشان ٿيو. نتيجي ۾ ننڍي کنڊ ۾ ’اشتراڪيت‘ تيزيءَ سان پکڙجڻ لڳي. روسي ادب جو فلسفو هي هو ته ’مذهب جي حيثيت آفيم جيان آهي‘ جڏهن دنيا ۾ ماڻهن جو مکيه مسئلو روزگار هجي ته اتي مذهب جي ڪابه اهميت نه ٿي رهي. دنيا جو سڀ کان وڏو مذهب انسانيت آهي. اهڙي قسم جو خيال ئي ترقي پسند تحريڪ جي شروعات جا مک ڪارڻ هئا

سال 1935 ۾ هندستان جي اديبن ترقي پسند تحريڪ جو پهريون منشور تيار ڪري ورتو هو. جنهن ۾ راج آنند، ساجد ظهير، ڊاڪٽر جيوتي گهوش، ڊاڪٽر ڪي. ايس. ڀٽ، ڊاڪٽر ايس. سنها ۽ ڊاڪٽر محمد دين تاثير صحيحون ڪيون. *(Rakhshanda,(2014:)*

ترقي پسند منشور جو خلاصو ڪجهه هن ريت هو:

”هندستاني سماج ۾ وڏيون تبديليون اچي رهيون آهن. پراڻن خيالن ۽ عقيدن جون پاڙون لڏي رهيون آهن ۽ هڪ نئون سماج جنم وٺي رهيو آهي، ان ڪري اديبن جو فرض آهي ته مقامي زندگين ۾ ٿيندڙ تبديلين کي لفظن ۽ هيئت جو لباس پارائين ۽ ملڪ کي تعمير ۽ ترقيءَ جي رستي تي آڻڻ ۾ مددگار ثابت ٿين. هندستاني اديب قديم تهذيب جي تباهيءَ کان پوءِ حقيقت کان پڇي رهبانيت ۽ ڀڳتيءَ ۾ پناهه ورتي آهي، نتيجي طور اهو ادب بي روح ۽ بي اثر ٿي ويو آهي، عقل ۽ فڪر کي گهٽي پاڳي رد ڪيو ويو آهي. گذريل ٻن صدين جو ادب اسان جي تاريخ جي زوال پذيريءَ جو نمونو آهي. هن تنظيم جو مقصد آهي، ادب ۽ ٻين لطيف فنن (Fine Arts) کي پوڄارين، پنڊتن ۽ قدامت پرستن جي هٿ هٿيءَ کان ڇڏائي، انهن کي عوام آڏو آڻي زندگيءَ ۽ حقيقت نگاريءَ جو آئيني دار بڻايو وڃي، اسان هندستان جي قديمي روايتن جي حفاظت ڪندي تخليقي ۽ تنقيدي انداز سان ڳالهه کي بيان ڪنداسين، اسان جو عقيدو آهي ته هندستان جي نئين ادب کي اسان جي موجوده زندگيءَ جي حقيقتن جو احترام ڪرڻ کپي ۽ ان رستي اسان بک، بدحاليءَ، سماجي پسماندگيءَ ۽ سياسي غلاميءَ کي

سمجهي سگهنداسون ۽ اسان ۾ انقلابي روح سجاڳ ٿيندو، پر اها ڳالهه جيڪا ڌقيڙ ۽ انڌي تقليد طرف وٺي وڃي ٿي، اها قدامت پسندي آهي ۽ جيڪا ڳالهه روايتن کي عقل ۽ ادراڪ جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ لاءِ اُڀاري، اسان ۾ اتحاد ۽ ٻڌيءَ جي سگهه پيدا ڪري ٿي، اها ترقي پسندي آهي، انهن مقصدن کي آڏو رکي ترقي پسند اديبن جي تنظيم هيٺيون رٿون پاس ڪري ٿي:

- هندستان جي ڌار ڌار زبانن تي بنياد رکندڙ صوبن/ رياستن ۾ اديبن جون انجمنون قائم ڪري ملڪ جي مرڪزي تنظيم ۽ لنڊن ۾ قائم ٿيل تنظيم سان لاڳاپا قائم ڪرڻ.
- اهڙين ٻين ادبي تنظيمن سان لاڳاپا قائم ڪرڻ، جيڪي انجمن جي مقصد کي ويجهو هجن.
- ترقي پسند ادب جي تخليق ۽ ترجمي کي هٿي ڏيڻ.
- سوچ ۽ فڪر ۽ خيال جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ.
- اديبن جي مفادن جي حفاظت ڪرڻ وغيره. *(Rakhshanda,(2014:)*

اهڙي ريت اها تحريڪ هندستان کان ٿيندي سنڌ پهتي، جتي هن لاءِ ميدان هموار هو. ڊاڪٽر اسحاق سميجي، پنهنجي تحقيقي مقالي 'سنڌي ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ جو پس منظر' ۾ لکيو آهي ته "اردوءِ 1936ع ۾ لکنؤ ڪانفرنس کانپوءِ شروع ٿيل ترقي پسند تحريڪ، دراصل تنظيم ڪاريءَ جي حد تائين سنڌ جي ليکڪن لاءِ نئين ڳالهه ٿي پئي سگهي، پر سنڌ ان ڪانفرنس کان گهڻو اڳ ۾ ئي پنهنجي مزاج ۽ تهذيبي روايت موجب انهن قدرن تي زمانن کان وٺي عمل پيرا هئي، جن کي 'ترقي پسند تحريڪ جا بنيادي معيار' قرار ڏنو ويو." (سميجو، 2015: ڊجيٽل)

سنڌي ادب ۾ تحريڪ جي حوالي سان تاريخ کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي ته پتو پوندو، سنڌي ادب سدا کان اهڙين ترقي پسند روين سان پريل رهيو آهي، جن کي ان زماني جو ترقي پسند ادب چيو ويو. جهڙي ريت سنڌي ادب جي ڪلاسيڪي شاعري کان ترقي پسند لاڙا نظر اچن ٿا. شاهه عبداللطيف ڀٽائي هجي يا سچل سرمست يا سامي، اهي پنهنجي دؤرن جا وڏا ترقي پسند شاعر ٿي گذريا آهن. جديد زماني ۾ 1920 ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ ڪشنچند بيوس جو نالو ترقي پسند ۽ جديد خيالن جو حامل نظر اچي ٿو. "ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ٻين سينيئر اديبن سنڌي ادبي سرڪل قائم ڪيو، جنهن ۾ 1941-1942ع ڌاري رام پنجواڻي، لعلچند امر ڏنو مل، شيخ اياز ۽ ٻين اديبن حصو ورتو. انهيءَ سرڪل اڳتي هلي، سنڌي ادبي سنگت جي صورت اختيار ڪري ورتي، جنهن جي باقاعدي تنظيم ڪاري ورهاڱي کان اڳ اپريل 1947ع ۾ ٿي، جنهن جو پهريون سيڪريٽري گوبند مالهي ۽ جوائنٽ سيڪريٽري شيخ اياز هو. هن تنظيم ورهاڱي کانپوءِ سنڌ سطح جي ادبي جماعت جو روپ ورتو. هن ادبي جماعت ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي، سوڀي گيانچنداڻي، اي. جي. اتم، بهاري لعل ڇاٻڙيا، موتيرام رامواڻي، محمد ابراهيم جويو، منگها رام ملڪاڻي، سندري اتمچنداڻي ۽ ٻين اديبن ان وقت حصو ورتو." (انسائڪلو پيڊيا سنڌيانا: ڊجيٽل ايڊيشن)

ڊاڪٽر اسحاق سميجي مطابق سنڌ جي ادبي تاريخ جو جائزو وٺڻ کان پوءِ، اها ڳالهه آسانيءَ سان ڪري سگهجي ٿي، ته هن وقت تائين فڪري سطح تي جن علمي ۽ ادبي تحريڪن سنڌي ادب کي وڏ ۾ وڏ متاثر ڪيو آهي ۽ جن تحريڪن جي اثر هيٺ سنڌي ادب ۽ خاص طور شاعريءَ فڪر ۽ خيال جون بيشمار نيون اونچايون سر ڪيون آهن، تن ۾ تصوف جي تحريڪ کان پوءِ ترقي پسند تحريڪ کي ئي مرڪزي حيثيت حاصل آهي. گهٽ ۾ گهٽ اسان وٽ، قومي خيالن يا وطن پرستيءَ تي ٻڌل ادب پڻ هڪ حوالي سان روشن خيال ۽ ترقي پسند ادبي تحريڪ جو ئي حصو رهيو آهي. (سميجو، 2015: ڊجيٽل)

### 4.3.8.ترقي پسندي جي تحريڪ ۽ سنڌي مختصر ڪهاڻيون

### 4.3.9. محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ڪهاڻي

#### مهرباني خوني

محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي سنڌي ادب ۾ حيثيت ترقي پسند ۽ روشن خيال اديب طور آهي. هنن جي ڪهاڻين ۾ اهي ڳالهيون ملن ٿيون، جيڪي عام اديب لکڻ کان ڪيٻائيندا رهيا آهن. ٿماهي مهراڻ ۾ محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ڪهاڻي 'مهرباني خوني' شامل آهي. جيتوڻيڪ هن ڪهاڻيءَ سان اختلاف ڪري سگهجن ٿا، پر هن ۾ اهو ضرور آهي ته هڪ اهڙي شخص کي ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو حق جي راهه تي هلندي، ظالم ماڻهن کي ماريندي به دير نه ٿو ڪري. هڪ پاسي هتي اهو ماڻهو ظالمن جو ويري آهي ته ٻئي طرف "هو بستري تي اچي ويٺو ته مون مرڪي چيو، "هي جي هيترا سارا خون ڪيئه، هيترن انسانن جو رت وهايئه، تڏهن ته ڪا ڪهل ڪانه آيئه، ۽ هينئر ماڪوڙيءَ تي به ٿو مهر ڪرين؟" سنجيدو ٿي، هن منهنجي منهن ۾ نهاري چيو، "مون جيڪي خون ڪيا آهن، تن مان ڪو هڪڙو به اهڙو ٻڌائيندين جو 'ناحق' ڪيو هجيم؟" ڪنهن به سماج ۾ قتل ڪرڻ ڪنهن به ريت روا ناهي، پر جڏهن ڳالهه افساني جي اچي ٿي ته پنهنجي حق ۽ سماج جي سچ لاءِ هر ممڪن حد تائين وڃڻ، پڻ ترقي پسندي آهي. ممڪن آهي ته محمد عثمان ڏيپلائي، هتي خونن کي سچ ۽ حق جي استعاري طور استعمال ڪيو هجي، جيڪو پڻ پوئتي پيل سماجن ۾ ترقي پسنديءَ جو اهڃاڻ آهي. انهن سڀني نڪتن کي نظر ۾ رکندي محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ڪهاڻيءَ کي ترقي پسندي جي حصي ۾ رکجي ٿو. (ڏيپلائي، 1962: 23)

### 4.3.10. نجم عباسيءَ جون ڪهاڻيون

#### چوريءَ جا انگل

نجم عباسيءَ جو شمار سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي انهن ليکارين ۾ ٿئي ٿو، جيڪو روشن خيال ۽ ترقي پسندن ۾ سرفهرست آهن. هن جون ڪهاڻيون سدائين قومي جذبي سان معمور ۽ اڳتي وڌڻ جا سبق ڏينديون آهن. 'ٿماهي مهراڻ' ۾ شائع ٿيل هن جي ڪهاڻي 'چوريءَ جا انگل' ان چوڪريءَ جي باري ۾ آهي، جنهن جو والد هن کي پڙهائي علم جي سجاڳي ڏئي ٿو. اها چوڪريءَ نه صرف پاڻ پڙهي خاندان پر پرپاسي جي ماڻهن ۾ پڻ جاڳرتا پيدا ڪرڻ جي ڪوششون ڪندي رهي ٿي. ان جي وچ ۾ تر جي هڪ وڏيري جو رشتو اچيو وڃي. اهو وڏيري شادي شده آهي، پر چاڪاڻ ته مال ملڪيت وارو آهي، ان ڪري چوڪريءَ جا والدين ۽ مائٽ تمام گهڻو خوش ٿين ٿا. هنن جون اهي خوشيون ان وقت هوا ۾ اڏامي وڃن ٿيون، جنهن سمي اها سجاڳ چوڪري، وڏيري سان شادي خلاف سخت مزاحمت ڪري ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ آهي ته "چوريءَ کي ڪا ان بابت ڪڙڪ پئجي ويئي. سڌو اچي پيءُ ماءُ تي ڪڙڪي ۽ زوردار آواز ۾ چيائين، "مون کي هيءُ رشتو نه پسند آهي ۽ نه منظور آهي. هڪ ته هينئر مون کي شادي ڪرڻي ناهي. پر جي ڪرڻي به هجي ها ته ههڙين نالائقين واري مڙس کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪريان ها. مان وري به توهان کي ٻڌايان ٿي ته منهنجو شادي ڪرڻ جو هينئر ڪو ارادو ڪونهي. توهان کي منهنجي پرڻي جي چنتا ڪرڻ جو ڪو ضرور ڪونهي. مون کي پسند جو ڪو ساٿي مليو ته مان پاڻهي شادي ڪنديس. نه مليو ته مان پنهنجي مقصد سان شادي ڪنديس. ماڻهو قرآن سان به ته چوڪرين جي شادي ڪرائيندا آهن. مان پنهنجي مقصد سان شادي ڪنديس، مان پنهنجيءَ ڌرتيءَ سان شادي ڪنديس. جي توهان زوريءَ منهنجي شادي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته مان پاڻ کي انهن بزدل چوڪرين مان ثابت نه ڪنديس، جي اهڙي حالت ۾ پنهنجو پاڻ کي ماريندیون آهن، پر مان ان پيءُ ماءُ کي ماريندس، جي زوريءَ سان منهنجي شادي ٿا ڪن. ان نڪاح پڙهائيندڙ کي ماريندس، جو هي بي جوڙ نڪاح پڙهڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو، ان ٿيڻ واري مڙس کي به ماريندس، جو منهنجو راضپو چاهڻ کان سواءِ، مون سان اهو ناتو ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪري ٿو!" اهڙي زبردست مزاحمت ڏسي چوڪريءَ جا والدين ارادو تبديل ڪري ڇڏين. ڪهاڻيءَ ۾ نجم عباسيءَ شاندار طريقي سان ان چوڪريءَ کي ترقي پسند ۽ مزاحمتڪار ثابت ڪيو آهي. اهڙي ريت معاشري ڏانهن هڪ پيغام پڻ مليو آهي ته جيڪڏهن اسان

همٿ ڪريون ته دنيا ۾ ڪوبه مشڪل ناهي. صرف توهان ۾ انڪار جي جرئت هجڻ گهرجي. (عباسي، 1987: 3)

## سڪار

”مان ته وڏيري واري دعوت جي جهجهائيءَ ڪي جهجهائي نه پر زيان (Waste) چوندس. پورهيت ۽ هاريءَ جي ڪمائيءَ جو بي حيائي ۽ بي رحميءَ سان زيان...!“

نجم عباسيءَ جي هيءَ ڪهاڻي، انهن نام نهاد وڏيرن جي منهن تي چماٽ مثل آهي، جيڪي پنهنجي ظاهري شان شوڪت ڪي بچائڻ لاءِ پنهنجي خوشين ۾ تمام گهڻا خرچ ڪن ٿا. ڪهاڻيءَ ۾ به دوست جن مان هڪ جو تعلق ڳوٺ ته ٻئي جو شهر سان آهي، ڏيکاريا ويا آهن. ڳوٺ جو دوست شهر جي دوست کي پنهنجي ڳوٺ جي وڏيري جي پٽ ۾ صرف ان ڪري وٺي اچي ٿو ته هو اتي هنن جي وڏيري جي لئي ڏسي سگهي. باقي ڳالهين ڪانسواءِ جن ۾ ڳوٺ جا منظر ”جن پيچرن ۽ رستن تان هو لنگهي رهيا هئا، تن جي آسپاس، نظر جي دنگ تائين ساوا ساوا فصل هئا: اناج جون پوکون، پاڇين جون ٻنيون، ميون جا باغ، ٻيلن جي وڻڪار. مينهن، ڳئن، ٻڪرين ۽ ردين جا ڌڻ گاهه چري رهيا هئا. فضا ۾ اڏامندڙ پکين جا ولر هئا.“ ڪي ڏسي ته شهري دوست خوش ٿئي ٿو، پر هن کي وڏيري جو اهو ڪوڙو شان نه ٿو وڻي. ”سو پاڻ پئي ڳالهه ڪئي ته سماجي انقلاب جو مقصد آهي جهجهائي ... پيداوار جي جهجهائي، زمين ۽ ڪارخانن جي پيداوار جي جهجهائي، جنهن ڪري انسانن جي ضرورت، سک، سونهن، خوشي، وندر، جسماني صحت، ذهني ارتقا ۽ دنيا جي سُندرتا جي جهجهائي حاصل ٿئي.“ هو پنهنجي ڳوٺ جي دوست کي سمجهائي ٿو. هي سڀ ڳالهيون، انسان جي ترقي پسند هجڻ جو ثبوت آهن. نجم عباسيءَ جي اها خوبي ته هو ترقي پسند ڳالهين کي نهايت سولائي سان ماڻهن تائين پهچائي ٿو. (عباسي، 1987: 45)

## ڪرامت

نجم عباسيءَ جي مختصر ڪهاڻي ’ڪرامت‘ واقعي به ڪنهن ڪرامت کان گهٽ ناهي. جنهن ۾ هڪ امير ماڻهو، جيڪي وهمن سنسن ۾ وڪوڙيل هو، تر جي پير تائين باقاعدگيءَ سان پڳر پهچائيندو هو. سو هڪ ترقي پسند ڪاليجي نوجوان جي ڳالهين کان متاثر ٿي، انهن پاسن کان منهن موڙي ٿو، جنهن سان سماج کي ڪوبه فائدو نه ٿو پوي. هو هاڻي پير جي سامهون چمي بيهي رهي ٿو. ساڳي وقت اهي پئسا، جيڪي پير کي نذراني طور ڏيندو هو. انهن مان اسڪول کولڻ جو اعلان ڪري ٿو. ”سيٺ اعلان ڪيو ”ڪاليجي شاگرد ئي هن ڳوٺ جو پهريون شخص آهي، جنهن وهم پرستيءَ کان چوٽڪارو پاتو آهي. ائين رڳو تعليم حاصل ڪرڻ ڪري ٿيو آهي. اها تعليم جي جيئري جاڳندي ڪرامت آهي. ان ڪري هاڻي اسين تعليم ڏي پورو توجهه ڏينداسين. سنڌي اسڪول هتي اول ئي آهي، هاڻي انگريزي اسڪول پڻ شروع ڪرايو ويندو. ان لاءِ مان پنهنجي هڙئون اسڪول جي عمارت لاءِ ٽيهه هزار رپيا ڏيندس.“ هن شاندار ڪهاڻيءَ لاءِ نجم عباسي، جس لهڻي، جنهن ڪمال ڪاريگريءَ سان پنهنجي ڳالهه عام تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن ترقي پسند خيالن سان ئي سماج ۾ تبديلي اچي سگهي ٿي. (عباسي، 1973: 87)

## پير جو لوڻ

نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي ’پير جو لوڻ‘ پڻ ترقي پسنديءَ جو بهترين مثال آهي. هڪ شخص کي نانگ ڪکي وڃي ٿو. هو ۽ ان جا مائٽ علاج ڪرائڻ بدران پير جي لوڻ معرفت بچڻ چاهين ٿا، پر ائين ڪينءَ ٿي سگهي ٿو. آخر ۾ هو پير کان نااميد تي حڪيم وٽ علاج لاءِ ته وڃن ٿا، پر همراهه گذاري وڃي ٿو. هن ڪهاڻيءَ جو سڀ کان ترقي پسند پهلو ان وقت ظاهر ٿئي ٿو، جڏهن پير جو لوڻ گهر ۾ اڇلايو وڃي ٿو. هن ڪهاڻيءَ جو سبق نهايت شاندار آهي، جنهن نجم عباسيءَ

سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته پير پرستي معاشري لاءِ ناسور مثل آهي. هن ڪهاڻيءَ جون ڪجهه سٽون هيٺ نقل ڪجن ٿيون:

”جڏهن قاسم صفا بي سرت ٿي ويو، هن جي نبض مشڪل سان محسوس ٿي، تڏهن خبر ناهي چو هنن جو اعتقاد زلزلي ۾ اچي ويو. ماءُ هنجون هارڻ لڳي ۽ نورل گهوڙي تي چڙهي حڪيم هدايت عليءَ ڪي پر واري ڳوٺ مان وٺي اچڻ لاءِ ڀڳو ...... حڪيم سان واپس جڏهن گهر ٻاهران پهتو، تڏهن اندر رئڻ ۽ پار ڪيڻ جو آواز ٻڌائين ۽ گهر ۾ گهڙڻ سان پٽر ۾ ٺڪر جي پيالي جا ٽڪر ۽ لوڻ پکڙيل ڏٺائين!“ (عباسي، 1973: 72)

## چوڏو

نجم عباسيءَ جي جڳ مشهور ڪهاڻي ’چوڏو‘ جيڪا بعد ۾ ڊرامائي صورت پي. ٽي. ويءَ تان به نشر ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ سماج جي وهمن وسوسن تي شاندار ريت چوٽ ڪئي وئي آهي. ڪهڙي طرح اها بيمار عورت، شاگرد ڪي پيرَ جي وڻ مان چوڏو لاهي اچڻ جو چئي ٿي. شاگرد، پير جي مقام ۾ بيٺل وڻ مان ته چوڏو نه ٿو لاهي سگهي، پر هڪ ٻئي وڻ مان چوڏو لاهي ان عورت کي ڏئي ٿو. ساڳي وقت پاڻ به پريشان ٿيو وڃي ته هاڻي ڇا ٿيندو؟ پر هو ان عورت کي چاڪ چڱو ڀلو ڏسي خوش ٿيو وڃي. ڪهاڻيون جون هي سٽون نجم عباسيءَ جي لکڻ مهارت جي شاهدي ڏين ٿيون.

”ان ڏينهن صبح جو وڃڻ کان اڳ، جڏهن امان مکڻ ۽ ماني کارائيندي چئي رهي هئي ته ٻن – چئن ڏينهن کان توکي ڇا ٿي ويو آهي جو پوري ماني به ڪو نه ٿو کائين، ته ان وقت مائي عارب – ماءُ به اچي اسان جي گهر نڪتي. بلڪل تازي تواني ۽ تندرست! مون کي ڏسندي ئي چيائين، ”پُٽ، شابس هجي توکي! مون ان وقت ئي چوڏو اڳڙيءَ ۾ وجهي، ٻانهن ۾ ٻڌي ڇڏيو. ٽَپ وري نالو به نه ورتو. صدقي وڃان پير سائين سڀاجهي جي نانءَ تان!“ ڪهاڻيءَ ۾ نجم عباسيءَ پوئتي پيل هن سماج تي جهڙي ريت چٽر ڪئي آهي؛ يقينن اها ڳالهه ماڻهن لاءِ ترقي پسنديءَ جو استعارو بڻجي وئي آهي. (عباسي، 1992: 56)

# 4.3.11. غلام نبي مغل جي ڪهاڻي

## بيگار ڪئمپ

’تماهي مهراڻ‘ ۾ ’بيگار ڪئمپ‘ جي نالي سان غلام نبي مغل جي ڪهاڻي، ان ننڍڙي فيملي جي ڪهاڻي آهي؛ جنهن ۾ زال مڙس هڪ طرف قدامت پسند ته ٻئي پاسي هنن جون ڪجهه ڳالهيون ترقي پسند روين جو اهڃاڻ بنجن ٿيون. مثالطور: زال ۽ مڙس جو گڏ ويهي وي. سي. آر. ڏسڻ، اداڪارن تي بحث ڪرڻ وغيره. اها ٻي ڳالهه ته ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ ٻئي جڻا روايتي زال مڙس ثابت ٿين ٿا، پر گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه ڳالهين تي کُلي ڳالهائڻ به اسان جي سوڙهي سماج ۾ ترقي پسندي ئي آهي. جيئن: ”به- ٽي ڏينهن اڳ، وي. سي. آر تي زينت امان کي ڏسي چيو هئم، ”زينت امان ڏاڍي متاري ٿي پئي آهي.“

”متاري-؟“ مون واري زال رڙ ڪئي.

”ها ڏس، ٻانهن ڪيڏي نه ٿلهي اٿس.“ مون سادگيءَ ۽ ايمانداريءَ سان چيو.

زال ڪاوڙجي پئي، ”اِها ٻانهن ناهي، سٿر آهي زينت امان جي“ وري چوڻ لڳي، ”ڌرميندر جي سونهن ۽ صحت متعلق ڪهڙو خيال اٿئي؟“

”پراون مردن جي ڳالهه نه ڪر،“ مون يڪدم پنهنجي غلطي محسوس ڪئي، ”پرنٽ خراب آهي. منهنجي نظر ايتري ته خراب ناهي جو ٽنگ کي ٻانهن سمجهان-“ کلي جان ڇڏايم.

ڪهاڻيءَ ۾ جڏهن عورتَ، مرد اداڪار جي ڳالهه ڪري ٿي ته مرد هڪ دم سوڙهو ٿيو وڃي، پر ائين به ناهي ته ان تي هنن جو ردِ عمل ڪو خطرناڪ آهي. اها ڳالهه عورت به ڄاڻي

ٿي. ان ڪري مرد جي پاران عورت اداڪاره کي پسند ڪرڻ تي اهڙي قسم جي ڳالهه ڪري ٿي. هو سمجهي ٿي ته گهر ۾ ٻنهي جي حيثيت برابر آهي. سچ ته هڪ گهر ۾ مرد ۽ عورت ۾ برابري هجي ته سماج ۾ ان کان وڌيڪ ترقي پسند سماج ڀلا ڪهڙو هوندو؟ ڪهاڻيءَ ۾ غلام نبي مغل، هڪ اهڙي خاندان جو قصو لکيو آهي، جنهن مرد ۽ عورت برابر آهن، پر ڪجهه معاملن ۾ عورت مرد کان مٿاهين پڻ آهي. (مغل، 1985: 34)

## 4.3.12. رسول ميمڻ جون ڪهاڻيون

### ڏرتيءَ جي ٻئي پاسي

رسول ميمڻ جي ڪتاب ’ابابيل جي آخري اڏام‘ ۾ شامل مختصر ڪهاڻي ’ڌرتيءَ جي ٻئي پاسي‘ انساني ارتقا سان تعلق رکي ٿي. انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ شيطان جو ڪردار به آهي ته انسانن جا ڪردار پڻ. وقتي طور هو ان شيطان جي چڪر ۾ اچي هڪ ٻئي کان الڳ ٿي وڃن ٿا، پر آخرڪار هنن کي پاڻ ۾ ملڻو ئي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ جوڙي کي ڏيکاريو ويو آهي. جيڪو خوش زندگي گهاري ٿو. پوءِ هڪ شيطان جي ع مل دخل جي ڪري نفرتن جون ديوارون ڪڙيون ٿيو وڃن. ويڙهائڻ واري ان ڪردار کي سڙيل چمڙيءَ وارو سڏيو ويو آهي، جيڪو آخر ۾ ٻنهي انسانن يعني عورت ۽ مرد کي وڌيڪ اذيت ڏيڻ لاءِ محسوس ڪرائي ٿو ته هنن غلط ڪيو آهي، هنن کي هاڻي ملڻ گهرجي، پر ملڻ جو انهن کي غلط ڏس ڏئي ٿو. هڪ کي اوپر ته ٻئي کي اولهه موڪلي ڇڏي. ان جي وچ ۾ ڪهاڻيڪار پاڻ کي ضمير متڪلم واحد جي صورت ۾ پيش ڪري ٿو ۽ چئي ٿو: ”پر آءُ جيڪو سيني جي نظرن کان اوجهل گم سم هڪ پهاڙي جي دامن مان ويٺو آهيان، سڀ ڪجهه ڏسي رهيو هوس، سڙيل چمڙي واري جي ان ڳالهه تي مرڪي پيس ”بيوقوف ڪنهن جاءِ جا“ مون دل ۾ چيو ”توکي شايد خبر نه آهي ته ڌرتي گول آهي، هيءُ جيڪو هڪ اولهه طرف ۽ ٻيو اوپر طرف هڪٻئي کي ڳوليندو نڪتو آهي، انهن جو ميلاپ ضرور ٿيندو، ڌرتيءَ جي ٻئي پاسي جتي انسانن جو هڪ پرامن ۽ ترقي پسند نسل جنم وٺندو.“ (ميمڻ، 1987: ڊجيٽل)

### امن جي اهڃاڻ خاطر

رسول ميمڻ جي ڪتاب ’ابابيل جي آخري اڏام‘ ۾ شامل هڪ ٻي مختصر ڪهاڻي ’امن جي اهڃاڻ خاطر‘ انسان جا روشن خيال ۽ ترقي پسند نظريا ظاهر ڪيا ويا آهن. جهڙي ريت هڪ ڪردار جيڪو سوچي ٿو: ”انور جي وات مان جنگ جو لفظ ٻڌڻ شرط هن جي جسم ۾ باهه لڳي وئي. ”جنگ جو تصور انسانذات لاءِ خطرناڪ آهي، ماضيءَ ۾ انسان جي گهٽي ئي نسل ڪشي ٿي چڪي آهي، هر انسان پاڻ کي امن جو علمبردار سمجهي ٻئي تي حملو ڪيو!“ ڪهاڻيءَ ۾ نهايت سنجيدگيءَ سان ترقي پسند خيالن کي ظاهر ڪيو ويو آهي. ساڳي وقت ڪيترائي سوال پڻ موجود آهن. جيئن: ”ڇا دنيا ۾ ڪڏهن جنگ جي ذريعي امن قائم ٿي سگهيو آهي؟“ هو نفي ۾ جواب ڏئي پاڻ ڳالهائي ٿو ته ”سڀ کان بهتر شيءِ انسان جي ضمير ۽ شرم کي سجاڳ ڪرڻو آهي، عيسيٰ جيان جيڪڏهن ڪو هڪ ڳل تي چماٽ هڻي ته، ٻئي ڳل ڏيڻ سان هن جي شرم ۽ ضمير کي ضرور جهنجهوڙي سگهجي ٿو.“ رسول ميمڻ، هن ڪهاڻيءَ ۾ نهايت ڪاريگريءَ سان ڏکين معاملن کي سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سچ ته اهي ئي حقيقي طور ترقي پسند رويا آهن، جن ۾ هڪ ماڻهو ٻئي کي اهنج رسائڻ نه ٿو چاهي. ترقي پسند خيالن جي حوالي سان رسول ميمڻ جي هيءَ ڪهاڻي نهايت شاندار آهي، جنهن ۾ هر قيمت تي ماڻهوءَ جي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي. سؤلن لفظن ۾ اهو پڻ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته جنگ ڪڏهن به مسئلن جو حل ناهي هوندي. (ميمڻ، 1987: ڊجيٽل)

### 4.3.13. مشتاق پرڳڙيءَ جي ڪهاڻي

#### مسٽر پي. ڪي. ۽ اسلام

مشتاق پرڳڙيءَ جو ڪتاب ’پاڇي‘ 1999 ۾ شائع ٿيو. ڪتاب ۾ شامل مختصر ڪهاڻي ’مسٽر پي. ڪي. ۽ اسلام‘ پڙهڻ ۽ ان جو ٿيم سمجهڻ ڪانپوءِ خيال، بالي ووڊ جي مشهور فلم پي. ڪي. ڏانهن هليو وڃي ٿو. اها فلم سال 2014 ۾ هڪ سنڌي هدايتڪار راڄ ڪمار هيراڻي ٺاهي هئي، جڏهن ته مشتاق پرڳڙيءَ جو هي ڪتاب 1999 ۾ شائع ٿيو. هن سڄي معاملي ۾ نه چاهيندي به خيال ان طرف وڃي ٿو ته راڄ ڪمار هيراڻيءَ ضرور اها مختصر ڪهاڻي ’مسٽر پي. ڪي. ۽ اسلام‘ پڙهي هوندي. جيتوڻيڪ، ان فلم ۾ اسلام نه پر گهڻو تڻو هندوازم جي غلط رستن رسمن کي هدف جو نشانو بڻايو ويو؛ جڏهن ته هن ڪهاڻيءَ ۾ مشتاق پرڳڙيءَ اسلام جي نالي کي غلط استعمال ڪندڙ انهن نام نهاد مولوين کي سخت تنقيد جو نشانو بڻايو آهي. جهڙي ريت هو لکي ٿو: ”هو شهر جي سادن ۽ اڻوجهه ماڻهن کي سمجهائيندو رهندو آهي ته جڏهن توهان جي گهر جو ڪو ڀاتي بيمار ٿي پئي ته ان جي لاءِ ڪنهن ملي کان تعويذ لکرائڻ بدران سرڪاري اسپتالن مان سندس علاج ڪرايو. ڪنهن به قسم جي مذهبي عقيدي واري خيرات ڪيو ته ان تي ڀاڙي جي ڪنهن يتيم، بيواهه ۽ مفلس جو حق آهي، نه ڪي پيٽ وڏن ملن جو. الله جي ذات سان توهان سڌو رابطو رکو. ملن جي معرفت جو سهارو ڪڏهن به نه وٺو. مولوي يا پيش امام کي نماز جي حد تائين امام رکو. باقي هر مونجهاري لاءِ پنهنجي عقل جي امامت قبوليو ۽ ياد رکو ته الله ڪا ظالم هستي نه پر غفور ۽ رحيم آهي.“ ’مسٽر پي. ڪي.‘ جي نالي تي هي ڪهاڻي هجي يا راڄ ڪمار جي فلم، ٻنهي ۾ ترقي پسند خيالن کي اجاگر ڪيو ويو آهي. ماڻهن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته مذهب بلڪل به ائين ناهي، جيئن عام ماڻهو کي ڏيکاري ان کي لٽيو ڦريو پيو وڃي. خير ڪيئن به هجي؛ ٻنهي طرفن کان سنڌي آهن. اهو پڻ ته سنڌ سدا کان ترقي پسند خيالن سان مالامال رهي آهي. (پرڳڙي، 1999: 38-29)

## 4.4. مارڪسزم

مارڪسزم ڇا آهي؟ ان سوال جو جواب لطيف لغاريءَ جي ڪتاب ’مارڪسزم ڇا آهي؟‘ ۾ ڳولهي سگهجي ٿو. ڪتاب جي مهاڳ ۾ شاه عنايت لکيو آهي: ”عام طور تي مارڪسزم مان مراد ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينگلز جون لکڻيون سمجهيو ويندو آهي. جنهن ۾ لينن جي اضافي سان مارڪسزم لينزم جو اصطلاح وجود ۾ آيو پر سچ اهو آهي ته مارڪسزم صرف انهن عظيم انقلابي اڳواڻن جي لکڻين جو نالو ڪونهي. مارڪسزم انهن سمورن فلسفياڻن، سماجي، معاشي ۽ سياسي خيالن جو هڪ گڏيل عضوياتي سرشتو آهي، جيڪو سماج جي تاريخي اوسر ۽ انجي انقلابي ڪايا پلٽ جي عمل ۾ هڪ پاسي پاڻ متاثر ٿئي ٿو ۽ ٻي پاسي ان پوري عمل کي سمجهائي ۽ اُن جي رهنمائي ڪري ٿو.“ (لغاري، 2016: ڊجيٽل) تاريخي حوالي سان مارڪسزم جي ڪهاڻي، اوڻيهن صديءَ جي آهي. هي اها صدي هئي، جنهن ۾ سائنس جا مختلف شعبا اتهاسي ۽ ارتقائي بنيادن تي نئين سر اڀري رهيا هئا. هي اهو دؤر هو، جنهن ۾ فلسفو پاڻ به روايتي يا پراڻن طور طريقن کان آزاد ٿي رهيو هو. اهڙين حالتن ۾ انگلينڊ جي معاشيات، جرمني جي صدين کان چائنيل فلسفي ۽ فرانس جي سياست جي بنيادن تي مارڪسزم جو وجود ظاهر ٿيو. مختيار ملاح ’ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت‘ ۾ لکي ٿو: ”مارڪسي فلسفو يا مارڪسزم (Marxism) ماديت پسند فلسفي جي سائنسي شڪل آهي. هي فلسفو سادو ۽ پورهيتن جي حقن جو فلسفو آهي. مارڪس چوي ٿو ته اهو چوڻ غلط آهي ته مادي جي حيثيت اول ۽ روح يا شعور جي حيثيت ثانوي آهي. هن جي راءِ آهي ته مادو اصل آهي، شعور ۽ روح مادي جي ئي پيدائش آهن. مارڪسي فلسفو، هڪ انقلابي نظريو آهي، جنهن مطابق هر ڪا شيءِ تبديل ٿيندڙ آهي ۽ اها تبديلي ترقيءَ ڏانهن وجي ٿي. (ملاح، 2015: ڊجيٽل)

مارڪسزم جو بنيادي مقصد سڄي دنيا ۾ طبقاتي سماج کي ختم ڪرڻ آهي. اهو هڪ وڏو مقصد آهي. ڇاڪاڻ ته هن دنيا ۾ ڪيترائي سرمائيدارانا نظريا موجود آهن. جن کي ختم ڪرڻ في الوقت ته هڪ سهاني سپني مثل آهي. البت مارڪسزم سان لاڳاپيل ماڻهن جي دعوا آهي ته هڪ ڏينهن اهي سڀ نظريا پنهجو پاڻ ختم ٿي ويندا. جن ۾ طبقاتي بنيادن تي ماڻهن کي پريشان ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته ”مارڪسزم، ٻين سائنسي علمن وانگر سماج جي ارتقا جو علم آهي، جنهن مطابق سرمائيداري واري سماج جو خاتمو اٽل آهي جنهن جي جڳهه ڪميونسٽ سماج وٺندو ۽ ان تبديلي جو ذريعو سوشلزم آهي. مارڪسزم جا قائدا سماجي ارتقا جي دريافت آهن جيڪي ڪنهن جي خواهش سان تبديل نه ٿا ٿي سگهن.“ (Wolff, Richard; Resnick, Stephen, 1987)

### 4.4.8. ڪارل مارڪس ڪير هو؟

ڪارل مارڪس کي سائنسي بنيادن تي اشتراڪيت جو باني مڃيو وڃي ٿو. بعد ۾ اهو معاشي نظريو ادب ۾ مارڪسزم جي صورت ۾ ظاهر ٿيو. ڪارل مارڪس سال 1818 ۾ جرمنيءَ ۾ پيدا ٿيو. ڪارل مارڪس، جن حالتن ۾ اک کولي اهي صنعتي حوالي سان انتهائي سازگار هئا. نتيجي ۾ پرولتاري يا محنت ڪش طبقو وجود ۾ اچي چڪو هو.

ڪارل مارڪس سال 1830 کان 1835 تائين شهر جي جمناسٽڪ اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪئي. ان دؤران هن هڪ مقالو: ’پيشو اختيار ڪرڻ لاءِ هڪ نوجوان جا تصور‘ لکيو. جنهن تي هن کي بي. اي. جي ڊگري ڏني وئي. مارڪس جي ان وقت عمر سترهن سال هئي. هن جا مقصد نهايت چٽا هئا. جن ۾ انسانيت جي خدمت ڪرڻ شامل هو. مارڪس هاڻي برلن يونيورسٽي ۾ قانون جو علم حاصل ڪيو. جيتوڻيڪ قانون، مارڪس جو پسنديده مضمون هو، پر هن جي دلچسپي فلسفي ۽ تاريخ ۾ پڻ هئي. قانون جي ڊگري حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ مارڪس پنهنجا سياسي ۽ سائنسي نظريه ظاهر ڪرڻ شروع ڪيا. ان وقت جرمني ۽ يورپ جي ٻين ملڪن ۾ ڪجهه تاريخي واقعن لاءِ مناسب ماحول پيدا ٿي رهيو هو. يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ جاگيرداري سرشتو، عام ماڻهن لاءِ برداشت جي قابل نه رهيو هو. ان جو هڪ وڏو سبب مشينون هيون. جنهن جي ڪري صنعتن جي ترقي هارين ۽ ٻين پورهيتن کي تباهه ڪري ڇڏيو هو. سماج ۾ موجود ’پرولتاريه‘ (محنت ڪش) جي حالت، اهڙي طبقي جي ٿي رهي هئي؛ جيڪي سپني وسيلن کان محروم ٿي رهيا هئا. ”اهڙين حالتن جو احساس ڪندي ڪارل مارڪس ۽ هن جي ساٿي فريڊرڪ اينگلز هڪ نظريو ڏنو، جنهن کي دنيا ’مارڪسزم‘ جي نالي سان ياد ڪندي آهي.“ ((O'Hara, Phillip (2003) هن نظريي تحت دنيا کي وڏيڪ انصاف پري ۽ رهڻ لاءِ مناسب جڳهه بنائڻ جي ڪوشش هئي. چاڪاڻ ته مروج سرمائيداريءَ جو نظام دنيا جي مسئلن کي حل ڪرڻ بجاءِ وڌيڪ اينگهائي رهيو هو. ان حوالي سان مارڪس پنهجي دوست ويدميئر کي خط ۾ لکيو ”جديد سماج ۾ طبقن وچ ۾ ڪشمڪش جي موجودگي جو سهرو ان جي مٿان ناهي پر ان کان اڳ سرمائيداري وارن تاريخدانن ان طبقاتي ڪشمڪش جي تاريخي ارتقا کي ۽ سرمائيداري جي معاشياتدانن طبقاتي معيشت کي تفصيل سان بيان ڪري چڪا هيا.“ (Malott, Curry; Ford, Derek 2016)

اڄ جي دؤر ۾ ڏنو وڃي ته معاشري کي تبديل ڪرڻ لاءِ سوشل ميڊيا سان سلهاڙيل مختلف ويب سائيٽس ڪو پهريون انساني خيال نه آهي. ان کان اڳ سقراط، ارسطو ۽ دنيا جي تاريخ ۾ ڪيترائي ڏاها ٿي گذريا آهن، جن ڪوشش ڪئي ته دنيا کي تبديل ڪجي. اهڙي ريت اوڻيهن صديءَ ۾ مارڪس ۽ اينگلز نظر اچن. جن هڪ ئي وقت محسوس ڪيو ته موجوده دؤر ۾ اڪثر ماڻهن سان غير منصفاڻو سلوڪ ڪيو پيو وڃي. چند ماڻهو سرمايي ۽ اقتدار تي قبضو ڪيون ويٺا آهن. ان لاءِ مارڪس جو چوڻ هو ته هن فقط هيءَ نئين ڳالهه اها ڪئي هئي ته:

- طبقن جو وجود پيداوار جي ترقي ۾ مخصوص تاريخي مرحلي سان مشروط آهي.
- طبقاتي جدوجهد لازمي طور تي پرولتاري آمريت يا مزدورن جي آمريت ڏانهن وٺي وڃي ٿي.
- پرولتاري آمريت بذات خود طبقن جي خاتمي ۽ غير طبقاتي سماج ڏي منتقلي تي مشتمل آهي.

’دنيا جا مزدور متحد ٿي وڃو.‘ جي نعري هيٺ مارڪسزم جي فلسفي جي بنياد تي ڪميونسٽ ميني فيسٽو لکيو ويو.

مارڪس جو خيال تمام سادو هو. هن جي چواڻي موجب ”سرمائيداراڻي نظام سدائين خامين سان ڀرپور رهيو آهي. مثالطور: اهو نظام مسلسل لاهن چاڙهن جي پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿو. ان ۾ ڪڏهن به استحڪام پيدا نه ٿو ٿئي. سرمائيداراڻو نظام جنهن چيز کي ڇهندو آهي ان کي تبديل ڪري ڇڏيندو آهي. ان نظام ۾ نه رڳو برانڊ تيزي سان تبديل ٿيندا آهن پر ڪمپنيون ۽ صنعتون پڻ تخليقي عمل جي نتيجي سان ٺهنديون ۽ ختم ٿينديون آهن. ان سان گڏوگڏ انساني رشتا پڻ ختم ٿي نئين روپ ۾ ٻيهر جڙندا آهن. مارڪس کي يقين هو ته هڪ عوامي انقلاب ضرور ايندو جنهن ذريعي ڪميونسٽ سماج قائم ٿيندو جيڪو وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ ۽ وڌيڪ انسان دوست نظام هوند.“

*(Roseberry, William1997) مارڪس جو نظريو جدلياتي ماديت ۽ تاريخي ماديت جي نظرين تي ٻڌل آهي.*

### 4.4.9.سنڌي ادب تي مارڪسزم جو اثر

سنڌي ادب تي مارڪسزم جي حوالي سان ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ لکي ٿو: "سنڌي ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ جو اثر اڳ ۾ ئي موجود هو، جيئن ڪشنچند بيوس جو نظم "غريبن جي جهوپڙي" امر ڏنو مل هنگوراڻي جي ڪهاڻي "ادو عبدالرحمان" ۽ شيخ اياز جو افسانو "سفيد وحشي" وغيره. پوءِ مخصوص حالتن ادب ۽ سياست کي مارڪسزم جي ويجهو آڻي ڇڏيو، خاص طور سان ون يونٽ جو مسئلو، ٻوليءَ جو مسئلو، مارشلا اهڙا سياسي واقعا هئا، جن سنڌي ماڻهن ۾ عدم تحفظ جي فضا پيدا ڪري ڇڏي." (ميمڻ، 2017: ڊجيٽل) ان کان اڳ به سنڌي ادب ۾ اها سوچ مضبوطيءَ سان موجود رهي آهي ته سوشلزم هجي يا مارڪسزم انهن جي هڪجهڙائي جي سوچ سنڌ ۾ سدا کان تصوف جي روپ ۾ موجود رهي آهي. سماجي توڙي ادبي نقادن وٽ اهو خيال پڻ رهيو آهي ته شاه عنايت جو نعرو 'جيڪو کيڙي سو کائي' سوشلزم ۽ مارڪسزم جو بنياد ئي هو. سبط حسن جي ڪتاب 'نويد فڪر' ۾ شاه عنايت کي سنڌ واديءَ جو پهريون سوشلسٽ قرار ڏنل آهي. انهن بنيادن جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ مارڪسي نظريو ڪو نئون ڪونه هو. انهن حوالن ۾ سنڌ سان صدين کان جاري جبر پڻ شامل رهيو آهي. اهو پڻ ته "جڏهن به ڪو تضاد تاريخي ضرورت جي شڪل اختيار ڪندو آهي، تڏهن اهو انقلابي جدوجهد ۾ تبديل ٿي ويندو آهي، ۽ هر انقلابي جدوجهد، نظريي ۽ عمل جو جدلياتي ڳانڍاپو هوندي آهي، جيڪو مارڪسزم جو بنياد آهي. مارڪسزم جيئن ته انقلاب جي مڪمل سائنس آهي، ان ڪري ان کي سماجي ۽ تاريخي حالتن سان ميڪانڪيت نه پر ماديت جي بنياد تي لاڳو ڪرڻو پوندو آهي. تنهنڪري پاڪستان پرست سوشلسٽ جڏهن چوندا آهن ته مارڪسزم، جاگرافيائي حدن جي قائل ڪانه آهي. ان ڪري مارڪسزم مظلوم قومن جي جاگرافيائي قومي آزاديءَ جي حامي ڪانه آهي ۽ ان ڪري سنڌ جي جاگرافيائي قومي آزادي به مارڪسزم جي خلاف آهي. تڏهن مارڪسزم ڏانهن سندن اهو ميڪانڪيت پسندو رويو هوندو آهي. جڏهن ته اسان ان ڳالهه کي هيئن لکندا آهيون ته، "جيئن ته مارڪسزم جاگرافيائي حدن جي پابندي ڪانه آهي" ان ڪري اسان انقلاب لاءِ پاڪستاني سرحدن جا پابند ڪونه آهيون ۽ ان ڪري سنڌ جي جاگرافيائي قومي آزاديءَ کي موجوده تاريخي حالتن هيٺ تاريخي ضرورت ڄاڻون ٿا، ۽ اهو مارڪسزم ڏانهن اسان جو تخليقي يعني ماديت پسند رويو آهي." (ملاح، 2001: 6) هنن سپني معاملن کي ڏسجي ته سنڌ ۾ ان حوالي سان بعض وقتن ۾ بلڪل ابتڙ رويو رهيو. جيئن سيد احمد رشيد لکيو: "سنڌ ۾ به انهيءَ ساڳي انقلاب دشمنيءَ جو نانگ ڦوڪاري پيو. سنڌ ۾ هي رجحان اڻ سڌيءَ طرح مزور دشمني، قوي گڏيل پليٽ فارم کان انحراف ۽ صوبائي سطح تي سوچ ذريعي جمهوري جدوجهد کي روڪڻ ۾ لڪل آهي. هيءُ رجحان ڪوڙا ڪامريڊ ۽ نقلي ترقي پسنديءَ جي نعري هيٺ ملڪ جي حالتن مطابق مارڪسزم لينن ازم جي قابل عمل صورت ۾ واٽ کي عوام کان پري رکي رهيو آهي." (احمد، 1976: 45) هڪ پاسي اهو معاملو ته عام ماڻهوءَ کي پري رکيو ويو. مذهبي بنيادن تي انهن کي ڊيڄاريو ويو. اتي سنڌي اديبن وري مارڪسزم جي نظريي تي قائم ٿيل روسي انقلاب جي اثر کي قبوليندي، سنڌ جي روشن خيال ۽ سيڪيولر سياستدانن ۽ حقيقت پسند ۽ سيڪيولر اديبن سوشلزم کي پنهنجين لکڻين جو موضوع بڻايو. ورهاڱي کان اڳ ۽ ورهاڱي کانپوءِ عام سوشلزم، مارڪسزم ۽ روسي انقلاب تي ڪتاب لکيا ويا، شاعري ۽ ڪهاڻين ۾ اهڙا خيال زور شور سان داخل ٿيا. انهن حالتن ۾ اديب توڙي نقاد "ٻن گروهن ۾ تقسيم ٿيل آهن: هڪڙا آهن قدامت پسند ۽ روايت پرست نقاد، ۽ ٻيا آهن مارڪسزم جا ترجمان ۽ داعي. ٻنهي گروهن جي خيالن ۽ نظرين ۾ وڏو فرق آهي. قدامت پسند گروهه زياده تر پراڻين روايتن ۽ فني قدرن کي ئي ڇهنڊيو ٿو اچي، ۽ ادب ۽ سماج جي بدلجندڙ قدرن ۽ فني ارتقا جي جدتّ پذير اصول کان نا آشنا آهي. انهن جو ادبي مطمح نظر قديم الايام کان پيدا ٿيل فني ۽ اخلاقي شعور آهي، جو هر هڪ تاريخي پس منظر کان اثر وٺندي، هر سماجي طبقي کان 'توارث' طور هلندو ٿو اچي. ان توارث کي هڪ "مقدس روايت' جي حيثيت ملي چڪي آهي.

پيو گروهه جدت پذير قدرن کان متاثر آهي. اهو سماج جي ارتقائي شعور کي تاريخي جدليات، بلڪ مادّي جدليات جو مظهر ٿو سمجهي، ۽ ادب خواهه فن ۽ اخلاق جي پراڻن قدرن کي جديد سماجي تقاضائن جي روشنيءَ ۾ پرکڻ ٿو گهري: هو انسان جي جديد قدرن، فڪري ۽ سماجي تقاضائن، تاريخي ۽ مادي جدليات ۽ طبقاتي ڪشمڪش کي مذهبي ۽ اخلاقي، ديني ۽ ڌرمي، علمي ۽ فني، قدامت پسندانه 'مقدس روايتن' تي ترجيح ٿو ڏئي." (گرامي، 1962: 34) نتيجي ۾ سڀ کان پهريان ساڌو ٽي. ايل واسواڻي، چيٺمل پرسرام، خانچندر درياڻي (ناٽڪ نويس)، لعلچند امر ڏنيمل جي لکڻين ۽ ڪشنچند 'بيوس' جي شاعريءَ ۾ اهو اثر ملي ٿو. چيٺمل پرسرام 1927ع ۾ 'سوشلزم' بابت سنڌيءَ ۾ پهريون ڪتاب لکيو، 1930ع ۾ روسي انقلاب جي اثر هيٺ 'سنڌ هاري ڪاميٽيءَ' جو ميرپورخاص سنڌ ۾ بنياد پيو. 1930ع ۾ شڪارپور ۾ 'پهرين سوشلسٽ ڪانفرنس' سڏائي وئي. 1940ع واري ڏهاڪي ۾ لکيل ناولن، ڪهاڻين، سنڌي ادبي سنگت ۽ ادبي سرڪل جي قيام، 'سنڌو'، 'ساٿي' ۽ 'اڳتي قدم' رسالن جي اجراءَ، 1945ع ۾ حيدربخش جتوئيءَ جي 'سنڌ هاري ڪاميٽيءَ' ۾ شرڪت، 'سنڌ پيپلز پارٽيءَ' جي قيام مسلم ليگ خلاف مختلف محاذن جي قيام جو سمورو پسمنظر 'روسي انقلاب' جي اثر سان پرپور نظر اچي ٿو. سنڌ جي انقلابي اديبن روس ۽ ان جي انقلابي اڳواڻن تي ڪيترا ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا، جيڪي ان ڳالهه تي روشني وجهن ٿا ته سنڌ سوشلسٽ ۽ ترقي پسند سوچ کي قبولي ورتو هو ۽ اڄ به جديد، روشن خيال ۽ ترقي پسند اديب محمد ابراهيم جويو، سوڀو گيانچنداڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، سراج، ڪامريڊ روچيرام ۽ اڪثر سياستدان رسول بخش پليجو، عبدالواحد آريسر وغيره. ان سوچ کان ڌار نه آهن. ان حوالي سان آغا سليم هڪ پيري انٽرويو ۾ ٻڌايو ته "اصل ۾ چاهي ته پارٽيشن کان اڳ ۾ جيڪا ڪهاڻي، ناول يا شاعري ڪئي وئي ان ۾ نئون موڙ آيو ان جو سبب ترقي پسند دوُر هيو. اڳئي جيڪي داستان ۽ ڪهاڻيون لکيون ويندڀون هيون اُهي جنن ديون پرين تي لکيا ويندا هيا پر جيڪي ماڻهو مارڪسزم هيٺ رهيا انهن ادب کي نئون موڙ ڏنو ۽ انهن عام ماڻهن کي رُتبو بخشڻ لاءِ لکيو. ان جو اثر اسان وٽ پارٽيشن تائين تمام گهڻو رهيو. ان جو آءٌ Eye witness آهيان. جنهن ۾ تمام سٺي شاعري ٿي، تمام گهڻيون ڪهاڻيون لکيون ويون ۽ تمام سٺا ناول لکيا ويا، پر پوءِ وري پارٽيشن ٿي انهيءَ ۾ اسان جي ادب کي ڌاڍو ڌڪ لڳو." (هڪڙو، 2019: 56) چاڪاڻ ته پي. ايڇ. ڊي. (سنڌي) جي موضوع **'سنڌي ڪهاڻيءَ تي سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا اثر'**(1947 - 2000) ۾ انهن ڪهاڻين جو جائزو پيش ڪرڻو آهي، جن ۾ مارڪسزم جو اثر رهيو آهي. ان سلسلي ۾ هيٺ تفصيل سان انهن ڪهاڻين جو چيد ڪجي ٿو.

## 4.4.10. مارڪسزم جي اثر هيٺ سنڌي ڪهاڻيون

## 4.4.11. زينت عبدالله چنا جي ڪهاڻي

**مٽي**

بيگم زينت عبدالله چنا جي 'ٿماهي مهراڻ' ۾ شائع ٿيل ڪهاڻي 'مٽي' هن بي حس نظام جو پردو ڪڻي ٿي. کهڙي ريت غريب ماڻهو، طبقاتي نظام جي ور چڙهي. اميرن جي هٿان روحاني توڙي جسماني طور قتل ڪيا وڃن ٿا. هي ڪهاڻي به اهڙي ننڍڙي نينگر جي آهي، جنهن جي ماءَ هن جي ٻالپڻ ۾ گذري وڃي ٿي. هو ننڍڙي دائود جو هٿ پاڻ سان بنگلي تي ڪم ڪندڙ هڪ ٻئي نوڪر جي حوالي ڪري وڃي ٿي. ماءَ جي گذاري وڃڻ کانپوءِ ان معصوم ٻالڪ مٿان کهڙيون مصيبتون ڪرن ٿيون. زينت عبدالله چنا، سٺي ريت ان جو اظهار ڪيو آهي. هن ڪهاڻيءَ جون ڪجهه سٽون هيٺ اتارجن ٿيون:

"هڪ ڏينهن صبح جو وقت هو ته دائود منهنجي دروازي تي مون کي سڏي چوڻ لڳو: "امان ٿي سڏئي". مان ترت ئي ساڻس ويس. ڏٺم ته سوني آخري پساهن تي آهي. پنهنجي سيرانديءَ کان سڪل مانيءَ جي ٽڪر ڪڍي دائود کي ڏنائين ۽ دائود جي ٻانهن مون کي ڏنائين. دائود زوريءَ مون کان

ٻانهن ڇڏائي ماءُ جي منهن تي منهن رکيو، پر سندس ماءُ جي ”مٺي“ اڌوري رهجي وئي ۽ دائود روئندي روئندي اتي ئي سمهي پيو. مان سٽل دائود کي گهر کڻي آيس.“ (حجاب، 1955: 45)

### 4.4.11.1. اياز قادريءَ جون ڪهاڻيون

#### ڪتي جو موت

اياز قادريءَ جي ڪتاب ’ٻلو دادا‘ ۾ موجود ڪهاڻي ’ڪتي جو موت‘ اڻ برابريءَ جي شڪار سماج جي منهن تي زوردار چماٽ کان گهٽ ناهي. جڏهن ساڳيي ئي ڳوٺ ۾ وڏيري جو هاري سرديءَ سبب مري وڃي ٿو، جڏهن ته هو پالتو ڪتي موتيءَ کي علاج لاءِ جيپ تي کڻي شهر ڏانهن روانو ٿئي ٿو. هن ڪهاڻيءَ جا منظر ايترا ته جاندار آهن، جو سماج جا اهي پاسا، جن جيڪي طبقاتي نظام سان پريل آهن. اهي اگهاڙا ڏسي سگهجن ٿا. ”موتيءَ کي يڪدم ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ گهرجي. ڊرائيور کي ڪار ڪڍڻ لاءِ چيائين، ڊرائيور ادب سان چيو، ”برسات سبب شهر ڏانهن وڃڻ جو ڪو رستو نه آهي. اڄ جي سڄ رهيو ته سپاڻي رستو ٿي ويندو.“ وڏيري کي ڊڪر وٺي ويا ۽ ڪنهن ڳوڙهي ويچار ۾ پئجي ويو. ”سائين، گلوءَ کي سردي لڳي وئي آهي. لڳ مڇ ٿا ڀرنس. ڪرڙيءَ وانگر ٿو ڏڪي ۽ رکي رکي ٿو وڦلي.“ ڊرائيور هٻڪندي چيو. وڏيرو ڊرائيور کي خار مان گهورڻ لڳو ”مان ڇا ڪيان؟ ڏسين نه ٿو ته مونکي ڪنهن ڳالهه جو هوش ڪونهي.“

سچ ته هي ڪهاڻي ان فرسوده بدبودار طبقاتي نظام جي مثان وڏي ڪاهه آهي. اهو پڻ ته سماج جو پڙهيل طبقو هر حالت م تبديلي چاهي ٿو ۽ اهو گهري ٿو ته معاشري ۾ هڪجهڙائي هجڻ گهرجي ۽ ان هڪ جهڙائي ۽ برابريءَ جي ڳالهه نڪري ٿي ته اسان ڪو خيال ازخد ’مارڪسزم‘ ڏانهن هليو وڃي ٿو. (قادري، 1977: 18-20)

#### فرشتو

اياز قادريءَ جي ڪهاڻي ’فرشتو‘ ان مزدوُر جي ڪسمپرسيءَ جي ڪهاڻيءَ آهي، جيڪو جسماني ڪمزوريءَ سبب ڪارخاني مان بي دخل ڪيو ويو آهي. ”هن کي ڪارخاني مان ڪڍيو ويو هو. انهيءَ ڪارخاني مان جتي هن جي ڏاڏي جي ڪم ڪندي زندگي ختم ڪئي هئي، جتي هن جو پيءُ ڪم ڪندي پٽي هيٺ اچي شهيد ٿي ويو هو، جتي هن ننڍپڻ کان وٺي ڪم شروع ڪيو هو.“ هن کي ڪارخاني مان ان لاءِ ڪڍيو ويو ته ”هو بيمار هو ۽ هاڻي هن جي ڪارخاني ۾ ڪا به ضرورت نه هئي. ڪنهن وقت هو پنهنجي ٽوليءَ جو موچارو مزور ليکيو ويندو هو. هن جي ڪم سان ٻيا مزور ريس ڪندا هيا، سيٺ خوش ٿي کيس شاباش چوندو هو. صبح کان شام تائين ڪم ڪرڻ سان ٻه چار روپيا ڪٽي وٺندو هو. مگر هينئر هو زنده لاش هو، جيڪو قبر چيري هن دنيا ۾ آيو هجي، جنهن کي ماڻهو ڏسي گهبرائجي وڃن.“ اهڙين حالتن ۾ هو ڪيتري حد تائين پريشان ٿئي ٿو. انهن حالتن کي لکڻ اياز قادريءَ جو ڪمال آهي. هن ڪهڙي طرح سماج ۾ اڻ برابري جا بکيا ابيڙي ڇڏيان آهن. ڪهاڻيءَ ۾ اهو منظر نهايت دکدائڪ آهي، جنهن ۾ هو خالي هٿين گهر موٽي ٿو. هن جي پوڙهي بيمار ماءُ سندس اوسيئڙي ۾ آهي. هو دوا جي بدران خالي پاٽي جا ڦڙا ماءَ کي پياري ٿو. ”ابا! توکي منهنجو ڪيڏو نه خيال آهي! ابا، تون فرشتو آهين فرشتو!“ (قادري، 1977: 31-34)

#### ڪفن چور

اياز قادري جي ڪهاڻي ’ڪفن چور‘ سچ ته هن معاشري جو اگهاڙو سچ آهي. هڪ اهڙي والد جي ڪهاڻي، جيڪو پنهنجي ڌيءُ جي عريانيت کي ڍڪڻ لاءِ ڪفن چوري ڪندي پڪڙجي پوي ٿو. ڪرم الله جي ڪردار تي ڪنهن کي به شڪ نه هو. هن شهر ۾ هڪ ڀلي ۽ شريف ماڻهوءَ جي جي حيثيت سان سڃاتو ويندو هو، پر هن کي نهايت غربت ۽ ڪسمپرسيءَ سبب ڪفن چوري ڪرڻو پوي ٿو. آخر ۾ جڏهن هن کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو ته جج صاحب هن کي ڏسي چوي ٿو:

”ان ۾ شڪ ڪونهي ته ڪرم الله اهڙو ڪم ڪيو آهي جو قانوني ۽ اخلاقي خيال ڪان ڏوهه آهي مگر هن جي اڳين چال چلت ۽ مجبوريءَ ڪي ڏسي ڪورٽ مٿس رحم آڻي.“ جج ڪنڌ مٿي ڪڍي ڪرم الله نهاريو، ”ٽي مهينا سخت پورهئي سان جيل جي سزا ڏئي ٿي.“ ڪرم الله جي اکين مان ڳوڙها ٽم ٽم ڪري وهڻ لڳا، چڻ چئي رهيا هيا، ”ڏيءُ مونکي قيد جي پرواهه نه ٿئي ها جيڪڏهن مون ڪي اهو يقين هجي ته هينئر تنهنجي جواني اگهاڙي نه رهندي.“

ڪيڏو نه ڪرب آهي هنَ ڪهاڻيءَ ۾ ۽ اها صرف ڪهاڻي نه آهي، پر سماج جو اهڙو سچ آهي، جنهن کي اسان گهڻي دير تائين لڪائي نه ٿا سگهون. (قادري، 1977: 35-38)

## 4.4.12. شيخ اياز جي ڪهاڻي

### رفيق

شيخ اياز جي ڪتاب ’جي تند برابر توريان‘ ۾ شامل ڪهاڻي ’رفيق‘ ۾ شيخ اياز هڪ پاسي جتي رومانس جا سهڻا منظر ڏيکاريا آهن. اتي هن طبقاتي نظام خلاف موهن ۽ نجمه جي جهدوجهد کي به نمايان ڪيو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ شيخ اياز جا مارڪسزم، ڪميونزم بابت خيال پڌرا آهن. شيخ اياز جو مارڪسزم ڏانهن لاڙو هن جي شروعاتي ادبي دؤر کان رهندو پئي آيو. مختصر ڪهاڻي ’رفيق‘ ۾ نجمه ۽ موهن کي ڪامريڊ ڏيکاريو ويو آهي. جيڪي هڪ پاسي پاڻ ۾ محبت ڪن ٿا. هن جو رومان عروج تي آهي ته ٻئي طرف وطن دوستي ۽ قوم جي ڀلائيءَ لاءِ هو پاڻ پتوڙن ٿا. هن ڪهاڻيءُ جو ڪجهه حصو هيٺ رکجي ٿو:

”نجمه ۽ موهن ڪياماڙيءَ تان پنڌ موٽي رهيا هئا. سندن منهن مان مسرت ٽمي رهي هئي. اڄ ڊاڪ مزدؤرن جو اسٽرائيڪ پورو ٿيو هو ۽ هر مزدؤر جي پگهار ۾ اٺ آنا روزانو اضافو ٿيو هو. ساري ڏينهن جو گوڙ شور ڊوڙ ڊڪ بحث مباحثي بعد هو ٿڪا ٽٽا موٽي رهيا هئا پر ڪاميابيءَ جي ڪري سندن تازگي ۽ توانائيءَ ۾ لڪا نه پئي هئي. ڪاڏيءَ جي گهگهريءَ ۾ نجمه جي چاتيءَ جو اڀار چئلينج ڏئي چئي رهيو هو هلايو گولي. رستي تي کين به ساميوادي دوست مليا. جن مان هڪ پريائين اسٽرائيڪ جي باري ۾ پڇيو. موهن لال سلام ڪري چيو ”اسٽرائيڪ زنده باد!“ نجمه مرڪندي چيو. ”انسانيت زنده باد.“ ٻئي ڪلندا ڳالهائيندا، نيٽي جيٽي تي پهتا.“ (اياز، 1998: 24-28)

## 4.4.13. نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي

### شادي

نجم عباسيءَ سدائين سماج جي ٻٽن روين ۽ منافق طرز تي لکيو آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ روشن خيال، اعتدال پسنديءَ ۽ ترقي پسند سوچون غالب هونديون آهن. ڪهاڻي ’شادي‘ به انهن مان هڪ آهي. هن ڪهاڻيءَ جو پلاٽ ڪجهه هن ريت آهي ته ’هڪ غريب مسڪين ماڻهو پنهنجي ڌيءَ ڪنهن پاڻ جهڙي غريب، شريف، نيڪ ماڻهوءَ سان ڪرائڻ ٿو چاهي، ان لاءِ هڪ عالم سان رابطو ڪري ٿو ته نياڻي جو سڱ خدا ڪارڻ ڏيا ٿو، ڪو مناسب نيڪ چوڪرو توهان جي نظر ۾ هجي ته ٻڌائي يا ڳولهي ڏي. ان مذهبي عالم کي ڪيئن غريب منٿون ڪن ٿا، پر هو ڪنهن جي لاءِ به راضي نٿو ٿئي، ڪيس هڪ سيٺ هزار روپيو چندو ۽ ٻئي لالچ ڏئي ٿو ته هو ان کي رشتو ڏياري ٿو.‘

هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ طبقي جو ٻئي طبقي مٿان صرف پئسن جي ڪري حاوي ٿيڻ ڏيکاريو ويو آهي. ڪهڙي ريت ماڻهو، پئسن جي ڪري پنهنجو دين ايمان وڪرو ڪري ڇڏين ٿا. (ريحانه، 2014: 116)

## 4.4.14. سراج جي ڪهاڻي

### هڪ سچ هزار پاچا

سراج ميمڻ جي هي ڪهاڻي، غريب ۽ مزدوُر طبقي جي عڪاسي ڪري ٿي. هيءَ ڪهاڻي ڳوٺاڻي ۽ شهري زندگيءَ تي ٻڌل ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ غريب مزدوُرن جا پڙهيل ٻار جڏهن نوڪري جي سلسلي ۾ شهر اچي ڪري شهر جي روشنين ۾ گم ٿي وڃن ٿا، ته انهن کي پنهنجن مٽن مائٽن ۽ عزيزن جو ڪوبه احساس نٿو رهي. ايتري قدر جو ماُء، پيءُ ۽ ڀيڻ جهڙي مقدس رشتي کي به وساري ويهن ٿا. جڏهن اهي شهر ۾ غلط صحبت ۾ وڪوڙجي وڃن ٿا، ته پوءِ وري ڏاڍا خوار ۽ ذليل ٿي، پنهنجن ڏانهن ئي پڇن ٿا. هي ڪهاڻي حقيقي سماجي مسئلي ڏانهن مائل ڪري ٿي، ته سماج ۾ ويليوز جي هاڻي ڪابه اهميت نه رهي آهي. (سراج، 1959: 31)

## 4.4.15.    امر جليل جون ڪهاڻيون

### ڌرتي جي ڌوڙ، آسمان جا تارا

امر جليل جي ڪهاڻي ’ڌرتي جي ڌوڙ، آسمان جا تارا‘ ۾ واضح طور طبقاتي چڪتاڻ ڏسي سگهجي ٿي. ڪهڙي ريت هڪ سيدزادو، بظاهر نيڪ نمازي ڳاليهن جي چار ۾ ڦاسائي هڪ پنگياڻيءَ کي جنسي حوس جو شڪار ڪري ٿو. جڏهن ان عورت کي حمل ٿيو وڃي ته پوءِ ان جي پيٽ واري ٻار کي مارڻ لاءِ چتو ٿيو پوي. جڏهن ته اها عورت جيڪا هاڻي ماءُ بڻجي وئي آهي؛ پنهنجي ٻار کي بچائڻ لاءِ جتن ڪري ٿي. امر جليل جي هن ڪهاڻيءَ جو جتي پلاٽ شاندار آهي، اتي هن مڪالمن جي ذريعي به مسئلي کي کولي بيان ڪيو آهي. سچ ته طبقاتي حوالي سان هيءَ ڪهاڻي، ان سماج جي آهي جنهن ۾ عورت کي صرف ’جنس‘ طور ڏٺو ويندو آهي. هن ڪهاڻيءَ کي پڙهندي اسان جو خيال ڪال مارڪس ڏانهن هليو وڃي ٿو. جنهن انساني سماج ۾ انهن معاملن جو ذڪر ڪندي، ان کي معاشري جي ناسور سان پيٽا ڏني آهي. مارڪس جي خيال مطابق هڪ برابريءَ وارو معاشرو ئي انسانذات جي منزل هجڻ گهرجي، پر هتي ته ’سيد ۽ پنگياڻي‘ وچ ۾ ايڏو فرق آهي، جو سيد حوس لاءِ ته ان عورت جي چونڊ ڪري ٿو، پر جڏهن ٻار جي ڳالهه هلي ٿي ته هو ان کي قتل ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي.

### سوجهرو

امر جليل جي ڪهاڻي ’سوجهرو‘ مسڪين مزدوُرن جي حقن جي چوُطرف ڦري ٿي. ڪهڙي ريت فيڪٽري مالڪ هڪ انگريز انجنيئر کي فيڪٽريءَ ۾ رکڻ لاءِ مقامي مزدوُرن کي نوڪريءَ مان بي دخل ڪريو ڇڏي. نتيجو فاقاڪشيءَ ڪانسواءِ ٻيلا ڪهڙو نڪرندو. ڪهاڻيءَ ۾ جهڙي ريت انهن غريب مزدوُرن جي عڪاسي ڪئي وئي آهي. اها يقينن ڪهاڻيڪار جي پنهنجي فن سان سچائيءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿي. ڪهاڻيءَ ۾ نوڪريءَ مان نڪرڻ کان بعد ۾ مزدوُرن جي ڪسمپرسيءَ جي حالت هي آهي ته اهي پنهنجي کاڌ خوراڪ ته پري پر دوا وٺڻ جي قابل به نه ٿا رهن. مارڪس جي خيال مطابق، هن دنيا کي هلائڻ ۾ مزدوُر جو اهم ڪردار ادا آهي. جهڙي ريت امر جليل هن ڪهاڻيءَ ۾ مزدوُر جي حالت کي بيان ڪيو آهي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هي دنيا مزدوُرن جي نه پر سرمائيڪارن جي آهي. ان سڄي منظر کي امر جليل هيٺين جملن ۾ ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ”انهن ڪارن ڏينهن ۾، ٻاڙي مان ڪنهن کان پيسا اڌارا وٺڻ جو سوال ئي نه ٿي پيدا ٿيو. جڏهن کان هڪ انگريزي انجنيئر جي پگهار پوري ڪرڻ لاءِ ڪارخاني مان اسان چاليهه مزورن کي ڪڍيو ويو هو، تڏهن کان ٻاڙي جي سيني گهرن جي حالت هڪ ٻئي کان بدتر ٿي ويئي هئي. مزورن جي گهرن جو سامان ڪٻاڙين وٽ وڪامي ويو، ۽ جن کي گهرن ۾ وڌيڪ بکيا پيٽ هئا، انهن جي عزت ۽ عصمت شهر جي هوٽلن ۽ بنگلن تي وڪامڻ لڳي.“ (جليل، 1999: ڊجيٽل)

## تاريخ جو ڪفن

امر جليل جي ڪتاب ’تاريخ جو ڪفن‘ ۾ شامل هن جي مرڪزي ڪهاڻي ’تاريخ جو ڪفن‘ سماج جي انهن لاهن چاڙهن ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿي. جيڪي ڪنهن جند ڪان گهٽ ناهن ۽ ان جند جي بنهي پُڙن ۾ سدائين مسڪين ماڻهو ئي پيسجندو رهي ٿو. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙي ڪردار جي ڳالهه ڪئي آهي، جيڪو بئي معاملا ته پري پر رڳو مذهبي عبادت ۾ وڏي ماڻهو سان گڏ بيهڻ چاهي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ محمود غزنويءَ ۽ ان جي ڪاري غلام اياز کي تمثيل طور پيش ڪيو ويو آهي. ڪهڙي ريت اهو ڪارو شخص نماز جي صفن کي ڪراس ڪندو، پهرين صف ۾ وقت جي محمود سان بيهڻ چاهي ٿو ۽ پوءِ هن سان جيڪا حالت ٿئي ٿي. ان کي امر جليل بهتر نموني بيان ڪيو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ شامل ڪجهه سٽن کي هتي شامل ڪجي ٿو:

”برجستي عملدار سندس وارن ۾ مٺ وجهندي پڇيو: ”بڌاءِ. تون ڪير آهين. محمود صاحب سان گڏ بيهي نماز پڙهڻ چو ٿو چاهين؟“

شيدي اُجهامڻ لڳو. هڪ لمحي لاءِ پراسرار روشني سندس اُداس اکين ۾ موٽي آئي. هن ڀڳل ٽٽل لهجي ۾ چيو: ”مان اياز آهيان. مان هڪ ئي صف ۾ بيهي محمود سان گڏ نماز پڙهندس.“ (جليل، 1999: ڊجيٽل)

## زندگي ۽ زهر

امر جليل جي ڪهاڻي ’زندگي ۽ زهر‘ ۾ ان شديد طبقاتي ڪشمش جو ذڪر آهي، جنهن ۾ هڪ غريب ماڻهوءَ وٽ علاج جا پئسا به ناهن. ڪهاڻيءَ جي ڪردار جو ننڍو پاءُ پوليو ۾ ورتل آهن. هن هلڻ ڦرڻ کان لاچار، پر ان کان وڌيڪ لاچار اهو وڏو پاءُ آهي، جيڪو نهايت مسڪيني حالت ۾ زندگي گذاري پيو ۽ وٽ ننڍي پاءُ جي علاج لاءِ پئسا ناهن. ان سڄي ڳنڀير صورتحال کي امر جليل هنن سٽن ۾ قيد ڪري ڇڏيو آهي: ”راجا جي ندي پاءُ کي پوليو آهي. سندس بئي ننڊڙيون پتڪڙيون ٽنگون سڪل آهن. اهو ريهڙيون پائي هلندو آهي. راجا سندس علاج ڪرائڻ لاءِ وسان ڪين گهٽايو آهي، پر هر دفعي ۽ هر هنڌ سندس ڪوششون دولت ڪان شڪست کائينديون آهن. هو ڊاڪٽرن جي في پري نه سگهندو آهي. دوائون خريد ڪري نه سگهندو آهي. راجا کي پنهنجي غربت جو شديد احساس آهي، پر هن ان تي ڪڏهن به ملال نه ڪيو. هو اندر اندر ئي ڪامندو رهندو آهي ۽ سندس ٿهڪن ۾ غم جو پرندڙ جبل جلندو رهندو آهي.“

امر جليل جي ڪهاڻيءَ ’زندگي ۽ زهر‘ پنهنجي نالي جيان رڙيون ڪري ٻڌائي ٿي ته جڏهن سماج ۾ ايتري وٿي ٿي وڃي ته زندگي، زندگي نه پر زهر ٿي ويندي آهي. معاشري جي اڻ برابريءَ واري چلن ۾ امر جليل جي هيءَ ڪهاڻي، ان سڄي نظام کي اگهاڙو ڪري ڇڏي ٿي. جنهن ۾ ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ جو درجو به ناهي ملي سگهيو. (جليل، 1991: ڊجيٽل)

## ساجن منهنجو دوست

امر جليل جي ڪتاب ’جڏهن مان نه هوندس‘ ۾ شامل ڪهاڻي ’ساجن منهنجو دوست‘ ان فڪري لمحي کي عيان ڪرڻ جو قصو آهي. جنهن ۾ ماڻهوءَ جي حالت ڪنهن بيڪار مشين جيان ٿيو وڃي. هو لکي ٿو ته ”انسان مشينون آهن. پگهر سندن ڪلن جو تيل آهي. جڏهن به پگهر سندن عضوي عضوي مان ريلا ڪري وهندو آهي.“ ۽ پوءِ اهي ڪلون هڪ ڏينهن بيڪار ٿي مالڪن جي هٿان ڪنهن ڪنهن گند جي ڍير حوالي ٿيو وڃن.

هن سماج ۾ هڪ مزدوُر جي ڪهڙي حيثيت آهي ۽ وري جڏهن اهو مزدوُر جيل ۾ قيديءَ جي اذيتناڪ زندگي گذاريندو هجي ته ان لاءِ امر جليل جي مطابق ”۽ جڏهن سندن جسم تپي لوهه ٿي ويندا آهن، تڏهن ڪارا ڪارا ٽاڪرو پٿر به قيدين جي چوٽن ۾ چٽجي چور ٿي ويندا آهن. لاڳيتي پهڻ – ڪشي ڪندي، ڪڏهن ڪڏهن ڪو قيدي پنهنجي زبون زندگيءَ کي گار به ڏيئي وٺندو آهي.“

بيشڪ اهڙين حالتن ۾ جڏهن سماج جي وچ ۾ طبقاتي وٿيون گهٽجڻ بجاءِ وڌڻ لڳن ته زندگي گار ئي ٿيو وڃي. نتيجي ۾ امر جليل جهڙا فنڪار جنم وٺندا آهن، جيڪي پنهنجي لفظن جي دم خم تي معاملي جي حساسيت کي نوٽ ڪري عام تائين پهچائن ٿا. (جليل، 1991: بجيٽل)

## 4.4.16. انور پيرزادي جون ڪهاڻيون

### سازش

انور پيرزادي جو شمار سنڌ جي ترقي پسند، روشن خيال ۽ کابي ڌر جي اديبن ۾ ٿئي ٿو. انور پيرزادي شاعريءَ سان گڏ مختصر ڪهاڻيون پڻ لکيون آهن. هن جي ڪهاڻين ۾ دنيا کي تبديل ڪرڻ جا اهڃاڻ موجود آهن. جهڙي ريت هن جي ڪهاڻي ’سازش‘ ۾ ساجن جي صورت ۾ اهو ڪردار، جيڪو طبقاتي جهدوجهد کي ختم ڪرڻ گهري ٿو. ان لاءِ هو صرف ڳالهيون نه ٿو ڪري پر عملي طور جهدوجهد پڻ ڪري ٿو. ساجن هڪ مسڪين والدين جو پٽ آهي. هو پنهنجي محنت سان ايم.اي. انگريزيءَ ۾ ڪري ٿو. نوڪريءَ جي مسلسل ڳولها، مسلسل ناڪاميءَ کانپوءِ هو سمجهي ٿو ته هن ملڪ ۾ انصاف ۽ برابري ختم ٿي چڪيون آهن. ان دؤران هن جي دوستي نويد نالي هڪ همراهه سان ٿي وڃي ٿي. نويد، ساجن جي ابتڙ پراڻن خيالن جو ڌڻي آهي. هن سان اڪثر بحث مباحثو ڪندو رهي ٿو. هڪ پيري ڪاوڙ ۾ ساجن کي چئي ٿو: ”توهان جڏهن ڪان پنهنجي اصليت وساري ويٺا آهيو ۽ پنهنجي تهذيب ۽ تمدن، قومي روايتن کي پٺي ڏئي روسي نظريا اڌارا ورتا اٿوَ تڏهن کان هن قوم جو آئيندو مونکي ڪارو ٿو لڳي. اها واقعي شرم جي ڳالهه آهي.“ ساجن هن جي ڳالهه ٻڌي نهايت ڌيرج سان چئي ٿو: ”اسان سماجي انصاف لاءِ ٿا وڙهون. روس، چين، آمريڪا سان اسان جو ڪو ڪم ڪونهي، پر مونکي تعجب اهو آهي ته جڏهن گذريل چويهن سالن کان ملڪ ۾ آمريڪي نظام هلي رهيو هو تڏهن توهان کي ڪابه شڪايت ڪانه هئي. اهو به ته ڪنهن ڌاريي ملڪ جو نقل آهي.“

هن ڪهاڻيءَ ۾ انور پيرزادي نه فقط ڪمال ڪاريگريءَ سان مارڪسزم جو ڪيس اڳيان رکيو آهي، پر لفظن جي ذريعي ادب جي ذريعي ان جي وڪالت پڻ ڪندو نظر اچي. (پيرزادو، 2019: 54-70)

### جيل جو سماج ۽ ڌاڙيل

انور پيرزادي جي ڪهاڻي ’جيل جو سماج‘ معاشري جي ان پاسي ڏي ڌيان ڌياري ٿو؛ جنهن ۾ جن ماڻهن کي يا جنهن جڳهه کي اسان خراب سمجهندا رهيا آهيون. انور پيرزادي جي بقول ته جڏهن هن سماج م ايتري ناانصافي ۽ طبقاتي اڻ برابري موجود آهي ته ان کان جيل بهتر آهي. هو ان کي جيل جي سماج سان تعبير ڪري ان جون سٺايون ڳڻائي ٿو. سچ ته هيءَ سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ ۾ هڪ نرالي روپ سان لکيل آهي. هڪ الڳ ۽ اڇوتو موضوع جنهن کي پڙهندي نواڻ جو احساس ٿئي ٿو. هو جڏهن جيل جي ڳالهه ڪري ٿو ته انهن قيدين جي ضرور تذڪرو ڪري ٿو، جيڪو سياسي بنيادن تي جيل ۾ اچي ويا آهن. انهن لاءِ لکي ٿو ته ”ڏوهي ان پوليسواريءَ لاءِ به ڪم ڪن ٿا، جيڪي انهن کي هٿڪڙيون هڻي گهلي رهيو آهي. اهي انهن جي جاسوسن جي پگهارن وڌائڻ لاءِ به تڙڦن ٿا، جي هنن کي ڪميونسٽ سزا ۽ اينگهه ڪرائن ٿا. اهي قيدي مون ٻين سپني کان خوش ڏٺا. هنن جي پيشانيءَ مان فخر ڏٺم ۽ انهن وٽ پڇتاءَ ڪونه هو.“

اڳتي ”شايد ان ڪري جو هو تاريخ جي ڌارا کي سمجهن ٿا. ظلم جي فلسفي کي سمجهن ٿا. دولت جي ورهاست کي جاڻن ٿا ۽ انهن کي خبر آهي ته سرمايو ڪٺي ڪرڻ جي ڪري کهڙيون

خرابيون ٿين ٿيون. هنن وٽ اصول آهن، جنهن لاءِ هو وڙهن ٿا ۽ انهن کي خبر آهي ته ظلم جو علاج خون آهي. خون ظلم جي ڪارروائي به آهي ۽ خون ظلم جي ڪارروائيءَ جو خاتمو به آڻي ٿو. مان سوچي رهيو هئس ته پلا ان جنجال ۾ ڇو پيا آهن؟ ۽ هو زندگيءَ جو سؤلو رستو اختيار ڇو نه ٿا ڪن؟"

انور پيرزادي جون ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ چيل اهي سڀ ڳالهيون پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائن ٿيون. اهو پڻ ته جيسين سماج ۾ هڪ جهڙائي قائم نه ٿيندي. طبقاتي نظام جو خاتمو نه ايندو، تيسين ڇڱائي جي اميد نه ٿي ڪري سگهجي. (پيرزادو، 2019: 45-54)

### خدا ۽ سرمايو

انور پيرزادي جي ڪهاڻي خدا ۽ سرمايو' نهايت سادي پلاٽ تي لکيل هڪ بهترين ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ جي ڪردارن ۾ جهڙي ريت هن وڏيري کي وائکو ڪيو آهي. اهو هن جي لکڻيءَ جو ڪمال چئجي. وڏيرو هن جو دوست پڻ آهي. جڏهن هو ان سان ملاقات ڪري ٿو ته هو اسلامي سوشلزم تي ڳالهائي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري پيو ته اسلامي سوشلزم ۾ هڪ برابري آهي. اهي ڳالهيون ڪندي هن جو هڪ هاري اچي سندس سان جهڪي پيرن تي هٿ رکي ملي ٿو. اهو عمل ڏسي ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار، جيڪو پاڻ ضمير متڪلم واحد جي صورت ۾ آهي. وڏيري کي ياد ڏياري ٿو ته اهو خود ناانصافي جو عمل آهي. جڏهن ماڻهو سندس سان جهڪي ملن ٿا. جنهن تي "ڳالهه نٽائي، وڏيرو مونسان شڪار جون ڳالهيون ڪندو رهيو. ٿوري دير ڪانپوءِ اهو هاري پنهنجي جاءِ تان اٿيو، باادب وڏيري کي پيري پئي آهستگيءَ سان بنگلي ٻاهر هليو ويو. مان نظر ڦيرائي ڏٺو ته وڏيري جي بوٽ تي پنجن آڱرين جا نشان هئا.! مان سوچي رهيو هئس ته سرمايو خدا تي حاوي آهي."

ڪهاڻي برابر مختصر آهي، پر انهن مختصر لفظن ۾ جهڙي ريت انور پيرزادي ڪمال ڪاريگريءَ سان تمام وڏي ڳالهه ڪئي آهي. اها پڻ جس لهڻي ٿي. (پيرزادو، 2019: 20-22)

## 4.4.17. آغا سليم جي ڪهاڻي

### ڪِڙندا ڪنڌهار

هيءَ ڪهاڻي، آغا سليم طبقاتي ڪشمڪش جي پس منظر ۾ تحرير ڪئي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ آغا سليم صاحب جا اڪثر ڪردار فرد جي داخلي پيڙاَء واري ڪيفيت ۾ گهارين ٿا، جنهن مان وجودي ڪيفيت جو عڪس جهلڪندي نظر اچي ٿو ۽ ساڳي ئي وقت غربت جي زندگيَء جي احساسن، سماجي اڻبرابري وارو احساس به سامهون ايري اچي ٿو. جنهن ۾ جاگيردار پنهنجي ذات وارن کان سواءِ ٻي ذات ۾ سگ نٽا ڏين، ٻيو سبب سندس غربت جنهن ۾ رئيس ڪيس پنهنجي ٽڪر (ماني) تي پلجڻ جو مهٽو ڏئي ٿو، مطلب ته آغا سليم صاحب فرد جي داخلي ڪيفيت کان وٺي سماجي اڻبرابريَء جهڙا موضوع کي سٺي نموني پيش ڪيو آهي. (هڪڙو، 2019: 34)

## 4.4.18. غلام ربانيءَ جي ڪهاڻي

### اَلا جهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي!

غلام رباني آگري جي مختصر ڪهاڻي 'اَلا جهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي!' ٽماهي 'مهراڻ' ۾ شائع ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ 'ڇٽي خان' نالي هڪ ڳوٺ جو ذڪر آهي. جنهن کي شهر کائي وڃي ٿو. اتان جا ڳوٺاڻا ڪوشش ڪن ٿا ته ڪنهن ريت ڳوٺ کي بچائجي، پر هو نه ٿا بچائي سگهن. سماج ۾ طبقاتي نظام جو ان کان وڌيڪ ڪهڙو مثال ڏجي. جڏهن ڪجهه ماڻهن کي ڪي ماڻهو معاشري ۾

جيئڻ جو حق به ڏيڻ لاءِ تيار ناهن. شهر ڇا وڏيو. ڳوٺ به ان جو ڪاج ٿي ويو. معاشري ۾ اڻ برابريءَ جي ڪهاڻين ۾ غلام رباني آگري جي هيءَ ڪهاڻي، انهن ڏاڍاين تان پردو کڻي ٿي، جنهن ۾ وڏن ماڻهن کي جهوپڙيون ناهن وڻنديون. هن ڪهاڻيءَ جو ڪجهه حصو هيٺ پيش ڪجي ٿو:

"۽ ڳچ ڳچ ڏينهن کان پوءِ...... ڇُٽي خان جي ڳوٺ جي جاءِ تي، ميرانجهڙين جهوپڙين بجاءِ وڏا وڏا بنگلا، املهه محلات ڪر کنيو بيٺا هئا. حاجيءَ جي هَٽَ واري هنڌ تي هاڻي سيٺ "عبدالسلام" جو بنگلو هو، جنهن جي پر ۾ بيٺل مسجد جا منارا چمڪي رهيا هئا. سيٺ عبدالسلام مسجد کي به – ماڻ ڪري، نئين سر ٺهرايو هو." (رباني، 1956: 9)

## 4.1.1.رشيده حجاب جي ڪهاڻي

### سيمينٽ جي پُتلي

رشيده حجاب جي مختصر ڪهاڻي 'سيمينٽ جي پُتلي' سمينٽ جي فيڪٽري ۾ ڪم ڪندڙ انهن مزدوُر مردن ۽ عورتن جون ڪهاڻيون آهن. جن جون زندگيون سمينٽ سان گڏجي پتلن ۽ پتلين جي حيثيت اختيار ڪري ويون آهن. هڪ اهڙي طبقاتي زندگي، جنهن ۾ ماڻهو جڏهن مزدوُر ٿئي ٿو ته هن جي زندگيءَ جا باقي رستا سوڙها ٿي وڃن. هو رومانس به نه ٿو ڪري. بس هو جيئڻ چاهي ٿو پر جي به نه ٿو سگهي.

هن ڪهاڻيءَ ۾ رشيد حجاب جي لکڻيءَ مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هن کي ان اوُکي زندگيءَ جو ڪيترو نه مشاهدو رهيو آهي. ڪهاڻي 'سيمينٽ جي پُتلي' طبقاتي نظام خلاف هڪ چيخ جيان آهي. جنهن کي اڄ به ڪير ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي. (حجاب، 1966: 12)

## 4.4.23. غلام نبي مغل جون ڪهاڻيون

### ڪامريڊ سترهون گريڊ ڏهه هزار چميون

غلام نبي مغل جي مختصر ڪهاڻي 'ڪامريڊ سترهون گريڊ ڏهه هزار چميون' هڪ ڪامريڊ جو ذڪر آهي، جيڪو پنهجي ساٿين کان ذهني اوُسر ۾ مٿاهون ٿي وڃي ٿو. غلام نبي مغل لکيو آهي ته، "مان نڪري ويس. پنهنجي ملڪ جي شهر شهر ۾ ڳوٺ ڳوٺ ۾... وستيون واهڻ سڀ گهمي ڏٺا... پنهنجن همراهن ساڻ، ڪامريڊن سان، مان ڪاليج ۾ پنهنجي ترقي پسند دوستن کان ذهني طور تي ڪجهه مٿي ٿي ويو هئس.. مارڪس، اينگلس، لينن جا نظريا منهنجي رڳن ۾ رچي ويا هئا. مائو ۽ چي گويرا جي جاکوڙي جهدوجهد کي آڏو رکي، مان پنهنجي سيئنرس کي چوندو هئس ته ڪجهه ڪريو. پر منهنجا سيئنر ڪامريڊ چوندا هيا ته اسان جو نظريو سائنٽيفڪ بنيادن تي آهي. انجي ارتقا هڪ اڻ ٽٽندڙ عمل آهي." انهن ڳالهين ۾ اهو ڪامريڊ جيڪو ڪهاڻي ۾ ضمير متڪلم واحد جي صورت ۾ ڳالهائي ٿو "اسان جي اضافي عمل سان ڇو نه ارتقا جي عمل جي رفتار تيز ڪجي. اسان کي پهرين فقط وڏي ۽ جاگيردار جي انسٽيٽيوشن کي ختم ڪرڻ گهرجي ۽ پوءِ اصل پورهيت طبقو ازخد اڀري ايندو." هن جا خيال سماج جي ترقي پسند شخص طور آهن. غلام نبي مغل، انهن خيالن کي واضح انداز سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ايترو پڻ ته ڪهاڻي ۾ مارڪس، اينگلس جو ذڪر اچي ٿو. جتي جتي مارڪس ۽ اينگلس جو ذڪر اچي، ان مان مطلب ان سماج جا ماڻهو تبديلي چاهين ٿا. اها تبديلي، جيڪا صدين کان جاري طبقاتي نظام کي ختم ڪري سگهي. (مغل، 1984: 197-181)

### پهاج

غلام نبي مغل جي ڪهاڻي ’پهاج‘ مارڪسزم حوالي سان هڪ شاندار ۽ واضح ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ سماج ۾ موجود طبقن کي چٽي ريت بيان ڪيو ويو آهي. هو لکي ٿو ته ”شهر ۾ اهي ئي ٻه طبقا آهن. هڪ آهن، جنجا ڪپڙا سکر، حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ سببا ۽ ڌوئبا آهن. ٻيا اهي جن وٽ ڪپڙا آهن ئي ڪو جو اهي سبائي ڌورائي سگهن.“ هن ڪهاڻيءَ ۾ غلام نبي مغل، طبقن جي ڳالهه ڪندي هڪ سرمائيڪار جي سوچن کي پڌرو ڪيو آهي. جنهن ان جي ڳالهه ڪندي لکي ٿو ته ”خير ڳالهه هئي اٿي واري صاحب جي هو صبح کان اٿي جي پرمٽن تي صحي ڪري ٺڪجي ٿنجي ڪري اچي پنهنجي گهر آرامي ٿيو هو. سوچيائين پي ته اڄ مون غريبن کي ايترو اٿو ڏنو آهي، جو منهنجو هٿ صحي ڪندي ڪندي ٺڪجي پيو. اڄ غريب غربا ڏاڍا خوش هوندا. اڄ سندن پيٽ ڀريل هوندو، پر غريبن جي پيٽ ۾ ته دائمي ڪاهي آهي. اهي کوهه آهن، جيڪي ڀرجڻ جا ئي ناهن.“ هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ سرمائيڪار شخص جي سوچ کي ظاهر ڪيو ويو آهي. هو معاشري جي غريبن لاءِ ڪيئن سوچي ٿو؟ ڪهاڻي، پنهجي پلاٽ، ڪردارنگاريءَ ۽ مڪالمن جي لحاظ کان شاندار ڪهاڻي آهي. مغل، 1984: 165-168)

## 4.4.24. مشتاق شوري جي ڪهاڻي

### نينهن سندا ناسور

مشتاق شوري جي ڪهاڻي ’نينهن سندا ناسور‘ هڪ اهڙي نوجوان جي ڪهاڻي آهي، جيڪو بقو، هن جي ”هو ٻين جون چانهيون پيئندو هو ۽ ان جي بدلي کين انقلابي ڳالهيون ٻڌائيندو هو. مِلن ۾ ويندو هو. مزدوُرن کي پڙڪائيندو هو ۽ انهن کي گڏ ڪري انقلابي تقريرون ڪندو هو.“ ان انقلابي تقريرن بحثن مباحثن ۾ ”هڪ پيري هڪ دوست سان جهيڙو ٿي پيس، چي؛ توهان سرمائيدارن جا ڪفن چور آهيو. ذليل چاٻي جا انڌا گهوڙا آهيو. اوهان سرمايي دارن جا پاليل آهيو. ڪجهه ڏيندا آهن، تڏهن انهن جي پاران نعرا هڻندا آهيو. ڪڏهن ڏيڻ بند ڪندا آهن ته کين گاريون ڏيندا آهيو. توهان مفاد پرست آهيو. توهان خدا ۽ رسول کي پنهنجي ايڪسپلوئيشن لاءِ ڪتب آڻيو ٿا. توهان ويسٽيڊ انٽريسٽ (مستقل مفاد) جا عادي آهيو.“ ائين چئي هو ڪاوڙ مان اٿي هليو ته وجي ٿو، پر هن کي ياد اچي ٿو ته جنهن دوست سان هو بحث ڪري وڙهي نڪتو آهي. اهو ئي هو جيڪو هن کي پئسا اڌارا ڏيندو رهيو آهي. هو سوچي ٿو ”انسان جذبات ۾ اچي، الائجي ڇا ڪري ٿو ويهي؟ ان رات کيس ننڊ نه آئي هئي. سوچيائين ته اڻ سهندڙ ڳالهيون ڪري ڇو ڪنهن کي ڏکوئجي.“ هو سوچي ٿو ته ان دوست کان معافي وٺي، پر هڪ ڀيرو وري هن جي انا سندس سامهون اچي بيهي ٿي. هن زندگيءَ ۾ جهڪڻ ڪونه سکيو. اهو ئي سبب هو جو هر ڏينهن هن جو تڪليفن ۽ اهنجن ۾ گذرندو هو.

مشتاق شوري جي هيءَ ڪهاڻي ان نوجوان جي ذهني پيچيدگين ڏانهن اشارو ڪري ٿي، جنهن ۾ سماج ۾ موجود ماڻهو تبديلي ته چاهي ٿو، پر هو وري ذاتي مفادن جي ڪري جهڪي پوي ٿو. جي جهڪي نه به ته پريشان ضرور ٿئي ٿو. هن ڪهاڻيءَ ۾ طبقاتي نظام خلاف جتي ڪاوڙ ۽ تيش موجود آهي. اتي مجبوريون به ڏسي سگهجن ٿيون. پلاٽ جي حوالي سان هن ڪهاڻيءَ کي مشتاق جي شاندار ڪهاڻين ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو. (شورو، 1973: 32-43)

## 4.4.25. ماهتاب محبوب جي ڪهاڻي

### پوري وڇ

ماهتاب محبوب جي ڪهاڻي ’پوري وچ‘ طبقاتي سماج تي لکي آهي. هڪ هاري پنهنجي ننڍڙي پٽ جي خواهش پوري ڪرڻ لاءِ زال جي نٿ وڪرو ڪري هن لاءِ پوري وچ وٺي اچي ٿو. ڳوٺ جي وڏيري کي اها ڳالهه پسند نه ٿي اچي ۽ زبردستي اها وچ جانڻ هاريءَ کان خريد ڪري ٿو. معصوم گلڻ جي پوري وچ سان ڏاڍي دل آهي. اهو صدمي ۾ بيمار ٿي پوي ٿو. پڻهس جانڻ رات جو لڪي وچ واپس ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پر چوريءَ جي الزام ۾ جهلجي پوڻ ڪانپوءِ ٽن سالن لاءِ جيل هليو وڃي ٿو. پويان گلڻ بيماري مان نه ٿو اٿي سگهي ۽ گذاري وڃي ٿو.
هن ڪهاڻي ۾ ماهتاب محبوب اميري ۽ غريبي کي پيٽيندي انسانن سان ٿيندڙ ويساهه گهاتين کي چٽو ڪيو آهي ۽ اها ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته هيءَ دنيا غريبن جي نه پر اميرن لاءِ جڙي آهي. اهو ئي طبقاتي فرق آهي، جنهن ۾ هن سماج اندر مسڪين ماڻهن کي ساهه به نه پيو ڪڻڻ ڏنو وڃي. ان طبقاتي فرق کي ظاهر ڪرڻ ۽ ان خلاف جهدوجهد ڪرڻ جو مٿي بيان ڪيل ڪهاڻين جو هر لفظ ان جهدوجهد جو نالو آهي، جنهن ۾ سنڌي مختصر ڪهاڻي جي ليکڪن پنهنجي سر ڪوششون ڪيون آهن. (محبوب، 1977: 9)

## 4.5. رومانويت

رومانويت هڪ ادبي تحريڪ هئي، جيڪا 18 صدي جي آخر ۾ شروع ٿي، 19 صدي جي وچ ڌاري ختم ٿي، جيتوڻيڪ ان جو اثر اڄ ڏينهن تائين جاري آهي. مشهور نقاد ممتاز مهر مطابق ”رومانوي تحريڪ بابت لکيو ته ”نوس ڪلاسيڪي قدرن ۽ ضابطن جي خلاف رد عمل جديد طرز احساس جي ابتدا هئي. ارڙهين صديءِ جي عقليت پسندي ۽ رائج ڪلاسيڪي ضابطن جي سخت گيريءَ خلاف، انساني جذبن ۽ احساسن جي حق ۾ رد عمل انهيءَ صديءَ ۾ ئي شروع ٿيو.“ (مهر، 1978: 18) مشهور نقاد ممتاز مهر، ان تحريڪ کي ويهين صديءَ جي تائين ڪٽي اچي ٿو. هن جي خيال موجب ”ارڙهين صديءَ کان شروع ٿيل تحريڪ، ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ اُڻويهين صديءَ کان ٿيندو ويهين صديءَ تائين پهتي آهي.“ (مهر، 1978: 18) ارڙهين صديءَ جي شروع ۾ اهو خيال ڪيو ويندو هو ته انسان جي بنيادي خاصيت ان جو عقل ئي آهي. اڳتي هلي ارڙهين صديءَ جي آخر ۾ ان تصور زور پڪڙيو ته ماڻهوءَ جي فطري خصوصيت ان جو احساس ئي آهن. پوءِ جيڪڏهن ڳالهه احساسن جي ئي آهي ته پوءِ آرٽ ۽ ادب ۾ به انهن سان سلهاڙيل ئي ليکبو. ان حوالي سان وربس ورٿ چيو ته ترجمو: ”شاعري احساسن جي تاريخ يا سائنس آهي.“ (https://uh.edu/engines/romanticism/introduction.html) ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ پنهنجي تحقيق ۾ لکي ٿو: ”رومانويت ڇا آهي ان جي باري ۾ اديبن ۽ فلسفين مختلف رايا ڏنا آهن پر گهڻو ڪري سڀ انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته رومانويت انهيءَ داخلي قوت جو نالو آهي، جيڪا نامعلوم کي معلوم ڪرڻ ۽ نئين شيءِ جي تخليق ڪرڻ تي آماده ڪري ٿي.“ (ميمڻ، 2017: ڊجيٽل) هن سچي لقاءَ کي مشهور جرمن پينٽر ڪيسپر ڊيوڊ فريڊرڪ جي هن جملي ۾ سموهجي ٿو ته ”هڪ فنڪار جا احساس ئي قانون هوندا آهن.“ (Lyrical Ballads)

رومانيت جي تحريڪ جون پاڙون جرمنيءَ جي ٻن تحريڪن ’اسٽرم اينڊ ڊرينگ‘ ۾ ڪتل نظر اچن ٿيون. (https://uh.edu/engines/romanticism/introduction.html) جڏهن ته فرينچ انقلاب جا واقعا ۽ نظريا به هن تحريڪ جا ويجها سبب هئا؛ ڇاڪاڻ ته فرانسيسي انقلابين جو هڪ وڏو حصو انهن ماڻهن تي ٻڌل هو، جيڪي فرانس جي ثقافت سان پيار ڪندا هئا.

آمريڪي اسڪالر اي. او. لوجوائي، هڪ پيري مشاهدو ڪندي چيو ته ”لفظ ’رومانٽڪ‘ ڪيترن ئي شين جي معنى ۾ اچي ٿو. بظاهر ان لفظ جو ڪوبه مطلب ناهي. ان لفظ جي حقيقي ۽ ممڪنه معنى ۽ مفهوم جا ڪيترائي قسم ان جي پيچيدگيءَ جي عڪاسي ڪن ٿا. اڳتي هلي ايف.ايل. لوڪاس ’رومانيت‘ جون 11،396 سمجهاڻيون لکيون آهن.“ (https://uh.edu/engines/romanticism/introduction.html) ممتاز مهر لکيو ته ”عام طرح سان چيو ويندو آهي، ته ’رومانيت‘ ادب ۽ زندگيءَ جي فرسوده رسمن جي خلاف بغاوت هئي. انفرادي احساسن ۽ سوچ جي هڪ سوڀ هئي؛ پر رومانيت انهيءَ کان به وڌيڪ هڪ پيچيدو معاملو هو، ڇاڪاڻ ته ’رومانيت‘ جا ايترائي قسم آهن، جيترا روماني فردن جا، پر انهن فردن ۾ ڪي هڪ جهڙيون وصفون هيون، انهن وصفن جي ميلاپ جو ٻيو نالو روماني ذهنيت آهي.“ (مهر، 1978: 18)

رومانيت ڇا آهي؟ جيڪڏهن مٿين تشريحن کي اڳيان رکي اسان ان اصطلاح کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته وڌيڪ سمجهاڻي ڪجهه هن ريت بيهي ٿي:

اصل ۾ رومانويت، ادب ۾ ڪلاسيڪيت ۽ حقيقت نگاريءَ جيان هڪ لاڙو هو؛ جنهن جي هيٺ دنيا پهرين فرينچ ادب بعد ۾ دنيا جي ٻين ادبن ۾ ناول، مختصر ڪهاڻيون، شاعري ۽ ٻيون صنفون تواتر سان لکيون ويون. مثالطور، جيڪڏهن اسان ڪلاسيڪيت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ته جواب نهايت سادو هوندو ته ”ڪلاسيڪيت سماج ۾ موجود انساني حياتيءَ جي سڀني شعبن ۾ جاري اصولن کي ترتيب ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ڪلاسيڪيت جي ذريعي ئي انسان زندگيءَ ۾ موجود جماليات کان فن تائين مختلف شين جي ڄاڻ حاصل ڪئي. نتيجي ۾ انهن محورن کي اڳيان رکي ڪجهه دستور تيار ڪيا. ڪجهه بنيادي خاڪا ترتيب ڏنا، بعد ۾ جيڪو ادب انهن معيارن تي پورو لٿو، ان کي ڪلاسيڪي ادب جي حيثيت حاصل ٿي. اهو هاڻي دنيا ۾ عظيم ادب جي صف ۾ بيٺل آهي.“ (Hamilton, Paul (2016) رومانويت ان جي بلڪل ابتڙ ڪم ڪيو. ٻين لفظن ۾

ڪلاسيڪيت جي خلاف بغاوت جو علم کڙو ڪيو. دنيا ۾ ڪلاسيڪيت جا داعي ڪجهه اصول ۽ سانچا ڏاهي اطمينان سان ويهي رهيا، پر اهو مطمئن هجڻ گهڻي دير ڪم نه آيو. ڇاڪاڻ ته رومانويت ۾ گهڻو زور تخيل، نقطه نظر، فڪر جي آزادي ۽ فطري شين تي رکيو ويو. ان لاءِ چئي سگهجي ٿو ته "رومانويت يقيني طور انقلابي تحريڪ جي حيثيت سان شروع ٿي. رومانويت محض فرار نه هئي، پر بدليل حالتن ۾ ڪائنات جي هڪ ڳولها ۽ نون قدرن جي تلاش هئي. بارزن، هن تصور کي اڏو رکي حقيقت پسندي، نيچرل ازم، سرئيلزم ۽ اظهاريت کي رومانويت جون مختلف شڪليون قرار ڏنو."(Blechman, Max: 1999) رومانويت جي لفظي معنى جاچڻ جي ڪوشش ڪجي ته جواب سادو ۽ سڌو ٿي بيهي ٿو. جيئن لفظ 'رومان' جيڪو اصل 'رومانس' آهي، جو عام مفهوم محبت، پيار ۽ عشق ئي ورتو ويندو آهي. يعني اهي نوجوان جيڪي 'رومان' ۾ اچي پنهنجي زندگين کي داءَ تي لڳائين ٿا. هو مهم جوئي جو شوق رکن ٿا. هنن ۾ وڙهڻ جي صلاحيت آهي. هو خطرن کي سر تي کڻي انهن سان مقابلو ڪرڻ جي سگهه رکن ٿا. اصل ۾ انهن ڪهاڻين ۾ ئي رومانويت داخل هوندي آهي. انهن ڪهاڻين کي رومانوي قصه يا داستان چيو ويو. رومانويت جو ٻيون مفهوم، سونهن سوڀيا، حسن جمال، غير معمولي طور تيار ٿيڻ، شان شوڪت هو. رومانويت جي ٽئين درجي ۾ ماضيءَ سان لاڳاپيل سمورين شين سان خاص قسم جي لڳاءَ جنهن کي پراڻ پسندي پڻ چئي سگهجي ٿو کي پڻ ان اصطلاح سان ياد ڪيو ويندو آهي.

ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ موجب "يورپ ۾ رومانوي تحريڪ جو پس منظر فرانس جو انقلاب هو. 1779ع ۾ هي تاريخ جو سڀ کان وڏو واقعو هو، جنهن پراڻي سياسي نظام، جاگيرداري، ملوڪيت ۽ ڪليسا کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو. هن انقلاب جو عظيم دانشور، جنهن کي فرانس جي انقلاب جو پيغمبر چيو وڃي ٿو، روسو (Rousseau) هو. ادب ۾ رومانوي تحريڪ جو فڪري بنياد به روسو رکيو." (ميمڻ، 2017: ڊجيٽل) روسو جون ڳالهيون ڪي پيچيده يا ڳُنڀير ڪونه هيون. هن هڪ سادو استدلال اختيار ڪيو. روسو موجب "ماڻهو آزاد پيدا ٿيو آهي، پر دنيا ۾ هن جي آزاديءَ کي هر جاءِ تي سلب ڪيو پيو وڃي. نتيجي ۾ هو هر جڳهه تي زنجيرن ۾ جڪڙيل نظر اچي ٿو. روسو، تعليم کي هن ڳالهه سان تعبير ڪيو ته علم حاصل ڪرڻ کانپوءِ ماڻهو ۾ آزاديءَ جو احساس مريو وڃي. ساڳي نموني سان سپيتائون اسان لاءِ انهن رسين مترداف آهن، جيڪي انسان کي ٻڌي سڪ ڪن ٿيون. نتيجي ۾ روسو جي تعليم فطرت جي عين موجب هئي. رسو، تهذيب کي هڪ طرف ڪري فطرت عظيم آهي جو نعرو بلند ڪيو. هن جو خيال هو ته جيڪڏهن انسان کي خوش رهڻو آهي ته هو فطرت جي ويجهو اچي." (Morrow, John (2011)

## 4.5.1.سنڌي ادب ۾ رومانويت

سنڌي ادب ۾ جڏهن رومانويت جي ڳالهه نڪري ٿي ته بقول ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ جي "سنڌو ماٿري ۾ پنج هزار سال اڳ اجتماعي گيتن، ناچ گانن ۽ ماتا ديوي جو تصور، عورت ۽ ڌرتي ڏانهن جذباتي رويو رومانوي آهي. تنهن کان پوءِ ويدن ۾ ديوين ۽ ديوتائن جا تصور جيڪي مابعد الطبعاتي تصور آهي، رومانوي آهن." (ميمڻ، 2017: ڊجيٽل) ڊاڪٽر صاحب سنڌي ادب کي موهن جي سپيتا جي حوالي سان رومانويت جي شروعات سمجهي ٿو. اهڙي ريت سنڌ ۾ سومرن جو شاندار ادبي دؤر آهي. سومرن کان پوءِ سمن، ڪلهوڙن، ٽالپرن جو ديسي حڪومتون آهن. جن ۾ پڻ وقت به وقت رومانويت پروان چڙهندي رهي آهي. مثالطور: سومر جي دؤر جي ڇهن داستانن جي ڳالهه ڪجي، جنهن ۾ پنج عشقيه ۽ هڪ حب الوطنيءَ تي ٻڌل داستان آهن ته انهن ڪهاڻين جي ڪردارن تي نظر وجهڻ کانپوءِ خبر پوي ٿي ته اهي رومانويت جو وڏو استعارو رهيا آهن. سهڻيءَ جو ڪردار هجي يا سسئيءَ جو، مومل هجي يا ليلان، سورٺ هجي يا مارئي؛ انهن سڀني جا داخلي جذبا رومانويت سان ڀرپور نظر اچن ٿا. جهڙي ريت رومانويت جي باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي خيال هو ته "سترهين، ارڙهين ۽ اڻويهين صديءَ جي سنڌ يورپ جيتري آزاد ۽ ترقي يافته نه هئي، جو اُتي تجربيت، تصوريت ۽ رومانيت جي حوالي سان عقلي تحريڪ کي وڏي هٿي ملي، نتيجي ۾ ڊيڪارٽ، ليبنز، برڪلي، لاڪ، ڪانٽ، هيوم ۽

هيگل جهڙا فيلسوف پيدا ٿي سگهن. انهيءَ دؤر جي سنڌ غلامين جي ماريل، سُنبن جي لتاڙيل ۽ اندروني انتشار جي ستايل سنڌ هئي، جنهن جي پاڳ ۾ حسرتون، ڏُک، آزار ۽ ويرانيون ڪجهه سرس آيل هيون. هن ديس جو اهڙو ڪو شهر، ڳوٺ ۽ وستي نه بچي هئي، جيڪا ماضيءَ جي سنڌو سپيتا جي اُتم اُهڃاڻ طور پيش ڪري سگهجي. ظاهر آهي ته اهڙيءَ ڏرتيءَ جي سمورن سورن، اهنجن ۽ تڪليفن جي ڪٿا ڪنهن صاحب عقل جي هٿيان بيان ٿيڻ ممڪن نه هئي، بلڪ ڪن ’اهل دل‘ انسانن جي ضرورت هئي، جيڪي پنهنجي دؤر جي حالتن کي فن جي عظيم حاصلات سان سلهاڙي نه رڳو آسپاس جي ماحول کي بيان ڪري سگهن پر انهيءَ ماحول ۾ رهندڙ انسانن سان هم ڪلام ٿي، سندس ڏُکن ۾ ڀاڱي ڀائيوار بڻجي، کين ڪنهن سُک ڀريل راهه تي آڻڻ جو جتن ڪري سگهن.“ (بلوچ، 1953: 23) ته سنڌ جي ڏس ۾ اهو معاملو رڳو سترهين ارڙهين صديءَ تائين جي دائري ۾ محدود ناهي. ان کي اسان ماضي بعيد ۾ به ڏسي سگهون ٿا. ڊاڪٽر بلوچ هتي ’اهل دل‘ جو استعارو، شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ لاءِ استعمال هيٺ آندو آهي، پر جن ڪردارن کي شاه پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪتب آندو آهي. اهي پڻ ’اهل دل‘ جي معيارن تي پورو لهن ٿا. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته دنيا، رومانويت کي پلي سترهين ارڙهين صديءَ جي هڪ تحريڪ سمجهي، پر اسان وٽ هزارين سالن کان هتان جي اسٿاني ادب ۾ رومانويت هڪ اهم لاڙي طور استعمال ٿيندي رهي آهي.

## 4.5.2. رومانويت سان سلهاڙيل ڪجهه سنڌي مختصر ڪهاڻيون

### 4.5.3. ع. ق. شيخ جون ڪهاڻيون

#### طوفانِ ۽ محبت

عبدالله قادر المعروف ع.ق.شيخ جو شمار سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي پهرين ليکارين ۾ آهي. هن جي ڪهاڻيءَ ۾ مختلف موضوعن سان گڏ رومانويت جا اولڙا به پسي سگهجن ٿا. هن جو ڪتاب ’محبت جي راهه تي‘ سچو محبتن جو داستان معلوم ٿئي ٿو. ان ۾ مختلف ڪهاڻيون، جهڙوڪ: ’طوفان ۽ محبت‘ انهن نازڪ احساسن تي ٻڌل آتم ڪٿا جيان مختصر ڪهاڻي آهي، جنهن جي پڙهڻ سان انسان جي اندر محبت جو سمنڊ چوليون هڻڻ شروع ڪري ٿو. هن جي لفظن ۾ ڪيترو نه جادوئي اثر آهي جو اهي جملا بار بار پڙهڻ تي دل چوي ٿي. مختصر ڪهاڻي ’طوفان محبت‘ مان ڪجهه سٽون هيٺ لکجن ٿيون، جيئن پڙهندڙ پڻ رومانويت مان حظ حاصل ڪري سگهن.

”اوچتو ڪوئل جي ڪوڪو ڪنن پئي. دل ڌڙڪي اٿي. خوشيءَ کان مشڪي ڏنم. مکڙيون به مرڪڻ لڳيون. نچڻ شروع ڪيو تن مان نڪتل خوشبوءِ. اهو ساڳيو باغ هو جتي هڪبئي کي ڏسي پاڻ مشڪندا هئاسين. تنهنجا خاموش اشارا لڪائي پهچائيندا هئا پيغام پريت جا. پر هاڻي.... اڃا به آءٌ انهيءَ اجڙيل باغ ۾ چو ٿو وڃان؟ منهنجو. اکيون ڪنهن جي ڏسڻ لاءِ آتيون آهن؟ تون ته آهين ڪونه! ته پوءِ انتظار ڇا جو؟“ ع. ق. شيخ جهڙي ريت محبتن ۾ انتظارن جو ذڪر ڪيو آهي. اهو هن جي اندر ۾ ويٺل رومان جي ڀرپور نمائندگي ڪري ٿو. ساڳي ريت ع. ق. شيخ جي هڪ ٻي ڪهاڻي ’بهار‘ پڻ ساڳي رومان جي جذبي هيٺ لکي وئي آهي. جنهن ۾ مختصر ڪهاڻي ’طوفان محبت‘ جيان مڪالمن جي معرفت ڀرپور ريت عشق حسن جون ڳالهيون ڪيون ويون آهن. انهن سيني جملن ۾ فطري حسناڪي پڻ ڏسي سگهجي ٿي. جيئن هو لکي ٿو ته، ”آءٌ گهمندي رهيس..... ڦرندي رهيس..... جتي...... ساوا ڇهڇ ميدان، جبل ۽ ماٿريون آهن..... ۽ آءٌ ان پکيئڙي وانگر اڃي رهي آهيان..... جو سچو ڏينهن ٻاهر گذاري، شام جو پنهنجي آکيري ڏانهن موٽي.“ (شيخ، 1998: 116-118)

### تون وساري ڇڏ

عبدالله قادر شيخ جي ڪتاب ’محبت جي راهه تي‘ ۾ شامل مختصر ڪهاڻي ’تون وساري ڇڏ‘ پڻ هن جي ٻهرين ٻن ڪهاڻين جيان محبت سان پرپور اظهار آهي. ويجهو اچڻ، پري ٿيڻ. ياد ڪرڻ، وساري ڇڏڻ... ڇڻ سڀ رومان جا اهم جز ئي هجن. جن جي ڇوڏاري هن جا خيال گهمندي ملن ٿا. ڪهاڻيءَ ۾ پڻ هو پنهنجي محبوبه کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو ته هو ان کي ڪڏهن به وساري نه سگهندو.

”نه! نه! ڪماري...... آءٌ توکي وساري نٿو سگهان.... تون وساري ڇڏ...... مو کي ياد ڪرڻ ڏي..... منهنجو خزانو..... تنهنجي ياد کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪونهي...... آءٌ ان کي نٿو وڃائي سگهان..... نٿو لٽائي سگهان..... اڻ کٽ خزانو...... اهو ئي منهنجو سڀڪجهه آهي.... زندگي ۽ آشا...“ (شيخ، 1998: 151-152)

### انجام شڪني

ع. ق. شيخ جي ڪتاب ’محبت جي راهه تي‘ ۾ شامل مختصر ڪهاڻي ’انجام شڪني‘ پنهنجي نالي جيان اهڙي موضوع تي لکيل آهي. جنهن ۾ عورت طرفان مرد سان محبت جو انجام پاڙڻ بجاءِ ان کي ٽوڙيو وڃي ٿو. حميد ۽ جميلا جي ٻن ڪردارن وچ ۾ جڙيل ڪهاڻي، انهن بيوفاين جو قصو آهي. جنهن ۾ جنهن سان بيوفائي ٿئي ٿي، اهو چريو ٿي وڃي ٿو. جيڪو بيوفائي ڪري ٿو. اهو مري وڃي.

جميلا، حميد جي شاديءَ رات هن کي اهو چئي شاديءَ ۽ گهر کان فرار ڪرائي ٿي ته هوءَ هن کان سواءِ مري ويندي. حميد جو گهر کان ڀڄي وڃڻ ۽ سالن ڪانپوءِ جڏهن هو گهر موٽي ٿو ته هن جي حالت اها ڏسي غير ٿي وئي ته جميلا شادي ڪري ڇڏي آهي. هو ڳوٺ جي گهٽين ۾ چريو ٿي گهمي ٿو. ڪجهه وقت ۾ جميلا به مريو وڃي. ڪهاڻيءَ جي آخري منظرن ۾ ”حميد، پنهنجي ضعيف ۽ زرد آگرين کي قبر تي ڦيرائيندي چيو... ”محبت جي واسطي عام طرح هر ڪو ائين چوندو آهي ته انهيءَ جي ابتدا هميشه مرد جي طرفان ٿيندي آهي. فطرت عورت کي شرم ۽ حيا جو پتلو بنايو آهي. ها آءٌ خود به انهيءَ جو قائل هوس. مگر جڏهين کان جميله جي محبت ۾ گرفتار ٿيس يا جڏهين هن جي فريب نظر جي دام ۾ ڦاٿس، منهنجي نظر هن معاملي ۾ ساري دنيا کان مختلف ٿي ويو.“

خيال جو مختلف ٿيڻ پڻ هر انسان جو فطري رويو آهي. هر ماڻهو پنهنجي عينڪ سان هن دنيا کي ڏسي ٿو، پر سڀ کان طاقتور ۽ سگهاري عينڪ محبت جي ئي آهي. اهي يقينن رومانوي ڪيفيتون آهن. جن ۾ ماڻهو پاڻ کي هڪ ٻي دنيا جون رهاڪو سمجهي ٿو. ع. ق. شيخ جي ڪهاڻين ۾ پڻ اهڙو تاثر ملي ٿو. (شيخ، 1998: 122-133)

## 4.1.1. سندري اتم چنداڻيءَ جي ڪهاڻي

### ڪارو گهوٽ

هند سنڌ جي برک ليکڪا بهترين ڪهاڻيڪار سندري اتمچنداڻيءَ جي ڪتاب ’وڇوڙو‘ ۾ شامل ڪهاڻي ’ڪارو گهوٽ‘ نج انساني احساسن، خاص ڪري عورتن جي نفسيات تي ٻڌل هڪ هڪ شاندار ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ عورتن جي اندر ۾ لڪل رومان کي به ڏسي سگهجي ٿو.

هڪ نوجوان ڇوڪري جيڪا سالن کان شاديءَ لاءِ راضي ڪونه ٿي ٿئي. هو بظاهر ڪاري رنگ کان نفرت ڪري ٿي، پر جڏهن ڪاري رنگ جو مرد هن جو مڙس ٿئي ٿو، حالانڪه روشن خيالي ايتري آهي جو هن جو پاءُ آخر ۾ ايترو به چئي ٿو ته جيڪڏهن توکي هي ڪارو گهوٽ پسند ناهي ته هي وقت به ناهي ويو تون ان معاملي تان هٿ کڻي سگهين ٿي، پر هوءَ ائين نه ٿي ڪري. ڇاڪاڻ ته فطري طور مرد ۽ عورت جو رشتو، انهن سڀني شين کان بالاتر هوندو آهي. عورت جي احساسن جو ڪوبه رنگ ناهي هوندو. اهو ئي سبب جو ڪهاڻيءَ جي ڪردار ڇوڪري، جنهن جو نالو شاملي آهي. ڪي اندر ۾ هڪ خوشگوار حيرت ٿي رهي آهي. ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ سندري اتمچنداڻي ان نفيس رومان سان ڀريل خيالن کي هنن سٽن سان ظاهر ڪيو آهي، "اندر ۾ ويٺي کل کل ڪندي منهنجي من جي رو پوئتي شاملي، الائجي ڪهڙو جهر جهنگ پٽڪي رهي هئي. نديءَ ڪناري ويهي پنهنجا پير پاڻي ۾ لوڏائي لوڏائي ڇنڊا اڇلي چئي رهي هئي." اها ئي ڪيفيت هئي، جنهن ۾ هوءَ پاڻ کان ئي سوال ڪري ٿي، پر ان سوال ۾ هاڻي تلخي شامل ناهي. "آخر ٻڌجين وئين نه ڪاري گهوٽ جي ڪنوار؟" (اتمچنداڻي، 1985: 45)

## 4.5.4. شيخ اياز جون ڪهاڻيون

### نوران

شيخ اياز جي مختصر ڪهاڻي 'نوران' هن جي ڪتاب 'جي تند برابر توريان' ۾ موجود آهي. ڪهاڻيءَ ۾ جهڙي ريت شيخ اياز رومانوي احساس اُڻيا، سچ ته ڪمال آهن. ڪهڙي ريت هو رضيه سان محبت ڪري ۽ ان ۾ وري محبت جي توجيهه ته اها فقط هڪ ڪشش هئي. انهن ڪشش جي ڏهاڙن ۾ رضيه جي ماءُ جو عزيز ڏانهن اينگو رويو ۽ وري جڏهن عزيز نوڪريءَ سانگي ڪراچي هليو وڃي ٿو ته ان جون ڳالهيون ڪرڻ. ان وچ ۾ رضيه جي اسلم سان شادي، پر نوران جو مسلسل عزيز کي ياد ڪرڻ. اهي ايترا ته گهرا رومانوي احساس آهن، جن کي پڙهي پڪ ٿي وڃي ٿي ته شيخ اياز جو درجو انهن عالمي ڪهاڻيڪارن منجهه آهي، جن جي دنيا ۾ سڃاڻپ ڪهاڻي ئي ٻڌجي وئي. جڏهن ته شيخ ايازَ شاعريءَ جي چونڊ ڪئي. ان هوندي به هن جو رومان لکڻ نهايت ڪمال آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ اهو سڀ ڪجهه ڏسي سگهجي ٿو. ڪهاڻيءَ جي آخر جون سٽون به شاندار آهن، جن ۾ عزيز، خد ڪلامي ڪندي چئي ٿو ته "رضيه هن جي زال نه ٿي سگهي، پر نوران هن جي سس ضرور آهي." هن ڪهاڻيءَ جو هڪ منظر هتي اتارجي ٿو. جنهن مان پڻ ڪهاڻيءَ جي شاندار هجڻ جي ڄاڻ ملي ٿي.

"هن ڇوڏاري نظر ڦيرائي ته ڪيس به ڪرسيون ۽ ميز نظر نه آئي. ٻه سال اڳ اهي پٽ جي اوٽ ۾ رکيو هونديون، جتي هو ۽ رضيه هڪ ٻئي جي ۾آمهون سامهون ويهي ڳالهيون ڪندا هئا. ڳالهيون جن جي معنى نه مطلب، اڳياڙي نه پڇاڙي. مکڻ، ماکي ۽ مصريءَ کان مٺيون ڳالهيون جن ۾ پل پهر اڏامندا ويندا هئا. جن ۾ ٻنهي جي زندگي رلندي ملندي ويندي هئي ۽ هو، ائين پائيندا هئا ته ان ميز جا به پاسا هئا. هڪ ٻئي جي ويجهو ۽ هڪ ٻئي کان دور به. "امي!" عزيز، نوران کي سڏيو. "امي، هتان ميز ۽ ڪرسيون ڇو کنيون اٿئي؟" "ابا! جڏهن ويهڻ وارا ئي ويا هليا ته اهي ڪرسيون رکي ڇا ڪندس." نوران جواب ڏنو." (شيخ، 1998: 81-86)

### رولو

شيخ اياز جي مختصر ڪهاڻي 'رولو' سچ ته محبتن جو تفسير آهي. رومان جي انتها. محبت ڪيئن ڪبي آهي؟ ان سوال جو جواب نه ڏئي سگهجي. البت، محبت ۽ رومان ڪيئن لکبو آهي، اهو ڪير شيخ اياز کان سکي. رومان جي جذبن سان ڀرپور ڪهاڻي جنهن ۾ هڪ محبت ڪندڙ جڏهن ان عورت کي ڏسي سوچي ته هن هوءَ هن جي صدين کان واقف آهي ۽ سندس خيال ان ڏانهن مرڪوز ٿي وڃن ٿا؛ "رياض ڪيس ڀهريون پيرو ڪلفٽن تي ڏٺو هو. سندس وار هوا ۾ ٿي لهرايا.

۽ هوءَ هڪ جل پريءَ جيان چولين ۾ اڏامندي ٿي وئي.
سندس فراڪ آلو ٿي سندس ڇاتيءَ سان چهٽي پيو هو.
ان مان په ڇهنب وارا ڪوڏ ڇڻ سمنڊ ۾ ٽپي ڏيڻ لاءِ آتا نظر ٿي آيا.“

انهن ڪمال لفظن ڪانپوءِ شيخ اياز اڳتي لکي ٿو ته ”ڦڪيري ڪاري رنگ جا تارا ڪڏهن ڪڏهن رياض تي ڪپي ٿي ويا. ۽ پوءِ سمنڊ جي اٿاهه لهرن ۾ گجيءَ ڏانهن ڦري ٿي ويا. هر هر هن پنهنجي سونهري وارن کي هٿ ڦيري سيٺ ٿي ٿاهي. رياض ڏٺو ته هن جا وار ڪجهه سونهري ڪجهه اڇا هئا، پر پريان غضب جي ڪشش ٿي ڪيائون.“

هڪ عاشق کي پنهنجو محبوب ڏسي ڇا ياد اچن گهرجي. رومانوي ڪسوٽيءَ تي هي سٽون ڪيڏيون نه ڳوريون ۽ جاندار نظر اچن ٿيون. ”هن کي سمنڊ تي پوئين پهر جي ڦڪي چانډوڪي ياد آئي ۽ جا ڪيفيت هن جي دل تي ان وقت ڇائنجي وئي هئي. سا هنئير به پنهنجو رنگ ڇمائي رهي هئي.“

آخر ۾ اهو شخص پاڻ کان سوال ڪري ٿو. ”هو ڪير مان ڪير رياض دل ۾ چيو ڪو ته سبب آهي جو به اجنبي هڪ ٻئي کي ڏسي ڇڻ صدين جي گهري واقفيت محسوس ڪن ٿا. ايتريون ڇوڪريون ڇڏي جو مان هن جي پٺيان آيو آهيان، آخر ڇو ڪو سبب آهي؟ هن جو نماڻو اداس حسن ايتري ڪشش ٿو ڪري!“

شيخ اياز جي هن مختصر ڪهاڻيءَ ۾ محبت کي سپني رنگن سان معمور ڪيو ويو آهي. رومان جو هڪ سهڻو انداز جنهن کي ڏسي دل مان ’واه واه‘ جا لفظ ادا ٿين ٿا. سچ ته شيخ جي اياز جي ڪهاڻي ’رولو‘ محبتن جو هڪ اعلى استعارو آهي. جنهن کي رومانيت جي حوالي سان شاهپاري سان تشبيهه ڏئي سگهجي ٿي. ((شيخ، 1998: 121- 126)

## .4.5.5 اياز قادريءَ جي ڪهاڻي

### بي شرم

اياز قادري جو نالو سنڌي ادب ۾ جتي تحقيق جي حوالي سان نرالو آهي. اتي هن جون تخليقون، خاص ڪري سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ وڏو نانءُ آهن. هن جي ڪهاڻي ’بلو دادا‘ بين الاقوامي سطح تي شهرت حاصل ڪئي. انهيءَ ڪهاڻيءَ جي نالي سان اياز قادريءَ جو ڪتاب پڻ موجود آهي. مختصر ڪهاڻين جي ڪتاب ’بلو داد‘ ۾ هڪ ڪهاڻي ’بي شرم‘ انسانن، خاص ڪري عورتن جي نفيس جذبن جي ترجمان لڳي. جنهن ۾ عورت جي رومانس جا مختلف پاسا ڏسي سگهجن. ڪهاڻيءَ ۾ ان جو مرڪزي ڪردار ضمير متڪلم واحد جي صورت ۾ هڪ اهڙي ڇوڪريءَ جي محبت ۾ گرفتار ٿئي ٿو. جنهن جي نظر ۾ هو بي شرم آهي. بعد ۾ خبر پوي ٿي ته ان بي شرم همراهه ڇوڪريءَ جي خاندانن جو پاڻ ۾ پراڻو رشتو آهي. ان رشتي جي بنياد تي هنن جي مڱي مائٽي طئي ٿئي ٿي.

اڳي ساڳيو همراهه جنهن کي ڪاوڙ ۾ ڇوڪريءَ ڪيترائي ڀيرا بي شرم چيو هو، جڏهن مڙس جي صورت ۾ سندس سامهون ٿئي ٿو ته اهو هڪ عجيب منظر آهي. جنهن کي پاڻ هتي جيئن جو تيئن ڪاپي ڪريون ٿا: ”شاديءَ جي ڪمري ۾ گلابي سيج مٿان، گلابي وڳي ۾ گهونگهٽ ڪيو ويٺو هئي. مون اچا ڪمري ۾ قدم رکيو ته گهونگهٽ وٺي سرڪايائين، جيئن آءُ سيج ڏانهن وڌندو ويس، تيئن وئي گهونگهٽ کي سرڪائيندي. جيستائين آءُ سيج وٽ پهتس تيستائين ايترو پاڻ کي ڍڪي ڇڏيائين جو پتو نه ٿي پيو ته عورت آهي يا ڳنڙي. مون کلندي چيو، ”حسن گهونگهٽ کان ٻاهر سهڻو ٿو لڳي. ائين چئي يڪدم ڪٽي سندس گهونگهٽ مٿي ڪيم. اکين کي شرم کان ڍڪيندي چپن ۾ ڪجهه پڙڪي.“

اياز قادريءَ پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ مرد ۽ عورت جي رومانس کي عجيب انداز سان بيان ڪيو آهي. ڪهڙي ريت اها ڇوڪري، هڪ مرد کان پڇي ٿي. وري ساڳي همراهه سان هن جي شادي ٿيو وڃي. اهو سڀ ڪجهه رومانويت جي ضمري ۾ اچي ٿو. جيڪڏهن رومان جي سهي معنى ۾

تشريح ڪجي ته ان جا ٻئي ئي ڪردار هوندا آهن. هڪ مرد ٻي عورت. هن ڪهاڻيءَ ۾ انهن نفيس جذبن کي سهڻي انداز سان پيش ڪيو ويو آهي. (قادري، 1977: ڊجيٽل ايڊيشن)

## 4.1.1.نسيم کرل جي ڪهاڻي

### استاد ۽ شاگرد

”نسيم کرل جي موت جي حوالي سان عبدالقادر جوڻيجي چيو هو، ’سنڌي ڪهاڻيءَ کي گولي لڳي وئي آهي!‘“ (سنڌي، 2015: ڊيجيٽل) اها ڳالهه ساڪن ڪان ورجائبي پئي اچي. هڪ حوالي سان ڏٺو وڃي ته ان ڳالهه ۾ ڪوبه وڌاءُ ناهي. ڇاڪاڻ ته نسيم کرل، بي شڪ سنڌي ڪهاڻيءَ جو امام هو. هن جي ڪهاڻين ۾ حقيقتون ۽ سچايون هر سٽ ۾ ڏسي سگهجن ٿيون. ڪتاب ’نسيم کرل جون ڪهاڻيون‘ ۾ هن جي ڪهاڻي ’استاد ۽ شاگرد‘ زندگيءَ جي هڪ اهڙي سچائي ڏانهن ڌيان ڏياري ٿي، جيڪا ڀلي اسان کي پسند نه هجي، پر پنهنجي جاءِ تي حقيقت آهي... ۽ حقيقت اها پڻ آهي ته ماڻهوءَ رومان جو ٿهيل آهي. هن کي هر حالت ۾ محبتون درڪار آهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ چاهيندڙ جو احوال آهي، جيڪو پنهنجي پريميڪا کي ان جي ننڍڙي ڀاءُ جي هٿان پريم پتر موڪلي ٿو. ان سڄي منظر کي نسيم کرل هنن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي ته ”ننڍڙي قاصد خط پنهنجي ڀيڻ کي پهچايو. سندس ڀيڻ خوشيءَ ۾ ائين ڪر موڙيا، ڄڻ هوءَ لوڪ ڪهاڻين جي انهن شهزادين مان هڪ هئي، جي سالن کان لوهي ڪوٺن ۾ قابو ستل هونديون آهن ۽ ڪنهن بهادر شهزادي جو انتظار ڪنديون آهن، جو اهو طلسم ٽوڙي ان گهري ننڊ مان جاڳائي کين پنهنجو ڪندو آهي.“ انهن سٽن مان انهن انساني ڪيفيتن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اهو پڻ ته ماڻهوءَ جي جبلت ۾ رومانويت پري پئي آهي. اڳتي هلي جڏهن اهو ننڍڙو قاصد وڏو ٿئي ٿو ته پاڻ به ساڳيو ڪم ڪري ٿو. يعني ڪنهن ٻئي ننڍي ٻار جي معرفت پنهنجي محبوبه کي خط موڪلي ٿو. اهڙي طرح محبتن جا اها سلسلا جاري رهندا پيا. اچن. هڪ نظر سان ڏٺو وڃي ته جديد دؤر ۾ ڀلي خطن جو رواج نه هجي. ان جي جاءَ تي ٻيا ذريعا اچي ويا هجن، پر اجا تائين ماڻهن جون محبتون، انهن جو رومان گهٽ نه ٿيو آهي. استادي ۽ شاگرديءَ جو اهو سلسلو به هلي پيو.

## 4.5.5.1.جمال رند جي ڪهاڻي

### مائٽ بچو

’تماهي مهراڻ‘ ۾ شائع ٿيل جمال رند جي ڪهاڻي ’مائٽ بچو‘ ڇا ته ڪمال جي ڪهاڻي آهي. ايتري فطري جو پڙهي، ڪافي گهڙيون ماڻهو انهن منظرن ۾ گم ٿيو وڃي. هي ڪهاڻي، ان دوريش بچوءَ نالي همراهه جي آهي، جيڪو حسن تي فدا ٿي ويو. ڪهاڻيءَ ۾ جمال رند، پڙهندڙن کي اها ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته چاهي ماڻهو ڪيترو به ابوجهه ڇو نه هجي. پر جهڙي ريت هن کي مانيءَ جي ضرورت هوندي آهي. هن کي پيار به ائين گهرجي ٿو. ان جذبي جو نالو رومان آهي. رومانويت جي حوالي سان هن ڪهاڻيءَ جي جيتري تعريف ڪجي گهٽ ٿيندي.

جمال رند جي مختصر ڪهاڻي ’مائٽ بچو‘ ۾ مرڪزي ڪردار پڻ بچو نالي همراهه جو ئي آهي. جيڪو محبتن جي نالي تي دوکا کائي چريو ٿي وڃي ٿو. ”هڪ ڏينهن مامي سنجيده ٿي چيس: ”مائٽ، شادي ڪرايانءِ؟“ مون ڏٺو ته هن جون ننڍڙيون ننڍڙيون اکيون، ننڍڙي ٻار جيان ٻاڻيءَ سان ڀرجي آيون، ۽ چيائين: ”تون منهنجو بابو آهين تون مون کي نه ستاءِ نه. منهنجي ته شادي ٿيل آهي!“

اوڀر جي سماج ۾ هڪ ئي وقت گهڻيون محبتون ڄڻ ڪفر ٿيو پون. ’هڪ سان ياري‘ هڪ سان جيءَ جڙڻ ئي محبت جو معراج هوندو آهي. بچو به ان ڇوڪريءَ تي فدا آهي. جنهن جي نالي سان هن سان دوکو ڪيو ويو، پر محبتن ۾ اهي دوکا، ڪڏهن به هڪ سچي عاشق کي پنهنجي محبوب جي طرفان باغي ناهن ڪندا. ان ڪري ته بچو به وفادار آهي. ”آءٌ وائڙو ٿي ويس. هن کي

پنهنجي پيار جو ايڏو احساس ۽ وفاداري! جنهن انسان کي پيار ۽ محبت جو احساس هجي، جو انسان محبت جو پڄاري هجي ۽ ان ۾ حد درجي جي وفاداري به هجي، ان کي ڪير چريو چئي سگهي ٿو؟ مون خيالن ئي خيالن ۾ بچوءَ کي پاڪر پاتو، ۽ سندس اکين تان ڳوڙها اگهيم.“ سچ ته سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ جڏهن به رومان جو ذڪر ٿيندو ته هيءَ ڪهاڻي سدائين ياد رهندي. (مهراڻ: 1963: 32)

### 4.5.6.امر جليل جون ڪهاڻيون

امر جليل جون ڪهاڻيون، جتي ترقي پسندي، روشن خيالي، وطن دوستي، انسان دوستي، تاريخ جي ڇاڻ، نفسيات سان پرپور آهن. اتي هن جي ڪهاڻين ۾ رومانويت جو عنصر به نمايان نظر اچي ٿو. هن جون ڪهاڻيون، محبتن جا اهڙا قصا آهن. جن ۾ وصل ۽ فراق جي چوڏاري وقت به رڪجندي محسوس ٿئي ٿو. تحقيق جي حصي ’سنڌي ڪهاڻين ۾ رومانويت‘ ۾ هن جي ڪتاب ’امرجليل جي سنڌو‘ جون ڪجهه ڪهاڻيون شامل ڪجن ٿيون، جن ۾ رومانوي احساسن کي ڏسي سگهجي ٿو:

#### تمنائن جي رڃ

هن ڪهاڻيءَ جي شروعات ۾ ئي امر جليل، پنهنجي محبت کي هنن لفظن سان پيٽا ڏني آهي. ”تون منهنجن ڪهاڻين جو مرڪزي ڪردار رهي آهين.“ چيم، ”مون فقط تنهنجون ڪهاڻيون لکيون آهن.“

امر جليل جي هن ڪهاڻيءَ ۾ هر لفظ ۾ رومانس نظر اچي ٿو. هو لکي ٿو ته ”هيءَ پهرين ملاقات ڪٿي آهي! اسين ازل کان ملندا رهيا آهيون. ملي وڇڙندا رهيا آهيون. هن هر دفعي مون کي ساريو آهي، مون هميشه کيس ياد رکيو آهي.“ امر جليل جي ڪهاڻين جي بابت نقادن وٽ سدائين هڪ اعتراض رهيو آهي ته هن جون ڪهاڻيون پلاٽ کان خالي هونديون آهن. ڪجهه گهڙين لاءِ ان اعتراض کي قبول به ڪجي، پر جڏهن هن جي سگهارن مڪالمن کي ڏسجي ٿو ته ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هن جي ڪهاڻين ۾ موجود جاندار مڪالمه ان کوٽ کي ڪافي حد تائين پورو ڪن ٿا. ان ڪري دل وارن وٽ سدائين امر جليل هڪ باڪمال ڪهاڻيڪار طور سڃاتو وڃي ٿو. (جليل، 2012: ڊجيٽل)

#### سنڌي ادب جا بروٽس

امر جليل جي هڪ ٻي ڪهاڻي ’سنڌي ادب جا بروٽس‘ به ڪمال رومان سان لکيل آهي. هن جا جاندار مڪالمه پڙهي گمان ٿئي ٿو ته ڪردار اسان جي سامهون ئي ڳالهاين پيا. ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار سنڌوءَ نالي ڇوڪري چئي ٿي: ”تون منهنجي باري ۾ ڇو لکندو آهين؟“ جواب ۾ ٻئي مرڪزي ڪردار، جيڪو ضمير متڪلم واحد جي صورت ۾ ڳالهائي ٿو.: ”فقط مان ڏوهي ناهيان.“ وراڻيم، ”دنيا جو هر هڪ ليکڪ ۽ هر ڪو شاعر پنهنجي ڪنهن نه ڪنهن سنڌوءَ لاءِ لکندو آهي.“ ٻنهي پريم ڪندڙن ڪردارن جي وچ تي اڳتي گفتگو ٿئي ٿي: ”ڪتاب جو ڇا ٿيندو؟“

”پنجاب يونيورسٽيءَ کان گهرائي وٺنداسين.“

”نه، مونکي هينئر گهرجي.“

”ته پوءِ هل ته ڪنهن لائبريري مان چورايون.“

”تون ڳالھ ٺارڻ جو استاد آهين.“

شاندار ۽ جاندار ڊائلاگن سان پرپور امر جليل جي ڪهاڻي، انساني جذبن کي جڻ پروان چاڙهڻ ۾ محو هجي. اها ڳالهه هر لفظ مان محسوس ٿئي ٿي. (جليل، 2012: ڊجيٽل)

#### احساس جو صليب

امر جليل جي ڪتاب ’امرجليل جي سنڌو‘ ۾ موجود هڪ ٻي ڪهاڻي ’احساس جو صليب‘ پنهنجي نالي جيان، اهڙن احساسن تي مبني آهي. جنهن جي هر لفظ ۾ رومانويت پڙڪو ڪائي نڪرندي محسوس ٿئي ٿي. ”مان احساس جو صليب پنهنجن ڪلهن تي کڻي، اگهاڙين پيرين پٿر ۽ ڇُن جي زمين تي هلندو رهندو آهيان.“ وراڻيم، ”ٿڪبو آهيان ته اوندهه ۾ سانت جي غفائن ۾ صليب کوڙي، پاڻ کي مٿس لٽڪائي ڪجهه دير ساهه پٽي وٺندو آهيان.“ ڪيڏو نه احساس آهي. انهن لفظن ۾ ائين پيو محسوس ٿئي ته اهو سڀ ڪجهه جيڪو پڙهي پيو، ان مٿان گذرندو هجي. اڳتي هلي جڏهن رومانويت سان ڀرپور سوال ٿئي ٿو ته ”تو واعدو ڪيو هو ته مايوس نه ٿيندين!“ جواب نهايت ڪمال جو آهي. جنهن ۾ هو چئي ٿو: ”مان مايوس ناهيان سنڌو.“ چيم، ”مان احساس جي صليب سان ٻڌجي ويو آهيان. هڪ فرد جي حيثيت ۾ مان اندر ئي اندر ڪڇيءَ مٽي جي مقبرن وانگر ڀڃان ٿو، ڀران ٿو.“ اهڙن لفظن ۾ پيار جو نفيس احساس هوائن ۾ خوشبوئن جيان پيو محسوس ٿئي. (جليل، 2012: ڊجيٽل)

## وجود جا ويري

امر جليل جي ڪهاڻي ’وجود جا ويري‘ پڻ رومانويت سان ڀرپور انهن رنگين احساسن تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ هن پٽ ڌڻيءَ کي ڇڻ محبت جي شاهد طور پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

’ڏونگر مون نه ڏکوءِ، آءُ اڳ ڏکوئي آهيان
ساريان ڪون سکوءِ، سور گهٽيئي سنيران.‘

ڪهاڻيءَ جي سورمي سنڌوءَ جي زباني لطيف جو بيت ٻڌي هو وراڻي ٿو: ”مون ڏکن، ڏونگرن جي باري ۾ سنڌوءَ سان نه ڳالهايو، مون چپن ۾ چيو.“

’جبل ماري جک، جو آڏو آريچن کي
توڻي لکن لک، سڀ لنگهينديس سڪ سين.‘

مان سمجهان ٿو، سنڌوءَ پٽ ڌڻيءَ جو بيت ٻڌي ورتو. بيت جو مفهوم سمجهي ورتو. هن ڪنڌ کڻي مون ڏانهن ڏٺو هو.“

ڪهاڻيءَ ۾ اهي لفظن، جيڪي انسان جي اندر جي ترجماني ڪن، ڪيترا نه ٺهڪي بيهن ٿا. امر جليل کان وڌيڪ ڀلا ڪير ڇاڻي سگهندو هوندو.

## مون کان پڇن ٿا ته هوءَ ڪير آهي

ڪتاب ’امرجليل جي سنڌو‘ ۾ امر جليل جي هڪ ٻي ڪهاڻي ’مون کان پڇن ٿا ته هوءَ ڪير آهي.‘ موجود آهي. ان سڄي ڪهاڻيءَ جي جواب ۾ امر جليل جا لفظ سون ۾ تورڻ جهڙا آهن. هنن لفظن مان نه صرف عام رواجي پيار جو احساس ابڙڪا ڏئي ظاهر ٿئي ٿو، پر ڌرتي، وطن سان رومان جو جذبو پڻ ڪارفرما آهي. هو جواب ۾ چئي ٿو: ”مان ئي آهيان، جنهن کي خبر آهي ته اروڙ جي قلعي ٻاهران ان وڄ جهڙي تلوار سان وڙهندي جنهن ڌرتيءَ کي زندگيءَ جو دان ڏنو هو، سا سنڌو هئي. هوءَ به سنڌو هئي، جنهن علاءُالدين خلجيءَ جي خونخوار فوجن جا پاسا ڪيري ڇڏيا هئا. هوءَ به سنڌو هئي، جنهن هيمو ڪالاڻيءَ کي شهادت کان ٿي ڏينهن اڳ سنڌ جي مقدس مٽيءَ جو تلڪ ڏنو هو.“ جواب ٻڌي ڪهاڻيءَ جي سورمي جي اکين ۾ لڙڪ اچيو وڃن. جنهن تي امر جليل لکي ٿو“ مان سنڌوءَ جي باري ۾ فقط لکي سگهان ٿو، ٻڌائي نٿو سگهان.“

”سنڌو ازل کان آهي. سنڌو حياتي مماتيءَ کان آزاد آهي. گناهن، ثوابن، گلائن کان اڳتي جتي ڪائي ڪلفت نه آهي اُتي هوءَ آهي جتي مان نه آهيان، اُتي هوءَ آهي. مون کان تڏهن به پڇن ٿا ته هوءَ ڪير آهي!“

امر جليل جي اهڙن شاندار ڪهاڻين مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته رومانويت جي حوالي سان سنڌي مختصر ڪهاڻي ڪيتري نه سگهاري آهي. (جليل، 2012: ڊجيٽل

## 4.5.6.     ثميره زرين جي ڪھاڻي

### وڏيري

ڪتاب ’مهراڻ جون چونڊ ڪهاڻيون‘ ۾ ثمره زرين جي ڪهاڻي ’وڏيري‘ ان عورت جي ڪهاڻي آهي، جيڪا محبتن ۾ واقعي به وڏيري آهي. نازي، جيڪا نه نازن سان پلي نه ڪڏهن سک جا ڏينهن ڏٺائين. هن جي ملاقات جڏهن خميسي سان ٿئي ٿي ته رومانس جي عجيب خمارن ۾ داخل ٿي وڃي ٿي. ثميره زرين لکي ٿي: هوءَ جڏهن ڪم ڪري ٿڪجي پوندي هئي، تڏهن خميسي سان ويهي اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪندي هئي. سندس سارو ٿڪ اڏامي ويندو هو.“

خميسي ۽ نازي جو معاشقو، جنهن سهڻي صورت ۾ ڪهاڻيڪاره چٽيو آهي. سو سچ ته هن جي لکڻين جو ڪمال محسوس ٿئي ٿو. خميسو ڇا هو؟ ان لاءِ لکي ٿي ته شڪل جو اهڙو هو، جنهن کي رات جو ڪو ٻار به ڏسي ته هوند ڊڄي وڃي. نازي آهستي آهستي سندس زندگيءَ ۾ ائين سمائجي ويئي، جيئن ننڍ ٿڪل انسان جي پلڪن ۾ اچي ان جي آرام جو باعث بڻبي آهي.“

ڪهاڻيءَ ۾ محبت کي ظاهري صورت کان نهايت مٿاهون ڏيکاريو ويو آهي. بس جي محبت آهي ته محبت ئي آهي. ان لاءِ ته ” هو روز هن لاءِ بيڙيون وغيره بچائي رکندو هو. جڏهن منجهند جو هڪ ڏيڍ وڃي ويندو هو ۽ نازي اچا بنگلي اندر ڏسبي هئي، تڏهن خميسي کي خيال ايندو هو ته هيءَ کهڙي نه ايماندار ۽ محنتي عورت آهي!“ پيار کهڙي ريت انسان کي ايماندار ڪري ٿو. کهڙي ريت هن جي محبوب ان کي دنيا جو ايماندار ماڻهو نظر ايندو آهي. اهي سڀ خصوصيتون هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريون ويون آهن. ڪهاڻيءَ ۾ ثميره زرين محبتن کي هڪ نرالي رنگ ۽ ڍنگ سان ڏيکاريو آهي. هي اهي احساس آهن، جن کي رومانويت سان تعبير ڪري سگهجي ٿو. اهو پڻ ته انساني فطرت ۾ رومان کهڙي ريت موجود آهي. ڪهاڻيءَ ۾ جتي ليکڪه سهڻي پيرايي سان ڪهاڻيءَ کي اٽيو آهي، اتي هن جي هنر کي جس ڏيڻ تي دل چوي ٿي. ”هو جڏهن گڏ ويهي پاڻ ۾ رهاڻيون ڪندا هئا، تڏهن کين ائين محسوس ٿيندو ته جيڪو ڏکن ڀريو ماضي هو گذاري آيا آهن، نه اهو ئي ڪا اهميت جهڙي چيز هئي، ۽ نه مستقبل، جيڪو هنن لاءِ پنهنجي جهول ۾ الائي ڇا کڻي اچي رهيو هو. هنن لاءِ حال اهڙو ته مسرت ڀريو، اهڙو ته حسين هو جو هنن انهيءَ کان پري ڪجهه ڏسڻ ئي نه پئي چاهيو.“ (مهراڻ: 1963: 32)

## 4.5.7.     غلام نبي مغل جون ڪهاڻيون

### دل جي ڳالهه

غلام نبي مغل جي ڪتاب ’سٺ سٺر اسي‘ ۾ شامل ڪهاڻي ’دل جي ڳالهه‘ ۾ هي مڪالمو ڪيترو نه شاندار آهي ته ’دل جي ڳالهين کي ٻڌڻ لاءِ به دل کپي.‘ رومانس کي جيڪڏهن انهن نوَنِ (9) لفظن ۾ بيان ڪجي ته به گهٽ نه آهي. رومانس سان ڀرپور هيءَ ڪهاڻي، هڪ اهڙي محبتي جوڙي جي آهي، جيڪو عجيب ڪفيتون سانڍي هڪ ٻئي سان مليو ٿو، پر جڏهن هنن جي وصل جي موسم تيار ٿئي ٿي ته هڪ ٻئي کان الڳ ٿيو وڃن. هن ڪهاڻيءَ ۾ خالده جو ڪردار هڪ اهڙي چلولي ڇوڪريءَ جو آهي، جيڪا محبت کان پري پڇي محبت جي گود ۾ سمهي پوي ٿي. هو ان شخص جو پيار حاصل ڪري، وري جي ان کان پري ٿئي ٿي ته هميشه لاءِ مطلب هڪ ٻئي مرد سان شادي ڪري هن کي خط ذريعي اطلاع ڏئي ٿي. ان کان اڳ ڪهاڻيءَ ۾ ضمير متڪلم واحد جي ڪردار ۾ خالده جو پريمي آهي، جيڪو چوي ٿو: ”جيئن ڪلي ٽڙي گل ٿيندي آهي ۽ سرهاڻ ذري ذري ۾ سمائجي ويندي آهي. تئين خالده به جوان ٿي. سندس شوخي کيچل ۽ ابتا سبتا جواب پڻ سندس جوان ٿيڻ جو خوشبوءِ سان گڏ چؤطرف ڦهلجي ويا.“ (مغل، 1984: 44-60)

### رات منهنجي روح ۾

غلام نبي مغل جي مختصر ڪهاڻي ’رات منهنجي روح ۾‘ هو پنهنجي محبوبه کي سنڌ جي نيم ڪلاسيڪي عشقيه قصي ’مومل راڻو‘ جي سورمي مومل سان پيٽا ڏيندي لکي ٿو: ”روشنيءَ جو بڱهو قد ۽ چيلهه تائين چوٽيءَ کي ڏسي، پهرين ته مون ڪجهه بيو سوچيو. مون سمجهيو ته مومل ڪا واپس وري آهي. ورهين جو وڇوڙو ڇڻ ختم ٿي ويو. پر جڏهن ڏٺم ته سندس مومل جي چهري جهڙو نه آهي، پر سندس مرڪ ۾ مومل جو هڳاءُ هو. سندس چهري ۾ جل ٿل گل ۽ مست اکڙيون ڪين هيون، پر تنهن هوندي به الائي چو، دل کي چڪ آئي ته مومل ان ۾ ئي لڪل آهي.“

سنڌ جي ان لافاني قصي ۾ مومل جو ڪردار ان مجاز جي نمائندگي ڪندي ملي ٿو، جنهن جي لونءَ لونءَ ۾ رومان پريل هوندو آهي. ڪهاڻي ’رات منهنجي روح ۾‘ رومانس جي حوالي سان هڪ پرپور ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ غلام نبي مغل پنهنجي روايتي هنر سان ڪهاڻيءَ کي جلا بخشي ٿو. زندگي ڪهڙي ريت رومان جي چوڏاري ڦري ٿي؟ ڪهڙي ريت رومان اسان جي حياتين کي تبديل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. هن ڪهاڻي جي هر سٽ ۾ ان معاملي جو مشاهدو ڪري سگهجي ٿو. سنڌي ڪهاڻي کيتر ۾ هڪ شاندار لکڻي، جنهن کي جڏهن به سنڌي ادب ۾ رومانويت جي حوالي سان ڪم ڪيو ويو ته ياد رکيو ويندو. (مغل، 1984: 113-140)

## 4.5.8. شوڪت حسين شوري جون ڪهاڻيون

### اڌ مڙهيل سوئٽر

شوڪت حسين شورو، سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جو بيو نالو هجي. هن جي ڪهاڻيءَ ۾ هر موضوع تي نهايت جاندار انداز سان لکيو ويو آهي. ڳالهه جڏهن رومانس جي اچي ته شوڪت حسين شوري جي قلم ان ۾ پڻ پاڻ ملهايو آهي. هن جي ڪتاب ’رات جو رنگ‘ ۾ شائع ٿيل ڪهاڻي ’اڌ مڙهيل سوئٽر‘ پنهنجي نالي جيان رهيل محبتن جي ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ جي مرڪزي ڪردار، ڇوڪريءَ جو نالو ته خوشي پر هو زندگيءَ ۾ ڏکن جو بيو نالو آهي. هو پنهنجي محبوب کي اڌ مڙهيل سوئٽر اهو چئي ڏئي ٿي ته ”هي اڌورو سوئيٽر ان ڇوڪريءَ کي مڪمل ڪرڻ جي لاءِ ڏجانءِ، جيڪا تنهنجي زندگيءَ کي خوبصورت بنائي تنهنجي بڻجي وڃي......“

ان کان اڳ جڏهن پاڻ ۾ ڪچهريون ڪن ٿا ته زندگيءَ بابت هنن جي پهچ ڏاڍي حقيقت تي مبني آهي. جيئن ”آئون سوئيٽر لکي لکي پيئي ٿاهيان. شايد دير لڳي وڃي.“ اها ڳالهه ٻڌي من کي ڇڻ ڏاڍو ڌڪ لڳو.... ”پيار اهڙو زبردست ڏوهه آهي، جنهن تي ايڏا پهرا! صديون گذري ويون، انسان ڪٿي جو ڪٿي وڃي پهتو، پر اسان وٽ پيار جي لاءِ اهي ساڳيون مجبوريون، اهي ساڳيا پهرا!“

شوڪت حسين شوري جي ڪهاڻيءَ ۾ جتي رومانس کي دنيا جي منڙي جذبي طور ڏيکاريو ويو آهي، اتي ڪجهه تلخ حقيقتون پڻ نمايان ڪيون ويون آهن. جنهن ۾ خوشي نالي ان ڇوڪريءَ جي شادي ٻئي هنڌ ٿي وڃي ٿي. ان لاءِ هوءَ ڪيترو پريشان آهي. عورتن جي نازڪ ڪيفيتن کي جهڙي ريت ڪهاڻيڪار بيان ڪيو آهي، اهو هن جو ڪهاڻيءَ سان بي انتها لڳاءُ جو نتيجو ئي آهي. (شورو، 2007: ڊجيٽل)

### اکين ۾ ٽنگيل سپنا

شوڪت حسين شوري جي مختصر ڪهاڻي ’اکين ۾ ٽنگيل سپنا‘ انهن آرزوئن ۽ تمنائن تي ٻڌل جيون ڪٿا آهي، جنهن ۾ رومانس ڪنڌڙ سردي گرميءَ ۾ رهن ٿا. هڪ اهڙي عورت جي ڳالهه، جيڪا انهن اميدن سان آهي ته هن سان ڪير ٽٽي پيار ڪري. ڪير هن کي پرپور وقت ڏئي. ان لاءِ

هوءَ ڪوشش ته ڪري ٿي، پر جنهن جو وقت هن کي گهرجي. ان کي دنيا جي ٻيا به گهڻا ڪم ۽ غم آهن. ان لاءِ هن جي من ۾ ڳالهيون اچن ٿيون ته ”ها، مسئلو آهي وقت گذارڻ جو، جيڪو ائين نٿو گذري جيئن اسين چاهيون ٿا. پر خير، اسان جي نه چاهيندي ۽ اسان جي مرضيءَ جي خلاف به گذريو وڃي.“

انسان وٽ محبتون ڪيترو نه قيمتي اثاثو هونديون آهن. جيڪڏهن انهن جو قدر نه ڪيو وڃي ته اڳي هلي اهي به ان جو قدر ناهن ڪنديون. شوڪت حسين شوري جي ڪهاڻي، ان تال ميل تي جڙيل آهي. جانيءَ ۽ ڪنول جو رومانس. جنهن ۾ ڪنول جي اڳيان ’اڪيلائي ۽ اداسائي‘ وڏين ديوارين جي صورت ۾ سامهون آهن. ڪنول، جانيءَ ڪانسواءِ وقت گذرڻ جي ڳالهه ته ڪري ٿي ته وقت گذري ويندو آهي، پر هن وٽ اهو ادراڪ پڻ آهي ته ”اڪيلائي ۾ جيڪا وحشت آهي سا نيٺ ماڻهوءَ کي ٿڪايو ڇڏي.“

شوڪت حسين شوري جي هن ڪهاڻيءَ ۾ رومانس کي نهايت شاندار انداز سان پيش ڪيو ويو. جاني ۽ ڪنول ٻنهي پريمن وچ ۾ جاندار مڪالمن سان ان ڳالهه کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته ’محبت ئي دنيا جو سچ آهي.“ (شورو، 2007: ڊجيٽل)

## اڻ ڪٿ پڇاڙي

”ساڳي واٽ تي هلندا رهنداسين هميشه تون مون کي وساري ته نه ڇڏيندين نه آئون توکي وساري نه سگهندس جو وسارڻ منهنجي وس ۾ نه هوندو ۽ آئون توکان موٽ ۾ اهو نٿو پڇان ته تون مون کي وساريندينءَ ته نه جو آئون ڄاڻان ٿو ته وسارڻ تنهنجي وس ۾ به نه هوندو.“ شوڪت حسين شوري جي مختصر ڪهاڻي ’اڻ ڪٿ پڇاڙي‘ پنهنجي نالي جيان رومانس جي اڻ ڪٿ پڇاڙيءَ جيان ئي آهي. رومانس جي جذبي هيٺ هڪ ٻئي سان واعده، اقرار، ڳالهيون، ڪجهه مٺيون ڪجهه ڪڙيون. زندگيءَ ته بس انهن شين جي وچ ۾ گهمي پئي. هن ڪهاڻيءَ ۾ شوڪت حسين شور، رومانويت جي لحاظ کان هڪ اعلى چٽ چٽيو آهي. هن جي مڪالمن ۾ ايتري ته جان آهي، جو وري وري پڙهڻ تي من ماندو ٿيو پوي. جهڙي ريت لکيو اٿائين ته: ”جيڪي ماڻهو چاهيندا آهن هڪ ٻئي کي سي هڪ ٻئي کي ملي نه سگهندا آهن ۽ ملندا آهن آهي جيڪي هڪ ٻئي کي چاهيندا نه آهن يا هنن ڪڏهن به نه چاهيو هوندو پر ملي ويندا آهن ۽ پوءِ گڏ هوندي به ڌار ڌار هوندا آهن.“ هن اعلى قسم جي رومانوي احساسن کي صرف شوڪت حسين شوري ئي لکي سگهي پيو. جنهن لاءِ هو هر لفظ تي داد لهڻي ٿو. (شورو، 2007: ڊجيٽل)

## درد جي لاٽ

”روبيءَ مون کي چيو هو، اها ڳالهه منهنجي سمجهه ۾ نٿي اچي ته جن ماڻهن جي پاڻ ۾ ايتري چاهت هوندي آهي سي هڪ ٻئي جي لاءِ اجنبي ڪيئن بنجي ويندا آهن!“ ڪتاب ’رات جو رنگ‘ ۾ شوڪت حسين جي شوري جي رومانس تي هڪ ٻي شاندار مختصر ڪهاڻي ’درد جي لاٽ‘ آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ شوڪت حسين شوري جي زندگيءَ ۽ رومانس بابت جهڙي ريت حقيقت تي ٻڌل پهچ آهي. سا سچ ته قابلِ ديد چئجي. ان لاءِ هن ڪهاڻيءَ جو ذڪر ڪرڻ کان اڳ ان ڪهاڻيءَ جون سٽون اتارڻ مناسب سمجهيم. رومانس ۾ وڇوڙو به ان جو اهم عنصر آهي. هيءَ ڪهاڻي، انهن وڇوڙن جي چوڌاري ڦري ٿي. وڇوڙي ڪانپوءِ اجنبي هجڻ جو احساس، جيڪو ڇڻ زهر قاتل جيان هجي هن ڪهاڻيءَ ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ موجود ٻئي پريمي ان اجنبيت جي احساس کي ختم ڪرڻ چاهين ٿا، پر نه ٿا ڪري سگهن. جنهن لاءِ هنن وٽ هي فارمولو به ڪم نه ٿو ڪري

”اڄ ته اڄ انهن يادن جي زهر جا ڍڪ گڏجي پيئون، گڏجي سرڪيون پريون. شايد اجنبيت جي ڪڙي ٿيل ديوار کي هٿائي سگهون، چاهي ڪن گهڙين جي لاءِ ئي سهي. پر هاڻي ٿي به ڇا ٿو سگهي! اجنبيت جي ديوار ڪيتري مضبوط آهي ۽ ان کي ڪيرائڻ نه منهنجي وس ۾ آهي ۽ نه روبيءَ جي وس ۾.“

رومانس جي اها ڪيفيت يا اها گهڙي ڪيتري محبتن کي ڪيترو بي وس ڪري ڇڏي ٿي. ان کي جهڙي ريت شوڪت حسين شوري لکيو آهي، سو نهايت بهترين چئجي. (شورو، 2007: ڊجيٽل)

### شاگرد اڳواڻ

شوڪت حسين شوري جي ڪتاب ’رات جو رنگ‘ ۾ شامل هن جي مختصر ڪهاڻي ’شاگرد اڳواڻ‘ رومانس ۽ زندگيءَ ڪيتري ڪساري ۽ ڪوڙي ٿي وڃي ٿي، جو ڪليل ريت بيان آهي. زندگي، عام حالتن ۾ ماڻهوءَ سان ڪهڙا ويل وهائي ٿي. رومانس ڪانپوءِ هو ڪهڙي پوڳنائن ۾ گذاري ٿو. اهي ڪيترائي سوال آهي، جيڪي شوڪت حسين شوري پنهنجي ڪهاڻين ۾ ’بين السطور‘ لکي. انهن جا جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙي نوجوان جو قصو آهي. جيڪو ترقي پسند ۽ روشن خيال سوچ سان يونيورسٽيءَ ۾ سياست شروع ڪري ٿو. ان جي وچ ۾ هن جي ملاقات حميده نالي ڇوڪريءَ سان ٿئي. هو پنهنجي عمل ۽ ڪردار جي معرفت حميده کي روشن خيال ۽ ترقي پسنديءَ ڏانهن راغب ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو وڃي، پر بدقسمتي جو هن کي يونيورسٽيءَ مان ڇهه سال رسٽيڪيٽ ڪري ڪجهه سالن لاءِ جيل موڪليو ويو.

واپسيءَ تي هن جو سڄو جهان تبديل ٿي ويو هو. حميده، هاڻي يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرار ٿي وئي. جنهن سان ملاقات ۾ ان جي سرد رويي هن کي ماري وڌو. ٻي ملاقات ۾ حميده هن ڏانهن هڪ ڪارڊ وڌائيندي چئي ٿي. ”سنو ٿيو جو اوهان پاڻ ملي ويا. ايندڙ هفتي منهنجي شادي آهي، اچجو.“ هن حميده کان لفافو وٺڻ وقت رڳو لفافي ڏانهن ڏٺو. هو سمجهي نه سگهيو ته ڇو حميده ڏانهن نهارڻ کان لنوائي رهيو هو.

”اوڪي، سِي يو،“ حميده چيو ۽ تڪڙي ٻاهر هلي وئي.

هو به ٻاهر نڪري آيو- هڪ وڏو خلا پيدا ٿي پيو هو، جيڪو هن جي ذهن کي، سوچن کي، هن جي وجود کي ڳڙڪائي ويو هو.“ شوڪت حسين شوري جي هن ڪهاڻي ’شاگرد اڳواڻ‘ ۾ جهڙي ريت ان ڪردار کي پيش ڪيو ويو آهي. ان مان اندازو ڪري سگهجي ٿو. زندگي، ڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ ڪيتري تلخ ٿي وڃي ٿي. رومانس جتي مٺي ذائقي جهڙو آهي. اتي هن جي تلخي به ماڻهوءَ کي ماري وجهندي آهي. (شورو، 2007: ڊجيٽل)

## 4.5.9. رسول ميمڻ جون ڪهاڻيون

### تنهنجي جنازي جي پويان

رسول ميمڻ، سچ ته مختصر سنڌي ڪهاڻيءَ جو باڪمال ليکاري هو. عالمي ادب جي تمام ويجهو رهندڙ هن اديب زندگيءَ ۾ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون. هن جو ڪتاب ’ڪافر ديوتا‘ هن جي اوائلي ڪهاڻين جو ڪتاب آهي. ان ۾ شامل ڪهاڻي ’تنهنجي جنازي جي پويان‘ جنهن لاءِ پاڻ لکيو هئائين ته ”هيءَ ڪهاڻي آمريڪي اديب هاٿورن جي نالي، جنهن جي سحرانگيزيءَ مون کي متاثر ڪيو.“ ان انتساب مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته رسول ميمڻ دنيا جهان جو ادب خاص ڪري افسانوي ادب پڙهي ويٺو آهي.

رسول ميمڻ جي ڪهاڻي ’تنهنجي جنازي جي پويان‘ جي هر لفظ ۾ رومان پريل آهي. راهب جو ڪردار ڪهڙي ريت شانيءَ کي چاهي ٿو. هو روايتي شرم جي احساس کان ڪجهه چئي نه ٿو سگهي. تان جو شانيءَ جي شادي ٿيو وڃي. اها گهڙي راهب لاءِ نهايت اذيتناڪ آهي، جنهن ۾هن

ڪي شانيءَ جي شاديءَ جو ڪارڊ ملي ٿو. هو ڪهڙي طرح بيدليءَ سان ان جي شاديءَ ۾ شرڪت ڪري ٿو، پر هن جا احساس مري ويا هجن. ان ڪان اڳ هو شانيءَ سان محبت ڪي هن طرح محسوس ڪري رهيو هو. ”راهب محسوس ڪيو، هن جو شانيءَ سان پيار ٿي ويو آهي ۽ شاني جڏهن به هن جي سامهون اچڻ لڳي ته هو محسوس ڪرڻ لڳو جيئن دماغ هن جي زبان جو ساٿ نه ڏئي رهيو آهي. هو جيڪي ڪجهه ڳالهائي رهيو آهي، اهو پيل جي اهڙي زرد پتي جيان آهي، جنهن جي ڏار مان ڪرڻ ۾ ڪجهه گهڙيون وڃي بچيون هجن ۽ تيز هوا جي جهوٽن ۾ هو بس ڪرڻ جون تياريون ئي ڪندو هجي.“ اهي احساس پڙهي، رسول ميمڻ جي رومانوي ڪيفيتن جي گهري مطالعي جي خبر پڻ پوي ٿي. خير، رسول ميمڻ جي ڪهاڻي، رومانويت جي حوالي سان هڪ شاندار ڪهاڻين منجهان هڪ آهي. (ميمڻ، 1979: ڊجيٽل)

## پل جي پريان

رسول ميمڻ جي ڪتاب ’ڪافر ديوتا‘ ۾ شامل ڪهاڻي ’پل جي پريان‘ محبتن جي جهان جي هڪ اهڙي ته لاجواب ڪهاڻي آهي. جنهن ڪي بار بار پڙهڻ تي دل چوندي آهي. رومان رڳو شهرن ۽ بنگلن جي ميراث ڪونهي، پر اصل ۾ سچو رومان ته ڳوٺن ۽ ڪچين وسندين ۾ پروان چڙهندو آهي. هن ڪهاڻي ۾ شمون نالي هڪ ڪردار ڪي اهو مشاهدي ڪندي ڏسي سگهجي ٿو ته پل جي پريان ڪچي وسنديءَ ۾ ڪهڙي ريت محبتون پچي راس ٿي ٿيون. هڪ لڪي لڪي، ٻن پريمن ڪي ڏسي ٿو. خدن نالي اهو ڪردار ۽ ان جي اڪين ڪان انڌي محبوبه ۽ ان عورت جون ڳالهيون، سچ ڪمال جا رومانوي مڪالمه آهن، جڏهن هو پنهنجي محبوب خدن سان ملي هن کي چوي ٿي. ”آءُ اڄ پورو ڏينهن سوچيندي رهيس تنهنجي ڳالهين ڪي ياد ڪرڻ سان آءُ ڏينهن جي ڊيگهه کي گهٽائڻ چاهيندي آهيان، توکي خبر نه آهي. خدو جڏهن تون نه هوندو آهين ته ڏينهن ڪيڏو نه ڊگهو ۽ اڻ ڪٽ ٿي ويندو آهي. اسان ڪيڏا نه بيزار آهيون. خوامخواهه جي ڊيگهه مان زندگيءَ جي ڊيگهه کي هڪ ٻئي جي ويجهو اچي اسان ڪيئن نه مختصر ڪري ڇڏيو آهي. تون آيو آهين ته ائين پيو محسوس ٿئي جيئن هميشه ائين ئي هجي، جيئن آهي. مون ڪان ته تنهنجي ملڻ ڪانپوءِ وقت جي ڊيگهه ويڪر سڀ ڪجهه وسري ويندي آهي.“ هن شاندار رومان سان پريل ڪهاڻي لکڻ رسول ميمڻ جو ڪمال آهي. (ميمڻ، 1979: ڊجيٽل)

### 4.5.10. محمود مغل جون ڪهاڻيون

#### خواهشون، حقيقتون، آئيڊيل ۽ سپنا –

محمود مغل ڪي سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ ۾ رومانيت جي حوالي سان شاندار ليکاري سڏجي ته به گهٽ نه آهي. هن جي لفظن ۾ ڪمال رومانوي انداز آهي. هو رومان ڪي جهڙي ريت بيان ڪري ٿو. ائين محسوس پيو ٿئي جڻ سچي زندگيءَ جو احوال ڪندو هجي. سندس مختصر ڪهاڻي ’خواهشون‘ شديد رومانوي امنگن جي چوطرف گهمندي ملن ٿيون. ڪيئن اڻپورين محبتون انسان ڪي زنده ئي اڪيلو ڪري ڇڏينديون آهن. اهي سڀ ڪيفيتون هن ڪهاڻيءَ ۾ بيان ٿيل آهن. هيءَ ڪهاڻي، هڪ اهڙي مرد جي آهي، جيڪو پنهنجي محبت حاصل نه ڪري سگهيو ۽ پوءِ وڃايل محبت ڪي ڏسڻ لاءِ سالن ڪان پنهنجي محبوبه جي گهر اچي ٿو. گهر اچڻ ڪانپوءِ پنهنجي پريميڪا جي ٻار ۽ گهر ڪي ڏسي هن جي من ۾ ڪهڙيون خواهشون جاڳن ٿيون يا ڪهڙي خواهشون ياد اچن ٿيون، جيڪي هن محبوبه سان گڏ رهندي ڪيون هيون. ان ڪي محمود مغل خوبصورت لفظن ۾ اوتيون آهي. سچ ته رومان جي حوالي سان محمود مغل جي مختصر ڪهاڻي ’خواهشون‘ ۾ اهي ڪفيتون منڙن سورن جيان محسوس ٿين ٿيون. هن ڪهاڻيءَ جو هڪ ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

”مونسان هاڻي بلڪل محبت ڪانهي. مان نه ڄاڻ چو پڇي ٿو ويهان. ”نه... بلڪل نه.“

تون سختيءَ سان انڪار ٿي ڪرين لهجو بناوٽ سان ڀرپور اٿئي. مان آرٽسٽ آهيان، انسان جي پل پل کي محسوس ڪري سگهان ٿو. ايترو به سمجهي نه سگهندس ڇا؟ مان مرڪي ڳالهه کي لنوائي ٿو ڇڏيان.

”ڪريم، ڪافي اڃا به پيئندو آهين؟ ڪين عادت بدلجي وئي اٿئي؟“ تون پڇين ٿي.

”ڪجهه ئي ته ڪونه بدليو آ – بيلا سڀ ڪجهه ئي ساڳيو آهي.“ مان وراڻيان ٿو.

”مان ڄاڻان ٿي اهو.“

”تون ٻاهر هلي ٿي وڃين ته مان ائين ئي ويٺو آهيان خالي خالي!“ (مغل، 1995: 7-18)

## ٽيڙي

محمود مغل جي مختصر ڪهاڻي ’ٽيڙي‘ انساني نفيس جذبن جي اهڙي ته بهترين ڪهاڻي آهي، جنهن جي هر لفظ مان رومان ڇلڪي پيو. هن ڪهاڻيءَ جو پلاٽ ڪولهي قبيلي جي زندگيءَ تي ٻڌل آهي. جنهن ۾ هنن کي محنتي جفاڪش ڏيکاريون ويو آهي. ”هنن جو پورو ويڙهو هو. هو ڪولهي هئا. زالين مڙسين ڪم جا ڏٽي. سڀ جي ڪم کي لڳا ته ڪم ويو. مڙس جيڪي مٽيءَ کي ڳوهي خانن ۾ وجهندا هئا ۽ زالون ان کي سڪائي ڪوري ۾ پچائينديون هيون. روز چار پنج سؤ سرن جا نڪري ويندا هئن. هو سڀ پاڳي پائيوار هئا.“ ان سچي محنت ۽ محمود مغل سندن ذاتي زندگيءَ ۾ جهاتي پائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. جنهن ۾ هن کي ڪجهه عجيب نظر آيو. ”شادين جي مرد گهٽ هئا ۽ عورتون وڌ. ٻاهر ڏيڻ جا قائل هو ڪونه هئا. بس پوءِ هر ڪنهن مرد ذري گهٽ ٻه ٻه شاديون ڪيون هيون. تقريبن هر مرد جو اهو حال هو.“ ان سچي صورتحال ۾ ان وقت ڪهاڻيءَ ۾ ’ٽوئسٽ‘ اچي ٿو. جنهن وقت هو ٻڌائي ٿو ته قبيلي جي هڪ اهڙي به عورت آهي، جنهن جي مڙس ٻي شادي ناهي ڪئي. ”رکو لاچان جو مڙس ئي ٻچيل هو. باقي ٻيا ته نوان پرٽيل هئا.“ لاچان ۽ ان جي محبت کي ڪهاڻيڪار جنهن شاندار انداز سان چٽيو آهي. اهو هن جي پنهنجي تخليق سان بي انتها محبت کي ظاهر ڪري ٿو. ان رومان جي گهڙين کي سهڻي نموني سان پيش ڪرڻ جو ڏانءُ هن وٽ جهجهي مقدار ۾ نظر اچي ٿو، پر ان وقت معاملو بگڙجي وڃي ٿو، جڏهن لاچان جو مڙس ڪنهن ٻي عورت جي محبت ۾ گرفتار ٿي ٻي شادي لاءِ تياريون شروع ڪري ٿو. اهو پوءِ رومانيت جو انت آهي يا هڪ نئي رومان جو آغاز؟ ان سوال جو جواب هر ماڻهوءَ وٽ مختلف آهي! ۽ پوءِ ان سڄي منظر ۾ لاچان محسوس ڪري ٿي ته هن جي حياتي سندس گهر جي در تي ٽنگيل ٽيڙيءَ جيان ٿي وئي آهي. محمود مغل جي ڪهاڻيءَ جو نالو به ’ٽيڙي‘ ئي آهي. (مغل، 1995: 67-72)

## ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه

’تماهي مهراڻ‘ ۾ محمود مغل جي شائع ٿيل مختصر ڪهاڻي ’ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه‘ انساني جذبن ۾ جاري رومانوي جذبن جي عجيب ڪهاڻي آهي. ڪهڙي ريت ماڻهوءَ کي ماڻهوءَ جو ساٿ گهرجي ٿو!؟ ڪهڙي طرح ماڻهو، سرابن کي محبتون سمجهي انهن ڏانهن وڪ وڌائي، حقيقت پسي خاموش ٿي بيهي رهي ٿو. هن ڪهاڻيءَ جي پلاٽ ۾ ٽي ڪردار، انجم، امجد ۽ شيرين شامل آهن. انجم جو امجد کي نياپو پهچائڻ ته ”هي ڳالهه ٻڌ هو شيرين آ نه؟ اهائي انگريزن جهڙي سهڻي ڇوڪري.“ هن ڳالهه ڪئي پر مونکي ته ان ڇوڪريءَ ته ڇا، ڪنهن جي به خبر ڪونه هوندو هئي. مان بيوقوفن جيان هن جو منهن ڏسڻ لڳس. ”اڙي گڏهه! اهائي جيڪا اپر سنڌ مان ايم. ايڊ. ڪرڻ آئي آ. ڪڪن وارن واري.“ هن مٿي تي هٿ هڻندي مون کي گهوريو؟ ها ڇا ٿيو ان کي؟“ مون جان ڇڏائڻ چاهي. مڙئي ڳالهه ختم ڪرڻي هئم. ”ان کي عشق ٿي پيو آ.“ هن وڏو ساهه کنيو. ”ڇڱو ٿيو، پلي ڪري عشق ٿئي خوار!“ مون ڪنڌ ڦيرائي دريءَ کان ٻاهر ڏٺو. ”پر منهنجي ڳالهه ته پوري ٻڌ.“ انجم رڙ ڪئي. ”پڇ ته سهي ڪنهن سان ٿيو اٿس.“ ”چو پڇان.“ مون ڪليو. ”منهنجو ڪهڙو ڪم جو پروان عشقن جا قصا تون وانگر رپورٽنگ لاءِ پڇندو وتان.“ ”سائين جن جي اطلاع لاءِ عرض آهي ته توسان عشق ٿيو اٿس.“ هن چيونگم ٻاهر زور سان ٿڪي ڇڏيو.“ ان جي جواب ۾ امجد جا خواب اڏڻ وري جڏهن پيار وارو خط انجم جي معرفت شيرين کي ملي ٿو ۽ شيرين سمجهي

ٿي ته انجم ئي هن سان محبت ڪري ٿو. جيڪا ڳالهه امجد کي ٻڌائي ٿي. امجد جي دل تان اها ڳالهه ٻڌي ڇا گذريو هوندو. يقينن انسان جي اندر جي احساسن جو مارجڻ ئي آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ محمود مغل جنهن نفاست سان رومانوي احساسن کي چٽيو آهي. اهو هن جي لکڻي جو ڪمال آهي. (مغل، 1995: 9)

### ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل يادون

محمود مغل جي ڪتاب ’محمود مغل جون ڪهاڻيون‘ ۾ شامل مختصر ڪهاڻي ’ڪوهيڙو‘ هڪ طرف جتي رومانوي ڪيفيتن سان پري پئي آهي. اتي ان ۾ بيوفاين جا باب به نظر اچن ٿا. هڪ شخص جيڪو پاڻ بيوفائيءَ جي عذاب مان گذري رهيو آهي. ان کي ٻين جي اهنجن جو به احساس آهي. هو شعوري طور ٻين جي رومانس ۾ مخل ٿيڻ نه ٿو چاهي. هو نه ٿو چاهي ته اهو سڀ ڪجهه هن سان ٿئي، جيڪو هن پاڻ ڀوڳيو آهي. هن جي يادگيرين جي البم ۾ آهي ته جڏهن هو پنهنجي محبوبه سان گڏ ڪنهن جاءِ تي ويٺو هو ته هن جي محبوبه هن اشاري سان هن کي پنهنجي دل ڏانهن ڏسڻ لاءِ چيو ۽ پوءِ ”مان وڏي ويس. تو تي جهڪيو ئي هئس ته تو اشارو ڪري چيو هو، ”خيال ڪر هو سامهون وارو ڏسي پيو.“ ۽ ان سامهون واري دريءَ جي پرسان ٽيبل تي هڪ ماڻهو ويٺو پئي. جنهن اسان کي ڏٺو پئي. هو شايد اڪيلو هو. مون کي هن تي افسوس آيو. تون سڌي ٿي وئي هئين ۽ پنهنجو هٿ منهنجي هٿ مان ڇڏائي ورتو هو.“

هاڻي اهو شخص جڏهن اڪيلو ۽ ساڳي جاءِ تي ويٺل آهي ته سامهون هن کي ٻيو پريمي جوڙو نظر اچي ٿو، پر ان خيال سان ڪٿي هن کي اڪيلو ڏسي ڇوڪريءَ جي دل ۾ هن لاءِ همدرديءَ جو خيال اچي، هو انهن ڏانهن نه ٿو ڏسي. ها ايترو سو ضرور سوچي ٿو ته ”شل انهن جو پيار وڏي. شال اها ڇوڪري تو وانگر بي وفا نه هجي ۽ هن نوجوان کي ڇڏي نه وڃي.“ ڪهاڻي ’ڪوهيڙو‘ پنهنجي نالي جيان ئي آهي. جنهن ۾ انساني نفيس جذبا ڪوهيڙي ۾ گم ٿيل معلوم ٿين ٿا. پڪ سان اهي رومانوي ڪيفيتون آهن، جن ۾ گرفتار ٿي ماڻهوءَ جي سوچ سماج کان الڳ ٿي وڃي ٿي. اهو پڻ ته محبتن جي ور چڙهيل ماڻهو، عام انسانن جيان ناهن سوچيندا. رومان، دنيا ۾ شين کي هڪ ٻي نظر سان ڏسڻ جو نالو پڻ آهي ته اهو جذبو، جنهن سان انساني سياءَ ۾ تبديليون اينديون آهن. (مغل، 1995: 51-59)

## 4.5.7. ضراب حيدر جون ڪهاڻيون

### الف کي ڪو به نقطو نه آهي

ضراب حيدر جي ڪتاب ’سرحدن کان اڳتي‘ ۾ شامل ڪهاڻي ’الف کي ڪوبه نقطو نه هوندو آهي‘ هڪ اهڙي ڪهاڻيڪار جي تخليق آهي، جيڪو زماني کان گهڻو منفرد ۽ الڳ سوچي ٿو. مثالطور: ”پريت ته هر عورت ڪري سگهي ٿي ۽ پريت به هر عورت ٻڌجي سگهي ٿي، پر سريت ڪا ڪا عورت ٻڌجندي آهي.“ ڇا ته ڪمال جي ڳالهه آهي. هي ڪهاڻي، هڪ اهڙي عاشق مزاج شخص جي آهي، جيڪو محبوبه کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪچي آباديءَ جو رخ ڪري ٿو. ان لاءِ به هن جا مڪالما شاندار آهن: ”زيب جي ڪچي جواني ۾ اچڻ لاءِ ڪچي آبادي جون گهٽيون لتاڙيان. شايد ذهن ۾ ڪٿي اهو ٻڌ هئم ته ڪچيون شيون جلدي ٽٽي پونديون آهن، پر شايد ائين نه هو. هر ڪچي شيءَ ئي پڪي ٿيندي آهي.“ ڪيڏو نه ڪمال جو خيال آهي ’هر ڪچي شيءَ ئي پڪي ٿيندي آهي.‘ سمجهي سگهجي ٿو ته اهي سڀ خيال، تصور رومان جو معراج آهن. سنڌي ڪهاڻيءَ جي

ميدان ۾ ضراب حيدر جهڙي ريت رومانويت کي مرڪز بڻائيندي لکيو آهي؛ اهو هڪ بهترين حصو آهي، جيڪو سنڌي ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ ادب ۾ زبردست اضافو بڻجي ٿو. (حيدر، 1997: ڊجيٽل)

## فخرو جي جي ڏيءَ جو ڳڻو

ضراب حيدر، مختصر سنڌي ڪهاڻيءَ جو منفرد نانءُ آهي. هن جي ڪهاڻين جي خاصيت ’رومان‘ آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ رومانويت جي ڳالهه هجي اتي ضراب حيدر جو نالو ضرور ايندو. هن ’سرحدن کان اڳتي‘ ۾ شامل ڪهاڻي ’فخرو جي جي ڏيءَ جو ڳڻو‘ ان جو وڏو مثال آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙي عورت جي احساسن کي عيان ڪيو ويو آهي، جيڪا هڪ ڇوڪري کي ڏسي عجيب ڪيفيت ۾ داخل ٿي وڃي ٿي. ”هن نظر ڪرسين تي ويٺل ماڻهن ڏانهن واري، سيڪو اطمينان واري گفتگو ڪندي پنهنجي ساٿي سان کلي مرڪي رهيو هو، پر هڪ ڪرسي تي ويٺل نوجوان ڇوڪري سنڌس دل جو ڌڙڪو تيز ڪري ڇڏيو.“ ان وچ ۾ هوءَ جيڪا شادي شده پڻ آهي، پاڻ کي سمجهائي ٿي ته ”اهڙا ته کوڙ ڇوڪرا ڏسندي رهندي آهيان پر هن ڇوڪري ۾ ڪا ڳالهه ضرور آهي. جيڪا توجهه جوڳي آهي، ڪيڏو نه سوبر ۽ اداس آهي پڻ!! پر منهنجو ڇا؟ هن ڪنڌ ڦيرائي پنهنجي ٻارن ڏانهن هلڪو ڌيان ڏنو، جيڪي پنهنجي حرڪتن ۾ مصروف هئا.“ ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته هوءَ ان رات جڏهن مڙس جي ٻانهن ۾ وئي ته ان ڇوڪري جي تصور ۾ گهيرجي وڃي ٿي. هوءَ هڪ اهڙي دنيا ۾ پهچي وڃي ٿي. جتي لطف ۽ مزي جو طوفان آهي. هن جي غير معمولي حرڪت جي ڪري سنڌس مڙس به چوڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿو ته ”اهڙو لطف پهرين نه مليو.“ ان عورت جي نفسياتي حالت مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته بعض وقتن ۾ رومانس پوءِ ان جي شڪل ڪهڙي به هجي، انسان کي ڪيترو مجبور ڪري ڇڏي ٿو. ضراب حيدر جي ڪهاڻي ’فخرو جي جي ڏيءَ جو ڳڻو‘ سچ ته رومانويت جي حوالي سان هڪ شاندار ڪهاڻي آهي. . (حيدر، 1997: ڊجيٽل)

## خدا تنهنجا سپ آسمان مون وٽ گروي آهن

ضراب حيدر جون ڪهاڻيون، زندگي جي حقيقتن جي ايترو ته ويجهو آهن، جو پڙهي گمان ٿيندو آهي ته ننڍي عمر ۾ هن ليکڪ جو ايڏو وڏو مشاهدو ڪيئن ٿيو. هن جي ڪتاب ’سرحدن جي هن پار‘ ۾ شامل ڪهاڻي ’خدا تنهنجا سپ آسمان مون وٽ گروي آهن‘ رومانويت کي جبلت جو درجو ڏنو ويو آهي. جبلت مان طلب ماڻهو جي اها عادت جنهن ۾ تغير ۽ تبديلي نه اچي. جبلي طور انسان محبت جو سدائين بکيو رهيو آهي. جهڙي ريت هن کي مانيءَ جي ضرورت پوي ٿي. اهڙي طرح هن کي پيار جي پياس به اوترو ئي تڙپائي ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙي شاگرد جي رومان کي ظاهر ڪيو ويو آهي، جيڪو پنهنجي استادياڻيءَ سان محبت ۾ گرفتار ٿي وڃي ٿو. ان لاءِ ضراب حيدر هيٺين سٽن جو استعمال ڪيو آهي:

”مس ناهيد مون کي ڏاڍو وڻندي هئي. ڪيس پهريون ڀيرو اسڪول ۾ ڏٺو هئم ته دل خوشيءَ وچان نڙي پئي هئي، کن پل لاءِ سنڌس سندرتا جي وسعت ۾ پنهنجي سپنن جي بلندين تي ٺمڪندو محسوس ڪيو هئم. جيئن سج اپرڻ مهل، سنڌس ڪرڻا، هلڪي ڳاڙهي گلابي افق تي تجلا ڏيندي پکڙجي ويندا آهن. ان وقت مان سٽن ورهين جو هوندي به پنهنجي وهيءَ کان پختو ليکبو هئس، منهنجون ڳالهيون ۽ حرڪتون، ٻين ٻارن کان بنهه مختلف ۽ مڻاهيون هيون.“

ڪهاڻيءَ ۾ ان سٽن ورهين جي نينگر کي جهڙي ريت پنهنجي في ميل ٽيچر سان رومانس ڪندي ڏيکاريو ويو آهي. انسان جي جي انهن خواهشن کي ظاهر ڪري ٿو، جيڪي بعد ۾ سماج جي دٻاءَ ۾ اچي لڪيو وڃن. هو انسان جي رومانوي احساس جي هڪ اظهار ڇميءَ کي هن طرح بيان ڪري ٿو ته ”ڪڏهن ته پيپي به ڪندي هئي. سنڌس ڇميءَ کان پوءِ پنهنجي ڳٽن کي مذهبي عبادتگاهن جيان مقدس پائيندو هئس.“ هنن سيني سٽن ۾ جهڙي ريت ضراب حيدر. بنيادي انساني جبلتن ۽ نفسيات سان ڳنڍي رومان کي ظاهر ڪيو آهي. اهو بيشڪ هن جو ڪمال ليکبو. . (حيدر، 1997: ڊجيٽل)

## 4.5.8. بهاءُ الدين سرهنديءَ جي ڪهاڻي

**بيوس**

حميد سنڌيءَ طرفان ترتيب ڏنل ڪتاب ’مهراڻ جون چوند ڪهاڻيون‘ ۾ بهاءُ الدين سرهنديءَ جي مختصر ڪهاڻي ’بيوس‘ ڪي شامل ڪيو ويو آهي؛ جنهن ۾ محبت ڪي وڻي فطرت جي حسين نظارن جي سهڻي انداز سان منظرڪشي ڪئي وئي آهي. رومانويت جي حوالي سان جيڪڏهن تذڪرو نڪري ٿو ته ان ۾ رڳو مرد ۽ عورت جي وچ ۾ رشتي ڪي رومان جو نالو نه ٿو ڏئي سگهجي، پر جڏهن به فطري نظارن جي حسن جي ڳالهه ٿئي ٿي ته اهي پڻ رومانويت جو اعلى مظهر آهن. جهڙي ريت هن مختصر ڪهاڻيءَ ۾ لکيو ويو آهي:

”زندگيءَ جي ابتدائي دؤر ۾ هو هميشه هڪ حسين دنيا بابت سوچيندو هو. اها خيالي دنيا، جنهن ۾ حسن هو، جتي وهندڙ آبشارن جي موسيقي هئي، جتي محبت ۽ خلوص جا گيت هئا، ۽ اڄ هو واقعي هڪ حسين دنيا ۾ هو. ڪاغان جي وادين مان مٿي چڙهندي، ديال ۽ ڪائل جي ٻڳهن وڻن سان ڍڪيل پيچرن تان لنگهندي، هن آبشارن جي موسيقي ٻڌي، پري، اتانهن جبلن جي چوٽين تي پيل برف جي سفيدي ڏٺي. هن سوچيو، قدرت هڪ عظيم مصور آهي، جيڪو پنهنجي ڪينوس تي چٽيل تصوير ۾ نون نون، شوخ شوخ رنگن پرڻ ۾ فياض آهي.“ هن شاندار منظرڪشيءَ لاءِ ڪهاڻيڪار تعريف جي لائق آهي. هن فطري رومان ڪي جنهن سهڻي پيرايي سان بيان ڪيو آهي. سچ ته جس لهڻي. (سنڌي، 1992: 9-20)

## 4.6. وجوديت

جان پال سارتر کي وجوديت جو باني مڃيو وڃي ٿو. جنهن بعد وجوديت هڪ تحريڪ جي صورت اختيار ڪري ورتي. وجوديت مطابق هن بي معنیٰ دنيا ۾ انسان آزاد ۽ پنهنجن عملن لاءِ پاڻ جوابدار آهي. وجوديت جو هڪ تحريڪ جي حيثيت ۾ زور انفرادي وجود جي داخلي مسئلن، انفرادي آزادي ۽ انساني نفسياتي وارتائن جي سندس سماجي روين تي پوندڙ اثرن جو تجزيو ڪرڻ هو. ان تحريڪ اوڻويهين ۽ ويهين صدي عيسويءَ جي ڪيترن ناميارن ليکڪن تي اثر ڇڏيو. هڪ پيرو پيهر جيڪڏهن ان سوال جي پوئواري ڪجي ته 'وجوديت ڇا آهي؟' ته جواب ۾ مختلف توجيهون سامهون اچن ٿيون. جيئن: وجوديت باقي ٻين لاڙن، تحريڪن ۽ نظرين جيان پنهنجو هڪ الڳ نظام رکي ٿي. عام طور محسوس ڪيو ويندو آهي ته وجوديت هر قسم جي تحريري، منطقي ۽ سائنسي فلسفي جو انڪار ڪري ٿي. جڏهن ته ان وجوديت جو مول هي آهي ته هڪ فرد کي زندگي، تجربن ۽ تاريخ سان ربط ۾ رهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته وجوديت پنهنجي اندر ۾ زندگيءَ جو هڪ مڪمل ضابطو رکي ٿي.

"وجوديت جو سدائين کان مرڪزي تصور هي رهيو آهي ته ائين ئي ٿئي ٿو، جيئن هو ٿيڻ گهرندو آهي. خدا يا سماج طرفان هن جي مٿان ڪوبه جبر ناهي. انسان وٽ اختيار آهي. ان سان گڏ اختيار پڻ، جيڪڏهن هو ڪنهن ٻاهرين طاقت جي اڳيان جهڪي ٿو يا جهل جي حياتي گذارڻ ۾ خوش آهي ته هو نفرت جي قابل آهي. (سهيل/ سليم، 2005: 78)

انسان جو غارن ۾ گذاريل وقت هجي يا موجوده جديد دؤر هن جي اڳيان سدائين هڪ سوال رهيو آهي ته هو ڪير آهي؟ هن کي هن دنيا ۾ ڪير وٺي آيو. هن جو پيدا ڪندڙ سندس نظرن کان غائب ڇو آهي؟ جيڪڏهن آخرڪار هن کي مرڻو ئي هو ته زندگي عطا ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. هن جي ذاتي ارادن جي ڪهڙي حيثيت آهي؟ اهڙا ڪيترائي سوال جنهن ۾ ماڻهو ڦاسي، پوءِ وري سوالن جي جوابن جي تلاش ۾ نڪري پوي ٿو.

ماڻهوءَ جي وجود جي معنیٰ ۽ اهميت جو بنيادي لاڀ وجوديت جو جوهر ئي آهي. جنهن جو سلسلو فڪري آزاديءَ سان جوڙي سگهجي ٿو. ان جي سمجهاڻي هن ريت به ڏئي سگهجي ٿي

"It applies to a vision of the condition and existence of man, his place and function in the world and his relationship, or lack of one with God." (Cuddon, 1999: 294)

وجوديت جي تاريخ تي نظر وجهنداسين ته اولهه جي فڪري تاريخ ۾ وجوديت جي فلسفي کي خاص ۽ اهم جاءِ پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ ملي. سبب ته عقل پرستي جي رجحان ۽ سائنس تي مڪمل اعتماد ڪري روايتي فڪر جي هڪ خاص درجبندي هئي. هن صورتحال ۾ انسانن جي بجاءِ شين جي ضرورت تي زور ڏنو پئي ويو. صنعتي معاشري ۾ فردن جي عدم کي جنم ڏيندڙ قوتن جي خلاف هڪ فڪري بغاوت جي شديد گهرج محسوس ٿي. وجوديت جي حامي مفڪرن محسوس ڪيو ته فردن کي انهن معاملن کان بچائڻ جي ضرورت آهي، جيڪي هن جي آزاديءَ کي ختم ڪن پيا. هن اهو پڻ محسوس ڪيو ته جاري نظام ۾ انسان جي حيثيت هڪ مشين ڪانسواءِ ڪجهه به نه ٿي بچي، نتيجي ۾ معاشري اندر ويڳاڻپ ۽ اڪيلائيءَ جو احساس وڌي پيو. ماڻهو، مذهب کان پري ٿي، پنهنجي چؤطرف اونداهي پيدا ڪري ڇڏي آهي. وجوديت جي بقول اها اهڙي صورتحال هئي، جنهن ۾ اخلاقي قدر ڏيوالپڻي جو شڪار هئا. هن سڄي صورتحال ۾ وجوديت ردعمل ڏيڻ شروع ڪيو. وجوديت جي قائل ماڻهن پنهنجو فڪر عام ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ ادب، ريڊيو، ٽي وي، شاعري، تنقيد، انٽرويو ۽ فڪري بحثن جو سهارو ورتو. نتيجي ۾ وجوديت هڪ تحريڪ جي صورت اختيار ڪري وئي.

"الڳ ۽ مخالف پاسن کان ترقيءَ کانپوءِ وجوديت، فلسفي جي اساس ۽ عوامي تهذيب کي ساڻ کڻي، اهڙن ڪيترن ئي اصطلاحن جي معنیٰ سمجهائي، جيڪي منجهيل هئا. مثالطور: آزادي، حالت، موقعا، چونڊ ۽ منصوبو وغيره. (New Encyclopedia Britannica: 78) هڪ پاسي جتي وجوديت،

سماج ۾ موجود مختلف ڳنڀير اصطلاحن جي تشريح ڪري رهي هئي ته ٻئي طرف وجوديت پنهنجي مڪمل سمجهاڻي کان محروم هئي. ان ڪري سارتر کي چوڻو پيو ته ”جيڪو به وجوديت جو لفظ استعمال ڪري ٿو. ان جي معنى جي وضاحت ڪندي الجهي پوندو. چاڪاڻ ته هاڻي هن لفظ جي ڪابه معنى نه رهي آهي.“ (Kaufman, 1961: 25)

وجوديت ته انسان کي هڪ محض شيءِ سمجهڻ جي خلاف بغاوت هئي. جنهن لاءِ هو مشينن ۽ ماديت جي خلاف ٿي بيٺي. هوءَ انهن سپني سرگرمين تي اعتراض واري رهي هئي، جنهن ۾ انسان جو وجود نظر نه پيو اچي، پر ان سڄي صورتحال ۾ هڪ ٻيو مسئلو سامهون اچي رهيو هو ته وجوديت انسان جي تصور کي واضح ڪرڻ بجاءِ مبهم ڪري ڇڏيو هو. انساني لقاءُ اجا به تضادن ۽ پريشانين جي ور چڙهندو ويو، جنهن کي فقط غور ۽ فڪر سان وس ۾ آڻڻ سؤلو نه هو. چاڪاڻ ته فرد پنهنجي مقابلي ۾ هو. اڳتي هلي سارتر، وجود جي تعريف ۾ انساني شڪست کي عملن جي تابع ڪيو. جنهن لاءِ هو انهن عملن کي هڪ جهڙو يا برابر قرار ڏيندو هو. ”وجوديت موجب، انسان ڪنهن خاص تجربي ۽ مشاهدي کانپوءِ اهم فيصلا ڪرڻ جي اهل ٿئي ٿو. وجوديت مطابق، تجربو رڳو محسوس ڪرڻ ۽ پنهنجي انفراديت جي نمائش لاءِ ڪم اچي ٿو. تجربو، انسان جي اصل فطرت کي ظاهر ڪري ٿو. تجربو ئي اصل ۾ انسان کي اهو پل مهيا ڪري ٿو، جنهن ۾ هو درست معنى ۾ موجود هوندو آهي. (Everyman's Encyclopedia: 58) اولهه جي ثقافت سائنسي ٽيڪنيڪ ۽ ايجادن کي دنيا اڳيان آندو. هر لمحي گذرڻ سان نيون شيون ايجادن ٿينديون رهيون. يورپ ۾ صنعتي ترقي، روشن خيالي، سڀ کان وڏيڪ جمهوريت به ماڻهوءَ جي اڪيلائي ۽ ويڳاڻپ جو ازالو نه ڪري سگهي. جنهن لاءِ وجوديت دنيا کي هڪ اهڙي جڳهه سان تعبير ڪيو، جتي رڳو ماتم هوندو آهي. وجوديت چيو ته مشينن جي آواز ۾ انساني احساس ختم ٿي ويا آهن. هاڻي ماڻهوءَ جو صدائون به نه ٿيون اچن. ان حوالي سان ڪيترو ئي ادب پڻ لکيو ويو. گبريل مارشل جي هڪ درامي ۾ ان جي هيروئن چئي ٿي: ”ڇا ڪڏهن توهان کي احساس نه ٿو ٿئي ته اسان حياتي گذاري رهيا آهيون، جيڪڏهن ان کي حياتي گذارڻ چئي سگهون ته هڪ هارايل دنيا؟ جيڪا هڪ وقت ٻڌائڻ واري واچ جيان ٽٽل آهي. جنهن جا اسپرنگ ڪڏهن کان ڪم ڇڏي ويا آهن. جيڪڏهن توهان ان واچ کي ڪن سان لڳائيندا ته سواءِ خاموشيءَ جي توهان کي ڪجهه به ٻڌڻ ۾ نه ايندو. انسانن جي هيءَ دنيا جنهن وٽ شايد ڪڏهن دل هجي، پر مونکي چوڻ ڏيو ته ان دل ڪڏهن کان ڌڙڪڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. (Novack,1959:5) اهڙي مايوسيءَ ۽ لاتعلقيءَ يقينن ڪنهن بحران مان جنم ورتو آهي. نتيجي ۾ ڪيترائي وجودي اصطلاح جڙي ويا. جن ۾ دهشت، بوريت، موت، عدم، شرم، بي چيني، ضمير فروشي، بد، انڪار، ڏوهه، ڪراهت، خودڪلامي، خوف وغيره. شامل آهن. وجوديت جا قائل انساني ڪفيتن کي نفسياتي نه سمجهندا آهن. چاڪاڻ ته نفسياتي ڪيفيتن جو سائنسي تجربو ڪري سگهجي ٿو، پر وجودي ڪيفيتن جو سائنسي مشاهدو ممڪن نه آهي. مثالطور: دهشت، جنهن جو وجود خوف سان لاحق رهي ٿو. دهشت، هڪ خارجي شيءِ آهي. هاڻي دهشت کي ڪهڙي طرح سمجهائجي، جڏهن اها ٻئي ڪنهن خارجي شيءِ سان هڪجهڙائي نه ٿي رکي!

وجوديت جو سڀ کان اهم پاسو حريت جو تصور آهي. جيڪو روايتي فڪري انداز جي خلاف سخت ردِ عمل جي صورت ۾ سامهون اچي ٿو. وجوديت سمجهي ٿي ته ماديت ۽ روحانيت جي فڪري فلسفن ماڻهوءَ لي هڪ چار ڦاسائي، هن جي آزاديءَ کي ختم ڪيو، جنهن جي ڪري ماڻهوءَ هڪ جيئري جاڳندي شيءِ ۾ تبديل ٿيو آهي. آزاديءَ جي مٿان اهڙي قسم جي پابندي انسان جي اندر ويڳاڻپ ۽ اجنبيت جا اثر ڇڏي ٿي. سارتر چيو هو ته ”انسان ڄڻ ڪنهن خالي جاءِ يا گپَ ۾ ڦاٿو پيو آهي. هن کي اختيار آهي ته هو ان گپ ۾ پيل رهي يا ان اڌ سجاڳيءَ جي حالت ۾ جنهن ۾ هن پنهنجي هجڻ جو احساس نه هجي ته ممڪن آهي، هو هڪ مجهول زندگي گذاري ڇڏي. اهو پڻ ممڪن آهي ته هو ان بيڪار حياتيءَ مان جان ڇڏائي ۽ اهو پڻ سمجهي ته هو ڪير آهي؟“ (سهيل/ سليم، 2005: 78)

وجوديت جي سرگرم اڳواڻن ۾ سارتر، ڊيڪارٽ، پاسڪل، ڪانٽ، هيگل، نٽشي، هيوبر، مارٽن هائگر، گبريل مارسل، سيمون ڊي هوار، سورين ڪرڪيگارڊ، البرٽ ڪاميو ۽ ڪولن ولسن شامل آهن. سورين ڪرڪيگارڊ کي فڪري سطح تي وجوديت جو باني تصور ڪيو ويندو آهي. هن جا به ڪتاب Fear and Trembling ۽ Sickness onto Death کي وجوديت جي حوالي سان اهم ماخذ طور تسليم ڪيو وڃي ٿو. جنهن ۾ هن جي توجيهه آهي ته انسان کي پنهنجي پريشانين کان نجات لاءِ خدا سان رجوع ڪرڻ گهرجي. خدا جي معرفت ئي هن کي پنهنجي وجود جو ادارڪ حاصل ٿي سگهي ٿو. اها ساڳي ڳالهه مولا علي عليه السلام، ڪرڪيگارڊ کان اڳ ڪري چڪو آهي. 'جنهن پنهنجي رب کي سڃاتو، ان پنهنجي پاڻ کي سڃاتو.' مولا علي جو اهو قول، صوفي فڪر جو بنياد بڻيو. (سهيل/ سليم، 2005: 78)

سنڌي ادب ۾ وجوديت جو اثر رهيو آهي؟ سوال جو جواب اسان کي 'ها' ۾ ملي ٿو. ان ۾ ٻن ڳالهين کي خاطر ۾ آڻڻ ضروري آهي. هڪ ته جنهن وجوديت جي پاڻ هتي ڳالهه ڪريون پيا، يعني اولهه جو هڪ فلسفو ته ان کي موضوع بڻائي يقينن لکيو ويو آهي، پر ان کان اڳ جي ادب ۾ پڻ وجوديت موجود رهي آهي. جهڙي طرح آغا سليم، شيخ اياز جي حوالي سان لکيو آهي ته "سر ليلا ۾ اياز، هار ۽ چنيسر مان هار جي چونڊ ڪرڻ واري ليلا جي عمل جي وجوديت (existentialism) جي حوالي سان تشريح ڪئي آهي." (سليم، 2015: 8) اهڙي ريت عبدالغفار سومري، محقق امير علي چانڊيي جي موت تي 'تماهي مهراڻ' ۾ 'آسڻ جن عدم' جي نالي سان تاثر لکيو هو، جنهن ۾ هن امير چانڊيي لاءِ لکيو ته "امير علي فلسفي جو به باقاعده مطالع ڪيو هو. هو جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايم. اي. انگريزي ادب ۾ آنرس جو شاگرد هو، تڏهن هن فلسفي کي اختياري مضمون (Optional Subject)طور پڙهيو هو. ان کان پوءِ فلسفي سان سندس لڳاءُ سڄي عمر هلندو آيو. فلسفي جي عمومي مطالعي کان سواءِ هن وجوديت (Existentialism) جي موضوع تي تمام گهڻو مطالعو ڪيو هو ۽ انهيءِ مضمون تي ڪافي لٽريچر گڏ ڪيو هئائين. هو هميشه مون سان ان ڳالهه تي بحث ڪند هو ته شاهه لطيف جو عدم يا نيستي ۽ ناهه جو تصور تصوف جي عدم جي مقابلي ۾ وجوديت جي Nihilism جي وڌيڪ قريب آهي." (سومرو، 1997: 15)

هتي موضوع جي حوالي سان سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ ۾ 'وجوديت' جو اثر هيٺ ڪجهه ڪهاڻيون شامل ڪيون ويون آهن، جيڪي پيش ڪجن ٿيون.

## 4.6.1. وجوديت جي فڪر هيٺ ڪجهه مختصر ڪهاڻيون

## 4.6.2. سندري اتمچنداڻيءَ جي ڪهاڻي

### لکي ڏي!

وجوديت جي حوالي سان جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته گهڻي پيڙائن ۾ عورتون ئي گذرن ٿيون. سندري اتمچنداڻيءَ جي ڪهاڻي 'لکي ڏي!' هڪ عورت جي درد ڪٿا جي سهي نموني ترجماني ڪندي ملي ٿي. ماڻهو، پنهنجو وجود بچائڻ لاءِ ڇا نه ٿو ڪري! انسان آزاد آهي. هو پنهنجي فيصلن ۾ آزادي چاهي ٿو. پوءِ ان جي هن کي ڪيتري قيمت ادا ڪرڻي پوي. هيءَ مختصر ڪهاڻي به انهن ان عورت جي چوڏاري ڦري ٿي. جيڪا پنهنجي مرضي خلاف شادي نه ٿي ڪرڻ چاهي. هو خودڪلاميءَ ۾ پاڻ کي چئي ٿي، "تيهن سالن جي ته اچي ٿي آهيان. ڪيڏن ارمانن کي گهٽا ڏيئي جيئندي رهي آهيان. بک کي به گهٽو ڏيڻ جي ڪوشش ڪنديس، پر آڱوٺي جو نشان ڪين ڏينديس: ڪوڙ کي سچ مڃان سوپ پائڻ ڪين ڏينديس!" هو پنهنجي آزاديءَ لاءِ انتها تي وڃڻ لاءِ تيار آهي. هو پنهجي وجود کي غلام نه ٿي رکڻ چاهي. "هو دروازي کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيندا نه؟ ها، ٻاهر به نڪرنديس. شايد چري ٿي پوان، رستن تي ڦرندي رهان.... ڪيئن چريون ائين ڦرنديون ڏٺيون اٿم،

جن جي احساسن کي نه سمجهي، دنيا کين اِن ڪَڙيءَ تي پهچائي ڇڏيو آهي.“ انهن سڀني احساسن ۾ وجوديت جو احساس سڀ کان ڳؤرو پائنجي ٿو. وجوديت ۾ جتي انسان جو پاڻ کي سڃاڻڻ آهي، اتي پاڻ کان سوال به آهن ته اهو احساس پڻ ته هن کي آزاد رهڻ گهرجي. پوءِ هو ان آزاديءَ لاءِ ڪيتري قيمت چڪائي ٿو. اهو ان لاءِ بلڪل الڳ مامرو آهي. (اتمچنداڻي، 1961: 16)

## 4.6.3. اياز قادريءَ جي ڪهاڻي

### علوءَ جا عشق

اياز قادريءَ جي ڪهاڻي ’علوءَ جا عشق‘ هڪ اهڙي شخص جي ڪهاڻي آهي، جيڪو اندر ۾ مڪمل ناهي. هو پاڻ کي مڪمل ڪرڻ چاهي ٿو. ان جستجو ۾ عام نوڪريءَ کان ٿيندو فوجي ملازمت اختيار ڪري ٿو. هڪ ڏينهن جڏهن بيمار ٿي اسپتال پهچي ٿو ته اتي موجود ٻين مريضن سان زندگيءَ جا حال احوال ڪري ٿو، جنهن ۾ سرفهرست هن جي عشق جا قصا آهن.

اياز قادريءَ جو علوءَ جي نالي سان هي ڪردار، وجوديت جي حوالي سان نهايت ڪٺل انسان آهي. جيتوڻيڪ وجوديت کي نفسيات کان الڳ سمجهيو ويندو آهي. پر هي همراهه نفسياتي طور ايترو ته اٽپورو محسوس ٿئي ٿو، جو هن جي ڳالهين مان بک پاسجي ٿي. اهڙي صورتحال ۾ هن جا ساٿي به چوڻ تي مجبور آهن، ”علو، صبح کان وٺي اڌ رات تائين پئي ڪوڙ سٽيا اٿيئي اجا تنهنجا ڪوڙ ڪٿن ئي نٿا. خدا کي مڃ هينئر ته ڪوڙن کان پاسو ڪر.“ علو ۽ دل وش، حفيظ ڏانهن نهاريو – دل وش اٿي بتي وسائي. علو ۽ دل وش پنهنجي ڪٽن تي ڪمبل ويڙهي اهڙي ريت ماٺ ڪري سمهي پيا ڄڻ سچو ڏينهن ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ڪوڙ ٻڌڻ کان سواءِ ٻيو ڪم ئي نه ڪيو هيائون.

ماڻهو، پنهنجي وجود ۾ ڪيترو ڪٺل آهي. هو ان جي پوراءَ لاءِ ڪهڙي ريت جستجو ڪري ٿو. اهي معاملا اياز قادريءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ نظر اچن ٿا. هي سڀ ماڻهوءَ جو وجود ئي آهي. جنهن جي داخلي ڪيفيتن کي ڪهڙي طرح هو اظهاري ٿو پڻ ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو ويو آهي. (قادري، 1977: 56)

## 4.6.4. سراج الحق جي ڪهاڻي

### زندگيءَ جي ڪنارن تائين...!

سراج الحق ميمڻ جي ڪهاڻي ’زندگيءَ جي ڪنارن تائين...!‘ پنهنجي نالي جي عين روح جيان زندگيءَ جي ڪنارن تائين ئي آهي. هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي ڪهاڻي، جيڪو زندگيءَ جي ڪشمش ۾ بس حياتيءَ جي ڪنارن تي ئي رهي ٿو. هو ٻاروتڻ ۾ جواري ٿيو وڃي. ”هڪ ڏينهن، جيئن هو اسڪول مان گهر ڏي واپس اچي رهيو هو ته ڪي ڇوڪرا هڪ هنڌ گڏجي ڪجهه ڪري رهيا هئا. ويجهو ٿي ڏسڻ سان هن ڏٺو ته هڪ ڇوڪرو آنڪ هٿ ۾ اڇلائي ٻين ڇوڪرن کان لڪائي، هٿ جي هيٺان، پٽ تي لڪائي پڇي رهيو هو: ”اکر ڪي پوري“ ۽ هن ڏٺو ته صحيح واڪ ڏيڻ واري کي ٻيڻا پئسا ٿي مليا. هن کي عجب ٿي ته هي ڇڳو پئسن ميڙڻ جو رستو آهي، جيڪڏهه ائين هو پئسا ميڙي سگهي ته شايد هو گهر ۾ روز روز جي ڪل ڪل کان ڇٽي پوي، هن پنهنجي آنڪ وچ تي اڇلائي واڪ ڏنو ۽ هن جو واڪ صحيح نڪتو.“ پيءُ جي سخت تشدد ڪانپوءِ هو جوا کيڏڻ تي بند ڪري ٿو، پر هن جي بيچين روح کي ڪٿي سڪون نه ٿو ملي. هن آخر هڪ ڪارخاني ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، پر اتي به فٽ نه ٿو ٿئي. هن جي زندگيءَ ۾ ڪيترائي سوال ۽ تنشگي آهي. نتيجي ۾ هن جي ذهن ۾ ڪيترائي سوال اڀرن ٿا. هڪ ڀيري جڏهن هو درياهه جي ڪناري تي ويٺو هو ته ” هڪ لهر اُٿي ۽ ڪناري تي ٿيل اڳين جهڪن جهڪن ليڪن ۽ نقشن کي پنهنجي دامن ۾ سميٽي وري موٽي ويئي. هن جي ذهن تي وري به هڪ نظارو نمودار ٿيو، جتي هو

اهو سيڪجهه ڪري رهيو هو، جنهن کي اوباش چوڪرن جو ڪردار سڏيو وڃي ٿو.“ هو انهن سڀني ڳالهين کان بيزار ٿي آخر ذوهن جي دنيا وسائي ٿو.“ (سراج، 1955: 5)

### 4.6.5. رشيد آخوند جي ڪهاڻي

#### ڊونگ

رشيد آخوند جي مختصر ڪهاڻي ’ڊونگ‘ ڪمال ڍنگ سان لکيل آهي. هڪ اهڙي عورت جي ڪهاڻي، جنهن جي حياتيءَ ۾ بس ڪجهه ئي خوشيون آيون، باقي ته ”هن کي شاديءَ جي پهرين رات ياد آئي، جڏهن هن جي نس نس مان خوشيءَ جو رس ڦٽيو ٿي. ان خوشيءَ ۾ هڪ عجيب بيچيني هئي.“ هن جي زندگي جلد ئي تڪليفن جي ور چڙهي وڃي ٿي. انت يا ڏکن جو عروج ”هن کي اهو ڏينهن به ياد آيو، جڏهن هن جمالي جي پيءُ جو ڪفن مان نڪتل بيجان چهرو ڏٺو هو. ڪافور جي بوءِ چوطرف ڦهليل هئي. ان ڏينهن هن، ڪيترو نه رنو هو! ڏئي جي لاٽ ته وسامي چڪي هئي.“ انسان جتي مايوسين مان سبق سکي ٿو. اتي هو انهن ۾ جيئڻ به سکي وڃي ٿو. حياتيءَ جو ڏانءُ اهو به آهي ته مصيبتون ماڻهو لاءِ هر دم تيار هونديون آهن. اهو ماڻهوءَ جو هنر ته ڪيتري دير انهن کان بچي ٿو. انڪري جنهن عورت جي ڪهاڻي آهي. ان لاءِ ليکڪ لکي ٿو ته ”هوءَ غم سان هري ويئي هئي ۽ جڏهن ماڻهو غم سان هري ويندو آهي ته غم جي شدت به گهٽ ٿي ويندي آهي.“ جمالي جي نالي سان هن جو پٽ آهي. هو پنهنجي پٽ بابت سوچيندي رهي ٿي. جنهن سان ته هن کي تمام گهڻو پيار آهي پر ”گويا جمالي کان به وڌيڪ، غم کي پنهنجي حيات جو سرمايو سمجهيو هو. هن کي پڪ هئي ته هوءَ جمالي جون خوشيون ڏسي نه سگهندي. ان کان اڳ مري ويندي. اهو احساس سندس دل ۾ گهر ڪري چڪو هو. هوءَ هاڻي اڪثر ڪري تصوراتي داغ ڏسندي هئي.“ رشيد آخوند جي هي ڪهاڻي ’وجوديت‘ جي حوالي سان بهترين ڪهاڻين منجهه هڪ آهي. (آخوند، 1992: 34)

### 4.6.6. شوڪت حسين شوري جون ڪهاڻيون

#### ڪاري رات، رت ڦڙا

وجوديت ۾ ويڳاڻپ کي گهڻو فوڪس ڪيو ويو آهي. آخر ۾ ماڻهو پيڙ ۾ ڪيئن تنها ٿي وڃي ٿو. هو ماڻهن جي ميڙ کان نفرت چو ٿو ڪري؟ وجوديت ۾ ان مامرن تي تمام گهڻو بحث ٿيندو رهيو آهي. شوڪت حسين شوري جي ڪهاڻي ’ڪاري رات، رت ڦڙا‘ ۾ وجوديت جي انهن منظرن کي سهيڙيو ويو آهي. ”ماڻهن جي ايڏي ميڙي کان مون کي سخت نفرت آهي. پر ڪري به ڇا ٿو سگهجي. ميڙ ۾ آئون پاڻ کي اڪيلو ۽ محفوظ ٿو سمجهان: گهڻن ماڻهن ۾ پاڻ کي اڪيلو سمجهڻ ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي! ٿورن ماڻهن ۾ مون کي دٻ لڳندو آهي، ۽ سخت بيچيني محسوس ڪندو آهيان.“

شوڪت شوري جي هن ڪهاڻيءَ ۾ انهن سڀني انساني احساسن کي لکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جيڪي وجوديت جي موضوع رهيا آهن. هڪ اهڙي ڪردار جي جيڪو پاڻ سان وڙهندي جيون گذاري پيو. هو خود ڪلاميءَ ۾ چئي ٿو: ”ذهن ساڻو ٿي چڪو آهي، آئون پاڻ کي گهليندو هلندو ئي رهندس. پر آخر هي سلسلو ڪيستائين هلندو؟ اوهه، منهنجا خدا، آخر پڇاڻي ڪٿي آهي؟“ (شورو، 2007: ڊجيٽل)

#### سرنگ

شوڪت شوري جي ڪهاڻي ’سرنگ‘ نالي جيان هڪ شخص جي اهڙي ذهني ڪيفيت بابت آهي. جيڪو سمجهي ٿو يا ”هن کي پڪ ٿي وئي ته اها سرنگ ڪٿي به کُلڻي ڪانه هئي، پر تڏهن به هو ٻوڙندو رهيو...“

ڪهاڻيءَ ۾ هڪ شخص جي روحاني پيچيدگين کي خوبصورت طريقي سان بيان ڪيو ويو آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ وجوديت جا عنصر نمايان نظر اچن ٿا. ڪهاڻيءَ جي شروع جون ئي سٽون آهن. ”ٽرڪون، بسون ۽ موٽرڪارون در مان ٺوڪينديون اندر پيون اينديون هيون. هڪڙي ڏينهن کٽ تي ليٽيو پيو هو ته کيس لڳو ته گوڙ مٿانئس چڙهندو پئي آيو.“ ’گوڙ جو ماڻهوءَ مٿان چڙهڻ‘ هڪ اهڙو اصطلاح جيڪو خالص طور وجوديت جي عڪاسي ڪري ٿو. هن ڪهاڻيءَ ۾ ان شخص جي نوڪري هلي وڃي ٿي ته ان جي ذهني ڪيفيت ڪهڙي ٿي وڃي ٿي. هو ڪهڙي طرح ماڻهن کان لڪندو وتي ٿو. اهو هن ڪهاڻيءَ ۾ ڏيکاريو ويو آهي. ڪهاڻيءَ جو ڪجهه حصو هيٺ ونڊ ڪجي ٿو. پڙهڻ سان اندازو ٿيندو ته شوڪت حسين شوري جو وجوديت بابت تصور ڪيترو نه واضح آهي. ”هن زور سان چيو، ’ڪٿي وڃو روڊ کي هٽان! ڪهڙي مصيبت آهي هيءَ؟‘ ۽ رڙيون ڪندو ڪمري مان ٻاهر نڪري آيو.“ (شورو، 2007: ڊجيٽل)

### هارايل ماڻهوءَ جي ڊائري

شوڪت حسين شوري جي ڪهاڻي ’هارايل ماڻهوءَ جي ڊائري‘ به هن جي پهرين ٻن ڪهاڻين جو تسلسل ئي آهي. ”ماڻهو جنهن کي پنهنجي زندگي سمجهي پيار ڪري ۽ اها زندگي هڪ ڏينهن هن سان اجنبين وانگر ملي! ان کان وڌيڪ ڪو عذاب ٿي نٿو سگهي. جڏهن کان هوءَ اجنبي بنجي وئي، تڏهن کان آءُ پاڻ پنهنجي لاءِ اجنبي بنجي ويو آهيان. مون ۾ اهو ڪجهه رهيو ئي ڪونهي جو ڪنهن کي پيار ڏئي سگهان.“ هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙي شخص جي ڪٿا آهي، جيڪو زندگي هارائي ويٺو هجي. هن نراسائي ۽ مايوسيءَ ڪانسواءِ ڪجهه به ناهي. نتيجي ۾ هن وٽ منفي سوچون جنم وٺن ٿيون. هو ڏينهن به ڏينهن نا اميدن جي ڌٻڻ ۾ ڦاسندو پيو وڃي.

وجوديت جي حوالي سان شوڪت حسين شوري جون ڪهاڻيون نهايت حساسيت سان پريل آهن. جن کي وجوديت جي فڪري تحريڪ جي پسمنظر ۾ نمائنده ڪهاڻيون چئي سگهجن ٿيون. (شورو، 2007: ڊجيٽل)

## 4.6.7. موهن ڪلپنا جي ڪهاڻي

### هٿو مونکان پري ٿيو

موهن ڪلپنا جي مختصر ڪهاڻي ’هٿو مونکان پري ٿيو‘ هن باب جي روشن خياليءَ واري حصي ۾ پڻ شامل ڪئي وئي آهي. ان ۾ ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جي روشن خياليءَ کي فوڪس ڪيو ويو هو. ساڳي ڪهاڻي وجوديت جي ڀاڱي ۾ پڻ ان لحاظ کان شامل ڪجي ٿي ته ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار مهيش، جتي هڪ پاسي روشن خيال شخص آهي، اتي هن جي ذهن ۾ ڪافي پيچيدگيون پڻ آهن. مثالطور: هن ريٽا، جيڪا وڌشيا آهي، کي شاديءَ جي آڇ ڪئي. ريٽا انڪار ڪري هلي وڃي ٿي. وري هو هڪ ٻي وڌشيا جي ويجهو وڃڻ چاهي ٿو. جنهن تي هوءَ هن کان ٻانهن ڇڏائي چئي ٿي: ”ايترا ننڍا نه بنجو، جنهن راهه تان اوهان کي ريٽا روڪڻ چاهي ٿي. اوهين خود ان راهه تي ڪيئن ٿا هلڻ چاهيو. هوءَ توهان لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه ڇڏي هلي وئي آهي ۽ اجا به اوهين سمجهو نه ٿا.“ اڳتي هلي ان عورت جا مڪالمو اجا به تلخ آهي: ”مان برابر وڌشيا آهيان. پر مان عورت به آهيان ۽ هڪ عورت ٻي عورت کي دوکو نه ڏيندي آهي.“ اهي لفظ مهيش جي مٿان بم جيان ڪرن ٿا. ”۽ هٿندي، هن کي لڳو ته ڪجهه هو جنهن ڪن گهڙين لاءِ هن جي سڄي هستيءَ کي ڌوڏي ڇڏيو هو.

وجوديت هستيءَ کي سڃاڻڻ جو هڪ ذريعو پڻ آهي. هتي اها عورت لفظن جي سگهه سان مهيش کي پاڻ سڃاڻڻ ۾ مدد ڪري ٿي. چئي سگهجي ٿو ته وجوديت هڪ اهڙي ڪيفيت آهي، جنهن ۾ نه صرف گهري سوچ ويچار جي ضرورت هوندي آهي، پر نه چاهيندي به معاشري جي ڪجهه ڳالهين ڏانهن ڌيان ڏيڻو پوندو آهي. (ڪلپنا، 1985: 56)

## 4.6.8. خواجه سليم جي ڪهاڻي

### ڪنهن پَر ......!

’تماهي مهراڻ‘ ۾ شائع ٿيل مختصر ڪهاڻي ’ڪنهن پر‘ خواجه سليم جي وجوديت جي حوالي سان هڪ سٺي ڪهاڻي آهي. هن مختصر ڪهاڻيءَ ۾ هڪ اهڙي شخص جي ڪردار کي نمايان ڪيو ويو آهي، جيڪو والدين جي بيگاهي موت تي اذيت در اذيت جو شڪار ٿيندو. تڪليفن جا نون جهانن جا مشاهده ماڻي ٿو. هن جي زندگيءَ ۾ بس ڏک ئي ڏک آهن. ٻاروتڻ جي ڪجهه ڏينهن جي سک کان سواءِ هن وٽ انهن جو ڪو تصور ڪونهي. هو جسماني اذيتن کان ٿيندو، آخر ۾ لاهور جي وڏي چڪلي هيرا منديءَ تي پهچي وڃي ٿو. اهنجن جي ان سفر کي خواجه سليم نهايت شاندار نموني نڀايو اهي.

انهن سڀني حالتن جي باوجود، ان شخص جي هڪ خوبي اها به آهي ته هو پنهنجي ان ڪنور دل کي سياريءَ سان پيٽا ڏيندي، بهار جو منتظر آهي. انهن سڀني ڪيفيتن جو اظهار ڪجهه هن طرح ٿيل آهي. ”اڄ وري منهنجي دل تي اداسيءَ جا تهه چڙهي ويا آهن. واهه جو ماٺ ميٺ ۽ سانت ۾ وهندڙ پاڻي منهنجن رڳن ۾ ڪو سُر نٿو جهونگاري. ڪپر تي بيٺل وڻ ٻوٽا، پنهنجين ٻانهن تي پيلن سرءُ ماريل پنن جو بار کنيو، مبهوت مبهوت، آسمان کي تڪي رهيا آهن. سندن ٽارين مان لنگهندي، ٿڌي هوا منجهن ڪا ترنگ ڪا نه ٿي تنواري. ذرتيءَ جي روشني به ٽڪ ٽڪ ٿي نظر اچي. سندس ڪرٽا پاڻيءَ جي سيني تي ڪو امنگ ڀريو ناچ ڪين ٿا نچن. مان ڇا اداس آهيان، سڄي ڪائنات اداس آهي – اڀاڪي ۽ ويڳاڻي – ڇڻ سندس ڪو ڪو نه هجي، هوءَ اڪيلي هجي – صفا اڪيلي جيڪڏهن سياري جا سيءَ لهي سگهن ٿا، ته بهار جون هيرون به ڪي اهڙيون پري ته ڪو نه ٿيون ٿي سگهن!“ (سليم، 1992: 13)

## 4.6.9. رزاق مهر جون ڪهاڻيون

### آڙاهه

رزاق مهر جي مختصر ڪهاڻي ’آڙاهه‘ پنهنجي نالي جيان ان آڙاهه مثل آهي، جنهن ۾ ماڻهو سڄي زندگي سڙندو پچرندو رهي ٿو. وجوديت ۾ هڪ سوال پڇيو ويندو آهي ته ’آخر انسان ڪير آهي، ڇا هو هن دنيا ۾ ڏکن لاءِ آندو ويو آيو؟‘ هن ڪهاڻيءَ ۾ ان جو جواب اثابت ۾ آهي. هڪ اهڙي انسان جي ڪهاڻي، جيڪو موت جي بستر تي تمام ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ ستل آهي ۽ سوچي پيو: ”مري ويو ته هيڏي وڏي دنيا ۾ ڪير هن جي ٻارن جي سار لهندو، ڪير انهن جي ننيڙين ننيڙين خواهشن جو مان رکندو. هن وانگي انهن جا انگل پورا ڪندو، ۽ لاڏ ڪوڏ سان انهن کي پاليندو. اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي ٿا وڃنس. ننڍي اک وڏيڪ ننڍي ۽ وڏي اک وڏيڪ وڏي ٿي وڃيس ٿي. ڦريل واڇ ۾ ڪُپ پئجي وڃيس ٿو. انهن لمحن ۾ هن کي ايئن لڳي ٿو، ڇڻ ته هن جو گهر ديوارن کان آزاد ٿي ويو هجي.“

رزاق مهر جي ڪهاڻيءَ ۾ وجوديت جي حوالي سان ماڻهوءَ کي تمام گهڻو ڪمزور ڏيکاريو ويو آهي. ڪهڙي ريت وقت ۽ حالتون هن کي بيمارين جي وڪڙ ۾ آڻي هن لاءِ زندگيءَ جا رستا سوڙها ڪري ڇڏين ٿيون. (مهر، 2009: ڊجيٽل)

### اجهل هوا

رزاق مهر جي ڪتاب ’سڪون ڪٿي آهي‘ ۾ شامل اڪثر ڪهاڻيون، وجوديت جي شاهدي ڏين ٿيون. سندس ڪهاڻي ’اجهل هوا‘ پڻ ساڳي ٿيم سان لکي وئي آهي. هڪ اهڙي شخص جو قصو، جيڪو زندگيءَ ۾ مختلف جڳهن تي ڀاڳ کي آزمائي ٿو، پر ناڪام ٿيو وڃي. هن جي ناڪاميءَ جي پويان ڪهڙا سبب آهن؟ هو ان بابت سوچي به ٿو ۽ سوال به اٿاري ٿو. جهڙي ريت هن جڏهن صحافي طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ته خبرون سدائين سندس ڪان اوجهل رهن ٿيو. هو هميشه دير ڪري چڙي ٿو. هن جي سڄي زندگيءَ کي ڪهاڻيءَ جي هنن سٽن سان پرکي سگهجي ٿو. ”هوا ڪنهن پڳل بند مان نڪتل پاڻيءَ جيان هر شيءِ کي پنهنجي تيز وهڪري سان ڌوڪيندي پئي وڃي، ڌوڙ ئي ڌوڙ پکڙيل آهي هر طرف...

هوا تيزيءَ سان هڪ بند ٿيل دروازي جي چير مان اندر گهڙي وڃي ٿي. سامهون بيزار بيزار چهرن وارا پاتي هڪبئي ڏانهن تڪي رهيا آهن.“ (مهر، 1983: ڊجيٽل)

## پيڙا جي ڪوهيڙن ۾

رزاق مهر جي مختصر ڪهاڻي ’پيڙا جي ڪوهيڙن ۾‘ منير احمد نالي هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي ڪهاڻي آهي، جيڪو ذهني مونجهارن ۾ مبتلا نظر اچي ٿو. اها هن جي من جي مايوسي ئي هئي، جنهن ۾ هن 32 گوريون کائي آپگهات جي ڪوشش ڪئي هئي. هو مئو ته ڪونه پر هن جي حالت ان ڏينهن کان ابنارمل ٿي وئي. بس پوءِ هن جي اڳيان جي ڪجهه خوشيون هيون ته اهي هن جي ٻاروتڻ جي صورت ۾ باقي ته ايترا ڏک جن جو انت ناهي هوندو. هن جي حياتي ۾ بس ٿڌا شوڪارا آهن. هو نرسائي جي انت تي پهتل اهڙو شخص آهي، جنهن کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه ٿو اچي. ”هن ٿڌو شوڪارو ڀري مٿي آسمان ۾ ڏٺو جت ڪارن ۽ ڀورن ڪڪرن جي سڄ سان اڪٻوٽ راند ٿي رهي هئي. هاڻ هن کي پنهنجي ننڍپڻ جا ڏينهن ياد اچڻ لڳا. جڏهن هو راند ڪندي تيزيءَ سان ڊوڙندو هو ۽ ايترو ته تيز ڊوڙندو هو جو ڇوڪرا سندس ڊوڙ جا مثال ڏيندا هئا. هن کي اسڪول وارو اُهو ڏوڙ ياد آيو جڏهن ٻارن جو ڏينهن ملهايو ويو هو ۽ ان ڏينهن ٻارن جي ڊوڙ ۾ حصو وٺي هن پهريون نمبر حاصل ڪيو هو.“ هن جي حياتيءَ جو اهي سندر يادون، هن کي زنده رهڻ لاءِ آماده ڪن ٿيون،

وجوديت جي حوالي سان هيءَ ڪهاڻي شاندار آهي. جنهن ۾ ماڻهوءَ جي اندر جي احساسن کي نهايت خوبصورت نموني سان بيان ڪيو ويو آهي. (مهر، 1983: ڊجيٽل)

## 4.6.10. رسول ميمڻ جي ڪهاڻي

### هيءَ سين نه ڏيندي چين

”مسلسل پيڙا کان پوءِ وري ڪجهه دل ڏڪائيندڙ گهڙيون، جن جو هن کي اوسيڙو هيو، هن کي ائين محسوس ٿيو جيئن ڪينواس تي ٺهيل مورتيءَ جي رنگن ۾ جذب ٿيل هن جو روح هن ۾ آهستي آهستي موٽي دل ڏاريندڙ پيڙا ۾ اضافو ڪندو هجي.“

رسول ميمڻ جي مختصر ڪهاڻي ’هيءَ سين نه ڏيندي چين‘ هڪ اهڙي بي چين فنڪار جي ڪٿا آهي، جيڪو سنگ تراشي ڪري مورتيون جوڙي ٿو. هن کي محسوس ٿئي ٿو ته هو جيڪي مورتيون جوڙيندو آهي ان ۾ ساهه پئجي وڃي ٿو. ڪهاڻيءَ ۾ ان فنڪار سان هڪ عورت ملي ٿي. هو ان عورت سان رات گذارڻ چاهي ٿو. ان جي وچ ۾ هن جي ذهن ۾ عجيب خيال اچن ٿا. ايتري ۾ فنڪار عورت کان رات گذارڻ جا پئسا به پڇي وٺي ٿو.

رسول ميمڻ جي هيءَ ڪهاڻي، انسان جي داخلي احساسن سان ڀرپور هڪ ماسٽر پيس آهي. وجود جي ويڳاڻپ کان اندر جي اڪيلائي تائين جو سفر هن ڪهاڻيءَ ۾ طئي ڪيو ويو آهي. هيٺ ڪهاڻيءَ جو هڪ ٻيو ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

”فنڪار هن جو مطلب سمجهي ويو ۽ سوچيو وئشيا به عظيم آهي، جديد نظريو آهي. هوءَ پنهنجي پيٽ جا ڏک سور گهٽائڻ لاءِ پنهنجي وجود کي وساري پاڻ کي ٻئي جي حوالي ٿي ڪري. ان کي تسڪين پهچائي پنهنجا مسئلا حل ٿي ڪري.“ (ميمڻ، 1977: ڊجيٽل)

## 4.6.11. مس شمس صديقيءَ جي ڪهاڻي

### هڪ ڪردار، سَو افسانا

’تماهي مهراڻ‘ ۾ مس شمس صديقي جي مختصر ڪهاڻي ’هڪ ڪردار، سَو افسانا‘ انسان جي اندر جي احساسن سان پري پئي آهي. اهو احساس، جيڪو پاڻ وجوديت جو هڪ حصو آهي. ماڻهو پنهنجي وجود ۾ ڪيترو اڪيلو ۽ حساس آهي. ڪهاڻيءَ جو هي سٽون ان جون بهترين ترجمان آهن. ”هُن جو اداس منهن ويتر اداس ٿي ويو. هوءَ چپ چاپ پرسان پيل ڪرسيءَ تي ويهي رهي. نازنين کي شايد پنهنجي زيادتيءَ جو احساس ٿيو- هوءَ ريڪٽ رکي، ڪرسي سوري، هن جي پرسان ويهي رهي. مون بي دليءَ سان ڪاپي کولي، ۽ نوٽس پڙهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳي.“ جيڪڏهن وجود کي گهرا گهاءُ پهچن ته ماڻهوءَ کي پنهنجي پر ۾ ويٺل به نظر ڪونه ايندو آهي. هيءَ ڪهاڻي انهن نازڪ مامرن ڏانهن توجهه ڏياري ٿي.

ان سچي لقاء ۾ ڪهاڻيءَ جا هي جملا ’وجوديت‘ کي وڌيڪ نمايان ڪن ٿا. ”هوءَ چئي رهي هئي: گذريل رات تارن کي ڏسي، مون کي الائي چو ڏاڍو روئڻ آيو! اُماس جون راتيون به ڪيتريون نه حسين ٿين ٿيون – ڪاري ڪاري آسمان تي زرد روشن ستارا ڪهڙا نه سهڻا لڳندا آهن!“ مس شمس صديقي جي هيءَ ڪهاڻي، وجود جي ڳولها جي حوالي سان بهترين ڪهاڻين منجهه هڪ آهي. جنهن جي ساراهه ڪجي ٿي. (صديقي، 1956: 54)

## 4.7. قوم پرستيءَ جو نظريو

قوم پرستيءَ جو نظريو ڇا آهي؟ ان جو سادو جواب ته پنهنجي قوم سان محبت ئي ٿيندو، پر معاملو ايترو به سادو نه آهي! جيڪڏهن ان نظريي جو وڌيڪ ڇيد ڪجي ته تشريح هن ريت بيهي ٿي ”قوم پرستي، گڏيل ثقافتي قدرن ۽ حب الوطنيءَ جي جذبن تي ٻڌل هڪ سياسي نظريو آهي، جنهن مطابق مختلف لاڙن ۽ طبقن ۾ ورهايل ماڻهن جو هڪ گروهه، اجتماعي حاصلات لاءِ پنهنجي قوم ۽ ان جي مفادن سان سگهاري انداز ۾ سلهاڙيل ۽ واڳيل هجي ٿو. جديد دؤر ۾ هي نظريو ڪنهن به قوم جي سجاڻپ ۽ ترقيءَ جو اهڃاڻ سمجهيو وڃي ٿو. هونءَ ته قوم پرستيءَ جي تاريخ تمام پراڻي آهي، پر صنعتي انقلاب کان پوءِ يورپ ۾ جديد رياست جي قيام ۽ وڌيڪ وسيلا هٿ ڪرڻ جي

سلسلي ۾ ’قوم پرستي‘ هڪ وڏي ۽ متحرڪ سگهه ثابت ٿي. اڳتي هلي اٺويهين صديءَ ۾ هن نظريي عالمي سطح تي ان مهل وڏي مقبوليت ماڻي، جڏهن بيٺڪي راڄ خلاف هيٺين ۽ غلام قومن آزاديءَ جون تحريڪون هلايون.“ (انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا ڊجيٽل ايڊيشن)

قوم پرستيءَ کي اجا آسان لفظن ۾ هن طرح سمجهي سگهجي ٿو. ترجمو: ”قوم پرستي هڪ نظريي يا تحريڪ جو نالو آهي، جيڪو اصل ۾ ڪنهن خاص قوم جي مفادن کي سگهارو ڪندو آهي. (Smith, Anthony) قوم پرستيءَ جو خاص هدف پنهنجي وطن تي مڪمل اختيار ۽ آزاديءَ جي حاصلات ٿي هوندي آهي. ”اهو نظريو، ڪلچر، قوميت، مقام، زبان، سياست، مذهب. روايتن، تاريخ ۽ جاگرافيائي مقام جي بنياد تي قومي سڃاڻپ پيدا ڪري ان کي پختو ڪندو آهي.“ (Finlayson, Alan) هن نظريي کي حب الوطنيءَ جي جي ويجهو پڻ سمجهيو وڃي ٿو.

منصور قادر جوڻيجو، پنهنجي ترجمي ٿيل ڪتاب ’پنج فڪري نظريا‘ ۾ لکي ٿو ته ”قومپرستي اهو سياسي نظريو آهي، جنهن مطابق هر قوم کي حق خود اختياريءَ جي عالمي اصولن تحت پنهنجي سياسي مستقبل بابت فيصلي ڪرڻ جو قانوني حق ۽ اختيار مليل هجي. بين الاقوامي انصاف، آئين مطابق هر قوم پنهنجي آزاد يا جداگانه اقتدار قائم ڪرڻ جو اختيار حاصل هجي.“ (جوڻيجو، 2016: 45) اڳتي هلي هو قوم پرستيءَ جي حوالي سان عالمي طور جڙيل قوم جي تشريح پڻ ٻڌائي ٿو. ”هڪ قوم لاءِ جاگرافيائي حدن جو هجڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ڪنهن قوم کي وطن ناهي ته اها ڪمزور ۽ بي پاڙي قوم چئبي. ان کانپوءِ قوم جي هڪ زبان هجڻ گهرجي، هنن جو ڪلچر پڻ ساڳيو هجي. ان قوم جي قومي ڪردار ۽ تاريخي پسمنظر پڻ هجڻ ضروري آهي. انهن جا سياسي ۽ اقتصادي مفاد به هڪ جهڙا هجڻ گهرجن. اهڙي ئي گروهه کي قوم چئبو آهي.“ (جوڻيجو، 2016: 67)

ادبي تاريخن ۾ هڪ پاسي جتي قوم پرستيءَ کي ساراهيو ويو آهي، اتي هڪ طبقو اهڙو به آهي جيڪو ان نظريي کي درست نه ٿو سمجهي. ان طبقي جي خيال موجب قوم پرستيءَ جي نظريي، فلسفي کي ڌڪ رسايو آهي. عبدالغفار سومرو لکي ٿو: ”بريفالٽ جي لفظن ۾ هي آهي ته فلسفو روايت ۽ طاقت ذريعي چانيل فڪر کان آجو ٿي نه سگهيو آهي، دراصل انهن ٻنهي ڳالهين جي ڪري فلسفي وڏو ڌڪ کاڌو آهي. هڪ طرف روايتي طرز فڪر ته ٻئي طرف قوم پرستيءَ ۽ علاقائيت جهڙن ورهائيندڙ لاڙن صحيح فلسفي جي نشو نما ۾ هڪ لوهي ديوار ڪڙي ڪري ڇڏي آهي.“ (سومرو، 1995: 23) هتي ڳالهه رڳو فلسفي جي ناهي. ڇاڪاڻ ته قوم پرستي جو جذبو يا قوم سان پيار انساني سرشت ۾ شامل هجي ٿو.

قوم پرستيءَ بابت جيڪڏهن هن نقطه نظر سان ڏٺو وڃي ته ”درحقيقت هن صديءَ جو وڏي کان وڏو تضاد اهو آهي ته قوم پرستيءَ جي اٿل قوت، عين اهڙي وقت تي پنهنجي تاريخي عروج جي نقطي تي اچي پهتي آهي. جڏهن سائنس ۽ فوجي فن جي ترقيءَ دنيا کي طبعي لحاظ کان متحد بنائي ڇڏيو آهي ۽ موجوده قومي سرحدن کان گهڻو اڳتي سياسي اتحاد قائم ڪرڻ جي ضروت کي ثابت ڪيو آهي.“ (بروهي، 1983: 89)

سنڌي ادب ۾ ڏسجي ته ”قوم پرستيءَ جو رجحان شروع کان ئي ادب جو موضوع رهيو آهي.“ (پٽي، 2007: 3) ان جو سبب سنڌ تي ڌارين جون ڪاهون آهن. ”ارغون، ترخان ۽ مغل ڌاريا سنڌ تي ڪاهون ڪري، راڄ ڪيو، هنن مذهب جي نالي ۾ سنڌ ۽ سنڌين جو استحصال ڪيو.“ (پٽي، 2007: 3) سنڌ ۾ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي ڪاهن کان اڳ هتان جي اسٿاني ادب تي نظر وجهبي ته معلوم ٿيندو سومرن ۽ سمن جي دؤرن ۾ پڻ قوم پرستيءَ جو فڪر موجود هو. انهن دؤرن جو ڪلاسڪ ادب شاهدي ڏئي ٿو. زرميه ڳاهون ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهن. جيڪڏهن سنڌي قوم پرستيءَ جديد نظريي جا پيرا کڻبا ته اهي اسان کي ورهاڱي کانپوءِ نظر اچي ٿو. جيڪو ون يونٽ جي عرصي ۾ هڪ منظم تحريڪ ۾ تبديل ٿي ويو. ان حوالي سان مختيار ملاح لکي ٿو ”ون يونٽ کانپوءِ قوم پرستيءَ جو لاڙو ادب ۾ هڪ تحريڪ جي شڪل اختيار ڪري ويو. سنڌ جي شاعرن ۽ اديبن هڪ منظم تحريڪ شروع ڪئي. جنهن جو مقصد سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌ جي قومي، ثقافتي ورثي جي حفاظت هو. هن تحريڪ جي اهم اديبن ۾ محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز،

عبدالڪريم گدائي، سراج ميمڻ، تنوير عباسي، شمشير الحيدري، ڊاڪٽر نجم عباسي، رسول بخش پليجو، نياز همايوني، استاد بخاري، امر جليل، ماهتاب محبوب، امداد حسيني، محمد خان مجيدي، ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي، خاڪي جويو ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر ۽ اديب اڀري اچي وجن ٿا. هن تحريڪ هيٺ جيڪو به ادب سرجيو ان ۾ سنڌ ۽ سنڌيت جي پرچار، سنڌ جي استحصالي طبقي تي ڦٽڪار، سنڌ جي سورمن جي تعريف، سنڌي ٻوليءَ سان محبت جو اظهار، سنڌ جي قديم اثارن تي فخر ڪرڻ، ڪلاسيڪل شاعرن جي عظمت جو اظهار، ملڪي سماجي حالتن جي عڪاسي هن دؤر جون خاص خوبيون آهن. (ملاح، 2015: 124)

## 4.7.1. قوم پرستيءَ جي اثر هيٺ لکيل سنڌي ڪهاڻين جو جائزو

### 4.7.2. سندري اُتمچنداڻيءَ جي ڪهاڻيون

**آڪيري جا اَبلا ڪي**

مشهور سنڌي ڪهاڻيڪاره سندري اُتمچنداڻيءَ جي ڪتاب ’وڇوڙو‘ ۾ شامل ڪهاڻي ’آڪيري جا اَبلا ڪي‘ افسانوي انداز ۾ انهن دردن جو داستان آهن، جيڪي لڏپلاڻ کانپوءِ سنڌي ديوان پاڻ سان گڏ سنڌ مان هند کڻي پهتا. هڪ نظر سان ڏٺو وڃي ته قوم پرستيءَ جو احساس ان وقت درست معنى ۾ ٿئي ٿو؛ جڏهن ماڻهو، بنا سبب جي بي وطن ٿيو وڃي. ڌرتيءَ کان پري رهڻ، ان کي ياد ڪرڻ شايد اسان ان لاءِ ڪي مناسب لفظ نه لکي سگهون. انهن سپني ڳالهين جي هوندي سندري اُتمچنداڻي، جنهن انداز سان هن ڪهاڻيءَ کي جوڙيو آهي. اها هن جي فن جو ڪمال آهي. سنڌ کان هزارين ميل پري ويهي جڏهن جيڪب آباد ۽ ڪراچيءَ جي ڳالهه هلي ٿي ته ديس سان گڏ قوم جي ياد به اچيو وڃي. قوم ۽ ديس کان دوُريءَ جو احساس تهائين وڌيو وڃي. جيئن ڪهاڻيءَ جو ليلان نالي هڪ ڪردار چئي ٿو:

- ❖ ليلان چڻ ڪنهن خوش خواب ۾ محو ٿيندي چيو ته ڳالهه چا آهي ته مونکان سنڌ جون سڀ شيون سڪل، سهنجاڙو، ٻتاشا، ٻوراني وغيره. گهرايائون ته پچائون. ”سنڌو نگر، سنڌ جي ڪهڙي شهر وانگر ٿو لڳي.“ مون پلا سنڌ ڏٺي هجي ته ڪجهه چوان.
- ❖ ۽ تون به ته آهين. ’ليلان ٻنڌار‘ جو مالڪ مسٽر ڏيون داس منگهو مل! پر ڳالهه ته ٻڌ تو مونکي جيڪب آبادڻ چو سڏيو؟ مان ته ڄائي نپني ٻوني ۾ آهيان. جيڪب آباد مان ته رڳو منهنجا مائٽ، سنڌ مان لڏپلاڻ مهل لڏي آيا هئا.“ ”خبر اٿيئي! منهنجا مائٽ وري ڪراچيءَ مان لڏي آيا هئا. امان چوندي آهي ته ڪراچيءَ جي ڪاٺي چوڪري کي جيڪب آباد مان سهڻي ٻانهن ملي سگهندي هئي. چوين ته ائين ٿو، چڻ ڪراچيءَ وارا ڏاڍا وڏا ماڻهو هئا ۽ جيڪب آباد ۾ سهڻيون ٻانهون رکيون هيون. تڏهن چا، ڪراچي واري اڳيان، جيڪب آبادي ته ٻهراڙيءَ جا هئا. اسين شهر ليکبا هئاسين.“ اک پيچي ليلان چيو. ”هاڻي ته پاڻ مان پيئي شهري لڳان ۽ تون پيو ٻهراڙيءَ جو لڳين!

سندري اتمچنداڻيءَ جي ڪهاڻي ’آڪيري جا اَبلا ڪي‘ پنهنجي نالي جي مفهوم جي حوالي سان هڪ ڪمزور انسان جو ديس کي ياد ڪرڻ جو نالو آهي. انساني سپاءَ ۾ ڌرتيءَ سان محبت ۽ قوم سان گڏ رهڻ اهڙو احساس رهيو آهي، جنهن کي ڪنهن به ريت گهٽائي نه ٿو سگهجي. انهيءَ ڪري ته وطن جي حب کي ايمان جي جزي سان پيٽا ڏٺي وئي آهي ۽ جتي وطن جي ڳالهه نڪري ٿي اتي قوم جو تذڪرو لازم و ملزوم ٿيو وڃي. هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ پاسي جتي سنڌ جي شهرن جو ذڪر آهي. اتي سنڌ جي انهن شين جي باري ۾ ٻڌايو پيو وڃي. جيڪي شايد انهن علائقن ۾ اڻ لڀ آهن. جتي جتي سنڌ وطن جا هي مسافر رهن پيا.

سندري اتمچنداڻيءَ جي ڪهاڻي ’آڪيري جا اَبلا ڪي‘ پڙهي ديس ۽ قوم جي محبت کي لفظن جي صورت ۾ پسي سگهجي ٿو. (اتمچنداڻي، 1985: 19-30)

**سنڌوءَ جو روپ**

سندري اُتمچنداڻيءَ جي ڪتاب ’وچوڙو‘ ۾ ئي شامل ڪهاڻي ’سنڌوءَ جو روپ‘ پڻ قوم پرستيءَ جو هڪ استعارو معلوم ٿئي ٿو. هزارين ميل پري رهي. ڪيئن ديس، ٻولي ۽ قوم کي ياد ڪيو وڃي ٿو. اهو هن ڪهاڻيءَ ۾ واضح طور ڏسي سگهجي ٿو. اهو پڻ ته جيتوڻيڪ اهي ماڻهو ديس کان ڪوهين ڏور آهن، پر هنن جي ذهنن ۾ اها ڳالهه پختي آهي ته هنن کي قوم جي بقا لاءِ ٻولي ضرور سکڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته ٻوليءَ سان ئي قوم جو وجود قائم رهي سگهي ٿو. ان ڪري هو سنڌي گيتن ۽ آکاڻين جون ڳالهيون ڪن ٿا. جهڙي ريت ڪهاڻي ’سنڌوءَ جو روپ‘ ۾ سندري اُتمچنداڻيءَ لکيو آهي.

- ❖ شوڀا، رئي جو پلئو ٺاهيندي چيو، ”امي مون کين ميچ ته ڪانه ڪا ڏني آهي. باقي منهنجا سنڌي گيت، آکاڻيون ۽ ٽوٽڪا ٻڌي سنڌيءَ حرص ضرور جاڳيو اٿن. ڪيترن ئي وقتن تي هو سنڌي نه ڇاڻن ڪري ڏاڍا اٻالا لڳندا آهن. ويچارا پنهنجي ٻوليءَ ۾ توهان سان انگل آرا نه ڪري سگهن. سنڌو نگر ۾ رهي. سنڌي اخبارون، سنڌي ڪتاب نه پڙهي سگهن.
- ❖ دولت ماءَ هُڏيءَ مان چيو، انگريزي نه سڪن. شوڀا، ڏاڍي تحمل سان وراڻيو، اسين ٻهرين پنهنجي ٻولي سکون ۽ ٻوءِ ٻيون ٻوليون سکون. ٻار جيڪو ڪجهه ماتري ڀاشا ۾ سکي ۽ سمجهي سگهندو. سو ٻي ٻوليءَ ۾ ٿورو ئي سمجهي سگهندو.
- ❖ سيڪي وريو. دولت ماءَ موڙو ڏنو، سنڌ ئي هلي وئي هاڻي سنڌي ڇا ڪبي؟ چوندي دولت ماءُ اداس ٿي وئي. شوڀا چيو، ”امي هتي ته پاڻ سنڌي قائم رکڻ وڌيڪ ضروري آهي. سڀ سنڌي انهيءَ هڪ ئي ڏاڳي ۾ ته مالها جي مڻڪن وانگر پوئل آهيون.
- ❖ شامداس چيو، ڪنوار، هن کي ڇڏ هي تنهنجي ڳالهه ڪونه سمجهندي. ٻهرين تاريخ ڏسي ٺهي ٻارن کي سنڌي اسڪول ۾ ويهاري اچج.

سندري اُتمچنداڻيءَ جي ڪهاڻيءَ ۾ جتي ڪيترين ئي ڳالهيون نهايت ڪمائتون آهن، انهن مان هڪ نُڪتو هي به ته جيڪڏهن انسان ڌرتيءَ کان پري آهي ته هن کي هڪ قومي يونٽ ۾ رهڻ لاءِ ٻوليءَ کي مضبوطيءَ سان قابو ڪرڻو پوندو. ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ جهڙي ريت حقيقت پسند ۽ اميدن جي پهچ کي ڏيکاريو ويو آهي ته ’ٻهرين تاريخ تي ٻارن کي سنڌي اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويندو.‘ اهو هن ڪهاڻيءَ جو ڪل سرمايو آهي. (اتمچنداڻي، 1985: 55-64)

## 4.7.3. جمال ابڙي جي ڪهاڻي

**پشو پاشا**

ناميارو ڪهاڻيڪار جمال ابڙي جي مشهور ڪهاڻي ’پشو پاشا‘ لاءِ ٻهرين رسول بخش پليجو جو هي تبصرو شامل ڪجي ٿو. ”’پشو پاشا‘ جي مقصد هڪ اهڙو مثالي ڪردار پيش ڪرڻ آهي، جو نه فقط اسان منجهان ۽ اسان جو هجي، پر ساڳي وقت اسان جي اڳواڻي ۽ رهبري به ڪري، اسان کي موجوده پستيءَ ۽ ذلت جي حالت مان ڇوٽڪارو ڏياري ۽ اسان جي آسن ۽ اميدن کي حقيقت ۾بدلائي ڏيکاري، ان جو مقصد، سماج جي غير انساني، ماحول ڏانهن اشارو ڪرڻ جي بدران، ان کي عمل ۽ جدوجهد جي وسيلي بدلائڻ ۽ ختم ڪرڻ جي راهه ڏيکارڻ، آهي. ’پشو پاشا‘ عوام جي ڪامياب جدوجهد جي ڪهاڻي آهي.“ (پليجو، 1956: 18)

جمال ابڙي جي ڪهاڻي ’پشو پاشا‘ هڪ پاسي جتي سماج تبديل ڪرڻ واري هڪ ڪردار کي نروار ڪري ٿي، اتي اهو هڪ قومي درد رکندڙ انسان پڻ آهي. هو سمجهي ٿو ته قوم جي تعمير سان ئي هڪ بهتر سماج جڙي سگهي ٿو. انهيءَ لاءِ هو پنهنجي حياتي وقف ڪريو ڇڏي. هيٺ ان جڳ مشهور ڪهاڻيءَ جا ڪجهه اقتباس پيش ڪجن ٿا.

❖ پشُو ذرو به نه لڏيو. شينهن جهڙو مڙس اٿي بيهي رهيو. ڏاڍي ٺڌائيءَ ۽ وڏي يقين سان چيائين ته ڏوهي تون آهين، ڦاسي توکي ايندي، مان ڪڏهين نه مرندس!
❖ پاهران وڏي زور سان نعرو لڳو، پشُو پاشا زنده باد! عدالت عاليه جو لوهي جهنگلو ڇڻ ته ٽڙڪو ڪري ٽٽي پيو. سندس وڏو شاهي گنبذ ٺڪاءُ ڏيئي ڦاٽي پيو. ان جي چوٽيءَ مان نڪرندڙ ڪڙا ۽ زنجير ڇڇي مٽيءَ ۾ ملي ويا.
❖ انساني جوش جو اپرندڙ سمنڊ وڏا ڪر کڻي، ٽڪر هڻندو، عدالت عاليه جي ڪنڌرن مٿان ورائجي ويو. (ابڙو، 2015: ڊجيٽل)

## 4.7.4.نجم عباسيءَ جو ڪهاڻيون

قوم پرستي فڪر حوالي سان نجم عباسيءَ کي آخر ۾ رکڻ جو مطلب هي به آهي ته هن جو ان فڪر جي حوالي سان تمام وڏو نالو آهي. جڏهن جڏهن به سنڌي ڪهاڻيءَ کي فڪر حوالي ڪسوٽيءَ تي آندو ويو ته ان ۾ ترقي پسند، روشن خيال ۽ قوم پرست فڪر جي رستي تي نجم عباسي سدائين اڳيان نظر آيو. هيٺ هن جون ٽي ڪهاڻيون:

- ❖ **قلب اندر ڪعبو**
- ❖ **ولايت ۾ ولر ياد آيا**
- ❖ **ڪراچيءَ جا ميزبان**

تحقيق ۾ شامل ڪجن ٿيون. جن مان نجم عباسيءَ جي فڪر کي بخوبي ڏسي سگهجي ٿو.

❖ ”سائين! پرديس ۾ ڪو هندستاني ملي ويندو آهي، ته خوشي ٿيندي آهي، پر جي ڪو سنڌي ۽ هم زبان ملندو آهي، ته پوءِ ته دل اصل خوشي کان نچڻ لڳندي آهي، ڏاڍو آٿت ٿيندو آهي.“ (ڪهاڻي: قلب اندر ڪعبو)
❖ ”مون وچ ۾ ئي حاجي صاحب کان پڇيو، ”پر ايترو وقت توهان وارو پنجابي دوست ڪٿي هو؟“ ”هو اجان وڻ تي ويٺو هو. هن پنهنجي قومي پهاڪي: جان بچي تو لاکون پائي تي عمل ڪيو هو.“ (ڪهاڻي: قلب اندر ڪعبو)

نجم عباسيءَ ڪهاڻي قلب اندر ڪعبو لاءِ هڪ جاءِ تي لکيو ته ”هيءَ ڪهاڻي جا مون 42 سال اڳ لکي هئي. پڙهي اڄ به اچرج لڳندو آهي. ان ڪهاڻي ۾ منهنجا مرڪزي موضوع هئا، غير سنڌي ۽ مذهب؛ اهي اڄ به پنهنجي پڪي عمر تائين جيڪي به ڪهاڻيون لکيون اٿم انهن جي جهجهائي جا مرڪزي خيال آهن. مٿيان به موضوع پئي رهيا آهن، اهڙي طرح منهنجي پهرين ڪهاڻي ۾ ئي انهن موضوعن ۽ انهن ويچارن جي پيڑھ پئجي چڪي هئي.“ (ريحانه، 2014: ڊجيٽل)

## ❖ ولايت ۾ ولر ياد آيا

هي ڪهاڻي پڻ نجم عباسيءَ جي بنهي موضوعن يعني سنڌي قوم پرستي ۽ مذهب جي چؤگرد گهمي ٿي. هن ڪهاڻيءَ لاءِ ڊاڪٽر ريحانه نظير پنهنجي پي. ايڇ. ڊي. ٿيسز ۾ لکي ٿي ته ”هن ڪهاڻي ۾ ڪردار جي اندروني ڪشمڪش ظاهر ڪيل آهي، جيڪو هم مذهبن سان وقت گذاري ٿو، پر انهن مان ڪيس سڪون نٿو ملي. ان لاءِ هو پنهنجا هم زبان، هڪ ڪلچر وارا ماڻهو ڳولهي ٿو، ان لاءِ ڪيس پري تائين وڃڻو پويس ٿو. هن ڪهاڻي ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته، هڪ مذهب وارا هڪ قوم نٿا ٿي سگهن، هڪ قوم ٿيڻ لاءِ هڪ زبان، هڪ ثقافت، هڪ جاگرافيائي، بيهڪ ئي هڪ قوم بنائي ٿي. سندس بنيادي فڪر هن ڪهاڻيءَ ۾ قومي شعور بيدار ڪرڻ آهي. جنهن جو عڪس هتي ڏسي سگهجي ٿو.“ ريحانه، 2014: ڊجيٽل)

❖ ”منهنجي بي صلاح آهي، ته سنڌين کي ڏهاڙي صبح جو شاهه لطيف جي رسالي جو ڪجهه نه ڪجهه حصو پڙهڻ گهرجي، بلڪل اهڙيءَ طرح، جهڙي طرح ماڻهو مذهبي ڪتابن جي تلاوت ڪندا آهن.“
❖ ”ماڻهو تلاوت طوطي وانگر بنا ٻولي سمجهڻ جي ڪندا آهن، پر اسانکي شاه جو شعر نه رڳو پڙهڻ گهرجي، پر ان کي سمجهڻ جي به ڪوشش ڪرڻ گهرجي. شاهه، هڪ پڪو سنڌي،

سنڌي ڀوليءَ جو عاشق ۽ معمار، سنڌي قوم جو گھڻگھرو ۽ خوش ذوق انسان هو.“ (ڪهاڻي ڪراچيءَ جا ميزبان) (عباسي، 1973: ڊجيٽل)

## 4.7.5. علي بابا جي ڪهاڻي

### نوان پيغمبر

علي بابا جي ڪهاڻي ’نوان پيغمبر‘ ’عظيم سنڌي ڪهاڻيون‘ ڪتاب ۾ موجود آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ننڍي ڪنڊ جي تاريخ جي ان تاريڪ پهلوءَ کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي؛ جنهن ۾ سدا ڪان ڌارين حملي آورن کي سورمو ڪري پيش ڪيو ويندو آهي. سنڌي ڪهاڻي ڪيتر ۾ قوم پرستي فڪر جي حوالي سان هن ڪهاڻيءَ کي نشانبر چئجي ته به وڌاءُ نه ٿيندو. چاڪاڻ ته ڪهاڻيءَ ’نوان پيغمبر‘ ۾ ماءُ ۽ پٽ جي وچ ۾ مڪالمن بعد سچائيءَ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ماءُ جا هي لفظ سنڌي قوم پرست فڪر جي نمائندگي ڪندي نظر اچن ٿا، جنهن ۾ هوءَ پٽ کي چئي ٿي. ”پٽ توکي دودي سومري جي خبر ڪونهي، دودو سومرو سنڌ جو سورهيه سرويچ سپوت هو. هن سنڌ جي سدا سهاڳڻ ڌرتيءَ تان پنهنجو سر گھوريو هو.“ ڌرتيءَ تان سر گھورڻ، قوم پرستي فڪر جو اهم اهڃاڻ آهي. جنهن ۾ ڪهڙي ريت وطن دوست حڪمران ڌارين سان مهاڏو اٽڪائيندي پاڻ قربان ڪري ڇڏي ٿو.

هن ڪهاڻيءَ جي هڪ خاص ڳالهه جيڪي ليکڪ کي باقي ٻين ڪهاڻيڪارن کان منفرد ڪري ٿي ته هو. انساني نفسيات کي به خوبي سمجهي پيو. جيئن ماءَ جي واتان اهو جملو ته ”پٽ! اها ڪهاڻي، مونکي تنهنجي نانيءَ ٻڌائي هئي.“ يعني اهو سلسلو هاڻي پٽ ۾ منتقل ٿي رهيو آهي. اهو پڻ ته ڌرتيءَ تي سر گھوريندڙن کي پلي سرڪاري نصاب ۾ شامل نه ڪيو وڃي، پر انهن جي بهادريءَ جا قصا سيني به سيني روايتن ۾ زنده تابنده آهن. هيٺ علي بابا جي ڪهاڻي ’نوان پيغمبر‘ مان ڪجهه ٽڪرا جيئن جو تيئن پيش ڪجن ٿا. جن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته قوم پرستيءَ جي لحاظ کان ڪهاڻيڪار جي پرواز ڪيتري نه مٿي ۽ شاندار آهي.

- ها پٽ، دودو سومرو سنڌ جو حڪمران هو. تاريخ ۾ سندس نالو ڪونهي ته ڇا ٿيو؟ ساري سنڌ ۾ هر ماڻهو، هر مَنڌ جي سيني تي سدائين سندس رت رنگي تاريخ جا ڇٽ ڇٽيل هوندا.
- پوءِ امان مونکي سنڌ جي انهيءَ سورهيه سرويچ ۽ باغيرت دودي جي ڪهاڻي ٻڌائي. اها ڪهاڻي ايڏي ته پر درد ۽ دل ڏاريندڙ هئي. جو منهنجي اکين مان ڳوڙها اچي ويا. نڙيءَ ۾ ڇڻ مڇيءَ جو ڪنڊو ڦاسي پيم.
- امان پوءِ روپاه تباهه ٿي وئي؟ امان چيو، ها پٽ، پوءِ روپاهه هميشه هميشه لاءِ سنڌ جي سيني تان مسمار ٿي وئي. امان ڇڻ روئي پئي هئي ۽ آئون ڪنهن ڳوڙهي سوچ ۾ ٻڏي ويو هئس.
- امان دودي سومري ۽ علاوه الدين کي پنهنجي پيڻ جو سڱ ڇو نه ڏنو؟ ڪٿي هن پاڻ ته ٻاگهل سان شادي ڪرڻ نه ٿي چاهي؟
- هڪ ٺڦڙ منهنجي ڳل تي لڳو. منهنجو منهن ئي ڦري ويو. وائڙو ٿي ويس. ڪاوڙ مان امان جو سڄو جسم ڏڪي رهيو هو ۽ پوءِ هن نهايت ئي پيار مان منهنجي وارن تي هٿ ڦيريندي گھايل آواز سان چيو: پٽ، پهرين ٻڌاءِ تون پنهنجي پيڻ سان شادي ڪري سگهين ٿو؟ منهنجو روح ڏڪي ويو. چيم، نه امان چيو، پوءِ تون سنڌ جي سورهيه سرويچ، غيرتمند حڪمران جي باري ۾ اهو ڇو سوچيو؟

علي بابا، هن ڪهاڻيءَ ۾ قوم پرستيءَ جي فڪر کي نهايت اعلى پرواز عطا ڪئي آهي. ڪهڙي ريت ماءُ پنهنجي پٽ جي تربيت ڪري رهي آهي. اها سڀ ڪجهه ڪمال جو آهي. سوچڻ ۽ سمجهڻ جو نڪتو هي آهي ته جيڪڏهن اسان جي گھرن ۾ اهڙي قسم جي تربيت ٿئي ته سنڌ، ڪڏهن به ڏک ڏاوڙا نه ڏسي. قوم پرستيءَ جو فڪر ئي قومن کي ترقي ۽ عروج ڏانهن ڪٺي وڃي ٿو، پر شرط اول ته تربيت گھران يعني ماءُ جي گود کان ٿئي. ڪهاڻي ’نوان پيغمبر‘ ۾ ان اهم نڪتي کي شامل ڪري سنڌ جي تاريخ جي اپٽار ڪئي وئي آهي. سچ ته اهڙين ڪهاڻين جي هر دؤر ۾

ضرورت رهي آهي. انهيءَ تربيت ڪانپوءِ ساڳيو نوجوان جڏهن عملي زندگيءَ ۾ داخل ٿئي ٿو ته هن جا خيال عام نوجوانن کان نرالا ۽ مختلف آهن. جهڙي ريت هن کي جڏهن هڪ هنڌ انٽرويو لاءِ سڏيو وڃي ٿو ته اتي هو سنڌي قوم پرستيءَ جو نمائندو ثابت ٿئي ٿو. اهي سٺون ڪهاڻي ’نوان پيغمبر‘ جي آخر ۾ شامل آهن. جنهن ۾ نوجوان جي جذبات جي ترجماني پڻ پسي سگهجي ٿي. هن آخري مڪالمن ۾ جڏهن اهو نينگر جنهن جي قوم پرستيءَ جي تربيت ماءُ جي هنج ۾ ٿئي ٿي ۽ هو نوڪريءَ لاءِ انٽرويو ڏيڻ وڃي ٿو ته هن جي هر ڳالهه مان سنڌ پرستي جهلڪي ٿي:

- ❖ چپ لاڙيندي چيائين: هيءُ بلو شهيد ڪير آهي؟ چيم، موهن جي دڙي جي تاريخ ايتري پراڻي آهي، جو ڪابه پوڙهي ڳجهه انهيءَ جو تصور نه ٿي ڪري سگهي ۽ هن ڌرتيءَ تي بلوءَ جو ريٽو رت ايترو ته تازو آهي جو، ڪونه انڌو تاريخدان انهيءَ کي ڏسي ۽ محسوس ڪري نه ٿو سگهي.
- ❖ گجگوڙ ڪندي چيائين، ”چوڪرا تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي. تون ڪالهوڪو وات ڳاڙهو چوڪرو، اسان کي غلط ثابت نه ٿو ڪري سگهين**!**“ مرڪندي وراڻيم، اي پوڙها**!** منهنجو وقت تمام قيمتي آهي. آئون هنئير ڪنهن گڏهه جي هينگ پڌڻ لاءِ تيار ناهيان. تون وڃين سگهين ٿو. (بابا، 1994:ڊجيٽل)

## 4.7.6. امر جليل جون ڪهاڻيون

### هڪ لاش ۽ راتين جا رولاڪ

قوم پرستي فڪر کي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نهايت شاندار انداز سان پڌري ڪرڻ ۾ امر جليل جو وڏو ڪردار رهيو آهي. هن جو مڙئي ڪهاڻيون، هڪ پاسي جتي سماج جي چٽر جو نمونو هونديون آهن. اتي هو سنڌي قوم جي دردن، دانهن، الڪن جا داستان به لکيا آهن. موضوع جي مناسب سان امر جليل جي ڪتاب ’سرد لاش جو سفر‘ مان هڪ ڪهاڻي ’هڪ لاش ۽ راتين جا رولاڪ‘ جا ڪجهه حصا پيش ڪجن ٿا. جنهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته قوم پرستيءَ جي حوالي سان هن جي فڪري پرواز ڪيتري مٿاهين آهي.

- ❖ اسان جو دوست انقلابي شاعر غلام حسين آزاد، ڪٽر سنڌي آهي. هو چاتي تي هٿ هڻي دعويٰ ڪندو آهي ته پاڪستان ۾ هر قوم جي عورت پيشو ڪرائيندي آهي، سنڌياڻي ڪڏهن به نه ڪرائيندي آهي.
- ❖ پوءِ اوچتو هو خاموش ٿي ويو هو. نگاهون فردوس تي کپي ويس. فردوس ٽنگ ٽنگ تي رکي سگريٽ جا سوٽا هڻي رهي هئي. فردوس کي سوسيءَ جي سلوار، گج واري قميص ۽ ڪنهبو رئو ڪنڌ ۾ ويڙهيل هو. غلام حسين آزاد ڪانئس گهٽيل آواز ۾ پڇيو هو، تون سنڌياڻي آهين؟
- ❖ هن ٺهه پهه پنجابي گاڏڙ اردوءَ ۾ وراڻيو، منهنجي شڪل سنڌياڻين جهڙي ڪوجهي آهي؟ ته پوءِ سنڌي ڪپڙا چو پاتا اٿئي، غلام حسين آزاد اُٿلي پيو هو، پنهنجي غليظ بدن تي سنڌي ڪپڙا چو پاتا اٿئي. (جليل، 2010: ڊجيٽل)

## 4.7.7.سچل سرمست ان ٽربل

امر جليل جي هڪ ٻي مشهور ڪهاڻي ’سچل سرمست ان ٽربل‘ ۾ پڻ قوم پرستيءَ جو فڪر نمايان نظر اچي ٿو. جنهن ۾ هو ٻوليءَ کي بنياد بڻائي قوم پرستيءَ جو فڪر دنيا جي آڏو آڻڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. هن ڪهاڻيءَ هو پنهنجي بنيادي مهارت جاندار ڊائلاگن ۾ ڪجهه هن ريت بيان ڪري ٿو.

- ❖ هزارين اڙدو فلمون ڏٺيون اٿم، اجان به اڙدو نه ايندي ته قيامت ڏينهن ايندي.
- ❖ فردوس منهنجي پسنديده اداڪاره آهي. هوءَ پنجابڻ آهي. سندس پنجابي فلمون ڏسي ڏسي پنجابي سکي ويو آهيان.

- ثريا ملتانيڪر جون سرائڪي ڪافيون سمجهي ويندو آهيان.
- فارسي به ايندي اٿئي؟ پڇيائيون. ها، پاڪستان جو قومي ترانو سمجهي ويندو آهيان.
- هندي، ڄاڻين؟ ها، لعل پشپ ۽ گني سامتاڻيءَ جا سنڌي افسانا سمجهي سگهندوآهيان.
- ۽ عربي ڪلمي جي معني تشريح سان ايندي اٿم.
- ۽ سنڌي تنهنجي مادري ٻولي آهي؟
- تون سابق صوبه سنڌ* ڪفر، الحاد ۽ ڪميونزم جو پرچار ڪري رهيو آهين. (https://sindhishortstories.blogspot.com/2011/02/trouble.html)

## 4.7.8. هوشو شيديءَ جي آخري شام

امر جليل جي ڪتاب 'اندرا' ۾ شامل ڪهاڻي 'هوشو شيديءَ جي آخري شام' سچ ته قوم پرستيءَ جي فڪر حوالي سان معراج ماڻيندڙ ڪهاڻي آهي. جهڙيءَ ريت هن لکيو ته:

- عشق وطن جي بود مان، سچو جسم رت جي ڪونپي ۾ رڱيل هئس. وارن ڪان پيرن تائين عضوو عضوو چچرجي چور ٿي چڪو هئس. پر تڏهن به، دل ۾ پنهنجي ديس جي حب جي مشعل ڪڻي، چاهت جا چراغ ڪڻي، اڪيلي سر اٿي بيٺو.
- جنگ جي ميدان جي پرئين پاسي دشمن جي فاتح فوج. سنڌ جي هوائن ۾ فرنگين جو رنگا رنگي جهنڊو ڦڙڪندي ڏٺائين. ڏسندي ڏسندي، سندس وجود مان حقارت ڦٽي نڪتي، چوٽن جي چهڪ ۽ ضربن جا وَڍ وساري ڇڏيائين.

سنڌ ۾ هوشو شيدي، وطن دوست ۽ قوم پرستيءَ جي لحاظ ڪان هڪ وڏو نالو رهيو آهي. هن ڪهاڻي 'هوشو شيديءَ جي آخري شام' ۾ امر جليل پنهنجي لازوال مڪالمن جي سهاري هن کي زنده تابنده ڪري ڇڏيو. ڪيئن نه هڪ شخص قوم پرستيءَ ۽ وطن پرستيءَ جي جذبي سان سرشار ٿي ديس کي سر جو دان ڏئي ٿو. (جليل، 2012: ڊجيٽل)

## 4.7.9. شوڪت حسين شوري جو ٽي ڪهاڻيون

- **ابر ۾ اهاءُ ٿيو**
- **آئيني سمان سپنا**
- **اسين ڪير آهيون**

سنڌي ڪهاڻي ڪيتر ۾ شوڪت حسين شوري جو نالو سدائين مڃاهون آهي. هن جي ڪهاڻين ۾ سچ سدائين نروار رهي ٿو. قوم پرستيءَ فڪر جي نسبت سان شوڪت حسين کي سدائين هڪ داعي ۽ مبلغ جي حيثيت حاصل رهي. هن جي ڪتاب 'رات جو رنگ' ۾ هونءَ ته اڻ سڌي طور قوم پرستي فڪر جا پڙاڏا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا، پر مٿي ڄاڻايل ٽي ڪهاڻيون اهڙيون آهن. جن مان قوم پرستيءَ جو فڪر چٽو ٿي بيهي ٿو.

**شوڪت حسين شوري جي ٽنهي ڪهاڻين جا هيٺ اقتباس پيش ڪجن ٿا.**

- مون چيو، بابا، جيڪڏهن اسان جي قوم جا پيءُ توهان جهڙا هجن، ته پوءِ سندن اولاد ديس تان سر ڪيئن نه ڏيندو! مان اوهان کي يقين ٿو ڏياريان ته جيڪا سجاڳي اڄ جي نوجوانن ۾ پيدا ٿي آهي، سا اڳي ڪڏهن ڪا نه هئي. اسان جو جوش وقتي جوش ناهي. اسين فقط پنهنجي ديس خاطر جيئڻ جو ارادو ڪري چڪا آهيون. (ڪهاڻي ابر ۾ اهاءُ ٿيو)
- ها، هي اهو نازڪ دؤر آهي، جيڪڏهن اسين هينئر نه اٿياسين ته پوءِ ڪڏهن به نه اٿي سگهنداسين. ٿي سگهي ٿو ته اوهان قرباني ڏيئي پنهنجي قوم کي سجاڳ ڪري ڇڏيو. پر اها ڳالهه مڃڻي پوندي ته اسين تمام پوئتي پيل آهيون تعليم ۽ شعور جي تمام گهڻي کوٽ آهي، ان ڪري قومي عزت ۽ غيرت جي گهڻتائي آهي. ان لاءِ اوهان کي گهڻو ڪجهه ڪرڻو پوندو. (ڪهاڻي ابر ۾ اهاءُ ٿيو)
- تون سنڌي ناهين ڇا! مان سنڌي آهيان، يقين ڪر، مان سنڌي آهيان. هن وري پڇيو، تون سنڌي آهين پوءِ به هنن کي نٿو سڃاڻين، تون شايد سنڌ ۾ ڪڏهن به ڪونه رهيو آهين! مون

چيو، مان سنڌ ۾ ئي ڄائو نپنو آهيان، سڄي ڄمار سنڌ جو اَنُ کاڌو اٿم ۽ سنڌوءَ جو پاڻي پيتو اٿم. منهنجو خمير سنڌ جي شيءِ مان جڙيو آهي. (ڪهاڻي آئيني سمان سپنا)

- ❖ هن ڪان ذڙي گهٽ رڙ نڪري ويئي، اوهان هوشوءَ کي به وساري ڇڏيو! منهنجي وهم ۾ به اهو ڪونه هو ته منهنجي قوم اهڙي ٿي ويندي. (ڪهاڻي: آئيني سمان سپنا)
- ❖ ۽ ماءُ ڏانهن منهن ڪري پڇيو: اسين ڪير آهيون؟ گهر وارن حيرت مان هڪ ٻئي ڏانهن نهاريو. "اسين سيد آهيون، بابا! شاهه صاحب هن کي ٻڌايو. هن کي اها به خبر ڪانهي ته اسين سيد آهيون! ٻار جي ماءُ کي سڄي ڏينهن جي ذهني عذاب پوکڻ کان پوءِ پهريون ڀيرو پنهنجي پٽ جي سادگيءَ تي کل آئي. نه، اوهين سڀ ڪوڙ ٿا ڳالهايو. اسين سنڌي آهيون... ٻار رڙيون ڪري چوڻ لڳو. اسين سنڌي آهيون، تڏهن ته هنن مون کي ماريو....هو ٻوڙندو پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو. (ڪهاڻي اسين ڪير آهيون) (شورو، 2007: ٻجيئل)

## .4.7.10 غلام نبي مغل جون ٻه ڪهاڻيون

- ❖ **يڪ نعره حيدري**
- ❖ **اکيان بيوس لڳيان**

غلام نبي مغل سنڌي ڪهاڻي کيتر ۾ وڏو نالو ڳڻجي ٿو. هن جي ڪهاڻين ۾ جتي سماج جي اڻ ڪارن کي پڌرو ڪيو ويو آهي؛ اتي هو قوم پرست فڪر جي پرچار ۾ به پوئتي ناهي رهيو. هن جي ڪتاب 'سٽ ستر اسي' ۾ شامل ٻن ڪهاڻين ۾ قوم پرستيءَ جي فڪر کي پسي سگهون ٿا.

- ❖ "ادا لکت ۾ ته سڀني اميدوارن کي ماري مات ڪيم، پر انٽرويو ۾ صفا ناڪام ويس. "مونکان پڇيو ويو ته پاڻ ڪير آهين؟" مون چيو "سنڌي." پڇيو ته "تون لغاري آهين؟ يعني بلوچ، پوءِ سنڌي ڪيئن؟" مون جواب ڏنو ته "منهنجا ابا ڏاڏا سنڌ ۾ آيا هئا ۽ انهن پوءِ سنڌ کي پنهنجو وطن سمجهيو ۽ هاڻي اسين پاڻ کي سنڌي سمجهندا آهيون."
- ❖ هڪ پوڙهي ٿوڙهي ميمبر کنگهڪار ڪندي چيو. "نوجوان مونکي افسوس آهي، تو جهڙو پڙهيل نوجوان، ايڏو تنگ نظر... پاڪستاني چوائڻ تي ٻرو ٿو چڙهئي." هاڻي ڪير سمجهائي انهيءَ پوڙهي ٿوڙهي کي ته مونکان اهو پڇيو ويو هو ته ڪير آهين؟ ۽ نه ڪي اهو ته تنهنجي قوميت ڇا آهي؟ اهو سوال ته ملڪ کان ٻاهر پڇبو آهي. انهيءَ پوڙهي ٿوڙهي جي چوڻ مطابق جي منهنجي نظر تنگ هئي ته ويڪري سندن به نه هئي. (ڪهاڻي يڪ نعره حيدري) (مغل، 1984: 140-146)
- ❖ "نه سائين، هن بينڪ ۾ بهاولپوري اسين ٻه ٿي آهيون. ٻيا گهڻو ڪري ملتان مظفر ڳڙه ۽ لائلپور جا آهن." "بهالپورين سان واقعي ظلم آهي." مون چيو. "سنڌ ۾ به ڪين پورا حق نه ٿا ملن. سنڌ ۾ ته سڀني کي حق ملن ٿا." هو مون ڏانهن ڏسڻ لڳو ۽ مون دل ۾ جملو پورو ڪيو. "سواءِ سنڌين جي." آئون منهن ڦيري شيشي سان بند ٿيل دريءَ جي ٻاهر ڏسڻ لڳس. (ڪهاڻي اکيان بيوس لڳيان) (مغل، 1984: 147-162)

## .4.7.11 منير احمد مانڪ جون چار ڪهاڻيون

- ❖ **اتساه جو موت**
- ❖ **مئل زندگي**
- ❖ **شيرو**
- ❖ **شاه لطيف، هٽڪڙيون ۽ رسو**

منير احمد مانڪ سان جيتوڻيڪ زندگيءَ وفا نه ڪئي. هو جوانيءَ ۾ هي جهان ڇڏي ويو، پر هن جي ڪهاڻين ۾ جتي سماج جا مختلف پاسا ڏيکاريا ويا آهن، اتي هن جي ڪهاڻين ۾ قوم پرستي فڪر نهايت اعلى پيرايي سان بيان ڪيو ويو آهي. موضوع جي مناسبت سان ٻن ڪتابن 'حويليءَ جا راز ۽ عظيم سنڌي ڪهاڻيون' مان چئن ڪهاڻين جي چوند ڪئي وئي آهي. هنن ڪهاڻين جي ڪجهه

ٺڪرن ڪي هتي جيئن جو تئين نقل ڪجي ٿو. جنهن مان اندازو ٿيندو ته ماڻڪ وٽ انهن ذاتي توڙي سماجي حالتن جي ڏکيائن جي باوجود ڪيتري سجاڳي آهي.

- ڳالهائڻ شروع ڪيائين: "سنڌ ڪي نئين سر جيارڻ جي هلچل . . . ها، سنڌي هڪ قوم، سادي سڀاجهي، سادگي ۽ سڀاجهائي ڪمزوري بنيل. اوهان نئين دؤر جا نوجوان آهيو. ڇا اوهان ڇاڻوٿا: تاريخ جي هر دؤر ۾، ڪمزوري يا هيٺائي وڏو ڏوهه آهي...**!؟**" (ڪهاڻي اتساه جو موت) (ماڻڪ، 2003: ڊجيٽل)
- "اوهان منهنجا ٻچا آهيو. اوهان ڪي ٻڌايان: جڏهن هن ڌرتيءَ تي عربن، ايرانين، ارغونن، ترخانن، مغلن جي ناجائز پونئيرن جا، حرامي ٻارن ۽ انگريزن ۽ ٻين قورن ۽ لٽيرن جا پير اچا هن ڌرتيءَ تي نه پيا هئا." (ڪهاڻي: اتساه جو موت)
- ڇيم: "توکي خبر آهي ته؛ سنڌ اڄ تاريخ جي انهيءَ دؤر مان گذري رهي آهي، جنهن ۾ سندس مستقبل جو فيصلو ٿيڻو آهي، مان هڪ سجاڳ، حساس ۽ سلجهيل ذهن آهيان. چوڌاري ۽ وک وک تي جيڪو ظلم ۽ انياءُ، ڪميٽائيون ۽ ذلالتون ٿين ٿيون." (ڪهاڻي: مئل زندگي) (ماڻڪ، 2003: ڊجيٽل)
- "ٻين سان يا خود مون سان، تن کي محسوس ڪيان ٿو ۽ احساس هيٺ پوڳيان ٿو. چاهيان ٿو ۽ چاڻان ٿو ته هيءُ سڀ ڪجهه تبديل ٿيڻ گهرجي، ختم ٿيڻ گهرجي." (ڪهاڻي: مئل زندگي)
- "اسان سنڌي هتي پاڻ ۾ گڏ ٿيا آهيون. ان لاءِ ته هنن چوڌرين (هڪ ڪچي گار ڏيندي) اسان جا لاهه ڪيڍي ڇڏيا آهن. اسلام جي نالي ته هو اسان جا حق غضب ڪن پيا. جيڪڏهن اسان پاڻ ۾ وڙهنداسين. چغليون هڻنداسين ته ٻڌي به نه ڪنداسين ته اسان جو وجود ختم ٿي ويندو." (ڪهاڻي: شيرو)
- قسم کڻن جي تقريب انگريزيءَ ۾ شروع ٿي ته شيرو، ٻاهوڙجي ويو. قسم کڻن واري کي چوڻ لڳو ته "بيغيرت، سنڌي هوندي تون ڌاري ٻوليءَ ۾ قسم ڇو ٿو کڻين." (ڪهاڻي شيرو) (ماڻڪ، 1973: 9-18)
- لطيف، سنڌي ٻوليءَ جو وڏو شاعر آهي. جنهن سنڌي ماڻهن ۾ مزاحمت جي حس بيدار ڪئي آهي. (ڪهاڻي: شاه لطيف، هٽڪڙيون ۽ رسو)
- دوست پاڻ ۾ ڳالهائن ٿا ته "شاه لطيف جو دؤر نهايت ڏکيو زمانو هو. جنهن ۾ شاه ڪهڙي ريت بغاوتون ڪيون، سنڌي شاعريءَ کي فارسيءَ جي ٻنڌڻن مان آزاد ڪرايو. اهو سڀ ان عظيم شخص جو ڪمال آهي." (ڪهاڻي: شاه لطيف، هٽڪڙيون ۽ رسو) (ماڻڪ، 1973: 23-19)

## 4.8. جديديت

جديديت يورپ کان شروع ٿيل هڪ ادبي دؤر آهي، جيڪو ’انسائڪلوپيڊيا برٽينيڪا‘ موجب ”1900 صديءِ کان جي اوائل کان شروع ٿي، ٻين مهاڀاري جنگ جي ابتدائي سالن يعني 1949 ۾ اختتام تي پهتو.

اڪبر لغاري ان حوالي سان جديديت لفظ جو ڇيد ڪندي لکي ٿو ته ”جديديت لفظ جديد مان نڪتو آهي جنهن جي معنیٰ آهي بلڪل هاڻي يا زمان حال ۾ يا بلڪل ويجهي ماضي ۾؛ انهيءَ حساب سان جديديت جي معنیٰ ٿئي ٿي اها صورتحال يا تصور يا فڪر وغيره. جيڪو بلڪل نئون ۽ تازو هجي.“ (https://sindhicriticism.blogspot.com) بنيادي طور جديديت آرٽ جي بابت ئي هڪ شيءِ يا ٻين لفظن ۾ جديديت زماني سان هم آهنگ ٿيڻ جو نالو آهي. جديديت جي خوبي هيءَ به آهي ته جتي هوءَ قدامت کان انڪار ڪري ٿي، اتي هو روايتن کي بهتر بنائڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪندي ملي ٿي. جيڪڏهن اسان ڳالهه کي اڃا به آسان لفظن ۾ سمجهڻ چاهيون ته جديديت جي تشريح هن طرح ڪري سگهجي ٿي ته ’هر دؤر جي پنهنجي جديديت هوندي آهي. هر ايندڙ زمانو، پوئين زماني کان جديد هوندو آهي.‘ جديديت جي حوالي سان سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي مايه ناز نقاد اڪبر لغاري پنهنجي مضمون ’فلسفيانه جديديت کان ادبي جديديت تائين‘ ۾ لکيو آهي ته ”لفظ جديديت سان لاڳاپيل تصور اڪثر هڪ ٻي ۾ مدغم ٿي ويندا آهن جنهن سبب واضح ۽ چٽي معنیٰ تائين رسائي ممڪن نه رهندي آهي. تنهنڪري ادبي جديديت کان پهرين جديديت جي ٻين تصورن يا معنائن کي سمجهڻ ضروري آهي.“ (https://sindhicriticism.blogspot.com))

انهن معنائن کي سمجهڻ کان اڳ اسان کي اهو پڻ سمجهڻو پوندو ته جديديت جن معاشرن ۾ باقاعده رجحانن يا تحريڪن جي صورت ۾ موجود آهي، اهي معاشرا ئي پاڻ کان پوئين سماجن کان جديد هوندا آهن. انهن جي صورتحال ۽ خيال مختلف هوندا آهن. اهو پڻ ته هر دؤر جو سماج پنهنجي پنهنجي دؤر سان هم آهنگ هوندو آهي. اهو پڻ ته هر دؤر جا تقاضا هڪ ٻئي کان يقينن مختلف هوندا آهن. بلڪل سؤلن لفظن ۾ جديديت عصري تقاضائن سان هڪ جهڙائي جو نالو آهي. جديديت لاءِ جيڪا ڳالهه اهم سمجهي ويندي، اها ذهني آزادي آهي. ذهني آزاديءَ کان سواءِ ڪونه فرد پنهنجي سماج کي جديد نه ٿو ڪري سگهي. جڏهن ذهن خرافات جي ماٿرين ۾ وسندو هجي ته اهو شخص ڪڏهن به اڳتي نه ٿو وڌي سگهي، نتيجي ۾ معاشرو پڻ هڪ جاءِ تي بيهي رهي ٿو.

هن اصطلاح مان مراد، روايتن کي ٽوڙڻ ئي آهي. افسانوي ادب ۾ يورپ جي جدت پسند ليکڪن بنيادي طور ان زماني جي انهن ڪهاڻين خلاف بغاوت ڪئي. جن جو مفهوم واضح هو يا اهي ڪنهن هڪ فارمولي هيٺ جوڙيون وينديون هيون. هاڻي ڪهاڻيڪارن اهڙيون ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون، جيڪي سماج ۾ پکڙيل هيون ۽ انهن ۾ نواڻ جو عنصر پڻ شامل هو. انهن ڪهاڻين ۾ گهڻو ڪري پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جو ذڪر شامل هو.

هي اهو دؤر هو، جنهن ۾ سڄي دنيا خصوصي طور يورپ ۾ صنعت سازي وڌي رهي هئي. نتيجي ۾ سرمائيدارنه نظام جي ڪري سماج ۾ تڪڙي تبديلي پئي آئي. هن زماني ۾ سائنس ۽ سوشل سائنس پڻ تڪڙيون وکون کڻي رهيون هيون.

مختيار ملاح جي تحقيق موجب ”جديديت، اهڙي تحريڪ آهي، جنهن 20 صديءَ کان اڳ واري موسيقي، پينٽنگ، ادب،آرڪيٽيڪچر خلافزلزلو برپا ڪري ڏنو. ان زلزلي جو مرڪز تهوياناا هو، پر ان جا اثر فرانس، جرمني ۽ برطانيه ۾ به ٿيا ۽ ان اثر تحت Futurism, Dadaism، ۽ Cubism جون تحريڪون آيون، ڊاڊا ازم جي تحريڪ ’Anti Art‘ (آرٽ مخالف) تحريڪ هئي.

جديديت واري زور شور وارو زمانو 1910ع کان 1930ع وارو هو، جنهن جا وڏا پادري اديب هئا: ٽي ايس. ايليٽ (1965-1888ع)، جيمس جو ائس (1941-1882ع)، ازرا پائونڊ (1885-1972ع)، ويندم لويس (1957-1882ع) ، ورجينيا وولف (1941-1882ع)،اسٽينونس، ڪافڪا (1924-1883ع)، رلڪي (1926-1875ع) وغيره. شامل هئا.“ (ملاح، 2015: ڊجيٽل)

يورپ ۾ جديديت جي تاريخ کي هڪ پاسي ڪري، اسان وري به ان منجهيل اصطلاح کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته هر معاملو اسان جي اڳيان روز روشن جي عيان ٿي ويندو. اها جديديت ئي آهي، جيڪا انسان کي نئين شعور جون راهون ڏيکاري ٿي. سچ ته جديديت هڪ لحاظ کان وقت کان اڳ جي شيءِ آهي. جديد معاشرن جي هڪ اها به ګهرج هوندي آهي ته هو پنهنجي ضرورتن ۽ تقاضائن جي باري ۾ وقت کان اڳ معلوم ڪري ڪرڻ چاهيندو آهي. نتيجي ۾ اڳڪٿين وارو جهان جڙي ٿو ۽ انهن اڳڪٿين کي ساپيائن ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ شين کي ترتيب ۾ رکڻ جي شروعات ڪئي ويندي آهي.

ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ، پنهنجي تحقيق ۾ جي. سي. ڪڊن جي حوالي سان جديديت بابت لکيو ته ”جديديت، روايت، رواج رسمن ۽ سماجي حڪومتي نظام جي قانونن کان بغاوت جو نالو آهي. هو هنن پابندين کي ٽوڙي ماڻهوءَ کي ڪائنات ۾ هڪ نئين ۽ تازي انداز سان ڏسڻ چاهين ٿا ۽ پنهنجي مواد ۽ اسلوب ۾ گهڻائي تجربا ڪرڻ چاهين ٿا.“ (ميمڻ، 2017: ڊجيٽل) ڊاڪٽر ميمڻ، ان وضاحت ڪندي لکي ٿو ”جديد ادب ۾ بيشمار فڪري تحريڪن اسلوبن ۽ بغاوتن جون شڪليون نمايان آهن. مثال طور جديديت جي هن لاڙي ۾ اسان کي وجوديت (Existentialism) اظهاريت (Expressionism)آزاد شاعري (Free verse) استقباليت (Futurism) نئين انساني دوستي (Symbolism)شعوري وهڪرو (Stream of consciousness) علامت نگاري (Newhumanism)شعوري جنسيت (Sexaualism) سريلزم (Surrealism) ناڪاريت (Negativism)وغيره. جا رجحان نمايان ملن ٿا. هي سڀ داخلي فڪري تحريڪون آهن، هنن جي پيدا ٿيڻ جا هزارين فطري سياسي، سماجي ۽ داخلي سبب آهن. جديديت جو فڪري جوهر سمجهڻ لاءِ اسان کي سياسي سماجي ۽ فڪري پس منظر ڏسڻو پوندو.“ (ميمڻ، 2017: ڊجيٽل)

ان کان اڳ هيءَ ڳالهه به سمجهڻي پوندي ته جڏهن اسان جديديت کي سماجي اٿارٽي جي خلاف سمجهندا آهيون ته ان مان مراد گهڻو ڪري مذهبي عقيدن جي اٿارٽي شامل هوندي آهي. ڪجهه ماڻهو، ان کي قدامت پسند اٿارٽي سان به تعبير ڪندا آهن ته ان سلسلي ۾ جيڪڏهن ائين لکجي ته جيسيتائين ڪنهن به اٿارٽيءَ جو انڪار نه ڪيو ويندو تيسيتائين آزادي ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿي؟ جديديت جو پهريون شرط ئي اٿارٽي ۽ قدامت جو انڪار آهي. هڪ ٻي اهم ڳالهه ته شين کي ڊزائن ڪرڻ جو فن جديديت جي اثر هيٺ ئي پروان چڙهندو آهي.

## 4.8.1. سنڌي ادب ۾ جديديت

اڪبر لغاريءَ جي خيال موجب ”مجموعي طور جديديت پسندي جو اثر سنڌي ادب تي تمام گهٽ پيو آهي.“ ((https://sindhicriticism.blogspot.com) ان لاءِ هو حالتن جو تبديل هجڻ ڄاڻائي ٿو. حالتن ڪانسواءِ يورپ ۽ آمريڪا جي ادب جو اثر پڻ اهم ليکيو وڃي ٿو، جيڪو پڻ اڪبر لغاريءَ موجب ”يورپ ۽ آمريڪا ۾ ڇيڇندڙ ادب سنڌ ۾ ڪافي سالن کان پوءِ پهچندو آهي جنهن کي پڙهڻ وارا نالي ماتر کان به گهٽ آهن تنهنڪري جديديت پسند ادب پنهنجو رنگ چڙهي نه سگهيو.“ (https://sindhicriticism.blogspot.com) ان هوندي به سنڌي ادبين جديديت جو اثر قبول ڪيو آهي. ڇاڪاڻ ته جديديت جو تعلق انسان جي اندر سان هوندو آهي. برابر، باغي، معاشري جي روين جي ڪري پيدا ٿيندا آهن، پر ڪجهه ماڻهو پنهنجي سرشت ۾ ئي بغاوت کڻي پيدا ٿين ٿا. هو نواڻ جي تلاش ۾ رهندا آهن. سنڌي ڪهاڻي ڪيتر ۾ به علي بابا، نجم عباسي، ماڻڪ، انيس انصاري، بشير مورياڻي، جمال ابڙو، رزاق مهر، رسول ميمڻ، سراج، شوڪت حسين، طارق اشرف، ظفر حسن وغيره. ڪهاڻيءَ ۾ جديديت جي حوالي سان سٺا ڪهاڻيڪار شمار ٿين ٿا.

## 4.8.2.سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ ۾ جديديت جا اثر

## .4.8.3 جمال ابڙي جي ڪهاڻي

### لاٽ

جمال ابڙي جي ڪتاب ’پشو پاشا ۽ ٻيون ڪهاڻيون‘ ۾ شامل ڪهاڻي ’لاٽ‘ هڪ اهڙي شخص جي ڪٿا آهي، جيڪو لاريءَ تي ڪلينريءَ کان ڊرائيوريءَ جي نوڪري ڪري، آخر هاري ٿي مزدوُر جو موت مري ٿو. زندگيءَ جي انهن سڀني ڪشالن ۾ هن جون مشڪلون ختم نه ٿيون ٿين. جمال ابڙي جي لکڻي موجب ”بنا علاج سندس زندگي لاريءَ جي تيل سان گڏو گڏ ٻرڻ لڳي. ڇتايائونس، ”ميان حياتي آڏو پئسو ڪجهه ناهي... ٻچن جو اجهو آسرو به تون!“ پر هُو انهن سڀني کان سياڻو ٿي چڪو هو، ’زندگيءَ کي زندگيءَ جو تيل کٽو ٿي. يا ڪيس ٻرٺو هئو يا ٻارن کي!“

سماج ۾ جتي حياتي جدت کي محسوس ڪري ٿي، اتي جدت سان گهڻا مسئلا پڻ آهن. ان ڪري هڪ عام ماڻهوءَ جي ڪوشش هوندي آهي ته جيترو ٿي سگهي، روايتي زندگي گهارجي. ڇاڪاڻ ته جدت ۾ مونجهارا گهڻا آهن. جهڙي ريت هن ٻاران لاريءَ تي ڊرائيوريءَ ڪرڻ ۽ اتان گاڏيءَ مان نڪرندڙ دونهين مان بيمار ٿيڻ ۽ پوءِ وري نئين جهان جي تلاش ۾...

جمال ابڙي، جتي ڪهاڻيءَ ۾ جديديت کي واضح ڪيو آهي. اتي ان جا دکدائڪ پاسا به بيان ڪيا آهن. اهو پڻ ته هن سماج ۾ ايتري جديد هجڻ باوجود دوا جا پئسا ناهن. تان جو هو پيسجي مري وڃي ٿو. (ابڙو، 2015: ڊجيٽل)

## .4.8.4 نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي

### يارنهن ٽڪيون

نجم عباسيءَ کي سنڌي ڪهاڻي جي ميدان ۾ جدت جي حوالي سان سڃاتو وڃي ٿو. هن وٽ جديديت سان گڏ نوان موضوع پڻ آهن. جهڙي ريت هن جي ڪهاڻي ’يارنهن ٽڪيون‘ هن ڪهاڻيءَ ۾ انهن دوائن جو ذڪر آهي، جيڪي جديد زماني جون نهيل آهن. اهو خيال پڻ جديد ته گهڻا ٻار، والدين لاءِ مسئلن جو سبب بنجن ٿا. هو گهڻن ٻارن جي ڪري انهن تي توجهه نه ٿو ڏئي سگهي. نتيجي ۾ هو ’مادرن ميڊيسن‘ کي استعمال ڪري، ’ٻار روڪ‘ ڪرڻ گهري ٿو. هن ڪهاڻيءَ ۾ جتي جديديت جي مظهر کي نمايان ڪيو ويو آهي. اتي انساني احساسن کي پڻ ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ڪهڙي ريت هڪ زال پنهنجي مڙس تي ان ڪري ڪاوڙيل آهي ته جڏهن بوتل ۾ ’ڄم روڪ‘ جون ٻارنهن ٽڪيون پيل هيون ته انهن مان هڪ گهٽ ڪيئن آهي؟ نتيجي ۾ ٻنهي جي وچ ۾ غلط فهمين جي ديوار کڙي ٿي وڃي ٿي. آخر ۾ جڏهن اها گوري ملي ٿي ته اهي سڀ غلط فهميون واريءَ جي ديوار ثابت ٿين ٿيون. ڪهاڻيءَ ۾ جدت جي پيش نظر هڪ لاجواب خيال پيش ڪيو ويو آهي، پر ان جا آخري جملا پڻ شاندار آهن. ”اڙي هيءَ ٽڪي ته هتي پئي آهي.“ عصمت رڙ ڪري چيو. اتي ڪرامت کي ياد اچي ويو ته اڳئين ڏينهن تي، حيدرآباد ۾ هن منصور ڪان نظر بچائي، دڪان تي چڙهي، تڙتڪڙ ۾ اهي ٽڪيون خريد ڪيون هيون، ۽ جڏهن هو پنهنجي دوست اياز سان ملڻ ويو ۽ به چار منٽ اڪيلائي مليس، تڏهن اها شيشي کولي، اهي ٽڪيون ڏسڻ لڳو. پر اڃا شيشيءَ جو ٻوڇ مس کوليائين ته ٻاهران ڪنهن جي اچڻ جو کڙڪو ٿيو. تنهنڪري هڪدم اها کليل شيشي کيسي ۾ ڪري وڌائين. وري جڏهن اڪيلو ٿيو، تڏهن اهي ٽڪيون کيسي مان ڪڍي، شيشيءَ ۾ وجهي اها بند ڪري ڇڏيائين. انهيءَ وِجههُ ڪَڍَ ۾ ئي هڪڙي ٽڪي کيسي ۾ رهجي وئي هئي.“ (عباسي، 1973: 56)

## .4.8.5 انيس انصاري جي ڪهاڻي

## You too Brutus…! -

انيس انصاريءَ انهن ڪهاڻيڪارن ۾ آهي، جن جو شمار بلاشڪ جديديت سان ڀرپور خيالن وارن اديبن منجهه آهي. هن جي ڪهاڻيءَ !…You too Brutus ۾ اهي منظر ڏسي سگهجن ٿا. هن ڪهاڻيءَ ۾ حميد نالي هڪ پاڪستاني پي. ايڇ. ڊي. محقق جو ذڪر آهي، جيڪو جاپان ۾ پي. ايڇ. ڊي. ڪرڻ وڃي ٿو. اتي هن جو ڌيان پي. ايڇ. ڊي بدران محبت جي جين ڳولهڻ ۾ ٿي وڃي ٿو. جنهن ۾ هو ڪامياب به ٿيو وڃي. هاڻي ”سندس خيال هو ته جيڪڏهن اهو جين ٻوٽن ۾ داخل ڪيو ويندو ته اُهي به پنهنجي محبت جو اظهار ڪنهن واضح نموني ڪري سگهندا. جين کي ٻوٽن ۾ داخل ڪرڻ هڪ محنت طلب عمل هو.“ پر هو گلاب جي گل ۾ محبت جو اهو جين داخل ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ٿو. هن جي ان نئين تجربي کي جاپان سميت سڄي دنيا ۾ پذيرائي حاصل ٿئي. اها نيڪ نامي پاڪستان، هن جي والدين تائين به پهچي ٿي. ان جي وچ ۾ هو ليبارٽريءَ ۾ گڏ ڪم ڪندڙ جاپاني ڇوڪريءَ سان شادي ڪري پاڪستان پهچيو وڃي.

گلاب جي گل ۾ محبت جو جين داخل ڪرڻ ڪانپوءِ هو گڏجي هڪ ربورٽ ٺاهين ٿا. جنهن ۾ پڻ محبت جو جين داخل ڪيو وڃي ٿو. اهو ربورٽ هنن کي زندگيءَ ۾ ڪيترن ئي مشڪلن کان بچائي ٿو. هر وقت محبت ارپي ٿو، پر اڳتي هلي اهو ساڳيو ربورٽ هڪ غلطي ڪري ٿو ته ڪاوڙ ۾ هن کي بدتميز چون ٿا. جواب ۾ ربورٽ جون اکيون ڳاڙهيون ٿيو وڃن. ربورٽ جي اها حالت ڏسي حميد پريشان ٿي وڃي ٿو. هو سوچي ته ربورٽ ۾ ته محبت جو جين داخل ڪيو ويو هو، ان ۾ هي نفرت ڪٿان آئي؟ هو مايوس ٿي پنهنجي ان تجربي کي ناڪام قرار ڏيندي، هٿ ڪڍي ٿو.

انيس انصاريءَ جي هيءَ ڪهاڻي، پنهنجي خيالن جي لحاظ کان هڪ جديد ڪهاڻي آهي. جنهن ۾ جدت جا پاسا ڏسي سگهجن ٿا. ربورٽ جو تصور پڻ جديد تصورن مان هڪ آهي. هاڻي جينوٽيڪ انهن تجربن کي تمام اڳتي آندو ويو آهي. مارڪيٽ ۾ اهڙا ربورٽ آندا ويا آهن. جن ۾ مصنوعي ذهانت موجود آهي. اهي گهر جا گهڻا ڪم ڪار ڪري سگهن ٿا. اڄ کان 23 سالن اڳ انيس انصاريءَ جي هيءَ ڪهاڻي ضرور عجب ۾ وجهندڙ آهي ته هن ڪهڙي ريت سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ ۾ ان نئين ۽ جدت سان ڀرپور خيال کي داخل ڪيو. (انصاري، 1999: 18)

## 4.8.6. سراج جي ڪهاڻي

### هڪ سڄ به پاڇا

ٽماهي مهراڻ ۾ شائع ٿيل ڪهاڻي ’هڪ سڄ به پاڇا‘ سراج جي ڪهاڻين مان هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي. هن ڪهاڻيءَ جا گهڻا ئي پاسا آهن، پر هتي جديديت مان مقصد ته ’لڪس‘ صابڻ سان همراهه جو وهنجڻ ۽ ماڻهن جو ان ڏانهن عجب جي نظر سان ڏسڻ آهي. سراج لکي ٿو ”آخر سندس وارو آيو. ’لڪس‘ صابڻ جي چڪي ڪڍي جڏهن هو نل طرف وڌيو، تڏهن هن کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ ته سڀني جون نگاهون صابڻ جي اڇيءَ چڪيءَ تي کپي وئيون آهن. هن سندن مَر چڙهيل اگهاڙن پٺن ۽ چِيڙهه ٿيل وارن کي ڏسي دل ئي دل ۾ چيو: ”هونهه، لڪس جهڙو اٺن منهن! سڄي گوليمار ۾ ڪنهن ڏٺي به ڪا نه هوندي!“ ڪهاڻيءَ جو ڪردار پنهنجي جاءِ تي ’لڪس‘ صابڻ جو استعمال ڪري، هڪ پاسي جتي غربت کي لوئي پيو. اتي هو قدامت جي خلاف پڻ آهي. چاڪاڻ ته سڄي دنيا ۾ سماجي سائنس جا ماهر سمجهن ٿا ته غربت ۽ قدامت جو پاڻ ۾ جگري ناتو آهي. قدامت ئي غربت کي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي رهي ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ جينوٽيڪ ڀراڙيءَ جي مسئلن کي کنيو ويو آهي، پر ’لڪس‘ جو استعمال ڄڻ هن ڪهاڻيءَ ۾ جديديت جي وڪالت ڪندي ملي ٿو. (حيدري، 1955: 6)

## 4.3.4.2.    بشير مورياڻيءَ جي ڪهاڻي

### زندگيءَ جو روڳ

بشير مورياڻيءَ جي ٽماهي مهراڻ ۾ شائع ٿيل ڪهاڻي ’زندگيءَ جو روڳ‘ صدوَري نالي هڪ اهڙي نوجوان جي ڪٿا آهي، جيڪو ڪاٺ چيرڻ واري مشين ۾ ڀانهن وجهي ان کي ڪَٽڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اهو خيال هن کي ان وقت آيو، جڏهن هن جو هڪ ساٿي مزدوَر، جيڪو مشين هلائڻ نه ڄاڻيندو هو، ان کي مشين تي بيهاريو ويو ته ان جي ٻانهن ان ۾ اچي جسم کان ڌار ٿي وئي. بعد ۾ سيٺ طرفان ان مزدوَر کي 250 روپيا ڏنا ويا. علاج پڻ سيٺ جي طرفان ڪرايو ويو. اهي ڳالهيون ٻڌي صدوَرو به جيڪو غربت مفلسيءَ کان نهايت تنگ آهي. اهو سوچي مشين جا ٻٽڻ کولي ٻانهن ان ۾وجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پر عين وقت تي پڪڙجي پوي. هن کي ماڻهن جي وچ ۾ آڻي. ان ڳالهه تان تذليل ڪئي وڃي ٿي ته هن مشين ۾ پاڻ ڏئي آپگهات جي ڪوشش ڪئي آهي.
”اهي سڀ ڳالهيون صدوَري جي باري ۾ ٿي رهيون هيون، ۽ هو ڪنڌ جهڪائي ماڻهن جي انبوه جي وچ ۾ بيٺو هو. هن جو چهرو هر قسم جي جذبات کان خالي هو. هو رڳو ٽڪڙو ٽڪڙو ساهه کڻي رهيو هو، ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪاٺ مڏيءَ جي مالڪ غوث بخش ڏانهن پئي ڏٺائين، جيڪو ماڻهن جي ميڙ ۾ بيهي ساڻن ڳالهائي رهيو هو.“
بشير مورياڻيءَ جي هي ڪهاڻي جيتوڻيڪ، سماج جي ان بيحسيءَ تي آهي. جنهن مزدوَرن ۽ مسڪينن جا حق غضب ٿيندا رهيا آهن، پر ان نوجوان وٽ پئسا ڪمائڻ جو هڪ نئون خيال اڀري ٿو ۽ هڪ سڄاڻ اديب جي حيثيت سان بشير مورياڻي پڙهندڙن کي اهو نياپو پهچائڻ ۾ پڻ ڪامياب ٿي وڃي ٿو ته دنيا جي پوئتي پيل سماجن ۾ جيڪي شيون انساني ڀلائي لاءِ ڪتب آڻجن، ماڻهو غرب ۽ لاچاريءَ سبب انهن کي ڪهڙي ريت استعمال ڪرڻ جي باري ۾ سوچي رهيا آهن. (مورياڻي، 1955: 7)

## 4.8.6.1.ظفر حسن جي ڪهاڻي

### گناهه جو ڏِڪُ

”وڏيرو ڪين پنهنجا قصا ٻڌائي رهيو هو. ”پئرس جي ڪهڙي ٿا ڳالهه پڇو، پئرس ڇا سچو يورپ سهڻن جو ملڪ آهي. ڇا سونهن آهي، سونهري وار، نيريون اکيون ۽ کير جهڙي اڇي چمڙي، آئون ته ڀرين ڀرين سندن سرير کي هٿ لائيندي ٻڇندو هوس ته ڪٿي ميرو نه ٿي پوي.“ ظفر حسن جي ڪهاڻي ’گناهه جو ڏِڪ‘ ان وڏيري جي ڪهاڻي آهي، جيڪو فرانس مان گهمي، ان جي جدت جون ڳالهيون، ڳوٺ وارن کي ٻڌائي رهيو آهي. هو فرانس جي عورتن جي ڳالهه ڪندي ”باقي پنهنجي ملڪ جون زائفائون ڪاريون ڪوجهيون ۽ وري اهڙيون ميريون ۽ گدليون جو ڪين ڏسڻ به دل کي نه وڻي.“ هن ڪهاڻي ۾ جتي موضوع مختلف آهي، پر وڏيري جو فرانس ۾ وڃڻ ۽ اتان جون ڳالهيون ٻين سان ڪرڻ خود پنهنجي اندر جديديت ڏانهن هڪ وک آهي. پاڻ سمجهون ٿا ته جنهن کي پاڻ جديد ملڪ سڏيون ٿا. اهي يورپ ۽ آمريڪا ڪنڊن ۾ واقع آهن. ان ڪري ئي ته هڪ همراهه پڇي ٿو ته ”سائين هي پئرس ڪٿي آهي؟ ويٺلن مان هڪڙي پڇيو.

”يورپ ۾ ٻيو ڪٿي.“ وڏيري پنهنجي ڄاڻ جي ڏاڪ ويهاريندي چيو.

”۽ ڀلا اهو يورپ ڪٿي آهي؟ ساڳي ماڻهوءَ وري سوال پڇيو.

وڏيري کي ڀرين ته ڏاڍي چڙ لڳي، پر پوءِ درگذر ڪندي جواب ڏنو ”بابا هي سڀ ملڪ ۽ شهر ولايت ۾ آهن.“ ولايت جو ٻول ٻڌي انهيءَ ماڻهو ايئن ڪنڌ ڌوڻيو ڄڻ سڀ ڪا خبر پئجي ويس.“

’ولايت‘ پاڻ وٽ سدائين جديديت جو استعارو رهندو آيو آهي. ان ڪري هن ڪهاڻيءَ کي انهيءَ حوالي سان جديديت جي حصي ۾ رکجي ٿو. (حسن، 1981: بجيٽل)

## .4.8.7 نسيم کرل جي ڪهاڻي

### ٻمي

نسيم کرل جي ڪهاڻي ’ٻمي‘ هڪ خاندان جي جدت پسنديءَ بابت آهي. هڪ خاندان ڪهڙي ريت زندگي گذاري ٿو. جيئن، ”مطلب ته ساڙهي پايان يا ڪو بيل باٽم سوٽ؟“

”لازما ساڙهي.“ مون ٺهه پهه چيو. هڪ ته ساڙهي هن کي پسند هئي، ٻيو ته شام جو سندس پويان هلڻ

وقت پنهنجي به چاندي ئي چاندي هئي.

”ساڙهي تي ته منهنجي به مرضي هئي، پر پايان ڪهڙي؟

هاڻي اها صلاح پاڻ ۾ پينر ڪيو.

”تون به صلاح ڏي نه.“

”پيازي ليس واري ساڙهي پاءِ.“ يا هڪ هنڌ هو جدت جي خيال کي مدنظر رکندي لکي ٿو:

”پڪ ئي پڪ ’هارمونز‘ وٺندي هوندي، تڏهن ته جوان لڳي پئي آهي.“

ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ ساڙهي جو ذڪر ۽ وري اها ساڳي قسم جي ساڙهي هڪ ٻي فيمليءَ جي نوڪرياڻيءَ کي ساڳي ساڙهي پاتل ڏسي اداس ٿي وڃڻ. اهي سڀ ڳالهيون پڻ جديديت جي ضمري ۾ اچن ٿيون. اهو پڻ ته هر دؤر جي هڪ پنهنجي تقاضا هوندي آهي. پر معاشري ۾ رهندي. ڪجهه ماڻهو، ماضي ته ڪجهه ماڻهو حال ته ڪجهه ماڻهو مستقبل ۾ به زندگي گذاريندا آهن. اهو انهن جي ذريعن تي پڻ انحصار ڪري ٿو. نسيم کرل جي ڪهاڻيءَ ۾ پڻ هڪ اهڙي خاندان جي ڳالهه ڪئي وئي آهي، جيڪو ظاهري طور جدت پسند آهي، پر جڏهن هڪ غريب نوڪرياڻيءَ کي ساڳي ساڙهي پاتل نظر اچي ٿي ته احساس محرومي ۾ وڪوڙجي وڃن. (کرل، 2007: بجيٽل)

## .4.8.8 منير احمد ماڻڪ جون ڪهاڻيون

### پهرين انام ڪهاڻي

منير احمد ماڻڪ کي نيڪ طرح جديديت جي ڪهاڻيڪارن ۾ ڳڻي سگهجي ٿو. هن جي ڪهاڻين ۾ جتي سائنس جا حوالا آهن. اتي مستقبل بابت ويچار پڻ سانديا وجن ٿا. هن جي ڪتاب ’حويليءَ جا راز‘ ۾ شامل ’پهرين انام ڪهاڻي‘ جيتوڻيڪ ان والد جي آهي، جيڪي حالتن جي هٿان شڪست کائي پنهنجي ڌيءُ قتل ڪري پاڻ به مري وجي ٿو، پر ساڳي وقت ڪيئن جيئڻ گهرجي؟ ان جا ڏس به ڏئي ٿو. جهڙي ريت هي مڪالمو، ”۽ چيائين؛ Struggle for existence ۾ سرتو وجود ئي جيئرو رهي سگهي ٿو، منهن ڏيئي سگهي ٿو، زندگيءَ کي پنهنجن مقصدن پٽاندڙ بدلائي سگهي ٿو. جيڪو جيو هن چٽاپيٽيءَ واري جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ جي صلاحيت ته نهيو، پر پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ جي صلاحيت به نٿو رکي ۽ پنهنجي نبل ۽ روڳي وجود ڪارڻ ٻين تي ۽ پاڻ تي بار بڻيل آهي، انهيءَ کي ختم ٿيڻ ئي گهرجي، ها ختم ٿيڻ گهرجي.“ ماڻڪ جي ان ڳالهه کي ڊارون جي هن نظريي سان ڏسي سگهجي ٿو. (ماڻڪ، 2003: بجيٽل)

“**survival of the fittest**, term made famous in the fifth edition (published in 1869) of *On the Origin of Species* by British naturalist Charles Darwin, which suggested that organisms best adjusted to their environment are the most successful in surviving and reproducing.”

(https://www.britannica.com)

### انسان بوءِ – انسان بوءِ

منير احمد ماڻڪ جي ڪتاب ’حويليءَ جا راز‘ ۾ شامل ڪهاڻي ’انسان بوءِ – انسان بوءِ‘ پڻ جديديت سان سرشار آهي. هن ڪهاڻيءَ ۾ ويهين صديءَ جي پڇاڙي ۽ نئين ايندڙ صديءَ بابت ويچار شامل ڪيا ويا آهن. جنهن لاءِ هو لکي ٿو ته ”هيءَ ويهين صدي جي پڇاڙي آهي. هيءَ انساني وسندي ۽ ان ۾ وسندڙ انسان، ان ۾ پساهه کڻندڙ. سَپِسِس (Scepsis) جو دؤر. ڪارڻ جي قولها، ناڪار جو دؤر؛ نظرين کان مڙهيل اصولن، قاعدن ۽ قانونن ۽ ورثي ۾ مليل عقيدن کان.“ ماڻڪ ايندڙ صديءَ کي پرپور جدت جي صدي سڏي ٿو. هن ڪهاڻيءَ ۾ ماڻڪ، ڏنگيءَ ۾ Scepsis جو اصطلاح ڪتب آندو آهي. Scepsis مان مطلب

Scepsis or Skepsis (Ancient Greek: Σκῆψις or Σκέψις) was an ancient settlement in the Troad, Asia Minor that is at the present site of the village of Kurşunlutepe, near the town of Bayramiç in Turkey. (https://en.wikipedia.org/wiki/Scepsis).

هن ڪهاڻيءَ ۾ ماڻڪ جديد زماني جون ڪجهه تقاضائون ۽ اصول پڻ لکيا آهن. جنهن ۾ هن سببن جي ڳولها جو ذڪر پڻ ڪيو آهي. اهي سڀ معاملا هڪ هنڌ گڏ ڪري ماڻڪ جي ڪهاڻيءَ ’انسان بوءِ – انسان بوءِ‘ جديديت جي نمائنده ڪهاڻي سڏي سگهجي ٿو. (ماڻڪ، 2003: بجيٽل)

## 4.8.9. منير احمد ماڻڪ جون ٻه ٻئي ڪهاڻيون

- ❖ گيس چيمبر
- ❖ روبوٽ

تحقيق ۾ منير احمد ماڻڪ جون ٻه ٻئي ڪهاڻيون ’گيس چيمبر ۽ روبوٽ‘ پڻ شامل ڪجن ٿيون. ڪهاڻي ’گيس چيمبر‘ جا هي مڪالمه ”هيءَ ويهين صدي جي پڇاڙي آهي. پڇاڙيءَ واري ويل. جڏهن انسان گهڻو ڪري وهمن کي مات ڪري، ڪائنات ۾ سوپارو ٿي اپريو آهي. هر ڏس ۾ اڳ گهڙيل، جوڙيل مفروضا ۽ گهڙيل گس يا رد ڪري چڪو آهي يا ڦيرائي چڪو آهي.“ اهو سڀ ڪجهه لکي، ماڻڪ انسانن جي ترقيءَ جي ڳالهه ڪندي انهن جي اهنجن جو به ذڪر ڪري ٿو. مثالطور: جديد زماني ۾ ماڻهو کي مارڻ جا ذريعا به جديد ٿيندا پيا وڃن. جنهن ۾ گيس چيمبر پڻ شامل آهي. ٻين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ جرمنيءَ ۾ نازي ٽولي هٽلر جي اڳواڻيءَ ۾ انسانن جي مٿان جيڪي ظلم ڪيا، انهن ۾ زنده ماڻهن کي گيس چيمبر به ويهاري بي درديءَ جو موت به شامل هو. ماڻڪ، ان دؤر کي ختم نه ٿو سمجهي. هو سمجهي ٿو ته ماڻهو اڄ به گيس چيمبر ۾ واڙيل آهي. ”پر گيس چيمبر ڦپوريل، جبيري جاڳندي خلق مٿان مڙهيل نظريا، ڏندي جي زور ارهه زورائيءَ سان ٺاڦيل گيس ته هينءَ حياتي گذاريو.“ ماڻڪ جي ٻي ڪهاڻي ’روبوٽ ‘ ۾ پڻ جدت کي موضوع بنايو ويو آهي. ربورٽ لاءِ هو لکي ٿو ”پورو هڏائون پڃرو، رڳ جو نهيل: تنهن مٿان پلاسٽڪ/ ربڙ جو ماس چڙهيل، تنتون/ رڳون نيلون جون جڙيل. دماغ جي ميڇالي مان سوچ جي تخليقي صلاحيت، گڻ گم ٿيل، ان جي جاءِ تي چِٽڪ ڪمپيوٽرائيزد، سونپيل، پرپل ۽ سرانجام ڪم ڏيندڙن جو مشيني سرشتو، روٿين جي ڪمن ڪرڻ لاءِ حسابن جي ڪٽ سان. انساني فزيالاجيڪل فنڪشن، مڪينائيزڊ فنڪشن جي ڪٽ ٿيل. سواءِ انساني گڻن: احساسن، امنگن اتساهه، ڪاوڙ، خوشي، جذبن، سرت، انساني موٽ جي!“ هن ڪهاڻيءَ ۾ ان مشين جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيڪو ربورٽ سڏجي ٿو. جنهن ۾ ڪهاڻيڪار موجب باقي شيون ته آهن، پر انساني احساس ناهن، پر ايڪيهن صديءَ ۾ ربورٽ ۾ انساني احساس داخل ڪرڻ جي شروعات به ٿي چڪي آهي. مصنوعي ذهانت سان ربورٽس کي ماڻهن جهڙو ناهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. اها ٻي ڳالهه ته مشينن ۾ لڳايل اها مصنوعي ذهانت اڳتي هلي خود انسان لاءِ ڪيتري هاڃيڪار ثابت ٿيندي، پر ايترو سو چئي سگهجي ٿو ته ماڻڪ جي هي ڪهاڻي جديديت جي حوالي سان نرالي خيال هيٺ جوڙيل قصو آهي. (ماڻڪ، 2003: بجيٽل).

## 4.8.10. طارق اشرف جي ڪهاڻي

### جهري پئي جندڙي

طارق اشرف جي ڪتاب ’ بند اکين ۾ ڪجهه يادون ڪجهه سپنا‘ ۾ شامل ڪهاڻي ’ جهري پئي جندڙي‘ ۾ بمبئي جهڙي وڏي شهر جو سماج ڏيکاريو ويو آهي. ان ۾ اهو پڻ ته وڏن شهر ۾ جديديت جي طرز تي ماڻهو رهن ٿا، پر انهن جي زندگين ۾ ڪيترا نه ڏک شامل آهن. ”ڪنڌ جو جهاز ڪڏهن ڪو ٻڏي ويو، هاڻي ته فقط ڪارو ڪسارو ڪڙو پاڻي بچي ويو آهي. ڊڪ پرڻ لاءِ دليپ جو نقلي ٿهڪ گونجيو. شنڪر جي چپن تي هڪ مرڪ هئي، جيڪا غائب ٿي وئي. اهڙي زهر پري مرڪ مون اڳ ڪڏهن ڪنهن جي چپن تي نه ڏٺي هئي. اهڙي مرڪ ته ڪيئي پيرا ڏٺي اٿم، جيڪا زندگي ڏيو وڃي، پر اهڙي مرڪ ڪڏهن نه ڏٺي هئم، جيڪا هنيانءَ ۾ ڏنگ هڻي وڃي. شنڪر جي اها مرڪ ڏسي مان به ڦٿڪي پيس. مرڪ ۾ اهڙو درد، دل ۾ ڪهڙو نه درد هوندس! سوچيم ڪجهه نه پڇان، پر وري خيال آيم، ڪڏهن ڪڏهن پڇڻ سان درد گهٽ ٿي ويندو آهي. پلا پڇي ڏسان.“

ڪهاڻيءَ ۾ سنڌ جو هڪ ماڻهو، پنهنجي دوست سان ملڻ لاءِ بمبئي وڃي ٿو. هو شهر جي رنگينن ۾ گم ٿيو وڃي، پر گهڻو نه ٿو رهي سگهي چاڪاڻ ته هن کي واپس سنڌ اچڻو آهي. ان جي وچ ۾ هن جي دوست جي شادي طئي ٿئي ٿي. دوست هن کي ڪجهه ڏينهن وڌيڪ رهڻ لاءِ چئي ٿو.“ هو ڪجهه ڏينهن ترسي ته ٿو، پر انهن ڏينهن ۾ هن جي دوست جي شادي نه ٿي ٿئي. چاڪاڻ ته هن جي دوست کي شاديءَ جي ٻي تاريخ ملي آهي، پر هاڻي هو اتي وڌيڪ نه ٿو رهي موٽي سنڌ اچي ٿو. سنڌ اچڻ ڪانپوءِ ڪافي ڏينهن بعد هن جي دوست جو خط اچي ٿو ته هن جي شادي نه ٿي سگهي. ها ايترو آهي ته جنهن ڇوڪريءَ سان هن جي شادي طئي هئي. ان جي ٻئي ڪنهن همراهه سان ٿي وئي.

طارق اشرف جي هيءَ ڪهاڻي، بقول سندس ته انهن ڪهاڻين ۾ شامل آهي، جيڪي معاملا هاڻي روز مره جو حصو ٿي ويا آهن، پر هن ڪهاڻيءَ ۾ جهڙي ريت جديديت کي ڏيکاريو ويو آهي. اهو يقينن طارق اشرف جو ڪمال ليکبو. (اشرف، 1992: 68)

## 4.8.11. شوڪت حسين شوري جي ڪهاڻي

### شهر ۽ سپنا

شوڪت حسين شوري جي ڪهاڻي ’شهر ۽ سپنا‘ شهر ۽ ڳوٺ جو سنگم آهي. هڪ اهڙي نوجوان جي ڪهاڻي، جيڪو ڳوٺ ڇڏي شهر جي جدت ۾ گم ٿي وڃي ٿو. هن وٽ شهر لاءِ جيڪي سپنا هئا. اهي ساپيائون ماڻن پيا. هن جي اندر ۾ ڳوٺ جي وڏيرن لاءِ جيڪي نفرتون هيون، اهي پوريون ٿين پيو. جڏهن به هن جو والد سندس کي ڳوٺ اچڻ جو چئي ٿو ته هن وٽ وراڻي آهي ته شهر ڇو ڇڏجي، جڏهن ڳوٺ جا وڏيرا به شهر ۾ هن جا محتاج آهن. هڪ ڳالهه جيڪا هن کي ڳوٺ لاءِ ڪشش ڪري ٿي سان هن جي پيڻ آهي. ”يونس پويان ويئل پيڻ ڏانهن ڏٺو هو، جيڪا هيٺ ٿوٽري تي ويهي پرت پري رهي هئي. جيڪڏهن منهنجي منڙي سهڻي پيڻ نجو شهر ۾ هجي ها ته شهر واريون عورتون هن جي اڳيان جنڙيون لڳن،“ يونس سوچيو. ماءُ ته هن جي ننڍي هوندي مري وئي هئي. پيءُ ئي ٻنهي کي تاتيو نپايو هو، يونس پيڻ کي دل سان پائيندو هو. اها پيڻ ئي هئي جنهن جي سڪ کيس ڪڏهن ڪڏهن ڳوٺ ڇڪي ويندي هئي.“ هو شهر جي جدت جون ڳالهيون ڪري ٿو. ايتري تائين جو پيءُ کي ڳوٺ جي ٻني کپائي شهر اچڻ جو مشورو به ڏئي ٿو. هن ڪهاڻيءَ ۾ جديديت جا مختلف پاسا ڏيکاريا ويا آهن. ڪهاڻيءَ جو انجام تمام گهڻو دردناڪ آهي. جنهن ۾ هن جي پيڻ کي سندس والد ڳوٺ جي وڏيري سان ڪاري ڪري ماري پاڻ پوليس اڳيان پيش ٿئي ٿو.

شوڪت حسين شوري جي هن ڪهاڻيءَ جي پڄاڻي جيتوڻيڪ تمام گهڻي المناڪ آهي، پر هن ۾ شهر جا پاسا نهايت ايمانداريءَ سان ڏيکاريا ويا آهن. شهر جيڪو خود ڪنهن به سماج لاءِ جديديت جو اهڃاڻ هوندو آهي. (شورو، 2007: ڊجيٽل)

## 4.8.12. رزاق مهر جي ڪهاڻي

### پيڙهيل وجود

رزاق مهر جي مختصر ڪهاڻي ’پيڙهيل وجود‘ ان همراهه جي ڪهاڻي آهي، جيڪو جديد دؤر ۾ وقت ته گذاري پيو پر هن جي اڳيان ڪيترائي مسئلا آهن. اسان هتي انهن مسئلن کي هڪ پاسي رکندي رڳو. انهن جديد شين ۽ معاملن جو ذڪر ڪنداسين. مثالطور: اسان جي سماج ۾ آفيس جو تصور پڻ جديد ۾ ئي ڳڻجي ٿو. جنهن وقت جي ڪهاڻي آهي. ان ۾ ٽائيپ رائٽر به جديد مشين هئي. آفيس ۾ ڪلارڪ جي نوڪري پڻ جديد زمانيءَ ۾ اچي وجي ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ جيڪو شخص ڪلارڪ آهي .اهو ساڳي وقت ڪهاڻيڪار پڻ آهي. هو پنهنجي زندگيءَ مان مطمئن ناهي. هڪ پيري گهر آيو ته ”پنهنجي بي ترتيب زندگي وانگر بي ترتيب ڪتابن کي اٿلائڻ پٿلائڻ لڳي ٿو. اجايو، بي مقصد، ۽ ائين انهن هيٺان دٻيل پنن تي نظر پويس ٿي، جيڪي ڪجهه ڏينهن اڳ ڪهاڻي لکڻ لاءِ آفيس مان کڻي آيو هو، ۽ چاهيندي به ڪا ڪهاڻي لکي نه سگهيو هو. ”چو نه ڪا ڪهاڻي لکان؟ ان خيال سبب پنا کڻي ٿو. ”اَٺ ڏهه مهينا ته ٿيا هُوندا جو ڪُجهه به لکي نه سگهيو آهيان. ائين ته بلڪُل ختم ٿي ويندس.“ ڪجهه گهڙين لاءِ بُک وِسري وڃيس ٿي. هُو ڪبٽ بند ڪري اچي کٽ تي ويهي ٿو.“

رزاق مهر جي هن ڪهاڻيءَ ۾ ڪافي شيون نيون ڏيکاريون ويون آهن. مثالطور: ڪجهه مسئلا به نوان آهن. هڪ شخص جو ٽائيپ رائيٽر تي ايتريون غلطيون ڪرڻ وغيره. هن ڪهاڻيءَ کي جديديت جي حصي ۾ آڻي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ ته ڪهاڻيڪار جا خيال پڻ نوان يا جديد آهن. (مهر، 2009: ڊجيٽل)

## 4.8.13. رسول ميمڻ جون ڪهاڻيون

### ناچو

رسول ميمڻ کي جيڪڏهن گهڻ پڙهيو ۽ جديد خيالن سان آراسته ڪهاڻيڪار چئجي ته به گهٽ ناهي. هن جي ڪهاڻي ’ناچو‘ ۾ ڪمال جي جديديت سمايل ملي ٿي. ڪهاڻي ڪجهه هن ريت آهي ته هڪ نوجوان چوڪرو، ميڪ اپ جي سهاري تي چوڪري بڻجي هڪ پروگرام ۾ ڊانس ڪري ٿو. اتي موجود تر جو وڏيرو هن کي چوڪري سمجهي، پويان گهر تائين پهچيو وڃي. وڏيري جي پڇا ڪرڻ تي ”نوجوان ٿڏو شوڪارو پريي چيو، اها نچڻي مان هيس رئيس صاحب. دراصل اسان کي فنڊ جي سخت لوڙ هئي، ٻيو ڪو رستو نه ڏسي لازمن مون کي ائين نچڻو پيو.“

نوجوان جي انڪشاف تي وڏيري جون اکيون ڇڇيون ٿي وڃن ٿيون، پر نوجوان جي چهري جو وقار وڌيو وڃي. يعني ڪم ساڳيو آهي، پر مقصدن ۾ وڏو فرق آهي. ان نوجوان جو ڪهڙو مقصد هو. ناچ ڏسڻ لاءِ آيل وڏيري جو ڪهڙو مقصد هو؟

رسول ميمڻ جي هن ڪهاڻيءَ ۾ جديديت ڏيکاري وئي آهي ته زمانو ڪيتري ترقي ڪري ويو آهي جو ميڪ اپ جي زور تي ڇوڪرو به ڇوڪري ٿيو وڃي. ان ڪانسواءِ نيڪ مقصد جي حاصلات لاءِ روپ مٽائڻ ڪو گناهه ناهي. مختصر لفظن ۾ رسول ميمڻ جي هيءَ ڪهاڻي جديديت جي حوالي سان شاندار ڪهاڻين جي فهرست ۾ تمام مٿاهين آهي. (ميمڻ، 1981: ڊجيٽل)

### مليريا

رسول ميمڻ جي ڪهاڻي ’مليريا‘ هن جي ڪتاب ’ابابيل جي آخري اڏام‘ ۾ شامل آهي. هي ڪتاب 1993 ۾ شائع ٿيو. گمان ڪجي ٿو ته ڪهاڻي ان ڪان به اڳ جي لکيل هوندي.
جديديت مان هڪ مراد زمانيءَ بابت اڳڪٿيون به هونديون آهن. خبر ناهي ڇو مونکي ’مليريا‘ ڪهاڻي پڙهندي 2020 ڪان شروع ٿيل ’ڪووڊ-19‘ جي وبا ياد اچي وئي. پلي هن ڪهاڻيءَ ۾ ان وبا جو نالو مليريا رکيو ويو، پر جا اهڃاڻ ’ڪووڊ-19‘ سان ملندڙ آهن.
”جنهن ڪان پوءِ هن کي اسپتال ۾ باقاعدگيءَ سان داخل ڪيو ويو، هن کي هڪ بند وارڊ ۾ ڪجهه ٻين مريضن سان قيد ڪيو ويو.“
”اتي هر ڪو ٿي ڏڪيو، هر ڪو ساڳي بيماري ۾ مبتلا هيو، ڪنهن به دوا پنهنجو اثر نه ٿي ڏيکاريو، انهن جي خون جا قسم گڏ ڪري چڪاسيا ويا. پر انهن ۾ ڪنهن به قسم جا جيوڙا نه هيا، هر دوا ۽ هر ايجاد بي اثر ٿي وئي هئي.“
”اڪثر اسٽريچر اهڙا آهن جن جا ڪٺندڙ ٺڪيل مزدوُرن جيان آهن، انهن کي تيزيءَ ۽ ڦڙتيءَ جي ڪا به ضرورت نه آهي، انهن کي خبر آهي ته سندن ان اسٽريچر تي سمهيل هڪ اهڙو شخص آهي جنهن جي وجود ۾ ڪا به ڏڪڻي نه آهي، اهو لاعلاج مرض ڪان ڇوٽڪارو حاصل ڪري ويو آهي، اهڙن اسٽريچرن جو انت سرد خاني وٽ اچي ٿئي ٿو.“
”انهن جا دماغ ٿڌي بخار ۾ ٻري رهيا آهن، جسم سور ڪان ٿٿي رهيا آهن.“
”خدا هن سڄي قوم کي ڇوٽڪارو ڏئي“. ڊاڪٽر ڪنهن پوڙهي پادريءَ وانگر دعا گهرندي چيو.“
هي سڀ حالتون، اسان جي سامهون ڪرونا ۾ ٿي گذريون. ڪهاڻيءَ ۾ ’مليريا‘ نالي ان بيماريءَ جو سو سيڪڙو علامتون ته ’ڪووڊ-19‘ سان نه ٿيون ملن، پر پنجاهه فيصد ڪان وڌيڪ نشانيون ڇڻ ڪرونا جون ئي آهن. ادب ۾ جديديت اندر ئي اها خوبي آهي ته ان ۾ اديب مستقبل جي باري ۾ اڳڪٿيون ڪندا آهن، بعد ۾ انهن جا حل ڪڍيا ويندا آهن. رسول ميمڻ جي هيءَ ڪهاڻي جديديت جي ان معيار تي پورو لهي ٿي. (ميمڻ، 1993: ڊجيٽل)

## 4.8.14. رضيه کوکر جي ڪهاڻي

### بري هن پنپور ۾

ٿماهي مهراڻ ۾ رضيه کوکر جي ڪهاڻي ’بري هن پنپور ۾‘ جي اندر هڪ اهڙي ماڊرن ڇوڪريءَ جي ڳالهه ڪئي وئي آهي، جيڪا شهر ۾ ته جدت جي سڀني گهرجن تي پورو لهي ٿي، پر جڏهن ڳوٺ وڃي ٿي ته هوءَ پنهنجو حليو تبديل ڪري ڇڏي. ”ريل جڏهن راٺيپور ۽ گمبٽ جي وچ ۾ پهتي ته هوءَ اٿي باٿ روم ۾ ويئي ۽ پنهنجو منهن ڌوئي آئي. جڏهن منهن کي ٽوال سان مهٽي مهٽي اگهيائين ته هوءَ صفا هڪ عام ڇوڪري لڳڻ لڳي. هن ڪپڙا پڻ تبديل ڪري ڇڏيا“ اڳتي هلي ”جنهن مهل ريل خيرپور جي اسٽيشن ڪان هلي ته هن وري پنهنجو سوٽ ڪيس کولي ان مان هڪڙو ڪارو برقعو ڪڍيو ۽ اهو پائڻ لڳي. اهو ڏسي الائي ڇو مونکي هن مومل ڪان نفرت ٿيڻ لڳي ۽ هن لاءِ جا جاءِ ٿوري دير اڳ منهنجي دل ۾ هئي سا ختم ٿي ويئي.“ ان جاءِ تي ائين ٿو محسوس ٿئي ته ڪهاڻيڪاره پنهنجي ذاتي راءِ ۾ ان ڇوڪريءَ لاءِ نفرت جو اظهار ڪندي هجي. جڏهن ته جديديت جي هڪ تقاضا اها به آهي ته ان ۾ معاملا فهمي پڻ درڪار هوندي آهي. جديديت، قدامت سان سڌي ريت ويڙهه نه ٿي ڪائي سگهي. وقت ۽ حالتون ان کي ضرور سوپارو ڪنديون آهن. هڪ ڳالهه ضرور نوٽ ڪرڻ جي آهي ته سماج ۾ جديديت سدائين پنهنجا رستا پاڻ ڳولهيا آهن. هن ڪهاڻيءَ ۾ به اهڙي قسم جي وارتا بيان ڪئي وئي آهي. (کوکر، 1982: 23)

## • حوالا


1. ابڙو، جمال. (2015). پشو پاشا ۽ ٻيون ڪهاڻيون. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن
2. اتمچنداڻي، سندري. (1985). وڇوڙو. بمبئي: نئين دنيا پبليڪيشن.
3. احمد، سيد رشيد. (1976). سوشلزم ڇا آهي؟ حيدرآباد: قومي ڪتاب گهر.
4. اشرف، طارق. (1992). بند اکين ۾ ڪجهه يادون ڪجهه سپنا. ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
5. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا: ڊجيٽل ايڊيشن. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
6. بروهي، اي. ڪي. سنڌيڪار: محمد ابراهيم جويو ۽ سومار علي. جديد دؤر ۾ بين القوامي تعاون جو مسئلو. ٽماهي مهراڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
7. اياز، شيخ. (1998). جي تند برابر توريان. (ترتيب: ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو). ڪراچي: سنڌ ادبي اڪيڊمي.
8. الحيدري، شمشير. ايڊيٽر. (1955). ٽماهي مهراڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
9. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش. (1953). ڪليات حمل. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
10. پرڳڙي، مشتاق. (1999). پاڇي. دادو: رم جهم پبليڪيشن.
11. پروين، ڊاڪٽر ساجده. (2017). جديد ادبي تنقيدي نظرين ۽ لاڙن جو سنڌي ادب تي اثر. ڪراچي: سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي.
12. پيرزادو، انور. (2019). انور پيرزادي جون ڪهاڻيون. ڪراچي: پيڪاڪ پبلشرز/ انور پيرزادو اڪيڊمي.
13. جليل، امر. (1991). جڏهن مان نه هوندس. ڪراچي: نيو فيلڊس پبليڪيشن
14. جليل، امر. (1999). تاريخ جو ڪفن. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن
15. جليل، امر. (2010). سرد لاش جو سفر. ڪراچي: ڪاڇو پبليڪيشن/ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ڊيجٽل ايڊيشن.
16. جليل، امر. (2012). امرجليل جي سنڌو. ڪراچي: ڪاڇو پبليڪيشن
17. جليل، امر. (2012). اندرا. ڪراچي: ڪاڇو پبليڪيشن.
18. جوڻيجو، ڊاڪٽر عبدالجبار. (1973). سنڌي ادب جي مختصر تاريخ. حيدرآباد: سنڌي ڪتاب گهر.
19. جوڻيجو، منصور قادر. (2016). پنج فڪري نظريا. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.

20. جويو، محمد ابراهيم. (ايڊيٽر). (1956). ٽماهي مهراڻ. خط، رسول بخش پليجو. چامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
21. جويو، محمد ابراهيم. ايڊيٽر (1955). ٽماهي مهراڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
22. جويو، محمد ابراهيم. ايڊيٽر: جامي چانڊيو. (2007). سيڪيولرازم ۽ عقليت پسندي. ڪراچي: سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي.
23. چانڊيو، جامي. مرتب. (2007) سنڌي ادب ۾ تنقيد: شيخ اياز. مضمون: شيخ اياز جي شاعريءَ جو سياسي ۽ ادبي پسمنظر، رشيد ڀٽي. ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
24. حسن، ظفر. (1981). رهيل قرض. ڪراچي: نيو فيلڊس پبليڪيشن.
25. حيدر. ضراب. (1997). سرحدن کان اڳتي. دڙو: سچائي اشاعت گهر.
26. سڏايو، ڊاڪٽر غلام نبي. (ترتيب) (2007). شاهه لطيف جو علامتي شعور. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
27. سليم، آغا. (2005). شيخ اياز، صدين جي صدا. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
28. سميجو, ڊاڪٽر اسحاق. (2015). قليچ رسرچ جرنل. مقالو: سنڌي ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ جو پس منظر. ڄامشورو: سنڌ يونيورسٽي.
29. سنڌي، حميد. (1985). ٽماهي مهراڻ. ڪهاڻي: پرديسي پکيئڙا. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
30. سنڌي، حميد. ترتيب. (1992) مهراڻ جون چونڊ ڪهاڻيون. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
31. سنڌي، زيب. (2015). سنڌ جي ڳالهه. حيدرآباد: روشنائي پبليڪيشن.
32. سومرو، عبدالغفار. (1995). صوفي لاڪوفي.، علامه آءِ.آءِ قاضي جون تحريرون ۽ تقريرون. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
33. شاد، نفيس احمد. ايڊيٽر. (1987). ٽماهي مهراڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
34. شاهين، آغا. (1954). لذت گناه. حيدرآباد: محمد يوسف اينڊ برادرس.
35. شورو، شوڪت حسين. (2007). رات جو رنگ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
36. شيخ، ع.ق. (1998). **محبت جي راهه تي. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.**
37. شيخ، نفيس احمد. (ايڊيٽر). (1985). ٽماهي مهراڻ. ڪهاڻي: پرديسي پکيئڙا – حميد سنڌي. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
38. شيخ، نفيس احمد. ايڊيٽر. (1999). ٽماهي مهراڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
39. عباسي، نجم. (1973). پٿر تي ليڪو. حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز.
40. فگار، انور هڪڙو. (2019). آغا سليم (شخصيت ۽ فن). ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
41. قادري، اياز. (1977). بلو دادا. ڪراچي: مڪتبه بُرهان اردو بازار.
42. قاسمي، علامه غلام مصطفى. ايڊيٽر (1985). ٽماهي مهراڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
43. قليچ بيگ، مرزا. (2004). گليور جو سير ۽ سفر. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
44. ڪرل، نسيم. (2007). نسيم ڪرل جون ڪهاڻيون. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
45. ڪوسو، نبي بخش. (مرتب) (1973). عظيم سنڌي ڪهاڻيون. حيدرآباد: اڳتي قدم پبليڪيشن.
46. ڪلپنا، موهن. (1985). چانڊوڪي ۽ زهر. حيدرآباد: سنڌي ساهت ڪتاب گهر.
47. گرامي، غلام محمد. ايڊٽر. (1955). ٽماهي مهراڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
48. گرامي، غلام محمد. ايڊٽر. (1961). ٽماهي مهراڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
49. گرامي، غلام محمد. ايڊيٽر (1962). ٽماهي مهراڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
50. گرامي، غلام محمد. ايڊيٽر. (1956). ٽماهي مهراڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.

51. گرامي، غلام محمد. ايڊيٽر. (1959). ٽماهي مهراڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
52. گرامي، غلام محمد. ايڊيٽر. (1966). ٽماهي مهراڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
53. گرامي، غلام محمد. ايڊيٽر. (1978). ٽماهي مهراڻ. مضمون: ادب جون ٻه اهم تحريڪون: ڪلاسيڪيت ۽ رومانيت، ممتاز مهر. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
54. لغاري، لطيف. (2016) مارڪسزم ڇا آهي؟ ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
55. مالهي، گوبند. (1986). اڳتي قدم (ٻ ٻيون ڪهاڻيون). بمبئي: سنڌ ٽائيمزس پبليڪيشن.
56. ماڪ، منير احمد. (2003). حويليءَ جا راز. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
57. ماڪ، منير احمد. (2003). حويليءَ جا راز. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
58. محبوب، ماهتاب. (1977). چانڊيءَ جون تارون. حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن.
59. مغل، غلام نبي. (1984). سٺ ستر اسي. حيدرآباد: سهڻي پرنٽرز.
60. مغل، محمود. (1995). محمود مغل جون ڪهاڻيون. ڪراچي: باک پبليڪيشن.
61. ملاح، سڪندر. (2001). ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي. سڪرنڊ: مارئي اڪيڊمي.
62. ملاح، مختيار احمد. (2015). ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت. حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.
63. ملاح، مختيار احمد. (2020). ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت واري اينڊرائيڊ ايپليڪيشن. حيدرآباد: سنڌي لينگيوئيج اٿارٽي.
64. مهر، رزاق. (1983). سڪون ڪٿي آهي. ڪراچي: نئين دنيا پبليڪيشن.
65. مهر، رزاق. (2009). ڍهنڊڻ ليڪا. ڪراچي: ڪاڇو پبليڪيشن/ سنڌ سلامت ڪتاب گهر.
66. ميمڻ، ثمينه. (2014). ٽماهي مهراڻ. (محمد عثمان ڏيپلائي خاص نمبر) مضمون: محمد عثمان ڏيپلائي- هڪ سماج سڌارڪ ۽ روشن خيال اديب ڊاڪٽر تهمينه مفتي. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
67. ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالغفور. (2017). سنڌي ادب جو فڪري پس منظر. حيدرآباد: سنڌي لئنگيج اٿارٽي.
68. ميمڻ، رسول. (1977). امن جي نالي. سکر: پارس اشاعت گهر.
69. ميمڻ، رسول. (1979). ڪافر ديوتا. حيدرآباد: نئين دنيا پبليڪيشن.
70. ميمڻ، رسول. (1981). چڇريل زندگين جا قافلا. ڪراچي: سنڌي گريجوئيٽس ايسوسئيشن.
71. ميمڻ، رسول. (1987). ابابيل جي آخري اڏام. ڪراچي: سنڌي ساهت گهر.
72. ميمڻ، رسول. (1993). ابابيل جي آخري اڏام. ڪراچي: سنڌي ساهت ڪتاب گهر.
73. ناشاد، نفيس احمد. (1997). ٽماهي مهراڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
74. ناشاد، نفيس احمد. ايڊيٽر. (1982). ٽماهي مهراڻ. ڪهاڻي: ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، محمود مغل. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
75. ناشاد، نفيس احمد. ايڊيٽر. (1987). ٽماهي مهراڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
76. ناشاد، نفيس احمد. ايڊيٽر: (1992). ٽماهي مهراڻ: ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
77. نظير، ڊاڪٽر ريحانه. (2014). پي ايڇ ڊي ٿيسز: نجم عباسي جي ڪهاڻين جو سماجي ڪارج: هڪ تنقيدي جائزو. اسلام آباد: هائير ايجوڪيشن ڪميشن.
78. ولپ، ولي رام/ ظفر حسن. ترتيب. (2013). آرسي ڪهاڻيون (جلد 1). حيدرآباد: فنيڪس بُڪس.
79. ڈاکٹرسہیل احمدخان-محمد سلیم الرحمن (2005) (مؤلفین) لاہور: منتخب ادبی اصطلاحات: شعبۂ اردو، جی سی یونیورسٹی.

80. نارنگ، گوپی چند. (2005). جدیدیت کے بعد. دہلی: یجوکیشنل پبلیشنگ ہاؤس.

## Web Sites

1. Blechman, Max (1999). *Revolutionary Romanticism: A Drunken Boat Anthology*. San Francisco, CA: City Lights Books. pp. 84–85. ISBN 0-87286-351-4.
2. Everyman's Encyclopedia. (1958) (Vol. London: V: J.M.Dent and Sons.
3. Finlayson, Alan (2014). "5. Nationalism". In Geoghegan, Vincent; Wilford, Rick. Political Ideologies: An Introduction. Routledge. pp. 100-102. ISBN 978-1-317-80433-8.
4. From the Preface to the 2nd edition of Lyrical Ballads, quoted Day, 2
5. George Novack: (1959). Introduction to Existentialism/Marxism. Chicago: Marjorie Grene.
6. Hamilton, Paul (2016). *The Oxford Handbook of European Romanticism*. Oxford: Oxford University Press. p. 170. ISBN 978-0-19-969638-3.
7. https://en.wikipedia.org/wiki/Scepsis.
8. https://sindhishortstories.blogspot.com/2011/02/trouble.html
9. https://uh.edu/engines/romanticism/introduction.html.
10. https://www.britannica.com/science/survival-of-the-fittest
11. https://www.open.ac.uk/researchprojects/makingbritain/content/progressive-writers-associatio.
12. J.A.Cuddon. (1999). The Penguin Dictionary of Literary Terms and Literary Theory. London: Penguin Books.
13. J.C Cuddon, Dictionary of Litrerary Terms and Literary Theory, the Penguim
14. Jalil, Rakhshanda (2014). Liking Progress, Loving Change: A Literary History of the Progressive Writers' Movement in Urdu. Oxford University Press. ISBN 978-0-19-809673-3.
15. Lyotard, Jean-François (1989). The Lyotard reader. Oxford, UK / Cambridge, Massachusetts: Blackwell. ISBN 0-631-16339-5.
16. Malott, Curry; Ford, Derek (2015). *Marx, capital, and education: towards a critical pedagogy of becoming*. ISBN 978-1-4539-1602-5
17. Morrow, John (2011). "Romanticism and political thought in the early 19th century"
18. New Encyclopedia Britannica: Volume VIII.
19. O'Hara, Phillip (2003). Encyclopedia of Political Economy, Volume 2. Routledge. p. 107. ISBN 978-0415241878.
20. *Roseberry, William (21 October 1997). "Marx and Anthropology". Annual Review of Anthropology.* ***26*** *(1): 25–46. doi:10.1146/annurev.anthro.26.1.25*
21. Smith, Anthony. Nationalism: Theory, Ideology, History. Polity, 2010. pp. 9, 25–30; James, Paul (1996). Nation Formation: Towards a Theory of Abstract Community. London: Sage Publications.
22. Third edition 1992 p-55.
23. Walter Kaufman (1961). (Ed): Existentialism; From Dostoevsky to Sartre. New York Meridien Books.
24. Wolff, Richard; Resnick, Stephen (1987). Economics: Marxian versus Neoclassical. The Johns Hopkins University Press. p. 130. ISBN 978-0801834806.

# 5. باب پنجون
# تت، نتيجا ۽ ببليوگرافي

## 5.1. باب پهرئين ’تحقيق جو طريقيڪار‘ جو تت

پي.ايڇ.ڊي (سنڌي) جي موضوع ’سنڌي ڪهاڻيءَ تي سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا اثر . (1947 - 2000) جو پهريون باب ’تحقيق جو طريقيڪار‘ آهي. هن باب ۾ ’موضوع جو تعارف‘ پهرئين عنوان طور شامل ڪيو ويو آهي. عنوان هيٺ تعارف ۾ سنڌي ادب جي پهرين ڪهاڻي ’حُرَ مَڪيءَ جا‘ جيڪا، سال 1914 ۾ لکي وئي هئي، جي باري ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪهڙي ريت سنڌيءَ جي پهرين مختصر ڪهاڻيءَ تي مزاحمتي لاڙي ۽ تحريڪ جا اثر نمايان آهن، جنهن بعد ورهاڱي ڪانپوءِ جي سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن تي تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي.

پهرئين باب ۾ ورهاڱي وقت جي ڪهاڻين جا نالا لکي، انهن تي داخلي ۽ خارجي اثرن کي ڪي بيان ڪيو ويو آهي. جهڙي ريت گوبند مالهي، گوبند پنجابي، اي. جي اتم، ڪيرت ٻاٻاڻي، آنند گولاڻيءَ وغيره. جي ڪهاڻين ۾ اشتراڪيت نعرن جي گونج پڌي سگهجي ٿي. هن سچي مرحلي ۾ ڪهاڻيڪار 'ڪميونزم' جي خمارن ۾ انساني داخلي ڪيفيتن کي نظرانداز ڪندا رهيا، پر سٺي ڳالهه هي جو ان معاملي جو جلدي ادراڪ پڻ ڪري ورتائون. جيئن ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي ڪهاڻي 'ليلى مجنون' جيڪا هڪ رومانوي هئي، ان ۾ اهڙي قسم جون ڪيفيتون نظر اچن ٿيون. اي. جي. اتم جي ڪهاڻي 'روشني موتي آئي' ۾ پڻ انسان جي اندروني ڪيفيتن کي ڏسي سگهجي ٿو. هن ئي دؤر ۾ هڪ ٻي ترقي پسند ڪهاڻيڪاره سندري اتمچنداڻي جي ڪهاڻي 'اڇا وار، ڳاڙها گل' ۾ ماٺهوءَ جي داخلي حساس مامرن کي ڏيکاريو ويو آهي. سندريءَ جي ٻي ڪهاڻي 'پوري' به بهترين ڪهاڻي آهي. اهڙي ريت ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي 'چنو ۽ مني' اتم جي 'او چري' ڪرشن راهيءَ جي 'شيشي جي ديوار' آنند گولاڻيءَ جي 'مان نئون جنم وٺندس' وغيره. شامل آهن. ان سچي لقاءَ ۾ گوبند پنجابيءَ ورهاڱي جي پسمنظر ۾ 'انسان جو گوشت' ۽ 'مڪائيءَ جو سنگ' جهڙيون ڪهاڻيون پڻ لکيون ويون. ورهاڱي جي حوالي سان ٻن سنڌي ڪهاڻيڪارن جمال ابڙي ۽ اياز قادريءَ جي جون ترتيب سان ڪهاڻيون، 'هُو حُر هو ۽ 'مان انسان آهيان' ان صورتحال کي چٽي طرح بيان ڪندي ملن ٿيون. نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي 'دوستي نه ڏسي دين ڌرم' جي حيثيت پڻ مٿاهين آهي. ورهاڱي جي درد کي اڳيان رکندي، علي بابا جو شمار انهن ڪهاڻيڪارن ۾ آهي، جن ان موضوع تي تمام گهڻو لکيو آهي.

موضوع جي تعارف ۾ وطن کان وڇڙي هندستان پهتل ڪهاڻيڪارن جي تخليقن جو مختصر تعارف پڻ شامل ڪيو ويو آهي؛ جن ۾ موتي پرڪاش جي ڪهاڻي 'گهر گهر جي ڪهاڻي' تارا چند مير چنداڻي جي 'جوش ۽ هوش' ڪلا پرڪاش جي 'خانواهڻ' ڪهاڻيون شامل آهن. امر جليل جي ڪهاڻي 'هولي ۽ سرد لاش جو سفر' ورهاڱي جي حوالي سان نهايت سنجيده ڪهاڻيون آهن، جن کي موضوع جي تعارف ۾ تفصيل سان شامل ڪيو ويو آهي.

باب پهرين ۾ ئي موضوع جي تعارف جي سري ۾ 'ون يونٽ ۽ ڪجهه ڪهاڻيون، مختصر تعارف' جي عنوان هيٺ پهرين ون يونٽ جو پسمنظر تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي. اهو پڻ ته ون يونٽ جو سنڌي ڪهاڻيءَ مٿان ڪهڙي ريت اثر پيو. امر جليل، رسول بخش پليجي، ڊاڪٽر جبار جوڻيجو، ابن حيات پنهور جون ڪهاڻيون ان ڳالهه جي شاهدي ڏين ٿيون. ون يونٽ جا مجموعي طور سنڌ کي تمام گهڻا نقصان رسيا، پر ان سان گڏ سنڌي ماڻهن خصوصي طور نوجوانن ۾ 'سنڌ شناسي' جو جذبو پروان چڙهيو. ان سان گڏ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ترقي پسند ادب اهم والار ڪئي. جنهن جا اثر اڄ جي ڪهاڻيءَ ۾ پڻ نظر اچن ٿا. هن دؤر جي مشهور ڪهاڻيڪارن ۾ اياز قادري، شيخ اياز، جمال ابڙو ، محمد عثمان ڏيپلائي، رشيد ڀٽي، سراج الحق ميمڻ، امر جليل، نجم عباسي، شيخ حفيظ، غلام رباني آگرو، نسيم کرل، طارق اشرف، قاضي خادم، غلام نبي مغل، حميد سنڌي، شمشيرالحيدري، زينت چنا، نورالهدى شاه، عبدالقادر جوڻيجو وغيره. شامل هئا.

تحقيق جي لحاظ کان باب پهرئين ۾ موضوع جو تعارف ۽ تحقيق جي آئوٽ لائين آهي. جنهن ۾ نموني طور امر جليل جي ڪهاڻي 'جڏهن مان نه هوندس' جو اقتباس شامل ڪيو ويو آهي. ون يونٽ جي پڄاڻيءَ کانپوءِ به ان هاڃيڪار اسڪيم جا سنڌي سماج، سنڌي ادب ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ تي گهرا اثر پوندا رهيا. مثال ۾ رسول بخش پليجي جي ڪهاڻي 'پسي ڳاڙها گل' شامل ڪئي وئي آهي. ون يونٽ کانپوءِ ست سالن جي اندر سنڌ مٿان جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا قهر جيان ڪڙڪي. جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ ايم.آر.ڊي جي تحريڪ جو بنياد پيو. هن تحريڪ ۾ سنڌ، جتي تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون، اتي انهن پيڙائن کي ڪي ڪهاڻين جي صورت ۾ بيان پڻ ڪيو ويو.

موضوع جي تعارف ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ مٿان مقامي لاڙن ۽ تحريڪن کانسواءِ بين القوامي سطح تي جڙندڙ تحريڪن ۽ لاڙن جي حوالي سان پڻ لکيو ويو آهي. انهن ۾ قوم پرستيءَ جو لاڙو، روشن خيالي، مارڪسزم، رومانيت، ترقي پسندي، جديدت، بعد جديت ۽ وجوديت شامل آهن.

باب پهرئين جي مُک حصي 'موضوع جو تعارف' کان علاوه تحقيق جو پسمنظر جو عنوان شامل آهي. هن عنوان هيٺ موضوع جي پسمنظر بابت آگاهي ڏني وئي آهي. ان سلسلي ۾ عنوان

’تحقيق جو پسمنظر‘ ڪهڙي ريت لکڻ گهرجي؛ جا ڪجهه درجا شامل ڪيا ويا آهن. موضوع جي پسمنظر ۾ ’نندي ڪنڊ ۾ ڪهاڻي جي شروعات ۽ پسمنظر‘ بابت تفصيلي تحقيقي مضمون شامل ڪيو ويو آهي. هن حصي ۾ چيتمل پرسرام ۽ لال چند امر ڏني مل، چيتمل پرسرام، پرڀداس پيرو مل جو ذڪر پڻ شامل آهي. هن دؤر ۾ ’علمي دنيا‘ جي نالي سان هڪ رسالو نڪرڻ لڳو. جنهن ۾ ٻن مسلمان اديبن عبدالله ’عبد‘ ۽ محمد عثمان حبيب الله ڏيپلائيءَ جي ڪهاڻين جو ذڪر به آهي. ورهاڱي کانپوءِ ڪجهه مشهور مجموعن جا نالا جن ۾: شهيد وفا – محمد عيسى نظاماڻي، انجام الفت - رضا حيدرآبادي، کيهه کٿوري - ع _ ق شيخ، چار داڻا - ابن حيات پنهور، بک ۽ بيڪاري - راز بلڙائي، شادي - غلام حيدر گبول، اوچنگارون - فيض محمد فيض، پنهل کانپوءِ - شيخ اياز، ڊاڪ بنگلو - شيخ عبدالرزاق ’راز‘، چور - غلام علي الانا، بلودادا - اياز قادري وغيره. جا نالا شامل آهن. جڏهن ته پشو پاشا _ جمال ابڙو، آب حيات _ غلام رباني، بلو دادا _ اياز قادري، سونهن، پٿر ۽ پيار _ طارق اشرف، نئون شهر _ غلام نبي مغل، عبرت ڪده (ٻه ڀاڱا) _ ابراهيم خليل، گهڙيءَ گهڙيءَ هڪ گهاءُ_ رشيد ڀٽي، اي درد هلي آءُ _ سراج، چنڊ جا تمنائي _ آغا سليم، مهراڻ جون ڇوليون (مختلف اديبن جي افسانن جو مجموعو، ڪنول ڪنول، شبنم شبنم _ نسيم کرل، اداس واديون_ حميد سنڌي پڻ نمايان مجموعا آهن هي اهو دؤر هو جڏهن ڪجهه ٻاهرين ٻولين جي ڪهاڻين جا پڻ ترجما ڪيا ويا. جن ۾ آمريڪي ڪهاڻيون _ مترجم: سراج ۽ غلام رباني، ديس ديس جون ڪهاڻيون _ مترجم: ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سپون_ خليل جبران جي افسانن جو ترجمو، دنيا جا عظيم افسانا وغيره. شامل آهن. هن دؤر لاءِ محمد اسماعيل عرساڻيءَ افساني متعلق پنهنجي تحقيق ’چار مقالا‘ ۾ لکيو: پڙهندڙن کي ايترو ذهن نشين ڪرائڻ چاهيان ٿو ته سنڌي افسانو هينئر ترقيءَ جي شاهراه تي گامزن ٿي چڪو آهي. سنڌي افسانن نه رڳو اردو ۽ هند و پاڪ جي مختلف زبانن ۾ ترجمو ٿي داد حاصل ڪيو آهي، بلڪ انگريزي، جرمني ۽ فرينچ ٻولين ۾ ترجمو ٿيا آهن.

باب پهرئين ۾ ئي تحقيق بابت ’مسئلي جو بيان‘ جو عنوان شامل ٿيل آهي. هن عنوان ۾ انساني ڄاڻ ۾ موجود علم کي وڌائڻ يا نظرثاني ڪرڻ ۽ هميشه نين حقيقتن کي دريافت ڪرڻ بابت مفصل مضمون شامل آهي. جنهن ۾ ’مسئلي جي بيان جي اهم خاصيتون ڇا آهن؟‘، ’مسئلي جو بيان لکڻ جو فارميٽ ڇا آهي؟‘ ۽ ’موضوع متعلق مسئلي جو بيان‘ جا ذيلي عنوان پڻ شامل آهن. هنن عنوانن ۾ ادب ۾ ڪهاڻيءَ جي ارتقا ۽ لوڪ ادب ۾ ان جا اهڃاڻ ڳوڙهي بيان ڪيا ويا آهن؛ جيئن، جانورن جون آکاڻيون، بادشاهن جو آکاڻيون، ان کان اڳ ڳالهيون وغيره.

باب پهرئين ’تحقيق جي طريقيڪار‘ ۾ ’مسئلي جا سوال ‘ جي نالي سان هڪ اهم عنوان پڻ شامل آهي. ڇاڪاڻ ته هڪ محقق لاءِ لازمي آهي ته ان کان اڳ جو هو تحقيق جي دائري ۾ داخل ٿئي، موضوع ۽ مسئلي بابت ڪجهه سوالن جو انتخاب ڪري، ڇو جو تحقيقي سوالن جي چونڊ معياري تحقيق جو هڪ لازمي عنصر هوندو آهي. ان لاءِ ’مسئلي جي سوالن ٺاهڻ کان اڳ ضرورتن جو تعين‘ پڻ ڪيو ويو آهي. آخر ۾ انهن اصولن جي روشنيءَ ۾ هيٺيان سوال تيار ڪيا ويا آهن.

- ? سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ مختلف سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جي شروعات ڪڏهن کان ٿي؟
- ? سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ مختلف سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا ڪيتري حد تائين اثر آهن؟
- ? سنڌي ڪهاڻيڪار، پنهنجن تخليقن ۾ سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا ڪيتري حد تائين اثر ڏيکارڻ ۾ ڪامياب ويا آهن؟
- ? ڇا عام سنڌي پڙهندڙ ڪهاڻيءَ ۾ انهن اثرن کان باخبر رهيو آهي؟

مسئلي جي سوالن کان ’تحقيق جا مقصد‘ لکيا ويا آهن. جنهن ۾ سرفهرست ’بنيادي ڄاڻ ۾ واڌارو ڪرڻ ۽ معلومات هر دم تيار رکڻ ۾ مدد ڏيڻ شامل آهن. هن عنوان هيٺ ’تحقيق جا بنيادي مقصد ۽ عام ۽ خاص مقصد پڻ تحرير ڪيا ويا آهن. جڏهن ته تحقيقي حوالي سان ’تز ۽ ڪارگر مقصد‘ مقرر ڪيا ويا آهن. ’مقصدن جا اهم اصول‘ پڻ شامل عنوان ۾ شامل آهن.

مقصدن جي اهميت کي اڳيان رکندي لاڳاپيل موضوع ’سنڌي ڪهاڻيءَ تي سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا اثر‘(1947 - 2000) تي اڀياس ڪرڻ لاءِ هيٺيان مقصد مقرر ڪيا ويا هئا.

- سنڌي ڪهاڻيءَ جي فڪري پسمنظر جو اڀياس.
- سنڌي ڪهاڻيءَ تي مختلف تحريڪن جي اثرن جو اڀياس.
- عالمي سطح تي پيدا ٿيل مختلف نظرين ۽ لاڙن جو اڀياس.
- سنڌي ڪهاڻيءَ اندر مختلف دؤرن ۾ داخل ٿيل نون موضوعن جو اڀياس

ڪنهن به تحقيق لاءِ مفروضو نهايت اهميت جو حامل هوندو آهي. تحقيق جو بنياد هڪ مفروضو ئي هوندو آهي، جنهن کي جوڙي محقق پنهنجي ڪم کي اڳتي وڌائي ٿو. موضوع: ’سنڌي ڪهاڻيءَ تي سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا اثر‘(1947 - 2000) لاءِ

***سنڌي ڪهاڻيءَ جي مٿان سماجي، سياسي ۽ فڪري تحريڪن جا گهرا اثر آهن.***

مفروضو مقرر ڪيو ويو هو.

مفروضي ڪانپوءِ تحقيق جو دائرو يا حد بندي مقرر ڪئي ويندي آهي. جنهن لاءِ لاڳاپيل عنوان ’تحقيق جي حدبندي‘ ۾ ’تحقيق جا هدفن ۽ مقصدن جي تشڪيل‘ خاص مضمون آهي؛ جڏهن ته ’تحقيق جي حدبندي کي موضوع جي مناسبت سان 1947 کان 2000 ع تائين محدود ڪيو ويو هو. ايترو پڻ ته موضوع جو پسمنظر ڏسڻ لاءِ سنڌي ڪهاڻيءَ جي شروعات کان 1947 تائين جو سرسري اڀياس پڻ شامل ڪيو ويو.

باب پهرئين ۾ ’ورهاڱي کان اڳ هڪ خاص دؤر جي اپٽار‘ جي نالي سان تحقيقي حصو پڻ شامل ڪيو ويو آهي. هي خاص دؤر لعلچند امرڏنيمل جڳتياڻيءَ جي برپا ڪل سنڌي ساهت سوسائٽيءَ جي ماهوار رسالي سان 1914ع ۾ شروع ٿيو هو. هي اهو دؤر هو، جنهن ۾ امر لعل هنگوراڻي جي مشهور ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ شائع ٿي. هنگوراڻيءَ جون ڪهاڻيون سنڌي ادب جون جديد ڪهاڻيون آهن. امر لعل هنگوراڻي سنڌيءَ جو پهريون جديد ڪهاڻيڪار سمجهيو وڃي ٿو.

باب پهرئين ۾ ’تحقيقي مواد حاصل ڪرڻ جا ذريعا‘ جي سري هيٺ تحقيقي عنوان پڻ شامل آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڪهڙي ريت تحقيقي مواد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪتبخانن ۾ وڃي موضوع سان لاڳاپيل ڪتابن، اخبارن، جرنلن، رسالن، اخبارن جي چند چاڻ ڪئي ويندي. انٽرنيٽ کان مدد به حاصل ڪئي ويندي. جنهن لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪيو ويو. باب پهرئين ۾ ابتدائي، ثانوي، ۽ ٽئين درجي جا ذريعن بابت تفصيلي طور لکيو ويو آهي.

باب پهرئين ۾ ’ادبي جائزو‘ جي نالي سان هڪ مضمون پڻ شامل آهي. ’ادبي جائزو ڇا هوندو آهي؟ جنهن جو جواب مختصر طور هن طرح ڏنو ويو آهي ته ”ڪو به تحقيقي ڪم چاهي اهو پي.ايڇ.ڊي.جو هجي ايم.فل. جي شروع ڪرڻ کان اڳ ان بابت ادبي جائزو لکڻ ضروري هوندو آهي. ادبي جائزو موضوع سان لاڳاپيل اڳ ٿيل ڪم جي تشخيص يا ڳولها هوندي آهي.“ ان لاءِ ادبي جائزي جا چار مکيه اصول پڻ لکيا ويا آهن.

ادبي جائزي ڪانپوءِ باب پهرئين جو مک حصو ’تحقيق جو طريقيڪار‘ لکيو ويو آهي. هن عنوان جي سري هيٺ سب ٽاپڪ جوڙي انهن جي تفصيل سان وضاحت ڪئي وئي آهي. جيئن: لفظ ’تحقيق‘ جي معنى. تحقيق جا مکيه قسم: ’تجرباتي يا سائنسي تحقيق‘ تي بحث ڪيو ويو آهي. هن ئي عنوان ۾ ’ريفرنس اسٽائيل/ سائيٽيشن، ببليوگرافي‘ ڪهڙي ريت داخل ڪيا ويندا ۽ اهو پڻ ته هن تحقيق ۾ اي.پي.اي. ريفرنس جو طريقو استعمال ڪيو ويندو، ٻڌايو ويو آهي. باب پهرئين جي آخر ۾ انهن ذريعن جا حوالا ڏنا ويا آهن، جن جي مدد سان باب پهرئين کي مڪمل ڪيو ويو.

## 5.1.1. باب ٻئي ’ورهاڱي کان اڳ سنڌي ڪهاڻيءَ تي سياسي، سماجي، ۽ فڪري تحريڪن جي اثرن جي شروعات‘ جو تت

باب ٻئي جي شروعات ۾ ’ادب ۾ ڪهاڻيءَ جي شروعات ۽ ارتقا‘ جي سري هيٺ تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي. هن باب ۾ ’ڪهاڻي ڇا کي ٿي چئجي؟‘ جي سوال جو جواب ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جنهن لاءِ انساني ارتقا ۽ علم الانسان کان مدد ورتي وئي آهي. شروعاتي طور ڪهڙي ريت ’ابتدائي طور زباني روايتن‘ جنم ورتو، جنهن کانپوءِ ’لکت ۾ لفظ، پرنٽنگ پريس جو وجود کان ’جديد ٽيڪنالاجي ۽ ميڊيا‘ جي استعمال تي مفصل بحث شامل آهي. هن ئي باب ۾ ’مختصر ڪهاڻي ڇا آهي؟‘ جو هڪ ٻيو سوال اٿاري ان تي پڻ لکيو ويو آهي. ساڳي عنوان ۾ ’مختصر ڪهاڻيءَ جي ڊيگهه‘ ڪيتري هجڻ گهرجي تي حوالن سان لکيو ويو آهي.

باب ٻئي ۾ لفظ Fiction جي معنیٰ ۽ مفهوم، افسانوي ادب جي شروعات ۽ ڪهاڻيءَ جي اهميت تي لکيو ويو آهي. ان لاءِ ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، شيخ اياز، سر رچرڊ برٽن، سيد سبط حسن، ڊاڪٽر تهمينه مفتي جا رايا شامل ڪيا ويا آهن.

باب ٻئي ۾ ئي ’سنڌي ادب ۾ ڪهاڻيءَ جي شروعات‘ بابت هڪ مفصل مضمون شامل آهي. جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ”قديم سنڌي افسانو هڪ رنگا رنگ ۽ شاهوڪار روايتي ادبي ورثو آهي. اهو خالص سنڌ جي پيداوار آهي. اسان جو آڳاٽو سماج ۽ ان جي رهڻي ڪهڻي عقيدن، قبائلي زندگيءَ جا آداب اطوار ۽ مخصوص ريتن رسمن کانسواءِ اسان جي تاريخي ڪردارن ۽ شهزور سورمن جي ڪارگذارين سان معمور آهي. هي حڪايتون، اٺين عيسويءَ صديءَ کان وٺي ويندي پندهين عيسوي صديءَ واري زماني پيدا ٿيون. جنهن کي ”عهد وسطیٰ“ چيو وڃي ٿو.“ جڏهن ته جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو دؤر 1914 کان شروع ٿيو، جنهن ۾ لعلچند امرڏنيمل جڳتياڻيءَ جي ڪهاڻي ’حُر مَڪيءَ جا‘ جا شائع ٿي. هن ڪهاڻيءَ ۾ حر تحريڪ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جيتوڻيڪ مصنف هن ڪهاڻيءَ کي مضمون قرار ڏنو هو، پر نقاد ’حُر مَڪيءَ جا‘ کي پهرين جديد ڪهاڻي سمجهن ٿا. انهيءَ ئي سلسلي ۾ ڊاڪٽر نواب ڪاڪا جي راءِ شامل ڪئي وئي آهي ته: سنڌي ڪهاڻيءَ جي ابتدا جي لاء شروعاتي محققن ڪن قصن ۽ آکاڻين کي افساني جو ابتدائي نمونو سڏيو، پر جديد ڪهاڻي انهن قصن کان مختلف پنهنجا اصول رکي ٿي. سنڌيءَ ۾ سڀ کان پهرين جديد افساني جون صورتون لال چند جو ’حر مکيءَ جا‘ ۽ مرزا قليچ بيگ جو ’شريف بيگم‘ آهن. باب ٻئي ۾ ڪجهه مشهور ڪهاڻين جا نالا پڻ شامل ڪيا ويا آهن، جن ۾ ڪجهه ترجما ته ڪجهه طبع زاد آهن. ڏکن ڏڏي زندگي، آوتراءِ روپچند منچنديءَ، نو ورنيءَ جو خون، نندڙي نئنا، مون به سنگتيءَ ۾ ڪي ته ڏنو هو، ڪلجڳي ٻانپڻ - پريم جو مهاتم، يوسف مصري، ستيوتي، اندرا ۽ چندرا، زيب النساءِ، چاند بيبي، لڪل لعل - نانڪ ڏرمداس. سمن موچيءَ جي ڳالهه، بلوو، فيلسوف، پوتر پريم وغيره.

باب ٻئي ۾ ’سنڌي ڪهاڻي جو اهم دؤر‘ (1924 کان 1940 تائين) جي متعلق هڪ تفصيلي مضمون موجود آهي. هن دؤر کي سنڌي ڪهاڻيءَ جي حوالي سان ان ڪري به منفرد مڃيو وڃي ٿو، جو ڪهاڻيڪارن جي اها ڪوشش شامل هئي ته اهڙيون لکڻيون پڙهندڙن تائين پهچايون وڃن، جنهن ۾ سنڌي سماج جا مسئلا ڏيکاريل هجن. هن دؤر جي هڪ خاص ڳالهه ته ڪهاڻيون آزاد طريقي سان ترجمو ڪيون ويون، جنهن ۾ سنڌي سماج جا اهي معاملا به ذڪر هيٺ آندا ويا، جن تي اڳي ڪنهن به قلمڪار نه لکيو هو. جيئن، ٽئگور جي ’سڏا‘ گونگي ڪنوار ۽ ٻي سؤرنا ديوي گهوشال جي ’اسپرٽ آف دي پليس‘ ’بن ديوي‘ جي نالي سان ترجمو ڪري شائع ڪيون ويون. چيٺمل پرسرام هڪ ناٽڪ ميٽر لنڪ کان متاثر ٿي ’مونا وانا‘ لکي. ساڳي سال ٽالسٽائي جي ناٽڪ ’پاور آف ڊارڪنيس‘ تان ’ٻال هتيا‘ لکيائين. هلندي وقت مرزا قليچ بيگ جون آکاڻيون ’وامق ۽ عذرا، ليليٰ مجنون، ’ليا خان درزي ۽ خليفو ڪهنگ، نيلو پکي، طلسمي گڏي، ٻه جاڙا پائر ۽ ديو يا راڪاس‘ شائع ٿيون.

هن ئي دؤر ۾ امر لعل هنگوراڻي، شاهڪار ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ کانسواءِ ’لکيو ڪين ٽري، ٻڍيءَ جي ڳالهه، هيءَ به رانجهوءَ سندي رمز، رام رحيم، گوئي جو گناهه‘ اهڙِيون ڪهاڻيون آهن، جن کي دنيا جي بهترين افسانن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ لاءِ ڪيترن ئي محققن لکيو آهي ته هيءَ ان دؤر جي لحاظ کان عالمي سطح جي ڪهاڻي هئي، جنهن کي بعد ۾ مڃتا طور ڪيترن ئي ٻين ٻولين ۾ ترجمو پڻ ڪيو ويو. هن کي سنڌي ڪهاڻي ڪلا حقيقت نگاريءَ جو

دؤر چئي سگهجي ٿو. هڪ پاسي امر لعل هنگوراڻي جهڙو جديد ڪهاڻيڪار ته ٻئي پاسي آسانند مامتورا ۽ عثمان علي انصاري جهڙا برک فنڪار سامهون اچي ويا هئا. انهن جي وچ ۾ مرزا نادر بيگ نمايان هو.

باب ٻئين ۾ سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ جي هڪ ٻئي اهم عرصي يعني ’سال 1940 کان 1947 جون ڪهاڻيون‘ جو تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته دنيا جي تاريخ ۾ 1940 کان 1945 جا پنج سال نهايت اهم ڳڻيا وڃن ٿا. هي پنج سال هن ڌرتيءَ تي ڪنهن قيامت کان گهٽ نه هئا. سڄي دنيا جا انسان ٻين مهاڀاري لڙائيءَ جي صورت ۾ هڪ ٻئي سان وڙهي رهيا هئا. لامحاله انهن خوني محرڪن جا اثر دنيا جي هر حساس انسان تي پئجي رهيا هئا. سنڌي فنڪار به ان کان وانجهيل نه رهيا. هڪ پاسي وڏي جنگ هئي ته ٻئي طرف سنڌي ڪهاڻي پنهنجي جديد شڪل اختيار ڪري وئي هئي. سنڌي ڪهاڻين کي هڪ نئين جهت ملي. نئين انداز سان ڪهاڻيون لکڻ جي شروعات ٿي. عام ماڻهن جي احساسن کي نمايان ڪيو ويو. منگهارام ملڪاڻيءَ موجب ”هن دؤر جو پهريون مجموعو هو ’سَرد آهون‘ جو 1942ع ۾ نئين دنيا ڪتاب گهر (شڪارپور) پاران ڇپيو هو. جنهن ۾ آڪاڻيون ان منڊل جي بانيڪار گوبند پنجابيءَ جون لکيل هيون، هن ۾ پورهيتن ۽ عام ماڻهن جي سَرد آهُن جو بيان ڪيل هو ۽ سرمائيدار سماج ۾ انقلاب آڻڻ جي للڪار پريل هئي. ڊاڪٽر نواب ڪاڪا مطابق، سَرد آهون‘ مجموعي ۾ ڪهاڻيڪار جو انداز هڪ مبلغ وارو آهي، هڪ ئي فڪر آهي جي تسلسل ۾ لکيل آهن، اهو حالتن جي تناظر ۾ پيش ڪيو ويو. هن ستن سالن جي عرصي ۾ گوبند پنجابي، گوبند مالهي، ٻڍوان لالواڻي، شيخ عبدالستار، آنند گولاڻي، سگڻ آهوجا، رام امر لعل، جيوت نرياڻي، ڪشن کٽواڻي، ڪماري نانڪ گدواڻي، مائيداساڻي، آسن اتمچنداڻي، هرو سدا رنگاڻي، ليکو تلسياڻي، پون پنجواڻي، ڪيرت ٻاٻاڻي، شيخ اياز، لڇمڻ راجپال، پوچراج موٽواڻي وغيره. بهترين ڪهاڻيڪار ٿي اڀريا.

باب ٻئي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سنڌي ڪهاڻيءَ تي تحقيق ڪندڙن موجب ادب جي ان صنف تي سنڌيءَ جو پهريون ڪتاب ’ريگستاني ڦول‘ هو. هن ڪتاب کي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ انقلاب برپا ڪندڙ به سمجهيو وڃي ٿو. ڪهاڻين جو مجموعو ’ريگستاني ڦول‘ 1944 ۾ نئين دنيا ڪتاب گهر شڪارپور طرفان گوبند مالهيءَ ڇپرايو. هن ڪتاب ۾ نون ليکڪن جي ڪهاڻين ۾ سماجي ۽ اقتصادي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جو ڇيد ڪري ڀرپور نموني سان ٿيل هو. ڪتاب جا ڪهاڻيڪار هئا: ٻڍوان لعلواڻي، شيخ عبدالستار، آنند گولاڻي ۽ سوپو گيانچنداڻي هئا. بعد ۾ خبر پئي ته شيخ عبدالستار جو فرضي نالو شامل ڪيو ويو هو. ڪهاڻي ’حليما‘ به سوپي گيانچنداڻيءَ جي ئي لکيل هئي. ريگستاني ڦول‘ سنڌي ڪهاڻيءَ ذريعي ترقي پسند فڪر کي عام ڪرڻ ۽ سماجي اوڻاين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ٻيو ڪهاڻين جو اهم مجموعو ثابت ٿيو. 1945 ۾ نئين دنيا ڪتاب گهر طرفان ’پرهه ڦٽي‘ نالي هڪڙو مجموعو ڇپرايو ويو، جنهن ۾ گوبند مالهيءَ جي ’هاري حقدار‘، گوبند پنجابيءَ جي ’نيلو‘، رام امرلعل جي ’انساني مرغي‘، ’ٻڍوان بي چين‘، ’جي رام‘، ’راڄ‘، جيوت نرياڻيءَ جي ’بي نڪو‘ ۽ ڪرشن کٽواڻيءَ جي ’ڪتي جو موت‘ ڪهاڻيون شامل هيون. انهن ٻن ڪتابن جي ڪاميابيءَ ڪانپوءِ آنند گولاڻيءَ ان وقت جي مشهور اديب ’ڦڙڪ‘ جي نالي سان ڪهاڻين جو مجموعو مارڪيٽ ۾ آندو. ڪهاڻين جي هن مجموعي لاءِ منگهارام ملڪاڻي ’سنڌي نثر جي تاريخ‘ ۾ لکيو: ’ڦڙڪ‘، جنهن ۾ بهترين آکاڻي وري به ٻڍوان لعلواڻيءَ جي ’ليلان‘ هئي، جا پيار، پاپ ۽ ماٿاپٽي جو نازڪ وشيه تي هڪ ڪلم ڪلي پر سچائيءَ واري ڪهاڻي هئي. هن ئي دؤر ۾ ڊي.جي سنڌ ڪاليج پنهنجي علمي ادبي سرگرمين جي ڪري هندستان ۾ مشهوري ماڻي چڪو هو. هتان جا ڏاها استاد پنهنجي علمي ۽ ادبي ڪوشش جي ڪري پاڻ مڃايون ويٺا هئا. ان وقت ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچي مان ’لهرون‘ جي نالي سان رسالو جاري ٿي رهيو هو.

هن عرصي ۾ مرزا نادر بيگ کانپوءِ مسلمان ليکڪن ۾ محمد عيسيٰ نظاماڻي ٻيو نمايان ڪهاڻيڪار هو، جنهن جي ڪهاڻين جو مجموعو ’شهيد وفا‘ شايع ٿيو. هن ڪتاب ۾ گهڻو تڻو هندستان جي تاريخ تي مشتمل افسانه هئا. ”سنڌي ادب جي صلاحڪار بورڊ جي مخزن ’مهراڻ‘ جي 1947 واري شماري ۾ محمد حسن ڪروڙپتيءَ جي مزاحيه ڪهاڻي ’عاشق معشوق‘ ۽ سندس ٻي

ڪهاڻي ’بخشش‘ (آمريڪي سپاهي سنڌي ٻارن کي ڪيئن بخشش ڏين ٿا، ان پسمنظر ۾ لکيل) جولاءِ 1947 واري پرچي ۾ ڇپيون. نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي ’همت ۽ ڪوشش‘ به هن دؤر ۾ ڇپيون. ساڳي مخزن ۾ ساڳي سال ڊسمبر واري شماري ۾ سائينداد سولنگيءَ جي ڪهاڻي ’ملاقات‘ ڇپي، جيڪا بهترين آڪاڻي هئي. هن ڪهاڻيءَ ۾ عشق جي تڙپ ۽ ڀهراڙيءَ وارا اصطلاح بهترين نموني آندا ويا هئا. ان کان سواءِ نجم عباسيءَ جي حقيقت تي ٻڌل ڪهاڻي ’کنڊ جي چوري‘ چڱي ڪهاڻي هئي. سال 1947 هندستان جي ورهاڱي جو سال هو. نتيجو غير يقيني پڻ هو. سڀني مشڪلاتن هوندي سنڌي ليکڪن ڪهاڻيءَ جي ڪلا کي جاري رکيو. انهيءَ سال زندگي پبليڪيشن طرفان ’سنڌي ڪهاڻيون‘ جي نالي سان ڪتاب ڇپرايو ويو. هي سچو ڪجهه پبليڪيشن جي باني ٻهاري چاپڙيا جون ڪوششون هيون. ’سنڌي ڪهاڻيون‘ نالي ڪهاڻين جي ڪتاب جي خاص ڳالهه ليکو تلسياڻيءَ جي ڪهاڻي ’منجري ڪولهڻ‘ هئي.’منجري ڪولهڻ‘ ان دؤر جي هڪ شاهڪار ۽ عاليشان ڪهاڻي هئي. ان ئي سال هڪ نوجوان مسلمان اديب شيخ اياز ڪهاڻي ڪيتر ۾ شامل ٿئي ٿو. شيخ اياز، وقت ۽ حالتن جي پيش نظر، باغي منڊل جي نالي سان هڪ پبليڪيشن جون بنياد وڌو ۽ ’سنڌي ڪهاڻيون‘ جي نالي هڪ مجموعو ڇپرايو، جنهن ۾ آنند گولاڻيءَ جي بهترين ڪهاڻي ’سومان‘ ڇپي هئي، جيڪا هڪ ڪنواري ماءُ جي مسئلي تي طويل آڪاڻي هئي. ساڳي سال ’باغي منڊل‘ جي طرفان ٻيو رسالو ’سوشلسٽ پاڪستان‘ ڇاپيو ويو، جنهن ۾ جيوت نرياڻيءَ جي بهترين آڪاڻي ’هٿ نه لاهه‘ ڇپي. باغي منڊل پاران ساڳي سال هڪ ٻئي مجموعي ’سفيد وحشي‘ ۾ شيخ اياز جي ڪهاڻي ’رولو‘ ڇپي، جيڪا حسن پرستيءَ تي لکيل هڪ بهترين آڪاڻي هئي. 1947 ۾ شايع ٿيل رسالي ’اڳتي قدم‘ ۾ شيخ اياز جي هڪ ٻي بهترين ڪهاڻي ’ڪلٽي‘ ڇپي.

1947 ۾ شيخ اياز ’اسان جي سنڌ‘ نالي مختلف ڪهاڻيڪارن جو ڪهاڻيون ڪراچيءَ مان شايع ڪرايون- هن مجموعي ۾ چار ڪهاڻيون شامل آهن: ’سائو سوٽ‘ - موهن پنجابي، ’پاڙيسري - شيخ اياز، ’هراس‘ - رام امر لعل پنجواڻي ۽ ’دشمن ڪير‘ ڪيرت ٻاٻاڻي شامل هيون. اهي سڀ ڪهاڻيون، انگريزن جي دؤر جي هنگامن ڀرئي ماحول جي عڪاسي ڪندڙ آهن. ان سال ئي شيخ اياز جي ڪهاڻي، ’سفيد وحشي‘ پڻ شائع ٿي.

باب ٻئي ۾ ’ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي سياسي سماجي، معاشي حالتون‘ جي سري هيٺ هڪ مضمون شامل آهي. جنهن ۾ ’سنڌ جون سماجي حالتون‘ جي سب ٽاپڪ سان سنڌ جو جاگرافيائي محل وقوع تاريخي حوالن سان ٻڌايو ويو آهي. اهو پڻ ته عربن جي فتح کانپوءِ سنڌ ۾ ڪهڙي ريت مذهب جو استعمال ڪيو ويو. نتيجي ۾ هتي اقليتي مذهبي گروهه سدائين غير يقيني جي زندگي گهارڻ تي مجبور ٿي ويا. ان جا وڏا اهڃاڻ ان وقت ظاهر ٿيا، جڏهن مذهب جي نالي تي هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ هتان جي مقامي هندو آبادي ظلم ۽ تشدد جي خوف کان، پڇڻ شروع ڪيو. ان ئي سلسلي ۾ ’ورهاڱي کان اڳ سنڌي سماج ۾ وڏيرن جو ڪردار‘ جي نالي سان هڪ حصو پڻ ڳنڍيو ويو آهي. جنهن ۾ سنڌ جي بااثر طبقي جو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن ڏانهن روين جو اپٽار ٿيل آهي. مختصر طور ته سنڌ ۾ وڏيرو هونءَ به تمام گهڻو مضبوط هو، پر انگريزن جي دؤر ۾ انهن کي وڏيڪ طاقت بخشي وئي. ٻين لفظن ۾ عام ڳوٺاڻن جي زندگي وڏيرن جي چوڌاري ڦرندي ملندي. جيڪو سلسلو اڄ به ڪنهن نه ڪنهن ريت جاري آهي. انگريز چالاڪ ته ڏاڍيا حاڪم هئا، ان ڪري هنن سنڌ ۾ خاص طور وڏيراشاهيءَ کي تمام گهڻو مضبوط ڪيو. هو ڄاڻن پيا ته وڏيرن جي ذريعي ئي عام ماڻهن کي ذهني توڙي جسماني طور ضابطي ۾ رکي سگهجي ٿو. ائين ناهي ته سنڌي معاشرو رڳو اوڻاين ۽ سماجي خالن سان ڀريو پيو هو، پر ڪافي سهڻايون پڻ موجود هيون. جيئن ماڻهو ميلن ملاکڙن جا ڪوڏيا هوندا هئا. ان ڳالهه جي شاهدي جي. اي.سيد جي يادگيرين جي ڪتاب ’جنب گذاريم جن سين‘ ۾ پڻ ملي ٿي هو لکي ٿو: سنڌ جي راندين ۾ ملاکڙي کي خاص جڳهه آهي. قديم وقت کان ملاکڙا سنڌي جرئت آزمائيءَ جا مکيه مرڪز ئي رهيا آهن. اصل کان اڄ تائين، جتي به ملاکڙو لڳندو آهي، اتي هزارين تماشبين اچي ڪٺا ٿيندا آهن، جتي غريب ۽ شاهوڪار سندن همت افزائيءَ لاءِ ملهن کي انعام ڏيندا آهن، جيئن اڄڪلهه شهرن ۾ مشهور ڪرڪيٽ ۽ فٽبال رانديگرن جو ڏسڻ لاءِ هزارين ماڻهو اچي گڏ ٿين ٿا، تيئن سنڌ ۾ مشهور ملهن جو ٻڌي ٻري ٻري ڳوٺن کان ماڻهو اچي گڏ

ٿيندا آهن. قديم خاندانن ۾ انهن جي همت افزائيءَ لاءِ چٽا پيٽيون ٿينديون هيون، جيڪو انهن کي گهٽو پئسو ڏيندو هو، تنهن جو نالو وڏيڪ ڳائبو هو.

ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جي اقتصاديات خاص ڪري ذراعت تي ذارين جو قبضو وڌي ويو. شهر تي اڳي ئي ذارين جي قبضي ۾ اچي ويا، پر ٻهراڙيءَ جون زمينون پڻ ٻاهريان آيل ماڻهن جي تسلط ۾ آيون. انگريز جي دؤر ۾ سنڌ جو سماجي انفراسٽرڪچر ڪافي حد تائين تبديل ٿي ويو. خاص ڪري ورهاڱي کان ٽي ڏهاڪا اڳ يورپ خصوصي طور انگليند ۾ ٿيندڙ صنعتي ترقيءَ جا ثمرات پڻ سنڌ کي ملڻ شروع ٿي ويا. جنهن لاءِ سنڌ ۾ باقاعده سان ريلوي سروس جي شروعات ڪئي وئي. ٽپال جو جديد سرشتو شروع ڪيو ويو. جديد تعليم جي ڪري صحت جي شعبي ۾ پڻ ترقي ٿي. آبپاشي نظام بهتر ٿيو. سکر بئراج ٺهڻ بعد سنڌوءَ جي پاڻيءَ جي بهتر ورهاست ٿي ۽ غير آباد زمينون آباد ٿيون. ان کان سواءِ آمدؤرفت جا ذريعا ۽ واپار جا موقعا پڻ فراهم ٿيا. برطانوي تسلط سنڌ تي ڏور رس اثر ڇڏيا، تبديلين جا اهڙا محرڪ اڳ ۾ ڪڏهن به ڪنهن به دؤر ۾ نه ڏٺا ويا. انهن تبديلين جو اصل محور انگلنڊ هو، چو ته سڄي يورپ ۾ آيل صنعتي انقلاب زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي اثر ڇڏيا هئا. اڳ ۾ صدين تائين اقتصادي، سماجي ۽ پيداواري ذريعا زمين جي ورهاست تي ٻڌل هئا، جنهن کي صنعتي انقلاب تبديل ڪيو. ٽالپرن جي دؤر ۾ سنڌ اندر تعليم روايتي معلمن ذريعي ڏني ويندي هئي، جن کي 'آخوند' سڏيو ويندو هو. ڳوٺن ۾ تعليم مقامي ملا يا مسجدن جا پيش امام ڏيندا هئا ۽ اڪثر تعليم قرآن پاڪ جي تعليمات موجب ڏني ويندي هئي. هندن جا ٻار پاٺشالائن ۾ پڑهندا هئا يا وري آخوندن وٽ فارسي پڑهندا هئا. انگريزن جي اچڻ بعد اعلان ڪيو ويو ته سرڪار جي سڀني انتظامي معاملن جي سنڌي ٻوليءَ ۾ لکپڑهه ڪئي ويندي. مطلب سنڌيءَ کي دفتري ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو. انگريزن جي انهيءَ قدم جي باوجود سڄي هندستان جيان سنڌ جا مسلمان پڻ مسلسل بيچيني ۽ عجيب گومگو جي پوزيشن ۾ رهيا. شروع ۾ ته انگريزن طرفان متارف ڪرايل جديد شين کي 'حرام' قرار ڏئي، انهن جو بائيڪاٽ ٿيندو رهيو. نتيجي ۾ مسلمان جديد علم پرائڻ جي ڊوڙ ۾ پوئتي ڌڪجي ويا. ڪجهه وقت اندر ئي مسلمانن کي خيال آيو ته اهو سڀ ڪجهه پاڻ کي نقصان ڏيڻ جي برابر آهي. جنهن لاءِ 'سنڌ محمدن ايسوسيئيشن' جي صدر حسن علي آفندي (آخوند) ڪراچيءَ جي بولٽن مارڪيٽ پرسان سنڌ مسلم مدرسو قائم ڪيو، جنهن ۾ شاگردن لاءِ هاسٽل ۽ کاڌي جو انتظام به ڪيو ويو، اهو اڳتي هلي سنڌ مدرسة الاسلام طور مشهور ٿيو. ٻئي طرف هندن جي طرفان اهي ڪوششون اڳي ئي جاري هيون. تن تعليمي حوالي سان ڪجهه وکون اڳتي وڌايون.حيدرآباد ۾ ابتدائي طور به اسڪول: هڪ گورنمينٽ اسڪول ۽ ٻيو مشنري اسڪول قائم ٿيا. 1888 ۾ ساڌو هيرانند نوجوانن جي تعليم ۽ سنڌن لاڙو سماجي اصلاح طرف موڙڻ جي مقصد خاطر 'يونين اڪيڊمي' قائم ڪئي. سندس ان ٽيم جا مکيه رڪن نولراءِ شوقيرام، ڏيارام گدومل ۽ ديوان ڪوڙو مل چندن مل هئا. ڪجهه اختلافن باعث هڪ ٻيو تعليمي ادارو 1898 ۾ 'نيو وديالا' جي نالي سان قائم ٿيو، جنهن جون شهر ۾ پنج شاخون به کوليون ويون. اهڙيءَ ريت حيدرآباد ۾ ٿوري عرصي اندر ڇهن تعليمي ادارن ڪاميابيءَ سان منزلون طئي ڪيون.

باب ٻئي ۾ 'ورهاڱي کان اڳ سنڌ جون سياسي حالتون' پڻ تفصيل سان لکيون ويون آهن، جنهن ۾ مياڻيءَ جي جنگ کان اڳ ئي سنڌ تي انگريزن جي سياسي اثر اسوخ جو ذڪر آهي. حقيقي طور انگريزن جي حڪومت ۾ جنهن تحريڪ تمام گهڻي سياسي طور اٿل پٿل پيدا ڪئي اها خلافت جي تحريڪ هئي. خلافت تحريڪ مسلمانن جي اهڙي تحريڪ هئي، جنهن ننڍي کنڊ جي ويجهي ماضيءَ جي تاريخ تي اڻ مٽ اثر ڇڏيا. خلافت تحريڪ جي دؤران سنڌ سطح تي هڪ مقامي تحريڪ جنم ورتو، جنهن ۾ ان وقت جي سنڌي ماڻهن جي سياسي سجاڳي کي ڌسي سگهجي پيو. اها تحريڪ سنڌ جي بمبئي صوبي کان عليحدگيءَ جي هلچل هئي؛ ڇاڪاڻ ته سنڌي مسلمان توڙي هندن جي هڪ وڏي اڪثريت سمجهي پئي ته سنڌکي بمبئي سان گڏ رکڻ هڪ غير فطري طرز عمل هو. آخرڪار سال 1935 ۾ برطانيه جي پارليامينٽ 1935 جو ايڪٽ پاس ڪيو. هن ايڪٽ مطابق پهرئين اپريل 1936 کان سنڌ کي هڪ نئون صوبو بنايو ويو. سنڌ جو پهريون گورنر سر لينسي لاٽ گرهام کي مقرر ڪيو ويو

باب ٻئي ۾ ورهاڱي کان اڳ انگريز دؤر جون معاشي حالتون نُڪتن ۾ بيان ڪيون ويون آهن.

- سنڌ ۾ انگريز دؤر 1843 کان شروع ٿيو. 1875 کان 1885 ڏهن سالن جي عرصي ۾ ٿيندڙ هڪ سروي موجب جاگيرن هيٺ پوکجندڙ زمين جي سراسري ايراضي ڏيڍ لک ايڪڙن کان به مٿي هئي.
- انگريزن، سياسي اقتدار ماڻڻ کانپوءِ سنڌي عوام تي حڪومت ڪرڻ لاءِ حڪمت عمليءَ طور زميندار، جاگيردارن ۽ پيرن کان سهڪار ورتو.
- انگريز راڄ قائم ٿيڻ کانپوءِ سنڌ جي اقتصادي ڍانچي ۾ بنيادي تبديليون رونما ٿيون ۽ سنڌ جي معيشت ۾ وڏي تبديلي برپا ٿي. سنڌ جي زراعت، صنعت ۽ واپار پنهنجي ابتدا هڪ نئين رخ سان ڪئي.
- زراعت جي حوالي سان سنڌ جي آبپاشي نظام ۾ بهتري آندي وئي. واپار ۽ صنعت ۾ ريلوي جي قيام هڪ نئون روح ڦوڪيو.
- ڪمشنر سر بارٽل فريئر واپاري ميلن (ٽريڊ فيئر) واري تجربي کي شروع ڪيا.
- پهريون ميلو ڊسمبر 1852ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪوٺايو ويو، اُن ميلي هندستان، بلوچستان، افغانستان ۽ ايران جي اڪثر علائقن کان سمورن نمونن وارين شين جي وڏن ۽ ننڍن واپاري ميڙن کي گڏائڻ جو ڪم ڪيو.
- سنڌ جو سمنڊ رستي واپار به جاري رهيو.
- چين ۽ بنگال جو ريشم، انگريزي ويڪري بر وارو ڪپڙو، عام انگريزي شالون ۽ ڪپهه مان جوڙيل ڪيترن قسمن جو رنگين توڙي اڇو ڪپڙو شامل هو، اهي سموريون شيون بمبئيءَ کان ايندڙيون هيون.
- بنگال، چين، منيلا، باٽاويا ۽ ملبار کان کنڊ گهرائي ويندي هئي.
- ڪارا مرچ، ٽامو، هنرن مان ٺهيل شيون ۽ انگريزي ڪپهه جا ڌاڳا وغيره. شيون بمبئيءَ کان ايندڙيون هيون.
- گجرات مان ڪپهه گهرائي ويندي هئي.
- ايراني نار کان گهرائجندڙ شين ۾ کجور ۽ موتي اهم هئا.
- پرڏيهي واپار ۾ سڀ کان مُلهائتي جنس آفيم هو، جيڪو ٿَتي رستي مارواڙ کان ايندو هو.
- پرڏيهه ويندڙ ٻين شين ۾ گيهه، نير، مڇڻ، اُن ۽ کاري مڇي شامل هونديون هيون.
- هٿ جي ٺهيل شين ۾ کنڊ، ڪارا مرچ ۽ گرم مصالحن منجهان ڪجهه حصو قلات وسيلي قنڌار ۽ قابل ويندو هو
- 1851 تائين رڳو هڪڙو انگريزي سامونڊي جهاز بندرگاهه ۾ گهڙيو هو ۽ ٻيو ڪيترن ورهين کان پوءِ مس داخل ٿيو. ننڍڙا ٻاڦ وارا جهاز ايندا ۽ ويندا رهيا.
- سوئيز ڪئنال کولڻ تائين ٻاڦ وارن جهازن، هندستان جي يورپ سان ٿيندڙ تجارت ۾ حصو ورتو.
- 1854 - 1855 ۾ بندرگاهه جا لنگهه ايڏا سُڌري چڪا هئا، جو ان ۾ ڏهه هاڪاريندڙ جهاز داخل ٿيا.
- سال 1859 پاڻيءَ جا ساڍا اوٺيهه فوٽ گهيريندڙ جهاز حفاظت سان داخل ٿيا. پنجويهن جهازن کي، جن تي پنج سؤ کان هڪ هزار ٽن مال لڏيل هو، بندرگاهه تي بيهڻ جي سهولت ڏني وئي.
- سال 1863- 1864ع ۾ چوهتر هزار ٻه سؤ ايڪونجاهه (74251) ٽن مال سان لڏيل 155 ٻاڦ تي هلندڙ جهاز بندرگاهه ۾ داخل ٿيا.
- سنڌ جي ڪڻڪ کي ڏيساور موڪلڻ جو بندوبست ڪيو ويو. آبپاشيءَ جي سهولتن سبب سکر، لاڙڪاڻي ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾ وڏي پيماني تي پوکڻ شروع ٿي.

- ڏيهي ٻيڙين جي ذريعي ڪٽڪ ڪڇ ڏانهن اماڻي ويندي هئي.
- سنڌ هندستان ۾ ڪپهه اهميت جي حوالي سان ٻئي نمبر تي هئي. اڌ پيداوار حيدرآباد ۽ ٿرپارڪر ضلعن ۾ خاص ڪري جمڙائو واهه تي پوکي ويندي هئي.
- تيلي ٻج ڪپهه جي پيٽ ۾ سنڌ جي پرڏيهي واپار جي مُلهه ۾ وڌيڪ اهميت رکندڙ هو. اُهي بنيادي طور حيدرآباد، لاڙڪاڻي ۽ اُتر سنڌ ۾ پوکيا ويندا هئا. ٽُوريي ۽ تر جو وڏو مقدار ساليانو ڪراچيءَ کان ٻاهر موڪليو ويندو هو، جيڪو ’نج ليوڪا تيل‘ نالي ۾ واپرايو ويندو هو.
- سٽيپ ۽ ٻين مقصدن لاءِ واپارئجندڙ توريو فرانس، جرمني ۽ آسٽريليا سميت انگلنڊ ڏانهن موڪليو ويندو هو.
- کلون ۽ چمڙو ڪراچيءَ کان پرڏيهه موڪليا ويندا هئا، جنهن جو وڏو حصو سنڌ جي پيداوار هو. اُهي وڏي پيماني تي حيدرآباد ۽ سکر ۾ سهيڙيو ويندو هو.
- کلن ۽ چمڙي جي ڪجهه حصي کي اُجاري رڱيو ويندو هو. چمڙو يورپ جي اٽڪل سمورن ملڪن ۾ ۽ وري خاص ڪري آمريڪا ڏانهن موڪليون ويندون هيون.
- نير، چانور، جانورن جا هڏا اهم برآمد مان هئا.
- هٿ جي هنرن ۾ موچڪي ڪرت به هئي، جنهن ۾ ڪافي ماڻهو رُڌل هئا. اها ڪرت گهڻوڪري سوچين ۽ موچين جي هٿ ۾ هئي.
- چمڙي جي رڱائي جي هنر سان به ماڻهو لاڳاپيل هئا.
- اوني ڪپڙو، ڪپهه اُٽڻ، ريشم ناهڻ، رڱائي، ٻيڙيون ناهڻ، پرت ۽ زريءَ جو ڪم، جنڊيءَ جو ڪم ٺڪر تي چٽسالي، نيرولي جو ڪم، ڌاتن تي ميناڪاري ۽ پتل جي ٿانون جي ڪم جهڙا هنر مروج هئا.

باب ٻئي ۾ ورهاڱي کان اڳ، سياسي، سماجي ۽ فڪري تحريڪن جا اثر‘ جي سري هيٺ ڪجهه مشهور ڪهاڻين جن ۾ لعلچند امرڏنومل جڳتياڻيءَ جي ڪهاڻي’حُر مَکيءَ جا، امر لعل هنگوراڻيءَ جي ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ شيخ اياز جي ڪهاڻي ’سفيد وحشي‘، آسانند مامتورا جي ڪهاڻي ’ڪکي‘، مرزا نادر بيگ جي ڪهاڻي ’موهني‘ ۽ عثمان علي انصاريءَ جي ڪهاڻي ’ململ جو چولو‘ تي تفصيل سان انهن جي سماجي، سياسي، معاشي ۽ فڪري پاسن جو ڇيد ڪيو ويو آهي.

## 5.1.2. باب ٽئين ’ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جون سياسي، سماجي تحريڪون ۽ انهن جو ڪهاڻيءَ تي اثر‘ جو تت

باب ٽئين جي شروعات ’ادب جي تشريح‘ جي نالي سان هڪ مضمون سان ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ’ادب بنيادي طور احساسن کي لفظن جي صورت ڏيڻ جو نالو هوندو آهي. ادب جو سماج سان سدا کان گهرو رشتو رهندو پيو اچي. هڪ لحاظ کان درست ۽ حق جو ادب اهوئي آهي، جنهن جو تعلق هلندڙ زماني جي مسئلن ۽ گهرجن سان هجي.‘ هر ادب پنهنجي زماني جو ترجمان ئي هوندو آهي. ان دؤر جي تحريڪن ۽ لاڙن کي ان ادب ۾ ڏسي سگهجي ٿو. جهڙي ريت سنڌي ادب جي ڳالهه ڪجي ته ان جي پهرين مختصر ڪهاڻي ’حر مکيءَ جا‘ ۾ حر تحريڪ کي آسانيءَ سان ڏسي سگهجي ٿو. سنڌي ادب جي جديد ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ ۾ سچائي ۽ تصوف جي تحريڪ کي ڏسي سگهجي ٿو. اها ڳالهه عالم آشڪار آهي ته سنڌ جي ماضيءَ ۾ سنڌي سماج اندر تصوف جون تحريڪون وڏي پئماني تي موجود رهيون آهن. هاڻوڪي دؤر ۾ به انهن تحريڪن جا پرتؤ ڏسي سگهجن ٿا.

باب ٽئين ۾ ’ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جي سماجي ۽ سياسي صورتحال‘ تي تفصيلي بحث ڪيو ويو؛ جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته پاڪستان ٺهڻ سان سنڌي مسلمان اها اميد رکيو ويٺا هئا ته هندن جي اثر

ڪان آجيون ٿيڻ واريون ملڪيتون، نوڪريون تعليم ۽ ڪاروبار جا چڱيل سڀ ميدان ۽ موقعا انهن لاءِ مخصوص ٿي ويندا، پر پاڪستان ٺهڻ ڪان پوءِ انهن ڏٺو ته هندن جي ملڪيت ۽ ڪاروبار تي هندستان ڪان آيل ماڻهن جو قبضو ٿي ويو. مسلمانن جي هندن وٽ گروي رکيل يا مقاطعي تي ڏنل تمام گهڻي زمين جيڪا سنڌي هاري پوک ڪندا هئا، اها به غير سنڌين کي الاٽ ڪئي ويئي. انهن زمينن ڪان هارين کي بي دخل ڪيو ويو. نون اچڻ وارن گروهن پاڻ کي مقامي تهذيب ۽ تمدن ڪان الڳ رکيو، بلڪ پنهنجي زبان انهن مقامي ماڻهن تي مسلط ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. تنهن ڪان علاوه نوان اچڻ وارا گهڻا ماڻهو ٺهيل ٺڪيل گهرن، ڪاروبار ۽ معاشي ذريعن ملڻ سبب جلد ئي خوشحال ٿي ويا، پر سنڌ ۾ پراڻا رهندڙ مسلمان ڳوٺن ۾ غربت ۽ پسماندگيءَ جوشڪار رهيا. ڪراچيءَ کي سنڌ ڪان ڌار ڪيو ويو ۽ ائين ئي سنڌ جي اصلوڪن باشندن ڪان وڏا شهر کسجڻ جي ابتدا ٿي. باب ٽئين ۾ ئي ’ون يونٽ جو جڙڻ‘ جي نالي سان هڪ تحقيقي مضمون شامل ڪري ثابت ڪيو ويو آهي ته ون يونٽ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ مصيبت ثابت ٿيو. نتيجي ۾ ’ون يونٽ خلاف تحريڪ‘ شروع ٿي. ون يونٽ جو ٺهڻ اصل ۾ سالن ڪان سول ۽ ملٽري بيوڪريسيءَ جو پراڻو خواب هو، جنهن ۾ ملڪ جي باقي صوبن کي يڪجا ڪري بنگال جهڙي وڏي صوبي جي مقابلي ۾ پاڻ کي ڪڙو ڪرڻو هو. هي بلڪل سؤلو طريقو هو ته ٽن صوبن سميت هڪ چيف ڪمشنر جي انتظام هيٺ صوبي بلوچستان کي الڳ الڳ منهن ڏيڻ جي بجاءِ هڪ ئي اسيمبليءَ جوڙي وڃي، جنهن مان پنهنجي پسند جا فيصلا آسانيءَ سان ڪري سگهجن پيا. هڪ نظر سان ڏٺو وڃي ته ون يونٽ جي مجموعي اثرن جي نتيجي ۾ سياسي فائده اولهه پاڪستان کي ئي حاصل ٿي رهيا هئا، پر اهي فائده ڪجهه خاص طبقي تائين محدود هئا. عام ماڻهن خاص ڪري ننڍن صوبن کي ان نظام تحت نقصان ئي ٿي رهيو هو. انهن سڀني ۾ سنڌ اڳيان هئي. سنڌ جا ماڻهو سمجهي رهيا هئا ته ون يونٽ جو قيام اصل ۾ انهن جي تهذيب ۽ ثقافت کي ميسارڻ جي ڪوشش آهي. ٻئي طرف ’ون يونٽ‘ جا مقرر ڪيل مقصد پورا نه ٿي رهيا هئا. خرچن تي ڪنٽرول نه پئي ٿيو. مسئلا وڌي رهيا هئا. خاص ڪري ملڪ جي ڏورانهن علائقن کي نظر انداز ڪيو پئي ويو، ڪي مقامي مسئلا وڏي شدت سان سامهون آيا. ون يونٽ جي ڪري سنڌ سان جيڪي سياسي، سماجي، معاشي ۽ فڪري مسئلا سامهون آيا، انهن ۾ سرفهرست سنڌ جي تشخص کي ميسارڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ کا دؤري اختيار ڪرڻ هو. اهڙين حالتن ۾ سنڌي اديبن خاص ڪري ڪهاڻيڪارن پاڻ ملهايو. ان حوالي سان ڪيتريون ئي ڪهاڻيون لکيون ويون. جن ۾ ڪهاڻين کي هن اڀياس ۾ شامل ڪيو ويو آهي. انهن جا نالا ۽ ڪهاڻيڪار هيٺ لکجن ٿا:

جدا ٿيل راهن جو درد – امر جليل
هڪ خطرناڪ سنڌ پرست جي ڳولا – امر جليل
ڪراچيءَ جا ميزبان – نجم عباسي
ڌرتيءَ ڌڪاڻا – علي بابا
ٻه قبرون – حليم بروهي
هي پڙهڻ سان گهٽن جو پلو ٿيندو – حليم بروهي
ڪو ڳڻ ٻاروچي جو - قاسم پٿر
سچ جو ڏينهن - رسول بخش پليجو
شيرو – ماڻڪ
شاه لطيف، هٽڪڙيون ۽ رسو – ماڻڪ

مٿي ڄاڻايل ڪهاڻين تي تفصيل سان تبصرو ڪري انهن جا پلاٽ پڻ لکيا ويا آهن. انهن ڪانسواءِ اياز قادريءَ جي ڪهاڻي ’آخري سبق‘، شمير الحيدريءَ جي ’پورس جا هاٿي‘، حفيظ شيخ جي ڪهاڻي ’اڃو ته گهر اڏيون‘ ع.ق. شيخ جي ’حيدرآباد‘، ثميره زرين جي ’وطن‘، محمد دائود بلوچ جي ڪهاڻي ’آزاديءَ جو ڏينهن‘، محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو ’ڪونڌير‘، امر جليل جي ڪهاڻي ’وري برف ۾ ملنداسين ۽ ٽيون وجود‘ نجم عباسيءَ جون ڪهاڻيون ’ايڏا سور سهي ۽ ڪوڙڪي‘ طارق اشرف جي ’ڦرلٽ‘ وغيره. جا نالا پڻ ليکا ويا آهن. هن ئي حصي ۾ چار مارچ جي هڪ نمائنده ڪهاڻي

’وڏيو هئين ته ويهه‘ پڻ شامل ڪري ان تي مفصل طور لکيو ويو آهي. هيءَ ڪهاڻيءَ رسول بخش پليجي جي لکيل آهي.

بابا ٽئين ۾ ’ٻوليءَ جي بچاءَ جي تحريڪ ۽ سنڌي ڪهاڻيون‘ جي نالي سان هڪ پورو حصو شامل آهي. جنهن ۾ ’ٻوليءَ جي اهميت‘ بابت دنيا جي مشهور ڏاهن ماڻهن جا قول رکيا ويا آهن. جيئن نيلسن منڊيلا چيو: جيڪڏهن توهان ڪنهن شخص سان ڌاري ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندا مطلب دماغ تائين رسائي آهي. جڏهن ته مادري ٻولي دل تائين پهچڻ جو ذريعو بڻجي ٿي. مادري ٻوليءَ جي ڪيتري اهميت آهي. ان جو ادارڪ هر ذي شعور شخص ڪري سگهي ٿو. سنڌ ۾ ان جي ابتڙ ورهاڱي کانپوءِ جنهن پاسي کي وڌيڪ ڪچلڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، اها سنڌي ٻولي هئي. نتيجي ۾ سنڌ اندر وقت به وقت ٻوليءَ جي بنياد تي فساد ٿيندا رهيا. ورهاڱي کانپوءِ 1948 ڌاري ملڪ جي پهرين گورنر جنرل محمد علي جناح، يونيورسٽي ۾ اعلان ڪيو ته اردو متحده پاڪستان جي قومي ٻولي هوندي. محمد علي جناح جي اهڙي اعلان تي ڍاڪا يونيورسٽي جي شاگردن احتجاج ڪيو پوليس فائرنگ ۾ ڪئين شاگرد مارجي ويا ته ڪئين زخمي ٿيا. اهي وڳوڙ پوري مشرقي پاڪستان ۾ ڦهلجي ويا. آخر مرڪزي سرڪار بنگالي ٻوليءَ کي مشرقي پاڪستان جي سرڪاري ٻولي قرار ڏنو، پر مقامي ٻولين ۽ رهاڪن سان تعصب جو سلسلو ختم نه ٿيو. جيئن، سنڌ يونيورسٽي 1947 ۾ ڪراچي ۾ قائم ڪئي وئي. 1949 ۾ سنڌ يونيورسٽي اجا ڪراچي ۾ هئي ته وزيراعظم لياقت علي خان هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ته جيئن ته هاڻي ڪراچي پاڪستان جي گادي واري شهر جي حيثيت ۾ وفاقي سرڪار جي ماتحت آهي، ان لاءِ ڪراچي جي تعليمي ادارن مان سنڌي کي لازمي تعليم طور ختم ڪيو ٿو وڃي. ون يونٽ واري دؤر ۾ تمام دفترن، روڊن، رستن ۽ ريلوي اسٽيشنن تان سنڌيءَ مان بورڊ هٽائي اردوءَ ۾ نصب ڪيا ويا. اڳتي هلي ايوب خان ۽ يحيٰ خان جي دؤر ۾ ووٽر لسٽون اردوءَ ۾ شايع ڪرائڻ تان سنڌ ۾ شديد احتجاج ڪيو ويو. سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلرن علامه آءِ آءِ قاضي ۽ حسن علي عبدالرحمان خلاف سازشون ڪيون ويون. ذوالفقار علي ڀٽي جي دؤر ۾ ممتاز علي ڀٽي جي وڏ وزارت وارن ڏينهن ۾ 7جولاءِ 1972 تي جڏهن سنڌ اسمبلي سنڌي ٻولي قومي ٻولي جو بل پاس ڪيو ته جنگ اخبار ۾ رئيس امروهوي قطعو لکيو ته ’اردو کا جنازه هي ذره ڌوم سي نکلي‘ ان کان پوءِ سموري سنڌ ۾ لساني وڳوڙ شروع ٿي ويا. ان صورتحال جي پيش نظر سنڌي ڪهاڻيون لکيون ويون جن ۾ امر جليل جون نمائنده ڪهاڻيون ’عشق ۽ انٽرويو‘’حمود الرحمان رپورٽ جو گم ٿيل باب‘ رسول بخش پليجي جي ڪهاڻي ’نظريه اسلامستان‘نورالهديٰ شاه جي ڪهاڻي ’منظر – جنهن جو ڪو انت ڪونهي‘ منير احمد مانڪ جي ڪهاڻي ’اتساه جو موت‘ اهم حيثيت والارين ٿيون.

باب ٽئين ۾ ’مارشل لائن خلاف تحريڪن جي اثر واريون ڪهاڻيون‘ پڻ شامل ڪيون ويون آهن. جن ۾ نورا لهدی شاه جي ڪهاڻي ’هن پهاڙ جيڏي رات جي پڇاڙي ڪٿي آهي!؟‘، امر جليل جي ڪهاڻي ’جادوگرن جو شهر‘ امر جليل ئي جون ئي ڪجهه ٻئي ڪهاڻيون ’ادب ۽ نعريبازي، اسٽار سرڪس جو جوڪر‘ شامل آهن. هن ئي باب ۾ ’لساني فسادن جي پسمنظر ۾ لکيل ڪهاڻيون‘ پڻ تحقيق جو حصو آهن. ان حوالي سان پهرين لساني فسادن جا محرڪ پڻ ٻڌايا ويا آهن. ملڪ آگاڻيءَ جون به ڪهاڻيون ’موٽي محرم آيو ۽ ’مٺ ۾ ساهه‘،نورالهدی شاه جي ڪهاڻي ’تون ۽ مان ڪڏهن نه ملنداسون‘ شامل آهن.

## 5.1.3. باب چوٿون: ’سنڌي ڪهاڻيءَ تي مختلف فڪري تحريڪن ۽ لاڙن جا اثر‘ جو تت

باب چوٿون تحقيقي حوالي سان نهايت اهم باب آهي. باب جي شروعات ۾ ’ادبي نظريا‘ جي سري هيٺ فڪري تحريڪن بابت هڪ تفصيلي مضمون شامل آهي. جهڙي ريت هيٺ ڪجهه نڪتا رکجن ٿا. جن مان ادبي نظرين متعلق تشريح شامل آهي.

- ادبي نظريا اصل ۾ انهن اوزارن مثل آهن، جن جي معرفت ادب کي سمجهيو ويندو آهي.

- سموري ادبي تشريح ڪنهن به نظريي جي بنياد تي ٿهندي آهي.
- ادبي نظرين کي مختلف قسم جي تنقيدي سرگرمين جي جواز طور پڻ پيش ڪري سگهجي ٿو.
- اهو ادبي نظريو ئي آهي، جيڪو ليکڪ ۽ ڪم جي وچ ۾ تعلق پيدا ڪري ٿو.
- ادبي نظريو، ادب جي مطالعي لاءِ نسل، طبقي ۽ صنف جي اهميت کي اجاگر ڪري ٿو.
- ادبي نظريي جي لکڻين جي متن ۾ ڏسي سگهجي ٿي.
- ادبي نظريو، تفسير ۾ تاريخي حوالن جي ڪردار کي سمجهڻ لاءِ مختلف طريقا مهيا ڪري ٿو. انهي سان گڏ متن جي لساني ۽ غير شعوري عنصرن جي مطابقت کي پڻ ظاهر ڪندو آهي.

باب چوٿين ۾ ترتيب جي لحاظ کان دنيا جي ستن وڏن فڪري نظرين ۽ تحريڪن کي کڻي، انهن جو سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ تي اثر جو اڀياس شامل ڪيو ويو آهي. باب چوٿين ۾ ’روشن خيالي ۽ ان جي اثر هيٺ آيل سنڌي مختصر ڪهاڻيون‘ جي عنوان سان هڪ تحقيقي مضمون پڻ شامل آهي. روشن خياليءَ جي تحريڪ ارڙهين صديءَ ۾ وڏيڪ نروار ٿي دنيا جي سامهون آئي. هن تحريڪ جي مول مقصدن ۾ شامل هو ته مذهب ۽ روايتن جي پيٽ ۾ سائنس ۽ منطق ماڻهن کي وڌيڪ علم ڏين ٿا. ”روشن خياليءَ کي دليل جو دؤر پڻ چئجي ٿو. يورپ ۾ هن کي روشنيءَ جي دؤر جي نالي سان پڻ سڃاتو وڃي ٿو. هن تحريڪ سترهين، ارڙهين صدين ۾ يورپ ۾ هڪ فڪري ۽ فلسفياڻي تحريڪ جي طور ڄاتي وئي. هن تحريڪ جي بنيادي مقصدن ۾ اهي سڀ خيال ۽ تصور موجود هئا، جن کي عمل ۾ آڻي انسان کي خوش رکي سگهجي پيو. روشن خياليءَ جي نظريي ۾ دنيا کي ٻڌايو ويو ته جيڪو علم حواسن ۽ عقل جي استعمال سان حاصل ڪيو وڃي ٿو. اهو ئي اصل ۾ انسانن جي ڀلائي لاءِ هوندو آهي. روشن خياليءَ جون پاڙون، يورپ جي هڪ فڪري ۽ علمي تحريڪ جنهن کي ’ريناسنس يا هيومنزم‘ چئجي ٿو ۾ هيون. ان کان اڳ فرانسس بيڪن ۽ ٻين مفڪرن جي ڪوشش سان يورپ ۾ سائنسي انقلاب جي ابتدا ٿي چڪي هئي. سنڌي سماج ۾ روشن خياليءَ جي حوالي موهن جي دڙي جو مثال پيش ڪيو ويندو آهي. جتي مادري نظام هو. ڪو به اهڙو قدر نه هو، جيڪو انسانيت جي خلاف هجي، پر جيئن ئي حملا آور آيا، سماج ۾ ڀڃ ڊاهه شروع ٿي، پيداواري ذريعا بدليا، آقا ۽ غلام جو دؤر شروع ٿيو، ته سماج جي وحدت ٽٽي پئي، بدلجندڙ حالتن ۽ جاگيرداري سماج جا قدر ۽ ڌارين جا فڪري لاڙا سنڌي فڪر تي اثر انداز ٿيا. روشن خياليءَ جي تشريح ڪجهه هن ريت به ڪري سگهجي ٿي ته سڀني انسانن سان پيار ڪرڻ، سڀني لاءِ خيرُ گهرڻ، سڀني لاءِ هڪجهڙائي، آزادي، هڪ جهڙو انصاف، اُخوت ۽ برابري، روشن خيالي، سَهَپ، مَنش مريادا ۽ شانُ، مهمان نوازي، ڪَهَلَ ڪرڻ، نيڪي، معاف ڪرڻ، راڳ رنگ، موسيقي، ميلا ملاکڙا، سماجي ريتون رسمون، سنوڻ ساٿ، زندگيءَ جي تانَ تي رقص ڪرڻ، زندگيءَ جي ٻوڙ ۾ شريڪ ٿيڻ، ننگن جي حفاظت ڪرڻ ۽ ڌرتيءَ ماءُ تان گهور وڃڻ، وغيره. وغيره. ئي روشن خيالي آهي.“ باب جي هن حصي ۾ روشن خياليءَ جي اثر هيٺ آيل ڪهاڻيون جن ۾ آغا سليم جي ڪهاڻي ’نيٺ بهار آيو.‘ آغا شاهين جون به ڪهاڻيون ’سنگ سياه، غلط فهمي.‘ انور پيرزادي جون ڪهاڻيون ’به جيون ساٿي.‘ بشير موريانيءَ جي ڪهاڻي ’ڇُهڙي‘. حميد سنڌيءَ جون ڪهاڻيون ’پرديسي پکيئڙا، واچوڙن ۾ لاٽ.‘ رزاق مهر جي ڪهاڻي ’ڌهندڙ ليڪا.‘ سوڀي گيانچنداڻيءَ جي ڪهاڻي ’ڪڏهين بهار ايندو.‘ شيخ اياز جون ڪهاڻيون ’واڇ جا ڪانٽا، رفيق.‘ غلام نبي مغل جي ڪهاڻي ’واچوڙن ۾ لاٽ.‘ غياث جوڻيجي جي ڪهاڻي ’سڪايل روح.‘ گوبند مالهيءَ جون ڪهاڻيون ’احسانمندي، اڳتي قدم، رڪ چيني.‘مشتاق پرڳڙيءَ جي ڪهاڻي ’وڻجاري‘ موهن ڪلپنا جي ڪهاڻي ’هٿو مونکان پري ٿيو.‘ نجم عباسيءَ جون ڪهاڻيون ’قلب اندر ڪعبو، جٺ.‘ پڻ شامل ڪيون ويون آهن.

باب چوٿين ۾ ترقي پسندي ۽ ان جي اثر هيٺ آيل سنڌي مختصر ڪهاڻيون‘ جي سري هيٺ تفصيلي تحقيقي مضمون پڻ شامل آهي. ترقي پسنديءَ بابت لکيو ويو آهي ته اهو سال 1933 هو جڏهن جرمنيءَ ۾ هٽلرَ اقتدار حاصل ڪيو. هٽلر جي اقتدار ۾ اچڻ ڪانپوءِ سڄي دنيا ۾ قدامت پسند

ڏريون، نئين سر پاڻ کي منظم ڪرڻ لڳيون. ان خطري جي پيش نظر جواب ۾ سال 1935 ۾ پيرس اندر ”’ثقافت جو تحفظ‘ جي نالي سان هڪ وڏي ڪانگريس ٿي گذري. هن ڪانگريس ۾ دنيا جي روشن خيال، انسان دوست اديبن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ڪانگريس جي پڇاڙيءَ تي اهو طئي ڪري اعلان ڪيو ويو ته اديبن کي ذات ۽ داخلي مامرن کان نڪري انسانذات جي گڏيل مفادن لاءِ ڪم ڪرڻو پوندو. سنڌي ادب ۾ تحريڪ جي حوالي سان تاريخ کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي ته پتو پوندو، سنڌي ادب سدا کان ترقي پسند اهڙين روين سان پرپل رهيو آهي، جن کي ان زماني جو ترقي پسند ادب چيو ويو. جهڙي ريت سنڌي ادب جي ڪلاسيڪي شاعري کان ۾ ترقي پسند لاڙا نظر اچن ٿا. شاهه عبداللطيف ڀٽائي هجي يا سچل سرمست يا سامي، اهي پنهنجي دؤرن جا وڏا ترقي پسند شاعر ٿي گذريا آهن. جديد زماني ۾ 1920 ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ ڪشنچند بيوس جو نالو ترقي پسند ۽ جديد خيالن جو حامل نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ٻين سينيئر اديبن سنڌي ادبي سرڪل قائم ڪيو، جنهن ۾ 1941-1942 ڌاري رام پنجواڻي، لعلچند امر ڏني مل، شيخ اياز ۽ ٻين اديبن حصو ورتو. انهيءَ سرڪل اڳتي هلي، سنڌي ادبي سنگت جي صورت اختيار ڪري ورتي، جنهن جي باقاعدي تنظيم ڪاري ورهاڱي کان اڳ اپريل 1947 ۾ ٿي، جنهن جو پهريون سيڪريٽري گوبند مالهي ۽ جوائنٽ سيڪريٽري شيخ اياز هو. هن تنظيم ورهاڱي کانپوءِ سنڌ سطح جي ادبي جماعت جو روپ ورتو. هن ادبي جماعت ۾ ڪيرت ٻاٻاڻي، سوڀي گيانچنداڻي، اي. جي. اتم، بهاري لعل ڇاٻڙيا، موتيرام رامواڻي، محمد ابراهيم جويو، منگها رام ملڪاڻي، سندري اتمچنداڻي ۽ ٻين اديبن ان وقت حصو ورتو.

ترقي پسندي جي تحريڪ جي حوالي سان هن حصي ۾ سنڌي مختصر ڪهاڻيون جن ۾ رسول ميمڻ جون ’ڌرتيءَ جي ٻئي پاسي، امن جي اهڃاڻ خاطر.‘ غلام نبي مغل جي ڪهاڻي ’بيگار ڪئمپ.‘ محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي ڪهاڻي ’مهرباني خوني.‘ مشتاق پرڳڙيءَ جي ڪهاڻي مسٽر پي.ڪي. ۽ اسلام.‘ نجم عباسيءَ جون ڪهاڻيون ’چوريءَ جا انگل، سڪار، ڪرامت، پير جو لوڻ، چوڏو.‘ شامل آهن.

باب چوٿين ۾ فڪري تحريڪن جي حوالي سان ’مارڪسزم جو نظريو ۽ سنڌي مختصر ڪهاڻيون‘ جو عنوان رکيو ويو آهي. جنهن ۾ پهريون سوال ’مارڪسزم ڇا آهي؟ جو اثاري جواب ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. مارڪسزم جي تشريح ڪجهه هن طرح ڪئي وئي آهي ته ’مارڪسزم انهن سمورن فلسفياڻن، سماجي، معاشي ۽ سياسي خيالن جو هڪ گڏيل عضوياتي سرشتو آهي، جيڪو سماج جي تاريخي اوسر ۽ انجي انقلابي ڪايا پلٽ جي عمل ۾ هڪ پاسي پاڻ متاثر ٿئي ٿو ۽ ٻي پاسي ان پوري عمل کي سمجهائي ۽ اُن جي رهنمائي ڪري ٿو. مارڪسزم جو بنيادي مقصد سڄي دنيا ۾ طبقاتي سماج کي ختم ڪرڻ آهي. اهو هڪ وڏو مقصد آهي. ڇاڪاڻ ته هن دنيا ۾ ڪيترائي سرمائيدارانا نظريا موجود آهن، جن کي ختم ڪرڻ في الوقت ته هڪ سهاني سپني مثل آهي. البت مارڪسزم سان لاڳاپيل ماڻهن جي دعوا آهي ته هڪ ڏينهن اهي سڀ نظريا پنهجو پاڻ ختم ٿي ويندا.‘ هن باب ۾ ’ڪارل مارڪس ڪير هو؟‘ جي سري هيٺ هڪ مضمون پڻ شامل آهي. اڳتي هلي ’سنڌي ادب تي مارڪسزم جو اثر‘ تي مختلف دانشورن جي حوالن سان لکيو ويو آهي. جيئن لکيو ويو ته ’سنڌي ادب ۾ ترقي پسند تحريڪ جو اثر اڳ ۾ ئي موجود هو، جيئن ڪشنچند بيوس جو نظم ’غريبن جي جهوپڙي‘ امر ڏنو مل هنگوراڻي جي ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ ۽ شيخ اياز جو افسانو ’سفيد وحشي‘ وغيره. پوءِ مخصوص حالتن ادب ۽ سياست کي مارڪسزم جي ويجهو آڻي ڇڏيو، خاص طور ون يونٽ جو مسئلو، ٻوليءَ جو مسئلو، مارشل لا اهڙا سياسي واقعا هئا، جن سنڌي ماڻهن ۾ عدم تحفظ جي فضا پيدا ڪري ڇڏي.‘ سنڌي ڪهاڻيءَ تي مارڪسزم جو اثر بابت آغا سليم هڪ پيري انٽرويو ۾ ٻڌايو ته ”اصل ۾ ڇاهي ته پارٽيشن کان اڳ ۾ جيڪا ڪهاڻي، ناول يا شاعري ڪئي وئي ان ۾ نئون موڙ آيو ان جو سبب ترقي پسند دؤر هيو. اڳي جيڪي داستان ۽ ڪهاڻيون لکيون وينديون هيون اُهي جنن ديون پرين تي لکيا ويندا هيا پر جيڪي ماڻهو مارڪسزم هيٺ رهيا انهن ادب کي نئون موڙ ڏنو ۽ انهن، عام ماڻهن کي رُتبو بخشڻ لاءِ لکيو. ان جو اثر اسان وٽ پارٽيشن تائين تمام گهڻو رهيو. هن عنوان ۾ مارڪسزم جي اثر هيٺ ڪجهه سنڌي ڪهاڻيون جن

۾ آغا سليم جي ڪهاڻي ’ڪِرڻندا ڪنڌهار‘ امر جليل جون ڪهاڻيون ’ڌرتي جي ڌوڙ، آسمان جا تارا، سوجهرو، تاريخ جو ڪفن، زندگي ۽ زهر، ساجن منهنجو دوست.‘ انور پيرزادي جون ڪهاڻيون ’سازش، جيل جو سماج ۽ ڌاڙيل، خدا ۽ سرمايو.‘ اياز قادريءَ جون ڪهاڻيون ’ڪتي جو موت، فرشتو، ڪفن چور.‘ رشيده حجاب جي ڪهاڻي ’سيمينٽ جي پُتلي‘زينت عبدالله چنا جي ڪهاڻي ’مٽي.‘ سراج جي ڪهاڻي ’هڪ سچ هزار پاڇا.‘ شيخ اياز جي ڪهاڻي ’رفيق.‘ غلام رباني آگري جي ڪهاڻي ’اَلا جهري مَ شال غريبن جي جهوپڙي!.‘ غلام نبي مغل جون ڪهاڻيون ’ڪامريڊ سترهون گريڊ ڏهه هزار چميون، پهاڄ.‘ مشتاق شوري جي ڪهاڻي ’نينهن سندا ناسور.‘ نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي ’شادي.‘ ماهتاب محبوب جي ڪهاڻي ’پوري وچ.‘ شامل ڪيون ويون آهن.

باب چوٿين ۾ ’رومانويت ۽ سنڌي مختصر سنڌي ڪهاڻيون‘ جي عنوان هيٺ پهرين ’رومانيت‘ جي تشريح بعد ۾ ان جي اثر هيٺ مختصر سنڌي ڪهاڻيون شامل ڪيون ويون آهن. ’رومانيت‘ جي تشريح ڪجهه هن ريت ڪئي وئي آهي ته ’رومانيت، ٺوس ڪلاسيڪي قدرن ۽ ضابطن جي خلاف رد عمل جديد طرز احساس جي ابتدا هئي. ارڙهن صديءِ جي عقليت پسندي ۽ رائج ڪلاسيڪي ضابطن جي سخت گيريءَ خلاف، انساني جذبن ۽ احساسن جي حق ۾ رد عمل انهيءَ صديءَ ۾ ئي شروع ٿيو. رومانويت ڇا آهي ان جي باري ۾ اديبن ۽ فلسفين مختلف رايا ڏنا آهن پر گهڻو ڪري سڀ انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته رومانويت انهيءَ داخلي قوت جو نالو آهي، جيڪا نامعلوم کي معلوم ڪرڻ ۽ نئين شيءِ جي تخليق ڪرڻ تي آماده ڪري ٿي. انڪانسواءِ عام طرح سان چيو ويندو آهي، ته ’رومانيت‘ ادب ۽ زندگيءَ جي فرسوده رسمن جي خلاف بغاوت هئي. انفرادي احساسن ۽ سوچ جي هڪ سوڀ هئي؛ پر رومانيت انهيءَ کان به وڌيڪ هڪ پيچيده معاملو هو، ڇاڪاڻ ته ’رومانيت‘ جا ايترائي قسم آهن، جيترا روماني فردن جا، پر انهن فردن ۾ ڪي هڪ جهڙيون وصفون هيون، انهن وصفن جي ميلاپ جو ٻيو نالو روماني ذهنيت آهي. سنڌي ادب ۾ جڏهن رومانيت جو ذڪر ٿئي ٿو ته ٻڌايو ويو ماڻري ۾ پنج هزار سال اڳ اجتماعي گيتن، ناچ گانن ۽ ماتا ديوي جو تصور، عورت ۽ ڌرتي ڏانهن جذباتي رويو رومانوي آهي. تنهن کان پوءِ ويدن ۾ ديوين ۽ ديوتائن جا تصور جيڪي مابعد الطبعاتي تصور آهي، رومانوي آهن. اهڙي ريت سنڌ ۾ سومرن جو شاندار ادبي دؤر آهي. سومرن کان پوءِ سمن، ڪلهوڙن، ٽالپرن جو ديسي حڪومتون آهن، جن ۾ پڻ وقت به وقت رومانويت پروان چڙهندي رهي آهي. مثالطور: سومر جي دؤر جي ڇهن داستانن جي ڳالهه ڪجي، جنهن ۾ پنج عشقيه ۽ هڪ حب الوطنيءَ تي ٻڌل داستان آهن ته انهن ڪهاڻين جي ڪردارن تي نظر وجهڻ ڪانپوءِ خبر پوي ٿي ته اهي رومانويت جو وڏو استعارو رهيا آهن. سهڻي جو ڪردار هجي يا سسئي جو، مومل هجي يا ليلا، سورٺ هجي يا مارئي انهن سڀني جا داخلي جذبا رومانويت سان پرپور نظر اچن ٿا. سنڌي ڪهاڻي ڪيتر ۾ رومانويت سان سلهاڙيل ڪجهه سنڌي مختصر ڪهاڻيون جن جو ’رومانيت‘ کي سامهون رکي تحقيقي جائزو ورتو ويو آهي؛ انهن ۾ امر جليل جون ڪهاڻيون: ’تمنائن جي رڃ، سنڌي ادب جا بروٽس، احساس جو صليب، وجود جا ويري، مون کان پڇن ٿا ته هوءَ ڪير آهي.‘ اياز قادريءَ جي ڪهاڻي ’بي شرم.‘ غلام نبي مغل جون ڪهاڻيون ’دل جي ڳالهه، رات منهنجي روح ۾.‘ بهاءُ الدين سرهنديءَ جي ڪهاڻي ’بيوس.‘ جمال رند جي ڪهاڻي ’مائٽ بچو.‘ ثميره زرين جي ڪهاڻي ’وڏيري.‘ رسول ميمڻ جون ڪهاڻيون ’تنهنجي جنازي جي پويان، پل جي پريان.‘ شوڪت حسين شوري جون ڪهاڻيون ’اڌ مڙهيل سوئٽر‘ اکين ۾ ٽنگيل سپنا، اڻ ڪٽ پڇاڙي، درد جي لاٽ، شاگرد اڳواڻ.‘ سندري اتم چنداڻيءَ جي ڪهاڻي ’ڪارو گهوٽ.‘ شيخ اياز جون ڪهاڻيون ’نوران، رولو.‘ ضراب حيدر جون ڪهاڻيون ’الف کي ڪو به نقطو نه آهي، فخرو جي جي ڏيءَ جو گڏو، خدا تنهنجا سڀ آسمان مون وٽ گروي آهن.‘ ع.ق. شيخ جون ڪهاڻيون ’طوفانِ ۽ محبت، انجام شڪني.‘ محمود مغل جون ڪهاڻيون ’خواهشون، حقيقتون، آئيڊيل ۽ سپنا، ٽيڙي، ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل يادون.‘ نسيم ڪرل جي ڪهاڻي ’استاد ۽ شاگرد.‘ شامل آهن.

باب چوٿين ۾ فڪري حوالي سان ’وجوديت ۽ ان جي اثر هيٺ آيل سنڌي مختصر ڪهاڻيون‘ جي عنوان هيٺ تحقيقي مضمون شامل ڪيو ويو آهي. وجوديت ڇا آهي؟ جو سوال اڳيان رکي ان جو

جواب ڪجهه هن ريت رکيو ويو آهي ته. ’وجوديت مطابق هن بي معنى دنيا ۾ انسان آزاد ۽ پنهنجن عملن لاءِ پاڻ جوابدار آهي. وجوديت جو هڪ تحريڪ جي حيثيت ۾ زور انفرادي وجود جي داخلي مسئلن، انفرادي آزادي ۽ انساني نفسياتي وارتائن جي سندس سماجي روين تي پوندڙ اثرن جو تجزيو ڪرڻ هو. ان تحريڪ اوڻهين ۽ ويهين صدي عيسويءَ جي ڪيترن ناميارن ليکڪن تي اثر ڇڏيو. ڇاڪاڻ ته وجوديت باقي ٻين لاڙن، تحريڪن ۽ نظرين جيان پنهنجو هڪ الڳ نظام رکي ٿي. عام طور محسوس ڪيو ويندو آهي ته وجوديت هر قسم جي تحريري، منطقي ۽ سائنسي فلسفي جو انڪار ڪري ٿي، جڏهن ته ان وجوديت جو مول هي آهي ته هڪ فرد کي زندگي، تجربن ۽ تاريخ سان ربط ۾ رهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته وجوديت پنهنجي اندر ۾ زندگيءَ جو هڪ مڪمل ضابطو رکي ٿي.

وجوديت جي اڳيان ڪجهه سوال سدائين اهم رهيا آهن ته ’هو ڪير آهي، هن کي هن دنيا ۾ ڪير وٺي آيو، هن جو پيدا ڪندڙ سندس نظرن کان غائب ڇو آهي؟ جيڪڏهن آخرڪار هن کي مرڻو ئي هو ته زندگي عطا ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. هن جي ذاتي ارادن جي ڪهڙي حيثيت آهي؟ اهڙا ڪيترائي سوال جنهن ۾ ماڻهو ڦاسي، پوءِ وري سوالن جي جوابن جي تلاش ۾ نڪري پوي ٿو. ماڻهوءَ جي وجود جي معنى ۽ اهميت جو بنيادي لاپ وجوديت جو جوهر ئي آهي. جنهن جو سلسلو فڪري آزاديءَ سان جوڙي سگهجي ٿو. اڳتي هلي جڏهن هڪ ٻيو سوال سامهون اچي ٿو ته ’ڇا سنڌي ادب تي وجوديت جو اثر رهيو آهي؟ جو جواب اسان کي ’ها‘ ۾ جواب ملي ٿو. ان ۾ ٻن ڳالهين کي خاطر ۾ آڻڻ ضروري آهي. هڪ ته جنهن وجوديت جي پاڻ هتي ڳالهه ڪريون پيا، يعني اولهه جو هڪ فلسفو ته ان کي موضوع بڻائي يقينن لکيو ويو آهي، پر ان کان اڳ جي ادب ۾ پڻ وجوديت موجود رهي آهي. جهڙي طرح آغا سليم، شيخ اياز جي حوالي سان ليکو آهي ته ”سر ليلا ۾ اياز، هار ۽ چنيسر مان هار جي چونڊ ڪرڻ واري ليلا جي عمل جي وجوديت (existentialism) جي حوالي سان تشريح ڪئي آهي.

هتي موضوع جي حوالي سان سنڌي مختصر ڪهاڻيءَ ۾ ’وجوديت‘ جو اثر هيٺ ڪجهه ڪهاڻيون شامل ڪيون ويون آهن. جن ۾ اياز قادريءَ جي ڪهاڻي ’علوءَ جا عشق.‘ خواجه سليم جي ڪهاڻي ’ڪنهن پَر ......!.‘ رزاق مهر جون ڪهاڻيون ’آڙاهه، اجهل هوا، پيڙا جي ڪوهيڙن ۾.‘ رسول ميمڻ جي ڪهاڻي ’هيءَ سين نه ڏيندي ڇين.‘ رشيد آخوند جي ڪهاڻي ’ڊونگ.‘ سراج جي ڪهاڻي ’زندگيءَ جي ڪنارن تائين...!‘ سندري اتمچنداڻيءَ جي ڪهاڻي ’لکي ڏي!‘ مس شمس صديقيءَ جي ڪهاڻي ’هڪ ڪردار، سَو افسانا.‘ شوڪت حسين شوري جو ڪهاڻيون ’ڪاري رات، رت ڦڙا، سرنگ، هارايل ماڻهوءَ جي ڊائري.‘ موهن ڪلپنا جي ڪهاڻي ’هٿو مونکان پري ٿيو.‘

باب چوٿين ۾ قوم پرستيءَ جي فڪر جي حوالي سان لکيو ويو آهي. تحقيق ۾ سوال: ’قوم پرستيءَ جو نظريو ڇا آهي؟‘ جي عنوان هيٺ نظريي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. جهڙي ريت ’قوم پرستي، گڏيل ثقافتي قدرن ۽ حب الوطنيءَ جي جذبن تي ٻڌل هڪ سياسي نظريو آهي، جنهن مطابق مختلف لاڙن ۽ طبقن ۾ ورهايل ماڻهن جو هڪ گروهه، اجتماعي حاصلات لاءِ پنهنجي قوم ۽ ان جي مفادن سان سگهاري انداز ۾ سلهاڙيل ۽ واڳيل هجي ٿو. جديد دؤر ۾ هي نظريو ڪنهن به قوم جي سڃاڻپ ۽ ترقيءَ جو اهڃاڻ سمجهيو وڃي ٿو. هونءَ ته قوم پرستيءَ جي تاريخ تمام پراڻي آهي، پر صنعتي انقلاب کان پوءِ يورپ ۾ جديد رياست جي قيام ۽ وڏيڪ وسيلا هٿ ڪرڻ جي سلسلي ۾ ’قوم پرستي‘ هڪ وڏي ۽ متحرڪ سگهه ثابت ٿي. اڳتي هلي اڻويهين صديءَ ۾ هن نظريي عالمي سطح تي ان مهل وڏي مقبوليت ماڻي، جڏهن بيٺڪي راڄ خلاف هيٺين ۽ غلام قومن آزاديءَ جون تحريڪون هلايون. سنڌي ادب ۾ قوم پرستيءَ جو رجحان شروع کان ئي ادب جو موضوع رهيو آهي. ان جو سبب سنڌ تي ڌارين جون ڪاهون آهن. ارغون، ترخان ۽ مغل ڌاريا سنڌ تي ڪاهون ڪري، راڄ ڪيو، هنن مذهب جي نالي ۾ سنڌ ۽ سنڌين جو استحصال ڪيو. سنڌ ۾ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي ڪاهن کان اڳ هتان جي اسٽاني ادب تي نظر وجهبي ته معلوم ٿيندو سومرن ۽ سمن جي دؤرن ۾ پڻ قوم پرستيءَ جو فڪر موجود هو. انهن دؤرن جو ڪلاسڪ ادب

شاهدي ڏئي ٿو. زرميه ڳاهون ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهن؛ جيڪڏهن سنڌي قوم پرستيءَ جديد نظريي جا پيرا کڻيا ته اهي اسان کي ورهاڱي کانپوءِ نظر اچي ٿو. جيڪو ون يونٽ جي عرصي ۾ هڪ منظم تحريڪ ۾ تبديل ٿي ويو.

هن باب ۾ 'قوم پرستيءَ جي اثر هيٺ لکيل سنڌي مختصر ڪهاڻين جو جائزو' ورتو ويو آهي. جن ۾ علي بابا جي ڪهاڻي 'نوان پيغمبر'سندري اُتمچنداڻيءَ جون ٻه ڪهاڻيون 'آڪيري جا اَٻلا ڪي'جمال ابڙي جي ڪهاڻي 'پشو پاشا' امر جليل جو ٽي ڪهاڻيون 'هڪ لاش ۽ راتين جا رولاڪ، سچل سرمست ان ٽربل، هوشو شيديءَ جي آخري شام' شوڪت حسين شوري جو ٽي ڪهاڻيون 'ابر ۾ اهاءُ ٿيو، آئيني سمان سپنا، اسين ڪير آهيون' غلام نبي مغل جون ٻه ڪهاڻيون 'يڪ نعره حيدري، اکيان بيوس لڳيان' منير احمد مانڪ جون چار ڪهاڻيون 'اتساه جو موت، مئل زندگي، شيرو، ڪهاڻي: شاه لطيف، هٿڪڙيون ۽ رسو' نجم عباسيءَ جون ٽي ڪهاڻيون 'قلب اندر ڪعبو، ولايت ۾ ولر ياد آيا، ڪراچيءَ جا ميزبان' شامل آهن.

باب چوٿين ۾ 'جديديت ۽ ان جي اثر هيٺ آيل سنڌي مختصر ڪهاڻيون' تي تحقيق پڻ شامل آهي. هن حصي ۾ جديديت جي اصطلاح کي هن طرح بيان ڪيو ويو آهي. 'جديديت' لفظ جديد مان نڪتو آهي، جنهن جي معنى آهي بلڪل هاڻي يا زمان حال ۾ يا بلڪل ويجهي ماضي ۾؛ انهيءَ حساب سان جديديت جي معنى ٿئي ٿي اها صورتحال يا تصور يا فڪر وغيره. جيڪو بلڪل نئون ۽ تازو هجي. هن اصطلاح مان مراد، روايتن کي ٽوڙڻ ئي آهي. افسانوي ادب ۾ يورپ جي جدت پسند ليکڪن بنيادي طور ان زماني جي انهن ڪهاڻين خلاف بغاوت ڪئي. جن جو مفهوم واضح هو يا اهي ڪنهن هڪ فارمولي هيٺ جوڙيون وينديون هيون. هاڻي ڪهاڻيڪارن اهڙيون ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون، جيڪي سماج ۾ پکڙيل هيون ۽ انهن ۾ نواڻ جو عنصر پڻ شامل هو. سنڌي ادب ۾ جديديت جي اثرن کي ڪجهه هن ريت ظاهر ڪيو ويو آهي ته سنڌي ادب تي جديديت جو اثر گهٽ رهيو آهي. ان جا وڏا سبب حالتن جي تبديليءَ ۾ دير ٿيڻ ۽ ٻاهرئين ادب جو سنڌي ادب تائين رسائي جو مسئلو آهي. ان جي باوجود ڪجهه ماڻهو سدائين نواڻ جي تلاش ۾ رهندا ايندا آهن. سنڌي ڪهاڻي ڪيتر ۾ به علي بابا، نجم عباسي، مانڪ، انيس انصاري، بشير مورياڻي، جمال ابڙو، رزاق مهر، رسول ميمڻ، سراج، شوڪت حسين، طارق اشرف، ظفر حسن وغيره. ڪهاڻيءَ ۾ جديديت جي حوالي سان سڃا ڪهاڻيڪار شمار ٿين ٿا. تحقيق جي هن حصي ۾ جديديت کي اڳيان رکندي هيٺيون مختصر ڪهاڻيون شامل ڪيون ويون آهن. انيس انصاريءَ جي ڪهاڻي 'يو ٽو بروٽس.' بشير مورياڻي جي ڪهاڻي 'زندگيءَ جو روڳ.' جمال ابڙي جي ڪهاڻي 'لاٽ.' رزاق مهر جي ڪهاڻي 'پيڙهيل وجود.' رسول ميمڻ جون ڪهاڻيون 'ناچو، مليريا.' رضيه ڪوکر جي ڪهاڻي 'بري هن پنيور ۾.' سراج جي ڪهاڻي 'هڪ سج به پاڇا.' شوڪت حسين شوري جي ڪهاڻي 'شهر ۽ سپنا.' طارق اشرف جي ڪهاڻي 'جهري پئي جندڙي.' ظفر حسن جي ڪهاڻي 'گناهه جو ڏڪُ.' منير احمد مانڪ جون ڪهاڻيون 'پهرين انام ڪهاڻي، انسان بوءِ – انسان بوءِ، گيس چيمبر، روبوٽ.' نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي 'يارنهن ٽڪيون.' نسيم کرل جي ڪهاڻي 'ڊمي.' شامل آهن.

## 5.2. تحقيق جا نتيجا

### 5.2.1. باب پهرئين ’تحقيق جو طريقيڪار‘ جا نتيجا

باب پهرئين جي نتيجن کي هيٺ نُڪتن ۾ لکجي ٿو.

- ادبي لکڻين تي ان وقت جي سماج ۽ سماج ۾ ٿيندڙ سياست جو گهرو اثر رهيو آهي.
- فڪري تحريڪن جو به سڌو سئون اثر ادب تي ئي پئي ٿو.
- سنڌي ادب به انهن اثر کان عاري نه آهي.
- سنڌي ادب ۾ پهرين مڃي ويندڙ ڪهاڻي ’حُرَ مَکيءَ جا‘ سال 1914 ۾ لکي وئي. هن ڪهاڻيءَ ۾ وقت ۽ حالتن جو اثر نمايان نظر اچي ٿو.
- ورهاڱي کانپوءِ سنڌيءَ ڪهاڻيءَ ۾ مسئلن جي حل لاءِ سنجيدگيءَ بجاءِ نعري بازي به نظر آئي.
- اديبن حالتن جي نزاڪت کي سمجهندي ان ڳالهه جو ادراڪ ڪيو ۽ حقيقي مسئلن تي لکڻ جي شروعات ٿي.
- جمال ابڙي جي ڪهاڻي ’هو حر هو‘ ۾ ورهاڱي جي حقيقت کي ڏسي سگهجي ٿو.
- اياز قادريءَ جي ڪهاڻي ’مان انسان آهيان‘ هندو – مسلم فسادن ۽ نفرت جي صورتحال کي چٽي طرح بيان ڪيو آهي.
- نجم عباسيءَ جي ڪهاڻي ’دوستي نه ڏسي دين ڌرم‘ ورهاڱي جي پسمنظر ۾ هڪ اهم حيثيت والاري ٿي.
- علي بابا جي ڪهاڻي ’ڌرتيءَ ڌڪاڻا‘ ۾ ڌرتيءَ کان جدا ٿيلن جو درد شامل آهي.
- ورهاڱي جي پوڄنا صرف سنڌ ڌرتيءَ تائين محدود نه رهي پر ان جا پيناڪ اثر هندستان جي ڌرتيءَ تي به نمايان ٿي نظر آيا.
- موتي پرڪاش جي ڪهاڻي ’گهر گهر جي ڪهاڻي‘ تارا چند مير چنداڻي جي ’جوش ۽ هوش‘ ڪلا پرڪاش جي ’خانواهڻ‘ ڪهاڻيون پڻ انهن ڳنڀير حالتن جون بهترين ترجمان آهن.
- ورهاڱي کانپوءِ ’ون يونٽ جي اسڪيم‘ سنڌ کي تمام گهڻو نقصان ڏنو.
- ون يونٽ جي نتيجي ۾ سنڌي . سماج ۾ ٿيندڙ ان بيچيني جي ڪيفيت ۽ غير يقينيءَ جي صورتحال سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجا اثر ڏيکاريا.
- ون يونٽ جي دؤر ۾ ئي چوٿين مارچ جو واقعو پيش اچي ٿو. چار مارچ 1967 سنڌي شاگردن جي سياسي جدوجهد، جرئت ۽ عمل جو هڪ يادگار ڏينهن هو.
- ون يونٽ ۽ ان جي حمايتن، جاگيردارن، سرمائيدارن، فوجي ۽ شهري ڪامورا شاهي خلاف سياسي ۽ ثقافتي بنيادن تي تحريڪ زور ورتو.
- ون يونٽ جي دؤر کي سنڌي ادب جي حوالي سان بهترين مزاحمتي دؤر تسليم ڪيو وڃي ٿو.
- ون يونٽ جي دؤر ۾ مشهور ڪهاڻيڪارن ۾ اياز قادري، شيخ اياز، جمال ابڙو ، محمد عثمان ڏيپلائي، رشيد ڀٽي، سراج الحق ميمڻ، امر جليل، نجم عباسي، شيخ حفيظ، غلام رباني آگرو، نسيم کرل، طارق اشرف، قاضي خادم، غلام نبي مغل، حميد سنڌي، شمشيرالحيدري، زينت چنا، نورالهدى شاه، عبدالقادر جوڻيجو وغيره. پاڻ موڪيو.
- ون يونٽ کانپوءِ به سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ان جا اثر نمايان رهيا.
- ضياءَ جي مارشل لا، ون يونٽ کانپوءِ سنڌ کي ٻيهر لوڏي ڇڏيو.
- ضياءَ جي مارشل لا خلاف سنڌ ۾ ايم. آر. ڊي جي تحريڪ هلي.
- ضياءَ جي مارشل لا جي دؤر تائين سنڌي افساني ۾ ڪافي پختگي اچي وئي.
- باب پهرئين ۾ ڪهاڻي جي ورهاڱي کان اڳ هڪ خاص دؤر جي اپٽار ڪئي وئي آهي.

## 5.2.2. باب ٻئين ’ورهاڱي کان اڳ سنڌي ڪهاڻيءَ تي سياسي، سماجي، ۽ فڪري تحريڪن جي اثرن جي شروعات‘ جا نتيجا

- سنڌي ۾ ڪهاڻين جا اوائلي ڪتاب ’آکاڻين، قصن، ڳالهين، حڪايتن وغيره. تي ٻڌل هئا.
- ’آکاڻي راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي‘ کي پهرين ڪهاڻي يا ان جي اوائلي صورت تسليم ڪيو وڃي ٿو.
- سنڌيءَ ۾ سڀ کان پهرين جديد افساني جون صورتون لال چند جو ’حر مکيءَ جا‘ ۽ مرزا قليچ بيگ جو ’شريف بيگم‘ آهن.
- سنڌي ڪهاڻي جو اهم دؤر 1924 کان 1940 تائين ليکيو وڃي ٿو.
- سال 1930 جي سال کي سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ ۾ ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ کي سدائين ياد رکيو ويندو.
- سال 1940 کان 1947 تائين جو دؤر به سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اهم آهي.
- اهو زمانو عالمگير جنگين جو هو. سموري دنيا جون سياسي حالتون نهايت ڪشيده ٿي ويون.
- 1940 جي دؤر ۾ ۾ هندستان جي مختلف زبانن: هندي، اردو، بنگالي، گجراتي، مرهٽي ۽ ٻين ٻولين مان سوين افسانا سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيا.
- ڪتاب ’سرد آهون‘ ڇپجڻ ڪانپوءِ سال 1942 ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ کي هڪ نئين جهت ملي
- سال 1944 ۾ ’ريگستاني ڦول‘ ڪتاب کي سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ انقلاب برپا ڪندڙ هو.
- سال 1945 ۾ نئين دنيا ڪتاب گهر طرفان ’پرهه ڦٽي‘ نالي مجموعو ڇپرايو ويو.
- ڊي. جي. ڪاليج طرفان ’لهرون‘ رسالي ۾ ڪهاڻيون شائع ٿينديون رهيون.
- ليکو تلسياڻيءَ جي ڪهاڻي ’منجري ڪولهڻ‘ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ وڏي چال هئي.
- سال 1947 ۾ شيخ اياز جي ڪهاڻين جو ڪتاب ’سفيد وحشي‘ ڇپجي پڌرو ٿيو.
- ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ جون سماجي، معاشي، سياسي ۽ فڪري حالتون ساڳيون نه رهيون.
- ورهاڱي کان اڳ ۽ پوءِ سنڌي سماج ۾ وڏيرن جو ڪردار سدائين منفي رهيو.
- ڏکيائن باوجود سنڌي سماج ۾ عام ماڻهن جو مجموعي رويو سدائين مثبت رهيو.
- انگريزن جي دؤر ۾ سياسي حالتون سنڌي ماڻهن جي حق ۾ نه هيون.
- لعلچند امرڏنومل جڳتياڻيءَ جي ڪهاڻي’حُر مَکيءَ جا‘ انگريز دؤر ۾ سنڌي ماڻهن جي مزاحمت کي ظاهر ڪري ٿي.
- امر لعل هنگوراڻيءَ جي ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ سنڌ جي صوفياڻي ۽ ترقي پسند فڪر جي نمائنده ڪهاڻي آهي.
- شيخ اياز جي ڪهاڻي ’سفيد وحشي‘ انگريز سامراج خلاف بغاوت جي ڪهاڻي آهي.
- آسانند مامتورا جي ڪهاڻي ’ڪکي‘ گهرو مسئلن، نفسياتي مونجهارن ۽ پيچيده جنسياتي مسئلن بابت آهي.
- مرزا نادر بيگ جي ڪهاڻي ’موهني‘ رومانويت ۽ احساسن سان ڀرپور آهي.
- عثمان علي انصاريءَ جي ڪهاڻي ’ململ جو چولو‘ ۾ سماج جي بيحس روين جو ذڪر آهي.
- ورهاڱي کان اڳ سنڌي ڪهاڻي ڪيتر ۾ ڄيٺمل پرسرام، امرلعل، آسانند مامتورا، عثمان علي انصاري، مرزا نادر بيگ، عبدالله ’عبد‘، لطف الله بدوي، ايم. آر هائيداساڻي، شيخ اياز، گوبند مالهي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن.

## 5.2.3. باب ٽيون ’ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جون سياسي، سماجي تحريڪون ۽ انهن جو ڪهاڻيءَ تي اثر‘ جا نتيجا

- ادب بنيادي طور احساسن کي لفظن جي صورت ڏيڻ جو نالو آهي.
- ادب جو سماج سان سدا کان گهرو رشتو رهيو آهي.
- سڄي ادب ۾ هلندڙ زماني جا مسئلا، دؤر حاضر جا ثقافتي، سماجي، تهذيبي رجحان نظر ايندا آهن.
- ادب ۾ هر ليکاريءَ جو فڪر ان جي لکڻين ۾ نظر ايندو آهي.
- ادب ۾ تحريڪون ۽ لاڙا، ان کي مٿي اپارن ٿا.
- هر ادبي لکڻي، ڪنهن تحريڪ يا لاڙي جي اثر هيٺ هوندي آهي.
- پهرين مختصر ڪهاڻي ’حر مکيءَ جا‘ ۾ حر تحريڪ کي ڏسي سگهجي ٿو.
- ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ ۾ سچائي ۽ تصوف جي تحريڪ نظر ايندي.
- جديد دؤر ۾ ادب جي سگهاري هجڻ جو وڏو ڪارڻ شعوري ۽ مقصديت سان ڀرپور تحريڪون آهن.
- ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جي سماجي ۽ سياسي صورتحال ۾ وڏي تبديلي آئي.
- ورهاڱي کانپوءِ سنڌ جي شهرن ۾ حالت خراب ٿي وئي.
- ٻاهريان آيلن مقامي سنڌي ماڻهن کي نفرت جي نگاهه سان ڏٺو.
- ڪراچيءَ ۾ سنڌي اسڪولن کي بند ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۾ امتحان ڏيڻ تي پابندي وڌي وئي.
- ورهاڱي کان بعد ڪافي وقت تائين ٻاهريان ايندڙ ماڻهن جو سلسلو ختم نه ٿيو.
- ڪوڙن ڪليمن ذريعي وڏن ملڪيتن تي قبضن جو اڻ کٽ سلسلو شروع ٿي ويو.
- ٻهراڙيءَ جو زمينون، جيڪي هندن وٽ مقاطعي ۾ هيون، اهي به ڪليمن تي ڌارين جي حوالي ڪيون ويون.
- سنڌ جي شهرن ۾ آباديءَ جو تناسب تيزيءَ سان تبديل ٿيو.
- سنڌ کي هندستان مان مهاجر ٿيل ماڻهن ۾ مالِ غنيمت طور نه ورهايو ويو، پر ملڪ جي ٻين صوبن جي ماڻهن به ڀرپور فائدو حاصل ڪيو.
- ون يونٽ جي جڙڻ کانپوءِ سنڌ سان زيادتين جو ڏکو سلسلو شروع ٿي ويو.
- ملڪ جي وڏي صوبي بنگال ۽ ننڍين صوبن خاص ڪري سنڌ ۾ ون يونٽ جي خلاف نفرت جا احساس وڌڻ لڳا.
- ون يونٽ جي هاڃيڪار اسڪيم جا اثر سنڌي ڪهاڻيءَ تي ظاهر ٿيا.
- ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ماڻهن جي ثقافت سان گڏ انهن جي ٻوليءَ کي ڀڻ ڪاپاري ڌڪ رسايو ويو.
- سال 1972 ۾ سنڌي ٻوليءَ جو بل پاس ڪيو ويو. اردو وارن طرفان سخت مخالفت ڪئي وئي.
- سموري سنڌ ۾ لساني وڳوڙ شروع ٿي ويا. ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ نوابشاه ۾ سنڌين جي گهرن ۽ دڪانن تي حملا ڪري لٽ ڦر ڪئي وئي.

## 5.2.4. باب چوٿون، ’سنڌي ڪهاڻيءَ تي مختلف فڪري تحريڪن ۽ لاڙن جا اثر‘ جا نتيجا

- ادب کي سمجهڻ لاءِ ادبي نظريا اڳيان رکيا ويندا آهن.

- ادبي نظرين کي مختلف قسم جي تنقيدي سرگرمين جي جواز طور پڻ پيش ڪري سگهجي ٿو.
- اهو ادبي نظريو ئي آهي، جيڪو ليکڪ ۽ ڪم جي وچ ۾ تعلق پيدا ڪري ٿو.
- هر دؤر جي ادب تي فڪري تحريڪن ۽ لاڙن جا اثر پوندا آهن.
- هن تحقيق ۾ مختلف ائن بين الاقوامي فڪري تحريڪن/ لاڙن: روشن خيالي، ترقي پسندي، جديدت، جديت پڄاڻان، رومانيت، مارڪسزم، قوم پرستي ۽ وجوديت جو سنڌي ڪهاڻيءَ تي اثرن جو اڀياس ڪيو ويو آهي.
- روشن خياليءَ جي تحريڪ ارڙهين صديءَ ۾ وڏيڪ نروار ٿي دنيا جي سامهون آئي.
- يورپ ۾ هن کي روشنيءَ جي دؤر جي نالي سان پڻ سڃاتو وڃي ٿو.
- تحريڪ جي بنيادي مقصدن ۾ اهي سڀ خيال ۽ تصور موجود هئا، جن کي عمل ۾ آڻي انسان کي خوش رکي سگهجي پيو.
- روشن خيال تحريڪ، عقيدي ۽ مذهب جي بجاءِ عقل تي ٻڌل معاشري اڏڻ جي ڳالهه ڪئي.
- روشن خياليءَ جو بنيادي تصور هي آهي ته خدا رڳو خاص ماڻهن تي نه پر هر انسان تي ڪرم جي نظر رکي ٿو.
- سنڌ ۾ روشن خياليءَ جا ابتدائي اهڃاڻ موهن جي دڙي مان ملن ٿا.
- سنڌ فڪري طور مڪمل رجعت پسندي يا مذهبي جنونيت ڏانهن نه وئي، جيڪا پڻ روشن خيالي آهي.
- سنڌ ۾ روشن خياليءَ جي فڪر لاءِ انگريزن جي دؤر ۾ تعليم پڻ اهم ڪردار ادا ڪيو.
- روشن خياليءَ جي حوالي سان شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي مڪمل شاعري ڄڻ ان سڄي سلسلي جو استعارو آهي.
- روشن خياليءَ جي صفتن ۾ سڀني انسانن سان پيار ڪرڻ، سڀني لاءِ خيرُ گهرڻ، سڀني لاءِ هڪجهڙائي، آزادي، هڪ جهڙو انصاف، اُخوت ۽ برابري، روشن خيالي، سَهَپ، مَنش مريادا ۽ شانُ، مهمان نوازي، ڪَهَلَ ڪرڻ، نيڪي، معاف ڪرڻ، راڳ رنگ، موسيقي، ميلا ملاکڙا، سماجي ريتون رسمون، سنوڻ ساڻ، زندگيءَ جي تانَ تي رقص ڪرڻ، زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ شريڪ ٿيڻ، ننگن جي حفاظت ڪرڻ ۽ ڌرتيءَ ماءُ تان گهور وڃڻ، وغيره. وغيره. شامل آهي.
- سنڌي ڪهاڻي ڪيتر ۾ روشن خياليءَ جي اثر هيٺ ڪافي قدر لکيو ويو آهي.
- سال 1936 ۾ هڪ پيرو وري لنڊن ۾ ترقي پسند اديبن جي ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ باقائده طور ’ترقي پسند تحريڪ‘ جو بنياد وڌو ويو.
- دنيا ۾ روسي انقلاب کانپوءِ ترقي پسند تحريڪ ۾ تيزي آئي.
- سال 1935 ۾ هندستان جي اديبن ترقي پسند تحريڪ جو پهريون منشور تيار ڪيو ويو.
- سنڌ ۾ ترقي پسند فڪر لاءِ وڏو ميدان موجود هو.
- سنڌ، دنيا ۾ ترقي پسند تحريڪ کان اڳ ئي پنهنجي مزاج ۽ تهذيبي روايت موجب انهن قدرن تي زمانن کان وٺي عمل پيرا هئي، جن کي ’ترقي پسند تحريڪ جا بنيادي معيار‘ قرار ڏنو ويو.
- سنڌي ادب جي ڪلاسيڪي شاعري ۾ ترقي پسند لاڙا نظر اچن ٿا. شاه عبداللطيف ڀٽائي هجي يا سچل سرمست يا سامي، اهي پنهنجي دؤرن جا وڏا ترقي پسند شاعر ٿي گذريا آهن.
- جديد زماني ۾ 1920 ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ ڪشنچند بيوس جو نالو ترقي پسند ۽ جديد خيالن جو حامل نظر اچي ٿو. ”ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ٻين سينيئر اديبن سنڌي ادبي

سرڪل قائم ڪيو، جنهن ۾ 1941-1942ع ڌاري رام پنجواڻي، لعلچند امر ڏني مل، شيخ اياز ۽ ٻين اديبن حصو ورتو.

- سنڌ ۾ جديد ترقي پسند فڪر جي حوالي سان گوبند مالهي، شيخ اياز، ڪيرت ٻاٻاڻي، سوڀي گيانچنداڻي، اي. جي. اتم، ٻهاري لعل ڇاپڙيا، موتيرام رامواڻي، محمد ابراهيم جويو، منگها رام ملڪاڻي، سندري اتمچنداڻي وغيره. وڏا نالا ٿي گذريا آهن.
- مارڪسي فلسفو، هڪ انقلابي نظريو آهي، جنهن مطابق هر ڪا شيءِ تبديل ٿيندڙ آهي ۽ اها تبديلي ترقيءَ ڏانهن وڃي ٿي
- مارڪسزم جو پڻ سنڌي ڪهاڻيءَ تي اثر رهيو آهي.
- مارڪسزم جو بنيادي مقصد سڄي دنيا ۾ طبقاتي سماج کي ختم ڪرڻ آهي. اهو هڪ وڏو مقصد آهي.
- ڪشنچند بيوس جو نظم ’غريبن جي جهوپڙي‘ امر ڏنو مل هنگوراڻي جي ڪهاڻي ’ادو عبدالرحمان‘ ۽ شيخ اياز جو افسانو ’سفيد وحشي‘ سنڌي ادب تي مارڪسزم جي اثر جو ابتدائي نمونو آهي.
- مارڪسزم انهن جي هڪجهڙائي جي سوچ سنڌ ۾ سدا کان تصوف جي روپ ۾ موجود رهي آهي. سماجي توڻي ادبي نقادن وٽ اهو خيال پڻ رهيو آهي ته شاه عنايت جو نعرو ’جيڪو کيڙي سو کائي‘ سوشلزم ۽ مارڪسزم جو بنياد ئي هو.
- رومانويت هڪ ادبي تحريڪ هئي، جيڪا 18 صدي جي آخر ۾ شروع ٿي، 19هين صدي جي وچ ڌاري ختم ٿي.
- رومانويت انهيءَ داخلي قوت جو نالو آهي، جيڪا نامعلوم کي معلوم ڪرڻ ۽ نئين شيءِ جي تخليق ڪرڻ تي آماده ڪري ٿي.
- سنڌو ماٿريءَ ۾ پنج هزار سال اڳ اجتماعي گيتن، ناچ گانن ۽ ماتا ديوي جو تصور، عورت ۽ ڌرتي ڏانهن جذباتي رويو رومانوي آهي.
- موهن جي دڙي مان رومانيت جا ڪيترائي آثار مليا آهن.
- رومانويت يورپ ۾ پلي سترهين ارڙهين صديءَ جي هڪ تحريڪ هجي، پر پاڻ وٽ وٽ هزارين سالن کان هلندي پئي اچي.
- وجوديت مطابق هن بي معنى دنيا ۾ انسان آزاد ۽ پنهنجن عملن لاءِ پاڻ جوابدار آهي.
- جان پال سارتر کي وجوديت جو باني مڃيو وڃي ٿو.
- وجوديت، باقي ٻين لاڙن، تحريڪن ۽ نظرين جيان پنهنجو هڪ الڳ نظام رکي ٿي.
- وجوديت کي اولهه جي فڪري تاريخ ۾ وجوديت جي فلسفي کي خاص ۽ اهم جاءِ ڀهرين مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ ملي.
- وجوديت، انسان کي هڪ محض هڪ شيءِ سمجهڻ جي خلاف بغاوت هئي، جنهن لاءِ هو مشينن ۽ ماديت جي خلاف ٿي بيٺي.
- وجوديت جو سڀ کان اهم پاسو حريت جو تصور آهي، جيڪو روايتي فڪري انداز جي خلاف سخت ردِ عمل جي صورت ۾ سامهون اچي ٿو.
- وجوديت جي سرگرم اڳواڻن ۾ سارتر، ڊيڪارٽ، پاسڪل، ڪانٽ، هيگل، نٽشي، هيوبر، مارٽن هائگر، گبريل مارسل، سيمون ڊي هوار، سورين ڪرڪيگارڊ، البرٽ ڪاميو ۽ ڪولن ولسن شامل آهن.
- سنڌي ادب ۾ ’ليلان چنيسر‘ قصي ۾ هار جي چوند، وجوديت کي ظاهر ڪري ٿي.
- شاهه لطيف جو عدم يا نيستي ۽ ناهه جو تصور تصوف جي عدم جي مقابلي ۾ وجوديت جي وڌيڪ قريب آهي.
- ’قوم پرستي‘ گڏيل ثقافتي قدرن ۽ حب الوطنيءَ جي جذبن تي ٻڌل هڪ سياسي نظريو آهي

- صنعتي انقلاب کان پوءِ يورپ ۾ جديد رياست جي قيام ۽ وڏيڪ وسيلا هٿ ڪرڻ جي سلسلي ۾ ’قوم پرستي‘ هڪ وڏي ۽ متحرڪ سگهه ثابت ٿي.
- قوم پرستي جي نظريي موجب هر قوم کي حق خوداختياري جي عالمي اصولن تحت پنهنجي سياسي مستقبل بابت فيصلي ڪرڻ جو قانوني حق ۽ اختيار مليل هجي.
- سنڌي ادب ۾ ڏسجي ته ”قوم پرستيءَ جو رجحان شروع کان ئي ادب جو موضوع رهيو آهي.
- سومرن ۽ سمن جي دؤرن ۾ پڻ قوم پرستيءَ جو فڪر موجود هو. زرميه ڳاهون ان ڳالهه جو ثبوت آهن.
- جديد سنڌي قوم پرستيءَ جو نظريو ورهاڱي کانپوءِ نظر اچي ٿو.
- ون يونٽ کانپوءِ قوم پرستيءَ جو لاڙو ادب ۾ هڪ تحريڪ جي شڪل اختيار ڪري ويو.
- سنڌ جي شاعرن ۽ اديبن هڪ منظم تحريڪ شروع ڪئي، جنهن جو مقصد سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌ جي قومي، ثقافتي ورثي جي حفاظت هو.
- هن تحريڪ جي اهم اديبن ۾ محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز، عبدالڪريم گدائي، سراج ميمڻ، تنوير عباسي، شمشير الحيدري، ڊاڪٽر نجم عباسي، رسول بخش پليجو، نياز همايوني، استاد بخاري، امر جليل، ماهتاب محبوب، امداد حسيني، محمد خان مجيدي، ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي، خاڪي جويو ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر ۽ اديب شامل هئا.
- جديديت يورپ کان شروع ٿيل هڪ ادبي دؤر آهي، جيڪو 1900 صديءَ جي اوائل کان شروع ٿي، ٻين مهاڀاري جنگ جي ابتدائي سال 1939 ۾ اختتام تي پهتو.
- جديديت لفظ جديد مان نڪتو، جنهن جي معنى آهي، بلڪل هاڻي يا زمان حال ۾ يا بلڪل ويجهي ماضي ۾؛ انهيءَ حساب سان جديديت جي معنى ٿئي ٿي اها صورتحال يا تصور يا فڪر وغيره. جيڪو بلڪل نئون ۽ تازو هجي.
- جديديت آرٽ جي بابت ئي هڪ شيءِ يا ٻين لفظن ۾ جديديت زماني سان هم آهنگ ٿيڻ جو نالو آهي.
- جديديت جي خوبي هيءَ به آهي ته جتي هوءَ قدامت کان انڪار ڪري ٿي، اتي هو روايتن کي بهتر بنائڻ ۾ به اهم ڪردار ادا ڪندي ملي ٿي.
- هر دؤر جي پنهنجي جديديت هوندي آهي. هر ايندڙ زمانو، پوئين زماني کان جديد هوندو آهي.
- مجموعي طور جديديت پسندي جو اثر سنڌي ادب تي تمام گهٽ پيو آهي.
- يورپ ۽ آمريڪا ۾ ڇيڇندڙ ادب سنڌ ۾ ڪافي سالن کان پوءِ پهچندو آهي، جنهن کي پڙهڻ وارا نالي ماتر کان به گهٽ آهن.
- سنڌي ڪهاڻي کيتر ۾ به علي بابا، نجم عباسي، ماڻڪ، انيس انصاري، بشير مورياڻي، جمال ابڙو، رزاق مهر، رسول ميمڻ، سراج، شوڪت حسين، طارق اشرف، ظفر حسن وغيره. ڪهاڻيءَ ۾ جديديت جي حوالي سان سٺا ڪهاڻيڪار شمار ٿين ٿا.
-

- **ببليوگرافي/ ڪتابيات**

### 🕮 سنڌي ڪتاب


1. آغا سليم. (1957) لذت گناھ. حيدرآباد: محمد يوسف اينڊ برادرز پبلشرز.
2. آغا سليم. (1992) چنڊ جا تمنائي. (ٻيون ايڊيشن) حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن.
3. آگرو، غلام رباني. (2010) آب حيات. ڪراچي: سنڌ ثقافت کاتو، سنڌ گورنمينٽ.
4. آگرو، غلام رباني. (2013) سنڌي ادب تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
5. ابڙو، جمال. (1992) جمال ابڙو: ڪهاڻيون، مضمون ۽ شخصيت. ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو.
6. ابڙو، جمال. (2015) پشو پاشا ۽ ٻيون ڪهاڻيون. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
7. اڇڻ، ڊاڪٽر بدر. (2015) سارتر: وجوديت واد ۽ انسان دوستي. ڪراچي: سنڌ ادبي اڪيڊمي.
8. آريسر، عبدالواحد. (1985) سنڌي سماج جو جائزو. حيدرآباد: ڀنڀور اشاعت گھر.
9. امر جليل. (1991) جڏهن مان نه هوندس. حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن.
10. امر جليل. (1998) ٿيون وجود. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
11. امر جليل. (1998) دل جي دنيا. ايڊيشن يارهون. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
12. امر جليل. (1999) تاريخ جو ڪفن. ايڊيشن پنجون. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
13. امر جليل (1999). سنڌو منهنجي ساهه ۾. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
14. امر جليل. (2000) منهنجو ڏس آسمان کان پڇو. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
15. امر جليل. (2007) رني ڪوٽ جو خزانو. حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن.
16. امر جليل. (2009) چنڊ وسامي ويو. ڪراچي: ڪاڇو پبليڪيشن.
17. امر جليل. (2010) ادب ۽ سياست. ڪراچي: ڪاڇو پبليڪيشن.
18. امر جليل. (2010) سرد لاش جو سفر. ڪراچي: ڪاڇو پبليڪيشن.
19. امر جليل. (2010) لهندڙ سج جي لام. ڪراچي: ڪاڇو پبليڪيشن.
20. امر جليل. (2012) جيجل منهنجي ماءُ. نئون ايڊيشن. ڪراچي: ڪاڇو پبليڪيشن.

21. امر جليل. (2012) سنڌو بقا مان فنا. نئون ايڊيشن. ڪراچي: ڪاچو پبليڪيشن.
22. امر جليل. اندرا. نئون ايڊيشن. ڪراچي: ڪاچو پبليڪيشن، 2016ع.
23. الانا، ڊاڪٽر غلام علي. (1977) سنڌي نثر جي تاريخ. حيدرآباد؛ زيب ادبي مرڪز.
24. انڙ، رسول بخش. (1990) سنڌ سورن ۾ ون يونٽ کان به وڌيڪ. حيدرآباد: هوشو برادرس، گاڏي کاتو.
25. انصاري، اشتياق. (2008) سنڌي ڪهاڻي. ڪراچي: ثقافت کاتو، سنڌ سرڪار.
26. انصاري، عثمان علي. (1937) پنج.
27. برٽرينڊرسل/ عامر عطار / احسان 'فائق' پنهور (2016) سماج کي نئين سر اڏڻ جا اصول. ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
28. بلوچ، ايس.ڪي. (2008) پاڻيءَ منجهه پساهه. ڪنڊيارو: عثمانيه لائبرري چنيهاڻي.
29. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش. (1990) سنڌي ٻولي ۽ ادبي تاريخ. ٽيون ايڊيشن. ڄامشورو: پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي.
30. ٻرڙو، ڊاڪٽر حاڪم علي. سنڌي افساني تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر. (پي.ايچ.ڊي ٿيسز)
31. ٻرڙو، ڊاڪٽر علي جان. سنڌي افسانوي ادب ۾ سنڌي سماج جو عڪس. (پي.ايچ.ڊي ٿيسز)
32. ٻرڙو، غلام حيدر. (1881) سنڌي ادب جي ارتقا. مورو: شهيد عبدالرزاق اڪيڊمي.
33. ٻگهيو، خليق. (2018) ادبي تحريڪون ۽ تنقيدي زاويا. قنبر: ڪنول پبليڪيشن.
34. ٻوهيو، الهداد. (2013) ادب جا فڪري محرڪ. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو.
35. پٽي، رشيد. (1963) گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ. سکر: پاڪستان رائيٽرز گلڊ.
36. پٽي، رشيد. (1967) ديس ستا، دل وارا جاڳيا. حيدرآباد: سنڌي اڪيڊمي.
37. پٽي، رشيد. (1985) اوپاريون لهواريون. حيدرآباد: سنڌي ادب اڪيڊمي.
38. پٽي، رشيد. (2005) دنيا جا عظيم افسانه. (ترجمو) ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
39. پروين، ڊاڪٽر ساجده. (2016) جديد ادبي تنقيدي نظرين ۽ لاڙن جو سنڌي ادب تي اثر. ڪراچي: سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي.
40. پليجو، رسول بخش. (1985) پسي ڳاڙها گل. حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن.
41. پليجو، رسول بخش. (2014) انڌا اونڌا ويڄ. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو.
42. پليجو، رسول بخش. (2020) سنڌ پاڻي ڪيس، ورهاڱي کان ڪالاباغ تائين. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
43. پليجو، رسول بخش. ڪورٽ ڪهاڻيون. ڪراچي: سي پي ايس سي، 2012ع.
44. پليجو، عبدالحئي. (2016) سنڌي شاگرد سياست. ٻنون: مومل پبليڪيشن.
45. پيرزادو، ستار. (2000) آکاڻي – ٢. (ترتيب) ڪراچي: سنڌ ادبي اڪيڊمي.
46. ٿميره زرين. (1980) گيت اڄايل مورن جا. حيدرآباد: ملير ادبي اڪيڊمي.
47. جتوئي، ادريس. (2005) جمال ابڙو ۽ جديد سنڌي ڪهاڻي. حيدرآباد: ڪويتا پبليڪيشن.
48. جڳتياڻي، لعلچند امر ڏنو مل. (1913) حُر مَڪيءَ جا. حيدرآباد: ساهت پرچارڪ ڪمپني.
49. جوڻيجو، ڊاڪٽر عبدالجبار. (2004) سنڌي ادب جي تاريخ (ٽئي جلد). حيدرآباد: سنڌي لئنگيج اٿارٽي.
50. جوڻيجو، ڊاڪٽر فيض. (2015) طبقاتي فڪر جا سنڌي ادب تي اثر. سنڌ سڌار پبلشرز.
51. جوڻيجو، عبدالجبار. (2004) سنڌي ادب. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
52. جوڻيجو، عبدالقادر. (1968) واٽون راتيون ۽ رول.
53. جوڻيجو، عبدالقادر. (1984) سونو روپو سچ.
54. جوڻيجو، عبدالقادر. (1984) ويندڙ وهي، لهندڙ سج.

55. جوڻيجو، عبدالقادر. (2010) شڪليون، ڇاپو ٻيون. ڪنڌيارو: روشني پبليڪيشن.
56. جويو، ابراهيم/ پروفيسر سليم ميمڻ. (2015) فڪر جي آزادي. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
57. جويو، خاڪي. ترقي پسند ادب جا معيار، سنگم پبليڪيشن، ڪراچي، 1986ع
58. چيتمل پرسرام. (1923) چمڙا پوش جون آکاڻيون. . شڪارپور: نئين دنيا ڪتاب گهر.
59. چانڊيو، جامي. (2007) افسانوي ۽ فڪري ادب. ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
60. چانڊيو، جامي. (2008) ادب، سياست ۽ سنڌي سماج. سي.پي.سي.ايس اڪيڊيمي.
61. چانڊيو، جامي. (2018) ادبي تنقيد جا محرڪ ۽ سماجي ڪارج. حيدرآباد: ڪويتا پبليڪيشن.
62. چانڊيو، ساجد. (2020) سنڌي ادب، ڪلاسيڪيت کان جديت تائين. حيدرآباد: سمبارا پبليڪيشن.
63. حسن، سبط/ مترجم: ڊاڪٽر محبت ٻرڙو / رياضت ٻرڙو) (2010) موسيٰ کان مارڪس تائين (سوشلزم جي ڏوڙ وار تاريخ). ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
64. ڊاڪٽر مبارڪ علي/ پروفيسر اعجاز قريشي. (2001) سنڌ جو آواز. لاهور: فڪشن هائوس.
65. ڏاريجو، ڊاڪٽر عائشه حسن. (2020) سنڌي ڪهاڻين ۾ عورتن جي مسئلن جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو. (پي.ايچ.ڊي ٿيسز.
66. راز، شيخ عبدالرزاق. (1954) ڊاڪ بنگلو. سکر: حبيب پبليڪيشن.
67. روچي رام. (2015) سياسي نظريا ۽ سنڌ جي سياست. ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
68. ريحانه نظير. (2014) نجم عباسيءَ جي ڪهاڻين جو سماجي ڪارج. (پي ايچ ڊي ٿيسز) اسلام آباد: هائر ايجوڪيشن ڪميشن
69. سبزوئي، حميد. (سهيڙيندڙ) 4 مارچ ۽ اڄ جي شاگرد سياست. حيدرآباد: چاڻ پبليڪيشن
70. سراج. (1962) اي درد هلي آءُ. حيدرآباد: عظيم پبليڪيشن، سنڌ پرنٽنگ پريس.
71. سنڌي، حميد. (1992) مهراڻ جون چونڊ ڪهاڻيون. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
72. سنڌي، حميد. (1995) ويريون. حيدرآباد: زندگي پبليڪيشن.
73. سنڌي، يوسف. (2004) سنڌي ادب جا سرچشما. حيدرآباد: نيون فيلڊس پبليڪيشن.
74. شاه، مظهر علي. جديد سنڌي ڪهاڻيءَ جو فڪري جائزو. (ايم.فل. ٿيسز)
75. شاه، نورالهدیٰ. (2006) ڪيڏارو. ڪنڌيارو: روشني پبليڪيشن.
76. شاه، نورالهدیٰ. (2007) جلاوطن. ڪنڌيارو: روشني پبليڪيشن.
77. شاه، نورالهدیٰ. (2007) رڻ ۽ رڃ جو اتهاس. ڪنڌيارو: روشني پبليڪيشن.
78. شاه، نورالهدیٰ. (2007) ڪربلا. حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن.
79. شورو، شوڪت حسين. (2007) رات جو رنگ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
80. شورو، شوڪت حسين. (2007) شوڪت حسين شورو جون چونڊ ڪهاڻيون. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
81. طارق اشرف. (1992) بند اکين ۾ ڪجهه سپنا، ڪجهه يادون. حيدرآباد: اداره نو ادب
82. عباسي، نجم. (1973) پٿر تي ليڪو. حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز.
83. عباسي، نجم. (1986) ڪهاڻيءَ جو قافلو. حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن.
84. عباسي، نجم. (1986) ڪهاڻيءَ جو قافلو. ڪراچي: نيو فيلڊس پبليڪيشن.
85. عباسي، نجم. (1990) منهنجون بهترين ڪهاڻيون. نوابشاه: ساهتي سوشل ويلفئير.
86. عباسي، نجم. منهنجون بهترين ڪهاڻيون. دڙو: سچائي اشاعت گهر.
87. عرساڻي، شمس الدين. (1982) آزاديءَ کانپوءِ سنڌي افسانوي ادب جي اوسر. ٻهريون ڇاپو. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي.
88. عرساڻي، محمد اسماعيل. (1955) چار مقالا. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
89. علي بابا. (1994) منهنجون ڪهاڻيون. ڪنڌيارو: روشني پبليڪيشن.

90. علي بابا. آيل ڙي اولاٽا. (2007) ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
91. غلام حسين، ڊاڪٽر. (1983) تحقيق جو فن. ڄامشورو: پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي.
92. قادري، اياز. (1977) بلو دادا. ڪراچي: مڪتبہ بُرهان، اردو بازار.
93. قادري، ڊاڪٽر اياز. (1977) بلو دادا. ڪراچي: مڪتبہ بُرهان، اردو بازار.
94. قريشي، پروفيسر اعجاز احمد. چار مارچ ۽ اڇوڪي سنڌ (ترتيب)
95. قريشي، پروفيسر اعجاز احمد. (2019) ون يونٽ ۽ سنڌ. ڪراچي: پيڪاڪ پبلشرز.
96. ڪرل، ڊاڪٽر محمد ابراهيم. (2020) نسيم ڪرل جي ڪهاڻين جوتنقيدي جائزو. (پي.ايڇ.ڊي ٿيسز)
97. ڪرل، نسيم. (2007) نسيم ڪرل جون ڪهاڻيون. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
98. ڪاشف، محمد حسين. (2005) ڇهه ماهي سنڌي ادب. 'ادب ۾ روايت ۽ نظريي جي اهميت' ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
99. ڪاڪا، ڊاڪٽر نواب. (2017) سنڌي ڪهاڻي ۽ ڪردار، هڪ اڀياس. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
100. ڪروڙ پتي، محمد حسين. ماسي ۽ مجيد (1987) ٽنڊو آدم: ڏنڊو ڪونڊي پبليڪيشن.
101. ڪروڙ پتي، محمد حسين. نبض شناس (1987) ٽنڊو آدم: ڏنڊو ڪونڊي پبليڪيشن.
102. ڪوريجو، عباس. (2015) جديد ڪهاڻي فن ۽ موضوع. قمبر: ڪنول پبليڪيشن.
103. ڪيسواڻي، چندر. (2015) نئون ادب نيون ڳالهيون. خيرپور: پوپٽ پبلشنگ هائوس.
104. گبول، غلام حيدر. (2014) ادب سنڌ. جروار: سنڌي ادبي سنگت، جروار شاخ.
105. گوبند پنجابي. (1949) سرد آهون. بمبئي: نئين دنيا ڪتاب گهر.
106. گوبند پنجابي. (1960) سورج مکي. بمبئي: نئين دنيا ڪتاب گهر.
107. گوبند پنجابي. (1980) هوءَ موتي آئي. بمبئي: نئين دنيا ڪتاب گهر
108. گوبند مالهي. (1984) اها به آکاڻي آهي. بمبئي: سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، الهاس نگر.
109. گوبند مالهي. پهريون پيار. شڪارپور: نئين دنيا ڪتاب گهر.
110. گوبند مالهي. ريگستاني ڦول (ترتيب) ڪراچي: نئين دنيا ڪتاب گهر.
111. گينرخ وولڪوف/ محبت برڙو/ رياضت برڙو. (2011) ڏاهپ جو جنم. ڪراچي: سي.پي.سي.ايس اڪيڊمي.
112. لاشاري، مبارڪ علي. (2013) جديد ادبي تنقيدي نظريا. سکر: ماءِ پبليڪيشن.
113. لڇاڻي، جگديش. (1985) سنڌي ڪهاڻي جي اوُسر. حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر.
114. لغاري، اڪبر. (2016) ادبي تنقيد جي تاريخ. سکر: ماءِ پبليڪيشن.
115. مارڪس ۽ اينجلس/ رشيد ڀٽي. ڪميونسٽ پڌرنامو. حيدرآباد: عوامي پبلشنگ هائوس.
116. مامتورا، آسانند. (1943) آرسي ۽ ٻيون ڪهاڻيون. شڪارپور: نئين دنيا ڪتاب گهر.
117. مامتورا، آسانند. (1978) ڳنوارڻ، بمبئي: سنڌي ٽائيمس پبلڪيشن، الهاس نگر.
118. ماڻڪ. (2003) حويليءَ جا راز. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
119. ماهتاب محبوب. (1970) چانديءَ جون تارون. ڪراچي: سنڌو اشاعت گهر.
120. مائوزيتنگ. مترجم: رسول بخش پليجو. (1989) ادب ۽ فن جي اهميت. دڙو: سچائي اشاعت گهر.
121. مرزا، مراد علي. (1981) ادبي تنقيد جا اصول. (مترجم) ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي، سنڌ يونيورسٽي.
122. مرزا، نصير. (1991) نادر بيگ مرزا جون ڪهاڻيون. (ترتيب) ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
123. مرزا، نصير. (1997) اڇو پکي واءَ ۾. ڪراچي: سنڌ پبلشنگ هائوس.
124. مرزا، نصير. خاتون اول ڪهاڻيڪار ثميره زرين. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.

125. مصور حسين. (2019) منير ڪان ماٺڪ تائين. سنڌ سلامت ڪتاب گھر آن لائين.
126. مغل، غلام نبي. (1989) سٺ ستر اسي. حيدرآباد: سھڻي پرنٽرز.
127. مفتي، تھمينہ. (1995) سنڌي ڪھاڻيءَ جو سماجي ڪارج. (پي.ايچ.ڊي. ٿيسز.
128. مگسي، پروفيسر عبدالله. (1994) سنڌي جي تاريخ جو جديد مطالعو. ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
129. ملاح، مختيار احمد. (2006) سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو. ڪراچي: ڪاٺياواڙ اسٽورز، اردو بازار.
130. ملاح، مختيار احمد. (2015) سنڌي ڪھاڻيءَ جي مختصر تاريخ. ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومتِ سنڌ.
131. ملاح، مختيار احمد. (2018) اٺويھين صديءَ جي سنڌي نثر جي تاريخ. نواب شاه: بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ.
132. منگي، سرور. (2014) سماج ۽ ادب جو سفر. ڏوڪري: سرسوتي ساهت گھر.
133. مھتاب محبوب. (1990) مٺي مراد. حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن.
134. مير، حاجن مير. (2018) موتي ميڙيا مون. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
135. ميمڻ، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور. (2017) سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر. حيدرآباد: سنڌي لينگئيج اٿارٽي.
136. ميمڻ، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور. (2017) سنڌي سماج: نفسياتي اصطلاحن جي آئيني ۾. حيدرآباد: سچائي اشاعت گھر، دڙو.
137. ميمڻ، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور. عالمگيريت ۽ انسان. (2020) حيدرآباد: سچائي اشاعت گھر.
138. ميمڻ، پروين موسى. (2008) اُٺي رائو ريل. حيدرآباد: محمد موسىٰ قاسماڻي ادبي اڪيڊمي.
139. ميمڻ، پروين موسى. (2009) ترسونَ وَرنيُون سوڊِيُون. (ترتيب) حيدرآباد: محمد موسى قاسماڻي ادبي اڪيڊمي.
140. ميمڻ، پروين موسى. (2016) پَلَنه پايو سَچُ. حيدرآباد: سنڌ راڻي پبليڪيشن.
141. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي. (2015) سنڌي ادب جو تنقيدي ۽ تحقيقي جائزو. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
142. ميمڻ، نور احمد. (2012) فڪري تحريرون. ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
143. نظاماڻي، رؤف. (2003) جديد سنڌي ڪھاڻي. ڪراچي: انڊس پبلشرز.
144. نقوي، زوار. (2000) ڪھاڻي. (ترتيب). حيدرآباد: ڪاوش گروپ آف پبليڪيشن.
145. هَڪڙو، ڊاڪٽر انور فگار. (1998) جي تند برابر توريان. ڪراچي: سنڌي ادبي اڪيڊمي.
146. هنگوراڻي، امر لعل. (1985) ادو عبدالرحمان. حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن.

## 📖 جرنل ۽ رسالا

1. پٽائي- تحقيقي جرنل. خيرپور: سنڌي شعبو، شاه عبداللطيف يونيورسٽي.
2. ٽماهي تخيل. حيدرآباد: مارئي اڪيڊمي.
3. ٽماهي سرتيون. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
4. ٽماهي مهراڻ. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
5. سنڌي ٻولي- تحقيقي جرنل.حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
6. قليچ- تحقيقي جرنل. ڄامشورو: مرزا قليچ بيگ چيئر، سنڌ يونيورسٽي.
7. ڪلاچي- تحقيقي جرنل. ڪراچي: شاه لطيف چيئر، ڪراچي.
8. ڪارونجهر، تحقيقي جرنل. ڪراچي:سنڌي شعبو، وفاقي اردو.
9. ڪينجهر- تحقيقي جرنل. ڄامشورو: سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي.

## 🕮 English Book & Websites

1. *Britannica*, Encyclopedia Britannica Online, Encyclopedia Britannica Inc
2. David Levin, *History as Romantic Art: Bancroft, Prescott, and Parkman* (1967)
3. *https://en.wikipedia.org*
4. Peter Faulkner, *Modernism* (Taylor & Francis, 1990).
5. Smith, Anthony. *Nationalism: Theory, Ideology, History*. Polity, 2010. pp. 30; *James, Paul (1996). Nation Formation: Towards a Theory of Abstract Community. London: Sage Publications.*
6. *The Age of Enlightenment: A History from Beginning to End: Chapter 3". publishinghau5.com. Archived from* the original *on 3 March 2017. Retrieved* 3 April *2017.*
7. Wolff, Richard, and Stephen Resnick (August 1987). *Economics: Marxian versus Neoclassical*. The Johns Hopkins University Press. p. 130. ISBN 978-0-8018-3480-6.

## سنڌي ويب سائيٽون

1. اي اسٽڊي آف سنڌي لينگويج.
(http://altafjokhio9.blogspot.com/2013/12/blog)
2. سنڌ سلامت ڪتاب گهر.
(http://books.sindhsalamat.com)
3. سنڌ ويب | عباس ڪوريجو ويب.
https://www.abbaskorejo.com/tag/سنڌ-ويب.
4. سنڌي ادبي بورڊ، آن لائين ڪتاب گهر.
(http://www.sindhiadabiboard.org/Catalogue/Index.html
5. ڪوريجو، عباس. (عباس ڪوريجو جو سنڌي بلاگ)
(https://korejo.wordpress.com/about

2. جوڻيجو، ڊاڪٽر عبدالجبار. پهاڪا، اصطلاح، چوڻيون ۽ ورجيسون.
(http://sindhiproverbs.blogspot.com)
3. خواجه، نور افروز. سنڌي اصطلاح چوڻيون ۽ پهاڪا.
**(http://sindhiproverbs.blogspot.com)**

## ❖ انسائيڪلوپيڊيا

انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا (جلد پهريون- اٺون) سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد.

## 🕮 English To Sindhi and other Printed Dictionaries

1. آڪسفورڊ، انگريزي سنڌي ابتدائي لغت، پهريون ڇاپو. ايڊيٽر: قلندر شاه لڪياري ڪراچي: آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس.
2. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش. (جامع سنڌي لغات {جلد 1 کان 5} ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
3. بلوچ، ڊاڪٽر نبي بخش.روشني، شاه جي ڪلام جي لغت. حيدرآباد: لئنگويج اٿارٽي.
4. بيگ، مرزا قليچ. لغات لطيفي- حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
5. پرمانند، ميوارام.سنڌي- انگريزي لغت.ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
6. جڙيا سنگهاڻي، پروفيسر سترامداس سائل. سائل ڪوش. ڇاپو ٻيو- حيدرآباد: ڪويتا پبليڪيشن.

7. ڊاڪٽر، فهميده حسين. سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت. ڪراچي: شاه عبداللطيف ڀٽائي چيئر.
8. ڏامراهو، بدر. سنسڪرت- سنڌي لغت. ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن.
9. سنديلو، عبدالڪريم. تحقيق لغات سنڌي. ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
10. سنديلو. ڊاڪٽر عبدالڪريم.سچل لغات. خيرپور: سچل سرمست يادگار ڪميٽي.
**11.** سومرو، ڊاڪٽر غلام قادر.سنڌي ٻڻن لفظن جي لغت. ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو.
12. سومرو، شهيد. ٻوليءَ سندا ٻول. حيدرآباد: سنڌي لئنگويج اٿارٽي.
13. فيروز الدين (1979) *فیروز اللغات،* عربی اردو، تیسری ایڈیشن ۔ لاہور: فیروز سنز لمیٹڈ ۔
14.

➢ English Online Dictionaries

1. Google Dictionary. (https://www.google.com.pk/search?q=flash+word+meaning&oq=word.)
2. Dictionary. Com. (http://www.dictionary.com/browse/)
3. Oxford Dictionary. (https://en.oxforddictionaries.com.
4. English Oxford living Dictionary. (https://en.oxforddictionaries.com/definition/us/)
5. Macmillan Dictionary. (https://www.macmillandictionary.com/buzzword/entries)
6. Collins Dictionary. (https://www.collinsdictionary.com/dictionary/english)
7. Dictionary. Com. (http://www.dictionary.com/browse)

🕮 اردو کتابیں

4. اعجاز حسین ، ڈاکٹر۔ *مختصر تاریخ ادب اردو*۔ کراچی: اردو اکیڈمی سندھ، 1971ع۔
5. اعظمی، خلیل الرحمٰن، ڈاکٹر۔ *اردو میں ترقی پسند ادبی تحریک*۔ علی گڑھ : انجمن ترقی اردو، 1979ع۔
6. آل احمد سرور۔*اردو فکشن (مرتبہ)*۔ علی گڑھ: یونیورسٹی پبلی کیشنز، 1973ع۔
7. فرمان فتح پوری، ڈاکٹر۔ *اردو نثر کا فنی ارتقا*۔ لاہور: الوقار پبلی کیشنز، 1997ع۔
8. مجتبٰی حسین، پروفیسر۔ *ادب و آگہی*۔ کراچی: مکتبہ افکار، 1964ع۔